

Marfat.com

Collection of Prof. Muhammad Iqbal Mujaddidi
Preserved in Punjab University Library.

پروفیسر محمد اقبال مجددی کا مجموعہ
پنجاب یونیورسٹی لائبریری میں محفوظ شدہ

Marfat.com

Marfat.com

تاريخ ريگستان

(بن پاڳن ۾ — پاڳو پهريون)

از

رائچند هريجن

سنڌي ادبي بورڊ
چام شورو/حيدرآباد سنڌ
١٤٠٩هـ/١٩٨٨ع

Marfat.com

پهريون چاپو	۱۹۵۶ع	تعداد ۲۰۰۰
ٻيو چاپو	۱۹۷۷ع	تعداد ۱۰۰۰
ٽيون چاپو	۱۹۸۸ع	تعداد ۲۰۰۰

134253

[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم]

قيمت: پنجيتاليهه رپيا
[Price: Rs.45.00]

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي حيدرآباد سنڌ.

II

TARIKH-E-REGISTAN Part I (History of the Desert area of the province of Sind in Sindhi. Language).
By: RAICHAND HARIJAN.
Published by: Sindhi Adabi Board,
Jamshoro, Hyderabad, Sind 1988.

هيءَ ڪتاب مسٽر حبيب الله صديقي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ چائي پڌرو ڪيو ۽ مسٽر لوراحمد ميمڻ پرنٽ مئنيجر جي نگراني هيٺ سنڌي ادبي بورڊ آفسٽ پريس جام شورو سنڌ ۾ ڇپيو.

Marfat.com

ناشر طرفان

تاريخ ريڪستان (پاڻو پهريون) سنڌي ادبي بورڊ پهريون پيرو سنہ ۱۹۵۶ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. ان جو ٻيو ڇاپو سنہ ۱۹۷۷ع ۾ شايع ٿيو ۽ هيءُ ٽيون ايڊيشن هن سال پيش ٿي رهيو آهي، ڪتاب جي مقبوليت جو اهو هڪ ڪليل ثبوت آهي.

هن ڪتاب جي اهميت ۽ خاص ڪاڻهين سبب اسان جي باقي ٻين شايع ڪيل ڪتابن کان آئم نظر ايندي، هڪ انهيءَ ڪري جو ريڪستان جي تاريخ تي سنڌي ٻوليءَ ۾ هي پهريون مفصل ۽ آسان فهم ڪتاب آهي ۽ ٻيو انهيءَ ڪري جو هيءُ هڪ مقامي پرائمري آستاد جي ٻي سرو سامان ذاتي تحقيق جو ٻي ٻها ڏر آهي. علم و ادب ۽ تحقيق جي ميدان ۾ سنڌ جي ٻين پرائمري استادن ۾ پاڻ موڪيو آهي، جن ۾ استاد منڪهارام اوجها جو "پرالو پارڪر" جيڪو سنڌي ادبي بورڊ طرفان سنہ ۱۹۶۶ع ۾ شايع ڪيو ويو ۽ هن وقت دوباره اشاعت هيٺ آهي، ۽ ٻيا ڪيترائي ڪتاب جيڪي وقت بوقت شايع ٿيندا ۽ داد تحسين حاصل ڪندا رهيا آهن. انهن جا مصنف ڇهڙڪ مرحوم محمد اسماعيل عرسائي، الله ڏنايو يارمحمد سمو، مرحوم محمد سومار بدين وارو، ۽ حال حيات عالمن ۽ آستادن ۾ محترم محمد عمر "معمور" يوسفالي، استاد محمد اسماعيل شيخ، استاد محمد حسين ڪاشف ۽ استاد ولي محمد طاهر زادو قابل ذڪر آهن.

Marfat.com

ساڻيهه سنڌ جو ڏکڻ اوڀر ڪُنڊ وارو علائقو "ٿر" پنهنجي جاگرافيائي ۽ طبعي حيثيت جي ڪري نه فقط نرالو آهي پر اتان جي رهواسين جي رهڻي ڪهڻي، کاڌ خوراڪ ۽ اٿڻي ويهڻي جي لحاظ کان پڻ يڪتا ۽ يگانو آهي. هن ڀٽن جي ڀونءَ ۾ سنڌي ثقافت جا اڪيچار اهڃاڻ موجود آهن، جيڪي تاريخي لحاظ کان ڪيترن ئي اهم حقيقتن جي جوڻي کڻن ٿا. ٿر جي ڏهرن ۾ سفر ڪندي، لطيف سائينءَ اتان جي شاندار ماضيءَ کي پنهنجي لافاني ڪلام ۾ اجهو هيئن بيان ڪيو آهي:

ڪيڏانهن ويا سنگهار، جي هئا هنيين ڀيڻيين،
ڏور ته ڏوريون يار، ٻيلي ٻنهي ڪنڌين.

مارئيءَ جي ملڪ جي سنگهارن جي تاريخ اڃا گمناميءَ جي گوشيءَ ۾ گم آهي. تاريخ ريگستان جي هن پهرئين ڀاڱي ۾ آيل مواد کي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جهڙي سنڌ جي ممتاز محقق جي لکيل پيش لفظ ذريعي مختصر ۽ جامع نموني ۾ واضح ڪيو ويو آهي.

اميد ته انهن رَندن تي سنڌ جا عالم وڌيڪ توجهه صرف ڪري سرڳواسي استاد رائچند جي هن امر اتهاس کي اڳتي وڌائيندا ۽ پڙهندڙن جي مَنَ ۾ ٻڻ هن ڪتاب جي مطالعي بعد ٿر بابت پنهنجي ڄاڻ کي وسيع ڪرڻ جو شوق پيدا ٿيندو.

هن ڪتاب جو ٻيو ڀاڱو پڻ سُتت ٻيهر ڇپائي پڙهندڙن کي پيش ڪيو ويندو.

حبيب الله صديقي
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو سنڌ.
١٠- سيپٽمبر ١٩٨٨ع

Marfat.com

پيش لفظ

سنڌي ادبي بورڊ جي ٺهراءُ موجب، هيءُ ڪتاب بنده جي حوالي ڪيو ويو، انهيءَ لاءِ ته شايع ڪرڻ کان اڳ نظرثاني ڪري ان ۾ ضروري درستيون ڪيون وڃن. ابتدائي اسڪول جي هڪ لائق استاد جو هيءُ قلمي ڪشالو قابل قدر سمجهي، باوجود مشغوليءَ جي مون هيءَ خدمت بجا آندي، ۽ سڄي ڪتاب کي پڙهي، ان ۾ ڪي درستيون ڪيم، جن جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي.

جيتري قدر ٿي سگهيو آهي، اوتري قدر ڪتاب جي زبان ۽ اسلوب بيان کي هموار ڪيو ويو آهي. هرهڪ باب هيٺ ننڍن عنوانن جي سٽاءَ کي پڻ سڌاريو ويو آهي. باب ٻيو ۽ چوٿون راجپوتن سان تعلق رکن ٿا، جن کي جيڪر گڏي پيش ڪجي ها؛ ساڳيءَ طرح باب ٽيون ۽ پنجون سومرن سان تعلق رکن ٿا، جن جي مواد کي جيڪر يڪجاءِ ملائجي ها؛ مگر ائين ڪرڻ سان اهي باب دوباره لکڻا پون ها، انهيءَ ڪري مصنف جي سٽاءَ کي قائم رکيو ويو آهي. هر باب اندر جتي جتي ضرورت محسوس ڪئي وئي، اتي ڪن عنوانن کي اڳي پوءِ ڪيو ويو آهي، انهيءَ لاءِ ته مضمون جو سلسلو ملي بيهي؛ خصوصاً، باب ٻارهين کان سترهين تائين، مصنف جي اصلوڪي سٽاءَ کي بدلائي، سڄي مواد کي ائين سر ترتيب ڏيئي رکيو ويو آهي ۽ باين جا عنوان پڻ نئين سر قائم ڪيا ويا آهن. ياد رهي ته خود مضمون ۾ ڪابه ڦيرگهير نه ڪئي وئي آهي، فقط ترتيب ۾ سڌارو آندو ويو آهي.

تاريخي مواد جي، جيتري قدر ٿي سگهيو آهي، تصحيح ڪئي وئي آهي- البته ڪتاب جي گهڻي ڀاڱي جو دارومدار روايتن تي آهي، جي تاريخي مطالعي لاءِ ڪارآمد ٿي سگهن ٿيون، بشرطيڪ انهن کي

Marfat.com

تنقيدي نگاه سان ڏٺو ۽ ڀيٽيو وڃي؛ انهيءَ ڪري مصنف طرفان نقل ڪيل روايتن ۾ ترميم ڪرڻ مناسب نه سمجهي، انهن جي صحت جو اندازو هر پڙهندڙ جي پنهنجيءَ راءِ تي ڇڏيو ويو آهي- مثلا صفحي 77 کان 84 تائين "عمرڪوٽ يا امرڪوٽ" واري عنوان هيٺ ڏنل حوالا دلچسپ آهن، مگر سواءِ "ٽاڊ" جي گڏ ڪيل ڏنه ڪٿائن ۽ ٻين راجستاني روايتن جي، يا ڪن پوين تاريخي ڪتابن جي، اسان وٽ ڪنهن به آڳاٽي تاريخي ڪتاب يا معاصرانه ماخذ جي تصديق موجود ڪانهي، جنهن جي بناءِ تي "عمرڪوٽ" جي بدران "امرڪوٽ" کي صحيح تسليم ڪجي.

حقيقت ۾ هن ڪتاب جو بهترين سرمايو اهوئي مواد آهي، جو لائق مصنف پنهنجي ذاتي تلاش ۽ تجربي جي بناءِ تي، مڪاني موضوعن بابت ڏنو آهي. ٿر جي مختلف حصن ۽ ڀاڱن، ڳوٺن ۽ شهرن، ذاتين ۽ پاڙن، قصن ۽ ڪهاڻين، ريتين ۽ رسمن، شادين ۽ غمين، ڪچهرين ۽ ميلن، گيتن ۽ شعرن بابت، مصنف جو ڪجهه لکيو آهي، سو نهايت قيمتي آهي، ڇاڪاڻ ته اهوئي نئون مواد آهي جو سنڌي ادب ۽ تاريخ جي موجوده سرمايي ۾ ناياب آهي. ڪيترو نه بهتر ٿئي ها، جو لائق مصنف ٿر جي ٻولي ۽ ان جي محاورن، مڪاني گيتن ۽ شعرن تي اڃا به تفصيل سان روشني وجهي ها، جنهن لاءِ ڪافي گنجائش موجود هئي. خود مصنف جي چوڻ موجب: "نج ٿري شعر ڪٺو ڪجي ته جيڪر ڪتاب جڙي پوي." اميد ته مصنف پنهنجي پياري وطن جي انهيءَ پکڙيل ذخيري کي گڏ ڪري، اهو نئون ڪتاب جوڙيندو ۽ سنڌي ادب جي سرمايي ۾ هڪ قيمتي اضافو ڪنهو.

سنڌ يونيورسٽي
حيدرآباد سنڌ
14- جنوري 1956ع

خادم العلم
نبي بخش
(ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ)

Marfat.com

ديباچو

تاريخ ۽ تمدن جو اڀياس هرهڪ قوم ۽ ملڪ لاءِ ضروري آهي. جنهن قوم کي پنهنجي ملڪ ۽ وڏن جي سُڌ نه آهي، سو ملڪ ۽ سا قوم ڪڏهن به سڌري نٿا سگهن. انگريزيءَ ۾ چوڻي آهي ته "جيڪڏهن ڪنهن قوم کي مردهه ڪرڻو هجي، ته ان قوم جو اڳيون اتهاس ناس ڪيو وڃي- ته اها قوم ازخود فنا ٿي ويندي."

البت هاڻي اسان جي وطني ڀائرن ۾ علم ادب لاءِ جذبو جاڳيو آهي ۽ ملڪ جي تاريخ پڙهڻ جو شوق وڌنهو وڃي ٿو. جيتوڻيڪ اڃا تائين سنڌ جي جهوني اتهاس ۽ تمدن لاءِ گهڻو مواد ملي نه سگهيو آهي، تڏهين به ڪي ڪتاب نڪتا آهن، جن مان ٿورو گهڻو سنڌ جي اتهاس جو پتو پوي ٿو؛ پر انهيءَ اتهاس ۾ به "ٿر" واري ڀاڱي کي ڪنهن به ياد ڪونه ڪيو آهي، ۽ ڪنهن به مؤرخ ٿر جي تاريخ بابت باريڪ بينيءَ سان کوجنا نه ڪئي آهي.

سنڌ جي جهونن کنڊرن، جهڙوڪ موهن جو دڙو، جُهڪَر جو دڙو، ۽ ٻين ڪيترن تاريخي آستانن بابت آثار قديمه جي کاتي کوجنا ڪئي آهي ۽ ڪتاب به لکيا آهن. ٿر ۾ به جيڪي پراڻا کنڊر آهن ۽ ڪيتريون ڏند ڪٿائون وڏن کان ٻڌڻ ۾ ايندڙيون آهن، پر انهن بابت اڄ تائين ڪنهن به صاحب قلم هٿ ۾ نه کنيو آهي.

ريگستان جي تاريخ بابت ٽڙيل پکڙيل، سي به تمام ٿوريون حقيقتون، ڪن ڪتابن ۽ رسالن وغيره ۾ ڪن صاحبن ڪوشش ڪري لکيون آهن، پر اهي به ڪي قدر اڻپوريون. تاريخ جي ڪسوٽيءَ تي لڳائڻ سان ڪيترين جي ته آنڊمنڊ جو پتوئي نٿو پوي، ته به انهن صاحبن جي ڪيل ڪوشش ۽ ورتل محنت کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي؛ اهڙا لکندڙ به بلڪل ٿورا آهن.

Marfat.com

ٿر جي اتهاس بابت پهرين کوجنا ڪيپٽن اسٽئلي نيپئر ريڪس ڪئي. هو صاحب سنہ 1847ع ۾ ڪچ يڄ ۾ اسسٽنٽ پوليٽيڪل ايجنٽ مقرر ٿي آيو. لنگرپارکر، سنڌ ۽ ڏيلي تعلقن جا ياڳا، جي تازو برٽش سرڪار جي هٿ هيٺ آيا هئا، تن جو انتظام هن جي حوالا، ڪيو ويو هو. هن جو هيڊڪوارٽر "ڀڄ" ۾ هو. هن صاحب سرڪاري رڪارڊ ۽ ملڪي روايتن مان کوجنا ڪري، ٿر ۽ پارکر تي انگريزي، ۾ هڪ ڪتاب* سال 1856ع ۾ لکيو، جو 1859ع ۾ بمبئي سرڪار طرفان شايع ٿيو. اهو پهريون ڪتاب آهي، جو ٿر ۽ پارکر جي اڳين ۽ هوين حالتن تي ڪجهه روشني وڌهي ٿو؛ پر اهو ڪتاب هينئر ناياب آهي.

سنہ 1924ع ۾ مسٽر پيرومل مهرچنڊ آڏواڻي، ٿر بابت هڪ ننڍو ڪتاب "سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ" لکي ڇپائي پڌرو ڪيو، جو ڪتاب جيتوڻيڪ مختصر آهي تہ بہ ان ۾ حقيقتون دلچسپ آهن. هن صاحب کي ٿر ۽ ان خاص دلچسپي هئي، جنهنڪري وقت بہ وقت اخبارن ۾ ٿر جي تاريخ بابت مضمون لکندو رهندو هو۔ ڪافي وقت اڳ صاحب موصوف ڪان خط رستي احوال ملیو هو تہ پاڻ ٿر بابت هڪ ڪتاب "مارئي، جو ملڪ" لکي "سنڌي ساهت ادبي صلاحڪار بورڊ" کي ڇپائڻ لاء ڏنو آهي؛ مگر اهو ڪتاب اڃ تائين ظاهر ڪو نہ ٿيو.

سنہ 1934ع ۾ مسٽر تيج سنگ سولنڪي تهيدار، "امرڪوٽ انهاس" نالي ڪتاب لکي، ٿر جي حقيقتن تي وڏيڪ روشني وڌي۔ هن صاحب تاريخي حقيقتن هٿ ڪرڻ لاء ڪافي محنت ورتي آهي.

سنڌ جي اهل قلم صاحبن مان وري بہ جناب محمد اسماعيل عرساڻي صاحب ٿر بابت بہ ڪتاب "بدلصيب ٿري" ۽ "سير ريگستان" لکيا آهن: پهرئين ۾ ٿر جي تهذيب و تمدن، ماڻهن جي اقتصادي، معاشرتي ۽ سماجي حالتن، بي علمي، جهالت ۽ اڻوجهاڻي، بابت روشني

---

*"Memoir on the Thurr and Parkur Districts of Sind"
(Selections from the records of the Bomby Government)

Marfat.com

وڌل آهي؛ ٻئي ڪتاب ۾ ڪجهه تاريخي ۽ جغرافيائي حالات، ۽ موجوده ٿر جا حالات درج ٿيل آهن. هن ڪتاب لاءِ صاحب موصوف جيڪا محنت ورتي آهي ۽ حقيقتن کي جنهن باريڪ بينيءَ سان قلمبند ڪيو آهي، سو بلڪل تحسين جي لائق آهي: ڪو ٿري باشندو به ايتري قدر حقيقتن ۾ اونهو ڪونه وڃي ها، جيترو هي صاحب ويو آهي- انهيءَ ڪتاب نه رڳو ٿر جي تاريخ ۾ اضافو ڪيو آهي، پر علم-ادب ۾ به.

ڪجهه وقت اڳ مون خيال ڪيو ته ٿر بابت تاريخي حقيقتون هٿ ڪريان، ۽ انهيءَ ڏس ۾ ڪوشش ڪيم: ٿر جو ملڪ، پرائمري ماستر، ٻهراڙين جا اسڪول، اڻ پڙهيلن سان گذر، لئبررين جي سهوليت ته بجاءِ خود پر اخبار جي به سهوليت ڪانه، علم دوست صاحبن جي ملاقات کان محروم، نڪو مددگار ۽ صلاح ڏيڻ وارو- اٽلو هَجَو ۽ ٽوڪبازي؛ ڪنهن سان کڻي ڳالهه ڪر ته چون ته "تنهنجو مغز خراب ٿيو آهي: ٻيا عالم آهن ئي ڪونه، جو تون هليو آهين تاريخ لکڻ!" وقتي دل مايوس ٿيو وڃي، پر الله ۾ جو پڪو ارادو هوم، سو اڳتي وڌائيندو رهيو. ڪوشش ڪري هِتان هُتان ڪتاب، اخبارون ۽ رسالا هٿ ڪري مطالع ڪيم، ۽ مليل مواد قلمبند ڪندو ويس؛ وقتي ڪٿي ڪن سُگهڙن ۽ جهور پيرمردن کان به احوال پڇي لکندو ويس. 10-12 سالن جي ڪوشش بعد ڪجهه احوال ڪٺو ڪيم ۽ لکي تيار ڪيم- مگر مايوس ٿي پيس ۽ وڌيڪ لکڻ جو خيال لاهي ڇڏيم.

اپريل 1947ع ۾، جناب عرساڻي صاحب مٺي ۾ آيو. هو صاحب ان وقت اسان جو فرسٽ اسسٽنٽ ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب هو ساڻس ڳالهه ڪيم، ۽ ڪچو ڦڪو لکيل مواد ڏيکاريم. صاحب موصوف مواد نظر مان ڪڍي، ڪتاب لکي پوري ڪرڻ لاءِ همتايو- ۽ پڻ هر مدد ڪرڻ جو انجام ڪيو. انهيءَ همت افزائيءَ تي اجهاڻل آرزو وري نئين سر روشن ٿي. خوش قسمتيءَ سان اڪسٽ 1947ع ۾ ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد ۾ ٻئي سال پڙهڻ جو موقعو مليو. خوش ٿيس ته اتي اهل قلم صاحبن سان ملندس ۽ خاص

Marfat.com

ڪري ڪاليج جي لئبرريءَ جو فائدو وٺندس: مگر ملڪ جي آزاديءَ ڪري پيدا ٿيل حالتن، سموريون اميدون خاڪ ۾ ملائي ڇڏيون؛ ڪجهه به ڪري نه سگهيس! مئي 1948ع ۾ ڪاليج مان موٽي آيس. ان وقت به عرساڻي صاحب اسان جي ضلعي جو ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب هو. هن صاحب وري همتايو، جنهنڪري ڪتاب لکي پورو ڪيم.

ڊسمبر 1950ع ۾ جناب مير محمد بخش خان صاحب ٽالپر، ساڪن هزهائينس مير شير محمد خان جو ڳوٺ مير پورخاص، سان ملاقات ٿي. لکيل مواد ڏسي پسند ڪيائون؛ ڪي ناياب ڪتاب مطالعي لاءِ ڏنائون، ۽ پڻ همتايائون؛ جنهنڪري مليل ڪتابن جي مطالعي بعد سڄو مسودو نئين سر سڌاريم.

آخر ۾ جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان صاحب بلوچ، ڪتاب کي ڪارائتي بنائڻ لاءِ نقشن شامل ڪرڻ جي صلاح ڏني- آءٌ مٿين ٽنهي صاحبن جو شڪرگذار آهيان.

پڙهندڙن کي معلوم ٿيندو ته ناچيز کي ڪيترن ڌار ڌار انگريزي، هندي، گجراتي، اردو ۽ سنڌي ڪتابن مان مدد وٺڻي پيئي آهي، جن جا حوالا متن ۾ ڏنل آهن ۽ ڪتاب جي آخر ۾ فهرست ڏني ويئي آهي- آءٌ انهن ڪتابن جي مصنفن جو پڻ تعدل شڪرگذار آهيان.

جيتوڻيڪ مون پنهنجي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي، پر آهيان پرائمري ماستر، سو به ڊيزرٽ ڊويزن ۾، جتي نه رڳو ڏيکاريل تڪليفون، پر ٻيون به انيڪ مشڪلاتون آهن، انهيءَ هوندي به جيڪا تڪليف ۽ ڪوشش ورتي اٿم، ان جو اندازو قارئين ڪتاب پڙهڻ سان لڳائي سگهندا.

اڃا به ٿر جي تاريخ جون ڪي حقيقتون هونديون، جي هن ناچيز کي هٿ نه آيون آهن؛ البته جيڪي هٿ آيون آهن، سي آئيندهه تاريخ نويسن لاءِ بنياد جو ڪم ضرور ڏينهيون. جيڪڏهن ڪو صاحب

Marfat.com

ڪتاب کي ڪارائتي ڪرڻ لاءِ ڪارگر صلاحون ۽ وڌيڪ احوال موڪليندو ته احسان مند رهنه‌س.

انسان عيبن جو گهر آهي: جيڪڏهن ناظرينن کي ڪي اوڻايون معلوم ٿين، ته نه رڳو درست ڪرڻ فرمائين، پر هن بندي کي انهن کان آگاهه ڪن، ته ٻئي دفعي درستيون ڪيون وڃن. هن ڪتاب لکڻ جي مراد صرف ٿر جي تاريخي حقيقتن تي روشني وجهڻ آهي- پڙهندڙن جيڪڏهن انهيءَ مان فائدو ورتو ته آءٌ پنهنجي ڪيل ڪوشش سڃائي سمجهندس.

چيلهار، ضلعو ٿرپارڪر سنڌ

تاريخ 1- نومبر 1953ع

- رائچند هريجن

Marfat.com

فهرست

باب پهريون	ٿر ۽ پارکر جو طبعي کهاڻ ۽ پراچين حالت	۱
باب ٻيو	ٿرپارکر جا راجپوت	۲۱
باب ٽيون	ٿر ۾ سومرن جي حڪومت	۴۱
باب چوٿون	ٿر ۾ سومرن ۽ راڻوڙن جي حڪومت	۵۰
باب پنجون	سومرن جي حڪومت جو اوائلي دور	۶۰
باب ڇهون	سومرن جي حڪومت جو پويون دور	۸۵
باب ستون	سومرن جي حڪومت	۱۱۶
باب اٺون	پارکر جي حڪومت	۱۴۴
باب ڪاڻون	ڪلهوڙن جي حڪومت	۱۷۱
باب ڏهون	ٽالپرن جي حڪومت	۱۹۳
باب يارهون	انگريزن جي حڪومت	۲۱۱
باب ٻارهون	جڪومت پاڪستان (1947)	۲۴۸
باب تيرهون	ٿرپارکر جا مکيه ڳوٺ ۽ آدمشماري	۲۵۵
باب چوڏهون	ٿر ۾ رهندڙ قومون	۲۶۴
باب پندرهون	ٿرپارکر جي معاشي حالت	۲۸۳
باب سورهون	ٿر جا رواج رسمون	۳۱۲
باب سترهون	ٿر جي تهذيب ۽ تمدن	۳۳۷

Marfat.com

باب پهريون

ٿر ۽ ٻارکڙ جو طبعي گهاٽ ۽ ان جي ٻراچين حالت

(الف) طبعي گهاٽ

سنڌ جي ٿرٻارکڙ ضلعي جا طبعي ٻاڱا ٻه آهن. هڪڙو ڊٽ يعني وارياسو ٻيٽن وارو ٻاڱو، ۽ ٻيو ڏاڀي (سخت) زمين وارو ٻاڱو، جنهن ۾ ناڙو ۽ ميرٻورخاص وارا ٻاڱا اچي وڃن ٿا. ٿر واري ٻاڱي ۾ ٻه ٿر ۽ ٻارکڙ ٻه جدا قسم جي زمين جا ٽڪرا آهن، جي ٿرٻارکڙ ضلعي جو هڪ ٻاڱو آهن: هاڻوڪي ٿرٻارکڙ ضلعي کي اهو ناڙو الهن ٻنهين ٻن ٽڪرن تان ملهو آهي. الهيءَ ٻاڱي ۾ ٻيا ٻه ڇهه تپا (سواءِ ٽن ڏيهن جي)، جن ۾ ناري ۽ جمڙائو هيٺ آباد ٽيندڙ زمين وارو ٽڪر ٻڌ اچي وڃي ٿو، داخل ٽيل آهن. مگر زمين جي لحاظ سان اهي خاص سنڌ جو ٻاڱو آهن ۽ ان جو ٿر سان ڪو لاڳاپو ڪونهي. باقي چٽن تعلقن مان ڏيپلو، مٺي ۽ چاچري جا سڄا تعلقا ۽ ٽنگرٻارکڙ تعلقي جا ڏهن تپن مان ست تپا اصلي ٿر ملڪ آهي. عمرڪوٽ ۽ ڪهري تعلقن جون ٽي ڏيهون ٻه ٿر جو ٻاڱو آهن. باقي رهيو ٻارکڙ، سو ٽنگرٻارکڙ تعلقي جي فقط ٽن تپن مان هيٺ آيل ملڪ جو ناڙو آهي. الهيءَ مان اندازو لڳائي سگهبو ته جدهن ضلعي جو ناڙو هميشر ٿرٻارکڙ آهي، تنهن جو ڪيترو حصو ٿر ۽ ڪيترو ٽڪر ٻارکڙ آهي.

ا- ناڙو

ٿر: "ٿر" سنسڪرت لفظ "ستل" مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ريتل يا ته وهندڙ يعني خشڪ ملڪ (جتي درياءَ

Marfat.com

ڪونهي). انهيءَ "سٿل" لفظ جو اُچار اول ڦري ٿيو "ٿل" يعني خشڪ زمين (ضد جي معنيٰ پاڻي) ۽ "ٿل" جو اُچار ڦري ٿيو ٿر (١).

ٿر کي ريگستان به چون: ريگ = واري + آستان = جاءِ، يعني واريءَ جي جاءِ. هن ڀاڱي ۾ واريءَ جون ڀٽون گهڻيون آهن. ڀٽ کي ٿر جا ماڻهو "ٿري" چوندا آهن، تنهنڪري ڀٽن يعني ٿرين واري ڀاڱي کي ٿرين جو ملڪ يا ٿري جو ملڪ به چوندا آهن، جنهن مان ٿر لفظ ٺهيو آهي.

پارڪر: قديم وقت ۾ پارڪر واري ڀاڱي ۽ ڪڇ جي ملڪ جي وچ ۾ بيٺل ڪڇ جي رڻ ۾ پاڻي هوندو هو، جنهن کي "کاري" چوندا هئا. ماڻهن کي اچ-وڃ لاءِ اها کاري پار ڪرڻي پوندي هئي، جنهنڪري چوندا هئا پار کاري يا پار اُڪر، جنهن مان ڦري ٿيو پار کار، ۽ پوءِ نالو پيو پارکر يا پارڪر. ٿر ۽ پارڪر وارو ٽڪر، ٿرپارڪر ضلعي ۾ سنڌ جي ڏکڻ-اڀرندي ڪنڊ تي آهي. ڪن بيانن موجب چوڻ ۾ اچي ٿو ته پارڪر لفظ جي معنيٰ آهي پهڻ يا پٿر جو ملڪ. ڇاڪاڻ جو هن ڀاڱي ۾ چوڌاري ننڍا ننڍا ٽڪر آهن، باقي وچ ۾ ننگرپارڪر شهر وٽ ڪارونجهر ٽڪري آهي.

٢- پکيڙ

شروعات ۾ ٿرپارڪر ضلعي ۾ فقط ڏيپلو، مٺي ۽ ننگرپارڪر تعلقا داخل هئا. قديم تفصيلن موجب فقط انهيءَ ٽُڪر جي ڊيگهه ١٢٠ ميل ۽ ويڪر ٤٠ کان ٥٠ ميل، ۽ سموري ايراضي ٤٥٠٠ چورس ميل هئي. ڇاڇرو تعلقو، جو ان وقت عمرڪوٽ ضلعي ۾ داخل هو، سو جدا آهي. جو خود ايڏو تعلقو آهي جو ٻين ٻن تعلقن جو مٽ ٿيندو. هي تعلقو سڄي سنڌ ۾ ايراضي بنسبت

(١) "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" مسٽر ڀيرومل مهرچند آڏواڻي.

Marfat.com

وڏي ۾ وڏو تعلقو آهي. پارڪر ڀاڱي جي ڊيگهه ٣٠ ميل ۽ ويڪر ٢٠ ميل ٿيندي. هي ضلعو ١٣-٢٤ ۽ ٢١-٣٦ اتر ويڪرائي ڦاڪ، ٤٠-٦٨ ۽ ٥-٧١ اوڀر ڊگهائي ڦاڪ ۾ آهي. سندس ڪل پکيڙ ١٣٦٩٠ چورس ميل آهي.

"سنڌ گزيٽيئر" موجب پکيڙ هيٺئين موجب آهي(١).

تعلقو مٺي ١٥٦٢ چورس ميل، تعلقو ڇاڇرو ٢٧٩٦ چورس ميل، تعلقو ڏيپلو ١٥٠٣ چورس ميل، تعلقو ننگرپارڪر ١٦١٧ چورس ميل، تعلقو عمرڪوٽ ١٤٦٦ چورس ميل، جن مان ١٠١٨ چورس ميل ٿر ۽ ٤٤٨ چورس ميل نارو يا ڏاڍي زمين. انهيءَ حساب سان جملي پکيڙ ٨٤٩٦ چورس ميل آهي.

ڪن تفصيلن موجب سڄي ڊيزرٽ جي پکيڙ ١٠٥٤٢ چورس ميل آهي، جنهن ۾ کپري تعلقي جي ڀٽن وارو ڀاڱو به اچي وڃي ٿو.

٣- حدون

هن ڀاڱي جي اتر ڏي جوڌپور رياست، ٿرپارڪر ضلعي جا کپرو، سامارو ۽ حيدرآباد ضلعي جا ٽنڊو باگو تعلقا. اڀرندي ڏي جوڌپور رياست. ڏکڻ ڏي ڪڇ جو رڻ، الهندي ڏي ٿرپارڪر ضلعي جو سامارو تعلقو ۽ حيدرآباد ضلعي جو ٽنڊو باگو تعلقو آهن.

٤- طبعي گهاٽ

سڄو ٿر ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي: ٿر ۽ ٿرپارڪر: ٿر واري ڀاڱي ۾ واريءَ جون ڀٽون آهن ۽ ملڪ سڄو وارياسو آهي. ڪٿي ڪٿي ميدان به آهن، جن کي ڏهر چوندا آهن. اوڀر پاسي ڀٽون ننڍيون آهن، ڪٿي ڪٿي وڏيون ڀٽون آهن. ڪٿي ٿوريون ته ڪٿي گهڻيون، جي پريان ننڍين ٽڪرين وانگر پيئون ڏيکاري

---

(١) جي. ڊبليو. سمٿ صاحب جو سنڌ گزيٽيئر، بي واليوم، "ٿرپارڪر ڊسٽرڪٽ" سال ١٩١٩ع، صفحو ٣١.

Marfat.com

ڏين. رڳو ڇاڇري تعلقي جي ڳوٺ ڪانٽيا کان عمرڪوٽ تائين ۲۸ ميلن ۾ ۱۴۰ ڀٽون آهن. ٿر جي اُترئين ڀاڱي ۾ ننڍيون ۽ ڏاکڻئي ڀاڱي ۾، خاص ڪري مٺي تعلقي ۾ وڏيون ڀٽون آهن.

سج اُڀرڻ سان ڀٽ جي جنهن پاسي سج جو تڙڪو (اُس) پوي، تنهن کي چون تڙڪول ۽ ٻئي پاسي کي گوڇار. جتي ٻه ڀٽون اچي گڏجن ته انهيءَ هنڌ کي چون ٻُڪڙ، مٿئين پاسي کي مٿاري، ۽ ڀٽ جي پُڇڙيءَ کي چون پوڇانڊو. ڀٽن جي وچ ۾ سنئون سڌو ميدان آهي، تنهن کي چون ڏهر، ننڍي ڀٽ کي چون دڙو، دڙن جي وچ ۾ زمين ٽڪر جي ڪجهه سخت هوندو آهي ته ان کي چون تلي.

ڀٽون سڀيئي اُتر-اوڀر کان ڏکڻ-اولهه ڏي آهن، جي اولهه ۾ وڏيون آهن. واريءَ جي ڀٽن سبب هن ملڪ ۾ ندي، نئن يا واهه اصل ڪونهي. ماڻهن يا وهٽن لاءِ ڀٽ تي سڌو چڙهڻ مشڪل آهي، تنهنڪري ڪجهه پاسيرو واٽ ٺاهي چڙهندا آهن جنهن کي اپاج چوندا آهن.

پارڪر: هي ننگرپارڪر تعلقي جو ڏاکڻو ڀاڱو آهي. ڊيگهه ۳۰ ميل ۽ ويڪر ۲۰ ميل ٿيندي. هتي ڀٽون ڪونه آهن. هتي زمين ڪڪريءَ ۽ پٿر واري آهي. ننگرپارڪر شهر وٽ جبلن جي هڪ قطار ڪُڪڙ جي بيضي وانگر ڦري اچي ٿي، جن جي وچ ۾ ماٿريون لڳيون پيون آهن. اها قطار ڪارونجهر سڏجي ٿي. انهيءَ گول قطار جي ٻاهرين گولائي ۲۰ ميل آهي ۽ وڏي ٽڪريءَ جي چوٽي ملڪ جي هيٺئين زمين کان ۱۰۰۰ فوٽ اوچي آهي.

۵- مکيه ڀٽون

ٿر ۾ گهڻيون ئي ڀٽون آهن، جن مان مکيه هي آهن:

ڪانڪر ڀٽ، هيءَ سڄي ٿر ۾ مٿاهين ڀٽ ڏيڍ ميل ڊگهي هيلاريو لنجا ۽ پوسرڪي ساندن جي وچ ۾ آهي. لوڻڪي ڀٽ،

Marfat.com

اوچائي ٥٨٨ فوٽ(١) دادئي جي تڙ جي اُتر ۾. سانڌور ڀٽ، اوچائي ٤٠٨ فوٽ. ارنيارو ڀٽ، اوچائي ٤٨٤ فوٽ. روجهڙو ڀٽ، اوچائي ٥١٨ فوٽ. ڌاريندڙو ڀٽ، اوچائي ٥٢٩ فوٽ. عالم سر ڀٽ، اوچائي ٤٩٢ فوٽ. ڪاري ڀٽ، ڳوٺ ٻسارڻيا کان اڍائي ميل پري، اوچائي ٥٩٥ فوٽ. جهونڊ ڀٽ، جهونڊ ڳوٺ وٽ، اوچائي ٣٧٣ فوٽ. ويراڙو ڀٽ، اوچائي ٤٥٩ فوٽ. گنگاسرو ڀٽ، اوچائي ٤٢٨ فوٽ. ويسروڙي ڀٽ، ساهو جي تڙ جي اوڀر ۾. ڌنوڙي ڀٽ، اوچائي ٥١٢ فوٽ تڳوسر جي اُتر ۾. ڍوڪاڻي ڀٽ، چارنور جي اوڀر طرف. جهرڪلي ڀٽ، جيئندي جي تڙ جي اوڀر طرف. چانگي جو ٽونڪ چيلهار جي اولهه طرف. ٻانهياري ڀٽ، تڙ حمير وٽ. ڪرڪر ڀٽ، جيسي جي پار جي اُتر طرف. شهمير ڀٽ، شهمير جي تڙ جي اتر طرف. سونياٻهه ڀٽ، جيسي جي پار جي اتر طرف. هاڏاري ڀٽ، ٺاري جي تڙ جي اڀرندي طرف. ڪسل ڪوٽ ڀٽ، هن نالي سان ٻه ڀٽون آهن: هڪ چارنور جي الهندي طرف ۽ ٻي ڪانٽيا وٽ. ميگهي جي تڙ جي اولهه واري ڀٽ، هن تان تڙ حمير واري ڀٽ ٣٦ ميلن تان ڏسجي ٿي. سامي ڀٽ، ميگهي جي تڙ جي اوڀر طرف. سائيني جي ڀٽ، ڇاڇري جي اولهه پاسي. هتان ڇوهٽڻ جو جبل ٦٠ ميلن تان ڏسجي ٿو. ڪيل ڀٽ، مٺي جي اتر طرف، جتان ڍوري ناري واري هوائي جهازن کي لائيٽ ڏيڻ جي روشنائي ٧٤ ميلن تان ڏسجي ٿي. جهرڪلي ڀٽ، سال ١٨٥٦ع ۾ ڌرتي ڌٻڻ وقت ٻه اڌ ٿي پيئي هئي. ڪوهراڙي ڀٽ، چيلهار جي ڏکڻ طرف، جتان ننگرپارڪر جي ڪارونجهر ٽڪري ٧٢ ميلن تان ڏسجي ٿي. اِساٻو ٽونڪ، ڀاٻو ويري جي اڀرندي طرف، جتان ڇوهٽڻ جو جبل ٦٠ ميلن تان ڏسجي ٿو. مهڪ ڀٽ، اُٺ ٿنڀي، نيتاري، گڏهه پٺو، ڪينڻ، گوگٽياري، ٽورياري، ٽورو ٽونڪ ۽ مانگر ڀٽ وغيره. ازانسواءِ ٻيون به انيڪ ٻٽون آهن.

---

(١) ڀٽن جي اوچائيءَ لاءِ ڏسو گريٽ ٽريگنامٽريڪل سروي آف انڊيا. سال ١٨٦٣ع، صفحه ١٦٣-١٦٦.

Marfat.com

٦- مکيہ ڏهر

ڳچ مفاصلي ۾ سنئين سڌي زمين هجي، تنهن کي ڏهر چئجي، جتي آبادي ٿيندي آهي. ٿر ۾ هيٺيان وڏا ڏهر آهن: ١- ڏاڪي ڏهر، هن نالي سان ٽي ڏهر آهن: پهريون ڪيتار جي ڏکڻ-اولهہ ۽ مٺا تڙ جي اتر طرف؛ ٻيو سلهہ جي اولهہ طرف ۽ اڪلي جي اوڀر تائين؛ ٽيون چارنور جي اولهہ پاسي. ٢- ڇڇي جو ڏهر، تاجي جي تڙ جي الهندي طرف، قابل شاهہ جي اڀرندي طرف، ڪرنهور ڏيٿا ۽ سنگراسين جي وچ ۾. ٣- وڇيري جو ڏهر، مصري شاهہ جي اولهہ طرف، جانب علي شاهہ کان اڀرندي ۽ ڀڳيسل کان ڏکڻ طرف. ٤- هيڪل ڪوري، ڌاريندڙي کان اولهہ، ميگهي جي تڙ کان اوڀر ۽ رڙلي جي ڏکڻ اوڀر. ٥- ميڻڇو ڏهر، ڌالڌو جي تڙ جي اولهہ، وڪڙئي جي ڏکڻ ۽ جهرڪلي ڀٽ کان اوڀر طرف. ٦- ڍوڪاري ڏهر، چارنور جي ڏکڻ ۽ ٻڍي جي تڙ جي اتر طرف. ٧- لاٺي جو ڏهر، چارنور جي اتر اوڀر. ٨- بي جو ڏهر، گوراڙي جي اولهہ ۽ مصري شاهہ جي اتر طرف. ٩- ڏسارڻو ڏهر، رٻاسر جي ڏکڻ ۽ کڏي جي اتر طرف. ١٠- پوسرڪي جو ڏهر، پوسرڪي ۽ روهيڙي جي وچ ۾. ١١- وي جو ڏهر، ڪانڪهيا جي اولهہ، راڄوڙي جي اوڀر ۽ ڪرنهور کان اتر طرف. ١٢- ڀڪوئي جو ڏهر، ڀڪوئي ۽ عالم سر جي وچ ۾. ١٣- ٽالپي جو ڏهر، مٺا تڙ جي اولهہ ۽ سوڀي جي تڙ جي اوڀر طرف. ١٤- ڇهو ڏهر، ڇاڇري جي اوڀر طرف. پريمي جي ويري وٽ. ١٥- گهوگهاڙو ڏهر، هريار جي اتر طرف. تالسر جو ڏهر، سينهار جو ڏهر، سجائي جو ڏهر، چوڻهار جو ڏهر ۽ ٻيا گهڻائي ڏهر آهن.

٧- ڪارونجهر ٽڪري

ٿر ۽ پارڪر واري ڀاڱي ۾ ڪوبہ وڏو جبل ڪونهي. فقط پارڪر ۾ جوڌاري ننڍا ننڍا ٽڪر آهن. وچ ۾ ننگرپارڪر شهر

Marfat.com

وٽ جبلن جي هڪ وڏي قطار ڪُڪڙ جي بيضي وانگر ڦري اچي ٿي، جن جي وچ ۾ ماٿريون لڳيون پيون آهن. اها قطار ڪارونجهر سڏجي ٿي. انهيءَ گول قطار جي ٻاهرين گولائي، ڪي ٣٢ ميل ۽ ڪي ٢٠ ميل ٻڌائين ٿا، پر سنڌ گزيٽيئر ۾ ١٢ ميل ڄاڻايل آهي. وڏي جبل جي چوٽي هيٺئين زمين جي سطح کان هزار فوٽ مٿي آهي (١).

هيءَ ٽڪري ننگرپارڪر شهر جي ڀرسان ڏکڻ-الهندي طرف ۽ ڪڇ جي رڻ جي اتر-اڀرندي ڪنڊ تي آهي. ٻين جبلن وانگر هن جو پٿر تمام سخت نه آهي، ته به عمارت جي ڪم اچڻ جهڙو آهي. هتي ڪي هندن جي تيرٿ جا آستان آهن ۽ ڪيترا قدرتي نظارا ڏسڻ جهڙا آهن.

سارڌرو: ننگرپارڪر شهر کان ڏکڻ-الهندي طرف ٻن ميلن پنڌ تي ٽڪريءَ جي اندر آهي، جو گورڌري نئي جي منهن وٽ آهي. اتي هڪ مهاديو جو مندر آهي ۽ هڪ پاڻيءَ جو ڪُن آهي جو اونهو آهي ۽ سدائين پاڻيءَ سان ڀريل رهي ٿو. منجهس برسات جو پاڻي اچي ٿو. عام طرح هندن جو چوڻ آهي ته ڪنهن ويد يا شاستر ۾ ڪارونجهر جي انهيءَ ڪُن جو ذڪر آيو آهي ۽ اهو اعتقاد رکيو وڃي ٿو ته جيڪڏهن ڪنهن مُردي جا هڏا هن ڪُن ۾ وڌا ويندا ته گويا اهي گنگا نديءَ ۾ وڌا ويا. ڪُن جي مٿان هڪ ديويءَ جو مندر آهي، جتي شِوَ جو لنگ به ٺهيل آهي، اتي هندو ماڻهو مئل ماڻهن جي ڪريا ڪرم ڪندا آهن، ۽ انهن جا هڏا (شنک) انهيءَ ڪُن ۾ وجهندا آهن. هتي مارچ مهيني ۾ شوراتڙيءَ جو هرڪنهن سال ميلو لڳندو آهي، جو هڪ ڏينهن هلندو آهي. سارڌري کان مٿيرو پاراشر جو آستان آهي، جتي هڪ هنڌ چون ٿا ته پاراشر رشي ڏهه هزار

(١) سنڌ گزيٽيئر، بي واليوم، ٿرپارڪر ڊسٽرڪٽ سال ١٩١٩ع صفحو ٣.

Marfat.com

سال ٻيهي تپشيا ڪٿي هٿي؛ ٻير جي هڪ آگر تي هڪ-هڪ هزار سال ٻينو هو. اهڙا ڏهه آگرين جا نشان جبل تي اڄ تائين آهن.

ڪٺومڪي: سارڏري کان ڏکڻ طرف ميل ڪن پنڌ ٻري ٽڪريءَ ۾ آهي. هتي ٻن ٽڪرين جي وچ ۾ ڪاڇين اڇي ماٽ ۾ گڏجن ٿوون، جتان برسات جو ماڻي آبشار جي صورت ۾ ٽيهارو فوٽ هيٺ ڪيري ٿو. جبلن جي چوٽين جي گڏجڻ ڪري قدرتي طرح ٻڌرن مان ڪٺون جي شڪل ٿهي ٻيٺي آهي، جنهن جي ٽٽن مان اهو گڏ ٿيل ماڻي سمي سڏائين ٻيو هيٺ وهي (١). [ٻب جبل ۾ هڪ هنڌ ڪٺون جي ٽڻ جهڙا ڳوڙها آهن، جتان چون ٿا ته اڇي کير وهندو هو ؛ هاڻي ماڻي وهي ٿو (٢)]. اتي ڪو ميلو ڪونہ لڳندو آهي، ۽ هندو ماڻهو هن کي تيرت سمجهي زيارت (درشن) لاءِ ايندا آهن، جنهن لاءِ ڪو وقت مقرر ٿيل ڏ. آهي.

ٻيم ڪُن: ڪٺومڪي جي اُتر ماسي ٢٥ ڪن وکن تي ماڻيءَ جو هڪ ڪُن آهي، جنهن جي ويڪر ٢٠ فوٽ ؛ ڊيگهه ٣٠ فوٽ ڪن آهي، جو سڏائين ماڻيءَ سان ڀريو ٻيو آهي. هن کي ٻيم ڪوڏا ۽ چوندا آهن. هي تمام اونهو آهي.

انچلڌور: لنگرپارڪر جي اتر-الهندي طرف ٢ ميلن پنڌ تي ٽڪريءَ جي اُتاهينءَ جي اڌ پنڌ تي، وچ ۾ هي آستان آهي. هن کي انچلاس ۽ چوندا آهن، جتي مهاديو جو لنگ ٿهيل آهي. الهيءَ جاءِ تي لاڳيتو ماڻيءَ جا ٽي چشما آهن، جي ڏار ڏار ويڇهين

---

(١) ڪرنار ۾ آٻاجي جو ڏهرو آهي، اتان دتاتريه رشي جو آستان هڪ ڪوهه پنڌ تي آهي، جتي هڪ جهرڻو آهي، جنهن جو منهن گانءَ جي منهن جهڙو آهي، جتان هميشه ماڻي پيو وهي. هن کي به ڪٺومڪي چوندا آهن. ڏسو تاريخ ڪجرات، ڪجراتي مگن لال بخت چند سال ١٨٧٠ع، صفحو ٢٧.

(٢) "قديم سنڌ" مرزا قليچ بيگ فريدون بيگ صاحب، صفحو ٥١.

Marfat.com

ٽن ٽڪرين مان نڪرن ٿا. وڏن پٿرن جي آڏو اچڻ سبب انهن چشمن جو پاڻي پٿرن جي هيٺان وهي ٿو ۽ ٻارهن ئي مهينا وهندڙ آهي. انچلاس جي آستان تي ديوان سترامداس عامل رهندڙ حيدرآباد سنڌ جي (.و ننگرپارڪر ۾ سب انسپيڪٽر پوليس هو) هڪ مسافرخانو ٺهرايو آهي، جنهن ۾ ساڌو ۽ فقير ماڻهو اچي رهندا آهن ۽ ڀڄن-ڀاؤ ڪندا آهن. هتي ڦڳڻ چانڊوڪي يارهينءَ جو ميلو به لڳندو آهي، جو هڪ ڏينهن هلندو آهي. هن ٽڪريءَ جي تمام اتاهين چوٽي ننگرپارڪر شهر جي ڀرسان سڌو ڏکڻ طرف "صاحب چنگا" نالي آهي. مٿس ٽريگنا ميٽريڪل جي دڙي ٺهيل آهي، جا ٿلهي وانگر ۽ پڪي چُن سان لتل آهي.

جهرڻو: جهوني ڪاسبي ڳوٺ جي ڀرسان جو گاميرو تلاءُ آهي، ان جي اڀرندي پاسي جبل جي تري ۾ هڪ جهرڻو آهي، جتان بڙبڙ ڪري پاڻي پيو نڪري، جو فوٽ کن مٿي کڄي هيٺ ڪري آسپاس ريلا ٿيو وڃي.

ٻائن جو ٻيسڻو: جهوني ڪاسبي جي ڀرسان اوڀر طرف هڪ پٿر آهي، جنهن هيٺان خال آهي ۽ مٿان ڇٽيءَ وانگر ڇت اٿس، جنهن هيٺان اٽڪل ويهه کن ماڻهو ويهي سگهن، جو ٽن پاسن کان بند ٿيل آهي. چون ٿا ته اڳي جڏهن ملڪ ۾ امن امان ڪونه هو ۽ بي بندوبستي هئي، ان وقت ڌاڙا لڳندا هئا، تڏهن ڌاڙيلن کي پريان ايندو ڏسي دهل وڄايو ويندو هو، اهو ٻڌي ڳوٺ جون عورتون عصمت بچائڻ لاءِ هن پٿر هيٺان وڃي لڪنديون هيون ۽ مرد ماڻهو کليل پاسي کان هڪ وڏي پٿر جي ڇپ ڏيئي ڇڏيندا هئا ۽ پاڻ بي اوڻا ٿي هٿيار کڻي وڃي ڌاڙيلن جو مقابلو ڪندا هئا.

چندڻ گڍ: هي قلعو راڻي چندڻ پٽ گوبندراءِ جو ٺهرايل هو جنهن کي چندڻ گڍ چوندا هئا. جڏهن پارڪر جي راڻن

Marfat.com

لساد ڪيو، تڏهن مٿي ۱۸۵۹ع ۾ انگريزي فوج ڪرنل ايولس جي هٿ هيٺ لنگرهارڪر تي چڙهي آئي هئي ؛ اهو قلعو توڙي سمان اڏائي چڏيو (۱).

هن ٽڪريءَ جي چوڌاري لنگرهارڪر، پوڊيسر، مولدرو، مٺو، آڏيگام، ڪارڙيو، ڪاسمو ؛ گهرٽياري وغيره ڳوٺ آهن، تن مان لنگرهارڪر جو ڳوٺ سڀني کان وڏو ؛ تعلقي جو هيڊ ڪوارٽر آهي. الهن ڳوٺن ۾ واپاري ؛ ٻيا ڪاشتڪار ماڻهو رهن ٿا. هن ٽڪريءَ جي پاڙ ۾ ڪيترا ڪنوهي ؛ ٻيا، گهر جوڙي رهندا آهن جي اڪثر مزور ماڻهو آهن، مگر ساوڪيءَ ۾ اهي نه هوڪا جو ڪم ڪندا آهن. اهي ڪاروڇهر ٽڪريءَ مان گاهه ؛ ڪاٺيون جون پرهون ڪري اڇيو مٿين ڳوٺن ۾ وڪڻن. گاهه کان سواءِ ڳگرالي، ڪوليٽ، ٽوهر، سرهه، چار، ٻير وغيره قسمن جا وڻ نه آهن. ڳگرالي مان ڳگر ؛ ڪوليٽ مان ڪوئلر گهٽو ٻيدا ٿئي ٿو، جو وڪري لاءِ ٻين ملڪن ڏي ويندو آهي. هتي ماڪيءَ جون مکيون نه گهٽيءَ ٽيندڙون آهن، جنهنڪري ماکي جام ٻيدا ٿئي ٿي؛ اها نه ٻين ملڪن ڏانهن واپاري ماڻهو وڪري لاءِ موڪليندا آهن. هن ٽڪريءَ ۾ سوئر، ٻگهڙ، گدڙ، چراخ (جرڪ) وغيره جهنگلي جانور رهن ٿا ؛ مور ڪي نه هن ۾ گهٽا آهن. ڪاروڇهر جي ٽڪريءَ مان ڏاڏهن ٻا ٽئين اڀرندي ڪوڻ ٽيون ڏکڻ، جنهنڪري آبادي کي فائدو رسي، مگر برسات ٿوڻ بعد ڪنهن ئي ۾ نه. چار ڏينهن ؛ ڪنهن ۾ هڪ- ٻن مهينن تائين پاڻي وهندو آهي. الهن مان گورڙو، پتياڻي، مولدرو ؛ سانوسڻ مکيه ٽئين آهن. گورڙو اڀرندي پاسي وهي وهي ڪچ جي رڻ ۾ هوي ٿي. پتياڻي اوڀر طرف ڏکڻ گورڙي سان گڏجي ٿي. مطلب ته سمورين ٽئين جو پاڻي وهي ڪچ جي رڻ ۾ هوندو آهي.

---

(۱) "سوڊن جي صاحبي يا راڻن جو راج" مسنف پيرومل مهرچند آڏواڻي. سال ۱۹۲۴ع صفحو ۴۶.

Marfat.com

هن ٽکريءَ جي چوڌاري وڏا وڏا تلاءَ آهن، جن مان ڪن ۾ ٻارهن مهينا پاڻي رهندو آهي، ڪن ۾ ڇهه مهينا ۽ ڪن ۾ ٻه-ٽي مهينا پاڻي هوندو آهي. جن تلائن ۾ پاڻي رهندو آهي، تن مان هڪ لورائيءَ جو تلاءَ ڳوٺ ڪهڙياري جي ويجهو آهي ۽ ٻوڏيسر جو تلاءَ ڳوٺ ٻوڏيسر جي ويجهو آهي، جنهن جي سنڊ گز پيمائش موجب ڊيگهه ۴۰۰ فوٽ ۽ ويڪر ۲۰۰ فوٽ آهي. تنهن کان سواءِ پاٽسر، لرياسر ۽ راڻاسر وغيره تلاءَ آهن، جن ۾ چٽن مهينن کان اڻن مهينن تائين پاڻي رهي سگهي ٿو. لورائي جو تلاءَ سال ۱۹۰۰ع ۾ برسات جي پاڻيءَ سان ٻرجي ٻيو هو، جو سال ۱۹۱۲ع ۾ برسات گهٽ ٿوڻ سبب سڪي ويو، ٻارهن سال سالدهه پاڻيءَ سان ٻريل رهيو.

ٽکريءَ جي پاڙ ۾ ڪيترا قديم ڳوٺن جا کنڊهر آهن، جي اڳئين زماني جي يادگيري ڏياري رهيا آهن.

۸ـ تلاءَ

تر ۾ واريءَ جي پٽن هٺ ڪري لدي، ٽڻي، واهه يا ڊند ڪاڍي. ماڻهو ٻيٺ لاءِ کوهن جو پاڻي ڪم آڻين. کوهه بلڪل اولها ٿا ٿين، جنهنڪري پاڻيءَ جي سخت تڪليف آهي. ڪٿي ڪٿي ته چٽن-اڇن ميلن تان نه ماڻهو ٻيٺ جو پاڻي آڻيندا آهن. مٽي، جون ۽ جولاءِ ۾ برسات ٿوڻ وقت تلائن ۾ پاڻي ڪٿو ٿيندو آهي، پر تلاءَ نه بلڪل ٽورا آهن، جن ۾ پاڻي ٻارو وقت رهندو آهي. برسات تي نه ٻروسو ڪوڻهي. ڪٿي ڪٿي ته ننڍا ٻوها آهن، جن ۾ پنج-ست ڏينهن مس پاڻي رهندو آهي. مکيه تلاءَ هي آهن:

ڇڇي تلاءَ: قافل شاهه ڳوٺ جي اوڀر طرف، ڇڇي جي ڪناري ۾. هن ۾ بلڪل ابدائي مهينا کن برساتي پاڻي رهندو آهي.

Marfat.com

اٽندجي ترائي: گيڙي کان ٻه ميل ڏکڻ طرف، لنگرپار ڪر ڏي ويندڙ رستي تي آهي. هن ترائيءَ ۾ ٽي-چار مهينا پاڻي رهندو آهي.

گيڙي جو تلاءُ: گيڙي شهر جي ڏکڻ طرف آهي. هن ۾ ڇهه مهينا ڪن پاڻي رهندو آهي.

راڻاسر تلاءُ: چيلهار ڳوٺ جي اتر طرف ڏيڍ ميل هٽ تي عمرڪوٽ ڏي ويندڙ رستي تي آهي. هن ۾ پنج-ڇهه مهينا پاڻي رهندو آهي. چيلهار ۾ بي ٻ ڇڇي ڏالي ترائيءَ ۾ ٽي-چار مهينا پاڻي رهندو آهي.

ڪاڪو تلاءُ: چارڀور جي اوپر طرف ميل هٽ تي آهي، ڏوڪاري جي ڏهر ۾. هتي چار مهينا پاڻي رهي ٿو.

ڪينٽسر جو تلاءُ: ڪينٽسر ڳوٺ ۾ اوپر طرف آهي. هتي چار مهينا پاڻي رهي ٿو.

مٺيءَ جو تلاءُ: مٺي شهر جي ڏکڻ طرف، هن ۾ انڪل ٽي مهينا پاڻي رهي ٿو.

پوڊيسر جو تلاءُ: پوڊيسر ڳوٺ وٽ. هن ۾ ست-اٺ مهينا بعضي ٻارهن مهينا ٻ پاڻي رهي ٿو.

سانگاه ۽ لورائي: ٻارڪر ۾ وڏا تلاءُ آهن، جن جو بيان اڳي ڪو آهي.

ازالسواءِ ٻيا ٻ ڪيترا ننڍا ننڍا تلاءُ آهن، جن ۾ ٿورو گهڻو پاڻي رهي ٿو.

۹- ٽر جا پاڻا

ملڪ جي ٻيهڪ، طبعي بناوٽ، زمين جي خاصيت، پلائي، ڊلائي ۽ ٻين سببن جي ڪري ٽر جا جدا جدا پاڻا آهن، جيئن ته:

Marfat.com

١- کائڙ: ڇاڇري شهر کان وٺي اوڀر طرف ٿورو ۽ اتر طرف گڏڙي تائين، هن ڀاڱي کي کائڙ چوندا آهن. هن ڀاڱي ۾ واريءَ جون ڀٽون ننڍيون آهن ۽ ملڪ ۾ وڏا ۽ ڊگها وڻ گهٽ آهن. هن ۾ ڇاڇري تعلقي جو اُتر وارو ڀاڱو اچي وڃي ٿو.

٢- ڪنٺو: هن ۾ ڇاڇري تعلقي جو ڏاکڻو ڀاڱو ۽ ننگرپارڪر تعلقي جو اُتر وارو ڀاڱو اچي وڃي ٿو. هتي جي زمين ڀلي ۽ آباديءَ لائق آهي، جنهنڪري کيتي سُٺي ٿيندي آهي.

٣- پارڪر: هن ۾ ننگرپارڪر تعلقي جو ڏکڻ وارو ڀاڱو اچي وڃي ٿو، زمين سنئين ۽ ڪڪرالي آهي. هتي واريءَ جون ڀٽون ڪونه آهن، رائو گهڻو آهي. ڪارونجهر ٽڪري هن ڀاڱي ۾ آهي.

٤- سامروٽي: هن ۾ مٺي تعلقي جو ڏکڻ-اولهه ۽ ڏيپلي تعلقي جو اُتر وارو ڀاڱو اچي وڃي ٿو. هتي جي زمين ڀلي آهي، جنهنڪري ڪڻڪ ۽ بصر ٿئي.

٥- ونگو: هن ۾ ڏيپلي تعلقي جو الهندو ڀاڱو اچي وڃي ٿو.

٦- وٽ: هن ۾ ڏيپلي ۽ مٺي تعلقن جا ڏکڻ وارا ڀاڱا اچن ٿا، هي زمين جو ٽڪرو ڪڇ جي رڻ سان دلڪئي ۽ ويجهو آهي، جنهنڪري هتي پاڻي تانگهو آهي.

٧- مهراڻو: اڳوڻيءَ مهراڻ نديءَ جي وهڪري جي ڀر وارو ڀاڱو آهي، هن ۾ ڇاڇري تعلقي جو اولهه ۽ عمرڪوٽ تعلقي جو ڏکڻ-اوڀر وارو ڀاڱو چي وڃن ٿا.

٨- ڍاٽ: هي سڄي ٿر جي وچ وارو ٽڪرو آهي. هن ۾ عمرڪوٽ تعلقي جو ٿورو ٽڪر، ڇاڇري تعلقي جو گهڻو ڀاڱو، ۽ مٺي تعلقي جو ڪجهه اتريون ڀاڱو اچي وڃن ٿا. هن جي ڪري سڄي ملڪ کي ڍاٽ به سڏيندا آهن ۽ رهاڪن کي ڍاٽي چئبو آهي.

٩- اڇوتر: هن ۾ عمرڪوٽ تعلقي جو اتريون ڪنارو، ۽ کپري تعلقي جو اتر-اوڀر وارو ڀاڱو اچي وڃي ٿو ۽ اڳتي خيرپور رياست ۽ جيسلمير تائين دنگ اٿس. هن کي بوئٺ ۽ ڊيئا به چوندا آهن. هتي آبادي گهٽ، ۽ ماڻهن جي بستي ڇڊي آهي.

Marfat.com

(ب) ٿر جي پراچين حالت

ايامن کان وٺي ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي ڪئين تبديليون ٿينديون رهيون آهن. ٿر ۾ واريءَ جون ڀٽون آهن، جن جو مثال ائين سمجهجي جيئن سمنڊ ۾ لهرين ۽ ڇولين وقت سمنڊ جو مٿاڇرو هيٺ مٿي نظر ايندو آهي. اهي ڀٽون ڪو هوا لڳڻ سان ڪونه ٺهي سگهيون هونديون. ڪي چون ٿا ته اتي اڳي سمنڊ هو(۱)، نه رڳو اهو ٽڪرو پر سارو ڪڇ ملڪ به سمنڊ جي تري ۾ هو(۲)، رامائڻ واري وقت ۾ راجپوتانا جا ڪي ڀاڱا به سمنڊ هيٺ هئا(۳)، ۽ سمنڊ جي ڇولين ڪري قدرتي واريءَ جا دڙا ٺهي پيا هئا، جي سمنڊ جي سڪي وڃڻ ڪري ظاهر ٿي بيٺا آهن. ٿر ۾ اڃا تائين ڪٿي ڪٿي زمين تي شنک، ڪوڏيون، کالڪروٽا، رائو (پٿرن جي ڀور) ۽ ٻيون اهڙيون شيون لڀن ٿيون جي سمنڊ هئڻ جي ثابتي آهن ۽ واريءَ جون ڀٽون جيڪي آهن، سي سڀ اُتر-اوڀر کان ڏکڻ-اولهه ڏي آهن، جي چمڪندڙ ۽ صاف واريءَ سان سٿيون پيئون آهن. اهي باڪل اوچيون آهن ۽ سڀيئي ساڳئي رخ تي آهن، جنهنڪري ئي چيو وڃي ٿو ته اهي سمنڊ جي ڇولين جو نتيجو آهن.

ٿر جي واريءَ جو رنگ ڳاڙهو آهي جو ڪراچي ۾ ڪلفٽن وٽ گڏ ٿيل واريءَ جهڙو آهي، نه ته مٺي درياءَ جي ڇڏڻ ڪري جيڪا واري ڏسبي آهي، اها سفيد هوندي آهي ۽ نه ڳاڙهي. ٿر ۾ خاص ڪري ڏيپلي تعلقي ۾ لوڻ جا سَنَ آهن، جن مان سارڻ جو سَنَ مشهور آهي. انهن سنن جو پاڻي سمنڊ جهڙو کارو آهي جو هيٺان نڪري ٿو. واريءَ ۾ پٿرن جي ڀور يعني رائو به ندين جي وهڪري ۾ آيل يا ڇولين سبب ڀڄي ذرا ذرا ٿيل آهي.

---

(۱) "سنڌ گزيٽيئر" جلد پهريون صفحو ۵. "وقائع راجستان" اردو ڀاڱو پهريون صفحو ۸۸ ڇپيل لکنو سال ۱۹۵۲ع.

(۲) "ڪڇ جو انهاس" گجراتي ڇيٺاڀائي-ني-گانڌي، انجار صفحو پهريون.

(۳) "راجپوتانا اتهاس" هندي ڀاڱو پهريون، جڳديش سنگهه گهلوت صفحو ۶.

Marfat.com

ٿر ۾ ٽن - چئن پُرهن (پُرهه = پنج فوٽ) کان هيٺ پٿر آهي جنهن کي روهه چوندا آهن. سمنڊ ۾ به هيٺ پٿر ٿيندا آهن. ٿر جي کوهن ۾ گهڻو ڪري پاڻي کارو ۽ ٻاڙو آهي، جنهن مان سمجهجي ٿو ته اڳ اتي ضرور سمنڊ هو، نه ته مٺي درياءُ جي ڇڏيل ملڪ جو پاڻي ضرور مٺو ٿيندو آهي.

ڪي چون ٿا قديم زماني ۾ ضرور ڪو سخت زلزلو، مصيبت جي صورت ۾ هن ملڪ تي آيو هوندو، جنهن زمين جي اها حالت پيدا ڪئي. اهڙا زلزلا وقت به وقت ٿين پيا جي زمين جي صورتحال بدلائي ڇڏين ٿا. جيئن ته سنڌ ۾ هڪ زلزلو راجا ڪيشي ڪمار جي وقت ۾ سندس ظلمن سبب ٥٣٦ ق-م ۾ ٿيو، جنهن ۾ گاديءَ جو هنڌ ۽ ڪيترا شهر ناس ٿي ويا(١)، سنه ١٩٦٢ع جي زلزلي ڪري سنڌو ندي پنهنجو رخ بدلائي ويئي(٢)، الور جو شهر ناس ٿي ويو. برهمڻ آباد جو ناس ٿيڻ به زمين جي زلزلي ڪري ٿيو. ١٨١٩ع ۾ سنڌ اندر اهڙو ته موتمار زلزلو ٿيو جو سنڌ ۽ ڪڇ جي رڻ جي گهڻي صورت بدلجي ويئي. ويجهڙائي ۾ سنه ١٩٣٤ع ۾ بهار جو زلزلو ٿيو، جنهن بابت پنڊت جواهر لال نهرو لکي ٿو ته "روبرو ڏسڻ سان معلوم ٿيو ته اتي ڪيترن هنڌن وڏا خال ۽ ٻرگهه ٿي پيا هئا، واهن ۽ ڪڙين وغيره جون پليون ڊهي پيئون هيون ۽ سڄي ايراضي پاڻي جي ڍورن ۽ واريءَ جي ڊٻن وارو برپٽ ٿي پيئي هئي، جڻ ته ڪنهن راڪاس بهاري پرانت کي مٽيءَ جو پنوڙو سمجهي هٿن ۾ اٽي وانگر ڳوهي مروڙي سروڙي صورت حال ئي ڦيرائي ڇڏيو هو(٣). مئي ١٩٣٥ع ۾ ڪوئيٽا جي زلزلي ڪري به زمين جي حالت بدلجي ويئي هئي. اهڙيءَ طرح ٿر ۾ به زلزلي ڪري سمنڊ جي پاڻيءَ هٽي وڃڻ ڪري زمين هيٺ مٿي دڙا ۽ ڀٽون ٿي پيئي آهي.

---

(١) "سنڌ جي هندن جي تاريخ" جلد پهريون، ڀيرومل مهرچند آڏواڻي صفحو ٣٣.
(٢) "پراچين سنڌو سڀيتا" مهاراج دوارڪا پرساد شرما صفحو ٤٤.
(٣) "جواهر جيوني" سنڌي ترجمو ڀاڱو ٻيو ليکڪ تيرٿ - وسنت صفحو ١٨٢.

Marfat.com

ڪپتان اسٽئنلي رئڪس صاحب سال ١٨٤٧ع ۾ ڪڇ ڀڄ ۾ اسسٽنٽ پوليٽيڪل ايجنٽ مقرر ٿيو. مٺي، ڏيپلو ۽ ننگرپارڪر تعلقا جي الهيءَ سال برٽش سرڪار جي حفاظت هيٺ آيا ان جو انتظام ڪپتان رئڪس صاحب جي حوالي ڪيو ويو، جنهن جو هيڊ ڪوارٽر ڀُڄ هو. هن صاحب سرڪاري رڪارڊ ۽ ملڪي روايتن مان کوجنا ڪرڻ بعد حالات ٿر ۽ پارڪر تي هڪ ڪتاب سال ١٨٥٦ع ۾ لکيو، جو سال ١٨٥٩ع ۾ بمبئي سرڪار ڇپائي پڌرو ڪيو. اهو پهريون ڪتاب آهي جو ٿر ۽ پارڪر جي اڳين ۽ موجوده حالتن تي ڪجهه روشني وجهي ٿو. ڪپتان رئڪس جي تحقيقات موجب پارڪر ۾ هڪ قديم سلطنت جو پتو لڳي ٿو جنهن جو مکيه شهر پاري نگر هو، جنهن جو بنياد پهرينءَ عيسوي صديءَ ۾ چوڻ ۾ اچي ٿو. ماڻهن جو قديم مذهب جين ڌرم هو. الهيءَ وقت پاري نگر جي آدمشماري ڇاليهه هزار هئي ۽ وڏو بندرگاهه هو. جو هاڻي ڪڇ جو رڻ آهي، سو خود عربي سمنڊ جو ڀاڱو هو ۽ جهاز سڌا لنگهي پاري نگر جي بندر تائين ايندا هئا، جو هاڻوڪي ننگرپارڪر کان چوڏهن ميل ۽ ويراواهه جي اڀرندي هو. ان وقت سنڌو نديءَ جي هڪ شاخ اتان وهي ننگرپارڪر وٽ ڇوڙ ڪندي هئي، جا هاڪڙي جي نالي سان سڏبي هئي. نديءَ جو هتان وهڻ ثابت ڪري ٿو ته ٿر ملڪ ان وقت سنئين سڌي زمين والڪر هو ۽ پوءِ جڏهن زلزلو ٿيو تڏهن ندي وهڪرو ڦيرائي ويئي، شهر غرق ٿي ويو ۽ ڪيترن ميلن ۾ زمين هيٺ مٿي ٿي پئي، جنهنڪري پٽون پيدا ٿي پيون. عربي سمنڊ هتان هٽي سڪي ويو، جنهنڪري هاڻوڪي ڪڇ جو رڻ ظاهر ٿيو. ڪهڙي زماني ۾ اهو زلزلو ٿيو تنهن بابت ڪپتان رئڪس يا ٻئي ڪنهن به تاريخ نويس نه ڄاڻايو آهي.

ڪپتان رئڪس صاحب، جنهن ٿر جي حالتن جو باريڪ مطالعو ڪيو آهي، سو پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته "ٿر جي زمين جو پٽن جي شڪل ۾ ٿي وڃڻ، ڌرتي جي ڪنهن سطح

اٿل پٿل جو نتيجو آهي؛ جيئن ڌرتي جي ڌٻڻ يا زمين جي اندر واري طاقت جي پلٽي گائڻ سان ٿئي. هوائن جي لڳڻ سان ائين ڪونه ٿيندو، باقي هاڻي هوائون ڀٽن جي شڪل ۾ ٿوري ڦير گهير ڪن پيئون(١)."

جيڪڏهين واريءَ جون ڀٽون سمنڊ جي ڇولين ڪري ٺهيون ۽ پوءِ سمنڊ جي سڪي وڃڻ ڪري ظاهر ٿي بيٺيون ته پوءِ سنڌو ندي جي شاخ هاڪڙو ندي ڀٽن هوندي ٿر مان ڪيئن وهي سگهي هوندي، جنهن جي وهڻ بابت تاڊ راجستان ۽ ٻين ڪيترين تاريخن ۾ ثابتيون آهن. نديءَ جي وهڪري ڪري اتهاسڪار الهيءَ راءِ تي پهتا آهن ته واريءَ جون ڀٽون سمنڊ جي سُڪي وڃڻ بعد پوءِ ڪنهن زلزلي سبب ٿيون آهن، پر جي زلزلي سبب ٿين ها ته سڀئي ساڳئي رخ يا ڊول تي اتر-اوڀر کان ڏکڻ-اولهه ڪونه ٿين ها ضرور آڏيون اُبتيون ٿين ها، تنهنڪري ڀٽن جي ٺهڻ جو ڪارڻ پڪ سان چئي نٿو سگهجي ۽ نڪو ڪنهن به تاريخدان الهيءَ بابت پنهنجو آخرين رايو ڏنو آهي. ٿر جي ڀٽن جي بناوت ۽ بيهڪ مان اهو رايو وڌيڪ وزنائتو ٿئي ٿو ته اهي سمنڊ جي ڇولين جو نتيجو آهن ۽ نه زلزلي جو ڪارڻ.

ڪيترا ماڻهو چوندا آهن ۽ عام طرح ائين سمجهبو آهي ته ٿر هڪ ويران ۽ سڃو ملڪ پئي رهيو آهي، جنهن کي ڪا به تاريخي حيثيت ڪانهي، مگر ائين نه آهي. ٿر جي تاريخ بابت ڪنهن به صاحب ڪڏهين خير ڪا تڪليف ورتي آهي. ٿر ۾ ڪيترا جهونا کنڊهر ۽ کوهه لڌا ويا آهن، جنهن مان سمجهجي ٿو ته اتي اڳي ماڻهن جون بستيون رهنديون هيون، جيتوڻيڪ بلڪل وڏا شهر ڪونه هئا ته به اڄوڪي جهڙو وسندڙ ملڪ هو، بلڪ الهيءَ کان به وڌيڪ آباد هو.

١- ڪڇ جو رڻ

ڪيترين روايتن موجب راجپوتانا، ٿر ۽ ڪڇ جا ملڪ سمنڊ جي ترڪ ۾ هئا، جتي هينئر سُڪي آهي اتي ڪو وقت اڳي

(١) الوحيد اسپيشل ايڊيشن سنڌ آزاد نمبر جون ١٩٣٦ع صفحو ٧٥.

Marfat.com

پاڻيءَ جون لهرون پئي لڳيون. پوءِ زلزلي سبب يا ٻي ڪنهن خدائي قدرت سبب زمين مٿي چڙهي آئي، جنهنڪري سمنڊ جو پاڻي هٽي ويو ۽ سڪيءَ جا ڀاڱا ظاهر ٿي بيٺا؛ پر ڪڇ جي رڻ واري زمين اڃا هيٺ هئي ۽ اهو عربي سمنڊ جو ڀاڱو هو ۽ ان وقت سنڌوندي جي هڪ شاخ هاڪڙو نالي پنجاب مان نڪري امرڪوٽ جي اڀرندي پاسي کان لنگهي ننگر پارڪر وٽان وهي ڪڇ جي رڻ ۾ ڇوڙ ڪندي هئي. مطلب ته ڪنهن وقت ڪڇ جي رڻ ڏي سمنڊ جو منهن هو نه ڪنهن وقت مٺي درياءُ جو.

تاريخن مان معلوم ٿئي ٿو ته عيسوي سنه کان سوا ٽي سئو ورهيه اڳي جڏهين سڪندراعظم سنڌ مان ٿي لنگهيو تڏهين به اني سمنڊ جي پاڻيءَ ڇوليون پئي هنيون (١)، ڪي صديون پوءِ به اني پاڻي هو.

٦٠ عيسوي ۾ يوناني سياح پيرپلس اتان لنگهيو هو جنهن به ڪڇ جي رڻ بابت ذڪر ڪيو آهي ته اتي پاڻي هو. الائسي ريڪلس چوي ٿو ته "رڻ چوٿين صدي تائين کليل سمنڊ هو، پوءِ ڌرتي جي سخت ڏوڏن سبب زمين هيٺ مٿي ٿي ويئي ۽ رڻ ٺهي پيو ۽ سمنڊ هٽي ويو. ننگر پارڪر جي اتر-اڀرندي، جو ويرانو آهي سو دراصل سامونڊي بندر ۽ واپاري مرڪز هو" (٢).

سنه ١٠٢٤ع ۾ سلطان محمود غزنوي سومنات جي مندر تي ڪاهه ڪرڻ بعد ڪڇ جي رڻ مان ٿي موٽيو، ته جنهن تنهن پئي ڊپ ڏنس ته هتي جون لهرون تنهنجو لشڪر لوڙهي ڇڏينديون. شايد سگهو ئي پوءِ پاڻي سڪو آهي جو سنه ١٣٦٠ع ۾ سلطان فيروز شاهه جي لشڪر ڪيتريون راتيون رڻ ۾ گهاريون، پر ان وقت هتي جي پاڻيءَ جو ڪوبه ذڪر ڪونهي، فقط ڪن خاص ٽڪرن ۾ پاڻي هو (٣).

ڪڇ جو رڻ اڀرندي کان الهندي ڏي اسي ڪوهن ۾ ۽ اتر کان ڏکڻ ڏي ستٽيهن ڪوهن ۾ سڄ لڳائي بيٺو آهي. ٽاڊ راجستان

(١) "ٽاڊ راجستان" انگريزي جلد پهريون صفحو ١٣.
(٢) "دي ارٿ ائنڊائس انهابٽئنٽس آر يونيورسل جاگرافي" جلد پنجون صفحو ١٤٢.
(٣) "تاريخ فيروز شاهي" بحوالہ هسٽري آف انڊيا سر ايلئٽ صاحب جلد ٽيون.

Marfat.com

موجب سندس ڊيگهه ١٥٠ ميل ۽ ويڪر ڀُڄ کان ٻلهياري تائين ٧٠ ميل آهي(١). سندس جملي پکيڙ ٧ هزار چورس ميل آهي(٢).

ائين سمجهڻ نه گهرجي ته ڪو سنه ١٣٦٢ع ۾ انهيءَ سموري ايراضي ۾ پاڻي ڪونه هو. اڄ تائين ڏيپلي تعلقي جي ڏکڻ طرف ڳوٺ رحمڪي بازار جي ويجهو پراڻ آهي. پُراڻ لفظ جي معنيٰ آهي پراڻو درياءَ. اڳي سنڌوندي جي شاخ هتان وهندي هئي ته ڪڇ جي رڻ مان دلگيون ۽ جهاز هلندا هئا، جي ڪناري وارن بندرن تي اچي پڳهه هڻندا هئا. وڳاگڍ (وڳهه ڪوٽ)، وينگڍ (ونگو)، ٻلهياري، رحمڪي بازار ۽ ويراواهه ساموندي بندر هئا(٣). نديءَ جو پاڻي گهاري شيخياڻي، تعلقي بدين وارن رڻ پسائي لکپت تائين پهچندو هو(٤).

سنڌ ۽ ڪڇ جو رڻ سمنڊ جي حصي جو پيٽ ٿو معلوم ٿئي ۽ پوءِ ڪنهن طبعي يا قدرتي سبب ڪري مٿي چڙهي آيو آهي. هن ۾ ٻيو ڪوبه ساهوارو دائمي رهائش نٿو ڪري سگهي، سواءِ جهنگلي گڏهن (گورخرن) جي، جي رڻ جي ٻيٽن ۾ گاهه جي ڳولا لاءِ ڦرندا رهندا آهن. ڪن ٻيٽن ۾ کارو پاڻي پڻ آهي(٥).

هاڻي رڻ جو گهڻو ڀاڱو سڪو پيو آهي. ڪٿي ڪٿي رُڃ ڏسڻ ۾ ايندي آهي؛ گرمي سبب ڪٿي ڪٿي پوٺو تپندو آهي ته پريان پاڻيءَ جي ڏيکاري پيو ڏيندو آهي ۽ ويچارا هرڻ پاڻيءَ جي اُسري تي ڊوڙي ڊوڙي ساهه ڏيندا آهن. واقفڪار کان سواءِ ٻيو ماڻهو به سچ پچ پاڻي سمجهندو. ننڍو پٿر به پري کان جبل جي ڏيکاري پيو ڏيندو آهي.

---

(١) "ٽاڊ راجستان" گجراتي جلد پهريون ڇپيل سستو ساهتيه پستڪاليه احمد آباد سنبت ١٩٨٢.

(٢) "سنڌ جي تاريخ" مرزا قليچ بيگ، سنڌي ايڊيشن سال ١٩٠٣ع.

(٣) "جرنل آف دي سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي" واليوم VIII نمبر ٢ جون ١٩٤٧ع صفحو ٨١.

(٤) "سنڌ گزيٽيئر" صفحو ١٤٨ - ١٤٩.

(٥) "امپريئل گزيٽئر" جلد چوٿون صفحو ٥٩.

Marfat.com

ٿر ۾ ڪچ جي آمدرفت اٺن رستي الهيءَ رڻ مان ٿيندي آهي، ۽ برسات ٻوڙ وقت رڻ ۾ ٻاڦي ٻيهندو آهي، جو بعضي ڪن هنڌن ۴ـ ۵ فوٽ يا وڌيڪ اونهو ٿ٦ ٻيهندو آهي ؛ ڪٿي ڪٿي گرٽيون يعني ڏاٽيون ٿ٦ آهن، جن ۾ جيڪڏهن ڪو ماڻهو يا وهٽ اٽڪيو تہ ڪڍڻ ئي مشڪل. جيڏن جيئن ڪڍڻ ٿاءَ ڪوشش ڪندو، تيئن تيئن ويندو وڌيڪ ڦاسندو. ٽنهنڪري برساتي موسم (چوماسو) ۾ رڻ جي مسافري تڪليف واري آهي. ڪٿي ڪو واريءَ جو ڏڙو آهي، جتي لڌين ٻوڙن کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ڪونہ ٿئي. اهڙن هنڌن تي مسافر ساهي ٿٽي اٺن کي چارو وغيرہ ڏيندا آهن.

۳ـ هاڪڑو ندي

آرين جي اچڻ کان اڳ ڪچ جو رڻ ؛ راجپوتانا جو ڪجهہ حصو سمنڊ هيٺ هٿا ؛ ڪچ جو رڻ ڪنڌات جي ڪاري سان ڪنڌيل هو. مهاڀارت جي زماني بعد عربيءَ سمنڊ گهٽجندو ويو. ان وقت سنڌو ندي جي شاخ هاڪڑو ءَ نالي اڄ ۾ ڪڇ ڏ ونان ڏکري بهاولپور، اُپرلدي سنڌ (ٿر) عمرڪوٽ ونان لنگهي، ننگر پارڪر وٽ ڪچ جي رڻ ۾ ڇوڙ ڪندي هئي. ابوالفضل "آئين اڪبري" ۽ ٽاڊ صاحب "ٽاڊ راجستان" ۾ هاڪڑي بابت اشارا ڏنا آهن.

رياست بهاولپور، جيسلمير ۽ ٿر ۾ سنڌس ڦٽل نشان ٻيڻ آهن. ڪپتان رڪس صاحب ٻہ لکي ٿو تہ "سنڌو نديءَ جي شاخ هاڪڑو نالي ننگر پارڪر وٽ ڇوڙ ڪندي هئي، جنهن ۾ ڏڪڻ ۽ ڏکڻ جهاز هلندا هٿا ؛ ويرا واهہ جي ٻرسان ٻاري ننگر جو مشهور بندر هو جتي اڄي ٻهندا هٿا".

ويرا واهہ جي ٻرسان هڪ ٽکري آهي جنهن جو نالو ڏونڙ آهي. ڏو = ٻہ، نڙ = درياهہ جو ڪنارو جتي جهاز ؛ ڏڪڻ ٻنهن، جون ٽا تہ الهيءَ ٽکريءَ وٽ اڄي ٻن جهازن جي ٻيهڻ لاءِ ٿڙ هو، ٽنهنڪري اهو نالو ٻيس.

درياهہ يا هاڪڑي جي ٻيٽ کي "سنکها" سڏين ٿا، ان ۾ هاڻي ٻوک ٿئي ٿي. ان وقت شايد ٿر ۾ پٽون ڪونہ هيون ؛ زمين

Marfat.com

نقشو
ثرجا پاگا



Marfat.com



134253

Marfat.com

سنئين هئي، ۽ پوءِ ڌرتيءَ جي زلزلي سبب زمين جي هيٺ مٿي ٿيڻ ڪري، هاڪڙو ندي بند ٿي ويئي، ڇاڪاڻ جو اڳي سنڌ ۾ خوفناڪ زلزلا ٿيندا هئا.

هاڪڙو ڪڏهين بند ٿيو، ان بابت چٽي طرح چئي نٿو سگهجي؛ پر ڪئپٽن ريڪس صاحب لکي ٿو ته "عيسوي پهرين صديءَ ۾ پاري ننگر وڏو بندر گاهه هو." انهيءَ مان انومان ڪري سگهجي ٿو ته هاڪڙو ندي به شايد عيسوي پهرين صديءَ کان پوءِ بند ٿي هوندي.

٣- مهراڻ ندي

پراچين وقت کان وٺي سنڌو نديءَ مان ڪيتريون شاخون پئي نڪتيون آهن ۽ بند ٿيون آهن. خود سنڌو ندي به پيئي وقت به وقت وهڪرا ڦيرائي. مسٽر آر- جي بئنرجي بهاولپور رياست کان وٺي (جتان هاڪڙو نديءَ جو وهڪرو معلوم ٿئي ٿو) کيرٿر جبلن جي قطار تائين ١٨ جاين تي سنڌو نديءَ جي جهوني وهڪري جا نشان معلوم ڪيا آهن.

اڄ تائين ڏيپلي تعلقي جي ڳوٺ رحمڪي بازار جي ويجهو پُراڻ آهي. پراڻ لفظ جي معنيٰ آهي پراڻو درياءُ. ڪي چون ٿا ته سنڌو نديءَ جي شاخ اڳي اتان وهندي هئي. سنسڪرت ۾ سنڌو معنيٰ سمنڊ يا وڏو درياءُ، ان جو ڌاتو يا بنياد آهي "سينڌ" معنيٰ وهڻ. جنهن سنڌوءَ جي بنيادي معنيٰ آهي "جا سدائين پيئي وهي"، اهو سٿين يا تاتاري نالو آهي. سنسڪرت ۾ مَهارَڻو، مَها = وڏو ۽ آرَڻو = جل. سمنڊ يا وڏو سمنڊ. سمنڊ جو پاڻي کارو ٿيندو آهي، پر هن نديءَ جو پاڻي مٺو هو، جنهنڪري کيس مٺو مهراڻ ڪري چوندا هئا ۽ ڪڇ جي رڻ مان ٻيڙيون ۽ جهاز هلندا هئا، جي رحمڪي بازار ۽ ٻلهياري تعلقي ڏيپلي وٽ اچي پڳهه هڻندا هئا، جنهنڪري

Marfat.com

اهي بندر هئا ۽ نديءَ جو پاڻي رڻ مان وهي لکپت تائين پهچندو هو ۽ لکپت جي ساريال پوک جو مدار ئي انهيءَ پاڻي تي هو.

هن بابت ڪرنل جيمس ٽاڊ صاحب لکي ٿو ته "بکر کان اتر ٧ ميل پنڌ تي سنڌونديءَ مان هڪ شاخ نڪري لکپت جي ڀرسان سمنڊ ۾ پوي ٿي. اها سنڌ جي اوڀر پاسي ڀٽن جي ڀرسان وهي ٿي. هن کي مٺي ندي يا مٺا مهراڻ چون ٿا" (١). انهيءَ ڪري اڄ تائين ڀٽن جي ڏاڍي زمين جي دنگ واري ٽڪر کي مهراڻو چوندا آهن. هيءَ ندي هاڪڙو شاخ بند ٿيڻ کان پوءِ وهندي هئي.

مسٽر هينري ڪزنس لکي ٿو ته "قديم زماني کان وٺي سنڌ ۾ ٻه وڏيون نديون وهنديون هيون: هڪڙي هاڻوڪي سنڌو ندي ۽ ٻي مهراڻ ندي. سنه ٩٦٢ع ۾ هڪ خوفناڪ زلزلو ٿيو، جنهن سکر ۽ بکر وارا ٽڪر ٽوڙي ڇڏيا. انهيءَ زلزلي سبب الور وٽان مهراڻ رخ ڦيرايو ته پاڻيءَ جي اڻاٺ سبب شهر ڦٽي ويو" (٢).

چوڻ ۾ اچي ٿو ته مهراڻ، وڳهه ڪوٽ جي ڀرسان وهندي هئي ۽ اڄ تائين وڳهه ڪوٽ جي ويجهو زمين مان پاڻيءَ جون سڙيل ڪاٺيون ۽ ٻيا اهڙا نشان ملندا آهن، جنهن مان سمجهجي ٿو ته مهراڻ ندي ضرور اڳي اتان ئي وهندي هئي.

---

(١) "ٽاڊ راجستان" جلد پهريون گجراتي صفحو ٧١٧.

(٢) "ائنٽيڪئيٽيز آف سنڌ" هينري ڪزنس.

Marfat.com

باب ٻيو

ٿرپارڪر جا راجپوت

١- راجپوتن جو اصل نسل

ٿر ۽ پارڪر تي آڳاٽي وقت کان پرمار سوڍا راجپوتن جي سرداري هئي. اهي ڪڏهين سنڌ ۽ ڪڏهين دهليءَ جي بادشاهن جا تابعدار ۽ ڪڏهين خود مختيار ٿي پئي رهيا. هت انهن راجپوتن جو اصل نسل ڄاڻائڻ بلڪل ضروري آهي.

راجپوتن جي جنم جي ڪهاڻي هڪ عجيب آکاڻي آهي: وشنو ڀڳوان جو ڇهون اوتار پرسرام هو، جو رشي جمدگني جو پٽ هو. هڪ دفعي راجا ڪرت ويريه، جمدگني وٽ هڪ گانءِ ڏٺي جا ڪامڌين هئي. ڪامڌين معنيٰ اها گانءِ جنهن وٽان اميدون پوريون ٿين، يعني جنهن کان جيڪي گهرجي سو ملي. ههڙي عجيب گانءِ تي راجا جي دل ٿي. هن جمدگني کان گانءِ گهري پر هن نه ڏئس. تنهن تي راجا اها گانءِ زبردستي ڪاهرائي هليو ويو. ان وقت سندس پٽ پرسرام گهر ۾ حاضر ڪونه هو. پر پوءِ جڏهين اچڻ وقت هن ڳالهه جي خبر پيس، تڏهين تپي باهه ٿي ويو ۽ بنا دير جي وڃي راجا کي ماري، گانءِ آڻي پنهنجي پيءُ کي ڏنائين. راجا جي پٽن پنهنجي پيءُ جي وير وٺڻ لاءِ جمدگنيءَ جي آشرم تي ڪلهه ڪئي: ان وقت پرسرام ڪيڏانهن ٻاهر ويو هو ۽ جمدگنيءَ گهر ۾ اڪيلو ويٺو هو. راجڪمار هن کي اڪيلو ڏسي کيس ماري هليا ويا. پرسرام پوءِ جڏهين پنهنجي آشرم ۾ اچي هيءَ حالت ڏٺي، تڏهين سڄي ڳالهه معلوم ڪري پرن ڪيائين ته

Marfat.com

اهي راجڪمار ته پورا ڪندس، پر ڪوبه کتري ٻچو جيئرو نه ڇڏيندس. هي سڄي ڳالهه پراڻن ۾ ڏنل آهي ۽ ائين به ڄاڻايل آهي ته پرسرام ايڪيهه دفعا کترين جو ڪل ناس ڪيو هو.

اڳاٽن کترين جو ڌرم هو برهمڻن ۽ ٻين ذاتين جو بچاءُ ڪرڻ. کتري ناس ٿي ويا ته برهمڻ ۽ ٻين جي سنڀال ڪير ڪري. اتي خود برهمڻ اچي ڪڪ ٿيا، ڇاڪاڻ جو ان وقت هندستان ۾ دئت، اسسر ۽ دانو گهڻا هئا، جي عالمن جي چوڻ موجب سڀين لوڪن مان هئا. اهي برهمڻن کي سڄيندا ته ڪونه هئا پر هنن کي پاڻ آزاريندا هئا. کتري انهيءَ ڪري برهمڻن جو وڏو بچاءُ هئا، پر هاڻي ته اهڙو ڪو کتري ٻچو هوئي ڪونه جو هنن دئتن جي آزار کان کين بچائي.

انهيءَ وقت ڪيترا رشي ۽ مني ابوپهاڙ تي رهندا هئا. برهمڻن کي تڪليف ۾ ڏسي وسشٽ مني ابوجبل تي رشين ۽ منين سان صلاح ڪئي ته هاڻي برهمڻن جي بچاءَ لاءِ ڇا ڪجي. آخر سڀني پاڻ ۾ صلاح ڪري برهما، وشنو، شو ۽ اندر ديوتا کي وينتي ڪئي ته توهين ڪي کتري پيدا ڪريو جي دئتن کي ناس ڪري برهمڻن جو بچاءُ ڪن. رشين پوءِ ابوپهاڙ جي ڏکڻ الهندي ڪنڊ تي، يگيه جي اگني دکائي، اندر ديوتا کي چيو ته اول اوهين ڪو کتري آپايو. رشين جو چوڻ مڃي اندر ديوتا ڊڀن جو هڪ پتلو ٺاهي، ان تي امرت ڇٽڪاري پوءِ اهو پتلو اگني ڪنڊ ۾ اڇلايو ۽ پوءِ سنجيوني منتر (جيئارڻ جو منتر) آچاريائين: ته ڏسو ڪرتار جي قدرت جو ازغئبي اگني مان هڪ مرد ٻاهر نڪري آيو، جنهن کي ساڄي هٿ ۾ گدا هئي. هو اگني مان نڪرڻ وقت چوندو آيو ته "مار، مار". انهيءَ سبب هن تي "پرمار" نالو پيو: پرمار لفظ جي معنيٰ آهي پراون يا ڌارين کي ماريندڙ. ٽاڊ صاحب پرمار

Marfat.com

لفظ جي معني 'پهريون ساريندڙ' يا 'ڏک هٿندڙ' لکي آهي.

رشين ۽ سنين جي چوڻ تي، پوءِ برهما پيو هڪ پتلو ناهي يگيہ جي اگني ۾ وجهي، منتر اچاريو تہ اگني ڪنڈ مان پيو هڪ جوان پيدا ٿيو، جنهن کي هٿ ۾ تلوار ۽ ٻئي هٿ ۾ وبد هٿ: انهيءَ تي "چلونکي" نالو پيو، چاکاڻ تہ هو برهما جي چلو يعني هٿ جي ڏريءَ مان پيدا ٿيو هو، يعني برهما پهريائين جڏهين پنهنجي هٿ جي ساري تي پتلو ناهيو تڏهين هي پيدا ٿيو، تنهن ڪري اهو نالو مليس. چاونکي لفظ جو اچار پوءِ ڦري سلونکي (سولنکي) ٿيو آهي.

شو پگوان پوءِ اگني ڪنڈ مان هڪ ڪاري شڪل وارو جوان پيدا ڪيو. انهيءَ جوان کي لڙائيءَ جو گهڻو فن ياد نہ هو، مگر پهريداريءَ لاءِ پختو هو، تنهن ڪري هن کي دربان يا پهربدار مقرر ڪيائون ۽ انهيءَ سبب هن تي "پرٿوي دوار" نالو پيو. پرٿوي معني ڌرتي ۽ دوار دروازو. هو گويا پرٿوي جي دروازي جو نگهبان هو، تنهن ڪري اهو نالو مليس. پرٿوي دوار لفظ جو اچار پهريائين ڦري "پرٿهيار" ٿيو ۽ هاڻي عام طرح پڙهيار چئبو آهي.

وشنو پگوان اگني ڪنڈ سان پوءِ ٻاڻ جهڙو هڪ چتر پچ (چئن پڇائن يا ٻانهن وارو) مهانجوسي جوان پيدا ڪيو، جنهن جو رنگ ڪرشن ورن (ڪارو) ۽ تمام بهادر هو. پريل ترڪش ڌڻل هوس ۽ هڪ هٿ ۾ ڏنش (تير ڪمان) ۽ ٻئي ۾ تلوار هئي، ان تي نالو پيو "چترنگ". سنسڪرت ۾ چتر معني چار ۽ انگ معني بت. چترنگ معني چئن بتن وارو: حقيقتاً بت چار ڪونہ هوس پر بهادر هو. چترنگ لفظ جو اچار پوءِ ڦري چوهاڻ ٿيو. هاڪارو راجا پرٿوي راج چوهاڻ راجپوتن سان هو.

اهڙيءَ طرح راجپوتن جي قوم ديوتائن جي مهرباني

Marfat.com

سان پيدا ٿي: ابوپهاڙ تي اگني ڪنڊ مان پيدا ٿيا، تنهن ڪري انهن کي "اگني ڪل" يعني اگني (باهم) جي ڪٽنب وارا به چئبو آهي. اها اگني ڪنڊ جنهن مان راجپوت پيدا ٿيل چوڻ ۾ اچن ٿا، سا اڄ تائين ابوپهاڙ تي قائم آهي ۽ اها راجپوتن لاءِ وڏو تيرٿ جو آستان آهي.

راجپوتن جي جنم جي ڪهاڻي هڪ ڏند ڪٿا آهي، جا پرانن ۾ ڏنل آهي ۽ ڪرنل ٽاڊ صاحب به اهائي ڏني آهي، چاڪاڻ ته سڄي هندستان جا راجپوت اها گالهه سچي ڪري مڃين ٿا (۱). پنهنجي هن حقيقت جي تصديق لاءِ هو ڪيترن شلا ليکن جا حوالا پيش ڪن ٿا. اهڙن ڄاڻن شلا ليکن جو احوال "ڏاو رياست" جي اتهاس ۾ آيل آهي. ابوجبل تي اچليشور مهاديو جي مندر ۾ هڪ ليک لکيل آهي، جنهن ۾ چاڻايل آهي ته پرمار دونهي مان پيدا ٿيو هو ۽ شترو ماريا هٽائين.

راجا مونج کان پوئين شلاليکن ۾ ۽ اتهاسڪ پستڪن ۾ پرمارن جي وڏي جو ابوجبل تي مهرشي وسشٺ جي اگني ڪنڊ مان پيدا ٿيڻ برابر ڏيکاريل آهي، مگر اها ڪلپنا به اتهاس جي انڌڪار ۾ ٻوڙ ڪيل معلوم ٿئي ٿي. پرمارن جي شلاليکن ۾ انهيءَ گهراڻي جي وڏي جو نالو ڏوم راج ڏيکاريل آهي. ڏوم معنيٰ دونهون، جو باهم مان پيدا ٿيندو آهي. شايد، انهيءَ ڪري، پرمارن جي وڏي جو اگني ڪنڊ مان پيدا ٿيڻ ۽ انهن جو اگني ونسي چوائڻ جي ڏند ڪٿا، ٻوڙ سن گهڙت ٿي هجي ته عجب ڪونهي (۲).

"پرٿوي راج راسا" ڪتاب موجب چار گهرانا ابوجبل

---

(۱) "سودن جي صاحبي يا راڻن جو راج" مسٽر پيرو مل مهرچند آڏواڻي صفحو ۱-۵.

(۲) "امرڪوٽ اتهاس" مسٽر تيج سنگ سولنڪي صفحو ۷۹.

Marfat.com

تي ڪيل يگيہ مان پيدا ٿيل آهن؛ جنهن بابت ڪن جو رايو آهي تہ پراچين کتري جي ٻڌ ڌرم ۾ شامل ٿي ويا هئا، تن کي شڌ ڪري آريہ ڌرم ۾ ورتو ويو هوندو، يا اهي چار گهراڻا بہ هُن، شاڪ ۽ ٻين وانگر ٻاهران آيل هوندا، جن کي برهمڻن شڌ ڪري، پنهنجي ڌرم ۾ ورتو هوندو؛ پر کوجنا ڪندڙ اگني ونس کي سوتنتر ونس نٿا مڃن. اگني ونس ۾ چارئي ڪل مڃيا وڃن ٿا، پرشلا ليکن ۽ پراچين اتهاسڪ گرنٿن ۾ چوهاڻ سورج ونسي (ڏسو ايپگرافيائنڊ ڀاڱو ٻيو صفحو ١١٩). (پرٿوي راج وجيہ ڪاويہ سرگ پهريون) (جرنل آف رايل ايشيائڪ سوسائٽي لنڊن سنہ ١٩٠٣ع). سولنڪي چندرونسي (ڏسو اوجها سولنڪيون ڪا پراچين اتهاس، ۴ سنبت ١٩٦۴) پڙهيار سوريہ ونسي (ڏسو رپورٽ آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا سنہ ٣-١٩٠۴ع صفحو ٢٨٠). پرمار برهم کتري ونسي (ڏسو پنگلا سوتر ورت) مگر مرهٽن جي ونساولي ۾ پرمان کي سوريہ ونسي لکيو اٿن (١).

ڪي يورپي اتهاس ليکڪ لکن ٿا تہ پرمار، پڙهيار، سولنڪي ۽ چوهاڻ راجپوت گوجرن جو اولاد آهن، جي آرين وانگر وچ ايشيا مان لڏي ڇهين عيسوي صديءَ جي اوائل ڌاري اتر هندستان ۾ آيا هئا (٢).

پرمارن جي مڃتا، تہ هو مهرشي وسشٽ جي اگني ڪنڊ مان پيدا ٿيا آهن، سا تاريخ دانن، ودوانن ۽ عالمن کي قبول ڪونہ آهي، هو ان کي من گهڙت سمجهن ٿا. ڇاڪاڻ تہ مالوا جي پرمار راجا مونج (سنبت ١٠٢٨-١٠٥۴ = عيسوي سنہ ٩٧١-٩٩٧ع) کي، راجا پنڊت هلايڌ "پنگل سوترورتي"

---

(١) "راجپوتانا اتهاس" هندي ڀاڱو پهريون سال ١٩٣٧ع صفحو ١٠.
(٢) "رايل ايشيائڪ سوسائٽي جرنل" ١٩٠٥ع، ڊاڪٽر رڊولف هورنلي صفحو ١٠-۴.

Marfat.com

پستڪ ۾، برهم کتر گهراڻي جو چيو آهي. انهيءَ شبد (لفظ) جي ويا کيا ڪندي، اتهاس ويتائن (تاريخدانن) ۾ ست ڀيد آهي. ڪي چون ٿا ته برهمڻ وسشٽ جي يگيه جي رکيا ڪرڻ واري ۽ راڪشسن جي حملي کي ٽارڻ واري کي راجپوت چيو ويو آهي. ٻيو هيءَ به رايو آهي ته هي ماڻهو برهمڻ ۽ کتري ٻنهي ذاتين جي گڏيل سنتان آهن، جو اهڙين شادين جو رواج اڳي هندن ۾ عام هو. يا اهي وڌرمي هئا ۽ برهمڻن جي ستڪار سان شڌ ٿي انهن کي ڇتري ڪيو ويو، انهيءَ ڪري انهي لاءِ "برهم کتر ڪلين" لفظ لاڳو ڪيو ويو (١). هڪ اها به معنيٰ ڪڍي وڃي ٿي ته جن جا وڏا برهمڻ مان کتري ٿيا هجن، انهن کي "برهم کتر" چوندا آهن يا انهن ماڻهن کي، جن ۾ برهمڻ ۽ کتري ٻنهي جا گڻ موجود هجن (٢).

مستر ڀيرومل لکي ٿو، ته "پنجين صدي جي پڇاڙي کان ستين صدي جي شروعات تائين سنڌ ۾ راءِ گهراڻي جا راجائون هئا، اهي اول شودر هئا پوءِ برهمڻي ڌرم کي مڃڻ لڳا ته برهمڻن سندن شڌي ڪري کتري بنايو. اهي اگني ڪل مان پيدا ٿيا، جنهن ڪري اگني ڪل مان پيدا ٿيل کتري راجپوت سڏجڻ ۾ آيا. ان کان ٿورا ورهيه اڳ چيني مسافر هوان شيانگ، ٦٤٠ع ۾ هندستان ۾ اچڻ وقت، راءِ سهاسي ٻئي جي ڏينهن ۾ سنڌ ۾ آيو هو. هن پنهنجي سفرنامي ۾ ڄاڻايو آهي ته سنڌ جو راجا شودر هو (٣)".

سولنڪي، پاڻ کي اگني ونسي چوائين ٿا ۽ پنهنجو مول پرش چولڪيه سمجهن ٿا، پراڳين شلا ليکن، ٽامي پترن،

---

(١) "وقائع راجستان" اردو ڀاڱو پهريون مولوي حڪيم نجم الغني لکنو سال ١٩٢٥ع صفحو ٤٩.

(٢) "امرڪوٽ اتهاس" صفحو ٧٩.

(٣) "سنڌ جي هندن جي تاريخ، ڀاڱون پهريون، صفحو ٣٦.

Marfat.com

۽ اتهاسن ۾ اگن ونسي ڄاڻايل ڪونہ آهن (١)۔ چوهاڻ بہ اگن ونسي چوائين ٿا، پر سورهين صديءَ جي مليل شلا ليکن ۾ ڪٿي بہ ائين ڄاڻايل ڪونهي۔

٢- راجپوتن جا ٣٦ ونس

اگن ڪل مان پيدا ٿيل راجپوتن جون چار ذاتيون: پرمار، پڙهيار، سولنڪي ۽ چوهاڻ، پوءِ ڇهہ ٿيون، مگر هاڻي وڌي ڇٽيهہ ٿيون آهن:

١- اکيہ واڪ يا سوريہ۔ ٢- اندوشوم يا چند رونس۔ ٣- گهاوت ٢٤ ساکون۔ ٤- يدو ٤ ساکون ٥- تنور ١٧ ساکون۔ ٦- راٺوڙ ١٣ ساکون ٧- ڪشواها يا ڪڇواها۔ ٨- پرمار ٣٥ ساکون۔ ٩- چوهاڻ ٢٦ ساکون۔ ١٠ سولنڪي يا چالوڪ ١٦ ساکون۔ ١١- پڙهيار ١٢ ساکون۔ ١٢- چاوڙا هڪ ساک۔ ١٣- ٽانڪ يا تکيڪ۔ ١٤- جوٽ، جيٽي، جاٽ۔ ١٥- هُن يا هڻ۔ ١٦- ڪاٺي۔ ١٧- بلا۔ ١٨-جهالا ٢ ساکون ١٩- جيٺوا يا ڪامري۔ ٢٠- گوهل۔ ٢١- سرويا۔ ٢٢- سلار۔ ٢٣- ڏاٻي۔ ٢٤- گوڙ ٥ ساکون۔ ٢٥- ڏوڙا۔ ٢٦- گوهر وال۔ ٢٧- ٻڙگوجر ٣ ساکون۔ ٢٨- سينگر هڪ ساک۔ ٢٩- سيڪروال هڪ ساک۔ ٣٠- ويس هڪ ساک۔ ٣١- ڙاهيا۔ ٣٢- جوهيا۔ ٣٣- موهل۔ ٣٤- نڪومپ۔ ٣٥- راجپالي ٣٦- ڏاهيا، جا ساک هينئر گم ٿي ويئي آهي۔ انهن کان سواءِ هول ۽ ڏاهريا ٻيا ٻہ ڪل آهن۔

ڪيترن راجپوت ڪُلن جون ساکون ڪونہ آهن، انهن کي 'اڪا' چوندا آهن، جي سڄي قوم جو ٽيون حصو آهن۔

---

(١) "اتهاسڪ گرنٿ مالا پستڪ" پهريون صفحو ٣١٣۔

Marfat.com

۳- پرمارن جون ۳۵ ساکون

پرمارن جون ۳۵ ساکون آهن: ۱- سوريه (هن مان چندرگپت ٿيو هو). ۲- سوديا (يات يعني ٿر جا راجا) ۳- سانکلا (۱) پونگل جا جاگيردار ۽ پيا ڪيترا مارواڙ ۽ رهن ٿا. ۴- ڪير، انهن جي واڌاڻي ڪيرارو هئي. ۵- آسرا يا سومرا، هاڻي مسلمان آهن. ۶- وهل، چندراورتي جو راجا. ۷- سيپاوت، ميواڙ ۽ پيجولي جا جاگيردار. ۸- پلهر، اتر هندستان ۽ آهن. ۹- ڪابا، اڳي سوراشٽر ۽ هنا ۽ ٿورا هاڻي هروهي ۽ آهن. ۱۰- آنٽ، مالوا ۽ آمٽ واڙا جو راجا. ۱۱- ريهور. ۱۲- ديوڙا. ۱۳- سورٽيا. ۱۴- هرير، مالوا ۽ نندا نندا جاگيردار آهن. ۱۵- چونرا. ۱۶- ڪيچڙ. ۱۷- سوڪڙا. ۱۸- پرڪوٽا. ۱۹- پوجا. ۲۰- سمپل ۲۱- پيچا. ۲۲- ڪالپسر. ۲۳- ڪالموهه. ۲۴- ڪوهلا. ۲۵- پويا. ۲۶- ڏونڊ. ۲۷- ڪهوريا. ۲۸- ڏيوڙ. ۲۹- پرهر. ۳۰- جيپرا. ۳۱- پوسرا. ۳۲- ڏوتا. ۳۳- رڪموا. ۳۴- ٽيڪا. ۳۵- اها ساڪ هاڻي ڪونه آهي.

۴- راجپوت لفظ جو بنيان

راماڻن ۽ مهاڀارت جي وقت ڪان وٺي، چيني ياتري هوئن نشانگ (۶۲۹-۶۴۵ع) جي هندستان ۽ اچڻ تائين، راجپوت اڪر ڪم نه ايندو هو (۲). پراڻن ۽ ٻين اتهاسن ۽ واڇينه بدران ڪتري لفظ ڪم ايندو هو. ويد ۽ اپنشد ۽ واڇينه لفظ

---

(۱) "امرڪوٽ اتهاس" صفحو ۱۱ ۽ سوديو (سوديا) سانڪلور (سانڪلا) ۽ باگهه (واگهيلا) راجا باهڙ جا پٽ ڏيکاريل آهن، پر "ناد راجستان" گجراتي ياڳو ٻهريون صفحو ۶۸۰ ۽ واگهيلن کي سولنکي ونس جي هڪ ساک ڄاڻايو ويو آهي.

(۲) "بڌست رڪارڊس آف دي ويسٽرن انڊيا" ياڳو ٻيو صفحو ۲۵۶

Marfat.com

ڪم ايندو هو. سوترڪال ۾ ڪٿي ڪٿي "اگر" اکر ڪم آندل آهي. جين گرنٿن ۾ به ٦٠٠ع کان ١٢٠٠ع تائين راجپوت لفظ ڪم آندل نه آهي. "پرٿوي راج راسا" ڪتاب (جو چاند بردائي چارڻ لکيو آهي) ۾ به راجپوت لفظ ڪم آندل ڪونهي. مسلمانن جي اچڻ تائين راجائون پاڻ کي کتري چوائيندا هئا ۽ پوءِ راجپوت آکر ڪم اچڻ لڳو (١). راجپوت لفظ جي معني آهي "راجه پتر" يعني راجا جو پٽ.

۵ـ 'سنگھ' لفظ جو بنيان

کتري پنهنجي نالي جي پٺيان سنگ، سنگھ لفظ گڏيندا آهن: سنگھ لفظ جي معني آهي شينهن يعني بهادر. هن لفظ جو بنياد ٽين وڪرمي صدي کان ملي ٿو، جڏهن ايران جي راجا هندو سيتا کي پنهنجو ڪري پنهنجي نالي سان گڏ سنگھ لفظ ويرتا جي ڪري لڳايو. پهريائين گجرات، راجپوتانا، مالوا، ڪاٺياواڙ ۽ دکن ۾ راج ڪرڻ واري شاڪ جاتي ايراني کترب ونسي بهادر راجا ودو داما جي پٽ، مها پرتابي راجا ودسنگھ جي وقت (شاڪ سنبت ١٠٣ ـ ١١٨ = وڪرمي سنبت ٢٣٨ ـ = عيسوي سنه ١٨١ ـ ١٩٦) جي ملهل شلا ليکن ۽ سڪن ۽ شاڪ سنبت ١٠٣ وڪرمي ٢٣٨ ويساک سنڌي پنچم ۽ عيسوي ١٨١ جي ملهل شلا آهيک ۾ ان جي نالي سان گڏ سنگھ اکر لکيل ملي ٿو (ڈسو پائونگر انسڪرپشنس صفحو ٢٢). مالوا جي پرمار راجائن جي نالي جي پڇاڙيءَ ۾ سنگ لفظ لڳائڻ جو رواج، وڪرمي ١٠ صدي ۾، ميواڙ جي گهلوٽن ۾ ١٢ صدي ۾، ڪڇواهن ۾ ١٢ صدي جي پڇاڙي ۾، چوهاڻن ۾ تيرهين صديءَ ۾، ۽ ماروار جي راٺوڙن ۾ ١٧ صدي ۾ جاري ٿيل سمجهجي ٿو. راجپوتن جي ڪري سکن جي ڏهين گرو

(١) "راجپوتانا اتهاس"، هندي، پاڻگو پهربون، صفحو ٨.

Marfat.com

گوبند سنگهه (سنبت ۱۷۲۲ـ۱۷۲۵) اوڙهين صديءَ ۾، سکن ۾ سنگهه لفظ ڪم آندو. ڪهڙي به ڌرم جو ماڻهو سک پنٿ ۾ آيو ته ان جي نالي جي پٺيان سنگهه لفظ ضرور لڳائيندا آهن (۱).

٦- پرمارن جي حڪومت

پرمار راجپوت، جو اندر ديوتا جي ڪرپا سان اگني ڪنڊ مان پيدا ٿيو، تنهن دانو ۽ اسسرن (سٿين) لوڪن کي ماري، برهمڻن جو بچاءُ ڪيو ۽ هن پوءِ نه رڳو ابو پهاڙ ۽ ان جي آس پاس وارن ملڪن تي حڪومت ڪئي، پر هو ساري اتر هندستان جو راجا ٿيو. "پرٿوي پرمارن جي آهي" اها مشهور ڪهاوت آهي. انهن جو وڏو راڄ هو، تنهن ڪري هنن جا پويان، راجپوت يعني راجا جا پٽ سڏجڻ لڳا.

عالمن جو خيال آهي ته شايد پرمار پهريائين اتر ۾ هجن ۽ اتان ڌارين جي ڪاهن ڪري ستين صدي ڌاري راجپوتانا ۾ آيا هجن. آبو ۽ ان جي چوگرد سروهي، پالنپور، مارواڙ ۽ دانتا رياستن جي ڪيترن ڀاڱن تي انهن جي حڪومت هئي. انهن جي راڄڌاني چندراوتي هئي، جا آبو روڊ ريلوي اسٽيشن کان ۴ ميل ڏکڻ ۾ آهي. ٽاڊ راجستان ۾ لکيل آهي ته "پرمارن جي وهل ساک جو راجا اتي راڄ ڪندو هو". ڪي يورپين ليکڪ چون ٿا ته ستين صديءَ ۾ پرمارن اتر کان هڪالجي آبو وٽ ڀيلن کي ڀڄائي چندراوتي جو راڄ ٺاهيو يا هٿ ڪيو ۽ هڪ شاخ مالوا ۾ به پنهنجو اڌڪار ڄمايو" (۲).

پرمار کان سواءِ ٻيا جوان، جي اگني ڪنڊ مان پيدا

(۱) "راجپوتانا اتهاس" هندي ڀاڱو پهريون فوٽ نوٽ صفحه ۱۰۷.
(۲) "راجپوتانا اتهاس" هندي ڀاڱو پهريون صفحه ۱۱.

Marfat.com

ٿيا تن به راڄ ڪيو: جيئن ته پڙهيار راجپوتن مارواڙ پاسي پنهنجو راڄ برپا ڪيو. اهڙيءَ طرح اگني ڪنڊ مان جيڪي بهادر پيدا ٿيا تن سڀني راڄ ڪيو، تنهن ڪري سڀني جي اولاد تي راجپوت نالو پيو ۽ پوءِ هر ڪو پنهنجي وڏي ڏاڏي جي پٺيان پرمار راجپوت، چوهاڻ راجپوت وغيره سڏائڻ لڳو.

پرمار ۽ هن کان پوءِ جيڪي ست پيڙهيون ٿيون، تن ابوپهاڙ ڏي راڄ ڪيو، مگر پوءِ سندن اٺين پيڙهي راجا چندرسين پيدا ٿيو، جنهن پنهنجو گاديءَ جو هنڌ ابوپهاڙ مان ڦيرائي مالوا طرف "ڌارانگر" ۾ ڪيو، جنهن بابت چيل آهي ته:

"جهان پرمار تهان ڌار اور ڌار تهان پرمار
ڌار بنا پرمار نهين اور نهين پرمار بنا ڌار".

راجا چندرسين کان پوءِ چوٿين پيڙهي راجا ڀيمڪ ٿيو، جنهن جي نياڻي رڪمڻي جو وهانءَ سري ڪرشن سان ٿيو هو، جنهن کي اٽڪل پنج هزار ورهيه ٿيندا. ان وقت سنڌ جو راجا جئدرٿ هو، جو پڻ کتري هو ۽ دهليءَ جي راجا ڌرت راشٽر جي ڌيءَ سان پرڻيو هو ۽ مهاڀارت جي لڙائيءَ ۾ ارجن جي هٿان مئو هو.

راجا ڀيمڪ کان پوءِ اٺين پيڙهي جيڪو راجا ٿيو تنهن پنهنجي گادي جو هنڌ ڌارانگر مان ڦيرائي اجين ۾ ڪيو. جيئن ته چوڻي آهي ته:-

"پرٿوي پنوارتڻي اني پرٿوي تڻي پنوار،
ايڪا آبوگڍ ٻيڻو دوجي اجيڻي ڌار".

هن کان پوءِ ڏهين پيڙهي راجا ڀرتري ۽ راجا وڪرماجيت پيدا ٿيا. راجا وڪرماجيت ۽ سندس پوئين، سورهن پيڙهيون اجين ۾ راڄ ڪيو، مگر پوءِ راڄڌاني ڦيرائي، ٻاڙمير جي نزديڪ "جهوني گڍ" ۾ ڪيائون، جو هاڻي ڦٽو پيو آهي. ٿورن سالن بعد هنن جهوني گڍ کان ٧ - ٨ ميل پري "ڪيرارو"

Marfat.com

نالي شهر پنهنجو تخت گاهه ڪيو. اهي راجپوت اڳي جڏهن آجين ۾ هئا، تڏهين مهاراجا ۽ راجا سڏبا هئا، مگر ڪيرارو ۾ اچڻ کان پوءِ هو ”راءِ“ سڏجڻ لڳا ۽ سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ ”راڻا“ سڏجڻ لڳا.

جوڌپور رياست ۾ شيو ۽ ڪوٽڙو ٻه شهر هڪ ٻئي سان لاڳيتو آهن، تنهنڪري ٻنهي کي گڏي ”شوڪوٽڙو“ چوندا آهن. پرمارن پنهنجي گادي ڪيرارو مان ڦيرائي شوڪوٽڙي ۾ ڪئي. اتي تنهن وقت چار راڻ نالي راجا هو جنهن کي ٻه پٽ ۽ ٽين نياڻي هئي: ڪن جي چوڻ موجب وڏي جو نالو سوڍو، جنهن جو اولاد ”سوڍا“، ۽ ننڍي جو نالو سانکلو هو، جنهن جو اولاد ”سانکلا“ سڏجن ٿا، جي جوڌپور ۽ بيڪانير پاسي گهڻا آهن. ٿرپارڪر ضلعي ۾ سوڍا راجپوت گهڻا آهن، ۽ اهي پنهنجي وڏي ڏاڏي پرمار جو نالو گڏي پاڻ کي پرمار سوڍا راجپوت سڏائيندا آهن.

ڪن اتهاسن ۾ لکيل آهي ته دوم راجا جي ونس مان، آبوءَ جو پهريون راجا سڌو راج ڏهين صديءَ جي پڇاڙي ۾ ٿيو. سڌو راجا کان پوءِ راجا ڌرڻي براهه ٿيو، جنهن جي نالي راجپوتانا ۾ ائين مشهور آهي ته هن کي نَوَ ڀاءُ هئا، جن کي هن پنهنجو راڄ ورهائي ڏنو ۽ انهن نون راڄڌانين جي ڪري نَوَ ڪوٽي (نون ڪوٽن واري مارواڙ) مشهور ٿي. انهيءَ بابت هڪ ڇند به آهي:

”سنڌوور سانوت هئو اجمير سنڌو سو،
گڍ پونگل گجمال هئو لودروي ڀانڀو.
آل پال اربڌ ڀوڄراج جالنڌر،
جوگراج ڌر ڍاٽ هوئا هانسو پارڪر،
نوڪوٽ ڦراڙو سنجو گتا ٿر پنوار ٿا پيا،
ڌرڻي براهه ڌرڀائيان ڪوٽ بانٽ جوُجوُڪيا.“

Marfat.com

ٿر جي سوڍن وٽ جي دستخط احوال آهن، تن مان معلوم ٿئي ٿو تہ وڪرمي سنبت ١٠٥٤ = ٩٩٦ عيسوي ڌاري، الور، امرڪوٽ، ننگرپاركر، مارواڙ جي راجا ڏوٽي براهہ جي هٿ ۾ هئا ۽ پٽس جوگراج امرڪوٽ تي راج ڪندو هو (١).

٩٧٤ع عيسوي ڌاري آبو جي پرمار راجا ڏوٽي براهہ جو وڏو پٽ مهي‌پال عرف ديو واج آبو جو راجا ٿيو. ڏوٽي برهہ جي ٻئي پٽ باهڙ (هن کي چهڙواڻ، چاڙواڻ يا چاروڻ بہ چوندا هئا) کي ٽي پٽ هئا: سوڍو، سانکلو ۽ باگهہ. سوڍي جو اولاد سوڍا، سانکلي جو اولاد سانکلا مشهور ٿيا (راجپوتن جون ساکون اهڙي طرح وڏن جي نالن تي ۽ ڪن حالتن ۾ ڳوٺن جي نالن تي مشهور آهن ۽ سڏجن ٿيون) جيئن تہ ڏوٽي براهہ جو وڏو پٽ مهپال آبو جو راجا ٿيو ۽ ٻئي پٽ باهڙ کي ڪجهہ بہ ڪونہ مليو، تنهن ڪري هو وڃي راڏنپور ۾ رهيو، جتان سندس وڏو پٽ نالي سوڍو سنڌ ڏي آيو (٢).

٧- امرڪوٽ تي پرمارن جي حڪومت

امرڪوٽ جي پراچين اتهاس جي پوري خبر ڪانهي، پر ڪن اتهاسن ۾ ٿورو احوال آهي، جنهن مان خبر پوي ٿي تہ ڇهين صدي عيسوي ڌاري، اتي پرمارن جي حڪومت هئي. لدروي ۽ پوڱل جي يدو ونسي راجا منڌر راءِ امرڪوٽ جي پرمار راجا سوڍ جي ڪنيا سان وهاڻ ڪيو (٣). منڌر راءِ کي انهي واڌيءَ سان ٽي پٽ ڪيهر، مولراج ۽ گوگلي نالي

---

(١) "سنڌي بولي جي تاريخ" مسٽر ڀيرومل مهرچند آڏواڻي صفحو ٢٢٥.
(٢) "امرڪوٽ اتهاس" صفحو ١١.
(٣) "نادر راجستان" هندي پاٺڪو ٻيو صفحو ١١٨٦ - ١١٨٧ بحواله امرڪوٽ اتهاس.

Marfat.com

ٽيا (١)•

سنہ ٩٩٧ع=١٠٥٤ سنبت ۾ ماروڙ جي راجا ڏرڻي براهم، پرمار ماروڙ جي نون قلعن جي ورهاست پنهنجن نون پاڻن ۾ ڪئي• ان وقت امرڪوٽ جوگراج پرمار کي حصي ۾ ملیو•

جيسلمير جي اتهاس ۾ آيل حقيقتن مان معلوم ٿئي ٿو ته يارهين صديءَ جي شروعات ۾ به امرڪوٽ تي پرمارن جي حڪومت هئي• ان وقت ڏکڻ ڏر، يعني هاڻوڪي مٺي ۽ ڏيپلو ۽ چاچري شهر ڪان اولهه سڄي ملڪ تي سومرن جو راج هو، جنهن کي "ديرڪ" پرگٹو چوندا هئا، جن پوءِ پرمارن ڪان امرڪوٽ به هٿ ڪيو• چاچري ڪان اوپر ڪائڙ تي راٹوڙن جو راج هو ۽ پارکر تي پرمارن جو قبضو هو•

سومرن، امرڪوٽ ۽ٽي پنهنجي گاديءَ جو هنڌ ڪيو ته آهستي آهستي ڏکڻ ڏر ۾ سندن زور گهٽجي ويو ۽ اتي ڪجهه وقت بعد ڪواٹا راجپوتن زور ورتو، ۽ ملڪ تي قبضو ڪري ڪيرني (٢) ۾ گاديءَ جو هنڌ ڪري ويٺا. جن مان ڪيسر ڪواٹو مشهور راجا ٿيو آهي.

٨- ڏر جو آباد ٿيڻ

ڏر بابت جيتري قدر تاريخي حقيقتون ملي سگهن ٿيون، ان مان پتو پوي ٿو ته امرڪوٽ ۽ پارکر ڪمام جهونا وسايل پاڳا آهن• پارکر واري پاڳي ۾ جيڪي هندن جا تيرٿ آستان آهن، تن جو ذڪر هندو ڌرمي ڪتابن (پراڻن) ۾ به آهي• اهي آستان جينين جا ٺهرايل آهن. پاري ننگر جو اتهاس تمام جهونو آهي ۽ امرڪوٽ بابت به ڪيترن اتهاسن

---

(١) "تاڊ راجستان" گجراتي پاڳو ٻيو صفحو ٣١٧-

(٢) مٺي تعلقي ۾ مٺي شهر کان ١٦ ميل ڏکڻ طرف ننڍو ڳوٺ آهي.

Marfat.com

ء آڳاڻو احوال ملي ٿو. باقي ٿر جي وچ وارو ذڪر به پراڻن ڪنڊرن، ڪوهن ۽ ٻين نشانن مان سمجهجي ٿو ته وسندڙ ۽ آباد هو.

ٿر ۾ ڀهڙيائين پرسار واڇپوتن جي حڪومت هئي، ان بعد سومرا راجپوت قابض هئا. ١١٢٥ع ۾ سوڍا راجپوت ٿر ۾ آيا، جن اول امرڪوٽ هٿ ڪيو ۽ پوءِ ان جو آس پاس وارو ملڪ هٿ ڪري پارڪر ڏي ويا. ان کان اڳ، وڇيون ٿر ڪڏهين آباد ته ڪڏهين ويران پئي رهيو ۽ منجهس ڦورو ۽ چور اچي پناهه ونڊندا هئا. راجپوتن جي اچڻ بعد پيل به آيا، جي انهن جي ملٽري يا جنگي سپاهي هئا، جن هتي اچي ٻنيون ڪيون ۽ پنهنجا ٽر يعني ڪوهه ڪوٽي ڳوٺ ٻڌي ويٺا ۽ پوءِ ڪوسا به اچي رهيا. هندن مان راجپوت، پيل، ڪولهي، مينگهواڙ، برهمڻ، ڪراڙ (مهيشوري)، سونارا، نائي، چارڻ، سونهڙ، جاٽ، مالهي، ۽ بجير سپ ماروارڙ کان آيل آهن. لهانا ۽ ساوسوت برهمڻ، ميرن جي ڏينهن ۾ سنڌ کان ملازمت ۽ واپار جي سانگي اچي رهيا.

مسلمان قومون، ڪومن کان سواءِ گهٽو ڪري ڪلهوڙن ۽ ميرن جي حڪومت يا ڪجهه وقت اڳ آيل آهن. ۽ ڪي ذاتيون تازو هندن مان مسلمان ٿيل آهن، جهڙوڪ: سنگراسي، ڏوهت، پٽي، ڪيلهن، چوهاڻ، نهل، نرا، بجير وغيره جي راجپوت هئا، انهن ذاتين تي اڃا اهو هندڪو نالو رکيل آهي.

جيڪي ماڻهو ايندا ويا، تن مان گهڻا ماروارڙ کان آيل آهن، جو الي سخت ڏڪار پوندا هئا، جنهن ڪري گذران جي ارادي سان به آيا ۽ ڪي ٻين سببن جي ڪري به آيا هوندا.

جيڪي آيا سي سڀ ٿين ڪري پنهنجا ڳوٺ ٻڌي رهاڪو ٿيندا ويا. ٿر جي موجوده شهرن، جهڙوڪ: ٽنڊي،

Marfat.com

ڏيپلو، چاچرو، چيلهار، اسلامڪوٽ، ڪانڀيو ۽ گيڙو وغيره تازا وسايل آهن، جن جو بنياد ٿن چٽن سون سالن جي اندر آهي.

امرڪوٽ، پاري ننگر، ننگر پارڪر، پوڏيسر، ويرا واهه، ڪيرڙي ۽ هنجتل وغيره (۽ ٻيا ڪي شهر هوندا جن جو اتهاس نٿو ملي) جهونا وسايل آهن.

Marfat.com

باب ٽيون

ٿر ۾ سومرن جي حڪومت

١- امرڪوٽ تي سومرن جي حڪومت

يارهين صديءَ جي وچ ڌاري يا ان کان ٿورو اڳ، امرڪوٽ تي پرمارن کان سومرا راجپوتن حڪومت هٿ ڪئي. اُن بابت سربستو احوال اتهاسن مان نٿو ملي، پر "ٽاڊراجستان" موجب انهن ۾ هاڪارو راجا هميرسنگ سومرو ٿيو آهي (١)، جنهن پنهنجي فوج سميت پونگل جي يدوونسي راجا دوساجي (جو سنبت ١١٠٠ ۾ گاديءَ تي ويٺو) جي ملڪ تي، ١٠٤٣ع ۾ ڪاهي ڦرمار ڪئي. دوساجي کي جڏهين اها خبر پيئي تڏهين هميرسنگ کي قاصد رستي چوائي موڪليائين، ته پنهنجي ڪيتري وقت کان دوستي آهي ۽ وري توهان منهنجي راڄ ۾ ڦرمار ڪريو، اهو چڱو نه آهي. پر هميرسنگ هن جي ڳالهه نه مڃي، تڏهين دوساجي ڪاوڙجي راڄڌاني ڍاٽ (امرڪوٽ) تي ڪاهي ويو ۽ هميرسنگ کي شڪست ڏنائين ۽ ڦرمار ڪري موٽي ويو (٢).

ڪڇ جي ڪيرٽي گڍ (٣) جو راجا وير ويهياس مڪواڻو

---

(١) "امرڪوٽ اتهاس" صفحي ٢ ۾ نالو سميرسنگ آهي، شايد پروف جي غلطي هجي

(٢) "وقائع راجستان" اردو ڀاڱو ٻيو، صفحو ٩٠.

(٣) ٿر جي بزرگن کان روبرو پڇائن ڪرڻ بعد معلوم ٿيو آهي ته ڪيرني گڍ ڪڇ ۾ ڪونه آهي، پر ٿر ڊويزن ۾ مٺي تعلقي ۾ مٺي

(بقايا صفحو ٤٢)

Marfat.com

سخت بيمار ٿيو ۽ ڪيترو وقت سڪرات ۾ رهيو، پر سندس ساهه نڪتوئي نٿي، تنهن تي سندس پٽ ڪيسر چيو ته ”پتاجي شانت ٿيو، توهان جي دل ۾ جيڪا به پڇاڙيءَ جي تمنا هجي سا ٻڌايو، اميد ته پوري ڪئي ويندي“. اهو ٻڌي پڇاڙي دم کئندڙ راجا چوڻ لڳو ته ”همير سومري سان لڙي کيس جيتڻ جي اڇا هئم، ڇاڪاڻ جو هڪ دفعي همير منهنجي برخلاف راجا پونئري کي مدد ڪئي هئي، پر اوچتي موت اچڻ ڪري اها سڌ پوري نه ٿي. هاڻي هن جا گهوڙا آڻي منهنجي پهرئين تيرهئي تي، ڀاڻن ۽ چارڻن کي دان ڪرڻ جو وچن ڏين ته منهنجو جيءُ گتي ٿئي“. ڪيسر اهڙو وچن ڏنو ته سورويو سردار سرڳ پڌاريو.

ڪيسر ٻئي ڏينهن پنهنجن ماڻهن سان روانو ٿيو ۽ همير جا گهوڙا ڪاهي آڻي تيرهئي جي ڏينهن ڪيرٽي گڏ جي ڀاڻن ۽ چارڻن کي دان ۾ ڏنا. ڪيسر وري ٻيو دفعو به ڪاهي ويو ۽ ڪيتريون ڏاچيون ڪاهي آيو. وري ٽئين دفعي امرڪوٽ تي ڪاهي ويو ۽ همير سومري جي گهراڻي جون سومريون عورتون، جي دسهڙي جي پوڄا ڪري رهيون هيون، تن کي زوري کڻي آيو. انهن زالن کي موٽائڻ لاءِ

(آندل صفحه ۴۱)

شهر کان ۸ ڪوهه ڏکڻ ڏي آهي، جنهن کي هن وقت «ڪيرٽي» سڏين ٿا، جتي ڪيسر مڪواڻي جي ڪوٽ جا نشان اڄ به ڏسجن ٿا. هتي ڪيترا کٽي رهندا هئا جي ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ جنهن تلاءُ جو پاڻي ڪم آڻيندا هئا، ان کي اڄ تائين «کٽين جو تلاءُ» چون ٿا. هتي پٿرن جو قلعو هو جو ڊهي ويو آهي؛ ڀتين جا نشان ظاهر آهن. گجراتي اتهاس ۾ هن جو نالو «ڪئرنٽي گڏ» ۽ «ڪڙلي ننگر» لکيل آهي. هن ٽڪر جو گهڻو ڪڇ سان حڪومتي لاڳاپو رهيو آهي جنهن ڪري ڪڇ جو راڄ لکيو ويو آهي، يا شايد اهو ٽڪر گهڻو وقت ڪڇ راڄ جي زيرنظر رهڻ ڪري ائين لکيو ويو آهي. ڏکڻ ٿر تي گهڻو وقت حڪومت جو اثر ڪڇ جو پئي رهيو آهي.

Marfat.com

همير سومرو وڏي لشڪر سان چڙهائي ڪري ويو. ڪيسر بهادريءَ سان وڙهندي مارجي ويو ۽ همير کي فتحيابي ملي. ڪيسر جو پٽ هرپال، پنهنجن ٿورن ماڻهن سان پنهنجي ماسات گجرات جي راجا، ڪرڻ سولنڪيءَ وٽ، ۱۰۵۵ع (۱) ۾ ڀڄي ويو ۽ راجپوت زالن جوهر ڪيو، جن سان گڏ سومريون به ستيون ٿيون ۽ همير سومرو خالي واپس موٽيو (۲).

همير سومري جاسل نالي هڪ ڇوڪريءَ کي زوري کڻي پاڻ وٽ قابو ڪيو، جنهن کي ڇڏائڻ لاءِ ڪاٺياواڙ جي راجا راءِ نوگهن ۱۰۲۰ع ۾ امرڪوٽ تي ڪاهه ڪئي جا حقيقت هن موجب آهي.

۲- راءِ نوگهن جي امرڪوٽ تي ڪاهه.

راءِ ڪنوات جو پٽ راءِ دياس (راءِ ڏياچ) سن ۱۰۰۳ع ۾ گرنار ڪوٽ (جهوناڳڙهه کان ۳ ڪوه اوڀر طرف) ۾ ڪاٺياواڙ جي گاديءَ تي ويٺو. هي ذات جو سمو هو. انهن کي سندن وڏي ڏاڏي چوڙا جي پٺيان "چوڙا سما راجپوت" سڏيندا هئا. اهي اصل سنڌ جا هئا. راءِ گهراڻي جي راڄ کان پوءِ ڪي سما ڪاٺياواڙ ڏي ويا ۽ اتي پنهنجو راڄ قائم ڪيائون. راءِ ڏياچ ست سال بادشاهي ڪرڻ بعد سنه ۱۰۱۰ع ۾ پنهنجو سر وڍي ٻيجل کي ڏنو. هن جي مرڻ کان پوءِ گجرات جي حاڪم، جهوناڳڙهه جي حڪومت پنهنجي هٿ ڪري، ويرل سنگ نالي هڪ صوبو مقرر ڪري پاڻ،

---

(۱) «تاريخ ڪاٺياواڙ» ڪلپٽن وليم ولبر فورس بيل صفحو ۶۶.
(۲) گجراتي ڪتاب «ويرني واتو» ڀاڱو پهريون صفحو ۱۸، سال ۱۹۲۸ع، «سنڌ جي اتهاسڪ آکاڻين جو گجراتي ڪتاب» سال ۱۹۳۲ع، صفحو ۲۲ بحواله «امرڪوٽ اتهاس» صفحو ۱۵ ۽ «ڪڇ جو اتهاس» گجراتي، صفحو ۶۲.

Marfat.com

انهلواڙ ڏي موٽي ويو. دشمن جي ڪاهه وقت راءِ ڏياچ جي هڪ راڻي پنهنجي ننڍي پٽ "نوگهن" سوڌي هڪ اهير جي گهر ۾ وڃي پناهه ورتي. اهير معنيٰ ڳنوار، پر هي اهير جنهنجو نالو "ديوايت" هو، سو هڪ جنگي جوان هو. سندس گهڻا ذات وارا، راجا راءِ ڏياچ جي جنگي کاتي ۾ عملدار هئا، جن، راءِ نوگهن کي گاديءَ تي وهارڻ جو موقعو پئي ڳوليو. هن وفادار اهير، راڻي ۽ راجڪمار جي تمام چڱيءَ طرح سنڀال ڪئي.

گجرات جي حاڪم جي ڀاران جهوناڳڙهه ۾ جيڪو صوبو هو، تنهن کي ڪٿان خبر ملي ته ڪمار نوگهن ماءُ سميت ديوايت اهير وٽ لڪل آهي. هن کي ڊپ لڳو ته متان ڪنهن وٽ هن جا همدرد سندس طرف وٺي ڪو دنگو فساد ڪن، تنهن ڪري ديوايت کي گهرائي هن کي حڪم ڏنائين، ته اهو راجڪمار هڪدم اسان جي حوالي ڪر، نه ته هن وقت لشڪر موڪلي تنهنجو سڄو گهر ناس ٿو ڪرايان. ٻي ڪا واهه نه ڏسي، راجڪمار ڏيڻ قبول ڪيائين، پر اوڏي مهل هڪ ڀروسي واري ماڻهو کي سمجهائي پنهنجي گهر موڪليائين، ته راجڪمار جي پوشاڪ منهنجي پٽ 'وسڻ' کي پهرائي کيس وٺي اچ. وسڻ شاهاڻو ويس پهري اچي حاضر ٿيو. صوبي سمجهيو ته اهوئي راجڪمار آهي، سو ديوايت کي حڪم ڏنائين ته هن کي منهنجي روبرو اٿي تراو سان قتل ڪر. هينئر ديوايت ۽ وسڻ لاءِ آزمائش جو وقت هو: ڪير جيڪر ٻئي جي لاءِ پنهنجو سر ڏئي ۽ ڪير جيڪر پنهنجو سڪيلڏو پٽ پنهنجي هٿن سان ڪهي! لاچار صوبي جي حڪم تي، راجڪمار جي بچاءُ لاءِ، ديوايت پنهنجي دل تي پٿر رکي پنهنجو پيارو پٽ هٿن سان ڪهي قربان ڪيو. وسڻ به ماٺ ميٺ ۾ پنهنجو ڪنڌ ڪلهن کان ڪورائي، پنهنجي رت سان

Marfat.com

ڪاٺياواڙ جي تاريخ جا ورق رڱي ويو.

ديوايت پنهنجو پٽ هنئين صدقي جي ٻڪري ڪري ڇڏيو، پر اوڏي مهل ئي پنهنجي دل ۾ هي پرن ڪيائين ته جيئن پنهنجو ٻچڙو ڪٺو اٿم، تيئن جڏهين هن صوبي ويرل سنگ کي ڪهي کيس دوزخ جا در ڏيکاريندس، تڏهين منهنجو ٺپ ٺرندو. ڏهه ورهيه هن ڳالهه کي ٿي ويا، پر هن کي پنهنجي قول پوري ڪرڻ جو وجهه نه مليو. اهي ڏهه ئي ورهيه نوگهن هن وٽ لڪل رهيو، هاڻي هو به اچي ڪجهه وڏو ٿيو.

ديوايت کي جاسل نالي هڪ نياڻي هئي، جا نوگهن جي پناهه وٺڻ وقت ننڍي هئي، سا هاڻي وڏي ٿي، ته سندس پيءُ کيس سنڌ ۾ مڱايو. سگهوئي پوءِ وهانءُ جا سانباها ٿيا. انهيءَ موقعي تي ڪٿان ڪٿان جا اهير اچي گڏ ٿيا. ديوايت ڏٺو ته هاڻي وجهه آهي، تنهن پنهنجن ڀائرن کي گوشي ۾ چيو ته منهنجي نياڻيءَ جي وهانءُ کان اڳ، مون کي هتي جي صوبي ويرل سنگ جو وهانءُ ملڪ الموت سان ڪرڻو آهي، انهيءَ ڪم ۾ مون کي مدد ڪريو. هي سڀ نالي ڪري اهير هئا، پر گهڻو ڪري سڀئي جنگي کاتي جا ماڻهو هئا. منجهانئن ڪن کي "راوت" يعني جنگي جوان جو لقب مليل هو، ۽ کين پنهنجي راجڪمار لاءِ عزت هئي.

ديوايت جي چوڻ تي هي راوت ۽ ڪوپا هٿيار کڻي اوچتو وڃي ويرل سنگ تي پيا ۽ هن کي سندس سموري فوج سوڌو چٽ ڪري، راءِ ڏياچ جي پٽ نوگهن کي جهونا گڙهه جي گاديءَ تي وهاريائون. راءِ نوگهن گاديءَ تي وهڻ سان جاسل کي پنهنجي ڀيڻ سمجهي، هن جو وهانءُ شاهاڻي نموني ڪيو. وهانءُ کان سگهوئي پوءِ هو پنهنجي گهوٽ سان گڏجي سنڌ ۾ (امرڪوٽ) ساهري وئي. ان وقت اتي جو حاڪم

Marfat.com

همير سومرو هو. جاسل جي سونهن جي هاڪ ٻڌي، همير زبردستي کيس پنهنجي محلات ۾ کڻائي ويو.

جاسل ڏاڍي سلڇڻي، عقل واري ۽ برجستي هئي، تنهن همير کي چيو ته "هينئر جي آءٌ ڪيترو به رڻنديس رڙنديس ته به ورندو ڪجهه ڪونه، مون کي ضرور اوهان سان شادي ڪرڻي پوندي. پر هڪ مڙس جي جيئري، يڪدم ٻيو مڙس ڪرڻ روا نه آهي، تنهن ڪري ڀلائي ڪري ڇهه مهنا مهلت ڏيوم، پوءِ آءٌ اوهان جي آهيان". همير هن جي ڳالهه قبول ڪئي. جاسل کي اميد هئي ته انهيءَ وقت اندر راءِ نوگهن ضرور منهنجو تدارڪ ڪندو. "ڪرنل بيل" واري "تاريخ ڪاٺياواڙ" موجب جاسل پوءِ پنهنجا قاصد راءِ نوگهن ڏي موڪليا. گجراتيءَ ۾ لکيل تصي موجب، قاصد ڪو نه ڊوڙايائين، پر خود جاسل جو مڙس 'ڏيپو' هو، سو منهن مٿو پٽيندو جهوناڳڙهه ڏي ويو ۽ راءِ نوگهن سان سڄي حقيقت ڪيائين. کيس هڪ دستخط به ڏيکاريائين جو هن ننڍي هوندي جاسل کي لکي ڏنو هو، جڏهين پاڻ سندس گهر ۾ رهندو هو. انهيءَ ۾ لکيل هو، ته آءٌ جي ڪنهن به وقت گاديءَ تي ويٺس ۽ تون مون تي ڪو ڪم رکندينءَ ته ٻيون ڳالهيون ڇڏي اول تنهنجو ڪم ڪندس".

جاسل پنهنجي شاديءَ کان پوءِ اهو دستخط پنهنجي مڙس کي ڏيئي ڇڏيو هو. راءِ نوگهن کي اهو ڪاغذ مليو ته هن پنهنجا اکر مڃاتا ۽ ڳالهه ٻڌڻ شرط تپي باهه ٿي ويو. يڪدم وڏو ڪٽڪ وٺي پنهنجي سر سنه ۱۰۲۰ع ۾ امرڪوٽ تي ڪاهي آيو ۽ همير کي شڪست ڏيئي، جاسل جا بند خلاص ڪيائين (۱).

---

(۱) "جوهر نثر" مسٽر ڀيرومل مهرچند آڏواڻي.

Marfat.com

۳- ٿر ۾ سومرن جي حڪومت

سوڍن جي اچڻ کان اڳ، پارکر ۽ ڄاڙي جي اتر واري پاڳي کائڙ کانسواءِ سڄي ٿر تي، امرڪوٽ سميت ۽ بدين تعلقي تي، سومرا راجپوتن جي حڪومت هئي، جتي هو ڪيتري وقت کان وٺي حڪومت ڪندا پئي آيا.

ميجر جنرل هيگ، پنهنجي جوڙيل ڪتاب "انڊس ڊيلٽا ڪنٽري" جي صفحي ۷۳ تي لکي ٿو ته "سنڌ جي لاڙ واري پاڳي ۽ پراڻ طرف جيڪي هندو حاڪم هٿا (۱)، سي جيتوڻيڪ خليفن جي پاران مقرر ٿيل هٿا، ته به خودمختيار ٿي پئي گذاريائون". مطلب ته سنه ۱۱۷۰ع کان وٺي ٿر ۽ سومرا راجپوتن جي بادشاهي هئي.

آخر سومرن جي سردار ابن سومار کي، غزنوي گهراڻي جي پهرئين حاڪمن ملتان جو نواب مقرر ڪيو. جڏهين غزنوي گهراڻي جو پويون بادشاهه سلطان عبدالرشيد ڪمزور ثابت ٿيو ۽ حڪومت کسجي ويئي، تڏهين ابن سومار ساري سنڌ جو (سنه ۱۰۵۱-۱۰۷۱ع) خودمختيار حاڪم ٿيو.

حقيقت ڪري سومرن جي قوم، به سو سال اڳ سنڌ جي ڪن ٽڪرن تي قابض هئي، ۽ هو سنڌ جي حاڪمن جي تابعداري ڪندا ٿي آيا، جنهنڪري تاريخن ۾ جدا بيان نه ڪيو ويو آهي.

تاريخن مان معلوم ٿئي ٿو ته سومرن جي وڏي آبادي، اوير سنڌ جي ٽرپاڪر ضلعي ۾ "ٿري" شهر ۾ هئي. ۽ انهن جي پهرئين گادي ٿري شهر هو، پوءِ امرڪوٽ به ڪيتري وقت گادي۽ جو هنڌ رهيو. سلطان محمود غزنوي۽ جي وقت ۾ انهن جو تخت گاهه منصوره هو، جنهن کي ابوالفضل

(۱) شايد اهي سومرا راجپوت هٿا.

Marfat.com

"بکر" لکي ٿو. سلطان شهاب‌الدين غوري جي ڏينهن ۾ اچ گادي جو هنڌ هو. سنه ۵۲ هجري کان ٿورو اڳ ڌاري ٺٽو پڻ سندن حڪومت هيٺ هو. انهن جي بادشاهي ملتان کان وٺي ڪڇ جي رڻ تائين هئي. انهن ٿري، امرڪوٽ ۽ ٻين جاين تي قلعا به ٺهرايا، مگر وقت به وقت مغلن ۽ ٻين جي ڪاهن ڪري اهي قلعا ويران ۽ نابود ٿي ويا (۱).

۴- وڳهه ڪوٽ

سومرن کي جڏهين سوڍن سنه ۱۲۲۶ع ۾ امرڪوٽ مان هڪالي ڪڍيو، تڏهين هو ٻن حصن ۾ تقسيم ٿي ويا. هڪڙا اتر طرف ملتان ۽ انهيءَ پاسي ويا ۽ ٻيا ڏکڻ ٿر ۽ لاڙ ڏي ويا، جتي انهن جي اڳ به حڪومت هئي. پر آهستي آهستي سوڍن اهو پاسو به هٿ ڪيو ۽ سومرن کي ڪڇ جي رڻ ڏانهن لوڏي ڇڏيائون، تڏهين انهن پنهنجو نئون راڄ ٺاهيو. سومرو ۽ ويڳو ٻه ڀائر هئا، جي ڏيپلي تعلقي جي ڏکڻ ڏي پراڻ طرف رهندا هئا، جن اتي سندن بادشاهي جو بنياد وڌو. ان وقت ڪڇ جي راجا جو جوڙايل ڪوٽ، رحمڪي بازار جي پريان ڪڇ جي رڻ ۾ هوندو هو، سو ويڳي هٿ ڪيو ۽ اهو سندس نالي پٺيان وڳهه ڪوٽ سڏجڻ ۾ آيو، جو ڍوري پراڻ کان پنجن ميلن جي مفاصلي تي هوندو هو. سومرن جو تيرهون حاڪم چنيسر هو، جنهن سنه ۱۲۸۲ع کان ۱۳۰۰ع تائين ۱۸ ورهيه اتي حڪومت ڪئي. سندس ڏينهن ۾ "ليلان" جو مشهور واقعو ٿيو. اهو ڪڇ جي رڻ جو پاسو آهي ۽ چنيسر جي ڪوٽ جو ويرانو اڄ تائين اتي بيٺو آهي، جتان بعضي بعضي آڳاٽي سمي جا سڪا لڀندا آهن. هي شهر ۱۸۰۹ع ۾

(۱) «تاريخ وسياسيات» جلد اول، اپريل ۱۹۵۱ع، صفحو ۲۲-۲۳ (اردو)

Marfat.com

ڏرتيءَ جي سخت زلزلي سبب نابود ٿي ويو.
جڏهين وڻ سمنڊ هو، تڏهين هي مڪيم ماموندي بندر هو. هن جي پڪين سرن جي جاين جا نشان سال ۱۸۳۵ع برنس جي وقت تائين ڏسڻ ۾ پئي آيا. سنہ ۱۷۴۵ع ۾ هڪ پڳل جهاز جو ڏانچو انان هٿ ڪيو ويو هو، جو ڪپ ۾ ۱۵ فوٽ هيٺ گتو پيو هو (۱).

(۱) "انڊين ڪلائيز آف سنڌ" صفحو ۱۷۲.

Marfat.com

باب چوٿون

سوڍن ۽ راٺوڙن جي ٿر ۾ حڪومت

١- سوڍن جو سنڌ ۾ اچڻ

سنه ٩٧٤ع ۾ سنڌ ۾ ڌرڻي براهه جو وڏو پٽ مهيپال عرف ديوراج آيو جو راجا ٿيو. ٻئي پٽ باهڙ کي ڪجهه ڪونه مليو، تنهن ڪري هو وڃي راڌنپور ۾ رهيو. هن کي ٽي پٽ سوڍو، سانڪلو ۽ باگهه هئا (١).

سوڍو، سنه ١١٢٥ع برابر ١١٨١ سنبت ۾، سنڌ جي سومري حاڪم وٽ لنگهي آيو (همير سنگ کان پوءِ سومرن جا ڪيترا ۽ ڪهڙا حاڪم ٿيا سو ڪنهن به اتهاس ۾ ڄاڻايل ڪونه آهي)، جنهن مهرباني طور کيس رتو ڪوٽ ڏنو. رتو ڪوٽ کپري تعلقي ۾، کپري شهر کان ٦ ڪوهه کن پري واقع آهي. اهو ڪوٽ هاڻي ڊٺو پيو آهي، مگر اُن جا کنڊر اڃا تائين ڍوري ناري جي ڪپ تي ڏسڻ ۾ پيا اچن، مگر رتوڪوٽ نالو اڃا قائم آهي (٢). ڪي چون ٿا ته سوڍو پاڻ سان راجپوتن جو وڏو ڪٽڪ وٺي آيو هو ۽ رتوڪوٽ سومري حاڪم کان پنهنجي طاقت جي زور سان ورتائين.

---

(١) "سوڍن جي صاحبي" صفحي ٧ ۾ لکيل آهي ته سوڍو ۽ سانڪلو شو ڪوٽڙي جي راجا چار راءِ جا پٽ هئا.

(٢) عام روايت موجب اهو ڪوٽ "رتي" نالي مغل ٻڌايو هو؛ مغل گهڻو پوءِ سنڌ ۾ آيا، انهيءَ ڪري اهو ڪوٽ به پوءِ جو آهي، مگر هن دند ڪٿا موجب ائين ڄاڻايل آهي.

Marfat.com

سوڍي جو پٽ 'چاچڪ ديو' ۽ پوٽو 'راج ديو' هتي رهيا ۽ هتي اچڻ کان پوءِ هو راڻا سڏجڻ لڳاء ڪپري تعلقي ۾ اڄ ڏائين ڳوٺ 'راڻاهو' آهي، جتي ڪيترا راڻا گهر ڪري وڃي ويٺا، جنهن ڪري ڳوٺ تي اهو نالو پيوء ڪپري تعلقي ۾ ۽ پٽوري طرف کي پٽ آهن، جن کي اڄ ڏائين "راڻن جا پٽ" ڪري سڏيندا آهن، چاڪاڻ جو ڪن آڳاڻن راڻن اهي پٽ وسايا هٿا ۽ اها سموري حد وٽي ڪوٽ وارن راڻن جي هٿي، جي اڄ ڏائين پنهنجي وڏي ڏاڏي ڀرمار جي پٽيان پاڻ کي "ڀرمار سوڍا راجپوت" سڏائيندا آهن.

۲- سوڍا راڻن جو شجرو

باهڙ جي پٽ سوڍي ۱۱۲۵ع ۾ وٽو ڪوٽ هٽ ڪيو. سوڍي کان پوءِ سندس پٽ چاچڪ ديو ۽ هن جو پٽ واجديو ائتي رهياء واجديو ۱۲۲۶ع ۾ امرڪوٽ هٽ ڪيو، پوءِ جنهن ڀرم جنهن برهم، جسهڙ (جسڏڙ يا جيسڙ)، سوميشور، ڏارا برش ۽ درجنشال ٽياء ڏارا برش جا ٻه پٽ هٿاء وڏو درجنشال، جنهن جو اولاد امرڪوٽ وارا راڻا آهن ۽ ننڍو آسراءَ لڏي پارڪر ڏي ويو، جنهن جو اولاد پارڪر وارا راڻا آهن.

درجنشال کان پوءِ راڻو ڪينهرو، راڻو اوتاردي، راڻو ٽرو، راڻو همير، راڻو ڏوڏو، راڻو وسيو (ويرسين)، راڻو تيجسي، راڻو چانپو، راڻو گانگو، راڻو پتو عرف پرشاد، راڻو چندرسين، راڻو پوچراج، راڻو ايسرداس (هن کي جيسلمير جي راجا راول سپل سنگ سنبت ۱۷۱۰ ۾ گاديءَ تان لاهي، راڻي گانگي جي پوٽي جنهن سنگ عرف جڳ سنگ کي امرڪوٽ جي گادي تي وهاريو)، راڻو سرتان سنگ، راڻو آسڪرڻ، راڻو سنگرام سنگ، راڻو سهراج، راڻو ڪيسر سنگ، راڻو ڪيمون، راڻو سنگرام سنگ ٻيو، راڻو شوراج سنگ، راڻو سڙ سنگ، راڻو مهراج ٻيو، راڻو

Marfat.com

ڀيوت سنگ، راڻو سرت سنگ، راڻو پير ڏان سنگ، راڻو جسونت سنگ ۽ راڻو ارجڻ سنگ ٿيا. ارجڻ سنگ نهايت قابل ۽ دانا راڻو هو، هن راڻي ۲۵ جنوري ۱۹۴۷ع تي وفات ڪئي. هن وقت (۱۹۵۳ع) سندس پٽ راڻو چندر سنگ آهي، جو پنهنجي خاندان جو سربراهه آهي.

مٿيون شجرو "امرڪوٽ اتهاس" صفحي ۸۳-۸۴ تان ورتل آهي. هن ۾ ڪن راڻن جو نالو ڪونه آهي، جن جو ٻين ڪن اتهاسن ۾ احوال آيل آهي. شايد اهو شجرو پورو نه به هجي.

۳- کائڙ ۾ راٺوڙن جي حڪومت

راٺوڙ پنهنجي پيدائش ڏيوونس مان ڄاڻائين ٿا. هنن جون ۲۴ ساکون آهن. ٿر ۾ ٿوري انداز ۾ آهن. جڏهن راڻي سوڍي رتو ڪوٽ هٿ ڪيو، تڏهين راٺوڙن کي به دل ۾ آيو ته اسين به ڇو نه سنڌ تي ڪاهه ڪري ڪجهه ڀاڱو هٿ ڪريون. سنڌ ۾ انهيءَ وقت سومرن جي صاحبي هئي. پر هو سوڍن ۽ راجپوتن سان پڄي ڪين ٿي سگهيا. راٺوڙن رتي ڪوٽ وارو پاسو ڇڏي، باقي کپري تعلقي جو رهيل ڀاڱو پنهنجي قبضي ڪيو. پوءِ پنهنجي حد وڌائي امرڪوٽ جي اتر طرف ڇوڙ اسٽيشن جي ڀرسان ڪيائون. پوءِ اڳ ڀرو وڌي گڏڙو ۽ ان جي آس پاس وارو ملڪ هٿ ڪري، جوڌپور رياست جي ڪجهه ڀاڱي تائين وڃي پهتا. انهيءَ سموري حد کي اڄ تائين "کائڙ" سڏيندا آهن. کائڙ هٿ ڪرڻ ڪري هو "کائڙيا راٺوڙ" سڏجڻ لڳا. کائڙ جو نالو شاهه جي رسالي سُر مارئيءَ ۾ ڪيترن هنڌن ڪم آيل آهي. کائڙ ۾ کٿا، لويون، ڪمريون اڄ تائين ٺهن ٿيون. شاهه صاحب انهن جي ساراد ۾ چوي ٿو ته:

Marfat.com

کائڙ کٽيون خاصيون آچيون آت آچن،
ڪڍيو پيڻ ڪهن-ملير گهرجي مارئي.

کائڙ ۾ جن راٺوڙن راڄ ڪيو، تن مان هڪ هاڪارو راجا رڙمل هو، جو جوڌپور جي گاديءَ تي سنبت ١٤٧٤ برابر ١٤١٨ع ۾ ويٺو، جنهن جو نالو شاهه جي رسالي جي سر ڍول مارئيءَ جي هيٺئن تڪ ۾ ڄاڻايل آهي:

ڍوليو نرور ستئن راجا رنمل (رڙمل) رليو.

هي تمام بهادر راجا هو. اڄ تائين ٿر ۾ ڪهاوت آهي:

ڪاڪو جنهنجو ڪونپجي، ڀائي جنهنجو ڀارمل،
گهوڙو جنهنجو نو لکو، اهو راوت رڙمل.

هن جي وقت ۾ ڳوٺ ليلمي ۾ سندس آرام گاهه هو جتي ڪڏهين ٿورو وقت اچي رهندو هو. چون ٿا ته راجا رڙمل روز نئين کوهه جي پاڻيءَ سان ڏندڻ ۽ سنان ڪندو هو. ليلمي ڳوٺ وٽ هڪ ٻني آهي، جنهن ۾ ڪيترائي ننڍا کوهه (ويرا) آهن، جي راجا رڙمل کوٽايا هئا.

کائڙ ۾ راٺوڙن ڪيترا سال راڄ ڪيو، سا حقيقت ملي نٿي سگهي، مگر ايترو پتو پوي ٿو ته راٺوڙن کان پوءِ کائڙ جو ملڪ راڻن کسيو. انهيءَ حڪومت جو اثر اڄ تائين کائڙ ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. سنڌ توڙي ٿر ۾، هندن ۽ مسلمانن کي پوشاڪ جي ڪري پريان ئي سڃاڻي سگهبو آهي، پر کائڙ ۾ ائين پوشاڪ مان سڃاڻڻ مشڪل آهي، ڇاڪاڻ جو اتي مسلمان به هندن جهڙي پوشاڪ ڪن ٿا. مسلمان مرد اڄ تائين انگرکو (پٺيو) پائيندا آهن. سندن زالن ۽ ٻارن جي پوشاڪ مارواڙين ۽ ڪڇين جهڙي آهي. سندن نالا به هندڪي نموني جا آهن، جن جا مثال مسٽر محمد اسماعيل عرساڻي پنهنجي ڪتاب "سير ريگستان" ۾ ڏنا آهن.

Marfat.com

۴- سوڍن جو ٿر ۾ زور وڌڻ

امرڪوٽ هٿ ڪرڻ کان پوءِ سوڍن جي دل وڌي، ۽ ۽ هو ٿر جي ٻين پاڳن هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا، جنهن ۾ هو سوپارا ٿيا. هن وقت جيڪو نارو ڊويزن آهي، سو سمورو سوڍن هٿ ڪيو ۽ سومرن کي هڪالي ايترو ته پري ڪيائون، جو رڳو پراڻ جو الهندو پاسو سومرن جي تابع هو، باقي ٻيو سمورو ٿر، پارڪر سميت سوڍا پنهنجي قبضي ڪري ويٺا. ٻئي تعلقي جو ٿورو پاڳو ۽ ڏيپلي تعلقي جو ڪڇ پاڳو، جنهن کي اڄ سامروڻي ڏا چون، سوڍن رڳو اهو پاسو ڇڏيو، جنهن ڪري انهيءَ پاسي سوڍا ٿورا آهن. ۽ ٻيو سمورو پاڳو سوڍن هٿ ڪيو، جنهن ڪري اتي سوڍا گهڻا آهن. سومرن کي ڪڇ جي رڻ ڏانهن هٽائي پوءِ ڪائڙ جي راڻوڙن کي به هڪالي سڄو ٿر پنهنجي قبضي ڪيائون.

۵- ٿر ۾ سوڍن جي حڪومت ۽ صوبا

سوڍن، امر ڪوٽ تي قبضي ڪرڻ بعد پنهنجي حد اڳئي ملڻيءَ تائين وڌائي ۽ راڻوڙن کي لوڏي ڪائڙ به هٿ ڪيو ۽ گادي نشين راڻي جي پاران اتي صوبا موڪليندا هٽا. انهيءَ پاسي جيڪي راجپوت صوبا ٿي ويا، تن اتي چيڙ ۾ هڪ ڳوٺ ٻڌايو، جنهن کي اول چيڙ پوءِ چيڙرو چوندا هٽا، جو لفظنيٽ چاچرو ٿيو: آس پاس جي حد کي "چاچراڻي" چوندا هٽا. اڄ تائين به انهيءَ نالي سان ٿري سڏيندا آهن.

چاچري کان ۲۴ ميل اولهه طرف چيلهار جو ڳوٺ آهي جو چيلي نالي چارڻ (۱) اتي اصلي هڪ ڪوهه لڏو. هو، پوءِ

---

(۱) "سوڍن جي صاحبي" صفحي ۱۵ ۾ چيلو راجپوت لکيل آهي، جو غلط آهي، چيلو چارڻ هو. (ليکڪ)

Marfat.com

ماڻهو اچي ويٺا ۽ ڳوٺ تي نالو پيو چيلار ۽ هاڻي چيلهار سڏيندا آهن. اهو ڳوٺ جنهن وقت ٻڌو ويو، تنهن وقت امر ڪوٽ ۾ ڪلجي نالو سوڍو مشهور هو، جنهن کي ڪلو سوڍو به چوندا هئا. اهڙيءَ طرح سوڍا راجپوت امر ڪوٽ ۽ ٿر وسائي ويٺا، باقي سامروٽي ۽ رحمڪي بازار ڏي ۽ سومرن جي تخت گاهه وڳهه ڪوٽ ڏي ڪونه ويا.

مٺي تعلقي جو ڳچ ڀاڱو ۽ ننگرپارڪر جو ٿورو ڀاڱو جو ڪڇ جي رڻ جي "وٽ" (ڪناري) سان آهي. ڪپري ۽ عمر ڪوٽ تعلقن جو اتر وارو ڀاڱو، جو گيڙي وٽان لنگهي جوڌپور رياست سان گڏجي ٿو، تنهن کي کائڙ سڏيندا هئا. ٿر جو باقي رهيل ڀاڱو، جو انهن ٻنهي ڀاڱن جي وچ ۾ آهي، تنهن کي اصل "ڍٽ" يا "ڍاٽ" سڏيندا هئا. اهو سمورو پاسو عمرڪوٽ جي راڻن جي هٿ ۾ هو ۽ عمرڪوٽ سندن گاديءَ جو هنڌ هو.

٦- راڻن جي حڪومت

امرڪوٽ تي جيڪي گاديءَ نشين راڻا ٿي گذريا آهن، تن مان ڪيترن جو احوال ڪونه ٿو ملي، پر جيڪي مشهور راڻا ٿيا آهن ۽ جن بابت ٿورو گهڻو احوال اٽهاسن مان ملي ٿو، سو هيٺ ڏجي ٿو.

راڻو راج ديو: سوڍو ۽ سندس پٽ چاچڪ ديو رتي ڪوٽ ۾ رهيا. چاچڪ ديو کان پوءِ سندس پٽ راجديو يا رائديو، رتي ڪوٽ جي گاديءَ تي ويٺو. هي بهادر جوان هو: هن کي دل ۾ خيال آيو ته رڳو رتو ڪوٽ ۽ ان جو آس پاس وارو ملڪ وٺي نه وهجي، پر سڄو ٿر ۽ پارڪر پنهنجي قبضي ڪجي. سوڍي کان وٺي هيستائين ستو ورهيه کن

Marfat.com

اچي ٹيا هئا، تنهن ڪري ڪافي زور ورتو هنائون. سنڌ جي سومرن جي طاقت هنن کي معلوم هئي، تنهن هوندي بہ هنن جوڳا بندوبست ڪيا.

آڳاڻن راجائن وٽ شعر جو گهٹو قدر هوندو هو: اڄ بہ جوڌپور، جيسلمير، بيڪانير ۽ بين ڪن ڏيهي رياستن ۾ راجائن جي درٻارين ۾ ڪوي ۽ راڳيندڙ موجود آهن. سوڍن وٽ بہ ڪي ڪوي ۽ راڳيندڙ هئا.

راڻي راڻديو وٽ جنڪ نالي هڪ ڪوي ۽ بڌيمان چارڻ هو، جنهن کي ڪي ماڻهو ساڻ ڏنائون، جي ويس بدلائي جاچ ڪري آيا تہ ڪهڙي وات تان لشڪر ولي وڃي ۽ ڪهڙو هنڌ حملي ڪرڻ لاءِ ٺيڪ ڏيندو، چاڪاڻ تہ انهن کي خبر هئي تہ سومرا راجپوتن کي چارڻ جي امرڪوٽ ۾ اڃڻ ڏي ڪوبہ شڪ ڪونہ پوندو.

جنڪ چارڻ، سواءِ ڪنهن تڪليف جي امرڪوٽ جي سموري حالت کان واقف ٿي موٽي ويو ۽ وڃي راڻديو کي سموري حقيقت ڏنائين ۽ پڻ ڪيس امرڪوٽ تي ڪاهم ڪرڻ لاءِ همٿايائين. جڏهين سموريون رڻون ٺاهي راس ڪيائون، تڏهين وڏو ڪٽڪ تيار ڪري نڪتا ۽ امرڪوٽ ۾ اڃي سومرن جي مامهون ٿيا. ڇٽ متر سهائي مهنو ويساک سنبت ۱۲۸۲ مطابق ۱۲۲۶ع جي لڑائي لڳي، جنهن ۾ ۱۲۵ ڪن سومرا مارجي ويا ۽ امرڪوٽ راڻن هٿ ڪيو. سومرا هارائي پڄي ويا، جن مان ڪن وڃي ڏيپلي ڪلهوڙي جي ڏڪڻ ۾ پنهنجو نئون راج ٺاهيو.

سوڍن لڑائي ڪٽڻ کان پوءِ، جنڪ چارڻ جو چگو قدر ڪيو، جو ڪيس ڪاروڙي جو گهوٽ، جو عمرڪوٽ کان ۴ ميل ڀري چوڙ اسٽيشن جي رستي تي آهي، سو ڪيس امداد ڪيو،

Marfat.com

۽ پڻ کيس ڪيتريون گانيون ۽ مينهون دان ۾ ڏنائون. اتي اڄ تائين سندس پوين جي زمينداري آهي.

اهو کاروڙي جو ڳوٺ اڳي تمام وڏو هو ۽ منجهس ججهي آبادي هئي. هن وقت کاروڙي ۾ جيڪي ٿورا چارڻ رهن ٿا، سي انهيءَ جنڦ چارڻ جو اولاد آهن ۽ راڻن سان اڄ تائين رستو اٿن.

راڻي رائديو کان پوءِ راڻو جئه برهم، جيسر، سوميشور ۽ ڌارابرش نمبر وار امرڪوٽ جي گاديءَ تي ويٺا.

راڻو ڌارا برش: مسٽر تيج سنگ سولنڪي پنهنجي ڪتاب "امرڪوٽ جو اتهاس" جي صفحي ١٣-١٤ تي لکي ٿو ته:

"هن راڻي کان امرڪوٽ جي حڪومت سومرن کسي ورتي. دودي ٽئين سومري امرڪوٽ تي سنه ١٣٣٠ع (١) ۾ قبضو ڪيو ۽ سنه ١٣٣٠ع کان ١٤٣٩ع تائين، ١٠٩ سال امرڪوٽ تي سومرن جي حڪومت رهي. سنڌ جي باقي حصي ٺٽي ۽ بکر مان سنه ١٣٥١ع ۾، سمن جي حاڪم ڄام انڙ کين ڀڄائي ڪڍي ڇڏيو هو، تنهن ڪري ١٣٥١ع کان پوءِ ١٤٣٩ع تائين جيڪي سومرا حاڪم ٿيا، تن جي گاديءَ جو هنڌ امرڪوٽ هو، جن مان مشهور عمر سومرو ٻيو ۽ همير سومرو ٻيو ٿيا. هن وقت سنڌ اندر جيڪي تاريخون پاڙهڻ ۾ اچن ٿيون، تن ۾ لکيل آهي ته سومرن جي آخرين راجا همير سومري کان، سمن جي ڄام انڙ سنه ١٣٥١ع ۾ سنڌ هٿ ڪئي، سو برابر نه آهي، ڇاڪاڻ ته همير سومرو ٻيو، سنه ١٤٠٠ع ۾ امرڪوٽ جي گاديءَ تي ويٺو، مگر ڄام انڙ

(١) اڳتي آيل احوال مان پتو پوندو ته سنه ١٣٣٠ع ۾ دودو سومرو هوئي ڪونه. هو اڳ ۾ سنه ١٣١٣ع ۾ علاوالدين جي لشڪر سان لڙائي ڪندي مارجي ويو.

Marfat.com

۱۳۵۱ع ۾ سنڌ جي حڪومت هٿ ڪئي هئي، تنهن ڪري سڀيون لکيل احوال برابر آهن. حڪومت ڪنجي وڃڻ بعد راڻي ڏارا برش جو وڏو پٽ درجنشال امرڪوٽ ۾ ٿي رهيو ۽ ننڍو پٽ آسراءِ لڏي پارڪر ويو، جتي اڄ ڏينهن تائين سندس ٻويان وهن ٿا".

"سومڻ جي صاحبي" صفحي ۱۴ تي مسٽر پيرو مل مهرچند لکي ٿو ته "راڻي راڻديو جنهن سنه ۱۲۲۶ع ۾ امرڪوٽ ورتو، تنهن جون چار پيڑهيون امرڪوٽ ۾ رهيون، پنجين پيڑهي راڻو درجن سنگ ۽ آسراءِ ٽيا، تن پاڻ ورهايا. راڻو درجن سنگ وڏو هو سو امرڪوٽ ۾ رهيو ۽ ننڍو پٽ آسراءِ ننگرپارڪر ڏي ويو. انهيءَ ورهاڱي وقت، مٽي ۽ چاچري وارو ڪر به راڻن جي هٿ هيٺ هو ۽ حڪومت جي انتظام وڪڻ لاءِ هتي هنن پنهنجا صوبا مقرر ڪيا، جي وقت به وقت امرڪوٽ ۾ "اچي" گادي نشين راڻي جو سلام پريندا هٿا ۽ گهرج مهل مدد ڪندا هٿا".

سومڻ جي صاحبي يا پين اتهاسن مان پتو پوي ٿو، ته دودي ٺٽي امرڪوٽ تي سنه ۱۳۳۰ع ۾ (جيڪڏن امرڪوٽ اتهاس ۾ لکيل آهي) قبضو ڪونه ڪيو. پر امرڪوٽ تائين پنهنجي حڪومت جي حد وڌائي. ڇاڪاڻ ته سلطان علاءالدين جي لشکر، جڏهين دودي تي ڪاهيو هو، تڏهين امرڪوٽ جي هاسي سوڍي، دودي جي يار، ست ويهون (۱۴۰) سومڻ جو وڻي وڃي دودي جي مدد ڪئي هئي (۱).

ڏر ۾ علاءالدين ۽ دودي جو داستان اڄ تائين ڪچهرين ۾ مڪٿهار ۽ ٻيا ڪٿندا آهن، جنهن ۾ به هاسي سوڍي جي مدد جو ذڪر اچي ٿو.

---

(۱) "سنڌ جي ادبي تاريخ" خان بهادر الحاج محمد صديق ميمڻ صفحو ۳۶.

Marfat.com

سومرن کي جڏهين سنه ۱۳۵۱ع ۾ چام آنڙ لوڏي ڪڍيو، تڏهين چار سال دربدر ٿيڻ بعد عمر سومري ٻئي اچي سنه ۱۳۵۵ع ۾ امرڪوٽ تي قبضو ڪيو؛ امرڪوٽ سومرن جي هٿ ۾ ۱۳۵۵ع کان ۱۴۳۹ع تائين ۸۴ سال رهيو؛ نه ۱۰۹ سال، جيئن "امرڪوٽ انتهاس" ۾ چاڻايل آهي.

جيڪڏهين دودو امرڪوٽ هٿ ڪري ها تہ سندس ڪٽنب چام ابڙي سمي وٽ ڪو نہ موڪلي ها. چاڪاڻ تہ ابڙي امرڪوٽ جي سوڍن مان شادي ڪئي هئي (۱). جنهن ڪري هو سوڍن جي دشمن کي پناهہ اصل ڪونہ ڏئي ها؛ چام ابڙي وٽ سومريون، سوڍن جي صلاح؛ مدد سان موڪليون ويٺون، نہ تہ دودي جو ابڙي سان ڪو لاڳاپو اصل ڪو نہ هو. راڻي ڏاڏيرش کان دودي ٽئين نسل پر عمر سومري ٻئي پيڙهہ ۱۳۵۵ع ۾ امرڪوٽ هٿ ڪيو.

---

(۱) سنڌ پوسٹس جي "ڪچ" صفحي ۵۲ جو نوٽ نوٽ. بحوالہ ڪچ نوڪارتڪيہ جاڙيجو ويڙ ڪنگهار، گجراتي صفحو ۹.

Marfat.com

باب پنجون

سومرن جي حڪومت جو اوائلي دور

١- سومرن جو اصل نسل.

ڪن تاريخن ۾ لکيل آهي تہ سومرا عرب نسل مان آهن ۽ مامون عباسي جي خلافت وقت، بني تميم واون مان ڪڍ ۾ هڪڙي عرب قوم 'سامره' مان لڏي سنڌ ۾ آئي هئي، جنهن پاڻ کي سومرا سڏايو هو؛ حقيقت ۾ سامره شهر جو بنياد مامون ڪان ٻوءِ معتصم عباسي ٨٣٦ع ۾ رکيو هو، جڏهين خليفي سٺ هزار ترڪ لشڪر ۾ پرتي ڪيا هئا، مٿيون شهر سرمن رائي جي نالي سان ٨١٤ع تائين عباسين جو تخت گاهہ رهيو (١). علامہ سيد سليمانؒ ندوي صاحب پنهنجي هڪ مضمون، "تاريخ و سياسيات" اردو اپريل ١٩٥١ع جلد ٻهريون صفحي ٢٠ ۾ لکي ٿو تہ "سومرن جي قوم جو تعلق سامره شهر سان لڳائڻ لفظي صنعت گريءَ ڪان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ آهي".

ڪي تاريخ نويس سومرن کي يادو راجپوت بلند جي پٽ "ساما" جو اولاد ٻڌي راجپوت مڃين ٿا. ڪيترن ئي ڪتابن ۾ سومرن کي هندو راجپوت لکيو ويو آهي. مثلا:

١ــ ٽاڈ پنهنجي ڪتاب "راجستان" ۾ سومرن کي پرمار راجپوت ڪري چاٽايو آهي.

٢ــ "سنڌ گزيٽيئر" صفحي ١٧٩ ۾ لکيل آهي تہ سومرا پرمار راجپوتن مان آهن.

٣ــ سومرا اصل هندو هٿا ۽ سندن ڏرم هندو هو. (انتخاب تاريخ ظاهري، صفحو ١٤ ۽ ٢٢، ۽ ٻڌ "هسٽري آف

(١) "زوال روما" مصنف گبن، لنڊن ١٨٩٠ع، جلد ٤ صفحو ٤٧.

Marfat.com

انڊيا"، جلد ١ صفحو ٤٨٤) سر ايلئٽ صاحب.

٤ـ ميجر جنرل هيگ پنهنجي ڪتاب "انڊس ڊيلٽا ڪنٽري" صفحي ٣٧ تي لکي ٿو ته "سومرا اصل هندو هٿا".

٥ـ سومرا، جن جو سنڌ تي راج هو، سي هندو جاتي جا آهن. ("بمبئي پريزيڊنسي گزيٽيئر" جلد ٧، سال ١٨٨٠ع صفحو ٩٩).

٦ـ سنڌ ۾ سومرا راجپوت پنهنجي بادشاهي برپا ڪئي (ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا، جلد ٣).

٧ـ مسٽر پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ پنهنجي ڪتاب "سنڌي پوليءَ جي تاريخ" صفحي ٢٢٧ ۾ لکي ٿو ته "سومرا اصل هندو راجپوت هٿا".

٨ـ شمس العلماءِ خان بهادر مرزا قليچ بيگ صاحب پنهنجي ڪتاب "قديم سنڌ" صفحي ٤١ ۾ لکي ٿو ته "سومرا اصل راجپوت هٿا، جي پوءِ مسلمان ٿيا".

٩ـ سنڌ جي آڪاٿين ۾ لکيل "گجراتي اتهاس" صفحه ٢٤ ۾ دودي جو نالو "ڏوڏو" ۽ چنيسر جو نالو "چنديشور" لکيل آهي.

١٠ـ مسٽر اميد علي ڪربخش هيڊماسٽر عمرڪوٽ پنهنجي ڪتاب "سنڌ جو گجراتي اتهاس" صفحي ٢٢ ۾ لکيو آهي ته: "سومرا اصل هندو هٿا".

١١ـ سومرا اصل سنڌ جا سومرا راجپوت ذات مان هٿا. (ڪاٺياواڙ سروسنگرهه، صفحو ١١٦).

١٢ـ سومرا اصل چندرونسي هٿا، جاکاڻ جو سوم ۽ سُوم اهي ٻئي لفظ چندرما جا پرماڻ آهن. ڪيترا سومرا پاڻ کي عرب جاتيءَ جا قريشي سمجهن ٿا، ان جو ڪارڻ هي آهي ته عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ بعد ڪيترا قريشي سنڌ ۾ آيا ۽ سومرن جي مسلمان ٿيڻ بعد انهن جو پاڻ ۾ سڳاٻنديءَ جو

Marfat.com

رواج پيو ۽ پاڻ ۾ ملي ويا، جنهنڪري هو به پاڻ کي عرب خاندان جو ليکڻ لڳا (ڪچ نوڪيسري دودو اني چنيسر گجراتي، ليکڪ نارائڻ وشنجي، چپيل بمبئي، سال ١٩٢٩ع، صفحہ ١٢ جو فوٽ نوٽ).

١٣ـ اڻٻٽ صاحب پنهنجي ڪتاب "سنڌ ۽ ان جا ماڻهو" جي صفحي ٨٩ جي فوٽ نوٽ ۾ لکي ٿو ته "ڪو زمانو ڪچ، گجرات ۽ سورت تي جيڪا راجپوت قوم حڪمران هئي، سا سومرا قوم هئي".

١٤ـ جوڌپور جي اتهاس ويتا مونشي ديوي پرشاد پنهنجي ڪتاب "يوون راج ونساولي" صفحي ٢٣ ۾ سومرن کي هندو راجپوت لکيو آهي.

١٥ـ گجرات جي مشهور تاريخي ڪتاب "راس مالا" ۾ لکيل آهي ته سومرا هندو راجپوت هئا.

١٦ـ مسٽر عبدالغني عبدالله پنهنجي ڪتاب "تاريخ سنڌ" جلد ٽيون صفحو ١٣٣ـ١٣٤ـ١٣٥، سال ١٩٣٩ع ۾ لکي ٿو ته "سومرن جون جيڪي خاص رسمون ۽ چال چلڪت جون ڳالهيون، تاريخ ظاهري ۽ ڇڇ نامي ۾ لکيل آهن، تن مان به ثابت ٿئي ٿو ته سومرا عربي نسل مان نه آهن، ڇاڪاڻ جو اهي رسمون ۽ ريتون عربي تهذيب ۽ تمدن جي برخلاف آهن:

انهن بي ويچار ڪرڻ مان سومرن جو راجپوت هڻ ۽ پوءِ مسلمان ٿيڻ يقيني ڳالهه آهي. هيٺيان دليل انهيءَ سلسلي ۾ وزنائتا آهن:

(الف) جيڪي عربي نسل قومون، عربن جي حڪومت وقت سنڌ ۾ آيون ۽ پوءِ سنڌ ۾ رهجي ويئون، تن مان ڪابه قوم سنڌ کان ٻاهر ڪچ گجرات ۽ ڪاٺياواڙ ڏي ڪو نه وئي، پر سومرن جي قوم قديم وقت ۾ گجرات، ڪچ ۽ ڪاٺياواڙ طرف حڪمران قوم جي حيثيت رکندڙ هئي، جهڙيءَ

Marfat.com

طرح اثبت ماحب گجراتي تاريخي ڪتابن مان ثابت ڪري ڏيکاريو آهي. جيئن هن وقت بـ سنڌ بنسبت وڌيڪ تعداد انهن هنڌن ۾ آهي.

(ب) سنڌ ۾ حڪماني ڪندڙ سومرا سردارن جـون جيڪي خاص رسمون سيني تاريخن متفق راءِ سان بيان ڪيون آهن، جهڙوڪ: هٿن ۽ پيرن جا ننهن ٻاڙون ڪڍائي ڇڏڻ، زال هيڪر ٻار ڇانو تـ ان سان وري همبستر ٿيڻ کان نفرت ڪرڻ، هڪ دفعو ڏکيل ڪپڙو سيرو ٿيو تـ وري ڏاري نـ پائڻ، پنهنجن غريب عزيزن ۽ زيردستن جي ڪلهن تي غلاميءَ جي نشانيءَ لاءِ داغ هڻڻ وغيره، اهي رسمون عربي نسل قـوم جي تهايب بلڪ اسلام جي اصول جي بلڪل برخلاف هيون.

١٧ـ ڏات (اڳوٽو عمرڪوٽ پـرڳڻو) ۽ راجپوتانا ۾ جيڪي اڄ ڏينهن تائين گيت گهايا وڃن ٿا، تن ۾ سومرن کي سوڍن سان گڏ سارهايو ويو آهي. انهن گيتن جا نالا ڪولان، ڪنڪريو ڪوٽ، ۽ آنهاآنهلي وغيره آهن. ڪولان گيت، جـو مانوڙ مهمني ۾ گهڻن ۾ ايندو آهي ۽ جنهن ۾ هڪ وڏور ڪنيا جي ڪنواري رهڻ جو ذڪر آهي، تنهن ۾ اها ڪنواري ڪنيا ڪولان چوي ٿي تـ "مان نـ هاڏي راءِ (بوندي رياست جي راجا) سان پرڻيس، ۽ نـ جيسلمير جي پاڻي راجا سان پرڻيس، مگر سنڌ جي سوڍري سان پرڻيس." (امرڪوٽ انهاس، مسٽر تيج سنگ سولنڪي صفحو ١٦).

١٨ـ اڳي راجپوتن ۾ رواج هو تـ چوڪريءَ کي ڇهن شرط ماري ڇڏيندا هئا. سومرن ۾ بـ اهو رواج مسلمان ٿيڻ بعد بـ هليو آيو (ڪچ نوڪيسري دودواني چنيسر، گجراتي صفحو ١٠).

مگر شام جي اسماعيلي دروزي امام جو هڪ خط، جو

Marfat.com

ھن ۴۳۲ هجريءَ ۾ سنڌ جي شيخ ابن سومرراءِ ڏانهن لکيو ۽ کيس سنڌ ۽ ملتان ۾ دوباره اسماعيلي حڪومت قائم ڪرڻ جي غيرت ڏياري آهي، سو سومرن ۽ عربن جي تعلقات تي هڪ معتبر شاهد آهي. تاريخ معصومي ۾ آهي ته غزنين جي ڪمزوريءَ جو فائدو وٺي سومرن پنهنجي سردار سومري کي حڪومت جو والي بنايو، جنهن "صاد" نالي هڪ زميندار جي چوڪريءَ سان شادي ڪئي ("عرب و هند کي تعلقات" مصنف علامہ سيد سليمان ندوي، ۾ "سعد" لکيل آهي)• ان سان ثابت ٿو ٿئي ته انهيءَ نو مسلم سومري حاڪم، ڪنهن قديم عرب مسلمان خاندان سان شادي ڪئي، جنهن سان اهو گهراڻو شروع ٿيو ("تاريخ و سياسيات" اردو، اپريل ۱۹۵۱ع، جلد پهريون، علامہ سيد سليمان ندوي صاحب جو مضمون صفحو ۲۰).

تاريخ فرشتي ۾ ٿيٽي جي سومري حاڪم جو نالو جنيسر لکيل آهي، جو اصل ۾ چنيسر آهي. "طبقات ناصري" ۽ "ملک سنان‌الدين چنيسر والي ديول و سنڌ" جي نالي ۽ ذڪر سان ھن جو نالو لکيل آهي، جنهن سال ۶۲۵ هجريءَ ۾ دهلي جي اطاعت قبول ڪئي (حواشي "تاريخ معصومي" ڊاڪٽر عمرالدين دائود پوٽو صاحب)• چنيسر جو اصل نالو 'چندايشور' هو جو هندو نسل جو پٽو ڏٺي ٿو، ۽ ملک سنان‌الدين جو لقب اسلام ۾ اچڻ جي ثابتي آهي (علامہ سيد سليمان ندوي صاحب جو مضمون "تاريخ و سياسيات" صفحو ۲۱-۲۲).

سومرن کي اصل 'سومراءِ' چوندا هئا: سوم جي معني هندي ۾ چنڊ آهي. اهڙيءَ طرح سنگهار کي 'سنگهراءِ' ۽ پونگر کي 'پونگراءِ' سمجهڻ گهرجي (تاريخ و سياسيات اردو صفحو ۲۲ علامہ سيد سليمان ندوي صاحب)•

ٻين تاريخي حوالن جي بنياد تي چئي سگهجي ٿو ته

Marfat.com

سومرا اصل هندو هئا ۽ پوءِ مسلمان ٿيا.

٢- سومرا ڪڏهن مسلمان ٿيا

سومرن جي مسلمان ٿيڻ بابت تاريخ دانن جا ڌار ڌار رايا آهن، جيئن ته:

١- پرسڌ اتهاسڪار راءِ بهادر پنڊت گوري شنڪر هيرا چند اوجها، سپرنٽينڊنٽ راجپوتانا ميوزيم اجمير، پنهنجي "راجپوتانا اتهاس" ۾ ١٢ صديءَ جي مليل شلاليکن ۾، سومري راجا جو نالو جئسنگهه ڏيکاريو آهي. ان موجب ١١ صديءَ تائين ته اهي هندو هئا.

٢- "راس مالا" ۾ لکيل آهي ته علاوالدين جي لشڪر دودي کي شڪست ڏني، ان کان پوءِ سومرا مسلمان ٿيا، ڇاڪاڻ ته ان وقت، جي سومرا مسلمان هجن ها ته پنهنجو اهل و عيال چام ابڙي جي شرڻ ڪونه موڪلين ها، جو هڪ هندو راجا هو.

٣- گجراتي ڪتاب "جاڙيجو وير کنگهار" جي صفحي ١١ تي لکيل آهي ته سنڌ جي سومرا ۽ سوڍا راجپوتن کي مسلمان بنائڻ وارو، گجرات جو حاڪم سلطان محمود بيگڙو هو. "مرات سڪندري" وارو ائين لکي ٿو ته هن سنڌ تي ٽي ڪاهون ١٤٧١ع، ١٤٧٢ع ۽ ١٥٠٦ع ۾ ڪيون.

٤- سومرا علاوالدين جي ڪاهه بعد ڪڇ ڏانهن ويا. هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته اهي پنهنجي مکيءَ سميت لکپت جي اولهه طرف رڻ مان لنگهي رهيا هئا، ته پاڻي کٽي وڃڻ سبب بلڪل وياڪل ٿيا، ان وقت هڪ بهاؤالدين نالي مسلمان اولياءَ پرگهٽ ٿيو ۽ هڪ ٿي ڪونري مان سڀني کي پاڻي پياريو. ان جي اها ڪرامت ڏسي وڙسر (ڪڇ) ۾ اچڻ

Marfat.com

بعد انهن جو مکي سڄيءَ قوم سميت مسلمان ٿيو (١).

۵ــ سر ايلئٽ "هسٽري آف انڊيا" جلد پهريون صفحي ٢۵٦ ۾ لکي ٿو ته سومرا شيخ بهاؤالدين ملتاني (٢) جي فيض سان مسلمان ٿيا.

٦ــ جن سومرن سنڌ تي حڪومت ڪئي، سي هندو هٿا. چنيسر سومرو جنهن "چچ نامي" جي لکڻ موجب سن ١٢٨٢ع کان ١٣٠٠ع تائين ١٨ ورهيه حڪومت ڪئي، سو هندو ڌرم وکندو هو: چاڪاڻ ته ان جو لاشو ليلان جي لاش سان گڏ هندو رسم موجب ساڙيو ويو (ڏسو تحفةالڪرام، جلد ٣، صفحو ٤٣).

سومرن جي مسلمان ٿيڻ بابت، ڪنهن به اتهاس ۾ چٽي خاطري ڪانهي ته ڪڏهين مسلمان ٿيا، پر اها پڪ آهي ته هو اصل هندو راجپوت هٿا ۽ پوءِ مسلمان ٿيا.

٣ــ سومرن جيءَ حڪومت جو عرصو

سنڌ ۾ سومرن جي حڪومت بابت جدا جدا تاريخن نرالا نرالا بيان لکيا آهن: "تحفةالڪرام" ۾ سومرن بابت پن ٽن آڪاڻين کان سواءِ وڌيڪ ٻيو ڪوبه بيان ڏنل ڪونه آهي. "تاريخ معصومي" ۾ سومرن جي حڪومت بابت ڪجهه تفصيل ڏنل آهي. "آئين اڪبري" ۾ سومرن جي ٣٦ سردارن جا نالا آهن، جن پنج سو ورهيه سنڌ تي حڪومت ڪئي. "تاريخ فرشته" لکي ٿو ته سومرن فقط هڪ سو ورهيه سنڌ تي حڪومت ڪئي. "منتخب التواريخ" ۾ لکيل آهي ته سومرن جي ١٩ سردارن، سن ١٠۵٣ع کان ١۴٠٠ع تائين

---

(١) «بمبئي پريزيڊنسي گزيٽيئر» جلد ٧ ڀاڱو ١، پالنپور ۽ ماهي ڪانٺا صفحو ٩٩ ۽ ١٠٠.

(٢) شيخ بهاءُالدين ذڪريا ملتاني ٢٧ رمضان المبارڪ ۵٦٦هـ ــ ١١٧٠ع ۾ تولد ٿيا ۽ ١٢٧٠ع ۾ فوت ٿيا.

Marfat.com

٣٥٠ ورهيه حڪومت ڪئي، ته تحفةالڪرام لکي ٿو ته سومرن ٥٠٥ ورهيه ١٣٥١ع تائين حڪومت ڪئي. ”تاريخ طاهري“ ۾ ڇپل آهي ته سومرن سنه ١٣٠٠ع کان ١٤٣٠ع تائين حڪومت ڪئي، ته ”تاريخ معصومي“ ۾ ڄاڻايل آهي ته سومرن جي حڪومت شروع ٿي سنه ١٣٢٠ع کان ٿي. ”تحفةالڪرام“ وارو سومرن کي سنڌ جو خودمختيار حاڪم نٿو ليکي، پر چوي ٿو ته ٻه سو ورهين تائين سومرا غزنوي ۽ غوري وغيره دهليءَ جي شهنشاهن جي ڍل ڀرو هئا، ۽ سنه ١٣٢٠ع ۾ پنهنجو اڳواڻ مقرر ڪيائون؛ مگر ”منتخب التواريخ“ جو مصنف چوي ٿو ته سومرن پنهنجو اڳواڻ ١٠٥٣ع ۾ مقرر ڪيو (١).

سومرن جي حڪومت جي عرصي بابت ڌار ڌار تاريخن ۾ اختلاف آهن. سومرن جي حڪومت جو پهريون دؤر ڏهين عيسوي صديءَ کان شروع ٿئي ٿو. تڏهين انهن جي حڪومت ٿر ۽ ان سان لاڳيتو حصن تي هئي. سوڍن جي اچڻ وقت به اتي سومرن جي حڪومت هئي. پوءِ سوڍن جڏهين سومرن کان ١٢٢٦ع ۾ عمرڪوٽ ورتو، تڏهين به انهن جي حڪومت ڪو ختم ڪونه ٿي ويئي. انهن وري ڏکڻ ۾ وڳهه ڪوٽ ۽ روپاهه (روپا ماڙي*) ۾ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي ۽ نيٺ ٺٽو تخت گاهه ڪيائون. انهن کي ١٣٥١ع ۾ سمن پنهنجي سرداو ڄام آنڙ جي هٿ هيٺ، ٺٽي مان لوڌي ڪڍيو. پوءِ

(١) اٺبٽ صاحب جو ”سنڌ“ صفحي ٨٨ جو فوٽ نوٽ.

*بدين شهر کان ڏکڻ طرف ”ڪڍڻ“ ڳوٺ جي پريان ”روپاهه“ جي ٿل شهر جا کنڊهر آهن، جنهن کي ”روپا ماڙي“ جي نالي سان به سڏيندا آهن. اڳي هي وسندڙ شهر هو. ان وقت ڏکڻ سنڌ تي سومرا حڪومت ڪندا هئا ۽ سندن گاديءَ جو هنڌ ”روپاهه“ شهر هو. دودو ۽ چنيسر اتي ڄاوا ۽ نپتا هئا (وڏو قصو دودو چنيسر حاجي حقير ابن منگڻ صفحو ٦).

Marfat.com

چئن سالن ڀٽڪڻ بعد عمر سومري وري ١٣٥٥ع ۾ عمرڪوٽ جي حڪومت سوڍن کان هٿ ڪئي، جتي ٽي سومرا حاڪم ٿيا. پڇاڙيءَ ۾ همير سومري کان وري راڻي همير سوڍي ١٤٣٩ع ۾ عمرڪوٽ هٿ ڪيو ۽ سومرن جي حڪومت صفا ختم ٿي وئي.

"آئين اڪبري" ۾ ٣٦ سومرن حاڪمن جا نالا آهن ۽ حڪومت جو عرصو پنج سؤ سال ڏيکاريل آهي، شايد اڳين ۽ پوئين سڀني سومرن جي حڪومت جو عرصو ۽ نالا ڄاڻايل آهن. ڏهين صديءَ کان وٺي پنڌرهين صديءَ جي اڌ تائين ٥٠٠ کن سال به ٿين ٿا. "تحفةالڪرام" وارو به شايد سڀني جو عرصو شمار ڪري ٿو. پويان تاريخ لکندڙ مٿين ڳالهين تي ڌيان ڏيڻ کان سواءِ، ويا آهن انهن تاريخن جو نقل ڪندا، جنهن ڪري تاريخي حوالن ۾ البت هڪ ٻئي جي برعڪس حقيقتون ٿي پيون آهن.

٤- علاؤالدين جي سنڌ تي ڪاهه.

سومرن جي حاڪم ڀونگر (١٣٠٠ع-١٣١٥ع) * کي ٻه پٽ چنيسر ۽ دودو هئا ۽ ٻاگهي نالي هڪ ڌيءَ هئي. ان وقت گاديءَ جو هنڌ 'روپاهه' هو. جڏهين ڀونگر مري ويو، تڏهين تخت تي چنيسر جو حق هو، ڇاڪاڻ جو هو وڏو هو پر دودو وڌيڪ بهادر هو. سنڌيءَ ۾ اڄ تائين پهاڪو آهي ته "تون ڪو دودو آهين". سندس بهادريءَ سببان اميرن دودي کي تخت تي وهاريو. چنيسر کي لڳي ڪاوڙ، سو ٻيو ڪو وجهه نه ڏسي دهليءَ جي بادشاهه سلطان علاوالدين خلجيءَ

---

*ڏسو "چچ نامو" جلد ٻيو صفحو ٣٦: "ڪڇ نوڪيسري دودواني چنيسر" گجراتي، صفحي ٥ ۾، ڀونگر جي مرڻ جو سال ١٢٩٦ع برابر چيٽ سنبت ١٣٥٢ ڏيکاريل آهي.

Marfat.com

وٽ دانهي ويو ۽ هن کي پنهنجيءَ ڀيڻ باگهيءَ جي سگ جي لالچ به ڏنائين، جنهن ڪري سلطان کيس پنهنجو لشڪر سالارخان جي اڳوانيءَ هيٺ مدد لاءِ ڏنو (١)، جو چنيسر وٺي سنڌ ۾ آيو. اها خبر جڏهين سومرن کي پيئي تڏهين انهن به پنهنجو لشڪر تيار ڪري، جنگي سردار ساهڙ سلطان (٢) جي هٿ هيٺ روانو ڪيو. ميرپور مائيلي وٽ (٣) سخت لڙائي لڳي، جنهن ۾ سومرن جي هار ٿي. علاوالدين جو لشڪر اڳتي ڌوڪيندو پئي ويو. جڏهين اها خبر دودي کي پيئي، تڏهين عمرڪوٽ جي سوڍن ۽ ٻين کي مدد لاءِ چيائين، جن مدد جو دلاسو ڏنو ۽ صلاح ڪري سومرن جو ڪٽنب، ١٤٠ راجائي ڪل جي عورتن سميت، ڪڇ ڏي ڄام ابڙي وٽ پناهه لاءِ موڪليو ۽ سوڍن کيس پنهنجو لشڪر هاسي سوڍي جي اڳواڻيءَ هيٺ مدد لاءِ ڏنو، جنهن ۾ ١٤٠ سوڍا ۽ ٻيا ٻين قومن جا ماڻهو هئا.

---

(١) عام طرح مشهور آهي ته چنيسر جي فرياد تي سلطان علاوالدين خلجي سنڌ ۾ آيو ۽ هڪ وڏي جنگ لڳي، جنهن ۾ دودو مارجي ويو، پر سلطان به باقي ستن ڄڻن سان بچيو. هي سڀ من گهڙت ڳالهيون آهن. سلطان سنڌ ۾ ڪونه آيو هو (تاريخ هند، علامه ذڪاءُالله، جلد ٻيو صفحو ١٣٩) سلطان جو لشڪر، جنگي سردار سالار خان جي اڳوانيءَ هيٺ آيو هو.

دهليءَ جي بادشاهه التمش (١٢١٢-١٢٣٦ع) جي ٻاران ناصرالدين قباچا ٦٠٨هه کان ٦٢٢ هجري تائين ملتان ۽ سنڌ جو گورنر هو، ان جي پٽ جو نالو علاوالدين هو، ۽ دودو ٻيو ان وقت سومرن جو حاڪم هو. ٦١٤هه ۾ غوري قوم جا ماڻهو سنڌ ۾ ڪاهي آيا هئا: شايد انهن کي هڪالڻ لاءِ ناصرالدين پنهنجي پٽ علاوالدين کي موڪليو هجي ۽ هو آيو هجي. ٿي سگهي ٿو ته ڳالهه پوءِ دودي ٺٺين ۽ علاوالدين خلجيءَ جي لڙائيءَ جي مشهور ٿي ويئي هجي.

(٢) «انتخاب تاريخ طاهري» صفحو ٤٣ پر «تحفةالڪرام» ۾ سپڙ سخي لکيل آهي، بحواله تاريخ سنڌ، جلد ٣ جو فوٽ نوٽ صفحو ١٢٦.

(٣) «سنڌ جي رنگين تاريخ» مسٽر ميمڻ، صفحو ٢٦ ۽ «تاريخ سنڌ» مسٽر مولچند منگهومل واسواڻي صفحو ٦٠.

Marfat.com

ايتري ۾ علاوالدين جو لشڪر "روپاهم" تي چڑهي آيو. دودي بهادريءَ سان مقابلو ڪيو. نيٺ دودو هاسو مريو ۽ ٻيا بهادر مارجي ويا ۽ سومرن جي هار ٿي. سالارخان خوشيءَ وچان جيئن ڪوٽ ۾ گهڙيو، تہ چا ڏسي تہ اندر سڄ پڻي واڪا ڪري! نيٺ جڏهن خبر پئي، سومرن پنهنجا ٻار ٻچا ٻاگهيءَ سميت ڪڇ ڏي موڪلي ڇڏيا آهن، تڏهن روپاهم کي نابود ڪري مڏو ڪڇ ڏي رخ رکيائين. اهو لشڪر جتي رات رهندو هو، اتي بچاءُ لاءِ پنهنجي چوڏاري کاهي کوٽيندو هو. اهڙا کاهين جا نشان انهن هنڌن تي ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

ابڙو ڪڇ جي 'وڏسر' ٻاگهي جو حڪمران هو. ڪڏهين به لڑائيءَ ۾ نہ هاريڻ ڪري هن کي "اجيت ابڙنگ" جو لقب مليل هو. جڏهين علاوالدين جو لشڪر 'وڏسر' تي کاهي آيو، تڏهين ڀهريائين کيس سومرين حوالي ڪرڻ جو نياپو موڪليائين، پر ابڙي پناهم هيٺ آيلن جي بچاءُ واسطي جان ڏيڻ جي ٻڌ ڪري ڇڏي هئي، تنهنڪري هن سومرين کي حوالي ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ جواب موڪليائين تہ "جيستائين منهنجي سر ۾ ساهم آهي، تيستائين سومرين اوهان جي حوالي ڪرڻ ڏي ڀري وهيو پر اوهان انهن ڏي اک ڪٿي به نهاري نٿا سگهو". سالار خان اهو جواب ٻڌي. ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ يڪدم پنهنجي لشڪر کي حملي ڪرڻ جو حڪم ڏنو. پنجن هفتن جي لڑائيءَ کان پوءِ هڪ معمولي رياست جا ڪچي بهادر ۽ سندن جا سورما پنهنجي سردار "ابڙي" ۽ سندس پٽ "مٺ" جي هٿ هيٺ وڙهي شهيد ٿيا، ۽ لڑائي ختم ٿي. هاڻي انهن سومرين عورتن جو ٻيو ڪو رستو ڪونہ رهيو، تڏهين انهن واليءَ در وينتي ڪئي تہ "اي سپاجها سائين! تون اسان جي لڄ رک". چون ٿا تہ قدرت الاهيءَ سان زمين ڦاٽي ٻيٺي ۽ وڏا سوراخ ٿي پيا، جن

Marfat.com

ھ اھي ستيون گھڙيو ينون ۽ غارن جا منھن بند ٿي ويا (١)۔ اڄ بہ اتي ستين جو آستان ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جتي ڪي ماڻھو زيارت لاءِ ويندا آھن. لشڪر خوش ٿي قلعي ۾ گھڙيو، پر اتي ڪاريءَ وارا ڪک ڏسي بيحد پشيمان ٿيو ۽ نراس ٿي رڻ واري رستي ڏھليءَ سونيو.

۴- علاوالدين جي لشڪر ڪڍھين ڪاھيو

ملطاني لشڪر جي ڪاھ ۽ ٻوڏي ڏنين جي لڙائيءَ بابت ڏار ڏاو تاريخي ڪتابن ۾ مختلف احوال آھي. ڪنھن بہ تاريخ ۾ اھو چٽائيءَ سان ڏيکاريل نہ آھي تہ ملطاني لشڪر سنڌ تي ڪڍھين ڪاھ ڪئي. موجود تاريخون جي اسکولن ۾ باڙھيون رڇن ٿيون، لڳ ڀڳ سومرن جي حڪومت جو عرصو، سنہ ١٠٥١ع برابر ۴۴۵ ھجريءَ کان، ١٣٥١ع برابر ۷۵۲ ھجري جاڻايل آھن، يعني ٣٠٢ سال. انھيءَ عرصي ۾ جملي ١٩ حاڪم ڏيکاريل آھن. سومرن جي حڪومت بابت "اثبات" صاحب، پنھنجي ڪتاب "تاريخ سنڌ" جي صفحي ٨٨ جي فوٽ نوٽ ۾ ڏاو ڏار تاريخن جا حوالا ڏنا آھن، جي اسان لکي آڻا آھيون. سومرن حاڪمن جي لسٽ بہ جدا جدا تاريخن ۾، جدا جدا نمونو لکيل آھي، پر ڇھ نامي جلد ٻي صفحي ٣٦ ۾ سومرن حاڪمن جي لسٹ ھيٺين موجب ڏنل آھي:

٠١	سومرو	۴۴۵ھ	کان	۴۴۶ھ	مطابق ١٠٥١ع کان ١٠٧۴ع
٠٢	پونگر ڀھريون	۴۴۶ھ	"	۴۶١ھ	= ١٠٥۴ع " ١٠٦٨ع
٠٣	دودو ڀھريون	۴۶١ھ	"	۴٨۵ھ	= ١٠٦٨ع " ١٠٩٢ع
٠۴	سنگھار	۴٨۵ھ	"	۵٠٠ھ	= ١٠٩٢ع " ١١٠٦ع
٠۵	خفيف	۵٠٠ھ	"	۵۴٦ھ	= ١١٠٦ع " ١١۴١ع

(١) "امرڪوٽ انھاس" صفحي ٢٠ ۾ لکيل آھي تہ اھي سومرا ڀون، ڪجي راجپوتن سان گڏ باھر ۾ جلي مريون، يعني جوھر ڪيائون.

Marfat.com

۶.	عمر پهريون	۵۳۶هـ	"	۵۷۶هـ =	۱۱۴۱ع	" ۱۱۸۰ع
۷.	دودو پيو	۵۷۶هـ	"	۵۹۰هـ =	۱۱۸۰ع	" ۱۱۹۳ع
۸.	پنهون	۵۹۰هـ	"	۶۲۳هـ =	۱۱۹۳ع	" ۱۲۲۶ع
۹.	کينهرو پهريون	۶۲۳هـ	"	۶۳۹هـ =	۱۲۲۶ع	" ۱۲۴۱ع
۱۰.	محمد طور	۶۳۹هـ	"	۶۵۴هـ =	۱۲۴۱ع	" ۱۲۵۶ع
۱۱.	کينهرو پيو	۶۵۴هـ	"	۶۵۸هـ =	۱۲۵۶ع	" ۱۲۵۹ع
۱۲.	طائي	۶۵۸هـ	"	۶۸۲هـ =	۱۲۵۹ع	" ۱۲۸۳ع
۱۳.	چنيسر	۶۸۲هـ	"	۷۰۰هـ =	۱۲۸۳ع	" ۱۳۰۰ع
۱۴.	پونگر پيو	۷۰۰هـ	"	۷۱۵هـ =	۱۳۰۰ع	" ۱۳۱۵ع
۱۵.	خفيف پيو	۷۱۵هـ	"	۷۳۳هـ =	۱۳۱۵ع	" ۱۳۳۲ع
۱۶.	دودو ٽيون	۸۳۳هـ	"	۷۵۸هـ =	۱۳۳۲ع	" ۱۳۵۶ع
۱۷.	عمر پيو	۷۵۸هـ	"	۷۹۳هـ =	۱۳۵۶ع	" ۱۳۹۰ع
۱۸.	پونگر ٽيون	۷۹۳هـ	"	۸۰۳هـ =	۱۳۹۰ع	" ۱۴۰۰ع
۱۹.	همير	۸۰۳هـ	"	۸۴۴هـ =	۱۴۰۰ع	" ۱۴۳۹ع

وري "منتخب التواريخ" ۾ ڏنل فهرست، جنهن کان "عجائب الاسفار" واري نقل ڪئي آهي، ان موجب نمبر ۴ سنگهار بدران سنجر، نمبر ۸ پنهون بدران ٻاهو، نمبر ۹ کينهرو بدران خيرو، نمبر ۱۲ طائي بدران دودو پيو، نمبر ۱۴ چنيسر بدران طائي، ۽ نمبر ۱۴ پونگر بدران چنيسر ڏيکاريل آهن، يعني جملي ۲۰ حاڪم ڏيکاريل آهن، ۽ سنن ۾ به تفاوت آهي.

الوحيد اسپيشل ايڊيشن "سنڌ آزاد" نمبر ۱۵ـ جون ۱۹۳۶ع ۾، سومرن حاڪمن بابت صفحي ۸۷ تي ڇاڙائي ٿو ته مٿين فهرستن ڏسندي، جيڪڏهين اعتبار ڪبو ته "منتخب التواريخ" تي ڪبو، چو ته "لب تاريخ سنڌ" واري، جيڪا سومرن حاڪمن جي لسٽ ڏني آهي، سا به "منتخب التواريخ" مطابق آهي. انهيءَ تاريخ جي ڪن سنن ۾، نمبر ۱۱ـ۱۲ـ۱۳ موجود ڪونه آهن. جيڪڏهين انهن نمبرن کي ڪڍيو وڃي

Marfat.com

ته پوءِ سال ۽ تاريخون درست ٿي وينديون. انهيءَ حساب سان سلطان علاوالدين خلجيءَ ۽ دودي ٽئين جو زمانو هڪ ٿيندو، جيئن ”تاريخ طاهري“ ۽ ”تحفة الڪرام“ ۾ درج آهي.

”ڪڇ نوڪيسري اٿوا دودو اني چنيسر“ گجراتي ڪتاب (ص ٥) ۾ ڀونگر جي مرڻ جو سال ١٢٩٦ع برابر چيٽ سنبت ١٣٥٢ ڄاڻايل آهي. ”تاريخ طاهري“ وارو چوي ٿو ته ”علاوالدين ١٢٩٥ع ۾ سنڌ تي ڪاهه ڪئي هئي“ (١).

مرزا قليچ بيگ جي لکيل تاريخ (جلد ٢ ص ٣٦) موجب دودي ٽئين ١٣٣٢ع کان ١٣٥٦ع تائين حڪومت ڪئي. ”امرڪوٽ اتهاس“ (صفحو ١٨)، روح رهاڻ (صفحو ٦٠) وغيره ڪتابن ۾، دودي ۽ علاوالدين جي لڙائيءَ جو سال ١٣٣٣ع لکيل آهي. انهيءَ ڳالهه ۾ سڀيئي تاريخون متفق راءِ آهن ته علاوالدين جي لشڪر سان لڙائي ڪندي دودو مارجي ويو. علاوالدين جي حڪومت جو عرصو ١٢٩٥ع کان ١٣١٥ع تائين آهي، ته پوءِ سنه ١٣٢٣ع ۾ علاوالدين ڪيئن ڪاهيو! پر جي ١٣٣٣ع ۾ لڙائي لڳي ته ان وقت دودو مارجي ويو، ته پوءِ وري چچ نامي، تحفة الڪرام، منتخب التواريخ، ۽ ٻين تاريخن جي لکڻ موجب دودي ٽئين جي حڪومت ١٣٥٦ع تائين ڪيئن ٿي سگهي ٿي!

”ڪڇ جي گجراتي اتهاس“ صفحي ٧٢ ۾ دودي ۽ علاوالدين جي لڙائيءَ جو سال سنبت ١٣٧٠ع لکيل آهي، جو برابر سنه ١٣١٣ع آهي. مٿين تاريخن ۾ دودي جي حڪومت جو عرصو ٢٤ سال ڄاڻايل آهي. ڀونگر جي مرڻ بعد دودو تخت تي ويٺو، جنهن ڪري چنيسر علاوالدين وٽ دانهي ويو ۽ سلطان سنڌ تي لشڪر موڪليو، انهيءَ جي معنيٰ

---

(١) بحواله ”تاريخ هند“، سر ايلٽ، جلد ١، ص ٢٧٢، ۽ جلد ٣، ص ٣٣٧.

Marfat.com

تہ پونگر جي مرڻ بعد ۲۴ سالن کان پوءِ علاوالدين سنڌ تي کاهيو ۽ اهي ۲۴ سال چنيسر علاوالدين وٽ ويڻو هو. حقيقت ڪري ۲۴ سال تہ علاوالدين جي سڄي حڪومت جو عرصو ٻہ ڪونہ هو!

تاريخي حوالن موجب، دودي جي حڪومت فقط سال يا ٻہ هنڻ گهرجي ۽ نہ وڌيڪ، جو تہ اهو عرصو چنيسر جي دهليءَ وڃڻ ۽ سلطان علاوالدين کان مدد طور لشڪر آڻڻ لاءِ ڪافي آهي.

اسڪولي تاريخن موجب، سومرن جي حڪومت جو عرصو ۱۰۵۳ع کان ۱۳۵۱ع تائين آهي، مگر اها گالهہ غلط آهي. درحقيقت سنہ ۱۳۵۱ع ۾ سومرن کان سمن ٽڻي جي حڪومت کسي ورتي، تڏهين سومرن جي حاڪم عمر ٻڻي ۱۳۵۵ع ۾ عمرڪوٽ تي قبضو ڪري، آتي ۱۳۹۰ع تائين حڪومت ڪئي. ان بعد ۱۳۹۰ع کان ۱۴۰۰ع تائين پونگر ٽيون، ۽ سنہ ۱۴۰۰ع کان ۱۴۳۹ع تائين همير سومرو حاڪم ٿيا، جن جي گاديءَ جو هنڌ عمرڪوٽ هو. همير سومري کان، واڻي همير سوڍي سنہ ۱۴۳۴ع ۾ عمرڪوٽ هٿ ڪيو، ۽ سومرن جي حڪومت پوري ٿي.

ڪن تاريخن ۾ لکيل آهي تہ دودي ٽئين عمرڪوٽ تي قبضو ڪيو. درحقيقت دودي ٽئين عمرڪوٽ جي راڻن جي حد تائين پنهنجي حڪومت وڌائي، ۽ عمرڪوٽ جي راڻن ساڻ دوستيءَ جو ناتو هوس، جو علاوالدين جي ڪاهہ وقت، عمرڪوٽ مان هاسو سوڍو لشڪر سميت مدد لاءِ ويو هو. جڏهين دودي ڏٺو تہ علاوالدين جي لشڪر سان ٻڌڻ محال آهي، تڏهين سوڍن جي ملاح ۽ مدد سان پنهنجو ڪٽنب جام ابڙي ڏي موڪلياٽين، جو ڪڇ جي ابڙاڻي واري ٽڪر جو حاڪم هو ابڙي، عمرڪوٽ جي سوڍا گهراڻي جي راجڪماري

Marfat.com

سناپاديويءَ سان، ٻارهن سالن جي عمر ۾ شادي ڪئي هئي، جنهن جي پيٽان وير "ممٽ" جو جنم ٿيو (١). جيڪڏهين دودي، عمر ڪوٽ سوڍن کان اڳي کسيو هجي ها، ته نڪي "هاسو" سوڍو مدد لاءِ وڃي ها، ۽ نڪو سوڍن جو عزيز ڄام ابڙو، سومرين کي پناهه ڏئي ها.

گجراتي ڪتاب "دودواني چنيسر" صفحي ٣ ۾ لکيل آهي ته "ابڙو، سنبت ١٣٣١ ۾ ڄائو هو، جو برابر سال ١٢٧٤ع آهي". ڪن ڪتابن ۾ ڄام ابڙي جي عمر، علاوالدين جي لشڪر سان لڙائي ڪرڻ وقت، ٢١ سال ڄاڻايل آهي جا ڳالهه غلط آهي. ڇو ته علاوالدين سان لڙائيءَ وقت ڄام ابڙي پهريائين پنهنجو پٽ "ممٽ" موڪليو هو، ان جي مرڻ بعد ابڙو پاڻ ميدان ۾ آيو. سنڌ ۾ ڀٽن ۾ مگٺهارن جي ڏند ڪٿائن، سنڌي قصن، توڙي ڪيترن ڪتابن ۾ ممٽ جي لڙائيءَ جو احوال آيل آهي، ۽ ٻيو پٽ به هوس جو ننڍو هو، ان مان سندس گهراڻو اڄ تائين هليو اچي. جيڪڏهين ابڙو پاڻ ٢١ سالن جو هجي ها، ته سندس پٽ ممٽ ڪيئن لڙائيءَ جي ميدان تي اچڻ جيڏو هجي ها، اها عمر درحقيقت ممٽ جي آهي. ابڙي ١٢ سالن جي عمر ۾، عمرڪوٽ مان شادي ڪئي هئي. جوانيءَ جي وقت ١٨ يا ١٩ سالن جي عمر ۾ جيڪڏهين ممٽ ڄمي ها، ته به ابڙي جي عمر لڙائي وقت اٽڪل ٣٩ سال ٿئي ٿي، جئن ته سندس جنم ١٢٧٤ع ۾ ٿيو، انهيءَ حساب سان (١٢٧٤+٣٩) ١٣١٣ع لڙائيءَ جو سال نڪري ٿو، جيئن ڪڇ جي اتهاس ۾ ڄاڻايل آهي. ۽ وير ممٽ جي عمر به ٢١ سال ٿئي ٿي. اهوئي علاوالدين جي

(١) "انتخاب تاريخ طاهري" ۾ بادشاهه جو نالو سلطان علاوالدين لکيل آهي، پر عمر سومرو ١٣٥٥-١٣٩٠ع تائين هو، ۽ سلطان علاوالدين ١٢٩٥-١٣١٥ع تائين هو. تنهن ڪري اهو ڪو دهليءَ جو ٻيو بادشاهه هوندو.

Marfat.com

لشڪر جي ڪاهه ڪرڻ جو سال آهي:

خان بهادر حاجي محمد صديق ميمڻ پنهنجي هڪ مضمون، "تعليم اخبار" جون ١٩٣٧ع ۾، دودي ۽ علاوالدين جي لڙائيءَ جو احوال ڏيندي صفحي ٣ ۾ لکي ٿو ته "١٣١٢ع ۾ سنڌ جو حاڪم پونگر هو، جلدئي ان جي مرڻ بعد گاديءَ تان تڪرار ٿيو". انهيءَ موجب به سال ١٣١٣ع برابر آهي.

"لب تاريخ"، جي ڏنل لسٽ مطابق، الوحيد جي آزاد نمبر جي لپڪ جو رايو وڏيڪ وزنائتو آهي ۽ ڪ جي گجراتي اتهاس موجب ڏنل سال ١٣١٣ع اعتبار جوگو ٿي سگهي ٿو.

مرزا قليچ بيگ جي انگريزي ۾ لکيل تاريخ جلد ٢ موجب، چنيسر جي حڪومت پونگر کان اڳ چاڻايل آهي، مگر چنيسر پونگر جو پٽ هو ۽ دودي کان پوءِ گاديءَ تي ويٺو هو. مرزا جي تاريخ ۾ ڏنل لسٽ ۾ پونگر کان پوءِ خفيف، دودو، عمر، پونگر ۽ همير حاڪم ڏيکاريل آهن: مگر اها گاله عالم آشڪار آهي ته پونگر کان پوءِ دودو ۽ ان کان پوءِ علاوالدين جي مدد سان چنيسر گاديءَ تي ويٺو. انهيءَ موجب سومرن حاڪمن جي لسٽ پونگر کان پوءِ هيٺين درست هٿ ڪهرجي:

پونگر پيو	١٣٠٠ع	کان ١٣١٢ع	تائين
دودو ٽيون	١٣١٢ع	" ١٣١٣ع	"
چنيسر	١٣١٣ع	" ١٣٣٢ع	"
خفيف	١٣٣٢ع	" ١٣٥٥ع	"
عمر پيو	١٣٥٥ع	" ١٣٩٠ع	"
پونگر ٽيون	١٣٩٠ع	" ١٤٠٠ع	"
همير	١٤٠٠ع	" ١٤٣٩ع	"

هيٺين تاريخي احوالن جي چنڊ چاڻ بعد ثابت ٿئي ٿو ته علاوالدين جي ڪاهه جو سال ١٣١٣ع برابر آهي.

Marfat.com

عمرڪوٽ يا امرڪوٽ

هن وقت جيڪي سنڌ جون تاريخون اسڪولن ۾ پاڙهيون وڃن ٿيون، تن ۾ ائين لکيل آهي تہ 'امرڪوٽ جو شهر عمر سومري ومائي ڪوٽ ٺهرائي، ان ۾ مارئيءَ کي ملير ماڻ آڻي وهاريو هو'. انهيءَ ڪري عام طرح سنڌ ۾ عمرڪوٽ "ع" سان لکن، ۽ عمر سومري جو وسايل وسهڻ جو رواج ٿي ويو آهي. پر ائين ڪونهي. هن ڪتاب ۾ وڌيڪ دليلن سان هن گالهه تي روشني وڌي ويندي.

عمر سومرو پيو سومرن جو سترهون حاڪم، جنهن ١٣٥٥ع کان ١٣٩٠ع تائين حڪمران هو (جنهن جو ذڪر پٺي باب ۾ ايندو)، مگر عمرڪوٽ جو شهر انهيءَ کان گهڻو آڳاڻو آهي، جيئن تہ:

١ــ لدروي ۽ پونگل جي ٻيڙو ونسي راجا منڍم راءِ، امرڪوٽ جي پرمار راجا مسود جي ڪنيا سان شادي ڪئي هئي (١). اهو منڍم راءِ سنبت ٦١٢ وڪرمي مطابق ٥٥٩ع ۾ گاديءَ تي ويٺو هو (٢).

٢ــ وڪرمي سنبت ١٠٥٤ = ٩٩٧ عيسوي ۾ مارواڙ جي راجا ڏرٽي براهم، مارواڙ جي نون ڪوٽن جي ورهاست پنهنجي نون پٽن ۾ ڪرڻ وقت، ڏات (امرڪوٽ) سندس پٽ جوگراج کي ڏنو هو.

٣ــ سنہ ١٠٢٠ع ۾ جاسل کي ڇڏائڻ لاءِ، نوگهن امرڪوٽ تي ڪاهيو هو (٣).

٤ــ سنبت ١١٠٠ برابر سنہ ١٠٤٣ع جي آڪاڙ مهيني

---

(١) «ٽاڈ راجستان» گجراتي پاڳو پيو صفحو ١١٨٦-١١٨٧ ۽ «راجپوتانا انهاس» هندي پاڳو ٻهريون، جگديش سنگ گهلوت، صفحو ٣٥٥.

(٢) «وقائع راجستان» اردو پاڳو پيو صفحو ٩٣، مصنف حڪيم محمد لطيف نجم الغني صاحب.

(٣) «تاريخ ڪالياواڙ» وليم ولبرفورس بيل صاحب.

Marfat.com

۾ امرڪوٽ جي راجا هميرسنگ، پونگل جي يدوونسي راجا دوساجي جي ملڪ تي ڪاهيو هو، ۽ ڪيسر ڪواڙي بہ هميرسنگ تي ٽي دفعا ڪاهيو هو، ۽ هڪ دفعي ۱۲۵ سومريون ڪٽي وڌو هو (۱).

۵ـ سنہ ۱۲۱۹ع ۾ جيسلمير جي راجا چاچڪ ديو پهرئين، راڻا روپسنگ تي ڪاهيو هو. ان وقت راڻا روپسنگ پنهنجي راڄڌاني ڇڏي امرڪوٽ ۾ اچي اجهو ورتو هو (وقائع راجستان اردو پاڳو پيو، صفحو ۹۳، مصنف حڪيم مولوي نجم الغني، ڇپيل همدرد پريس لکنو)، ۽ روپسيءَ پنهنجي ڪنيا جو وهاڻ هن سان ڪيو ("راجپوتانا اتهاس" هندي، پاڳو پهريون، صفحو ۲۶۱، جگديش سنگ گهلوت).

۶ـ سوڍي راجديو سنہ ۱۲۲۶ع ۾ عمرڪوٽ سومرن کان هٿ ڪيو ("سنڌ گزيٽيئر" بي واليوم، صفحو ۴۶). ان وقت مٺس پرمارن جي حڪومت هئي. سومرا پرمارن جي ۳۵ ساکن مان هڪ ساک آهي، تنهنڪري اهي سومرا پرمار هئا. سوڍن جي سنڌ ۾ اچڻ وقت بہ انهيءَ پاڳي تي سومرن جي حڪومت هئي ۽ اها حڪومت ڪيترين صدين تائين اتي هلندي پئي آئي. انهن پنهنجي حڪومت ۾ ڪيترا شهر ٻڌايا، جن مان امرڪوٽ بہ هڪ آهي، جو "اومره" سومري ٻڌايو. جنهنڪري هن جي نالي پٺيان امرڪوٽ سڏجڻ لڳو.

۷ـ جيسلمير جو راول لاکڻ سنگ، سنہ ۱۲۷۱ع ۾ گاديءَ تي ويٺو. هن جو وهاڻ امرڪوٽ جي سوڍا راڻا جي ڏيءَ سان ٿيو هو ("راجپوتانا اتهاس" هندي، پاڳو پهريون، صفحو ۲۶۳).

۸ـ دودي ٽئين پنهنجو ملڪ امرڪوٽ تائين وڌايو ۽ علاوالدين جي لشڪر جي ڪاهه وقت امرڪوٽ جي سوڍن،

---

(۱) "ويرني ولاس" گجراتي پاڳو پهريون. ڇپيل احمد آباد سال ۱۹۲۸ع صفحو ۱۸.

Marfat.com

هاسي سوڍي جي اڳوانيءَ هيٺ مددي لشڪر (١٤٠ ماڻهو) موڪليو هو.

مٿيان واقعا عمر سومري جي حڪومت (١٣٥٥-١٣٩٠ع) کان آڳاٽا آهن، جنهن مان سمجهجي ٿو ته امرڪوٽ جو شهر عمر سومري کان آڳاٽو آهي.

امرڪوٽ جو شهر ڪڏهين آباد ٿيو ۽ ڪنهن آباد ڪيو، ان لاءِ ڌار ڌار رايا آهن. ڪي چون ٿا ته هي شهر پهرين عيسوي صديءَ کان به آڳاٽو آهي. ٽاڊ صاحب جي لکڻ موجب امرسنگ پرمار، ١١ عيسوي صديءَ ۾ ٻڌايو (١)، پر اها ڳالهه به اڻپوري آهي، ڇاڪاڻ ته مٿين بيان ڪيل تاريخي احوالن مان پتو پوي ٿو ته امرڪوٽ ١١ صديءَ کان به آڳاٽو آهي.

حڪيم مولوي نجم الغني صاحب "وقائع راجستان" اردو ۾ لکي ٿو ته 'پرمار سومرن جون ٩ حڪومتون ۽ ١٤ تخت گاه هئا، جن مان ڪي شهر هنن تعمير ڪرايا، ۽ امرڪوٽ "اومره" سومري ٻڌايو هو' (٢). تاريخي لحاظ کان مولوي صاحب جي تحقيقات اعتبار جوڳي آهي.

جهوني ۾ جهونو جيڪو احوال مليو آهي، تنهن مان چئي سگهجي ٿو ته اهو شهر ٥٥٩ع ۾ به وسندڙ ۽ آباد هو، ۽ اڳيان ليکڪ امرڪوٽ "الف" سان لکندا هئا. جيئن ته هيٺين مسلمان ليکڪن جا حوالا ڏسو:

١- "تاريخ فرشته" هڪ معتبر تاريخي ڪتاب آهي، جو سنه ١٠١٥هه (١٦٦٣ سنبت/١٦٠٦ عيسوي) ۾ محمد قاسم فرشته نالي هڪ مسلمان عالم، ڏکڻ بيجاپور جي بادشاهه

---

(١) "ٽاڊراجستان" گجراتي، ڀاڱو ٻيو، صفحو ٢٣٤.

(٢) "وقائع راجستان" اردو، مولوي حڪيم نجم الغني صاحب، عمدرد پريس، لکنو، ١٩٢٥ع، صفحو ٤٨-٥٢.

Marfat.com

ابراهيم عادل شاهه جي حڪم سان، گهڻين تاريخن سان احوال گڏ ڪري، تيار ڪيو هو، ان جي اردو ايڊيشن، پاڳي ٻڌي، ڇپيل نول ڪشور پريس لکنو ۾ ساڻ "امرڪوٽ" لکيل آهي.

٢ـ "اڪبر نامه" جلد ٻهريون، صفحي ١٤٤ـ١٤٥ ۾ "امرڪوٽ" لکيل آهي (١).

(٣) "غياث اللغات"، صفحي ٥٠٨ ۾ "امرڪوٽ" الف سان لکيل آهي.

(٤) حڪيم مولوي نجم الغني، پنهنجي تصنيف "وقائع راجستان" صفحي ٤٨ ۽ ٥٢ ۾ "امرڪوٽ" الف سان لکيو آهي.

٥ـ خان بهادر شمس العلماء مولوي ذڪاءالله صاحب، "تاريخ هند" جلد پنجون، صفحو ٤٥٧، ڇپيل علي گڙهه، سال ١٩١٨ع ۾، "امرڪوٽ" الف سان لکيو آهي.

٦ـ شمس العماء محمد حسين آزاد "دربار اڪبري" ذڪر "امرڪوٽ ۽ لاهور" ۾، "امرڪوٽ" الف سان لکيل آهي.

٧ـ شمس العلماء مرزا قليچ بيگ صاحب پنهنجي ڪتاب "قديم سنڌ ۽ ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو" جي ديباچي جي صفحي ٥ ۾ "آئين اڪبري" تان ڪيل ترجمي ۾ صاف "امرڪوٽ" لکيو آهي. ساڳئي ديباچي جي صفحي ٩، ۽ ڪتاب جي صفحي ١٠٤ ۽ ٣٥٣ ۾ "عمرڪوٽ يا امرڪوٽ" لکيو آهي، ۽ لکي ٿو ته 'سنڌ جي پراڻين پارسي تاريخن ۾ به "امرڪوٽ" لکيل آهي'.

٨ـ حڪيم مولوي فتح محمد سيوهاڻي صاحب پنهنجي ڪتاب "ابوالفضل ۽ فيضي"، سال ١٩٣٦ع، صفحي ١٩ ۾ "امرڪوٽ" الف سان لکيو آهي.

١٠ـ مسٽر مولائي شيدائي فيلو سنڌ يونيورسٽي، پنهنجي هڪ مضمون، الوحيد اخبار ١١ـ نومبر ١٩٥٢ع، صفحي ٣،

---

(١) "مارواڙ اتهاس"، صفحي ٥٠٠ جو فوٽ نوٽ.

Marfat.com

ء لکي ٿو ته 'اڪبر اعظم جي زماني تائين "امرڪوٽ" الف سان سڏبو هو ، پوءِ مسلمان مورخن جي خوش فهميءَ کري ڦري "عمرڪوٽ" ٿيو'.

انگريز ليکڪن به "امرڪوٽ" الف سان لکيو آهي:

١ــ راجپوتانا جي پوليٽيڪل ايجنٽ، ڪرنل جيمس ٽاڊ صاحب، پنهنجي ١٤ صديءَ جي شروعات ۽ لکيل "ٽاڊ راجستان" ۾ هر ڪنهن جاءِ تي، جتي امرڪوٽ جو ذڪر آيو آهي، اتي صاف الف سان "امرڪوٽ" لکيو آهي.

٢ــ "آئينہ اڪبري" جي انگريزي ترجمي، ليکڪ مسٽر گليڊون، ١٧٨٣ع، ڇپيل بمبئي، جي صفحي ٥١١ ۽ صاف Amar Kot (A/الف سان) لکيل آهي.

٣ــ "اڪبر نامہ" جي انگريزيءَ ۽ ڪيل ترجمي، ليکڪ مسٽر ايڇ. بورج (H. Beveridge)، جلد ٻيريون، صفحو ٥٥، سٽ ٣، ۽ صاف امرڪوٽ "A" سان لکيو آهي.

هندو ليکڪن به "امرڪوٽ" الف سان لکيو آهي:

١ــ بابو بنڪم چندر لاهڙيءَ جي لکيل "اڪبر بادشاهہ جو جيون چرتر" جي گجراتي ترجمي ۽، ليکڪ پيمجي هرجيون، ڇپيل احمدآباد، سال ١٩١٦ع، صفحي ٣٨، ۽ صاف "امرڪوٽ" لکيل آهي.

٢ــ ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، سابق پرنسپال ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ پنهنجي ڪتاب "روح رهاڻ" صفحو ٤٦، سٽ ٥، صفحو ٤٩ سٽ ١١، صفحو ٥٣ سٽ ١٠، ۽ صاف "امرڪوٽ" لکيو آهي، ۽ ٻئي صفحي ٤٧ جي فوٽ نوٽ ۾ لکي ٿو ته اهائي صحيح هجي آهي، ۽ پنهنجي شاهہ جي رسالي ۾ به هر هنڌ "امرڪوٽ" الف سان لکيو آٿس.

٣ــ مسٽر ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، سابق ليڪچرار ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ڪراچي، پنهنجي ڪتاب، "مودن جي صاحبي

Marfat.com

عرف راڻن جو راج" ۽ صفحي ١٢، ٽ ١١، ١٤ ۽ ١٦ ۽ صاف "امرڪوٽ" الف سان لکيو آهي.

۴- مسٽر تيج سنگ سولنڪي، پنهنجي ڪتاب "امرڪوٽ اتهاس" ۾ سيڪنهن هنڌ "امرڪوٽ" الف سان لکيو آهي.

ڪيترين اردو تاريخن ۾ به "امرڪوٽ" الف سان لکيل آهي.

ٿرپارڪر ضلعي جا اصل رهاڪو، راجستاني ۽ ماروڙي، اڄ ڏائين "امرڪوٽ" چوندا آهن. سندن گيتن، ڪوتائن، بيتن ۽ دوهن ۾ به (جي عام آهن، امرڪوٽ، امراڻو، امراپوري وغيره نالا آيا آهن، جيئن ته

امراڻو امراپري ڏرا سرنگي ڏات،
رهي جو سوڍو راجوي پهه پهنوارن پات،
ڏات سرنگي گوريان راڻو چتر سجان،
بڙ جهڪيا لاڏبي ڏٺا آيو گيو امراڻ."

* * *

ڪوٽ ڏ امرڪوٽ، پيون سپ ڪوڙيون."

"ڪوٽ" لفظ بابت جناب سولائي شيدائي صاحب لکيو آهي ته 'اصل نج سنسڪرت لفظ "ڪوٽاڪا" آهي، جو اسلامي دور کان آڳاڻو آهي ۽ انهن شهرن لاءِ ڪم آيل آهي، جتي قلعا هٿا. اسلام جي دور کان اڳي ڪوٽ لفظ هندن ۾ رائج هو'. ان لاءِ ڪيترا حوالا به ڏنا اٿس: جيئن ته سلطان محمود غزنويءَ ١٠٠٨ع ۾ نگرڪوٽ تي ڪاهه ڪئي؛ ستن ڏينهن جي گهيري بعد برهمڻن ڪوٽ جا در پٽيا، جتان سلطان کي ست لک اشرفيون، ست سوَ من سون ۽ چانديءَ جا برتن، ۽ سوَ من سون، به هزار من چاندي، ۽ ويهه من جواهرات جا هٿ لڳا. سنه ١٠٠٥ع ڌاري سلطان، ڪشمير جي "لوهه ڪوٽ" تي ڪاهه ڪئي، پر شڪست کائي موٽيو (ڏسو

Marfat.com

پروفيسر محمد حبيب جي تاريخ "سلطان محمود غزنوي"، صفحو ۳۸-۵۰، الهه آباد اڪيڊمي، سال ۱۹۴۰ع).

چار سؤ قبل مسيح، سنڌ ۾ ڪلان ڪوٽ ۽ نيرون ڪوٽ هندن جا قلعا هئا. انهن قلعن کان سواءِ، راءِ گهراٽي جي راجائن وٽ آڻ، مائيلو، سيوراءِ مائو، سيوستان، نيرون ڪوٽ، الور، برهمڻ آباد، ۽ ديول مشهور ڪوٽ هئا، جن جي ڪيرائڻ لاءِ عرب فاتحن منجنيقون استعمال ڪيون هيون ("چچ نامو" صفحو ۱۵-۱۱۵، شمس العلماءَ ڈاڪٽر عمر محمد دائود پوٽو، سابق ڈائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن سنڌ، سال ۱۹۳۹ع).

ڪانياواڙ ۾، راجکوٽ مسلمانن جي دور کان اڳ جو وسايل آهي، ۽ هندن جي راڄڌانيءَ جو هنڌ هو.

اڄوڪا ڪي ليکڪ چون ٿا تہ "ڪوٽ" لفظ اسلامي ڪلچر جو آهي، جيڪڏهين هندن جو وسايل هجي ها تہ "ڪوٽ" لفظ نہ هجي ها. هندو، ڪوٽ جي بدران "گڑهہ" (گڙ) لفظ ڪم آڻيندا آهن، وغيره، مگر مٿين احوالن مان معلوم ٿيندو تہ ڪوٽ لفظ جو اسلامي ڪلچر سان لاڳاپو ڪونہ آهي، ۽ نڪو هرويرو هندو پنهنجن قلعن کي "گڑهہ" ۽ مسلمان "ڪوٽ" سڏيندا هئا.

سير جڏهين ٽر جو پاڳو سوڍن کان هٿ ڪيو، تڏهن سڻيءَ ۾ ۱۷۹۵ع ۾ مير فتح علي خان هڪ قلعو جوڙائي، ان جو نالو "فتح گڑهہ" رکيو ۽ نہ "فتح ڪوٽ"، ان کان پوءِ چيلهار ۾ قلعو ٺهرائي، ان جو نالو "علي گڑهہ" رکيو ۽ نہ "علي ڪوٽ".

اهي نالا ڪجهہ وقت چالو هئا، پر پوءِ وري اهي ڳوٺ پنهنجن اصلوڪن نالن سان سڏجڻ لڳا، جي اڄ ڪالهين انهن نالن سان سڏجن ٿا.

Marfat.com

هندستان ۾ علي گڙهه جتي مشهور مسلم يونيورسٽي آهي. چا، اهو مسلمانن جي آباد ڪيل نه آهي؟ اهڙا ٻيا به ڪيترا مثال آهن، جو مسلمان پنهنجي پڏايل شهرن کي "گڙهه"، جي نالن مان سڏيندا هئا، جيئن ته سنڌ ۾ "دين گڙهه" جتي مدد خان جي ڪاهه وقت مير وجي گڏ ٿيا هئا.

مٿين حقيقتن مان چڱيءَ طرح ثابت ٿيو ته امر ڪوٽ نڪي امر سنگ جو پڏايل آهي، ۽ نڪي عمر سومري جو پڏايل آهي. اهو شهر انهن پنهي جي حڪومتن کان آڳاٽو آهي، ۽ جناب مولوي حڪيم نجم‌الغني صاحب جي تحقيقات موجب، اومره سومري جو پڏايل آهي (سومرا ان وقت هندو پرمار راجپوت هئا)، جنهنکري امرڪوٽ سڏبو هو، ۽ ان کي الف سان لکڻ جو عام رواج هو، جو مولائي شيدائي جي لکڻ موجب اڪبر اعظم جي زماني تائين امرڪوٽ الف سان لکبو هو، پوءِ مسلمان مورخن جي خوش فهميءَ ڪري، ڦري عمرڪوٽ ٿيو: اڄ تائين ڪيترا فاضل ليکڪ امرڪوٽ الف سان لکن ٿا، جو ئي صحيح لفظ آهي.

Marfat.com

باب ڇهون

سومرن جي حڪومت جو پهريون دور

عمرسومرو ٻيو

ٺٽي مان سومرن جي حڪومت وڃڻ بعد، هن حاڪم سنه ١٣٥٥ع ۾ عمرڪوٽ سوڍن کان هٿ ڪيو، ۽ ١٣٩٠ع تائين حڪومت ڪئي. انهيءَ لڙائي جو ڪوبه احوال ملي نٿو سگهي. ان وقت سوڍن جو زور ٽٽل هو، جنهنڪري عمر سومري هاڻوڪي ڇاڇري، چيلهار ۽ مٺيءَ تائين ڍاٽ ڀاڱو پنهنجي هٿ ڪيو ۽ ڪجهه وقت کانپوءِ، اڳني وڌي پارڪر وارو ٽڪر به تابع ڪيائين، ۽ اتي پنهنجو صوبو عبدالرزاق مقرر ڪيائين، جو سندس ڀيڻويو به هو. عمر سومرو ٻيو، "عمر ۽ مارئي" جي داستان سببان مشهور آهي، سندس عشق ۽ محبت جو ٻيو به هڪ واقعو بيان ڪيل آهي، جي ٻئي هيٺ ڏجن ٿا.

عمر ۽ مارئيءَ جو قصو سنڌ ۾ عام مشهور آهي. سنڌ جي شاعرن جي سرتاج شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ ۽ ٻين ڪيترن شاعرن انهيءَ بابت شعر چيا آهن، جي نه رڳو پڙهيل طبقي تائين محدود آهن، پر عام ۾ به مشهور آهن. جهنگ ۾ ڏسبو ته هرڪو مالدار، ٻڪرار، ڳنوار ۽ ٻنين ۾ ڪڙي مارئيءَ جا بيت سڪ سان پيو ڳائيندو ۽ انهيءَ موج ۾ مست هوندو. ڪيترن ودوانن مارئيءَ جي آکاڻي قلمبند ڪئي آهي، ۽ ڪيترا ڪتاب لکيا ويا آهن. ڪيترن اتهاسن ۾ احوال ملي ٿو، پر ڪٿي به اهو چٽائيءَ سان ثابت ٿيل نه آهي ته مارئيءَ

Marfat.com

جا ماڻڻ ڪير هڻاء انهيءَ ڏس ۾ ڪنهن بہ تڪليف ونهي ڪا ڪوجنا ڪانہ ڪئي آهي. سيني ڪئي سواءِ سوچ ويچار جي ساڳيو رستو ورتو آهي، ۽ ويا آهن هڪ ٻئي جو نقل ڪندا جيئن تہ

۱ــ بزرگ صاحب پنهنجي ڪتاب "سنڌ ۽ ان جا ماڻهو" جي صفحي ۱۰۷ ۾ مارئيءَ بابت لکي تہ "مارئيءَ جي ماءُ ماڏوئي اصل لاکي ڦلاڻيءَ جي گهر ۾ هئي، جتان پالڻو ڪيس پڇائي، ملير ۾ وئي آيو هو. ان وقت مارئي اڳينئي پيٽ ۾ هئي. ڪي قصہ نويس 'ماڏوئي' کي 'مهراڏي' بہ چون ٿا" (۱).

۲ــ سيٺ روچيرام ڪنگارام سڌاڻي پنهنجي ڪتاب "عمر مارئي"، ڇاپو پهريون، سال ۱۹۳۰ع، جي ديباچي، ۽ صفحي ۲ــ۵۳، ۾ پين هنڌن لکي ٿو تہ "مارئي ڪڇ جي واجا چام ڦل جي ڏيءَ هئي، جا پنجينءَ، پوئينءَ ۽ سيني کان ننڍيءَ واڻيءَ 'ميراڏيءَ' مان ڄائي هئي. ميراڏيءَ کي پالڻو ورڻ ۾ وئي آيو هو، ان وقت مارئي گرب ۾ هئي، جا پالڻي جي گهر ڄائي".

۳ــ ڪڇ جي "رس ڌار" گجراتي ڪتاب ۾ لکيل آهي تہ "مارئي ڪڇ جي واجا چام ڦل جي ڏيءَ هئي، جا واجا جي مرڻ بعد پنجين مهني واڻيءَ 'ميران ديويءَ' جي پيٽان جائي هئي، جنهن جي پالنا سندس نانائي گوت ملير ۾ ٿي" (۲).

۴ــ پروفيسر رام پنجواڻي پنهنجي ڪتاب "پکي ۽ پدڻي" ۾ لکي ٿو تہ "ماوئي ڪڇ جي راجا ڦل جي ڏيءَ هئي، جتان پالڻو، سندس ماءُ 'مهراڏي' کي رت ۾ ڪٽي آيو هو"، وغيرہ.

۵ــ ڊاڪٽر هوڏچند مولچند گربخشاڻي پنهنجي ڪتاب

---

(۱) "روح رهاڻ"، مصنف ڊاڪٽر گربخشاڻي، صفحي ۱۴۴ جو فوٽ نوٽ
(۲) بحوالہ "امرڪوٽ اتهاس"، صفحي ۲۸ جو فوٽ نوٽ.

Marfat.com

"روح رهاڻ"، صفحي ۴۴ ۾ لکي ٿو ته "مارئي، ٻالڻي جي ڏيءَ هئي، ۽ ماءُ جو نالو 'ماڏوئي' هئس، جا ٻالڻي جي زال هئي"۔ وڌيڪ لکي ٿو ته "متين حقيقت بابت 'تاريخ طاهري' يا 'تحفةالڪرام' ۾ اهڙو ذڪر ڪونهي، ۽ نڪو شاهه صاحب جي ڏنل احوال مان متين حقيقتون ملن ٿيون۔ ڪي چون ٿا ته چاهه ڦل جي ڏيءَ هئي، پر برڻن صاحب چوي ٿو ته لاکي ڦلاٽيءَ جي ڏيءَ هئي؛ مارئي کي عمر ڪٽي آيو هو۔ عمر سومرو عمرڪوٽ جو حاڪم هو، جنهن سنہ ۱۳۵۵ع کان ۱۳۹۰ع تائين ۳۵ ورهيه حڪومت ڪئي. مارئيءَ جو واقعو به انهيءَ عرصي اندر ٿيو".

"ڪچ جو گجراتي اتهاس" ڇاپو پهريون، سال ۱۹۲۶ء، جي صفحي ۵۲ ۾ لکيل آهي ته "ڪچ جي راجا چاهه ڦل کي پنجن راڻين مان ڇهه پٽ ٿيا: چاهه ڏولا راءِ جي ڪنيا مان ماندل، چاوڙي راڻيءَ مان سور، سوڍي راڻيءَ مان ڪينهرو، ۽ ڏوڍ واگهيلي راڻيءَ مان ڏائو، ۽ سونل راڻيءَ مان لاکو." صفحي ۵۱ ۾ لکيل آهي ته "سنبت ۹۷۶ (۹۱۹ء)، ڪارتڪ سڌ ٻيج جي ڏينهن، سونل جي ٻيٽان هڪ پٽ ڄائو، ان جو نالو لاکو رکيو ويو." انهيءَ اتهاس صفحي ۵۷ ۾ لکيل آهي ته "لاکو لڑائيءَ ۾ وڙهندي، سنبت ۱۰۳۵ (۹۷۸ء)، ڪارتڪ ٻيج جي ۱۲ ڏينهن مارجي ويو" (۱).

هاڻي ويچار جي ڳالهه آهي ته عمر سومرو ۱۳۵۵ع کان ۱۳۹۰ع تائين حاڪم هو. مارئيءَ جو واقعو به انهيءَ عرصي ۾ ٿيو. لاکي جو جنم ۹۱۹ع ۾ ۽ موت ۹۷۸ع ۾ ٿيو، ۽ چاهه ڦل ان کان اڳي هو. هن حالت ۾ مارئي ڪيئن چاهه ڦل يا لاکي ڦلاٽيءَ جي ڏيءَ ٿي؟ خاطريءَ سان چئي

(۱) ٻيو لاکو، پندرهينءَ صديءَ جي ڇيڙيءَ ۾، ڪڇ ڪهڙ ۽ ماڙ ٻيٽ جو راجا هردوز جي مرڻ بعد، گاديءَ تي ويٺو. (ڪچ جو گجراتي اتهاس)

Marfat.com

سگهجي ٿو ته اها ڳالهه ڪوڙي آهي، ۽ ڪتاب لکندڙ سواءِ جاچ جوچ جي، ويا آهن هڪ ٻئي جو نقل ڪندا. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ پنهنجي ڪتاب "روح رهاڻ" ۾ جيڪي لکيو آهي، سو گهڻيءَ کوجنا بعد لکيو اٿس. شايد ائين هجي جو مارئي، مارو قوم مان، پالڻي جي ڌيءَ ۽ ميراڏيءَ يا مهراڏيءَ جي پيٽان ڄائي هجي جا پالڻي جي زال هئي.

مارئي هئي سهڻي ۽ سلڇڻي، جنهنڪري ڏند ڪٿائن وارن هرو ڀرو هن جي نسبت، راجائي گهر سان ڳنڍي کڻي ڪڇ جي راجا جي ڌيءَ بنائي. ائين ڪونهي ته ڪو غريب گهرن ۾ سهڻا ۽ سلڇڻا ٻار ڪونه ٿا ڄمن. تاريخ اهڙا سوين مثال پيش ڪري سگهي ٿي. اها سڄي ڪوڙي ڪلپنا ڪڇ جي ڏند ڪٿائن تان ٿيل آهي.

مارئي جي جنم بابت کڻي ڪيترائي اختلاف هجن، پر انهيءَ ڳالهه ۾ سڀيئي اتفاق راءِ آهن ته مارئي جو لالن پالن ڳوٺ ملير ۾ ٿيو.—"ويندس وطن سامهون، ملير منهنجو ماڳ."

ملير جو ڳوٺ هاڻي ڪونهي، پر ان جا ڦٽل کنڊر اڃا به اڳوڻي وقت جي يادگيري ڏياري رهيا آهن. هي ڳوٺ ننگر پارڪر تعلقي ۾ رڻ جي ڪَس سان هو. هتان ننگرپارڪر ٢٤ ميل پري آهي. ملير جي ڀرسان هاڻي "ڀالوا" نالي ڳوٺڙو آهي، جتي ست ڀٽون هڪ ٻئي سان لاڳيتون آهن. انهن ڀٽن جي مهڙ ۾ هڪ وڏو ڏهر آهي، جو ڊيگهه-ويڪر ۾ ايڏو وڏو آهي، جو حيدرآباد جو سڄو شهر منجهس سولائيءَ سان سمائجي وڃي. —"جوءِ ڪشادي جيڏيون، ملير موڪ مهاڙ".

مارئي جا مائٽ مارو لوڪ هئا، اهي پهنوار (پهون= ٻڪريون) يعني ٻڪرار هئا، مارئي پاڻ به ڇيلڙا چاريندي هئي. سندس مائٽ، پنهنجي مال جي چاري سانگي ملير جي ويڙهين يعني گهاٽن ۽ ولين واري هنڌن تي رهندا هئا، جنهنڪري

Marfat.com

هو ”ويڙهيچا“ يعني ويڙهه ۾ رهندڙ ۽ ”جهانگيڙا“ يعني جهنگ ۾ رهندڙ سڏجن ٿا. ٿر ۾ پهريائين جنهن هنڌ برسات پوندي آهي، تڏهين ٿر جا مالدار پنهنجو مال اتي وٺي، وڃي چاريندا آهن ۽ اتي سانگ ڪري ويندا آهن، جنهنڪري هو ”سانگي“ يا ”سانگيڙا“ سڏجن ٿا. ـ”جهڙ ڦڙ جت ٿئان، آت اڏيائون پکڙا !!.“

اڄ تائين ڪيترن کي آن ڳنهڻ جي پڄت ڪانهي، تنهنڪري ڏُٽ گهڻو کائيندا آهن ۽ انهيءَ ڪري هو ڏوئي يا ”ڏوٿيڙا“ سڏجن ٿا. اهي ويپارا پنهنجن ننڍڙن گهيٽن (جن کي مسؤنيا چوندا آهن) ۽ رڍن جي آن مان کٿا ۽ لوبون جوڙائي، انهن مان پنهنجو بت ڍڪيندا آهن، تنهنڪري شاعرن کين ”لوئرياڙا“ يعني لويون ڍڪيندڙ ۽ ”کٿيرا“ يعني کٿا اوڍيندڙ سڏيو آهي. مٽيءَ جون جايون به ڪن ٿورڙن کي نصيب آهن، نه ته گهڻا جهنگ مان ڍنگر يعني وڻن جون ٽاريون، آڻي انهن مان وانڍيون يعني ڍنگهرن جون ڀونگيون جوڙين ٿا، ۽ ڪي ٻين وڻن جي ٽارين مان چونرا يعني گول جهوپڙا ٺاهي، انهن ۾ بنا ڪڙن، ڪنڍن ۽ ڪلفن جي رهندا آهن. اهڙن مسڪين ماروئڙن جو اولاد، هيءَ ٿوري قوت ۽ سڀرست واري، هيم ورني، مارئي هئي. مارئي لفظ جي معنيٰ آهي مارو لوڪن يا سانگي ماڻهن جي نياڻي.

مارئي جڏهين جواني کي پهتي، تڏهين سندس حسن جي هاڪ چوڌاري پکڙجي ويئي.

”پکي ۾ پدمئي ڪر، ڏئي وراڪا وڄ
جهڙي صورت سڄ، تهڙي مورت مارئي!“

مارئيءَ جي سڄ جهڙي سهڻيءَ صورت تي موهت ٿي، ٿوڳ نالي هڪ ٻڪرار (جو پالڻي وٽ نوڪر هو)، مارئيءَ جو سڱ گهريو. پالڻي هن ناجائز هلت ۽ گستاخيءَ جي ڪري،

Marfat.com

ڪاوڙجي ڦوڳ کي پنهجي ڳوٺ مان لوڌي ڪڍيو، ۽ مارئيءَ جو مڱڻو پنهنجي هڪ نيات واري، کيت، سان ڪيائين. ڦوڳ آخر رٿ رٿي ته ڪو حيلو هلائي، مارئيءَ کي عمر سومري جي ڦندي ۾ ڦاسايان. اهو سور دل ۾ سانڍي، عمرڪوٽ ۾ عمر سومري وٽ آيو، ۽ هن اچي چيائين ته ’ٿر جي ملير ڳوٺ ۾ مارئيءَ نالي هڪ نينگري آهي، جنهن جي سونهن جي برابري توهان جي محلات ۾ ته ڇا، پر ٻي به ڪا راڄ رڻي مشڪلات سان ڪري سگهندي. ”آهي سا ڌنار جي ڌيءَ، پر سج به اڳيان سندس سر نمائي ٿو!“ لڳن تي ليڙون لٽا اٿس، پر جي لاکيڻو لباس پهري، ته هوند پرين کي به پري بيهاري. اهڙي من موهڻي مورت شاهي محلات ۾ ٿي سونهي!‘

اهو احوال سڻي، عمر انهيءَ اڻ ڏٺل حور جي حسن جي هاڪ تي اڪن ڇڪن ٿي پيو، ۽ دل ۾ پڪو پرن ڪيائين ته ڪنهن به حيلي کيس هٿ ڪري، پنهنجي پٽ راڻي بنائيندس. پوءِ ويس بدلائي، آٺ تي چڙهي، ڦوڳ سان گڏجي روانو ٿيو. عمرڪوٽ کان ملير ٥٠ ڪوهه پري آهي، تنهنڪري ٻن ٽن منزلن بعد، اچي ملير پهتا.

ٿر جا کوهه اونها آهن، ڪي کوهه ٣٠-٤٠ پرهه، ته ڪي ٦٠ پرهه اونها ٿين. ويچاريون ٿاريلڻيون اڌ رات ڏيئي اٿن، ۽ اوڏي مهل ٿي، مڙسارن جي مدد سان ۽ وقتي اڪيليون، پاڻي ڀري پورت ڪيو ڇڏين، جيڪي ويسليون ٿي سمهي رهنديون آهن، تن کي صبح جو وارو مشڪل ملندو آهي، ڇو ته پوءِ گهر جي ٻئي ورتڻ ۾ رڌل رهنديون آهن. ازان سواءِ تڙن تي ايتري ڀيڙ ٿيندي آهي، جو کين ڪيترو وقت ترسڻو پوندو آهي.

”آڌيءَ اٿن تي، جيلان پاڻي پاتارن ۾،
وارو ويسرين کي، ڏينهان ڪونه ڏئي،

Marfat.com

مون ڪميٽيءَ کي، مٿان کوهه کڻي ويا!"

ڀنڀرڪي جي مهل هئي، مارئي به راڄ جي رواج پٽاندر ٻين سهيلين سان گڏ ڀر واري کوهه تان پاڻي ڀري رهي هئي، ته اوچتو ڌيان پريان اڏامندڙ دز ڏانهن ڇڪجي ويس. آهستي آهستي، انهيءَ دز مان اوٺي سوار نظر اچڻ لڳا، ترت ويجهو اچي پهتا. ڦوڳ پريان ئي عمر کي مارئي ڏيکاري ڇڏي. هن جهڙي ٻڌي هئي، ويتر انهيءَ کان به موچاري ڏسي، مٿس مفتون ٿي پيو. يڪدم کوهه جي ڀرسان هڪ وڻ جي ڇانو هيٺ اٺ وهاريائين. ڪي ويچاريون ٿاريليون هنن اوڦٽو مائهن کي ڏسي، البت هراس وچان گهڙا ڦٽا ڪري، گهر ٿي موٽيون، ته ٻين وري دلداري ڏيئي چيو ته 'ٻڄو ڇو ٿيون! ويچارا ڪي واٽهرو اڄ جي ڪري پاڻي پيڻ لاءِ اسان ڏي لڙي آيا هوندا!' عمر يڪدم اٺ تان لهي، وڃي مارئي کي کوهه تان کڻي، اٺ تي وهاري، اک ڇنڀ ۾ واپس عمرڪوٽ ڏي روانو ٿي ويو. ويچاريءَ جو ڪو وس ڪونه هليو. واڪو واڪاڻ ڪري، مدد لاءِ ڪوڪرا ڪيائين، پر سرتيون به سڀ پنهنجي منهن ڀڄي ويئون ۽ مرد به گهڻا سارا مال سان پهري ويا هئا، سو وقتائتي واهر ئي نه سگهيس. ڦوڳ جو ته هانءُ ٺريو، جو مارئيءَ پرڻجڻ کان اڳمئي، کيت کان کسجي ويئي.

چون ٿا ته مارئيءَ محلات ۾ رهڻ کان انڪار ڪيو ۽ عمرڪوٽ جي قلعي ۾ ڄار جي وڻ هيٺ وهندي هئي. عمر سومري مارئيءَ کي لالچائڻ لاءِ هر طرح جا حيلا هلايا. کيس محلات جي خلاصي بنگلي ۾ رکي، طرحين طرحين جون لالچون عيش آرام جا بندوبست ڪري ڏنا، ۽ هر ممڪن طرح کيس ريجهائڻ ۽ دام ۾ ڦاسائڻ جون تجويزون ڪيون. عمر کيس پنهنجي سر آزيون نيزاريون ڪري چيو ته 'روڄ راڙي مان ڇا

ورندو، ڏڌو کير وري ٿڻن ۾ ڪونہ پوندو، هاڻي هتي ئي رهي، منهنجي پٽ راڻي ٿي ويهہ: منهنجيون ٻيون راڻيون تهنجيون گوليون ٿي گذاريندیون، ۽ آءٌ بہ ساري عمر تنهنجو ٻڌو ٻانهو ٿي رهندس، کيس هرکائڻ لاءِ هيرن ۽ جواهرن سان جڙيل سونا هار ۽ هر قسم جا زيور، طرح طرح جا طعام، قسمين قسمين ميوا ۽ مٺايون موجود ڪري ڏنائين، مگر مارئي جيئن ويئي پنهنجا پکا ۽ پهنوار ياد ڪندي، تيئن ويتر ويئي هنجون هاريندي. آخر جڏهين عمر گهڻو ستايس، تڏهين جواب ڏنائين تہ 'اي عمر، هن تريءَ تيل نہ لڳندو، آءٌ تہ توکي پنهنجو سڳو ڀاءُ ڪري سمجهان ٿي، اسان مارن جو اهو مرڪ نہ آهي جو سون تي سيڻ مٽيون. اي عمر سج کڻي الهندي کان اڀري، بيد جو وڻ ڦل ڦول ڏئي، سمنڊ پنهنجي مريارا ڇڏي ڏئي، هماليہ جبل پنهنجي جاءِ تان ٿڙي وڃي، وانجهڻي (سنڌ) کي پٽ ڄمي، ڌرتي ڏري پوي ۽ آسمان ڦاٽي پوي، تہ ٿي سگهي ٿو، پر آءٌ پنهنجو وطن ڪين وساريندیس'.

عمر ڀانيو تہ جيئن وقت ويندو گذرندو تيئن مارئي ويندي هوڏ تان هيٺ هٽندي، پر سندس اها اميد اجائي هئي. مارئي رات ڏينهن سانگيئڙن کي ساري، پيئي جهڄندي ۽ جهرندي هئي، پر انهن مان بہ ڪو واهرو ڪونہ وريو. عمر بہ سندس پچر نہ ڇڏي. روز وڃي نت نيون لالچون ڏيئي، ريهيندو ۽ ريڀيندو هوس، پر مارئي پکن جي پريت ماڙين سان مور نہ مٽي. مارن لاءِ جا اندر ۾ اڪير هيس، سا هرگز ماڻي نہ ٿي. عمر جي پٽ پٽيهرن ۽ بخمل بافتن کي اباڻيءَ لوئي جو مٽ مور نہ ڪيائين. هن جي سونن روپن، ست رڇين، عطر عنبيرن، ٻوڙ پلاهن ۽ ميون مٺاين کي تڇ سمان سمجهي، اڪ کڻي ڪونہ نهاريائين.

اتر لڳي کوهہ تان کڄي آئي هئي، مٿان اچي واهوندا

Marfat.com

وريا. مارن جون مند مند جون هاجون ياد ڪري هنجون پيئي هاريندي هئي. سندس ورلاپ ٻڌي، واٽهڙو به اکين مان آب پيا هاريندا هئا. هاڻي اچي مينهن جي موسم ٿي. مارو مال ڪاهي ڍٽين پٽين پکڙجي وبا، هرڪو پنهنجي هاج ڪم ۾ ئي پورو، پر مارئيءَ جو محلن ۾ هينئون پيو منجهي. ناآميدي ۽ نراسائي وڪوڙي ويئي اٿس، کٿي کُسي، لوئي ليڙون ليڙ ٿي ويئي اٿس، چڳن ۾ چيڙهه پئجي ويس، دل ۾ جا درد جي دونهين پئي دکيس، تنهن هڻي سندس حال هيٺو ڪري وڌو. سو عمر کي ٻاڏائي چوڻ لڳي ته 'آءٌ جنهن جي مڱ آهيان، اهوئي منهنجو ڀتار آهي، ۽ توکي آءٌ پنهنجو مڳو ڀاءُ ڪري ٿي سمجهان،—

"ملڪ ماروءَ جي آهيان، زور نه ٿيان جوءِ"!'

عمر جڏهين گهڻو ستايس، تڏهين ايترو چيائين ته 'ادا، تنهنجي ليکي ته آءٌ تو وٽ عمرڪوٽ ۾ آهيان، پر منهنجو من رات ڏينهن ملير ۾ پيو وسي. ڌڻي ڪندو ته آءٌ پنهنجن مٽن مائٽن سان مکاميلو ڪري، پوءِ مرنديس؛ پر جي ساڻيهه ۽ سانگين جي سڪ وچان ڪنهن مهل منهنجي سرير مان پساهه پورا ٿي وڃن، ته ڀلائي ڪري منهنجو مڙهه به ملير ۾ پهتو ڪج، ۽ منهنجي دفن ڪفن ويل، چندن ۽ لوبان جي بدران منهنجي ڏاڏاڻي ڏيهه جي ولين جو واس ڏج!

"ٿڌي مٽي ٿر جي، ولهيءَ وسائجاهه،
پويون ٿئي پساهه، ته به نجا مڙهه ملير ڏي"!'

هن وينگس جي واتان اهي گفتا ٻڌي، عمر کڻي ماٺ ڪئي. هن سومري حاڪم جيتوڻيڪ پراتي ڄائي زبردستيءَ آڻي هيئن ڪوٽ اندر قيد ۾ قابو ڪئي هئي، ته به شاباس اٿس جو سندس رضامندي کان سواءِ نڪاح نٿي ڪيائين. ويتر مارئيءَ جو اهڙو ست ۽ سچائي ڏسي عمر جو من ڀڄي

Marfat.com

ٻيو. ان مهل اها دائي، جنهن عمر سومري کي ننڍي هوندي نپاپو هو، ساهي سيپ وقت پنهنجن مائٽن ۾ هٿي، انهيءَ جڏهين اڃا سان هي قصو ٻڌو، تڏهين عمر کي چيائين تہ ’ننڍي هوندي تنهنجي پيءُ توکي گشت تي نيو هو، ۽ ملير واريءَ سنزل تي تنهنجي ماءُ ٻي، مزي ٿي هٿي، انهيءَ وقت هن ساڳيءَ مارئيءَ جي ماءُ ڏوکي پنهنجي ٽيج ڏارائي هٿي، تنهنکري مارئي تنهنجي ٽيج ٿريڪ ٻيڙ آهي، ۽ چگو ٿيو جو تو هن سان نکاح نہ ڪيوا‘ اهو ٻڌي عمر هاڻي هن ستيءَ کي پنهنجي سڳي ٻيڻ سمجهڻ لڳو، ۽ مارن ڏي نياپو موڪليائين تہ ’اڄي پنهنجي امانت وٺي وڃوا‘ هي سنيهو سڻي ويچارن مارن جي من ۾ ننڍون ساهہ پيو، سو هڪ اوٺي سنپرائي روانو ڪيائون تہ وڃي مڙ سماءُ لهي اچي. اوٺيءَ عمرڪوٽ ۾ پهچي، مارئيءَ سان ملاقات ڪئي، ۽ دلداري ڏني، ۽ پاڻ وري ملير موٽيو، ۽ مارن کي اڃي ساروحال سڻايائين. اها خوشخبري ٻڌي ساري ڏيهہ ۾ واڌايون وري وينون. پوءِ تہ مارئيءَ جا مائٽ ۽ ڪيٽ ڳڏجي عمرڪوٽ آيا. عمر ساڻن وڏا مهج ڪيا ۽ مارئيءَ کي سوڪڙيون پاکڙيون ڏيئي، ڪيس مائٽن جي حوالي ڪيو.

”تاريخ طاهري“ جو مصنف، عمر جي ملير تي ڪاهہ جي آکاڻي هن ريت بيان ڪري ٿو:

’ڪيٽ جي من ۾ مارئي بنسبت بدگمان ويهي ويو، سو ڪانڌس گوشو پيو ڪندو هو ۽ اڻندي وهندي ويڙ پيو وجهندو هوس. انهيءَ ڳالهہ جو عمر کي پتو پڻجي ويو تہ ڪين نہ ڪيٽ، مارئيءَ جي نيت ۾ شڪ آڻي خود سندس بدنامي ڪري وهيو آهي. ڏاڍي ڪاوڙ لڳيس، سو هڪدم فوج وٺي اڃي مارن تي حملو ڪيائين. مارن کي ٻہ ڪڙڪ پڻجي ويئي، سو اڻي پڳاهہ هاڻي تہ هيڪاري وڌيڪ چوپچو ٿيڻ لڳي، تنهن

Marfat.com

تي عمر ماڻهن کي چيو ته هن ستيءَ جو ور کيس هروڀرو ڇو ٿو آزاري. اها ڪا خبر پويس ٿي ته ائين ڪرڻ سان نه فقط پنهنجي زال جي، پر منهنجي به بدنامي ٿو ڪري! هيءَ روئداد ڏسي مارئيءَ کي ڏاڍو ارمان ٿيو. پوءِ هيءَ پتو رتانيات جي زالن کي تسليٰ ڏيئي، پنهنجي ست جي زور تي، سڌو عمر وٽ لنگهي ويئي ۽ وڃي چيائينس ته تون هن ملڪ جو والي آهين، جي اهڙا ابتا پار نه هلين ها، ته اڄ نه پاڻ کي پُٺائين ها ۽ نه مون کي. پرائيءَ لڄ کي ١٢ مهنا ڪوٽ ۾ قابو رکي، ناحق هن کي شڪ شبهي جو شڪار بنايُءِ. لوڪ کي سچ ڪوڙ جي ڪهڙي ڪل! جي اسان تي بهتان رکيا ون، ته انهيءَ ۾ ڪهڙو عجب! غيرت وچان جي منهنجو ڀتار مون کي هٿي ماري وجهي ته به ڏوهي نه چئبو. تلافي ته ڪانه ڪيُءِ، پر اٽلو آيو آهين ڏکويلن کي وڌيڪ ڏکوئڻ. پنهنجا افعال ساري امين ٿي ڏس ته ڪنهن جو ڏوهه آهي!

عمر کي اها ڳالهه دل سان لڳي آئي ۽ پنهنجي ڪئي کان پشيمان ٿي، کيت کي سڏائي چيائين ته قسم کئي ٿو چوان ته مون ڪا خيانت ڪانه ڪئي آهي، انهيءَ ڳالهه کي ثابت ڪرڻ لاءِ آءٌ ڪهڙي به آزمائش ڏيڻ لاءِ تيار آهيان: پر مارئيءَ نه مڃيو، چوڻ لڳي ته پريکيا مون کي تي جڳائي. من ائين پاڻ تان ۽ پنهنجي ڪُمر تان اهو ڪوڙو ڪارنهن جو ڪلنڪ لاهيان! اها رٿ نيٺ قبول ٿي. پوءِ هڪ آڙاهه (مچ) تيار ڪرايو ويو، ۽ منجهس هڪ لوهه جي شيخ تپڻ لاءِ وڌي ويئي. جڏهين اها تپي لال ٿي ۽ کنوڻ جيان جهلڪا ڏيڻ لڳي، تڏهين مارئي ان کي هٿن ۾ جهلي بيٺي. خدا جي قدرت ڏسو، جو لهس به ڪانه آيس! هاڻي سڀني کي پڪ ٿي ته هوءَ تحقيق سٽي آهي قدرت جو اهڙو عجب رنگ پسي، عمر به پنهنجي سچائي ثابت ڪرڻ لاءِ متي مچ ۾ ڪاهي پيو،

Marfat.com

سندس وار به ونگو ڪونہ ٽيوا هاڻي ماڻهن جا وات بند ٿي ويا. هن کان پوءِ ڪيت ۽ مارئي پاڻ ۾ محبت ۽ پريت سان رهڻ لڳا. ۽ عمر سوڍي پنهنجي ماڳ (عمرڪوٽ) ويو.

عمر جيتوڻيڪ نسورو ظلم ڪيو جو هن نياڻيءَ نينگر ڪي ڪوهه تان ڪڍي ويو، پر سچ ڳالهه ۾ حڪمت آهي. عمر جي اهو ڪم نه ڪري ها، ته عام ڪي ڪيئن سڌ پوي ها اسان جي مسڪين ملڪ جي هڪ ڳجهيءَ ڪنڊ ۾ مارئيءَ جهڙي بي بها لعل لڪل هئي. عمر جڏهين ائين ڪيو، تڏهين ته جگ جهان ڪي مارئيءَ جي سڃيا معلوم ٿي!

ملير ۾ اڄ تائين هڪ وڏو پٿر جي ڪوندي وڪي آهي، جا ڳوٺ پالوا کان ڏيڍ ميل پنڌ تي، ڏکڻ ايرندي طرف هڪ ڏهر ۾ پيل آهي. ڪوندي، سخت پٿر جو هڪ يڪو ٽڪر معلوم ٿئي ٿي، جنهن جي ويڪر انڪل چار فوٽ، ديگهه انڪل ڇهه فوٽ، ۽ ڳهرائي هڪ فوٽ آهي. ٽي پاسا هن وقت تائين قائم اٽس۽ ۽ هڪ پاسو زماني جي دست برد ۾ پڳل آهي. سڄو ٽر ائين ٽو ڇوي، ته مارئي پنهنجن ڇيلڙن کي انهي ڪوندي۽ ۾ پاڻي پيارندي هئي. اها ڪوندي ساڳئي انهي ڪوهه وٽ رکيل آهي، جنهن ڪوهه تان عمر سوسرو مارئيءَ کي کڻي ويو هو. اهو ڪوهه هاڻي صفا لٽيو ڏٺيو پيو آهي ۽ مٿان ڦوڳ ڦلاريا بيٺا اٽس، انهيءَ ڏوندي ۾ ڪوهه جي گولائي ۽ نشان بلڪل چٽو بيٺو آهي. هتان چاچرو ۲۶ ڪوهه، ۽ اڏان عمرڪوٽ ۲۴ ڪوهه، يعني جملي ملير کان عمرڪوٽ ۵۰ ڪوهه پري آهي.

ملير هاڻي پڙپانگ پيو آهي، پرسان ۲ ميل پري پالوا جو ڳوٺ آهي، جتي خاصخيلي مسلمانن جو واڌ رهي ٿو. ملير جي ڳوٺ جا پراڻا ڪنڊر ڇڳيءَ طرح ڇڪاسڻ بعد معلوم ٿيندا، جو ته ٻهراڙي جي ڳوٺڙي هڻڻ ڪري، سنجهس کو

Marfat.com

جايون پڪسريون ڪونہ هيون، پر ڪچيون هيون، جن جا نشان ڇهن سوَن سالن بعد اڄ تائين ظاهر بيهڻ مشڪل آهن.

(ب) عمر سومرو ۽ گنگا: تميم قوم جي سندر ڪنيا گنگا نالي هئي، جنهن جو مڱڻو عمر سومري سان ٿيو. هوءَ اڃا ننڍي هئي جنهنڪري جوانيءَ جي لطافت جي مکڙي، ٽڙي، اڃا ڪامل گل جي درجي کي ڪانہ پهتي هئي. انهيءَ ڪشش جي غير موجودگيءَ ۾ عمر کٽو ٿي پيو، ۽ شاديءَ جا سانباها رد ڪري، ساهراڻيءَ آڪهہ کي اجازت ڏنائين تہ ڀلي ٻئي هنڌ پنهنجي نينگري اٿاري ڇڏين. عمر تميم، جو نينگريءَ جو عزيز هو ۽ عمر سومري جو ڀڳ مٽ يار هو، نيٺ تنهن سان گنگا جو نڪاح ٿيو.

ڪجهہ وقت بعد هن اڻ ٽڙيل مکڙيءَ کي بلوغت جي باد صبا مڪمل گلاب جي گل جي صورت ڏني. هڪڙي ڏينهن ڌوٻيءَ گنگا جا ڪپڙا ڌوئي سڪائڻ وڌا هئا. عمر سومرو بہ اتان اچي لانگهائو ٿيو. ڪپڙن مان جا هٻڪار نڪتي ٿي، تنهن واٽهڙن جي دماغ کي معطر ڪري ٿي ڇڏيو. عمر بہ حيران ٿي بيهي رهيو ۽ ڌوٻيءَ کان پڇڻ لڳو تہ آهي ڪپڙا ڪنهن جا هئا. ڌوٻيءَ پهريائين نالي ٻڌائڻ کان انڪار ڪيو، پر عمر جي عاجزيءَ تي هن کي ڪهل آئي ۽ ٻڌايائين تہ 'هي ڪپڙا انهيءَ عورت جا آهن، جا هينئر عمر تميم جي زال آهي، ۽ جنهن کي توهان ڇڏي ڏنو هو.' عشق ۽ اجل جو تير پڇي نٿو اچي، ۽ عمر تي بہ عشق جي تير وار ڪيو! محبوب جي ديدار جو شوق مٿس اهڙو غالب ٿيو، جو اڳتي چرڻ هن لاءِ محال ٿي پيو. يڪدم پويان پير ڪري، دلبر جي ديري ڏانهن انهيءَ اميد تي رخ رکيائين تہ جيڪڏهين سندس ڀتار گهر ۾ نہ هوندو، تہ هيڪر مون کي سندس ديدار فرحت آثار ضرور نصيب ٿيندو. عمر تميم ان مهل گهر

Marfat.com

۾ ڪونہ هو. عمر سومري اهو بهانو ڪيو تہ 'ڪبوتر کي جيڪو تير هنيم سو وڃي انهيءَ گهر ۾ پيو آهي'، ۽ انهيءَ حيلي گهر ۾ گهڙي ويو. گنگا اهو ڌاريو مڙس گهر ۾ ڏسي منهن لڪايو، پر عمر جو دلي مطلب پورو ٿيو، ۽ پوءِ گهر مان ٻاهر نڪري آيو، پر حسن جي حملي ۾، ابرن جي تيرن عمر جي جگر ۾ جيڪي نينهن جا نشان ڪيا، تن جو اثر اهو نڪتو، جو کائڻ پيئڻ ۽ ننڊ آرام حرام ٿي ويس. محبت جي ٻئي درجي واريءَ منزل (انتظاري ۽ بي قراري) کي وڃي پهتو. نہ ڪنهن سان ڳالهائڻ آڇهيس ۽ نڪو ڪنهن جو ڳالهاءُ وڻيس!

سندس وزيرن ۽ اميرن کي انهيءَ تي ڏاڍو عجب لڳو ۽ نيٺ خبر پين تہ قصو ڪيئن آهي، سو صلاح ڪري عمر وٽ آيا ۽ چيائون 'جيئندا قبلا، هيءَ ڪا وڏي ڳالهہ ڪانهي، اميد نہ لاهيو، حڪمت هلائيون ٿا، تحمل ڌاريو، تہ سڀ ڪجهہ سولي ٿي پوندي'، انهن وزيرن صلاح ڪئي تہ عمر تميم کي پنهنجيءَ زال کان جدا ڪرايون، ۽ پوءِ طلاق ڏنل زال سان عمر سومري جي شادي ڪرايون. اهو پهہ پچائي، عمر سومري کي چيائون تہ 'گنگا جي مڙس عمر تميم تي اڳوڻي کان وڌيڪ مهر جي نظر ڪريو، کيس وڏا وڏا انعام ۽ پاکرون ڏيو!' هُن ويچاري کي عجب لڳو تہ مون تي هينئر مهرباني ۽ نوازش ٿي ٿئي تنهن جو ڪهڙو سبب هوندو! نيٺ پنهنجن گهرن سنگتين کان پڇڻ لڳو تہ 'ٻيلي هنن نوازشن جي ڪهڙي مراد ٿا سمجهو؟' پر چوندا آهن تہ "چورن جا سنگتي ڳنڍي ڇوڙ" تيئن سندس دوست، جي وزيرن واري منصوبي ۾ شامل هئا، تن چيس تہ 'عمر سومري جي مرضي آهي تہ توکي پنهنجي ڀيڻ جو سڱ ڏيئي، دوستيءَ جو ناتو عزازت جي انگ سان قابو ڪري، ڇاڪاڻ جو جيڪو ڀروسو

Marfat.com

هن جو تو ۽ آهي، سو ٻڌي ڪنهن ۽ به نه آهيس، ويچارو عمر تمير هن جي چالاڪين تي ويساهه ڪري ويو ۽ خوشيءَ وچان ڪپڙن ۽ نه ٻڌي ماپيو.

هڪڙي ڏينهن شاهي مجلس ٿي، جنهن ۽ نشي جي حالت ۽ عمر تمير پنهنجي زال گنگا کي طلاق ڏني، جو پوءِ چيائونس ته "انهيءَ طلاق ڏنل زال کي عمر سوسري جي حوالي ڪر!" جڏهين ائين به قبول ڪيائين، تڏهين انهن يڪدم گنگا کي ڪٽي عمر جي محلات ۽ سوڪليو. جڏهين عمر تمير جا صبح جو نشا لٿا، تڏهين پنهنجي ڪئي تي ڏاڍو پشيمان ٿيو، ۽ ٿي ۽ مٿي وسائيندو، دهليءَ ڏانهن بادشاهه علاوالدين وٽ دانهن ڪٽي ويو. بادشاهه جڏهين اها گالهه ٻڌي، تڏهين يڪدم عمر سومري ڏانهن حڪم سوڪليائين ته "تون امان جي دربار ۽ اچي ثابتي ڏي ته تون بيگناهه آهين، ۽ جيڪڏهين ائين نه ڪندين ته توکي سزا ڏيڻ لاءِ آءٌ پنهنجو زبردست لشڪر چاڙهي، تنهنجو ملڪ تاراج ڪندس ۽ تنهنجا پار ٻچا قيد ڪندس!"

پيغام پهچڻ سان عمر دهليءَ روانو ٿيو. اتي پهچي، بادشاهه اڳيان نذرانا پيش ڪيائين. جڏهين فريادي ۽ جوابدار جا اظهار ورتا ويا، تڏهين عمر سومرو ڏوهاري ثابت ٿيو ۽ سلطان کي ايترو ڏمر ٿيو، جو عمر سومري کي جنم ٽيپ جي سزا ڏنائين. عمر ڪيترا ڏينهن قيد ۾ هو، نيٺ ڪن معتبر ماڻهن جي سفارش تي سلطان هن کي انهيءَ شرط تي آزاد ڪيو ته آئيندي سال بسال دهليءَ جي حڪومت کي خراج پهچائيندو رهندو. انهيءَ ڏينهن کان وٺي، سومرا دهليءَ جي بادشاهن جا تابعدار ٿي رهندا آيا. ۽ عمر سومري عمرڪوٽ ۾

Marfat.com

آيو (١).

٢- پونگر ٽيون

هيءَ، عمر سومري ٻئي کان پوءِ، سنه ١٣٩٠ع ۾، عمرڪوٽ جي گاديءَ تي ويٺو. هن سنه ١٤٠٠ع تائين، ڏهه ورهيه حڪومت ڪئي. سندس حڪومت ۾ ڪا خاص ڳالهه ڪانه ٿي. ان بعد ١٤٠٠ع ۾، همير سومرو گاديءَ تي ويٺو.

٣- همير سومرو

هيءَ سومرن جو پويون حاڪم هو. سنه ١٤٠٠ع کان ١٤٣٩ع تائين ڍاٽ (ٿر) تي حڪومت ڪيائين. سندس گاديءَ جو هنڌ عمرڪوٽ هو. کيس ٽي وزير هئا: ڏونر ڀٽي، سينهڙو ڌماچاڻي، ۽ راڻو مينڌرو، جو سندس سالو به هو. چارئي يار عيش عشرت جا ڪوڏيا هئا. گهڻو وقت محفلن ۽ مجلسن ۾ گذاريندا هئا ۽ پڻ شڪار جا به شوقين هئا. هن جي ڏينهن ۾ "مومل ۽ مينڌرو" جي مشهور رومانوي داستان جنم ورتو.

مومل ۽ راڻو مينڌرو: عيسوي پنڌرهين صديءَ جي شروعات ۾، ميرپورماٿيلي ۾ راجا نند راڄ ڪندو هو. هن کي نَوَ نياڻيون هيون، جن مان "مومل" تمام سهڻي هئي، سندس ڀيڻ "سومل" وري جادوءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئي. هڪ ڏينهن، راجا نند سنڌونديءَ جي ڪناري تي شڪار پئي ڪيو، ته اوچتو هڪ سوئر ڏٺائين. راجا کيس مارڻ لاءِ پٺيان پيو. سوئر ٻي ڪا واهه نه ڏسي، درياءَ ۾ ڪاهي پيو. قدرت الاهي، جو جيئن سوئر اڳتي وڌندو ويو، تيئن درياءَ سڪندو ويو. راجا به پنهنجو گهوڙو سوئر پٺيان کڻي درياءَ

(١) "انتخاب تاريخ طاهري" سنڌي؛ خان بهادر الحاج محمد صديق ميمڻ، صفحو ٣٣-٣٩.

Marfat.com

۾ ڇڏيو، ۽ ٻئي وڃي پرئين ڀر پهتا، ۽ سٽ ڪري پنهنجي ڏڦي سان سوئر کي ماريائين. راجا خيال ڪيو ته سوئر جي ڪنهن عضوي ۾ مڙيئي ڪو اسرار آهي، جو پاڻي سڪندو ٿي ويو. تنهنڪري وٺو سوئر جا عضوا ڌار ڪرڻ، ۽ انهن کي پاڻيءَ ۾ وجهي آزمائڻ. آخر جڏهين هڪ ڏند وڌائين، تڏهن سڄو پاڻي سڪي ويو! خوش ٿي، اهو ڏند ساڻ کڻي، انهيءَ وسيلي درياءُ اڪري، موٽي پنهنجي ماڳ پهتو. رفته رفته، انهيءَ ڏند جي وسيلي پنهنجو سمورو خزانو کڻي درياءُ جي پيٽ ۾ لڪائي ڇڏيائين، جنهن جي ڪنهن کي به ڪل ڪانه رهي.

اتفاق سان، هڪ فقير کي جادوءَ جي وسيلي انهيءَ ڏند جي حڪمت جي خبر پئجي ويئي. خيال ٿيس ته ڪيئن به ڪري اهو ڏند هٿ ڪريان؛ سو اچي ماڻيلي ۾ پهتو. مگر راجا جي هوندي اهو ڏند ملڻ مشڪل هوس، سو موقعو پئي جاچيائين. ڪنهن ڏينهن راجا نند ڪم سانگي ٻاهر ويو، ۽ فقير به اهو سونو وجهه سمجهي، اچي محلات جي در تي صدا هنئي: وٺي اهڙيون آهون ڪيائين، جو محلات جي اندر ويٺل مومل جي ڪن تائين وڃي پهتيون. مومل يڪدم محلات جي دريءَ مان منهن ٻاهر ڪڍي، فقير کان پڇيو ته 'اي درويش! توسان ڪهڙي ويڌن آهي ۽ ڇا کپيئي؟' فقير وراڻيو ته 'آءٌ ڪنهن وڏي مرض ۾ ڦاٿل آهيان، گهڻائي علاج ڪيا اٿم، پر ڦڪيون فرق ئي نٿيون ڪن. ڪنهن سناسيءَ کان ڏس مليو اٿم، ته جي سوئر جو ڏند ملي وڃي، ۽ ان مان دوا ٺاهي ڪم آڻيندين، ته شفاياب ٿيندين: اوهين اڄي ڪاري جا مالڪ آهيو، وڏن گهرن ۾ اهڙيون اڻ لڀ شيون هونديون آهن، اها آس رکي آيو آهيان.' مومل کي هُري آيو ته بابي وٽ برابر هڪ ڏند آهي، سو نڪا ڪيائين هم نڪا تم،

Marfat.com

يڪدم اڻي گولي آڻي فقير کي ڏنائين. فقير به ڪيس دعائون ڪندو رمندو رهيو، ۽ پوءِ انهيءَ ڏند جي وسيلي، راجا نند جو سمورو خزانو، درياءَ مان ڪڍي ڪٽي وڃي ڪنهن ڏوراهين ڏيهه ۾ آرامي ڏيو.

راجا نند به جلدئي موٽي آيو، ۽ ڪنهن وقت خزاني ڏسڻ جو خيال ڪيس، سو پيتي کولي ڏند ڪڍڻ لڳو، پر اتي هڏي ته ليڀا هيڏي هوڏي گهوليائين، پر هٿ نه آيس. آخر پڇا ڪرڻ تي ڪنهن ڪيس ٻڌايو، ته اهو ڏند سومل هڪ فقير کي ڏيئي ڇڏيو. ٻڌڻ شرط ڪاوڙجي سومل کي مارڻ آيو، پر سومل وچ ۾ پئي ڇڏايس، ۽ ڪيس دلاسو ڏيئي چيو، ته اهو خزانو آءٌ اوهان کي آڻي ڏيندیس.

سومل جادوءَ ۾ هوشيار هئي، سو پنهنجين پيرن ۽ پانهين کي ساڻ ڪري، ساڻيلو ڇڏي، جيسلمير جي اتر اولهه طرف پنجن ڪوهن جي پنڌ تي، لڌاڻي جي شهر ۾ وڃي ويٺي ـ جو هاڻي ڦٽي ويو آهي، ۽ پر اڳي وسندڙ ۽ آباد هو ـ اتان هڪ چشمي مان ڪاڪ نڪري ٿي. ان جي ڪناري تي طلسمي محلات بنايائين؛ جنهن جي چوڌاري هڪ عمدو باغ رکيائين ـ جنهن ۾ قسمين قسمين گل ٽڙي وهيا هٿا ـ ۽ ان جي چوڌاري، وڻراهه مان هڪ اهڙو انگڙ ونگڙ رستو بنايائين جنهن ۾ هڪواري ڪو گهڙي، ته وري موڙڻ ئي مشڪل. محلات جي اڳ ۾ هڪ شيشي جو تلاءُ تيار ڪيائين، جنهن ۾ طلسمي ٻاڻيءَ پئي چوليون هنيون، جو ڏسندڙ جو ڏيل ئي ڏڪيو وڃي. دروازن وٽ، ۽ محلات جي ڪنڊن تي، جادوءَ جا شينهن ٺاهيائين، جن جي گوڙ، ڏرتيءَ ۽ آسمان کي ٿي ڏڪايو. ديوانخاني ۾، هڪ جهڙا ست ڪٽولا سينگاري، انهن مٿان عمدا هنڊ وڇائي ڇڏيائين: جن مان ڇهه ڪڇي سٽ سان واڻيل هئا، ۽ هر هڪ جي هيٺان هڪ اونهو ڪوهه ڪوٽيل هو،

Marfat.com

باقي ستون کٽولو سلامتيءَ وارو هو.

جڏهين اهو ٽڪسات ٺهي تيار ٿيو، تڏهين شهر ۾ پڙهو گهمايائون ته. ’جيڪو ماڻهو باغ لنگهي، تلاءُ آڪري، شينهن کان بچي، صحيح سلامت کٽولي تي اچي وهندو، تنهن سان مومل شادي ڪندي.‘ انهيءَ هوڪي هڻي وڃي هنڌ ڪيو: ڇو ته لڊاڻي جو شهر هڪ هاڪارو تيرٿ هو، جتي پرانهن ملڪن جا ڪيترا ماڻهو زيارت، واپار ۽ گهمڻ جي شوق سان ايندا هئا. هنن جي معرفت، مومل جي حسن جي هاڪ هر هنڌ پکڙجي ويئي. ڪيترا بادشاهه ۽ سوداگر مال متاع کڻي، مومل کي هٿ ڪرڻ لاءِ لڊاڻي ۾ ايندا هئا.

باغ جي لنگهه وٽ، هڪ وڏي ڀير رکيل هوندي هئي: جيڪو به مومل سان ملڻ جي خواهش رکي ايندو هو، سو پهريائين اچي ڀير تي ڏونڪو هڻندو هو، جنهن جي آواز تي، مومل، پنهنجي پاڙهيل ٻانهيءَ ”ناتر“ کي ٻاهر موڪليندي هئي. ناتر اڳ ۾ هلندي هئي ۽ مهمان پٺيان ايندو هو. واٽ تي، ناتر گوهي ڏيئي کسڪي ويندي هئي، ۽ اهڙيءَ طرح مهمان ويچارا انهيءَ پيچدار پيچري ۾ مُنجهي پوندا هئا، ۽ رکيل طلسمي جهنگلي جانورن ۽ نانگن جي ڀوَ ۾ ششدر ۽ وائڙا ٿي پوندا هئا، ايتري ۾ مومل جا ماڻهو اچي مٿان پوندا هئا، ۽ کين ڦري فقير ڪري روانو ڪندا هئا. ويچارا لڄ جا ماريا، ڪنهن سان به اهڙيءَ خواريءَ جي خبر نه سليندا هئا. ڪي ته مومل جي محبت ۾ فقير ٿي، موٽي ماڳ وڃڻ بدران، جهنگ جي خاڪ پيا ڇاڻيندا هئا. اهڙيءَ طرح گهڻن ئي سڌڙين جا خانا خراب ٿي ويا! ڪي محبت جا ماريل، جيڪڏهين باغ جي مشڪلاتن مان پار پئي، محلات تائين پهچندا هئا، ته وري خوفناڪ کٽولن تي وهڻ سان کوهه ۾ ڪري مرندا هئا، جنهن ۾ اندران چوڌاري تلوارون ٻڌل هئڻ ڪري، تري

Marfat.com

۾ پهچڻ کان اڳيئي ڳترا ڳترا ٿي ويندا هئا!

همير سومرو به پنهنجن ٽنهي وزيرن سان هڪ ڏينهن شڪار تي ويو. هرڻ ڦاڙها ماريندي، مٿان اچي ڏينهن تتو. ويساهينءَ لاءِ ويجهي وسنئن ڏي ٿي ويا، ته کين واٽ ۾ هڪ جوڳي گڏيو: سندس بت ڀڀوت سان ڀريل، ڪلهن ۾ سائي شال، ڳچيءَ ۾ سوني مالها، ۽ مٿي تي مگٽ (مُڪٽ) هوس؛ منهن مان جوت پئي چمڪيس ۽ اکين مان الا ٿي نڪتا. هيءَ عجيب انسان ڏسي، چارئي يار حيرت ۾ پئجي بيهي رهيا. آخر راڻي مينڌري، نئڙت سان نمسڪار ڪري، کانئس پڇيو ته 'مهراج، اوهان سان ته خير آهي، جو وتو ههڙن برن پٽن ۾ ڪشالا ڪڍندا!' جوڳيءَ جواب ڏنو ته "راڻا، آءٌ به اوهان وانگر شهزادو هوس: در تي سوين سلامي هوندا هئم: مومل جي سونهن جي هاڪ ٻڌي موهت ٿي پيس. مال خزانا ساڻ ڪري، کيس ماڻڻ لاءِ ڪاڪ ڏي روانو ٿيس، مگر سندس ڪامڻن اڳيان منهنجي ڪانه هلي. هڪ دفعي، جيئن مومل محلات جي دريءَ مان جهاتي پائي نهاريو، تيئن منهنجي به مٿس نظر پئجي ويئي: بس انهيءَ ديد ديوانو ڪري وڌم. هاڻي جان جيئندس، تان مومل جي وصل لاءِ واجهائيندو رهندس. آخر پنهنجو مال ڦرائي، حال وڃائي، لڊاڻو ڇڏڻو پيم." ائين چئي، ساميءَ سارو قصو ڪري سڻايو.

اهو درد جو داستان ٻڌي، چئن ئي يارن پڪو پهه ڪيو ته ڪيئن به ڪري انهيءَ حسن جي ديويءَ کي ضرور پسبو. پوءِ عمرڪوٽ ڏي موٽڻ بدران، رات اتي ئي رهي پيا. ٻئي ڏينهن، سوير، چارئي يار ڪاڪ ڏي راهي ٿيا. ٽن چئن ڏينهن جي سواريءَ بعد، عمرڪوٽ کان ٧٥ ڪوهه پري جيسلمير رياست جي حد ۾، لڊاڻي شهر جي ڪاڪ نئن تي شام جو پهتا، ۽ مومل جي محلات جي ٻاهران ڏيرو ڪيائون.

Marfat.com

مومل کي به هنن جي پهچڻ جو پيغام پهتو. صبح جو سوير پنهنجي ٻانهيءَ ناتر کي تيار ڪري، سندن امتحان وٺڻ لاءِ موڪليائين. ناتر ايندي شرط سلام ڪري، هرهڪ جي اڳيان چٽن جي ٿالهي ۽ منجهيل سٽ جو ڦورو رکي، پري بيهي رهي. هي يار به هٿا بک ۽ پنڌ جا ستايل، سو راڻي کان سواءِ ٻيا سڀيئي چٽن کي چنبڙي ويا. کائي ڍو ڪري، سٽ سموهڻ لڳا؛ پر سٽ نه سموهي سگهيا. راڻي ڇا ڪيو، جو چٽن جي ٿالهي کڻي گهوڙي اڳيان رکي؛ ۽ سٽ کي ڪپ سان وڍي، گهوڙي جو مکيارڻو ڪري، گهوڙي کي ٻڌي ڇڏيائين؛ ۽ فلڪ سان ناتر کي چيائين ته 'وڃي پنهنجي سائڻ کي سمورو سماچار سڻاءِ!'

راڻي جي ڏاهپ ۽ جرات ڏسي، ناتر جا تال مول گم ٿي ويا، ۽ پويان پير ڪري مومل کي وڃي چيائين ته 'چار جوان تنهنجي محبت جا پياسي اچي پهتا آهن: آهن مڙيئي منهن - موچارا، پر راڻو منجهن رتي ڪثر آهي.' مومل وري راڻي جي سياڻپ پرکڻ لاءِ، حلوي جو ٿالهه ڀري ناتر هٿان ڏياري موڪليو، جو راڻي پوئتي موٽائي ڪڍيو، ۽ ناتر کي ڪرڙي اک ڪري چيائين ته 'اهو زنانو کاڌو اسان کي نه گهرجي.' مومل جي دل اڃا به نه رهي؛ سو سوادي طعام تيار ڪرائي، ان ۾ زهر ملائي، ناتر هٿان راڻي ڏي موڪليائين. ناتر، ايندي شرط هرهڪ جي اڳيان ٿالهه رکي، عرض ڪيو ته 'هي سڀ ست - رڇيون، منهنجيءَ سائڻ، خاص اوهان لاءِ، پنهنجن مبارڪ هٿن سان رڌيون آهن، ۽ چيو اٿس ته مهرباني ڪري، هي کائي ملون تي احسان ڪريو.' همير ۽ ٻيا ساٿي کائڻ لاءِ سنڀريا: گرهه کڻڻ تي هئا، ته راڻي کين روڪيو؛ ڇوته شڪ پيس ته متان منجهس زهر هجي. پوءِ ذرو کئي ڪتي کي ڏنائين، جو کائڻ شرط ڪوڪاٽ ڪري ڪري

Marfat.com

پيو ۽ ڦٽڪي ڦٽڪي مري ويو. اهو حال ڏسي، همير سومرو پلؤ ڇنڊي اٿي کڙو ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته 'موٽي ملڪ هلنداسون. هن هچاريءَ سان پڄڻ جي جاءِ نه آهي! هتي رهڻ مان سر کي جوکو آهي.' مگر راڻي کيس روڪيو ۽ چيائين ته 'قبلا! وريامن جو ڪم نه آهي پوئتي موٽڻ: اسان کي کپي ته مڙس ٿي ميدان ۾ لهي پئون، ۽ ڏسون اڳتي ڇا ٿو ٿئي!' ناتر سڄو حال وڃي مومل کي ٻڌايو. مومل سهي ڪيو ته اهو جوان ضرور وڃي پنهنجي منزل مقصود تي پهچندو. مگر تنهن هوندي به دستور موجب سندس سموري آزمائش وٺئي هيس، سو ناتر هٿان چوائي موڪليائين ته 'جيڪڏهين اهڙا سياڻا ۽ بهادر آهيو ته اچي قسمت آزمايو!'

ناتر ويچاري حڪم جي بندي، سو يڪدم اچي هنن وٽ حاضر ٿي، ۽ چوڻ لڳي ته 'راجڪماريءَ مومل ڇيو آهي، ته جي همت ساريو ته هڪ هڪ ٿي اچي منهنجي ملاقات ڪريو.' اها ڳالهه هنن قبول ڪئي، ۽ همير سومرو، جو سندن راجا هو، سو سڀني کان اڳي مومل جي ملاقات لاءِ ناتر سان گڏ روانو ٿيو. جڏهين باغ جو در لنگهي، منجهيل پيچري ۾ پير پاتائين، تڏهين ٻانهي لڪي ويئي ۽ هي وڃي اوجهڙ ۾ پيو، ڪلن جي ڪڙڪن، هٿرادو شينهن ۽ ٻين جانورن جي گوڙن، سندس حوصلائي خطا ڪري وڌا- ويچاري جا ساتيرا ڏکڻ ٿي ويا- نيٺ جيئن تيئن ڪري سرت سنڀالي، پاڻ بچائي اچي سنگتين جو سلامي ٿيو. ۽ پنهنجن ساٿين کي چيائين ته 'يار، مون سان جا ويڌن ٿي آهي، تنهن جي ڳالهه ئي نه پڇو، هتي سر جي سلامتي ڪانهي. مومل جي ملاقات ٿيڻ ناممڪن آهي، تنهنڪري موٽي ڳوٺ هلو.' راڻي وراڻي ڏني ته 'ائين هلي آتي ڪهڙو منهن ڏيکاريندا سون! بهتر آهي ته اسان مان به هر هڪ کي پنهنجي قسمت آزمائڻ ڏيو.' همير

Marfat.com

ڪٿي ماٺ ڪئي. ڏينهن گذريو، رات جو وري ناتر آئي، ۽ چيائين ته 'همير سومرو ته باغ تائين به ڪونه پهتو، واٽ تان ئي موٽي آيو: ائين ته مومل ڪانه ماڻبي! هاڻي آهي ڪو ٻيو جو هلڻ جي هام هڻي!' اهي آکر ٻڌي، ڏونر ڀٽي، مڇون مروڙي ناتر سان گڏ روانو ٿيو. اڃا باغ ۾ گهڙيو مس، ته ڪرڳلن سندس ڪن ئي ڪڍي وڌا، ۽ پيچري ۾ پهڻ بنان ئي، ڏڪندو ڪنبندو، سر بچائي اچي يارن وٽ سلامت پهتو. ٽين رات، ناتر، لڏندي لمندي ناز نخري سان هنن وٽ پهتي، ۽ ٺٺولي ڪري چوڻ لڳي ته 'سائين اوهان جو وزير ته بنهه پهلوان ٿو ڏسجي، اوهان کان به ليڪو لنگهي ويو: اهڙن سڌڙين کي سُهڻين جي آس رکڻ ئي نه کپي!' انهيءَ مِهڻي، سينهڙي ڌماچاڻيءَ کي جوش ڏياريو، سو ڪمر ڪشي اڇانگ ماري اٿي کڙو ٿيو، ۽ ناتر سان گڏ روانو ٿيو. اڃا باغ جي ٻاهران ئي هو، ته هيبتناڪ آوازن جو پڙاڏو ڪنن تي پيس. ٻڌنديئي ڦڦڙي وٺي ويس، سو ساجهرئي ڪن لُوساڻي پويان پير ڪري، واپس وريو. يارن جي اهڙي بزدلي ڏسي، راڻي کي جوش اچي ويو، ۽ دل ۾ پڪو پرن ڪيائين ته جيسين پنهنجي من جي مراد حاصل نه ڪندس، تيسين پوئتي نه موٽندس!

چوٿين رات ناتر وري اچي نڪتي ۽ نڪ کي موڙو ڏيئي چوڻ لڳي ته 'هاڻي ڪير ٿو مڙسي ڏيکاري؟ مون کي اوهان جو آزمودو ملي چڪو آهي. اوهان جهڙن سڌڙين به ڪڏهين راجڪماريون ماڻيون! اهي مڙساڻا ڪپڙا لاهي کئي زنانا ڍڪيو.' هي اڍنگا سهم سُئي، راڻي کي نُهن کان چوٽيءَ تائين باهه وٺي ويئي. هڪدم سهي سنڀري زره ڍڪي، سمند گهوڙي تي سوار ٿي، ناتر کي اڳيان ڪري، مومل جي محلات ڏانهن راهي ٿيو. جيئن ئي دستور موجب ناتر پيچري مان

Marfat.com

گوهي ڏيئي ڀڄڻ ٿي چاهيو، تيئن راڻو هوش سنڀالي گهوڙي کي اڙي هڻي وڃي مٿانس ڪڙڪيو، ۽ کيس چوٽيءَ کان جهلي، محلات جو گس وٺايائين. جيئن وڌندو ٿي ويو، تيئن وچيل طلسمي ٽڪساٽن، ڪلن ۽ جانورن جي ڌمچر سندس ڪن کائي وڌا، پر هن دلير جي دل هرگز نه دهلي، ۽ اڳتي وڌندو رهيو. جڏهين منجهيل پيچرو ڇڏي ٻاهر نڪتا، تڏهين ناتر وجهه وٺي کڻي گهوڙي کي ٿيلهو ڏنو، جنهن ڪري راڻو باهڙجي ڪري پيو، ۽ پوءِ پاڻ اونداهيءَ ۾ کسڪي الوپ ٿي ويئي. راڻو ستت ئي پاڻ سنڀالي پيرين ڀر ٿيو. ڏسي، ته محلات جي اڳيان هڪ خوفناڪ چشمو پيو ڇوليون ماري. پهريائين ته وسميه ۾ پئجي ويو، پر پوءِ، يڪدم هوش سنڀالي سمجهيائين ته ٻئي ساري ٽڪساٽ وانگر هيءُ چشمو به طلسمي هوندو. سو ان جي آزمائش لاءِ کيسي مان هڪ سوپاري ڪڍي پاڻيءَ مٿان ڦٽي ڪيائين، جا ٻڏڻ بدران تلاءُ تان ترڪندي ويئي. انهيءَ خاطري ٿيڻ تي، گهوڙو هڪلي سڌو محلات جي دروازي تي پهتو. موسل، جنهن ماڙيءَ جي دريءَ کان راڻي جي سورهيائيءَ جو رنگ ويٺي ڏٺو، تنهن هڪدم پنهنجي خاص ٻانهي، سندس مرحبا لاءِ هيٺ رواني ڪئي، جا راڻي کي کيڪاري، ديوان خاني ۾ وٺي ويئي، ۽ چيائين ته سائين اوهين کٽ تي ويهي آرام ڪريو، ته آءٌ وڃي ٿي موسل کي ڄاڻ ڪري اچان. راڻو ست کٽون هڪ جهڙيون ڏسي شڪيو، ۽ خيال ڪيائين ته مڄاڻ هتي به ڪا رمز رکيل هجي! سو ڪمان سان هڪڙي کٽولي تي اڃا ٿورو زور مس ڏنائين، ته ان تي رکيل بسترو ڌو وڃي هيٺئين اونهي کوهه ۾ ڪريو. کوهه ۾ نظر ڪرڻ سان معلوم ٿيس، ته منجهس نهايت خوفناڪ ۽ تيز هٿيار اهڙيءَ طرح رکيل هئا، جيئن ڪرندڙ تري ۾ پهچڻ کان اڳيئي ڳترا ڳترا ٿي وڃي. پوءِ

Marfat.com

تہ ويـو هرهڪ ڪٹولي کي آزمائيندو، تان جو سالم ڪٹولو سڃاڻي مٹس ڇڙهي ويهي رهيو.

هاڻي جڏهين مومل ڏٹو تہ سندس ڪيڏن ۽ ڪيلن مان ڪٹوئي ڪين، ۽ ايترين سيني حرفتن مان بہ راڻو نڪري پار ٿيو، تڏهين پنهنجيءَ ہانهيءَ هٹان واڻي کي چوائي موڪليائين تہ هاڻي مٹي محلات تي هليا اچو. راڻو بہ ڪ جو سنيهون مٹي وڃي مٹي ماڙيءَ تي ٻهتو. اتي ڏسي تہ ڪيترين ئي ڪماريون، هڪ جيڏيون، هڪ ورنيون، هار سينگار ڪري، سندس آجيان لاءِ، قطار ہ بيٹيون آهن. راڻي کي ڏسي سيني نئيڑي نياز ڪيو. راڻو سندن سونهن ۽ هڪجهڙائي ڏسي حيران ٿي ويو: سڏ ئي نہ پئي پيس تہ منجهائن مومل کهڙي آهي. انهيءَ فڪر ہ غلطان هو، تہ اوچتو هڪ پٹونر، راجڪماري مومل جي وارن جي سرهاڻ تي مست ٿي اچي مٹانٹس پُرڻ لڳو. راڻي سهي ڪيو تہ مومل اها آهي، سو اڳتي وڌي وڃي ڪيس هٹ ڏنائين. مومل، جنهن کي راڻي جي سونهن، سياڻپ، ۽ سوڀيائي اڳ ہ ئي موهي وڌو هو، سا هينئر پاڻ جهلي نہ سگهي ۽ حجاب جو پردو لاهي، لاڏ ماڻو ڇڏي وڃي راڻي جي گلي لڳي، ۽ سڪ سان چيائين تہ "توهان بيشڪ ڏاهپ ۽ سوڀيائيءَ سان مون کي هٹ ڪيو آهي، تنهنڪري آءٌ پنهنجي ڪل قول موجب توهان جي آهيان!' بس، ٻوءِ تہ محلات ہ شادمانا ٿي ويا ۽ دستوري شاديءَ جي رسم ادا ڪئي ويئي. صبح جو راڻو، مومل کان موڪلائي، پنهنجن يارن کي ملڻ لاءِ سنيريو، پر مومل ڇڏيس ٿي نہ. آخر جڏهين انجام ڏنائين تہ ترت موٹي ايندس، تڏهين سس سس موڪل ڏنائين.

راڻو ترت اچي سنگتين سان مليو ۽ سائين کي ساري حقيقت کان واقف ڪيائين، جن کيس واڌايون ڏنيون ۽ خوش ٿياء. کل خوشيءَ مان واندي ٹين بعد هميرسومري جيو تہ "راڻا

Marfat.com

تون پاڻ وارو آهين، جو سومل جهڙي پدمڻي زال ملي اٿيئي. خدا ڪري، ٿل اوهين خوش ۽ آباد رهوء پر منهنجي هڪ آرزو آهي، جيڪڏهين اعتراض نه هجي ته بڌايان.' واڻي ڪيس چيو ته 'حضور، بنا حجاب جي حڪم ڪري سگهو ٿا، بندو حاضر آهي.' هير سوهري چيو ته 'منهنجي خواهش آهي ته هڪ واري آءٌ به سومل جو درشن ڪريان!' واڻي چيو 'سون کي ڪو اعتراض ڪونهي، پر سومل ڪداچت اها گاله پسند ڪونه ڪندي.' هير سوهري چيو ته 'ڪابه تجويز ڪري، سون کي هڪ واري سومل جو ديدار ضرور ڪراءِ.' واڻي ڪيس چيو ته 'اوهين جيڪڏهين هروپرو سومل ڏسڻ چاهيو ٿا، ته ويس بدلائي سون سان منهنجا ماڻهو ٿي هلو.' جيتوڻيڪ هير سوهري کي هيءَ گاله گهڻي لڳي، ۽ ڪيس انهيءَ ويس ۾ وڃڻ بي عزتي هئي، مگر پيو ڪو چارو نه ڏسي، سيهارڪو ويس ڪري ساڻس گڏجي ويو.

سومل، جا واڻي لاءِ اڪيون پايسو ويٺي هئي، سا ڪيس آڪنڀ ۽ آڪبر سان ملي، ۽ ساڻس پيو ماڻهو گڏ ڏسي پڇيائين ته 'هيءَ ڪير آهي؟' واڻي جواب ڏنو ته 'هي منهنجو ماڻهو آهي.' پر هير جي مهانڊي مان ٿي سومل تاڙي ورتو ته قصو بيءَ طرح آهي، سو ڪيس ٽاروڙ لاءِ چيائين ته 'مينهن ته ڏهي وڃ!' هير سوهرو سڙي ويو، ۽ لاچار ڪيس ڪسجي مسجي چيو مڃڻو پيو، ۽ ٽانءَ ڪٽي مينهن ڏهڻ ويٺو. هڪ بادشاهي هار، پيو وري يا عمر اهڙو ڪم نه ڪيائين، ۽ ٻيو وري مينهن ۾ هٿي ڪا ڪاٽ سيڙهي، سو چرڪندي چرڪندي هٽن ۾ لڦون پڻجي ويس. سومل ۽ راڻو ته ڪيس اتي ئي ڇڏي وڃي محلات ۾ آرامي ٽياه هير ويچارو، محبت جو ماريو، دل جو سور ماڻڻي، ڪير جو ٽانءَ نوڪرن کي ڏيئي سوڌي ويو، ۽ ساڻس ٽيل جُٽ جو عيوضو واڻي ڪان وٺڻ جون سڻون لڳو.

Marfat.com

صبح جو سوير، راڻي کي قاصد هٿان چوائي موڪليائين ته 'اسين موٽي ماڳ وڃون ٿا، توکي هلڻو هجي ته تيار ٿي اچ؛ جي نه هلين ته جواب جلد ڏي.' راڻي جواب ڏنو ته 'منهنجو ملڪ هاڻي هي آهي. ساڻيهه کي منهنجا سوين سلام ڏجو: مومل جي محبت مون لاءِ بس آهي، راڻي جو اهڙو رکو جواب، مومل کي نه وڻيو، تنهن کيس چيو ته 'ائين سنگتين کي وسارڻ نه کپي. سهڻي صلاح هيءَ آهي ته اوهين روبرو وڃي، کانئن موڪلائي اچو.' مومل جي مت مڃي، راڻو کانئن موڪلائڻ ويو؛ مگر همير سومرو مٿس سڙيو ويٺو هو، تنهن اڳ ۾ ئي بندوبست ڪري ڇڏيو هو. جيئن راڻو وٽن آيو، تيئن سڀني گڏجي کيس چوکنيو ٻڌي اٺ تي قابو ڪيو؛ سڌو عمرڪوٽ ڏي راهي ٿيا. اتي پهچڻ بعد کيس ترم ۾ وڌو ويو. مومل ويچاري، راڻي لاءِ بيقرار هئي ۽ راڻو مومل لاءِ ماندو هو، ڳچ وقت نظربند رهيو ۽ مومل جي وڇوڙي ۾ ڏاڍا ڏکيا ڏينهن گذاريائين. آخر، ڪن چئن ڄڻن جي چوڻ تي همير مڙيو، ۽ راڻي کي بند مان ٻاهر ڪڍيائين؛ پر انجام ورتائين ته وري مومل جو منهن به نه ڏسندين!

راڻو انجام ڏيئي آزاد ته ٿيو، پر محبت جو ماريو، ڪٿي ٿو انجام پاري سگهي، عشق جو انڌو آهي، ان جي اڳيان ڪوبه انجام يا اقرار بيهي نٿو سگهي. جيئن مڇي پاڻيءَ کان سواءِ تڙٿندي آهي، تيئن راڻي جي دل به محبوب بنا بيقرار هئي. راڻو به وجهه ملڻ تي تنهنجي ڀلي اٺ تي چڙهي مومل وٽ ويندو هو، ۽ ڏينهن اڌ رهي موٽي ايندو هو. اهڙيءَ طرح، جڏهين جڏهين وجهه ملندو هوس، تڏهين تڏهين وڃي مومل سان رهاڻيون ڪري، موٽي ماڳ تي پيو ايندو هو. اهو سلسلو اهڙو رکيائين جو ڪنهن کي به ڪل ڪانه پيئي: مگر چوندا آهن ته "عشق ۽ مشڪ به ڪڏهين ڳجها رهيا آهن؟"

Marfat.com

آخر ڳالهه ظاهر ٿي پيئي.

هڪ ڏينهن، ڀنڀرڪي جو، جيئن راڻو ڪاڪ کان موٽي آيو هو، ۽ اتي جي ڳاڙهي دَز لڳن تان ڌوئي پئي لاٿائين، تيئن سندس گهر واريءَ جي نظر ڳاڙهي پاڻيءَ تي وڃي پيئي - جو ڪاڪ جي ڳاڙهي مٽيءَ جي دز سبب ڳاڙهو ٿيو هو - جنهن سَس کي سڏي اهو پاڻي ڏيکاريو، جا ڳاڙهو پاڻي ڏسي ڊڄي ويئي، ۽ وڃي همير سومري کي (جو سندس ناٺي ٿيندو هو) ڳالهه ڪيائين. همير سومرو سمجهي ويو ته اهو رنگ ڪاڪ جي مٽيءَ جو آهي، ۽ راڻو، وچن ٽوڙي، مومل وٽ وڃي ٿو. انهيءَ ڪري کيس ڏاڍي ڪاوڙ لڳي، سو راڻي کي وري جيل ۾ رکيائين، ۽ سندس ڏاچيءَ جي پيرن ۾ ڪلا هڻائي، جڏو ڪري ڇڏيائين. جيل ۾ راڻي سان ڏاڍيون سختيون ڪيائين. اهو حال ڏسي، سندس ڀيڻس، جا همير جي گهر ۾ هئي، تنهن کي ڏاڍو ڏک ٿيو، ۽ پنهنجي مڙس همير سومري کي منٿ ميڙ ۽ آزبون ڪري، پنهنجي ڀاءُ راڻي کي آزاد ڪرايائين. هاڻي، راڻي لاءِ مومل ڏي وڃڻ ۾ ڪا رڪاوٽ ڪانه هئي، ۽ کليو کلايو مومل وٽ وڃي ٿي سگهيو، پر پنهنجي ڏاچيءَ کي جڏو ڏسي ڏاڍو ارمان ٿيس. آخر پنهنجي جَت کان معلوم ٿيس ته انهيءَ ڏاچيءَ جو گونرو آهي، جو ڪيترا دفعا ماءُ جي پٺيان اڳي ڪاڪ گهمي آيو آهي. پوءِ ڏاڍيءَ خوشيءَ سان ڪنواٽ کي جهاڀا ۽ جهوڙا ٻڌي، ٺاهي سنڀرائي، گاشيو ڪري، مٿس سوار ٿي، ڪاڪ ڏي رخ رکيائين؛ ۽ موج سان مَيي کي هونگاريندو، هيءَ لات لنوندو پئي ويو ته

"هل ميان ڪرهل، ته پسان ماڙيون مومل جون،
توکي چندن چاريان طرح موچاري ترهل،
اسين ماڻيون مومل، تون نايو ناڪيليون چرين."

راڻي جي وڇوڙي ۾ مومل پريشان هئي. هوءَ، راڻي جو

Marfat.com

وٽس نہ اچڻ جو ڪارڻ سمجهي نہ سگهي: ويچاريءَ کي ڪهڙي گم، تہ ڪو راڻي سان هُت هي ويل وهي رهيا آهن؛ سو رات ڏينهن انتظار ۽ اوسيڙي ۾ رهندي هئي، ۽ رات جو، پنهنجي دل کي آٿت ڏيڻ لاءِ، پنهنجي وڏيءَ ڀيڻ سومل کي، راڻي جو ويس پهرائي پاڻ سان گڏ پلنگ تي سمهاريندي هئي. قضا سان، جنهن رات، راڻو سڪ ۽ سوز مان وري اچي سندس محلات ۾ پهتو، تنهن رات بہ دستور موجب، ٻئي ڀينرون ٻک وجهيو گهريءَ ننڊ ۾ ستيون پيون هيون: اهو نظارو اکين اڳيان ڏسي راڻي کي ڏاڍي غيرت آئي! پهريائين تہ ڀانيائين تہ هڪ ئي ڌڪ سان ٻنهي جا سر قلم ڪري ڇڏيان، پر عورت تي هٿ هلائڻ واجب نہ سمجهي، پنهنجو لڪڻ، مومل جي ڀرسان نشانيءَ طور رکي پويان پير ڪري اچي عمرڪوٽ پهتو.

صبح جو جان مومل جاڳي، ڏسي تہ راڻي جو لڪڻ ڀرسان رکيل آهي. سمجهي ويئي تہ: راڻو کيس رات ٻئي ماڻهوءَ سان سُتل سمجهي، موٽي ويو آهي. جيتوڻيڪ انهيءَ ۾ سندس ڏوهہ ڪونہ هو، مگر تنهن هوندي بہ پڇتاءُ ٿيس، ۽ هٿ مهٽڻ لڳي؛ مگر هاڻي ڇا ٿي ڪري سگهي: ڇٽل تير وري موٽي اچڻ جو نہ آهي. مومل پوءِ قاصد پٺيان قاصد موڪلي کيس سچيءَ حقيقت کان واقف ڪيو.

ڪام ڪارنهن جي ڇڏيءَ جا، تنهن مسائي مون مٺو،
کٽ ڏسي تو مَن کٽو، ات الاجي ڇا ڏٺو:
وير وسهين ڪونہ هو ـ مون وٽ مٺا ڪو مڙس ٻيو.

ويچاريءَ ڪئين ڪانگ اڏايا، پر هو باز نہ آيو. هن ڪيترا جتن ڪيا، پر سڀ اجايا، ڇڻ پاڻيءَ تي ليڪو. مومل ويچاري ڏاڍي پريشان ٿي: شڪل ڪومائجي ويس، کاڌو پيتو زهر ٿي آيس، ۽ رات ڏينهن هنجون هاري رئندي هئي. ويس

Marfat.com

وڳا سڀ وسري ويس. هنڌ ۽ حجرا کائڻ پئي آيس، گهڻي ئي مٿا هنيائين پر راڻو نہ موٽيو. هاڻي، مومل کان وڌيڪ اوسيڙو سٺو نہ ٿيو، ۽ ٻيو ڪو وسيلو نہ ڏسي، وڻجارڪو ويس ڪري، ڪاڪ مان رواني ٿي، ۽ عمرڪوٽ اچي پهتي، ۽ عمرڪوٽ جي هاڻوڪي شهر کان پوڻا ٻہ ميل پري، هڪ دڙي تي ماڙي ٺهرائي رهڻ لڳي - جنهن جا ڦٽل نشان اڄ تائين عمرڪوٽ کان نبي سر واري رستي تي، ڏاڙهي پٽ ڪڙئي جي ڀرسان آهن: جنهن کي مومل جي ماڙي چوندا آهن - مومل اهڙيءَ چالاڪيءَ سان ويس مٽايو، جو ڪنهن کي بہ ڪل ڪانہ پيئي. ڪجهہ عرصي گذرڻ بعد راڻي مينڌري سان رستو ٿيس، جو وڌي گهاٽي دوستي ٿي، ۽ اهڙي پريت ٿي وين، جو گڏ کائيندا، پيئندا ۽ چوپڙ وغيره راند ڪندا هئا. هڪ ڏينهن راند ڪندي، مومل جيئن ڍارو اڇليو، تيئن سندس ٻانهن تان ڪپڙو لهي پيو، ۽ راڻي جي نظر وڃي هن جي ٻانهن وارين تروکڙين تي پيئي، جي ڏسي يڪدم سڃاتائين تہ مومل آهي! مومل بہ جڏهين ڏٺو تہ هاڻي راز پڌرو ٿي پيو آهي، تڏهين پاڻ کي ظاهر ڪري، پلؤ پائي، راڻي جي پيرن تي ڪري پيئي ۽ نهايت نيزاريءَ سان چوڻ لڳي تہ پيارا:

رُس مَ رسڻ گهوريو، ڇڏ راڻا ريڏائي،
منهنجي ميٽ مينڌرا عاقل اڳلائي،
لپيٽج 'لطيف' چئي ڪامل ڪچائي،
ڪر معاف مدائي، تہ سوڍا سکياڻي ٿيان.

"آءٌ تنهنجي در جي داسي آهيان، مون کي پاڻ وٽ اجهو ڏي." مگر راڻو پنهنجي هوڏ تان هيٺ نہ لٿو، ۽ منهن ۾ گهنڊ پائي چوڻ لڳو تہ

"ڇني جا هيڪار، ڪيهي جوڙي تيهن ول جي
نہ ڄاڻان ٻيهار، ميرو مئي ڪين جيئري."

Marfat.com

مومل اهو ڏسي سندس دامن ۾ هٿ وجهي عرض ڪيو
ته 'منهنجا پياراا آءٌ آسائتي ٿي آئي آهيان، سو مهرباني ڪري
مون کي پناهه جو پاند ڏي.' پر واڍو نه ٻڌيو. مومل جي دل
کي ڏاڍي چوٽ آئي، ۽ چيائين ته هاڻي منسار ۾ رهڻ اجايو
آهي، سو مايوس ٿي موٽي، گهر اچي ڪائين جو ڏ ڳ ڪرائي،
ستي ٿيڻ لاءِ ان ٿي چڙهي ويٺي؛ ۽ پوءِ باهه ڏياريائين. راڻي
کي کن ۾ اها خبر پنجي ويئي، سو ڏوڙندو آڻاهه ڏي آيو ۽
مومل مچ ۾ ڏسي، سندس به دل ڀرجي آئي: اکين ۾ آب آڻي،
متل مچ ۾ ٽپو ڏيڻي کاهي ٻڌو، ۽ پتنگ وانگي مومل مٿان
پاڻ صدقو ڪيائين.

(روح رهاڻ تان مدد ورتل)

Marfat.com

باب ستون

سوڍن جي حڪومت

سنہ ١٤٣٩ع ۾ همير سومري کان، راڻي همير سوڍي عمرڪوٽ تي قبضو ڪيو. انهيءَ عرصي اندر، يعني ١٣٥٥ع کان (جڏهين عمر سومري عمرڪوٽ هٿ ڪيو)، سنہ ١٤٣٩ع تائين (جنهن ۾ راڻي همير عمرڪوٽ تي پنهنجو قبضو ڪيو)، يعني ٨٤ سالن ۾ هيٺئين موجب راڻا ٿيا: ”ڌارابرش“ کان پوءِ ”راڻو درجنشال“ ٿيو، ان بعد ”راڻو کينهرو“، ۽ ”راڻو اوتاردي“ ٿيو. اُن وقت جيتوڻيڪ انهن وٽ حڪومت ڪانہ هئي تہ بہ قوم پاران کين ”راڻپ“ جو لقب هو، جيئن هن وقت بہ آهي.

راڻو اوتاردي

هي مشهور ۽ هاڪارو راڻو هو. سندس وهانءُ، مارواڙ جي راجا راءِ چونڊاجي (جنهن جي حڪومت وڪرمي سنبت ١٤٥١ کان ١٤٨٠ تائين مارواڙ تي هئي) جي گهران ٿيو هو. ان وهانءُ جي خوشيءَ ۾ هن راڻي، ڀاٽن ۽ چارڻن کي گهڻو دان ڏنو هو، جنهنڪري انهن سندس ساراهہ ۾ ڪيترائي ڇند ۽ ڪوتائون ٺاهيون هيون، جي اڄ بہ ماڻهو چاهہ سان ٻڌائيندا آهن. راڻي اوتاردي کان پوءِ ”راڻو ٿرو“ ۽ ان بعد ”راڻو همير“ گاديءَ تي ويٺو (١).

---

(١) ”آمرڪوٽ اتهاس“، صفحو ٥٠-٥١

Marfat.com

راڻو همير

هي مشهور راڻو ٿي گذريو آهي. هن راڻي، سنه ١٤٣٩ع ۾، همير سومري کان، عمرڪوٽ جي حڪومت هٿ ڪئي. سنه ١٣٥٥ع کان ١٤٣٩ع تائين، عمرڪوٽ تي سومرن جو قبضو رهيو ۽ سوڍن جو زور ٽٽل هو. سومرن جو پويون حاڪم همير جيتوڻيڪ عمرڪوٽ جو حاڪم هو، ته به سندس وزير مينڌرو گهٽ نه هو؛ ۽ سوڍا به هاڻي زور وٺڻ لڳا هئا ۽ راڻن جي مڃتا به اڳئين کان وڌڻ لڳي، تنهنڪري همير سومري، پنهنجي حڪومت جي پائي پڪي ڪرڻ لاءِ راڻي مينڌري جي ڀيڻ سان شادي ڪئي، ۽ مينڌري کي پنهنجو وزير مقرر ڪيائين. انهيءَ ريت راڻن سان رس رهائي پئي هليو، مگر پوءِ جڏهين همير ۽ مينڌري جي پاڻ ۾ اچي لڳي، تڏهين ملڪ ۾ بي بندوبستي ٿي پيئي، سوڍا سخت ناراض ٿيا. رعيتي ماڻهو به سومرن مان سندن ظلمن ڪري ڪڪ هئا، ۽ سما به سومرن جي برخلاف هئا. همير سوڍو ان وقت ۾ راڻو هو، جنهن اهو موقعو غنيمت سمجهي، همير سومري کان عمرڪوٽ کسي پنهنجي هٿ ڪيو. سما گهراڻي جي پهرئين حاڪم ڄام انڙ، ٿر جو پاسوئي ڄڏي ڏنو هو، جنهنڪري ٿر ۾ راڻن جو راڄ هلندو آيو.

راڻي همير جي پير پٿوري تي ڪاهه: پير پٿورو، پرمار سوڍاونس مان، راڻي همير جو ڏورانهون سوٽ هو. هن جا وڏا ان وقت هاڻوڪي ماڙيءَ واري هنڌ (اڪڙي اسٽيشن ڀرسان) رهندا هئا. سندس پيءُ جو نالو "ماڏڻ" ۽ ڏاڏي جو نالو "ڀاڻ" هو. پير صاحب فقير تن ۽ وڏي ڪرامت وارا هئا، جنهنڪري ڪيترائي ماڻهو اچي سندس چيلا (مريد) ٿيا. ڏينهون ڏينهن مريدن جو تعداد وڌندو ويو، اهو ڏسي، راڻي

Marfat.com

همير خيال ڪيو ته متان پٿورو زور وٺي وڃي ۽ ڪنهن ڏينهن مون کان حڪومت کسي وٺي، تنهن ڪري هن جو زور ڪچيءَ ۾ ئي ڀڃي ڇڏجي، ۽ کيس اسرڻ نه ڏجي. اهو ويچار ڪري، هڪدم پير صاحب ڏي سندس خاص ماڻهوءَ هٿان حڪم ڏياري موڪليائين ته "پيري مريدي بند ڪر." ڀلا پير صاحب ته وڏي پهچ وارا، لاطمع ۽ درويش تن هئا، جن کي دنيا جي بادشاهيءَ جي ڪا لالچ ڪانه هئي، سي ڪٿي ٿا اهڙا اجايا حڪم مڃين. سو، سندس حڪم مڃڻ کان انڪار ڪيائون. اهو ٻڌي همير لشڪر وٺي پير صاحب تي ڪاهي ويو. جڏهين ويجهو پهتو، تڏهين پير صاحب جن پنهنجي اوتاري ۾ ڪيترن ماڻهن سان ويٺا هئا. ڪنهن شيوڪ هنن کي پريان ڏسي، پير صاحب کي عرض ڪيو ته 'سائين، راڻو همير ڪاهي اچي ٿو'. پير صاحب جن فرمايو ته 'ابا! جيڪڏهين اهي پنهنجا خير خواهه هوندا ته اچي پهچندا، پر جي من ۾ ڪا مدي هوندن ته هيستائين پهچي به ڪونه سگهندا.' پير صاحب جن جو ائين چوڻ، ۽ همير جو پنهنجن سوارن سميت زمين ۾ پيهي وڃڻ، فقط سوارن ۽ گهوڙن جا مٿا وڃي ٻاهر رهيا.

راڻو همير هيءَ روئداد ڏسي ڏاڍو شرمسار ٿيو، ۽ پڇتاءُ ظاهر ڪيائين، تڏهين مس مس جند آزاد ٿيس. اتان پير صاحب جي پيرن تي ڪيري، پنهنجو ڏوهه بخشائڻ لڳو. پير صاحب جن ته دياوان هئا، جن کي ڪنهن سان به وير ڀاءُ رکڻو ڪونه هو، تن کيس معاف ڪيو ۽ عزت سان آسڻ تي وهاريو. هن بعد، راڻو همير به پير صاحب جن جو شيوڪ بڻجي موٽي آيو، ۽ پوءِ هميشه پير صاحب جن کي عزت جي نگاهه سان ڏسندو هو. ۽ ٻيا به سڀئي پير صاحب جن جا مريد ٿيا ۽ ٻنڌيان مقرر ڪري ڏنائون ته آئيندي هرڪو هاري، ساليانو، ٻنيءَ جي پيدائش مان هڪ ٽويو ان جو، ۽

Marfat.com

چوکر يا چوکريءَ جي شاديءَ وقت سوا ريبو پير صاحب کي ڏيندو رهندو، جو اڄا تائين ماڻهو سندن پويان "پٽوري پوٽا پيرن" کي ڏيندا اچن ٿا.

واڻي هميرڪان پوءِ راڻو ڏوڏو، راڻو، وسيو عرف ويرسين، راڻو تيجو عرف تيج سنگ، راڻو چانپو، ۽ راڻو گانگو ٿيا.

راڻو گانگو

هن راڻي جي وقت ۾، جيسلمير جي حاڪم هر راج پاڻي (سنبت ۱۶۱۸-۱۶۳۴=۱۵۴۰ع-۱۵۵۶ع) عمرڪوٽ تي ڪاهيو. راڻو بهادريءَ سان وڙهيو، پر شڪست کاڌائين. هر راج کيس گرفتار ڪرائي جيسلمير وٺي ويو ۽ اتي وڪيائين، جتي نيٺ مري ويو (۱). ان بعد راڻو پتو عرف پرشاد گاديءَ تي ويٺو.

راڻو پرشاد

هي مشهور ۽ جرات پريو راڻو ٿي گذريو آهي. هن جي ڏينهن ۾ همايون بادشاهه دهلي مان لوڏجي سنڌ ۾ آيو، جنهن کي هن مدد ڏني.

همايون جو عمرڪوٽ ۾ اچڻ: بابر جي وفات کان ۱۰ سال پوءِ، ۱۰ محرم ۹۴۷هـ (۲) برابر اپريل ۱۵۴۰ع (۳)، قنوج وٽ شيرشاهه، همايون کي شڪست ڏني. اتان همايون پهريائين آگري ويو، پوءِ لاهور ۾ آيو، جتي هڪ رات کيس گڻتيون ڪائيندي ننڊ اچي ويئي: خواب ۾ هڪ

---

(۱) "راجپوتانا اتهاس"، هندي. "همايون نامه" ۾ لکيل آهي ته راڻي پرشاد جي پٽ کي، سنڌ جي حاڪم مرزا شاهه حسن مارايو هو. "انڊين ڊيلٽا ڪنٽري"، صفحي ۹۲ ۾ ساڳيءَ طرح لکيل آهي.

(۲) "تاريخ معصومي"، صفحو ۱۴.

(۳) "مغلن جي هند ۾ سلطنت"، مسٽر شرما، جلد ۴، صفحو ۹۳.

Marfat.com

بزرگ ڏنائين، جنهن چيس تہ 'دلگير نہ ٿي، ڏوکي هڪ پٽ پيدا ٿيندو ۽ اهي تڪليفون لهي ويندیون. ان چوکر جو نالو 'جلال‌الدين محمد اڪبر' رکج' همايون ڏاڏو سرهو ٿيو. ان وقت سندس بيگم صاحبہ کي حمل هو. همايون کي پڪ هئي تہ پٽ چمندو، پر چائي ڏيءَ (۱). همايون وري مايوس ٿيو، تہ ايتري ۾ خبر آيس تہ افغان اچي لاهور تائين پهتا آهن، سو تڙتڪڙ ۾ ٽپڙ ٻڌي، پهرين رجب ۹۴۷هـ جي سنڌ ڏي رخ رکيائين. ۲۸ رمضان ۹۴۷هـ، برابر ۲۶ جنوري ۱۵۴۱ع (۲) جي روهڙيءَ ۾ پهتو. ان وقت سنڌ ۾ مرزا شاهہ حسن ارغون حاڪم هو، جنهن ظاهري طرح ساڻس ڪٽائڻ جي نہ ڪئي، پر اندروني طرح ڪيس هرڪا تڪليف ڏيئي، لوڏي ڪيڏ جا گهات گهڙڻ لڳو. روهڙيءَ ۾ اچڻ وقت، همايون وٽ به لک لشکر هو، جنهنڪري کاڏي جي سخت تڪليف ٿيس، ۽ وسد حاصل ڪرڻ لاءِ ٻاٽ ۾ آيو، جتي هڪ عجيب واقعو ٿيو:

سنڌس مائيجيءَ ماءُ دلدار بيگم (هندال جي سڳي ماءُ) هڪ محفل ڪوٺائي. سلاقاتين ۾ هڪ ۱۴ ورهين جي نازنين حميدہ بانو کي ڏسي، همايون مٿس مفتون ٿي پيو ـ اها سير بابا دوست المعروف مير علي اڪبر سوسوي جاميءَ جي ڏيءَ هئي، جو هندال وٽ وزير هو ـ حميده کي شاديءَ لاءِ چيائين، پر هن انڪار ڪيو. نيٺ دلدار بيگم جي ڪوشش ۽ سمجهائڻ سان حميده قبول ڪيو، ۽ سيپٽمبر ۱۵۴۱ع سومر ڏينهن (۳) مير ابوالبقا سنڌس نڪاح جي رسم ادا ڪئي. ٽن ڏينهن بعد موڻي ٻيرلوءِ ويو، جتان سنڌس ٻاءُ هندال قندار ويو. لشکر

---

(۱) "همايون نامو"، انگريزي؛ صفحو ۱۴۶.
(۲) "سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي جرنل"، جلد ۴، پارٽ ۳، صفحو ۳۴.
(۳) "همايون نامو"، انگريزي؛ صفحو ۵۱.

Marfat.com

۾ اچي مليريا پيئي، جنهنڪري ڪيترا سپاهي مري ويا (١). اتان ٦ نومبر ١٥٤١ع = پهرين جمادي الاول ٩٤٨هه، سيوهڻ تي ڪاهي ويو. پنجن مهنن جي ڪوشش بعد، نااميد ٿي موٽي ٤ مارچ ١٥٤٢ع جي بکر ۾ آيو (٢). مرزا شاهه حسن پٺيان ڪاهي آيو، جتان ٻن زميندارن جي مدد سان، چوپايو مال ڪُهي، کلن جي وسيلي، درياهه آڪري هُن ڀر ٿيو (٣). ۽ تڪليف بعد اچي روهڙيءَ پهتو، جتي ڪيترا سپاهي ۽ سردار ڪڪ ٿي ڇڏي ويا: همايون دل لاهي مڪي شريف ڏي وڃڻ جو ويچار ڪيو.

اڃا انهيءَ خيال ۾ هو، ته جوڌپور جي راجا مالديو جو قاصد پهتو ته 'جيڪڏهين جوڌپور ايندا ته ويهه هزار راجپوتن جو لشڪر تيار ڪري ڏيندس'. انهيءَ پيغام پهچڻ تي همايون، ٧ مئي ١٥٤٢ع = ٢١ محرم ٩٤٩هه، منزل کڻي بکر مان روانو ٿيو ۽ ٻن مهنن بعد، ٢ ربيع الاول ٩٤٩هه جي بيڪانير پهتو. جتي، بادشاهه ڪن سڄڻن جي صلاح سان، سمندر بيگ کي راجا مالديو ڏي موڪليو، جو ترت واپس آيو، ۽ بادشاهه کي چيائين ته 'مون کي هُت حضور جن جي حق ۾ وفائي ۽ سچائي نظر ڪانه آئي.' بادشاهه جڏهين ڦلودي ڳوٺ ۾ پهتو (جو جوڌپور کان ٣٠ ڪوهه پري هو)، تڏهين وري خاص جاسوس شمس الدين اتڪ کي راجا مالديو وٽ موڪليائين، جنهن جلدئي خاطريءَ جهڙي خبر آڻي ڏني ته 'راجا، شير شاهه سان ملت آهي ۽ اوهان کي ڦاسائڻ لاءِ اهو ڄار پکيڙيو اٿس.' ملا سرخ، جو اڳ همايون وٽ ڪتابچي هو، سو هينئر راجا مالديو وٽ زيردست هو، تنهن همايون بادشاهه کي اڳواٽ

(١) "هسٽري آف سنڌ"، جلد ٢، مرزا قليچ بيگ
(٢) "سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي جرنل"؛ جلد ٤، پارٽ ٤، صفحو ١٨٣.
(٣) "تذڪرات الواقعات"، صفحو ٤٨.

Marfat.com

آگاهه ڪيو ته 'مالديو جي من ۾ مَدي آهي، سندس حد اندر پير به نه پائجو.''

هاڻي، همايون لاءِ سڀ رستا بند هئا. آخر ڳڻ ـ ڳوٺ ڪري، سنڌ ڏي رخ رکيائين. ڦلودي کان ساتلمير لنگهي، پهرين جمادي الاول ٩٤٩هه برابر ١٥٤٢ع جي جيسلمير پهتو. ڪيترا ماڻهو بک ۽ اڃ جي ڪري مري ويا، ۽ ڪيترا پٺ تي رهجي ويا، جي ڪنول ڍنڍ وٽ اچي مليا، جتي جيسلمير جي راجا، لون ڪرن (سنبت ١٥٨٥ـ١٦٠٧) جي طرفان، سونڪرن سردار جي هٿ هيٺ، ڍنڍ تي زبرست پهرو بيٺل هو: انهيءَ لاءِ، ته همايون کي پاڻي نه ملي. همايون جا ماڻهو، جي اڃ ۾ آتاهئا، تن پهريدارن کي شڪست ڏيئي، ڍنڍ تي قبضو ڪيو، ۽ پاڻي پي اڃ لاٿائون. رستي ۾ ڪٿي به کوهه ڪونه هو، ڇاڪاڻ جو راجا مالديو سڀ کوهه لٽائي ڇڏيا هئا، جنهن ڪري، نه رڳو جانور پر ماڻهو به اڃ وگهي مرڻ لڳا. جانورن جي اهڙي اٿاٺ ٿي، جو خود همايون جو گهوڙو به رستي ۾ بک ۽ اڃ جي ڪري مري ويو. بادشاهه هڪ سپاهيءَ تهيربيگ کان گهوڙو گهريو، مگر هن ڪٺور دل کيس گهوڙي ڏيڻ کان انڪار ڪيو. پٺيان دشمن به ڳولا ۾ هئا. ٻيو ڪو چارو نه ڏسي، لاچار، بادشاهه اٺ هٿ ڪري ان تي سوار ٿيو، پر پوءِ روشن بيگ نالي هڪ سپاهيءَ پنهنجو گهوڙو ڏنو، جنهن تي راڻي سوار ٿي، ۽ پاڻ پيادو هليو. سڄ ۾ پاڻيءَ جو نالو به ڪونه هو (١)، سپاهي ۽ پاڻ اچي وياڪل ٿيا. قضا سان روشن بيگ وارو گهوڙو به مري ويو: تڏهين خالدبيگ (٢) پنهنجيءَ ماءُ جي سواريءَ جو اٺ تي بندوبست ڪري، پنهنجو گهوڙو شهنشاهه جي خدمت ۾ آڻي بيهاريو، جنهن

(١) ''تذڪرات الواقعات''، صفحو ٦٢.

(٢) ''تاريخ فرشته''، اردو، صفحي ٣٣٦ ۾ ''نديم کوک'' نالو لکيل آهي.

Marfat.com

ٿي راڻي سوار ٿي. آڄ ۽ بک جي ڪري، ڪيترا سپاهي بيهوش ٿي مري ويا، ۽ روڄ راڙو مچي ويو. اتي کيس سڌ ملي ته دشمن ويجهو اچي پهتو آهي.

همايون، ڌيرج ڌاري پنهنجن ماڻهن کي مخاطب ٿي چيو ته 'جنهن کي وڙهڻ جي مرضي هجي، سي هتي رهن، ۽ ٻيا سامان ۽ عورتون وٺي اڳتي هلن'، پر دشمن اڃا پهتو ڪونه هو، تنهن ڪري بادشاهه سڀني ماڻهن کي وٺي اڳتي وڌيو. اها رات به تمام انڌاري هئي: پويان ماڻهو جيڪي هئا، سي رستو ڀلجي ويا، جن کي پرڀات وقت دشمن اچي گهيرو ڪيو. شيخ علي نالي هڪ بهادر ماڻهو هو، جو ۲۲ ماڻهن سان دشمن کي سامهون ٿيو، ۽ نيٺ هڪ تير هڻي دشمن جي سئناپتيءَ کي ماري وڌائين، جنهن ڪري ٻيا ماڻهو ڀڄي ويا ۽ انهن جو سامان، آٺ ۽ گهوڙا مغلن جي هٿ آيا، جي وٺي همايون جي پٺيان روانا ٿيا. ڪجهه پنڌ ڪرڻ بعد، همايون کي هڪ کوهه وٽ لٿل ڏٺائون ـ جو کوهه ڪيتري ڳولا بعد هٿ آيو هو ـ شيخ علي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سڄو قصو بادشاهه کي ٻڌايائين.

ٻئي ڏينهن، بادشاهه سڀني ماڻهن سميت عمرڪوٽ ڏي روانو ٿيو، پر واٽ ۾، ٻه ڏينهن پاڻي نه ملڻ ڪري، کيس ڏاڍي تڪليف ٿي. ٽئين ڏينهن، هڪ کوهه ڏٺائون (۱)، جو تمام اونهو هو، جنهن مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ وقت ٿي لڳو، ۽ آٺن کان نوڙ (ورت) ڇڪائي پاڻي ڪڍڻ کان سواءِ، ٻيو وسيلو هوئي ڪونه (۲). انهن وٽ، ان وقت، فقط هڪ ڏول هو، تنهنڪري ڍنڍورو ڏيئي، سڀني کي ٻڌايو ويو ته هر هڪ کي نمبر وار پاڻي ملندو. پر ماڻهن کي آڄ اهڙو اچي هلاڪ

(۱) اهو کوهه، ڳوٺ پارنو تعلقي ڇاڇري جو هو.
(۲) "تاريخ فرشته"، انگريزي؛ جلد ٻيو، صفحو ۹۴.

Marfat.com

ڪيو هو، جو سڀڪو ڀانئي ته پهريائين مون کي پاڻي ملي. جيئن ڏول ٻاهر نڪتو ته ماڻهو وڃي مٿانس ڪڙڪيا، جنهن ڪري ڏول جي رسي ٽٽڻ ڪري، ڪيترا کوهه ۾ ڪري مري ويا: وري روڄ راڙي جي نئين مصيبت شروع ٿي. ڪيترا اڄ جي ڪري اهڙو وياڪل ٿيا، جو آتي ئي ريتيءَ تي ڪري پيا، ۽ سندن زبان ٻاهر نڪري آئي. ڪيترا ته 'اڄ جي وگهي مرڻ کان، کوهه ۾ ٽپو ڏيئي مرڻ' بهتر سمجهي، کوهه ۾ ٽپي پيا. ٻئي ڏينهن وري هڪ تلاءَ ڏٺائون. ڏينهن هو تتل ۽ وهٽ هئا اڃايل، سو ايترو پاڻي پيتائون جو آڦرجي مري ويا (١). اتان همايون اڳتي وڌيو، ۽ تڪليفون سهندو، نيٺ اچي ٢٣ آگسٽ ١٥٤٢ع جي عمرڪوٽ پهتو (٢).

جنهن راڻيءَ ڪڏهين کٽ تان هيٺ پير به نه رکيو هو، سا اڄ جهنگل ۾ ڀٽڪي رهي هئي. جنهن وٽ، پاڻي گهرڻ تي کير ايندو هو ۽ هڪ کي سڏ ڪندي هئي، ته سوين ٻانهيون حاضر ٿينديون هيون، سا اڄ پاڻيءَ ڍڪ لاءِ حيران هئي، ۽ اگهاڙين پيرين پنڌ ڪرڻو ٿي پيس: ڌڻيءَ جا رنگ نيارا آهن!

همايون انيڪ تڪليفون سهي اچي عمرڪوٽ پهتو. ان وقت عمرڪوٽ جو راڻو پرشاد (٣)، بادشاهه جي اچڻ جو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ ڪوٽ جي ٻاهران اچي مغلن جي آجيان

---

(١) "طبقات اڪبري"، انگريزي؛ ترجمو، سرايلٽ جي "تاريخ هند"، جلد ٥؛ صفحو ٢١٣.

(٢) "تاريخ فرشته"، اردو، پهريون ڀاڱو، صفحو ٣٣٦؛ ۽ "ٽاڊ راجستان"، گجراتي، پهريون ڀاڱو، صفحي ٢٤، جو فوٽ نوٽ.

(٣) "ٽاڊ راجستان"، انگريزي، جلد ٣، صفحو ١٢٨٢، وليم ڪروڪ؛ ۽ "ٽاڊ راجستان" گجراتي؛ ڀاڱو پهريون، صفحو ١٢٤؛ پر "تاريخ فرشته" اردو، ڀاڱو پهريون صفحو ٣٣٦ ۾ "راڻو نام بهت" لکيل آهي.

Marfat.com

ڪيائين، ۽ حرم لاءِ ڪوٽ خالي ڪرائي ڏنائين، ۽ ٻيا ماڻهو ٻاهر رهيا. بادشاهه جي تڪليفن تي همدردي ڪري، کاڌ خوراڪ جو سامان چڱي انداز ۾ ميسر ڪري ڏنائين. همايون پنهنجو عيال قلعي ۾ رهايو. راڻي جو سارو عملو شهنشاهه جي خدمت ۾ حاضر هو. همايون کان سفر جون سختيون وسري وييون، ۽ هو راڻي تي نهايت راضي ٿيو، مگر همايون وٽ پئسو ڪونه هو، جو راڻي کي ڪا سوغات ڏئي. آخر سڀني اميرن کي گهرائي، شاهه محمد هٿان، سڀني جا جواهر ۽ نقد رقمون گڏ ڪرائي، انهن مان اڌ واپس ڏنائين، باقي اڌ مان لشڪر جو پگهار ۽ راڻي لاءِ سوغات جو پورائو ڪيائين (١). همايون، پوڻا ٻه مهينا عمرڪوٽ ۾ رهيو ۽ سنڌ فتح ڪرڻ جا پُور پچائڻ لڳو. راڻي کان مدد گهريائين: راڻي وٽ، پنهنجو ٻه هزار سوڍن جو لشڪر هو، ۽ پنج هزار پنهنجن سوٽن جو لشڪر به گهرائي، همايون کي ٺٽي تي ڪاهڻ لاءِ، مدد طور ڏنائين ۽ پنهنجي سر ساڻس گڏجي هليو.

[شهنشاهه همايون سخت گرمين ۾، ٿوري اٽالي سان جيسلمير کان اِن رڻ مان لنگهندو عمرڪوٽ آيو هو، جو کيس پڪ هئي ته سندس دشمن سندس پُٺ نه وٺندا. روايت آهي ته جڏهن هُن پنهنجو تخت وري ماڻيو، تڏهين هن "راڻڪ ڏهر" وٽ گهڙيل پٿر (Cut Stone) جي ٽانڪي ٺهرائي، جا سندس انهن ڏينهن جو يادگار هئي، جڏهن هو وڏيءَ آئيءَ ۾ هو ۽ اتان جي ماڻهن کيس، پاڻي آڻي ڏنو هو. اهو ڏهر هاڻ سنڌ جي حد اندر بنهه سرحد وٽ آهي.*]

---

(١) "همايون نامون" انگريزي، صفحو ١٥٧-

* ايڇ- ٽي- لئمبرڪ جي انگريزي ڪتاب "سنڌ - آ جنرل انٽروڊڪشن" جي سنڌي ترجمي (ص ٢٣) مان حوالو- سنڌي ادبي بورڊ.

Marfat.com

اڪبر جو جنم

بيگم حميده بانو کي حمل هو، جنهنڪري بادشاهي پنهنجي حرم ۾ سندس پاڻ خواجه معظم کي عمرڪوٽ ۾ ڇڏي، ۱۱-آڪٽوبر سنہ ۱۵۴۲ع جي پاڻ روانو ٿيو. مولانا قند، مشهور هيٺتدان کي به عمرڪوٽ ۾ ڇڏي ويو، جيئن هو پالڪ جي جنم جو پورو وقت وٺي، سندس بخت جو پورو تخمينو لڳائي سگهي (۱). همايون کي ٽي ڏينهن مس گذريا، تہ تاريخ ۱۵-آڪٽوبر ۱۵۴۲ع، برابر ڪارڪت سڏي ڇٺ سنبت ۱۵۹۹، برابر ۵ رجب ۹۴۹ هجري، آتوار ڏينهن، هڪ هندو گهر ۾، هندستان جو هاڪارو ۽ نيڪ بخت بادشاهہ "اڪبر" خوش قسمتي واريءَ جاءِ ۽ قسمت واري قلعي ۾ ڄائو (۲).

همايون، عمرڪوٽ ڪان ۱۲ ڪوهہ پري هڪ تلاءَ تي منزل انداز هو، ۽ راتِ جو دير تائين خيال ۾ غلطان ويٺو هو، تہ چرڪ پري اٿيو، ۽ ڏڻيءَ جا شڪرانا مڃڻ لڳو. امير عجب مان پڇيو تہ 'جهان پناهہ جا آهي؟' بادشاهہ فرمايو، 'ڏسہ تہ: هڪ چمڪندڙ تارو، افق کان اڀري، مٿي اسرڻ لڳو. جيئن چڙهندو ويو، تيئن مقدار ۾ وڌندو ويو، ۽ ويو تجلو ڪندو، تان جو زمين جي ڇڇ حصي کي گهيرو ڪري، ان کي روشن ڪيائين. اتي هڪ درويش ڏٺو، جنهن کان سوال ڪيو تہ "هي جا آهي" هن چيو تہ "هيءَ تارو تنهنجي

---

(۱) "اڪبر نامو" انگريزي، جلد ۲، صفحو ۳۷۴.

(۲) "اڪبر نامو" جلد ۲، صفحو ۵۶؛ "تاريخ معصومي"، صفحو ۹۷، ۽ "راجپوتانا اتهاس"، هندي، پاگو پهريون، صفحو ۳۱: پر "واقعات دارالحڪومت دهلي"، اردو، مصنف بشيرالدين احمد دهلوي، صفحي ۲۵۳ ۾ لکي ٿو تہ 'اڪبر جي جنم جي تاريخ ۱۴ شعبان ۹۴۹هـ، خميس جو ڏينهن هو. اصلي تاريخ ان ڪري مخفي رکي ويئي، تہ ڪو جادو ٽوٽو نہ ڪري؛ يا ڪا بي مصلحت هجي.'

Marfat.com

خاندان کي قائم ڪرڻ واري جيي مجسم روشني آهي، ۽ زمين جي جنهن حصي تي هن جي روشني پيئي، سو سندس آڻ مڃيندو ۽ هن جي حڪم هيٺ رهندو"ا. (١).

ايتري ۾ هڪ قاصد اچي پٽ ڄمڻ جي مبارڪ ڏني. چوڌاري خوشيون ۽ شادمانا ٿي ويا. همايون ڏاڍو خوش ٿيو. ههڙي مبارڪ موقعي تي، مغل محل ۾، جيڪا موج ۽ محفل ٿئي سا، جا ڏسي جيڪر فرشتا به ريسون ڪن، پر آن وقت همايون وٽ ڇا هو؟ هاءِ قسمت! امير مبارڪ ڏيئي رهيا هئا، تڏهين همايون پنهنجي خاص خذمتگار جوهر کان پڇيو ته 'ڪجهه آهي، جنهن سان ڪچهريءَ جو قدر ڪجي؟' جوهر ويچاري فقط هڪ "مُشڪ جو ٽڪر" رڪابيءَ ۾ وجهي آڻي شهنشاهه جي اڳيان رکيو، جو همايون سڀني کي ورهائي ڏنو، ۽ فرمايو ته 'منهنجي پٽ جي جنم جي ڏينهن ملهائڻ لاءِ مون وٽ فقط هيءَ خسيس شي آهي: هن جي خوشبوءِ سان، جهڙيءَ طرح هيءَ مجلس ٻهڪي رهي آهي، تهڙيءَ طرح انشاءَ الله منهنجي پٽ جي ناموس سان ساري دنيا ٻهڪندي'. شهنشاهه جي من جي مراد نيٺ پوري ٿي، ۽ درويش جي پيشنگوئي به ٻن سالن بعد پوري ٿي ۽ ڇوڪر جو نالو "جلال الدين محمد اڪبر" رکيو ويو.

همايون پنهنجي منزل اچي "جوڻ" شهر ۾ ڪئي، جو سرسبز هو (اهو شهر ڦٽل حالت ۾ اڄ تائين گوني تعلقي ۾ موجود آهي). همايون آتي ڪجهه وقت رهيو، ته سندس دل، فرزند جي مبارڪ مکڙي پسڻ تي ٿي. تنهنڪري، حرم کي آڻڻ لاءِ حڪم ڪيائين. هوڏانهن، حميده بانو به وڌيڪ پنهنجي شوهر کان پري رهڻ پسند نه ڪيو، سا، شاهي حڪم ملڻ شرط، ١٨ نومبر ١٥٤٢ع جي عمرڪوٽ مان رواني ٿي،

(١) "اڪبر جو جنم"، سنڌي، چيتن ماڙيوالا.

Marfat.com

۾ ۲۶ ڊسمبر ۱۵۴۲ع جي شهزادي سميت، همايون بادشاهه وٽ وڃي جوڙ ٻڌي.

ان وقت سنڌ جو حاڪم مرزا شاهه حسن ارغون هو. هن جي مرضي هئي تہ ڪنهن نموني راڻي پرشاد (۱) کي همايون کان جدا ڪريان، ڇاڪاڻ جو راڻي کان سواءِ ٻيو ڪو مدد گار ڪونہ هوس. انهيءَ ڪري، هن پنهنجي ايلچيءَ هٿان قيمتي پوشاڪ، تلوار ۽ ٻيون سوڪڙيون، راڻي کي موڪليون ۽ چوائي موڪليو تہ هو همايون کي ڇڏي، سندس طرفداري ڪري: مگر راجپوت وچن جا اٽل آهن: راڻي اهي شيون وڃي همايون اڳيان رکيون، جو راڻي جي دوستيءَ ۽ وفاداريءَ ڪري ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ اها پوشاڪ ڪٽي کي ڏهرائي، مرزا شاهه حسن ڏي واپس موڪليو، جوڏسي هن کي مٽيان لڳي.

همايون جي اوکيءَ ويل راڻي جيڪا مدد ڪئي، سا اڳي لکي آيا آهيون. انلو ڪيس پنهنجو لشڪر به مدد طور ڏنائين ـ ۽ همايون جي فتح جي گهٽي پڪ هئي ـ پر انهيءَ وچ ۾ حالتن اوچتو ڦيرو کاڌو جنهنڪري وڏيل وڏن اڏورين رهجي ويئون. مغل، راجپوتن کي حقارت جي نظر سان ڏسڻ لڳا، ايتري قدر جو هڪ مغل سردار خواجہ غازي، راڻي سان اجوگ ورتاءُ ڪيو، مگر بادشاهه ان جو ڪو تدارڪ ڪونہ ڪيو، تنهنڪري راڻو رنج ٿي پنهنجي لشڪر سميت موڻي آيو، جنهنڪري پيا ڪيترا راڻي جا مددگار به بادشاهه کي ڇڏي آيا. بادشاهه وٽ فقط اڳيان ماڻهو بچيا، جي وڻي، پيو ڪو چارو نہ ڏسي، جولاءِ ۱۵۴۳ع برابر ۷ ربيع الاخر ۹۵۰ هجريءَ جي، سنڌ جا ڏڻ ڇڏي، قندار جي رستي ايران ڏي ويو

(۱) «همايون نامي» ۾، راڻي پرشاد، جو نالو «پرسو» لکيل آهي. مرزا قليچ بيگ پنهنجي انگريزي ڪتاب «تاريخ سنڌ»، جلد ۲، صفحي ۸۶، ۾، «راڻو ويرسل» لکيو آهي (جو صحيح نہ آهي). «تاريخ معصومي»، صفحي ۹۷ ۾ «ويرسل» لکيل آهي: شايد مرزا صاحب اهو نالو «تاريخ معصومي» تان ورتو آهي

Marfat.com

اڪبر جي جنم جو يادگار

عمرڪوٽ جو پراڻو قلعو جنهن ۾ اڪبر بادشاهه جو جنم ٿيو سو شهر کان ڏکڻ پٽڻ اتر طرف، 'جوگلائي آستان' ۾ (جتي هاڻي بادشاهه جي جنم جي يادگار ۽ ڇبوترو ٺهيل آهي) هو. اهو قلعو ميان نورمحمد ڪلهوڙي ڏهرائي سنه ۱۸۴۶ع = ۱۱۵۹هـ=۱۸۰۳ سنبت ۾، پيو ڏڻون قلعو (جو هاڻي شهر جي پرهان الهندي طرف موجود آهي) ٺهرايو. اڪبر جي جنم گاهه تي هڪ ٿڙ لڳل آهي، جنهن تي لکيل آهي ته "هن هنڌ، محمد جلال الدين اڪبر بادشاهه ڄائو، سنه ۹۶۳ هـ ۾" اهو ڪتبو ولرو پٿر انهيءَ ڇبوتري تي لڳل آهي. اهو هجري سنه ۹۶۳ برابر سنبت ۱۲-۱۲۱۳ وڪرمي = ۵۶-۱۵۵۵ع، اڪبربادشاهه جي تخت تي وهڻ جو سال آهي ۽ نه جنم جو سال (۱).

اڪبر بادشاهه جو جنم، تاريخ ۵ رجب ۹۴۹ هجريءَ جي ٿيو، جو هن پٿر تي لکيل نه آهي. انهيءَ پٿر جي ٻاڻ قبو، سنه ۱۸۹۸ع ۾ ڪيڄراڙي جي سيد هاشم شاهه ڏهرائي، ان قبي تي پنهنجو نالو، ۽ اڪبر جي جنم جي سال ڏيکارڻ سان پٿر هٽايو (۲).

عمرڪوٽ دهليءَ جي تابع

عمرڪوٽ ڪي ۱۴۳۹ع کان ۱۶۰۹ع تائين سوڍن جو قبضو رهيو. راڻي پرشاد تائين سوڍا خود مختيار هٿان، پر پوءِ ڪڏهين سنڌ جي بادشاهه ۽ ڪڏهين دهليءَ جي بادشاهه جا،

---

(۱) "سنڌ گزيٽيئر" يي واليوم، صفحي ۴۷ ۾، انهيءَ سلا ليک جو سال ۹۴۳ هجري لکيل آهي، جو غلط آهي: درحقيقت پٿر تي ۹۶۳ هجري لکيل آهي، جو تخت تي وهڻ جو سال آهي.
(۲) "امرڪوٽ اتهاس"، صفحي ۵۸ جو فوٽ نوٽ.

Marfat.com

نالي ماڻر تابعدار ٿي رهيا ۽ ڪڏهين انهن جي ڪوڙيءَ جو وجهه ونڻي خود مختيار به ٿي رهيا.

سر هينري ايليٽ صاحب پنهنجي ڪتاب تاريخ هند، صفحي ۲۹۷ تي لکي ٿو ته 'سنڌ جي بادشاهه جي طرفان عمرڪوٽ ۾ حاڪم مقرر ٿيندا هئا. جڏهين اڪبر بادشاهه جو نواب خان خانان سنڌ ۾ آيو، تڏهين عمرڪوٽ جي قلعي جو قلعيدار راڻو مينگهراج هو. خان خانان، راڻي مينگهراج جي ڏيءَ مان شادي ڪرڻ جي خواهش ڏيکاري، مگر راڻي مينگهراج کي ڪنيا ڪانه هئي، سو هن پنهنجي پاڻ مانسنگ جي ڪنيا مان سندس شادي ڪرائي. راڻي مينگهراج جي مرڻ کان پوءِ عمرڪوٽ جي گوورنري، سندس پٽ ڪشنداس کي، نواب مرزا جاني بيگ ڏني. مانسنگ جي رشتيداري نواب خان خانان سان هئي، سو هن پنهنجي پٽ کي ڏانهس انهيءَ لاءِ موڪليو. انهيءَ وقت، خان خانان ۽ مرزا جاني بيگ، ٻئي اڪبر بادشاهه وٽ برهانپور ۾ هئا.

خان زمان جي عمرڪوٽ تي ڪاهه

عمرڪوٽ جي راڻي وائمل جي ماڻ، نواب مرزا محمد باقي وٽ ٽڙي ۽ دانهن ڪئي ويئي، ته 'راڻي مينگهراج منهنجي پٽ وائمل کي ماري، ان جي اهل و عيال کي قلعي مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو آهي، تون اسان جو داد ڪر.' مائيءَ نواب تي زور ڪيو ته اسان جي داد لاءِ، خان زمان (اصل نالو شاهه قاسم) کي موڪل. تنهنڪري نواب، خان زمان کي گهرائي ساڻس سڀ احوال ڪيو ۽ عمرڪوٽ وڃڻ لاءِ حڪم ڏنو ۽ ڇهائين 'راڻي مينگهراج کي ٻارن ٻچن سوڏو قلعي مان ٻاهر ڪڍي، ٻيو ڪو سوڍو اهڙو مقرر ڪج، جو راڻي وائمل جي ٻارن ٻچن جي سنيال ڪري.' خان زمان حڪم ونڊي، لشڪر

Marfat.com

سان، مرزا شاهه رخ بن مرزا محمد باقيءَ کي ساڻ ڪري، عمرڪوٽ پهتو. واڻو مينگهراج، اهو سماچار ٻڌي قلعو خالي ڪري ڀڄي ويو. خان زمان، قلعو قبضي ڪري، باڪرويسي سوڍي کي، سندس ڳوٺان گهرائي حاڪم مقرر ڪيو (١)، ۽ پاڻ سندس ڀاڻيجيءَ سا شادي ڪري موٽي ٺٽي ۾ آيو.

مرزا قليچ بيگ، پنهنجي ڪتاب "قديم سنڌ"، صفحي ٣٥٤ ۾ لکي ٿو ته 'مرزا غازي بيگ جي وقت ۾، سنه ١٥٩٩ع ۾، ابوالقاسم سلطان ولد شاهه محمد ارغون، سوڍن سان وڙهي عمرڪوٽ ورتو هو. هو مرزا جاني بيگ جو سالو هو'.

جڏهين مرزا غازي بيگ کي اڪبر بادشاهه ٺٽي جو نواب مقرر ڪيو، تڏهين مرزا ننڍو هو. سندس ڀاءُ سنڀال لاءِ ٻن اميرن، امير خسرو خان چرڪس ۽ خان زمان کي مقرر ڪيو. امير خسرو ٺٽي ۾ نواب وٽ رهيو، ۽ خان زمان ٻاهرئين انتظام لاءِ روانو ٿيو. هن، جهنگلن ۽ ٻيلن ۾ رهندڙ جوڻيجن سان وڙهي، کين ٿر ڏانهن ڀڄائي ڪڍيو، ۽ پاڻ به ٿر جي بور ڳوٺ ڀرسان 'نهن جي تڙ' تي پهتو، تڏهين سندس ٻئي پٽ به سهتن جي سرڪش سردارن ڄاڃي ۽ ولوءَ کي قتل ڪري اچي پهتا. انهن کي چيائين ته آءٌ ٿر جو ڪنارو ڏيئي، ساوڙهه ڳوٺ ۾ منزل هلي ٿو ڪريان، ۽ توهين ٿر ۾ چڪر هئي، جوڻيجن جي ٻارن ٻچن کي پنهنجي حفاظت ۾ رکو، ۽ سندن چوپايو مال هٿ ڪري، ساوڙهه ۾ مون سان اچي ملو. ٻئي نوجوان پنهنجي پيءُ جي حڪم موجب ساندهه هڪ هفتو ٿر ۾ چڪر هئندا رهيا ۽ جملي ڇهه هزار ڍور (ڍڳيون، مينهون ۽ رڍون) ڪاهرائي ساوڙهه ۾ پنهنجي پيءُ سان اچي مليا. خان زمان اتان ونگ ۾ رهندڙ سوڍن ۽ نهڙين تي ڪاهي ويو.

(١) "بيگلار نامو"، سنڌي ترجمو، خان بهادر محمد صديق ميڻ، سال ١٩٤٧ع صفحو ١١٣-١١٤.

Marfat.com

جڏهين پراڻ جي ڪناري تي آمري ڳوٺ ۾ پهتو، تڏهين خبر پيس ته سوڍا پارڪر ڏي ڀڄي ويا آهن. تنهنڪري پاڻ سوڍن جي پٺيان بٺاره ڳوٺ تائين ويو، جتي سندس پٽ مير ابو القاسم سلطان ۽ مير شاهه مقيم سلطان، شڪار ڪرڻ لاءِ ويل هئا، تن کي شڪار ڪندي اڪڙهه جي تڙ تي ڀٽ جي پٺيان سوڍن جو لشڪر نظر آيو. يڪدم خان زمان کي خبر ڪيائون، جو ڪاهي آيو. سوڍن مقابلو ڪيو، پر نيٺ آڻ مڃيائون. خان زمان اتان ونگ جي نهڙين تي ڪاهي ويو، جن ڪنهن مقابلي کان سواءِ تابعداري مڃي. پوءِ خان زمان نصرپور ۾ اچي رهيو، جتي انڙ قوم جا سڀ سردار اچي سندس تابع دار ٿيا (١).

مير ابوالقاسم سلطان جي عمرڪوٽ تي ڪاهه

جڏهين عمرڪوٽ جي راڻي مينگهراج وفات ڪئي، تڏهين سندس پٽ ڪسنداس گاديءَ تي ويٺو. ڪجهه وقت بعد سندس چاچي مانڊ گ جو ڪن ڳالهين تان تڪرار ٿيو، جنهنڪري ڪشنداس ان کي قلعي کان ٻاهر ڪڍي ڦٽو ڪيو، جنهن پنهنجي پٽ کي نواب خان خانان وٽ موڪليو، جنهن جي سفارش سان اڪبر بادشاهه وٽان راڻي ڪشنداس تي فرمان آيو ته مانسنگ جيئن اڳ قلعي ۾ رهيو ٿي، تيئن هاڻي به کيس رهڻ ڏي ۽ ان کي ڪابه تڪليف نه ڏي. انهيءَ حڪم جي بجاآوريءَ لاءِ مير ابوالقاسم سلطان کي حڪم مليو، جو عمرڪوٽ ڏي روانو ٿيو. جڏهين سامارهه ڳوٺ وٽ پهتو، تڏهين راڻو مانسنگ به اچي کيس مليو ۽ راڻو ڪشنداس به لشڪر وٺي سامارهه لڙائيءَ لاءِ پهتو. راڻو

(١) «بيگلار نامو»، سنڌي ترجمو، خان بهادر محمد صديق ميمڻ، سال ١٩٤٧ع صفحو ١٤٥-١٤٦.

Marfat.com

ڪشنداس، مير ابو القاسم جو سالو هو، تنهنڪري ڪن چڱن مڙسن کي خيال ٿيو ته لڙائي نه ٿئي ته چڱو؛ تنهنڪري انهن راڻي ۽ مير کي سمجهايو، آخر راڻو ضد تان لٿو ۽ جنگ جون تياريون بند ٿيون؛ ٻئي پاڻ ۾ محبت ۽ پيار سان مليا ۽ رات آتي ئي ساماره ڍنڍ جي ڪپ تي رهيا.

ابو القاسم جي لشڪر ۾ جيڪي سميجا هئا، تن رات جو راڻي جي لاڳاپي وارن سوڍن جون پوکون زيان ڪيون؛ جنهنڪري سوڍن هٿيار کڻي سميجن جا وڻ وڄائي ڇڏيا. اها خبر صبح جو مير ابو القاسم ٻڌي؛ لشڪر وٺي سوڍن تي ڪاهي ويو. راڻو به سوڍن جي بچاءَ لاءِ لشڪر وٺي تيار ٿيو؛ لڙائي لڳي. آخر راڻو هارائي ڪوڏهار ڏي ڀڄي ويو ۽ مير ابوالقاسم عمرڪوٽ آيو، جتان راڻي جو ڀاءُ ڀڳواندس پنهنجا ٻار ٻچا وٺي قلعي مان ڀڄي ويو، ۽ راڻي جا ٻار ٻچا ابو القاسم باعزت پاڻ وٽ نظر بند رکيا، ۽ سامان اسباب وهٽ ۽ ڍور سي لٽيا ويا. راڻي کي جڏهين اها خبر پيئي، تڏهين وري سانباها ڪرڻ لڳو ۽ "ڪري" ڳوٺ ۾ سوڍا گڏ ڪرڻ لڳو (١).

ٿر ۾ ڍلون معاف: راڻن جي صاحبيءَ ۾ ٿر ۾ اهو رواج هو ته جنهن کي جيتري زمين کپندي هئي، سو اوتري پوکيندو هو؛ ۽ پنهنجي پيدائش سارو، گادي نشن راڻي کي، سڀڪنهن ڳوٺ جو پٽيل، ڍل گڏ ڪري پهچائيندو هو. راڻا وري تابعداريءَ جي حالت ۾، دهليءَ جي بادشاهه يا سنڌ جي صوبي کي، سال بسال ڏن ڏيندا هئا، ۽ ائين ڪيترا سال ٻئي چرخو هليو. جڏهين اڪبر بادشاهه تخت تي ويٺو، تڏهين سندس وقت (١٥٩٠ع) ۾، مرزا خان خانان، انڙپور وٽ مرزا جاني بيگ کي جيتي سنڌ هٿ ڪئي، ۽ عمرڪوٽ تي به اڪبر

(١) "بيگلار نامو"، سنڌي ترجمو، خان بهادر محمد صديق ميمڻ، سال ١٩٤٧ع، صفحو ١٤٨-١٤٩-١٥٠.

Marfat.com

بادشاهہ جو قبضو ٿيو.

عمرڪوٽ جي راڻي، جيڪي خدمتون سندس پيءُ جون ڪيون هيون، سي ياد آيس ۽ پنهنجي جنم جي گاڏهہ ۾ ياد ڪري، عمرڪوٽ جي راڻي کي لکيائين تہ "عمرڪوٽ منهنجي جنم جي جاءِ آهي، ۽ اوهان منهنجي والد محترم سان بلڪل وفادار ٿي رهيا هٿا، تنهن ڪري اوهان کان مالياتو ڊل وڻڻ آءٌ حرام ٿو سمجهان، اوهان کي سڀ ڏلون معاف آهن". اڪبر بادشاهہ جي هن حڪم جي پڏرائيءَ کي سڄي ٿر ۾ واهہ واهہ ٿي ويئي، ۽ هرڪو ٿري ائين چوڻ لڳو تہ پلي اڪبر بادشاهہ عمرڪوٽ ۾ جائو، جنهن ٿر مان "وائر" (ڏل) جو رواج بند ڪري ڇڏيو. شاهہ صاحب، ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ جڏهين ٿر گهمڻ ويو هو، تڏهين به ڏل جو رواج ٿر ۾ ڪونہ هو، اها خبر وسالي مان سر مارئيءَ جي هيٺين٤ سٽ مان ملي ٿي:

"نڪا جهل نہ پل٤، نڪو وائر ڏيهہ ۾."

پارڪر پاڙي جن راڻن راج ڪيو ٿي، کين به اهوئي دستور اختيار ڪيو، ۽ سڄي ٿر مان ڏل جو نالوئي نڪري ويو (۱).

اڪبر کان پوءِ سندس پويين جي به نالي ماتر تابعداري هلندي آئي، تان جو سنہ ۱۷۰۹ع ۾ دهليءَ جي بادشاهہ، شاهہ عالم، عمرڪوٽ پرانت، جوڌپور جي راجا اجيت سنگ کي عنايت ڪيو هو، مگر پوءِ ترت ئي وري سوڍن عمرڪوٽ تي قبضو ڪري ورتو، جن کان وري ميان نور محمد ڪلهوڙي اهو شهر هٿ ڪيو.

---

(۱) "سوڍن جي صاحبي"، پيرومل مهرچند، صفحو ۲۲.

Marfat.com

راڻو ايسرداس

راڻي پرشاد کان پوءِ راڻو چندرسين، راڻو پوچراج، ۽ راڻو ايسرداس ٿيا. اميرداس کي جيسلمير جي راجا راول مپل سنگ وکرمي سنبت ۱۷۱۰ ۾ گادي تان لاهي، راڻي گانگي جي پوٽي جٽ سنگ عرف جگ سنگ کي، عمرڪوٽ جي گاديءَ تي وهاريو. راڻي جٽ سنگ کان پوءِ راڻو سرتان سنگ، راڻو آسکرڻ، راڻو سنگرام سنگ، راڻو مهراج ۽ راڻو ڪيسر سنگ گادي نشين ٿيا.

راڻو ڪيسرسنگ

هن راڻي جي ڏينهن ۾، اڪبراج سوديو، عمرڪوٽ جي الهندي طرف رهندو هو. هن جون پانهيون (بجيرياٽيون)، لانبي تلاءَ تي پاڻي پرڻ ويون. اڪي راڻي ڪيسر سنگ جا ماڻهو بيٺل هئا، جي هنن کان زوريءَ پاڻي پرائي راڻي لاءِ وٺي ويا. بجيرياٽين موٽي اچي اها گالهه اڪبراج سان ڪئي، جو نهايت ڪاوڙيو ۽ سيني ساڏورن (۱) کي گڏ ڪري راڻي کي مارڻ جي صلاح ڪيائون. انهيءَ ڪم لاءِ چوهاڻ نالي ساڏور کي چيائون، جنهن قبول ڪيو، پر هن کان اهو ڪم ٿي نه سگهيو، تڏهين پٽي ڪنهن هٿان راڻي جو خون ڪرائي، پار جا وٺي گوٽ ڪاڻٽي جي پرسان هڪ پٽ تي اچي رهيا، جتي ٻئيان عمرڪوٽ مان سوديا کاهي آيا. آڏي جي ترڻ وٽ لڙائي لڳي، پر ڪو فيصلو ڪونه ٿيو. سوديا موٽي وڃي، ۽ اڪبراج جي گهر انهيءَ رات پٽ جاڻو، جنهن جو نالو ڪسل سنگ رکيو ويو. انهيءَ ڪري انهيءَ پٽ کي ڄڻ تائين ڪسل ڪوٽ، ڪري سڏيندا آهن.

---

(۱) ساڏور، سوين جي ساک آهي، جنهن کي "ساڏور سونڌا" چوندا آهن.

Marfat.com

اتان سادّور هنجتل جي گوٺ ۾ آيا، جو ان وقت وڏو گوٺ هو ۽ همٽ سنگ پوڄراج سوديو اتي رهندو هو، جنهن کين حال رهڻ ڏنو ۽ گجهيءَ طرح عمرڪوٽ جي راڻن سان ساز باز ڪئي، اکيراج کي مارائڻ جا گهات گهڙڻ لڳو. هڪ چارڻ کي اها خبر پڄجي ويئي، جنهن سادّورن کي اڳواٽ بڌايو، جنهنڪري اکيراج هنجتل کي چڏي ويو. آخر برادريءَ جي بار ڪري سيڻي امرڪوٽ ۾ اچي گڏ ٿيا، ۽ سرچاءَ ڪيائون. ان بعد اکيراج اچي چيلهار جي پرسان رهيو.

راڻي ڪيسر سنگ کان پوءِ راڻو ڪيمو، راڻو سنگرام سنگ پيو، راڻو شوراج، راڻو سڀڙ سنگ، راڻو مهراج پيو، راڻو پيوت سنگ، راڻو سرت سنگ، راڻو پير ڏان سنگ، راڻو جسونت سنگ ۽ راڻو ارجن سنگ ٿيا. هن راڻي ۲۵ جنوري ۱۹۴۷ع تي وفات ڪئي. هن وقت (۱۹۵۵ع) سندس وڏو پٽ راڻو چندرسنگهه گاديءَ تي آهي.

سوڍن جي حڪومت جو نمونو

ٿر ۾ ڏاڍي زمين ٿوري آهي، مگر واريائي زمين گهڻي آهي. ٿر ۾ پوک رڳو ڏهرن ۽ تلين ۾ ٿئي، انهن مان جنهن کي جيتري زمين ڪپندي هئي، سو اوتري آباد ڪندو هو. پنهنجي پيدائش جي پنجين پتيءَ جيترو ان جو حصو، راڻن کي دل ۾ پهچائيندو هو. فصل ٻيٽي ان جو تخمينو لڳائيو هو (ڪٽتو پڌبو هو). راڻن کي پنهنجيون جاگيرون به هيون، مگر خاصو مدار انهيءَ پيدائش تي هو.

عمرڪوٽ توڙي ننگرپارڪر جي سوڍن وٽ، ملڪ جي بچاءَ لاءِ پگهاردار لشڪر ڪونه هو. ڀاڙ ۾ پڌي هئي: تڪليف وقت سيڻي راڻي کي ساٿهن جي، ۽ پي هرڪا مدد ڏيندا هئا.

Marfat.com

ننگرپارڪر جي راڻن کي ڪولهي ۽ عمرڪوٽ جي راڻن کي ڀيل وقت سر چڱي مدد ڏيندا هئا، جا بنا لالچ پنهنجو فرض سمجهي ڏيندا هئا.

ٿر ۾ ڪنهن جي ڪا دانهن ڪوڪ هوندي هئي، ته نڪا درخواست ٿيندي هئي، نڪو اسٽامپ لڳندو هو. فريادي سڌو دانهن کڻي گادي نشين راڻي کي يا هن جي صوبي سان وڃي حال ڪندو هو، ۽ هو انهيءَ دم انهيءَ جو داد ڪندا هئا، گهڻا معاملا ته اتيئي ڳوٺ جو چڱو مڙس (پٽيل) نبيري ڇڏيندو هو.

ٿر ۾، هن وقت به ڪڏهين ڪڏهين ڌاڙا لڳن ٿا، مگر اڳي گهڻا لڳندا هئا. ٿر ۾ ڪراڙ (مهيشوري) پئسي وارا آهن ۽ اڳي به هئا، جن کي ڌاڙيلن جو هميشه ڊپ رهندو هو. غريب مالدارن کي به ڊپ رهندو هو، جو بعضي هنن جو مال به ڪاهي ويندا هئا. سوڍن جي صاحبيءَ ۾، ٿر ۾ ڪٿي ڌاڙو لڳندو هو، ته اڪثر گادي نشين راڻو پاڻ، يا سندس صوبو، پاڻ گهوڙي تي چڙهي وڃي واهر ڪندو هو، ۽ سر جو سانگو لاهي ڌاڙيلن کي سامهون ٿيندو هو. اهڙن وقتن تي ڪولهي، ڀيل ۽ ٻيا ڳوٺاڻا به وس آهر هرڪا مدد ڏيندا هئا، ۽ جيستائين ڌاڙيلن کان سمورو مال موٽائي نه وٺندا هئا، تيستائين واپس نه موٽندا هئا. گهر موٽڻ تي پنهنجي گهران سڀني کي کارائي پوءِ روانو ڪندا هئا.

اڪبر بادشاهه جي حڪم سان جڏهين ٿر ۾ ڍلن جو رواج بند ٿيو، تنهن کان پوءِ به راڻن کي چڱي پيدائش ٿيندي هئي. راڻن ۾ ڪو وهانءُ ٿيندو هو ته رعيتي ماڻهو، اٺ گهوڙا، گانيون، مينهون ۽ ڪجهه زيور ۽ روڪڙ پئسا هنن کي نذرانو ڏيندا هئا. رعيت ۾ ڪنهن جو وهانءُ ٿيندو هو، ته گهوٽيتا توڙي ڪنواريتا، ڪا چڱي سوکڙي يا مقرر ڪيل ٻنڌياڻ راڻن کي

Marfat.com

ڏيندا هئا، جيئن ته مهيشورين (ڪراڙن) ۾ ڪا شادي ٿيندي هئي، ته ڪراڙ سادا ۲۶ روپيه روڪڙا سازهيءَ جا ڏيندا هئا. سوديا ڪراڙن کي قرض اڳاڙي ڏيندا هئا ته ان جي عيوض ستو تي هڪ روپيو وٺندا هئا. اهي لوازما ڪراڙن ۽ ٻين، هن ڪري پاڻ تي پڏا، جو سوديا هنن کي ڏاڙيلن کان بچائيندا هئا. ٻيا غريب لوڪ جي اهڙا پنڊياڻ پاڻ تي پڏي نٿي سگهيا، سي به پنهنجي حال ساروڪجهه ڏيندا هئا، جيئن ته شاديءَ وقت هڪ روپيو (جنهن کي ڪنڌو چوندا آهن)، اهو رواج اڄ تائين هليو اچي، ۽ هن وقت به سوديا پنهنجي اثر هيٺ آيل گيوٽن جي غريب لوڪن کان وٺندا آهن). ڪو غريب جهنگ ۾ ڪاٽيون ڪرڻ ويندو هو، ته پاڻمرادو هڪ به پريون ڪاٽين جون واڻن جي در تي به اڇلائي ويندو هو. ڏوڻي ماڻهو ڏٺ لاءِ ويندا هئا. ته سگر، پڪا، پيرون، پُسي، ڏونرا ۽ پير وغيره، واڻن وٽ نذرانو ڪري ڪٽي ويندا هئا. شاهه جي رسالي مان ڏسجي ٿو ته شاهه صاحب کي به انهيءَ گاله جي خبر هئي، تنهن ڪري ماروئيءَ جي واتان چوايو اٿس ته:

"پُسي ڪائي ٻيٽ ۾ ڏونرا ڏن آءٌ ڏيندي."

جهڙيءَ طرح مسلمانن وٽ پيلي ۽ خاصخيلي ٻين ٿا، تهڙيءَ طرح سومڙن وٽ بجير هوندا هئا (۽ اڄ به آهن.) سندن گهر ۾ ليپو چونڪو، باسڻن ملڻ جو ڪم ۽ ٻي آٽي ـ ويڻي اڄ تائين بجير ۽ بجيراڻيون ڪن. جنگ جهيڙي سهل يا ڏاڙيلن کي سامهون ٿيڻ سهل بجيرن کي سوديا اڪثر ساڻ ڪونه ڪندا هئا، ۽ بجير ذات کان ڪنهن به قسم جو نذرانو ڪين وٺندا هيٺا (۱).

سومڙن جي ڏينهن ۾ غريب لوڪن تي ڪي خاص بندشون

(۱) "سومڙن جي صاحبي"، صفحو ۲۳-۲۶.

Marfat.com

هونديون هيون: جيئن ته مٿي تي لونگي ٻڌڻ، ريشمي يا آچي سوٽي ڪپڙي پائڻ جي منع هئي. زالون ڇيٽ جو گهاگهرو پائي نه سگهنديون هيون، ۽ نڪو ڳچيءَ ۾ سوني دُهري يا پيرن ۾ ڪڙيون ۽ ساٽيون وغيره پائڻ ڏيندا هئا. شاديءَ وقت، جو مُگٽ (موڙ) ٻڌبو آهي، سو به سوڍا ڪونه ٻڌڻ ڏيندا هئا، ۽ نڪو دُهل وڄائڻ ڏيندا هئا. مطلب ته سوڍن جي وقت ۾ غريب لوڪن سان جنسي ظلم هو. انگريزن جي صاحبيءَ کان پوءِ اهي بندشون ڪجهه لٿيون ۽ قاعدو به انهن بندشن ۽ آرهه زوراورين کان بچائي ٿو، ته به اڃا ٿر جي گهڻين ٻهراڙين ۾ جتي سوڍن يا ٻين راجپوتن جو زور آهي، اتي غريب لوڪن تي بندشون آهن. سڀڪو سوڍو پنهنجي حد ۾ غريب لوڪن کان (جي آبادي ڪندا هئا)، هرهڪ ٻنيءَ مان هڪ ڀري سنگن جي وٺندو هو، جنهن کي "جالنگ" چوندا هئا. اڃا به ڪن هنڌن اهو رواج آهي.

سوڍن جي سچائي: عمرڪوٽ جي راڻن مان هڪ گادي نشين راڻي، ڪنهن ڪراڙ کان هڪ لک رپيه قرض کنيو هو، جو راڻا پنهنجيون نياڻيون راجائن ۾ ڏيندا هئا ۽ نياڻيءَ جي شاديءَ تي ٻه ٽي لک خرچ ڪندا هئا. گاديءَ نشين راڻي کي اميد هئي ته فصل ڀلو ٿيندو، ۽ ان مان توڙي ٻي آپت مان قرض سولائي سان لهي سگهندو. پر ڌڻيءَ جي قدرت اهڙي ٿي، جو برسات پوري ڪانه پيئي ۽ فصل بلڪل گهٽ ٿيو. مدي پڄاڻا جڏهين ڪراڙ پنهنجا پئسا اچي گهريا، تڏهين راڻي سموري حقيقت ٻڌائي چيو ته حال ڏهه هزار کن وٺي وڃ، ۽ ٻئي فصل تي باقي پئسا وٺج. ڪراڙ کان وڌيڪ ترسيو نه ٿيو، تنهن تنگ طلبي ڪئي. تنهن تي راڻي پنهنجي خزانچيءَ کي گهرائي، پنهنجي پر ۾ سمجهائي، پوءِ هن کي چيائين ته جنهن صورت ۾ هن ڪراڙ جو اسان ۾ وبساهه نٿو ڄمي،

Marfat.com

تنهن صورت ۾ پنهنجا پراوا پئسا وجهي، هن کي هڪ لک روپيا پورا ڪري ڏي. خزانچي امالڪ ناڻي جون ڳوٿريرن کڻي اچي هن ڪراڙ کي پئسا ڏيڻ لڳو. خزانچي هرهڪ ڍڳي ويهن روپين جي ٺاهي، جڏهين ست ويهون ڳڻي رهيو، تڏهين ڪراڙ کي چيائين ته هيءَ وٺ هڪ سَو ڪراڙ کي سَو ۾ ست ويهون مليون، سو دل ۾ خوش پئي ٿيو، پر ظاهر هڪ اکر به ڪين ڪڇيائين. اهڙيءَ طرح پئسا ملندا ويا، پر هي ائين نه چوي ته مونکي پئسا وڌيڪ ٿا ڏيو. پر پاڻ به چوندو ويو ته برابر ٻيو سَو به مليو، ٽيون سَو به مليو وغيره. اهڙيءَ طرح ڳڻيندي ڳڻيندي جڏهين خزانچي ڏهه هزار پورا ڪيا، تڏهين ڪراڙ کي چيائين ته هاڻي تنهنجا لک روپيه توکي ملي وياه اتي ڪراڙ رڙ ڪري راڻي کي چيو ته سائين! مونکي اڃا مليائي ڏهه هزار آهن ته هي خزانچي ٿو چوي ته توکي لک روپيه ملي وياه راڻي چيس ته بابا! جنهن وقت سَو ۾ ست ويهون توکي خزانچي ٿيءَ ڏنيون، تنهن مهل جڏهين تو دانهن ڪونه ڪئي، تڏهين هينئر وري ڇا جي ٿو دانهن ڪرين. اسان وٽ حساب هلندوئي ائين آهي. انهيءَ ڳالهه تان عام پهاڪو آهي ته "سوڍڪو ستين ويهين سَو ۽ ڏهين هزارين لک". راڻي پوءِ ڪراڙ کي چيو ته ٻچا! ايمان نه ڇڏ، تنهنجي رقم ڪانه ويندي، ٻئي فصل تي باقي بچت رقم چڪائي وٺج. ڪراڙ پوءِ ترسيو ۽ ٻئي فصل تي کيس سمورا پئسا وياج سميت راڻي ڀري ڏنا (١).

سوڍن جي مٽي مائٽي: سوڍا پنهنجيون نياڻيون ڪڇ، مارواڙ، جيسلمير وغيره رياستن ۾ پرڻائيندا هئا. گادي نشين راڻا، پنهنجيون نياڻيون ٻين رياستن جي راجائي ڪل ۾

(١) "سوڍن جي صاحبي" صفحو ٢٧-٢٨.

Marfat.com

ڏيندا هئا ۽ پيا سوڍا وري پاڻ جهڙي کي، ۽ پاڻ وري اڳان شاديون ڪندا هئا، اهڙا ڪيئن مثال آهن. اڄ تائين به ڪيترا سوڍا پنهنجون نياڻيون انهن ڀرائتن ۾ ڏيندا آهن. عمرڪوٽ جي سوڍن جي مٽي مائٽي جيسلمير ۽ جوڌپور طرف آهي، ۽ ڏکڻ ڏر جي سوڍن جي مٽي مائٽي ڪڇ طرف آهي. ڀارڪر جي سوڍن جي مٽي مائٽي ڪڇ، ٺراد ۽ مارواڙ طرف آهي.

راجپوت سردارن ۽ جاگيردارن جي گهرن ۾ ٽهل چاڪري ۽ گهرو ڪم ڪار ڪرڻ لاءِ، پيڙهي به پيڙهي نوڪر رهن ٿا، جي گهر جو سموروڪم ڪار ڪن ٿا، جن کي ٻڌير چوندا آهن. انهن جون زالون به اتي گهرو ڪم ڪندڙيون آهن ۽ سندن پيڙون ۽ ڏيون وري جاگيردار پنهنجن ڏين کي پرڻائڻ وقت ڏاج ۾ ڏيندا آهن (۱). جن کي گولڙيون يا پانهيون چوندا آهن.

مٽي مائٽي بابت کي مثال هيٺ ڏجن ٿا:

جيسلمير جي راجا چاچڪ ديو ڀهرين سنبت ۱۲۷۵= ۱۱۹۷ع ۾ عمرڪوٽ جي سوڍا روپسي (روپسنگهه) جي ڪنيا سان شادي ڪئي هئي.

مهاراجا لاکڻ سنگ سنبت ۱۳۲۷ = ۱۲۷۰ع ۾ عمرڪوٽ جي سوڍن سان پرڻيو هو.

مهاراجا سر جواهر سنگ سنبت ۱۹۷۱ = ۱۸۹۳ع. هن جو وهڻ عمرڪوٽ جي سوڍا ناهرسنگ امرسنگ جي ڪنيا جڙاءِ ڪنور سان سنبت ۱۹۶۳ ويساک سڌ ڏسم تي عمرڪوٽ ۾ ڀيو.

راجڪمار گردرسنگ جو وهڻ ۱۹۲۷ع ۾ عمرڪوٽ جي سوڍا پيرجي جيوراج جي پٽريءَ سان جيسلمير ۾ ڀيو.

---

(۱) رپورٽ آدم شماري مارواڙ ۱۸۶۱ع، جلد ۳، صفحو ۳۵۸ ؛ "راوٽا راجپوت درشن"، صفحو ۱۰.

Marfat.com

اهڙا پيا به ڪٿين مثال آهن.

مسلمانن کي سڳ ڏيڻ: سنڌ ۾ ڪلهوڙن ۽ ٻيرن جي صاحبيءَ وقت ۾ اڳي ٿر پاسي واڻا زور هڻا، مگر ڪن مسلمانن قومن به ايتري قدر زور ورتو هو، جو ڪيترن هنڌن جا سوديا ۽ واڻا کانئن ڊڄڻ لڳا. ڪي ڊپ ڪري ۽ ڪي پنسي جي لالچ ڏي مسلمانن کي پانهون ڏيڻ لڳا. ڪلهوڙن، ٻيرن ۽ ڪوسن کي سڳ ڏنائون. اهڙا ڪيترا مثال موجود آهن. مثلاً ٻير غلام علي خان، ٻير سهراب خان ۽ ڪوسن جي سردار دادو کي سڳ ڏنائون. ٽوڀارڪر ضلعي جي ڏيپلي تعلقي ۾ رحمڪي بازار ڳوٺ آهي. اتي واهڻان مسلمان ارباب رهن ٿا، جي هميشه سوديون پرٽيا هڻا. ساڳئيءَ طرح ڏيپلي تعلقي جي ونگي واري پاڳي ۾ ٽرائي جو ڳوٺ آهي، جتي نهڙي ارباب رهن ٿا، اهي به سودن مان پرٽيا هڻا، پر پنهنجون نياڻيون هنن کي ڪونہ ڏيندا آهن. سنڌ جي ڪن ٻيرن، سيدن ۽ پرڳڙي خاندان ٿر جي ٺڪرن مان سڳ ورتا آهن.

راجپوتن ۾ ڪنيا کي مارڻ جو رواج

راجپوتن ۾ گهڻي وقت کان اهو رواج هلندو پئي آيو، جو هو پنهنجي ڪنيا کي چمندي ئي ماري ڇڏيندا هئا. ڪنيا جو ڄمڻ برو سمجهن ٿا، ڇاڪاڻ جو ڪنيا جي وهانءَ مهل تلڪ ۽ ڏاج وغيره ۾ تمام گهڻو خرچ ڪرڻو پوي ٿو، تنهنڪري پنهنجين چوڪرين کي ماري ڇڏيندا هئا. انهن ۾ هڪ ڪهاوت آهي: "ٻيڙون پلو نہ ڪوس کو، ٻيٽي پلي نہ ايڪ ۽ ڏيڻو پلو نہ ٻاپ کو، صاحب راکي ٽيڪ".

معني- هڪ ڪوهہ به پيادو هلڻ سڻو نہ آهي ۽ هڪ ڪنيا جو هڻڻ به ٽيڪ نہ آهي، پنهنجي پيءُ جو قرض به

Marfat.com

چگو نہ آهي، انهن ڀالهين کان پڇڻ گهرجي (۱).

ڪڇ ۾ انهيءَ رواج کي روڪڻ لاءِ ڏيسرجي ٻڌي، قاعدو پاس ڪيو تہ اڳتي جيڪڏهين ڪوبہ ٻنهنجي ڏيءَ کي مارينڊو تہ قاعدي جو ڏوهاري ٿيندو (۲).

انگريزن جي واڃ ۾ اهو رواج نڪري ويو، جو سرڪار قانونا اهو ڏوهہ ٺهرايو.

(۱) "راجپوتانا اتهاس" هندي، صفحو ۱۰۲.
(۲) "ڪڇ جو اتهاس" گجراتي، صفحو ۱۵۳.

Marfat.com

باب اٺون

پارکر جي حڪومت

۱- پاري ننگر

"پارکر" جو پورو اتهاس ملي نٿو سگهي: ڪنهن ريڪس صاحب جي لکڻ موجب، عيسوي پهرئين صديءَ ۾ "پاري ننگر" وڏو شهر هو. آن وقت هن جي آبادي چاليهه هزار هئي ۽ وڏو بندرگاهه هو. ڪڇ جو رڻ ان وقت سمنڊ هو، جتان جهاز لنگهي پاري ننگر ۾ "ڏوتڙ" وٽ بيهندا هئا.

"سڏونت ـ ساوٽگا" جي ڪهاڻي مشهور آهي. "ساوٽگا"، پاري ننگر جي ويڙهل هئي، جنهن "سڏونت" کي اڇل لاءِ پنهنجي گهر جو ڏس پٽو هيٺين نموني ڏنو:

"پاري ننگر پڏارجو، ڪر جو لنبا ويس:
جس گهرناريل رونکڙا آس گهر ڏيجو آڏيس."

يعني 'پاري ننگر جي شهر ۾، جنهن گهر ۾ ناريل جو وڻ بيڻل ڏسين، اتي اڇ' ۽ چاکاڻ جو اهوئي سندس گهر هو. ناريل جو وڻ اڪثر سمنڊ جي ڪناري تي ٿيندو آهي، جنهن مان گمان نڪري ٿو ته پاري ننگر ان وقت سمنڊ جي ڪناري تي هو.

مشهور ليکڪ اورين لکي ٿو ته 'عيسوي پي صديءَ ۾ سنڌو ندي ۽ نربدا ندييءَ جي وچئين پاڻي ۾ "پاردو" جو راج هو، جنهن جي گاديءَ جو هنڌ مين گڊ هو' (۱). "پاردو"

---

(۱) "نادِ راجستان"، گجراتي پاڻگو پهريون، صفحو ۱۴.

Marfat.com

ذات کي ڪرنل ٽاڊ مليچ جاتي چاٽائي ٿو؛ پر سر ايلفنسٽن صاحب سابق گورنر بمبئي انهن کي "پارسي" لکي ٿو. يورپي ليکڪن "مين گڊ" بابت ڪافي ڪوجنا ڪئي آهي. ايلفسٽن لکي ٿو ته 'ڪرنل ٽاڊ جي لکڻ موجب، پاردن ولپي پور جو واج به هٽ ڪيو هو'. پر پاڻ لکي ٿو ته اهي 'پاردو' نه پر 'پارسي' هٿا، ۽ انهن "مين گڊ" جو نالو ڦيرائي "پارسي ننگر" وڪيو، جو پوءِ "پاري ننگر" جي نالي سان مشهور ٿيو.

پاري ننگر، هاڻوڪي ننگر پارڪر جي شهر کان ۱۴ ميل، ۽ ويرا واهه کان اوپر طرف ۲ ميل آهي. ان وقت آتي جين ڏرم وارن جو واج هو. جينن جا ڪيترائي مندر اڄ تائين به پارڪر ۾ آهن. ميرپور خاص جي پرسان ڪاهوءَ جي ڏڙي جي کوٽائيءَ مان به جين مندر لڌا ويا آهن، ۽ ڪي جين مندر حيدرآباد ضلعي جي لاڙ واري پاڳي ۾ به لڌا ويا آهن. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته انهيءَ ٽڪر ۾ اڳي جين ڏرم زور هو. پاري ننگر جا پراڻا کنڊر، ويرا واهه جي پرسان، جتي پارڪر ۽ ٿر جي زمين اچي گڏجي ٿي ۽ ٻئي پاسي ڪڇ جو رڻ زمين ۾ اندر گهڙي آيوآهي، اتي ميل کن پري قديم جاين جي پٽڻ ۽ سرن جا ڊير ۴ ـ ۵ ميلن جي ايراضيءَ ۾ نظر اچن ٿا، جي پنهنجي اصلوڪيءَ صورت ۾ ڪونه آهن، پر جيئن باهه ۾ مڙيل ٽڪر ڏسڻا آهن تيئن آهن. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته هن شهر ۾ اڳي لوهه جا وڏا وڏا ڪي ڪارخانا هٿا. مڙيل ۽ ڪاٽل لوهه جا ٽڪر سڄي پٽ ۾ پکڙيا پيا آهن. هتي جهاز ۽ ٻيڙيون به ٺهنديون هيون. هتي پٿر جي بتن ۽ مورتن جا بيشمار مندر هٿا، جن مان پنجاهه کن بُٽ، پٿر تي تمام سهڻي نموني ڪريل، هن وقت ويرا واهه جي ڪوٽ ۾ رکيل آهن. جڏهين ويرا واهه جو ڪوٽ ٻڌو، تڏهين ماڻهن باقي بچيل بت چونڊي آڻي آڻي جي مندر ۾ وڪياه هڪ ماڻهوءَ جي قد جيڏو

Marfat.com

پٿر جو بت، جو سڄو ڪارو ٿي ويو آهي، سو اڃا تائين پاري ننگر جي ويجهو هڪ ڦٽل جاءِ جي ٻاهران کتل آهي.

ڪي لکن ٿا ته عيسوي ڇهين صديءَ ڌاري جڏهين سنڌ ۾ راءِ گهراڻي جو راڄ هو، تڏهين ابوپهاڙ کان ڪي راجپوت پارڪر ۾ آيا ۽ اتي قبضو ڪري ويٺا (١). پر ڪئپٽن اسٽئنلي نيپئر ريڪس جي کوجنا موجب اهي عيسوي ڏهين صديءَ ڌاري آيا.

٢- پرمارن جي حڪومت

اٽڪل ڏهين صديءَ جي وچ ڌاري، آجين (مالوا) جي پاسي کان پرمار راجپوتن اچي پارڪر تي قبضو ڪيو. ٿر جي سوڍن وٽ جي دستخط احوال آهن، تن مان پتو پوي ٿو ته وڪرمي سنبت ١٠٥٤ = ٩٩٦ع ڌاري الور، عمرڪوٽ ۽ پارڪر مارواڙ جي راڻي ڌرڻي براهه جي هٿ ۾ هئا. نوڪوٽي مارواڙ جي ورهاڱي وقت چيل دوهن جي هڪ سٽ مان معلوم ٿئي ٿو ته پارڪر تي "هاسو" نالي راجپوت جو راڄ هو ۽ هن جو وڏو ڀاءُ "ڀوڏو" هو، جنهن ڀوڏيسر جو شهر ٻڌايو. هاسي کي اولاد ڪونه هو. سندس مرڻ بعد، سندس پٽ گوبند راءِ گاديءَ تي ويٺو. ان جي مرڻ بعد سندس پٽ چندڻ سنگ گاديءَ تي ويٺو، جنهن ڪارونجهر ٽڪريءَ تي "چندڻ گڍ" اڏايو. جو ١٨٥٩ع ۾ انگريزن ناس ڪيو.

ڪئپٽن ايس- اين- ريڪس لکي ٿو ته هتي جا حڪمران هاسو ۽ ڀوڏو هئا، جي آبو ڇڏي هتي آيا. ان وقت پاري ننگر جي آدم شماري ٥٢٠٠ گهر واڻين جا، ٩٠٠

---

(١) هيوز صاحب جو "سنڌ گزيٽيئر"، بحواله "سنڌ جي هندن جي تاريخ"؛ صفحو ٤١.

Marfat.com

گهر لوهارن جا، ٧٠٠ گهر راجپوتن جا، ١٢٠٠ گهر ٻين مختلف هنر وارن جا، ۽ ١٣٠٠ گهر لهاڻن جا هئا. هاسي کي ٻه پٽ گوبند ۽ ڀيم هئا. گوبند، پاري ننگر جي تخت تي ويٺو. هن کي چار پٽ چندڻ، ويرسنگ، ويٺلداس ۽ هڪ چوٿون هئا. وڏو پٽ چندڻ تخت تي ويٺو. هن لاءِ چوڻ ۾ اچي ٿو ته سج اڀرڻ کان اڳ اڻ مَيو ڌن دان ڪندو هو. اهڙيءَ طرح ٢٤ سال هن خيرات ڪئي. هن کي ٻه پٽ سائر ۽ نئير ٿيا، جي ٻئي ڌاڙيل هئا، جنهن ڪري راڄ ٻئي پٽ ڀيم کي مليو. هن پنهنجي نالي تلاءُ کوٽايو، جنهن جو نالو ڀيپور رکيائين. انهيءَ تلاءَ ۾ ١٤٠ کوهه کوٽايائين- هن جي مرڻ کان پوءِ هاسي جو نسل ختم ٿيو.

ڀوڏي پنهنجي نالي تي ڀوڏيسر جو شهر ٻڌايو ۽ تلاءُ ٺهرايو. جيئن ته تلاءُ ۾ پاڻي ڪونه بيهندو هو، تنهنڪري هن پنهنجو پٽ نارائڻداس ماري ٻل چاڙهيو.

هن کان پوءِ، ڌرڻي براهه جي ٽئين پٽ جي اولاد، مهيپال جي پنجن پٽن: راجسنگ، راجيشور، منڊلڪ، ملار ۽ رامچند، پاري ننگر ۾ راڄ ڪيو. راجيشور پنهنجي نالي تي هڪ تلاءُ ڀيپور جي ڀرسان، ۽ ٻه تلاءُ وڏهلي ڳوٺ جي ڀرسان ٺهرايا. انهن کان پوءِ راجيشور جو پٽ ڀوڄسنگ تخت تي ويٺو. هن جي مرڻ بعد سندس ڀاءُ تخت تي ويٺو. ان بعد پرمار مالا جو پٽ اڏيسنگ تخت تي ويٺو. جنهن کان پوءِ سامداس، پوءِ ڦتل، ۽ گووندراءِ جو ننڍو پٽ ڀيم، پوءِ ڀيم جو پٽ کنگهار، پوءِ کنگهار جو ڀاءُ ڏيپو، ان بعد کنگهار جو پٽ ڇوڙو، ۽ پوءِ ڏيپي جو پٽ هرڀيم گاديءَ تي ويٺا. هن جي وقت ۾، سنه ١٢٢٦ع ۾، دهليءَ جي شهنشاهه طرفان لشڪر آيو، جنهن

Marfat.com

پاري ننگر جو شهر ناس ڪيو (١)· پارڪر جو راڻو مارواڙ ڏي ڀڄي ويو ۽ ملڪ ۾ بي بندوبستي ٿي پيئي· پوءِ نالي ماتر هيءُ ملڪ جو ڀاڱو، ڪجهه وقت دهلي، ۽ ڪجهه وقت سنڌ جي حاڪمن کي خراج ڀريندو رهيو· پر وري به ملڪ ۾ زور ساڳيو پرمارن جو رهيو، جن کان جلدئي عمرڪوٽ مان سوڍن اچي ملڪ تي قبضو ڪري ورتو.

پارڪر مان، پرمارن جو هڪ ٽولو ١١٤٩ع ۾ ڪاٺياواڙ طرف ويو، جن اتي نيٺ پنهنجي حڪومت ٺاهي. "مرلي" اسٽيٽ اڃا تائين انهن جي اولاد جي هٿ هيٺ آهي (٢)·

٣- سلطان محمود غزنويءَ جو ٿر مان لنگهڻ

سلطان محمود غزنوي، سومناٿ تي حملي ڪرڻ لاءِ ٦ آڪٽوبر ١٠٢٥ع*=١١ اسو سنبت ١٠٨٢=٤١٦ هجري، اربع ڏينهن، غزنيءَ مان روانو ٿيو· ملتان، اجمير، انهلواڙ ۽ ٻين راجپوت رياستن مان لنگهي، ٦- جنوري ١٠٢٦ع جمعي جي ڏينهن سومناٿ پهتو. اتان موٽڻ بعد، وري ساڳئي رستي کان وڃڻ مناسب نه ڄاڻي، ٻئي ڪنهن رستي کان ملتان وڃڻ جو ارادو ڪيائين، ڇاڪاڻ جو پاڻڻ جي اوريان، اجمير جو راجا ويسرديو، ۽ گجرات جي راجا ناگراج جو پٽ ڀيم ديو، پنهنجي لشڪر سان هن جي سامهون ٿيڻ لاءِ تيار بيٺا هئا (٣)· اها خبر جڏهين سلطان محمود کي پيئي تڏهين لاچار ٿر

---

(١) "ميمائر آن دي ٿر ائنڊ پارڪر ڊسٽرڪٽس آف سنڌ؛ ايس- اين- ريڪس سال ١٨٥٦ع، صفحو ٨٤·

(٢) "ميمورينڊم آن انڊين اسٽيٽس"؛ صفحو ٣٤٠·

* "تاريخ هند"، سر ايلئٽ صاحب؛ ڀاڱو ٻيو، صفحو ٤٦٨، سال ١٨١٩ع- اسڪولن ۾ جيڪي تاريخون پاڙهڻ ۾ اچن ٿيون، انهن ۾ سال ١٠٢٤ع لکيل آهي

(٣) "تاريخ گجرات"، گجراتي؛ مگن لال بخت چند، بمبئي، سال ١٨٩٠ع-

Marfat.com

جي وچان اچي لنگهيو، چاڪاڻ جو اهو رستو ٽووي پنڌ ۽ سلامتيءَ وارو هو.

سلطان، هڪڙو هندو ٻاڻ سان سونهون ڪري ڪنيو هو، تنهن چاڻي پڇيو، سلطان ۽ سندس لشڪر کي هلاڪ ڪرڻ جي ارادي سان، اهڙن بيابانن مان رلائي آڻي ٽر جي پڻن ۾ وڌو، جو ساري رستي تي پاڻيءَ جو ٽڙو به ملي نٿي سگهيو. سلطان جي لشڪر ۾ نهايت بي آرامي پيدا ٿيي، ۽ پاڻي نه ملڻ ڪري ڪيترا سپاهي ۽ گهوڙا مري ويا. آخر هن هندو سونهي کان پڇا گاڇا ٿي، تنهن تي هن چيو ته آءٌ سومناٿ جو پوڃاري آهيان، منهنجو ارادو اوهان کي پلائڻ ۽ هلاڪ ڪرڻ ڏاوان ٻيو ڪونه هو، تنهنڪري اوهان کي هن اوجهڙ ۾ آڻي وڌو اٿم. اها حقيقت پڌري، ان سونهي کي اتي ٿي ڇڏ ڪيائون. پوءِ سلطان محمود ۽ سندس لشڪر، ڪنهن وڏي تلاءَ تي اچي پهتا ۽ پاڻي پيڌو. اڄ لاڻاٽون، ان بعد سلامت وڃي ملتان پهتا (۱).

ان سفر ۾ سلطان جي شڪارين هڪ وڏي جسيم ارڙ بلا ماري، جنهن جي ڪپ جي ماپ، ڏيکهه ۾ ڏهه گز ۽ ويڪر چار گز هئي. سلطان ان جي کل لهرائي، ڪٺائي، وڃي غزنيءَ ۾ ٽنگائي ڇڏي (۲).

ان وقت ٽر ۾ ڪو وڏو شهر ڪونه هو، فقط پارڪر ۽ عمرڪوٽ وارا پاڳا وسايل هئا، باقي سڄي ٽر ۾ ننڍا واهڻ هئا، جتي رولو ۽ خانه بدوش قومون رهنديون هيون. سلطان محمود جي لشڪر جا ڪيترا ماڻهو سخت تڪليفن جي ڪري پڻن ۾ مري ويا. اڄ به ٽر ۾ جهنگل ۽ پڻن تي ڪٽي ڪٽي ايڪڙ ٻيڪڙ قبرن جا نشان آهن، جن بابت ٽر جا جهونا ماڻهو ڏند

---

(۱) "تاريخ فرشته"، اردو؛ ڪو پهريون، صفحو ۵۷.

(۲) "مهراڻ اينڊ انس ٽريبيوٽريز"، ميجر راورني، صفحو ۲۶۳.

Marfat.com

ڪٿائون ٻڌائين ٿا ته اهي قبرون سلطان محمود جي لشڪري ماڻهن جون آهن.

٤- سوڍن جو پارڪر ۾ اچڻ

راڻي ڌارابرش تائين سوڍن پارڪر سوڌو سڄي ٿر تي قبضو ڪري ورتو هو. ڌارابرش جا ٻه پٽ ٿيا، جن حڪومت ورهائي. وڏو پٽ درجنشال عمرڪوٽ ۾ رهيو، ۽ ننڍو پٽ آسراءِ پارڪر ۾ آيو ۽ ننگر پارڪر شهر ۾ هڪ تلاءُ وٽ جايون جوڙائي اچي رهيو، جنهنڪري اهو تلاءُ اڄ تائين راڻن جي نالي پٺيان "راڻاسر" سڏجي ٿو. هاڻي سڄي ٿر ۽ پارڪر تي سوڍن جو قبضو ٿي ويو هو.

٥- پارڪر جي راڻن جو شجرو

راڻي آسراءِ کان ڀوءِ هيٺيان راڻا ٿيا: راڻو ڏيوراج، مڙک جي، کنگهارجي، ارجڻ جي، ڀيمجي، باکر جي، گانگوجي، اکوجي، ماڻڪ راءِ، ڏيپارڏيو، رامسنگ، وڻويرجي، رائڌڻجي، خانجي، گجسي، راڻو ڪانجي، (ڪرڻ جي)، راڻو رتن جي- جو ڪرڻجي جو گود ورتل هو، هميرجي، رڻڇوڙجي، ۽ اچل سنگ- جو پارڪر جو موجوده راڻو آهي: هن وقت سندس ڪا حڪومت ڪانه آهي ته به برادريءَ وارا کيس گاديءَ جوجاءِ نشين هئڻ ڪري "راڻو" سڏيندا آهن.

٦- گوڙيءَ جو مندر

اهو مندر، ننگر پارڪر تعلقي ۾ ننگر پارڪر شهر کان ١٤ ڪوهه، ۽ مارئيءَ جي ماڳ ملير کان ٢ ڪوهه پري آهي. هن کي "گوڙيءَ جا ڏيهرا" به چوندا آهن. اتي هڪ جين ڌرم وارن جو عاليشان مندر آهي. ڪئپٽن ايس.اين. ريڪس

Marfat.com

ان جو خاڪو ڪتاب ۾ نقشي طور ڏنو آهي. اهو منڊر سوڏن جي حڪومت جي اوج واري زماني ۾، سنہ ۱۳۷۶ع ۾ ٺهيو. جين ڏرم وارا، پارسناٿ (پارشوناٿ) جا پوجاري آهن، جو گرو گورڪناٿ جو چيلو هو. پارسناٿ کي 'گوڙيچو' به چوندا آهن ۽ انهيءَ نالي پٺيان هي منڊر سڏجي ٿو.

هيءَ منڊر حاطي اندر آهي ۽ اڳيان دالان آهي. هن جو پٿر جيتوڻيڪ سنگ مرمر ڪونهي، پر سنگ مرمر جهڙو ئي ڏسڻ ۾ اڇي ٿو، جو جوڌپور کان آندل معلوم ٿئي ٿو. سڄي ٽر ۾ ههڙو پٿر ملڻ مشڪل آهي، تنهنڪري ضرور ٻاهران آندل هوندو، ۽ قياس ڪري ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته اهڙي هنڌ تي، جتي عمارتي سامان ملڻ مشڪل آهي، اهڙي منڊر ٺهڻ تي، ڪيتري نه تڪليف ۽ خرچ ٿيو هوندو: جيتوڻيڪ اصلوڪو ڏيک ڪونهي ته به ڪم ۽ محنت جو قياس ڪري سگهجي ٿو. پٿرن جا ٽنيا ۽ ڪوٽيون اڃا قائم آهن. عمارت جي ديگهه ۹۰ فوٽ ۽ ويڪر ۶۰ فوٽ آهي. دالان ۾ پٿر جا ٽنيا آهن، ۽ ڇت گولائيءَ تي اٿس. ٻاهران گنبذ جي ويسان گول ڇوڪرو آهي، جنهن ۾ اندرئين پاسي چوڌاري عورتن ۽ مردن جا ڪيترا نقش آڪريل آهن. دالان کان پوءِ هڪ وڏو صفحو آهي، جنهن ۾ ٻنهي پاسن کان ڇهه ڇهه يعني جملي بارهن ڪوٽيون آهن، جن جون ڇتيون به گنبذدار آهن. هر هڪ ڪوٽيءَ ۾ هڪ ننڍو ٿلهو ٿهيل آهي، جنهن تي رڳو هڪ ڇٽو ويهي سگهي. شايد اتي ماڻو ايڪانت ۾ يوگ اپياس ڪندا هئا. پهرئين صفحي کان پوءِ پيو صفحو آهي، پر ان جو پٺيون پاسو هاڻي ڍهي ويو آهن. منڊر جي ٻاهران ـ پر حاطي اندر ـ هڪ غنا ٺهيل آهي، جنهن ۾ هيٺ وڃڻ لاءِ ڏاڪا ٺهيل آهن، مگر گهڻي وقت کان سنيال نه هڻڻ ڪري انهيءَ ۾ وڃڻ کان پڻ پيو ٿئي. وقت جي ڪليڪٽر ٽرپارڪر مسٽر ايڇ. سي. وائسن انهيءَ کي ڪوٽائڻ جو

Marfat.com

خيال ڪيو، ۽ مزور ڪم ڪي ڇڏيائين، پر جون ٿا ڪ ڏي دفعا "نه، نه، نه" جو غيبي آواز ٻيو، ڏنهنڪري ڪم بند ڪيو ويو. سڪهوئي پوءِ وانسن صاحب وفات ڪئي. ان ڪري ماڻهن جو اهو انومان هيڪاري پڪو ٿي ٻيو آهي.

انگريز سرڪار جي مرضي ٿي هئي، ته اهو مندر محفوظ ٿيل يادگارن جي ائڪٽ هيٺ آڻجي، پر اوسواڙن انهيءَ تي اعتراض ورتو- پر پوءِ نيٺ سرڪار جي حوالي ڪيائون. هن مندر جوڙائڻ بابت ڪوبہ پڪ سان چئي نڏو سگهي ٿو هيءَ مندر ڪيڏن جڙيو. اهي ڳالهيون ڪن ڪتابن ۾ لکيل آهن، ۽ هن پاسي جا ماڻهو بہ ٻڌائيندا آهن.

هن مندر جي سنہ ۱۵۷۱ع ۾ مرمت ٿي هئي، ان بعد ائين ٻيو آهي. ليفٽيننٽ ڪرنل ٽروٽ صاحب، ننگر پارڪر جي فساد وقت، هن مندر جي ڪجهہ حصي کي بارود سان اڏايو هو، جو شڪ هوس ته هتي سونا لکي سازش جون صلاحون ڪن ٿا (۱).

۷- پارسناٿ جو پٽلو

پارسناٿ، جين ڌرم وارن جو وڏو ديوتا آهي، جو مشهور مهاتما گرو گورک ناٿ (جو گرنار ۾ رهندو هو) جو چيلو هو. هن پٽلي جي ڪهاڻي بہ عجيب آهي، جا هيٺ ڏجي ٿي:

"پاري ننگر ۾ سنگهو نالي هڪ اوسواڙ واپاري رهندو هو. هڪ دفعي، هو واپار سانگي گجرات جي پٽڻ شهر ۾ ويو. اتي هڪ دفعي سپني ۾ ڪو ديوتا ڏٺائين، جنهن ڇيس ته 'پارسناٿ' جو هڪ پٽلو فلاڻي چاڪيءَ جي گهر ۾ پوريل آهي، سو ڪيڏن بہ ڪري ڪٽائي وڃي ڪنهن مندر ۾ رک، ڏ ٺاڪر توڙي

(۱) "اڻٽي ڪئپٽيز آف سنڌ"، صفحو ۱۷۵.

Marfat.com

مهربان ٿيندو'. صبح ٿيو ته منگهي اوسواڙ سپني واري ڳالهه سچي سمجهي، مليل ڏس جي آڌار تي پڇا ڪري انهيءَ چاڪيءَ جو گهر وڃي لڌو: سپني ۾ ديوتا جنهن هنڌ جو ڏس ڏنو هوس، سو کوٽيائين، ته پتلو برابر نڪتو، جو چاڪيءَ کان وٺي پنهنجي قبضي ۾ ڪيائين. ٻي رات ٿي، ته ديوتا وري کيس سپني ۾ چيو ته 'هاڻي اها مورتي کڻائي، سڌو پنهنجي وطن ڏي وڃ، پر واٽ تي ڪٿي به پٺتي نه نهارج.' صبح جو سڃاڳ ٿيڻ سان هن هڪ بيل گاڏي ڀاڙي ڪئي، جا نم جي ڪاٺيءَ جي ٺهيل هئي. ان ۾ پتلو کڻائي واپس وريو. واٽ تي، هڪ هنڌ ٺوڪر اچڻ سبب گاڏي ڀڄي پيئي. اتي ٽيون ڀيرو اهو ساڳيو ديوتا سپني ۾ ڏسڻ ۾ آيو، جنهن چيس ته ڀرسان اتر پاسي هڪ پڳ- واءِ آهي (جنهن ۾ هيٺ پاڻي هجي ۽ ڏاڪن جي وسيلي لهي وڃجي)، ۽ ڏکڻ پاسي ڪجهه خزانو پوريل آهي. صبح جو ٻه رازا تو وٽ ايندا، جن جا هٿ ٺونٺين تائين ڪپيل هوندا. خزانو ڪڍي، انهن جي مدد سان مندر تيار ڪري، اها مورتي ان ۾ رکج'. صبح ٿيو ته رازا برابر آيا، ۽ هن مليل ڏس موجب خزانو به هٿ ڪيو. پوءِ مزور ڪري جهنگ وڍائي اتي مندر جوڙايائين، جو گوڙبچي پارسناٿ جي نالي پٺيان هينئر 'گوڙيءَ جو مندر' سڏجي ٿو."

ڪي پارسي تاريخ نويس چون ٿا ته منگهو اوسواڙ، اهو پارسناٿ جو پتلو ٥٠٠ رپين ۾ ڪٿان خريد ڪري آيو هو، ۽ سنه ١٣٧٦ع ۾ اهو مندر جوڙائي ان ۾ آڻي رکيائين. هن جو مطلب هو ته انهيءَ پتلي بابت ماڻهن کي جڏهين ڪا عجيب ڳالهه ٻڌائيندس، تڏهين ان جو چڱو قدر ڪندا، تنهنڪري اها مٿين ڳالهه دليان ٺاهي، هنڌين ماڳين هلائي ڇڏيائين.

ڪئپٽن ريڪس پنهنجي ڪتاب "ٿر جو احوال" ۾

Marfat.com

لکي ٿو ته اهو پٽلو، اڇي سنگ مرمر جو، ۱۱ فوٽ ڊگهو، ڪ
سؤ روپين ۾ هڪ مسلمان ترڪ کان خريد ڪيو ويو هو
(گهڙايو ويو هو). سورتيءَ جي نرڙ تي هيري جي ڪڻي لڳل
هئي، ۽ ٻنهي ٻُڏن تي ٻہ هيري جون ڪڻيون لڳل هيون.
ڪيترا ورهيه اهو پٽلو هن سندو ۾ رکيو هو، ۽ ڪيترن
ماڻهن ڏٺو هو. مقرر ڏينهن تي، اهو پٽلو اندران ڪوٺيءَ مان
ڪڍي، باهر هڪ گول چبوتري تي رکيو ويندو هو، ۽
ڪيتري خلقت ديدار لاءِ اڇي گڏ ٿيندي هئي، ۽ پيٽا وڪندي
هئي- ان مان گهڻي پيدائش ٿيندي هئي، جنهن جو ڪجهه
حصو پوجارين کي ملندو هو ۽ باقي راجا کڻندو هو. اها رسم
ڪيترا سال هلي. سنہ ۱۷۱۶ع ۾ سودو ستوجي، ويراواهه جي
گاديءَ تي هو. هن جي پائرن، گوڙيچي جي آمدنيءَ ۾ اڪيون
وڌيون ۽ آهٽ جو ڪيترو حصو هضم ڪرڻ لڳا. انهيءَ ڪري
ستوجي ڪاوڙجي گوڙيچي کي ڪڍي پاڪاسر (جوڌپور رياست)
ڏانهن هليو ويو؛ ۽ پاڪاسرءجو قلعو، جو پاڻ جوڙايو هٿائين،
تنهن ۾ وڃي رکيائين؛ ۽ اڃي اهو پٽلو هڪ نہ جي وڻ هيٺان
پوري ڇڏيندو هو، ۽ بارهين بارهين مهني باهر ڪڍي، ميلو
لڳائيندو هو، جتي آيل ماڻهن کان ڇگي ڏڪڻا وٺي، پوءِ انهن
کي درشن ڪرائيندو هو. ماڻهن ۾ ديوتا جي ديدار جو ايترو
ته شوق هو، جو هڪ دفعي سورت شهر جي هڪ لکاپتي
واڻياڻي جڏهن درشن لاءِ آئي، تڏهين سودي ستوجيءَ وڏيءَ
رقم جي گهر ڪئي؛ آخر هن ۹ هزار پيٽا ڏيئي درشن ڪيو.
اهڙيءَ طرح ستوجيءَ ڪيتروئي ڌن ڪمايو. انهيءَ بعد ستوجي
اهو پٽلو پاڪاسر کان ويراواهه ۾ آڻي، مضبوط جاءِ ٺهرائي، ان
۾ حفاظت سان آڻي رکيو؛ جتي سال بسال ميلو لڳندو هو،
پر سالياني زيارت بند ڪري ڇڏيائين؛ جڏهين ڪوڙي رقم
ڏيندو هوس تڏهين فقط انهيءَ کي درشن ڪرائيندو هو. آخر،

Marfat.com

پالن پور جي ڪن شاهوڪار هندن، ڳري رقم باسي گوڙيچي کي اوڏانهن کڻايو، سٺي گام ۽ مورواڙا ۾ زيارت ڪندا هئا، ۽ پوءِ واپس ويراواهه آڻيندو هو. آڻڻ ۽ نيڻ وقت زبردست پهرو هوندو هو. سٺي گام ۾ پهريون ميلو ١٧٦٦ع ۾ لڳو، ۽ مورواڙا ۾ چار ميلا، ١٧٨٨ع، ١٧٩٦ع، ١٨١٠ع ۽ ١٨٢٢ع ۾ لڳا، وري ١٨٢٤ع ۾ ويراواهه ۾ ميلو لڳو. اهڙيءَ طرح اهو پتلو پشت بپشت سوڍن جي قبضي ۾ رهندو آيو. هرڪو، مقرر ڏينهن تي ظاهر ڪري، نه ته پوري يا لڪائي رکندو هو. سنه ١٨٣٢ع ۾ اهو پتلو پونجاجي نالي هڪ سوڍي جي قبضي ۾ هو، جنهن جو سنڌ جي ٽالپرن سان تڪرار ٿيو، آخر جنگ لڳي، جنهن ۾ پونجو سوڍو مارجي ويو، ۽ ڪنهن کي به خبر نه آهي ته هن اهو پتلو ڪٿي پوري رکيو هو. اهڙيءَ طرح اهو بت ٤٥٦ ورهين جي گردش بعد هميشه هميشه لاءِ گم ٿي ويو. جيني، ١٩٤٧ع تائين پري پري کان ڪهي مندر ڀيٽڻ ايندا هئا، جو هيءَ آستان سندن پوتر تيرٿ جي جاءِ آهي.

٨- پولن آستان

گوريءَ جي مندر جي ڀرسان هڪ پڪ سرو بُرج ٺهيل آهي، جو "پولن آستان" سڏجي ٿو. چون ٿا ته نئيڙ (جوڌپور پرانت جو هڪ ڀاڱو) جو راجا پولن نالي راٺوڙ نسل مان هو. هڪ دفعي ڀاڪر جا ڌاڙيل نئيڙ مان چوپايو مال چورائي آيا هئا، ۽ پڻ ڪي ڳوٺ به ڦُري آيا هئا. راجا پولن واهر ڪري ڌاڙيلن جي پٺيان پيو. انهيءَ هنڌ اچي ڌاڙيلن سان دوبدو مقابلو ٿيو. گهڻي رتو ڇاڻ بعد پولن بهادريءَ سان وڙهندي مارجي ويو. انهيءَ جي يادگيريءَ ۾ اهو ڏيهرو (برج يا چبوترو)، سنه ١٧٤٣ع ۾ جڙيو.

Marfat.com

۹- ريکوديو جو بت

ويراواهه جي هاڻوڪي مندر ۾ جين ڏرم وارن جي مکيه ديوتا ريکو ديو جو بت وڪيل آهي، جو سنگمرمر مان اڪريل نهايت نفيس پٿلو آهي. ڏسڻ سان ائين معلوم ٿئي ٿو ته جڻ ڪو ساڌو، پڳوان جي ياد ۾ تپشيا ڪري رهيو آهي. هن جي اکين جي جاءِ تي عجيب چمڪندڙ شيشو وڌل آهي، جو اوندهه ۾ ٽجلو ڪري ٿو. اهو به پاري ننگر جي سون بتن مان، جن مان ٽورا بچيا آهن، تن مان هڪ آهي. ان جي چوڌاري ڪيترين ئي جون مورتون وڪيل آهن.

۱۰- پوڏيسر

هيءَ شهر پوڙي پرمار ٺهرايو، ۽ اتي هڪ تلاءِ کوٽايو. ڪو وقت هن شهر جو ڏاڍو اوج هو. ان وقت واٽين جا به هزار گهر الي هئا، جي اصل پاري ننگر جي ڪڍ بعد لڏي آئي اچي ويٺا هئا. انهن جا مکي، ڪجل شاهه ۽ وجل شاهه هئا. واڻو پوڏيسر ۾ رهندو هو. ڏياريءَ جي ڏينهن دستور موجب راڻي جي سلام تي ويا، جتي هنن کي عزت ڪانه ملي، تنهن ڪري هنن پاڻ ۾ گڏ جي صلاح ڪئي، ته جيءَ ڏياريءَ کان اڳ پوڏيسر ڇڏيندا سون. انهيءَ وچ ۾ ڪجهه گوهه ۾ تياريون ٿي ڪيائون. نيٺ ٻي ڏياري آئي، ڏيا ٻاريا ويا، ۽ هي راتو رات، ڪيل بندوبست موجب، پرندڙ ڏيا چڏي، سنه ۱۳۸۸ع ۾ لڏي ويا. اهي ڏار ڏاو ملڪن سنڌ، ڪچ، هالار ۽ مارواڙ ڏي پکڙجي ويا، سنڌ ۾ آيل وري کي ڪچ ڏي ويا. ان وقت سنڌ ۾ سومرن جي حڪومت هئي (۱).

---

(۱) ڪئپٽن ريڪس جو "ميمائرس آن دي ٽرائبز هارکر ڊسٽرڪٽس آف سنڌ" صفحو ۱۰-۱۱-۱۲، ۸۵-۸۶.

Marfat.com

١١- سلطان محمود بيگڙي جي پارڪر تي ڪاهه

سلطان محمود بيگڙو گجرات جو حاڪم هو. هن جي ڪاهه جا، اتهاسن مان هيٺيان سبب معلوم ٿين ٿا: بلوچن جا چار هزار ڪٽنب پارڪر ۾ رهندا هئا. ظاهر نموني اهي مارواڙ ۽ پالن پور جي حدن ۾ اٺن جا گلا چاريندا هئا، پر موقعي ملڻ تي گجرات ڏي ويندڙ قافلن کي ڦريندا هئا، ۽ اهو مال اچي ٿر جي ڀٽن جي ڏرڙن (غارن) ۾ لڪائيندا هئا، ۽ پوءِ گجرن، سولنڪين، واگهيلن ۽ ڪڇ جي جاڙيجن کي ڌاڙي جو مال نيڪال ڪندا هئا، ۽ وقت جي حاڪمن سان موقعو پائي جنگيون به ڪندا هئا. سندن برخلاف دهليءَ جي تغلق بادشاهن کي دانهون پهتيون هيون، پر انهن کي ايتري فرصت ڪانه هئي جو کين سيکت ڏين.

سلطان محمود بيگڙي جي وقت ۾ اهي بلوچ، سابرمتي ۽ نربدا جي دولتمند شهرن کي لٽڻ لڳا. سلطان جي ڪوٽوال جمال‌الدين کي هنن ڏاڍو تنگ ڪيو، جنهن ڪري سلطان پاڻ چڙهائي ڪئي. بلوچ ٢٤ هزار لشڪر سان سامهون ٿيا. جنگ لڳي، جنهن ۾ بلوچن هارايو. سلطان سندن سردارن کي گرفتار ڪري احمدآباد وٺي ويو. سال مس گذريو ته وري قافلا لٽجڻ لڳا، جنهن ڪري سلطان ٻيو دفعو سنه ١٥٠٤ع ۾ پارڪر تي ڪاهي آيو، ۽ بلوچن کي ڳولي ڳولي هٿ ڪري گرفتار ڪيائين. هن دفعي غارن مان کيس گهڻو سامان هٿ لڳو، ۽ بلوچن جي سردارن کي جهوناڳڙه وٺي ويو.

١٢- ڀوڏيسر جي مسجد

سلطان محمود بيگڙي جي ڏينهن ۾، مسلمانن جو هڪ قافلو حج تي روانو ٿيو، جنهن ۾ سلطان جي والده شريف به

Marfat.com

هئي. آن وقت پارکر تي سودن جو راج هو. اهو قافلو جڏهين پارکر وچان ٽي لنگهيو، تڏهين پوڏيسر جي راڻي، قافلي کي روکي کجهه رقم وٺي پوءِ موکل ڏني. بيگم صاحبه، حج تان موڙڻ بعد اها حقيقت پنهنجي پٽ سلطان محمود سان ڪئي، جنهنکري هو ڪاوڙجي لشکر وٺي ڪاهي آيو ۽ سودن کي سيکت ڏيڻي موڻي ويو.

انهيءَ عرصي ۾ اتي هڪ ننڍي مسجد شريف ٺهرايائين، جا سنگمرمر جهڙي پٿر جي ٺهيل آهي: آن مسجد جي ديگهه ۾ ويڪر ۳۰ فوٽ ڪن آهي. اڌ ۾ ٽنهين سان اڏاوت آهي ۽ اڌ خالي آهي. مٿي قبو آهي، جنهن جو نمونو اهڙو آهي، جهڙو مغلن جي وچئين سمي ۾ اڏيل مسجدن جو. محراب وٽ هڪ پٿر لڳل آهي، جنهن تي فارسي اکر لکيل آهن، پر سنڀال نه هڻڻ سبب ڍهي ويا آهن؛ چڻا پڙهڻ ۾ نٿا اچن. البت، محمود شاهه بن مظفر شاهه جو نالو ۽ سال ۱۵۰۵ع، پڙهي سگهجن ٿا. هن سان سمجهجي ٿو ته سلطان جي ٽين ڪاهه، انهيءَ سال ۱۵۰۵ع برابر ۸۸۰ هجري=سنبت ۱۵۶۲ ۾ ٿي (۱). اها مسجد پوڏيسر وٽ آهي، جنهنکري عام طرح "پوڏيسر جي مسجد" سڏجي ٿي. پرسان مقام آهي، جو انهن شهيدن جو آهي، جي سلطان محمود جي لشکر ۾ هتا، ۽ وڙهندي وڙهندي مارجي ويا. مسجد تي لکيل آهي ته جيڪڏهين مسجد زبون ٿي پيئي، ۽ وقت جو حاڪم ان جي مرمت نه ڪرائيندو، ته اهو خدا جو ڏوهاري ٿيندو (۲).

ٽر ۽ پارکر ۾، عام طرح، ڪي ماڻهو چوندا آهن ته اها مسجد شريف، سلطان محمود غزنويءَ ٺهرائي هئي، پر اها

---

(۱) "تاريخ گجرات"، شيخ غلام محمد، صفحو ۷۷؛ ۽ "ڪچ جو گجراتي اتهاس"، صفحو ۷۰.

(۲) ڪئپٽن ايس. اين. ريڪس جو احوال ٽر ۽ پارکر، صفحو ۱۲.

Marfat.com

ڳالهه صحيح نه آهي، ۽ اٽڪاٽائيءَ وچان سلطان 'محمود' جي نالي ڪري غزنويءَ جو يادگار سمجهن ٿا: اها مسجد سلطان محمود غزنوي نه پر سلطان محمود بيڪڙي گجرات جي بادشاهه جو يادگار آهي.

۱۳- سيدي علي ريس جو پارکر جو سفر ۱۵۵۶ع

سيدي علي ريس کي، ترڪيءَ جي سلطان، پورچوگيزن سان وڙهڻ لاءِ موڪليو هو. هن کي عربي سمنڊ ۾ طوفان اچي وکوڙيو ۽ سخت نقصان پهتس، فقط ٿورن جهازن سان گجرات پهتو، جتي جهاز گجرات جي حاڪم جي حوالي ڪيا، پاڻ خشڪيءَ جي رستي سنڌ، پنجاب، افغانستان، ٽرانس ڪاڪيزيا، خراسان، آذربائجان، ايران ۽ بغداد مان ٿيندو، ۱۵۵۶ع ۾، قسطنطنيه پهتو. هن کي رستي ۾ چار سال لڳا. اهو بيان هن پنهنجي ڪتاب "مرات الممالک" ۾ ڪيو آهي. هتي اسان کي فقط سنڌ خاص ڪري پارکر جو ذڪر ڪرڻو آهي، جو هن پنهنجي ڪتاب جي ستين حصي ۾ هن ريت لکيو آهي. هن ڪتاب جو انگريزي ترجمو اي. ويمبري صاحب ڪيو آهي. هو لکي ٿو ته:

"اسان جي پارٽي، ڏهن ڏينهن جي سفر بعد راجپوتن جي شهر ننگر پارکر ۾ پهتي، جتي راجپوتن اسان سان وڙهڻ شروع ڪيو، پر اسان جي حملي سندن هوش ٽڪاڻي آڻي ڇڏيو. هنن کي، اسان کان ڏوڪڻ ڇڏائڻ جي نيت هئي. علي‌ءَ کين چيو ته 'اسين واپاري نه آهيون، اسان وٽ ڪجهه به نه آهي، سواءِ دوائن ۽ Moure جي، جنهن لاءِ اسان اڳيئي ڪسٽم ڏنو آهي' (سورو هڪ علامت وارو پٿر آهي، جو نانک جي مٿي ۾ ٿيندو آهي). نيٺ ٿوري رقم ڏني ويئي ۽ اسان کي اجازت ملي. ڏهن ڏينهن واريءَ جي پٺن ۾ پهچڻ بعد سنڌ جي

Marfat.com

سرحدي شهر ونگا ۾ پهتاسون، جتان تازا آٽ پاڙي ڪري پنجن ڏينهن جي سفر بعد جوڙ ۽ فتح باغ ۾ پهتاسون. ان وقت سنڌ ۾ مرزا شاهه حسن اوغون جي حڪومت هئي". (١)

١٤- نڪولاس وٽنگٽن جي پارڪر جي مسافري ١٦١٣ع

مسٽر نڪولاس وٽنگٽن لکي ٿو ته "اسان لاءِ احمدآباد کان ٻئي تائين ٣٠٠ ميل مسافري خطرناڪ هئي. اسان کان اڳ، فقط هڪ سياح اسٽارکي، ١٦١٣ع جي شروعات ۾ ٻئي پهتو هو". پاڻ ڪولال- راڊن پور جي رستي کان ڪن هندستاني واپارين سان گڏ، رڻ جو ڪنارو ڏيئي سلامتيءَ سان ٢٨ ڊسمبر ١٦١٣ع جي ننگر پارڪر پهتو. انهيءَ بابت لکي ٿو ته "ننگر پارڪر ننڍو شهر آهي، پر مسافرن جي ضرورت واريون سڀ شيون موجود آهن. هتي اسان هڪ ڏينهن ٽڪ ڇڏي ۽ تازو ٿيڻ لاءِ ترسياسين، ۽ آڻن جي ترسڻ جو محصول ڏيوسين. هتان کان ويندي جوڙ تائين، ماڻهو ڪنهن بادشاهه کي ڏل نه ڏيندا آهن، فقط قرار تي گذران ائن. البت جڏهين ڪو برخلاف مغلن جو لشڪر ايندو آهي، تڏهين پنهنجن گهرن کي باهه ڏيو وڃيو ڇڏن ۾ لکن. سندن گهر ڪکن جا آهن، جي جلد ٺاهي وٺندا آهن. مسافرن کي ڪجهه خرچي ملڻ ڏي، انهن جي هرطرح جي خاطري ڪندا آهن. ننگرپارکر کان ٢٤ ڪوهن جي مفاصلي تي، ٽن منزلن بعد، اسين هڪ ننڍڙي ڳوٺڙي 'برائداس' ۾ آياسون. هتي اسان کي ڪسٽم پيارٽو ٻيو ۽ ڪيترا سائي بيمار ٿي پيا جو هتي جو ڪارو پاڻي پيتو هٿائون. منهنجو به سٽو پاڻي کپي ويو هو ۽ سون به اهو ڪارو پاڻي پيتو، پر سون ان پاڻيءَ ۾ Butter Milk گڏيو جو اتي

---

(١) "دي جرنل آف دي سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي، مارچ ١٩٣٧ع، واليوم ٻيو، پاڳو چوٿون، صفحو ٩.

Marfat.com

جام هو. پوءِ سافري ڪندي اڳتي وڌياسين، ۽ چئن ڏينهن ۾ ۵۷ ڪوهه پنڌ ڪري منزل تي پهتاسون" (۱).

۱۵- ڪڇ جو ويراواهه ۾ ٽاڙو

ڪڇ جو راجا ڏيسرجي پهريون، سنبت ۱۷۷۵-۱۸۰۸ =۱۷۱۸ع-۱۷۵۱ع تائين هو. هن راجا حڪومت کي مضبوط بنائڻ لاءِ پڇ، موندرا، انجار ۽ رابز ۾ قلعا ٺهرايا. وڏي بازار ۽ اوڪا ۾ ننڍا گڊ ٺهرايا- جن کي ڪڇي گڊ چوندا هئا- ۽ ويراواهه ۾ ٽاڙو وڌو. مهاراجا لکپت جيي، جڏهين ۱۷۵۲ع کان ۱۷۶۱ع تائين ڪڇ جي گاديءَ تي هو، تڏهين يوراج ڪمار جي رُڌجي وڃڻ ڪري، ملڪ ۾ افراتفري پيدا ٿي. اهو وجهه ونڊي پارڪر جي سوڍن، ويراواهه وارو ٽاڙو سنبت ۱۸۱۲=۱۷۵۹ع ۾ ڪڍائي ڇڏيو (۲).

۱۶- مڪواڻ

ڪي لکن ٽا تم سڪندر اعظم ۳۲۵ ق-م، برسات جي موسم جي پڇاڙيءَ ۾، سنڌ جي فتح ڪيل پاڻ تي پنهنجا ڪي ماڻهو مقرر ڪري، پاڻ واپس روانو ٿيو. هن جي وڃڻ بعد مڪاني ماڻهن، انهن کي لوڏي پنهنجي حڪومت وري هٿ ڪئي (۳).

انهن سڪندر جي فوج جي بچيل سپاهين، ٽر ۸ وڃي پنهنجا ٽاڻا ڪيا، جتي گهڻي وقت گذرڻ بعد مڪواڻن جي

---

(۱) "سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي جرنل"، لکيل هي- ڊي- ميرچنداڻي، آءِ- سي- ايس، ۲۲۲-۲۲۳.

(۲) "نئريٽو آف وزٽ ٽو دي ڪورٽ آف سنڌ، انڊر اي اسڪيج آف دي هسٽري آف ڪڇ"، از: جيمس برنس. صفحو ۱۴۹-۱۵۰

(۳) "شارٽ هسٽري آف دي پراونس آف دي سنڌ"، صفحو ۳.

Marfat.com

نالي پنهنجي حڪومت برپا ڪيائون (١).

عباسي گورنر عمران، سنہ ٨٣٦ع ۾ ڪڇ جي ميدان کي چڳي گوشمالي ڪيي. ۽ن ٢٢٦ هجري ۾ وفات ڪئي. هن جي وفات بعد سنڌ ۾ طوائف الملوڪي شروع ٿي ويئي، ۽ عربي خليفن جو ڪوبہ اثر سنڌ ۾ نہ رهيو. جدا جدا ٽڪرن تي هندو ۽ مسلمان رياستون قائم ٿي ويئون. اهڙيءَ طرح، مٺي ۽ ننگرپارڪر واري حصي ۾ ڪواٽا راجپوتن پنهنجي حڪومت قائم ڪئي.

ٽاڈ صاحب ڪواٽن کي راجپوت جاتيءَ جو نٿو ليکي. هو لکي ٿو تہ

"هي قبيلو هن وقت سوراشٽر پيٽ جو رهاڪو آهي. پاڻ کي راجپوت سڏائين ٿا، ليکن هي راجپوت نہ آهن."

(٢) مٿين احوالن موجب ڪواٽا، جي اڄ پاڻ کي راجپوت سڏائين ٿا، سي دراصل گريڪ نسل مان آهن.

١٧- ڪيرڻي جي حڪومت

ٽر ڊويزن جي مٺي تعلقي ۾، مٺي شهر کان ٨ ميل ڏکڻ طرف "ڪيرڻي" جو ڳوٺ آهي، جنهن ۾ هن وقت راجپوت ۽ مينگهواڙ رهن ٿا ۽ ننڍڙو پهراڙيءَ جو ڳوٺڙو آهي. مگر ڪو وقت اڳ، اهو مشهور شهر هو ۽ حڪومت جي گاديءَ جو هنڌ هو. هن وقت بہ پراٽا کنڊر ۽ ٽٽل ڪوٽ جا نشان اڳئين اوج جي ياد تازي ڪري رهيا آهن. هڪ تلاءَ آهي، جنهن جي پرسان ڪنڌين جو شاهي پاڙو هو. هن کي اڄ ڪائين اتي جا ماڻهو "ڪنڌين جو تلاءَ" چوندا آهن. گجراتي اتهاس

---

(١) "هسٽري آف ڪاٺياواڙ"، وليم ولبر فورس بيل؛ صفحو ٦٦.
(٢) "ٽاڈ راجستان"، انگريزي؛ جلد پهريون، صفحو ٧٨.

Marfat.com

۾ هن کي "ڪيرنٽي گڍ" ۽ ڪٿي ڪٿي "ڪڙلي ننگر" لکيو ويو آهي.

هتي اڳي مڪواڻن جي حڪومت هئي، جن مان ڪيسر مڪواڻو مشهور ٿي گذريو آهي، جو عمرڪوٽ مان سومريون کڻي آيو، هو جنهن ڪري همير سومري سان لڙايون ڪرڻيون پيئون، اهو احوال باب چوٿين ۾ ڏنو ويو آهي. سومرن جي هن سان اڻبڻت هلي آئي. همير نيٺ لڙائي ڪري کيس ماريو، سندس پٽ هرپال ديو، پنهنجي ماسات گجرات جي راجا ڪرڻ سولنڪي (ڀيم ديو جي پٽ) وٽ وڃي پناهه ورتي، جنهن هن کي جهالاواڙ پرانت انعام ڏنو. سندس اولاد اڄ جهالا راجپوت سڏجي ٿو (١).

١٨- راڻڪ ديوي

يارهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ڌاري، ڪيرٽي (٢) ۾ راڻو روڙپارسنگ (٣) حڪومت ڪندو هو، جنهن جي هٿ هيٺ ٿر جو ڏکڻ وارو ڀاڱو هو. سڪي سڪي کيس هڪ ڇوڪري ڄائي، جا تمام حسين هئي. جوتشين سندس بخت ڏسي ٻڌايو ته "جنهن گهر ۾ هيءَ رهندي، يا جنهن سان شادي ڪندي، تنهن جو بخت تباهه ٿيندوا" راڻي اهو ٻڌي سوچ ويچار بعد کيس جهنگ ۾ ڦٽو ڪرايو، جتان هڙونت ڪنڀار کڻي وڃي ڪڇ ۾ پنهنجي گهر پالي وڏو ڪيو ۽ "راڻڪ ديوي" نالو رکيو. ڇوڪري جڏهين جوڀن اوستا کي

(١) "ڪڇ جو اتهاس"، گجراتي؛ صفحو ٦١-٦٢.
(٢) گجراتي ڪتاب "راڻڪ ديوي اني راءِ کنگهار" ۾؛ ڪڙلي ننگر، لکيل آهي.
(٣) "روح رعاڻ"، صفحو ١١٩، پر گجراتي ڪتاب "راڻڪ ديوي اني راءِ کنگهار" ڇپيل احمدآباد، صفحي چوٿين ۾، "پهاڙسنگ" لکيل آهي.

Marfat.com

پهتي، تڏهين ڪڇ جو راجا (١) ڪيس ڏسي موهت ٿي پيو ۽ سڳ گهريائين. هڙونت کي اها ڳالهه نه وڻي، جنهنڪري راتو رات لکي ڪڇ مان پهچي، جهونا ڳڙهه جي ويجهو منجيوڙي نالي ڳوٺ ۾ وڃي رهيو. ان وقت گجرات جو حاڪم سڏراج پٽ ونراج (١٠٩٤-١١٤٣ع) هو. ان جي درٻار جا ڪي چارڻ، گهمندي اتفاق سان منجيوڙي ۾ آيا ۽ راڻڪ ديويءَ جي سونهن ڏسي، موڻي ملڪ وڃڻ وقت راجا کي اها حقيقت ٻڌائي، ۽ چيائون ته اها چوڪري اصل ڪنهن راجائي ڪُل جي آهي، ۽ هر ڪايائون ته ساڻس شادي ڪر. راجا قبول ڪيو، ۽ ساٿهو موڪلي هڙونت کان سڳ گهريائين، جنهن نيٺ قبول ڪيو. ان وقت جهونا گڙهه جو حاڪم راءِ کنگهار چوڙا سمو (١٠٩٨-١١٢٥ع) هو (٢). ان جي ڀيڻ، سڏراج جي ڀاءُ سان پرٽيل هئي، ۽ ان وقت گهرو اٽٻٽ سبب پنهنجن بن ٻڌن ڏيجل ۽ ٻيجل سميت، جهونا گڙهه ۾ مائڻن وٽ رهيل هئي. هڪڙي ڏينهن هي چوڪرا گهمندا ڦرندا منجيوڙي آيا، جتي راڻڪ ديويءَ کي سڏراج سان پرڻائڻ جو جشن يعني تياري هئي. انهن يڪدم وڃي راءِ کنگهار کي اها حقيقت ٻڌائي، ۽ چيائون ته هڙي پدمڻي اسان جي ملڪ مان ٻيو وڻي وڃي، اهو اسان لاءِ داغ آهي، جو نه اوهين انهيءَ ڪاريءَ سان شادي

---

(١) "روح رهاڻ" ۾ لاکو ڦلاڻي لکيل آهي، پر اهو واقعو يارهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۽ بارهين صديءَ جي شروعات ۾ ٿيو هو، ۽ "ڪڇ جي گجراتي اتهاس" موجب، لاکو ڦلاڻي سنبت ١٠٣٥-٩٧٨ع ۾ لڙائيءَ ۾ وڙهندي ماريجي ويو. شايد ڪو ٻيو راجا هوندو.

(٢) ولبر فورس ٻيل پنهنجي ڪتاب "تاريخ ڪاٺياواڙ"، ۾ چوي ٿو ته راڻڪ ديويءَ کي راءِ کنگهار جي ٻيءَ راءِ نوگهن زوري ڪٽائي ساڻس شادي ڪئي هئي، ۽ نه راءِ کنگهار (ڏسو "روح رهاڻ"، جو فوٽ نوٽ صفحو ١٢١).

Marfat.com

ڪريو. راءِ کنگهار اها ڳالهه قبول ڪئي، ۽ انهن کي چيائين ته وڃي ڪنڀار کان مون لاءِ سڱ گهرو. يڪدم ٻئي ڀائر منجيوڙي ويا ۽ هڙونت کان سڱ گهريائون، جنهن انڪار ڪيو. چي اڳيئي سڌراج سان مڱڻو ٿيل آهي ۽ هاڻي ترت شادي ٿيڻ واري آهي. هنن گهڻيئي دم دلاسا ۽ لالچون ڏنيون، مگر وريو ڪجهه ڪونه.

آخر راڻڪ ديويءَ کي زوريءَ کڻائي اچي راءِ کنگهار سان شادي ڪرايائون. جڏهين سڌراج کي اها خبر ملي، تڏهين جهوناڳڙهه تي ڪاهي ويو. ١٢ سال اهو گهيرو هليو، پر ڪجهه به ڪري نه سگهيو. انهيءَ وچ ۾ راءِ کنگهار کي اچي شڪ پيو، ته سندس ڀاڻيجي ڏيجل جي راڻڪ ديويءَ ۾ بُري نظر آهي. جڏهين ڏيجل کي اها خبر پيئي، تڏهين پنهنجي ڀاءُ ٻيجل کي ساڻ ڪري نڪري ويو. جڏهين قلعي جي دروازي وٽ پهتا، تڏهين دربانن کي چيائون ته اڄ مالوا کان راءِ کنگهار جو ساٿ اچڻو آهي، جنهن جي استقبال لاءِ اسان کي روانو ڪيو اٿس، آڌيءَ رات جو ساٿ ايندو، اوهين هوشيار رهجو.

پوءِ سڌو آيا پنهنجي چاچي سدراج جي ڇانوڻيءَ ۾. هن سان مليا ۽ کيس چيائون ته اسان کي هاڻي خبر پيئي آهي ته اوهين اسان جا چاچا آهيو. اها خبر اسان کي اڳ هجي ها، ته راڻڪ ديوي کڻي وڃي کنگهار کي ڪونه ڏيون ها. هاڻي اٽلو کنگهار اسان تي الزام مڙهي رهيو آهي، ته اسان راڻڪ ديويءَ ۾ بڇڙي اک رکي آهي. تنهنڪري اسان کانئس رسي آجهي لاءِ اوهان وٽ آيا آهيون، اسان سان گڏجي هلو ته راءِ کنگهار کي پورو ڪري، راڻڪ ديوي اوهان جي هٿن ۾ ڏيون. پوءِ سڌراج سؤ کن چونڊ پهلوان پالڪين ۾ وهاري، ساڻن گڏجي قلعي ڏانهن ويو. دربانن انهن کي ساڻ ڏسي سمجهيو ته مالوا وارو ساٿ آيو آهي، سو قلعي جو دروازو کولي ڇڏيائون.

Marfat.com

سڌراج جا پهلوان، دربانن کي ماري شاهي محلات ۾ اوچتو وڃي راءِ کنگهار مٿان ڪڙڪيا. سڌراج ترار سان راءِ کنگهار کي ماري وڌو، ۽ راڻڪ ديويءَ کي ساڻ وٺي موٽي ڇانوڻيءَ ۾ آيو. راڻڪ ديويءَ کي گهڻيئي آزيون نيزاريون ڪيائين، نيٺ دڙڪا داٻ ڏنائين ته مون سان شادي ڪر- پر هن نه قبوليو ۽ نيٺ وڃي ڏاگهه چڙهي.

ڏيجل ۽ ٻيجل، سڌراج کان انجام ورتو هو ته راءِ کنگهار کان پوءِ جهوناڳڙهه جي حڪومت جون واڳون اسان کي ڏيندين؛ سو انجام ياد ڏياريائون. تڏهين سڌراج چيو ته اوهان جهڙن نمڪ حرامن تي ڪهڙو ڀروسو: اڄ اوهان پنهنجي مامي سان ڊوهه ڪيو، ڪهڙي خبر ته سڀاڻي مون سان ڇا ڪندا؟ ائين چئي ترار سان ٻنهي کي پورو ڪري ڇڏيائين.

١٩- مهراڻو

ٿر جي ڀٽن ۽ ناري جي سنئين زمين جي دنگ وٽان، اڳي مهراڻ ندي وهندي هئي؛ جنهنڪري انهيءَ ٽڪر کي "مهراڻو" چون ٿا. انهيءَ ڪس تي ڪيترا پراڻن يادگارن جا کنڊر ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اهي گهڻو ڪري ڍوري جي ڪپ سان لاڳيتو آهن، جنهن مان سمجهجي ٿو ته ڪو وقت اڳ، اهو ڀاڱو آباد ۽ وسندڙ هو. مڪاني ماڻهو چون ٿا ته عمرڪوٽ کان نئين ڪوٽ تائين، ٿوري ٿوري پنڌ تي، وڏا شهر هئا؛ جن جا ڦٽل نشان اڄ به موجود آهن. اهڙا کنڊر: ١- کيجراڙي، ٢- نبي سر شهر کان ست ميل اتر طرف ميهار جي ڀٽ، ٣- ملير جي ڀٽ، ٤- راجهاري، ٥- نهٽي جو ڪوٽ (ڀڙو)، ٦- لالي جو ڀڙو (هيدي ڳوٺ جي اتر ۾؛ ڀرسان شاهي مقام آهي)، ٧- نئوڪوٽ، ٨- جعفر شاهه جو مقام، ٩- ڳاڙهيار جو ڀڙو، ١٠- ارڻي جو دڙو، وغيره اڄ

Marfat.com

به موجود آهن. ارڻي جي دڙي وٽ اڳي هڪ وڏو بڙ جو وڻ هو، ۽ ڍوري تي شاهي پتڻ هو. ارڻي نالي هڪ مهاڻي هئي، جنهن جي نالي اهو دڙو سڏجي ٿو.

آن ڳوٺ جي ڀرسان، اڳي سامڀر ڀٽي زور وارو زميندار رهندو هو، جنهن هڪ ڏينهن گجڻي نالي هڪ مهاڻيءَ جو پٽ مارائي ڇڏيو، جنهنڪري هوءَ دانهن کڻي وقت جي حاڪم وٽ ويئي، جنهن سندس فرياد ٻڌو ۽ پنهنجي لشڪر جو ننڍو دفعو سامڀر ڀٽيءَ کي سيکت ڏيڻ لاءِ چاڙهي موڪليو. ڀرسان راجي جي دڙي وٽ هڪ غفا يا غار هئي، جنهن ۾ سامڀر وڃي لڪو. بادشاهه جا ماڻهو ڳوليندا اتي آيا ۽ کيس ماري ڇڏيائون. اهو هنڌ فضل ڀنڀري ريلوي اسٽيشن کان ٢ ميل اولهه طرف آهي.

٢٠- مهر راڻي ۽ راهه لاکو

مٺي تعلقي ۾، نبي سر کان ٦ ميل ڏکڻ طرف، ڍوري ناري جي کاٻي ڪپ تي نهٽي جو ڳوٺ آهي. جو اڄ به هڪ دڙي تي آهي. هتي لوهاڻا، مينگهواڙ، گرڙا، ميمڻ ۽ خاصخيلي رهندڙ هئا. بئريج جي اچڻ بعد، ميمڻ لڏي ڍوري جي ساڄي ڪپ تي ويٺا آهن. ١٩٤٧ع کان پوءِ پاڪستان ٿيڻ بعد، لڏ پلاڻ جي اثر ڪري، نهٽي مان لهاڻن جا ڪي ٿورا گهر هندستان ڏي لڏي ويا، ۽ ٻيا لڏي وڃي مٺي شهر ۾ ويٺا، باقي مينگهواڙ، گرڙا ۽ خاصخيلي اڃا اتي رهن ٿا. ڀرسان ڍورو نارو وهي ٿو. ڳوٺ ڏاڍي ۽ ٿر جي دنگ تي هڪ دڙي تي آهي. ڳوٺ جي الهندي طرف هڪ ڦٽل ڪوٽ جا نشان اڃا تائين ظاهر بيٺا آهن، جنهن کي اڄ ڪلهه اتي جا رهاڪو "ڀڙو" چوندا آهن. انهيءَ مان معلوم ٿئي ٿو ته اتي اڳي پڪين سرن جو ڪوٽ هو. ان جي اوڀر پاسي ڪچي مٽي

Marfat.com

جي جاين جا نشان آهن. منجهانئن وقت بوقت ڪيتريون شيون، جيئن ته شيهو، چٽساليءَ وارن ٿانون جا ٽڪر، ماڻهن جا هڏا، ۽ سڪن جا نمونا وغيره لڌا ويا آهن.

سنه ١٩٤٣ع ۾ گهڻي برسات جي پوڻ ڪري، ڪوٽ جي اتر واريءَ ڀت مان هڪ وڏي توب هٿ آئي هئي، جا مون پاڻ ڏٺي هئي. ان جي ڊيگهه ٩ فوٽ ٤ انچ، مُنهن جو قطر ساڍا ٤ انچ، پٺيون گهيرو ٤ فوٽ ٨ انچ، ۽ مُنهن جو گهيرو ٣ فوٽ هو. اها توب، مسٽر بڊ سابق ڪليڪٽر ٿرپارڪر، ٢٦ ڊسمبر ١٩٤٣ع جي ميرپورخاص ڏي کڻائي ويو، جا اڄ به ڊپٽي ڪمشنر هائوس ٿرپارڪر ۾ نصب ٿيل آهي. مسٽر بڊ دڙو به ڪجهه وڌيڪ کوٽايو، پر ڪابه اهڙي پراڻي تهذيب جي شي هٿ ڪانه لڳي. خبر نه آهي ته اها توب ڪهڙي وقت جي آهي، مگر ايترو معلوم ٿئي ٿو ته اڳي هتي ڪو وڏو راڄ هو. چون ٿا ته نهٽي جو ڳوٺ اڳي تمام وڏو وسندڙ ۽ آباد شهر هو، ۽ جکرو حاڪم راڄ ڪندو هو. "نهٽي نو سو هٽ، جڏهين جکري واري." يعني جکري جي وقت ۾ نهٽي ۾ ٩٠٠ دڪان هئا. اها چوڻي الاجي ڪيتري قدر سچي آهن- شايد ڪجهه وڌاءُ هجي، پر ايترو معلوم ٿئي ٿو ته وڏو شهر هو- جکري بابت به وڌيڪ ڪا خبر ڪانهي.

ڪي چون ٿا ته عيسوي ڏهين صديءَ ۾ هتي "مهر" قوم جي راجپوتن جو راڄ هو: شايد مهراڻي ۾ رهڻ ڪري، انهن راجپوتن کي مهر راجپوت چوندا هئا. ان وقت هتان ندي وهندي هئي، جنهنڪري ملڪ سرسبز ۽ آباد هو.

مهر قوم جي هڪ راجا کي هڪ تمام حسين ڇوڪري هئي، جنهن جي سونهن جي هر هنڌ هاڪ هئي. هن کي "مهر ڪماري" ڪري سڏيندا هئا. ان وقت ڪڇ ۾ راءِ لاکو ڦلاڻي راڄ ڪندو هو. هڪ دفعي راءِ لاکي جا پاليل روجهه،

Marfat.com

ولندي ولندي اچي هتي ڀهتا ۽ رات جو مهرن جي باغ ۾ پوکن ۾ نقصان ڪيائون. باغ جي ڀهريدارن روجهن کي ٻاهر وڏو ۽ ڏوڙايو، جنهنکري کي روجهه مري ويا ۽ باقي موڻي ڪچ وياء راءِ لاکي کي روجهن بابت پڇا ڪندي، نيٺ هن حقيقت جو پتو پيو، تڏهين لشکر وڻي مهرن تي ڪاهي آيو. ڪجهه وتوچاڻ بعد مهرن شڪست کاڌي ۽ راءِ کي ٻهر ڪماريءَ جو سڳ ڏيڻي ساڻس صلح ڪيو. شاديءَ جو ڏينهن مقرر ڪيو ويو. راءِ موڻي ڪچ ڏي ويو. اتان ڇڇ وڻي اچي شادي ڪرڻ جو ٺهراءَ ڪيل هو. مقرر ڏينهن تي، راءِ لاکَ ڇڇ مان اچي لڌو. نهڻي ڳوٺ جي اوير طرف ٻه ميل پنڌ تي هڪ وڏو ڏهر آهي، اتي راءِ جي ڪئمپ لڳي. شادي سڪ مان ئي گذري.

شادي ٽين ڪان پوءِ، راءِ لاکي جا مهر قوم جي ڪن دشمنن کن پريا ته مهر واڻي سڻي نه آهي، وغيره. راءِ کي انهن جي ڳالهين تي يقين اچي ويو، جنهنکري ٻهرين ته خيال ڪيائين ته واڻيءَ کي ماري ڇڏيان، ۽ پوءِ خيال آيس ته استريءَ کي مارڻ راجپوت جو ڏرم نه آهي، تنهنکري واڻيءَ کي ڏهاڳ ڏيڻي، ڇڏي، ٻاڻ ڪچ ڏي روانو ٿيو. واڻي حقيقت ڪري سڻي هڻي: سندس کو دوش ڪونه هو، ۽ اها سڀ ڪن دشمنن جي سازش هئي، ۽ ويچاري ڇا ڪري؟ راءِ جي وڃڻ ۽ ڪيس ڏهاڳ ملڻ ڪري، ڪيس ايترو دک ٿيو جو يڪدم انهيءَ هڏ ٻراڻ ڏنائين. پرسان دڙي کي ڪيس ڇڪيا تي ڇاڙهيو وبو. نشان طور اڄ تائين سرن جا ٽکر ٻيل آهن، جي مهر واڻيءَ جي يادگيري ڏيارين ٿا. عام ماڻهو مهر واڻيءَ جي 'قبر' چوندا آهي، جا حقيقت ڪري ڏاڳهه چڙهڻ واري هنڌ جو نشان آهي. انهيءَ ڏهر کي "مهر جو ڏهر" چوندا هئا جو لفظ بگڙجي هاڻي "ميهوڙ جو ڏهر" ڇوڻ ۾ اچي

Marfat.com

ٿو، ۽ عام مڪاني ماڻهو اڄ ڏائين انهيءَ نالي سان سڏيندا آهن. انهيءَ ڏهر ۾ هڪ تلاءُ آهي، جو چون ٿا تہ واءِ لاکي ڪٽايو هو، جنهن کي اڄ "مهر جو تلاءُ" چوندا آهن.

مڪاني ماڻهو، سهر واڻي ۽ واءِ لاکي جي آکاڻي آور نموني ۾ ڪندا آهن، جا مون بہ ٻڌي آهي، مگر اها اهڙي آهي، جنهن تي اعتبار ڪري نٿو سگهجي. جنهنڪري اهڙي ڏند ڪٿا هتي بيان ڪرڻ واجب نہ سمجهي ويئي آهي.

Marfat.com

باب نائون

ڪلهوڙن جي حڪومت

١- ميان نور محمد ڪلهوڙو (١٧٣٦-١٧٥٥ع)

سنڌ ۾ سومرن کان پوءِ سمن، ترخانن، ارغونن ۽ دهليءَ جي نوابن حڪومت ڪئي، ته به ٿر ۾ سوڍا خودمختار حاڪم هئا. جڏهين ڪلهوڙن جي حڪومت ٿي، تڏهين پهريائين سوڍا خودمختار هئا. نادر شاهه جي ڪاهه کان پوءِ ميان نورمحمد عمرڪوٽ جي سوڍن کي نالي ماتر پنهنجي تابع ڪيو، ۽ اتي سنه ١٧٤٦ع ۾ قلعو جوڙايو. پر نادر شاهه جي موٽي وڃڻ بعد، سوڍا وري ميان جي تابعداري نه مڃڻ لڳا، جنهنڪري، ميان وري ١٧٥٠ع ۾ ڪاهه ڪري، عمرڪوٽ جو قلعو ۽ ٻيو به ڪيترو ٿر جو ڀاڱو پنهنجي قبضي ڪيو.

سوڍن جو ٿر ۾ پکڙجڻ: ميان نورمحمد جي ڪاهه بعد، سوڍن ۾ ڀاڄ پيئي، ۽ هو ٽڙي پکڙي، ٿر جي ڀٽن ۽ ڏهرن ۾ ڳوٺڙا ٻڌي وڃي رهيا. انهيءَ ڀاڄ کان پوءِ به، ٿري ماڻهو عمرڪوٽ جي راڻي کي پنهنجو حاڪم ڪري ليکيندا هئا. ڪلهوڙن پوءِ ڍلن اڳاڙڻ تي زور رکيو، ۽ ويراواهه تائين ويا، پر وريو ڪي ڪين. ملڪ ۾ شانتي آڻي نه سگهيا، تڏهين لاچار ٿي راڻن ني ڪجهه ڍل ٻڌي، ٿر جي حڪومت وري به عمرڪوٽ وارن راڻن جي حوالي ڪيائون. هاڻي ٿر

Marfat.com

۾ سوڍا پکڙجي ويا هئا، ڪيترا نوان ڳوٺ ٻڌائون: هاڻوڪن شهرن چيلهار، مٺي، ڏيپلي، اسلامڪوٽ وغيره جو بنياد انهيءَ وقت کان شروع ٿيو. ان بعد ڪيتريون قومون، مارواڙ کان لڏي، اچي ٿر ۾ سوڍن جي اجهي هيٺ رهيون، جن جو اولاد اڄ تائين ٿر ۾ رهي ٿو.

ٿر ۾ سوڍن جون ڪيتريون ذاتيون آهن. سوڍا پنهنجيون ذاتيون، پنهنجي وڏي ڏاڏي جي ٻالي پٺيان چوائيندا آهن- جن مانڪن جو تفصيل هيٺئين موجب آهي:



(١) سرتاڻ سوڍا: عمرڪوٽ، ويسوني، ڀوڄراجيو، ڪٽار، امرهار، ڪاٺو، جاگوڙو، نوهراڙيو، ۽ ٻين ڪن ڳوٺن ۾ رهن ٿا.

Marfat.com

(٢) ڀوڄراج سوڍا: ڇاڇرو، سوکرو، نئون پرو، مالي جو پار، هنجتل، سلهه، جهپيو، علڻ آباد، اڙٻلهيار وغيره ڳوٺن ۾ رهن ٿا.

(٣) نٻا: اسلامڪوٽ، اکيراج جو تڙ، ساڪريو، ويساسر، گوڌيار، ڪيرٽي، رنگيلو ۽ کيڪنيو وغيره ڳوٺن ۾ رهن ٿا.

(٤) نر: مالڻهور، پاٻوهر، کاريونرا، جکريو، جوڙوئو وغيره ڳوٺن ۾ رهن ٿا.

(٥) مالڏيو: ويڙهار، آروکي، ويڙهي جهپ، جگاري، لاڪوڙي (ڏيپلو تعلقو) ۾ رهن ٿا.

(٦) بجيراءِ: گڍڙو، ڏاهلي، ڀاڻل ٻو، پارنو، جيسيندر، وغيره ڳوٺن ۾ رهن ٿا.

(٧) ڏوڏا: ٻچئي جي پار ۾ رهن ٿا.

(٨) رام: لکيارو، ڪرڙو، ڀوچيندو، سرگيلو، لوڻهار ۽ رامسر وغيره ڳوٺن ۾ رهن ٿا.

(٩) ويرسي: راهڙ، واٽڪڙي ۽ ٻين هنڌن رهن ٿا.

(١٠) گنگڏاس: ڇوڙ، لپلو، سوندرو، کوهڙي، ٻنڌڙو، واسريو، سلاڙيو وغيره ڳوٺن ۾ رهن ٿا.

(١١) جگمال: پاٻوويرو، گرڙيو، ڀاڏاري وغيره ڳوٺن ۾ رهن ٿا.

(١٢) سينها: مٺڙيو، جوڳيڏاس ارنرو، ٽوڀاريو، ڀوريلو، چاڙهيار، سينهار وغيره هنڌن تي رهن ٿا.

(١٣) ساڏور: چيلهار، کوڙٻي، ٻٽڙا، بيڀاڻي ۽ کيجراڙو وغيره ڳوٺن ۾ رهن ٿا.

(١٤) راڻڪ ڏي: کپري تعلقي ۾ رهن ٿا.

(١٥) اکا سوڍا: ننگر پارڪر تعلقي ۾ رهن ٿا.

اهڙيءَ طرح سڄي ٿر ۾ سوڍا پکڙجي ويا، ۽ سڀڪو پنهنجي ڄمائي ويهي رهيو. جيئن ته چيلهار ۾ ساڏور سوڍا اچي

Marfat.com

رهيا، تہ انهن چيلهار جي چوڌاري ١٢ ڳوٺ پنهنجي هٿ هيٺ ڪيا- جنهن کي سڏيائون "ساڏور کيڙي". اسلام ڪوٽ پاسي وري نبا سوڍا ڀر وارو ڳوٺ قبضي ڪري ويٺا، جنهن کي سڏيائون "نبڪي". اهڙيءَ طرح ڀوڄراج سوڍا ڇاڇري پاسي، مالڏيو سوڍا ڏيپلي پاسي، ۽ ٻيا پنهنجن حدن ۾، ڄمائي ويٺا. هرڪو، پنهنجي حد ۾ رهندڙ ماڻهن کان ڪي ٻنڌياڻ، جهڙوڪ: جالنگ، ڪنٽو، وغيره (جن جو ذڪر اڳتي ايندو) وٺڻ لڳا.

سوڍن کي سواءِ ٻيا راجپوت: راٺوڙ، چوهاڻ، سولنڪي، ڀاٽي وغيره بہ ٿر ۾ اچي رهيا آهن، جن جون ڪيتريون ئي ساکون سڄي ٿر ۾ پکڙيل آهن. جيئن تہ: ڏوهٽ، ڌانڌل، ٻاهڙميرا، کاوڙيا، راٺوڙ، سولنڪي، رائڌر، ڀڻڪ مل، ستا، انڙ، سيهڙ، ميهاجر، راولوت، سونگرا، ناڏوڙا، هڏا ۽ ٻيون بہ انيڪ ذاتيون رهن ٿيون.

نادر شاهہ جو عمرڪوٽ ۾ اچڻ: سنہ ١٧٣٩ع ۾، ايران جي بادشاهہ نادرشاهہ دهليءَ تي ڪاهہ ڪري، ان تي قبضو ڪيو؛ تنهنڪري سنڌ جو صوبو جو دهليءَ جي حڪومت هيٺ هو، سو نادرشاهہ جي هٿ آيو؛ مگر ميان نورمحمد اها تابعداري قبول ڪانہ ڪئي. انهيءَ ڪري، نادرشاهہ دهلي کان قٺڌار ويندي سنڌ تي ڪاهيو. ميان نورمحمد ڪلهوڙي ۽ سندس وڏي پٽ محمد مراد ياب، ٺٽي مان ڀڄي اچي عمرڪوٽ ۾ پناهہ ورتي، جنهنڪري نادرشاهہ سندس پٺيان عمرڪوٽ ڪاهي آيو. افغانن شهر ۾ ڦرلٽ ڪئي ۽ قلعو پنهنجي هٿ ڪيو. نادرشاهہ لانبي تلاءَ جي ڪپ تي، هڪ شاهي بڙ هيٺان لٿو هو، جنهن تي پوءِ "نادرشاهي بڙ" نالو پيو، جو هن وقت ناس ٿي ويو آهي.

ميان آڻ مڃي، هڪ ڪروڙ نقد ۽ ويهہ لک ساليانی

Marfat.com

ڊل ڏيڻ جو انجام ڪيو. نادرشاهہ ميان جا پٽ غلام شاهہ ۽ عطر خان پاڻ سان وٺي ويو. نادرشاهہ جي موٽڻ بعد، سنہ ۱۷۴۸ع ۾، سوڊن وري عمرڪوٽ تي قبضو ڪيو۔ ۽ ميان ڪي وقت بوقت تڪليف ڏيندا رهيا. ميان نصر ۱۷۵۰ع ۾ ڪاهہ ڪري عمرڪوٽ هٿ ڪيو، جو وري سوڊن جي هٿ نہ آيو. جيتوٽيڪ اڄ تائين واٽپ جي گادي هلي اچي، مگر آها اقتدار کان محروم آهي. عمرڪوٽ تي ڪلهوڙن جا صوبا مقرر ٿيندا هئا، جي عمرڪوٽ ۽ ٽر جي گڇ حصي تي حڪومت ڪندا هئا، ۽ سوڊن ڪان ڊل جي وصولي ڪندا هئا.

عمرڪوٽ جو قلعو: هي قلعو ميان نورمحمد ڪلهوڙي سنہ ۱۷۳۶ع ۾ ٺهرايو: هڪ پاسو ۵۰۰ فوٽ ڊگهو، ۽ ۳۰۰ فوٽ آچو، مڙيءَ سان لنبيل آهي. پٽيون ايڏيون ويڪريون آهن، جن تي ماڳهي وقت ۾ گهوڙي سوار سواري ڪري سگهن. قلعي جي چٽني ڪنڊن تي بُرج ٺهيل آهن: ۽ هڪ برج صدر دروازي تي، جبل جي پڙ سان ٺهيل آهن. انهن جي پرسان پکين سرن تي ۽ نشان آهن، جي چون ٿا تہ راڻي رڻ سنگ جي گهوڙيءَ جي پيرن جا آهن۔ جا گهوڙي، اندر گهڙڻ لاءِ قلعي ٽپڻ جي ڪوشش ڪندي مئي هئي۔ قلعي جي وچ ۾ هڪ وڏو بُرج آهي، جنهن تي چڙهڻ لاءِ ڏاڪڻ ٺهيل آهي. ان تي چڙهي نظر ڪرڻ سان، اتر ۽ الهندي طرف باغات، وٺڪار، ساريال آبادي، ۽ ڪوٽ واهہ جو نظارو، ۽ اوپر ۽ ڏکڻ نظر ڪرڻ سان، واريءَ جون پٽون نظر اينديون۔ جتي فقط برساتي موسم ۾ ساوڪ ٿيندي آهي.

انهيءَ وڏي بُرج تي ۷ وڏيون توبون اڄ تائين رکيل آهن، جي انگريزن جي وقت ۾ مهاراڻي وڪٽوريا جي جُبلي، ۱۶ فيبروري ۱۸۸۷ع، ۾ چوڙيون ويون هيون. انهيءَ برج

Marfat.com

جي وچ تي ڪ وڏو ڪاٺ کوڙيل آهي، جتي گورنر سنڌ جي اچڻ وقت ۽ اڳي بادشاهه جي جنم وقت، يونين جئڪ جهنڊو چاڙهيو ويندو هو، ۽ هاڻي پاڪستان جي آزاديءَ جي ڏينهن، ١٤ ـ آگسٽ، هر ڪنهن سال پاڪستاني جهنڊو چاڙهيو ويندو آهي.

قلعي اندر، انهيءَ برج جي ڀرسان هڪ سؤ ساله پراڻو بنگلو آهي، جو اڳي پوليٽيڪل سپرنٽينڊنٽ جي ريزيڊنسي هو، ۽ هاڻي 'سرڪٽ هائوس' آهي. تعلقي آفيس، جيل، خزانو، سب رجسٽرار جي آفيس، قلعي اندر آهن. پوليس ٿاڻو به اڳي هتي هو، جو پوءِ ڊهرابي ٻاهر ٺهرايو اٿن. قلعي کي چار وڏا دروازا آهن. اندر هڪ باغ آهي، جتي ماڻهو گهمڻ ۽ هواخوريءَ لاءِ ويندا آهن. ٻاهرئين پاسي، ڏکڻ طرف، براج بنگلو ۽ انجنيري بنگلو آهي.

اڪبر بادشاهه جي ولادت وقت، ١٥٤٢ع ۾، اهو قلعو ڪونه هو، پر ٻيو قلعو هو، جو ميان نورمحمد ڪلهوڙي ناس ڪرائي، ان جي بجاءِ هاڻوڪو قلعو ٺهرايو. پراڻو قلعو- جتي هاڻي اڪبر بادشاهه جي جنم جو يادگار آهي، اتي هو.

قلعي جي دروازي تي هڪ پٿر لڳل آهي، جنهن تي هندي اکر آهن، انهيءَ ڪري ڪن هندو ليکڪن جي خيال موجب، اهو قلعو هندن جو ٺهرايل آهي- پر ائين نه آهي: مسٽر تيج سنگ سولنڪي پنهنجي ڪتاب "امرڪوٽ اتهاس" جي صفحي ٨-٩ ۾ لکي ٿو ته 'قلعي جي دروازي تي لڳل پٿر مان سورج ونسي راجپوتن جو ٺهرايل سمجهڻ، ۽ برج تي آڪريل هندي اکرن مان هندڪو ٺهرايل سمجهڻ، غلط آهي: ڇاڪاڻ ته امرسنگ پرمار بابت، جنهن جي نالي چيو وڃي ٿو ته هن اهو قلعو ٺهرايو، اهڙو احوال ٻئي ڪنهن اتهاس ۾ مڻ ۾ ڪونه ٿو اچي نه رڳو ايترو، پر پرمار راجپوت سورج

Marfat.com

ونسي نہ آهن، پر اڪن ونسي آهن، ۽ نہ اهو پٿر سورج جو پورو چتر آهي. اهڙيءَ طرح هندي اڪرن جو به قلعي سان لاڳاپو ڪونہ آهي. ممڪن آهي تہ اهو پٿر، ڪٽان هٿ آيل، قلعي جي برج ۾ ڪتب آندو ويو آهي، جاڪاڻ تہ جيڪڏهين قلعي سان لاڳاپو هجيس ها، تہ ضرور سڀ اڪر هڪ جاءِ تي سڏا ۽ ليڪ جي صورت ۾ هجن ها ــ مگر اهي اڪر ابتا ۽ هيٺ مٿي ۽ ڏار ڏار جاين تي لکيل آهن، ۽ اڪرن جي جاچ مان، سنبت ۱۵۶۵=۱۵۰۸ع سال معلوم ٿو ٿئي.'

مٿين اکوائن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهو پٿر، اصلوڪي قلعي (اڪبر بادشاهہ جي جنم واري هنڌ) جو آهي. ميان نورمحمد، اهو قلعو ڊهرائڻ بعد، انهيءَ قلعي جو سامان پنهنجي نئين قلعي جي اڏاوت ۾ ڪم آندو هوندو، جنهن ڪري اهو پٿر به اصلوڪي قلعي جو هن نئين قلعي ۾ هنيو ويو.

ميان جو موت: نادرشاهہ جي ۱۷۴۸ع ۾ قتل ٿيڻ بعد، ميان جا پٽ موٽي آيا، جنهن ڪري هن سالياني ڏل ڏيڻ کان نٽايو، ۽ پاڻ سا ڪونہ موڪلياٿين. ان ڪري، احمد شاهہ ابدالي سنہ ۱۷۵۵ع ۾ سنڌ تي ڪاهي آيو، ميان يحيي ويو ــ ۽ ساڳئي سال ۾ جيسلمير جي پرسان وفات ڪيائين. سندس لاش آڻي سوري تعلقي جي محمدآباد ڳوٺ ۾ دفن ڪيو ويو.

۲- محمد مراد ياب (۱۷۵۵-۱۷۵۷ع)

ميان جي مرڻ بعد، سندس وڏو پٽ محمد مراد ياب، سنہ ۱۷۵۵ع ۾ گاديءَ تي ويٺو. هن سوڊن سان ڪوٺس ڪونہ ڪئي، ۽ هو پنهنجي مرضيءَ موجب پاڻي هلياء. هي عياش هو، جنهن ڪري خزانو ٽن سالن ۾ ڪٽائي ڇڏيائين. ان ڪري اميرن، ڪيس گاديءَ تان لاهي، ميان جي ٻئي پٽ غلام شاهہ

Marfat.com

کي ١٧٥٧ع ۾ تخت تي وهاريو.

٣- ميان غلام شاهه (١٧٥٧-١٧٧٢ع)

هيءَ تمام چڱو حاڪم هو. هن جيتوڻيڪ پنهنجي حڪومت وڌائي، ته به ٿر ۾ سوڍن جي حڪومت ۾ دست اندازي ڪانه ڪئي. هو مقرر ڍل پهچائيندا هئا.

ميان جي ڪڇ تي پهرين ڪاهه، ١٧٦٤ع:

سنه ١٧٦٤ع (١) ۾، ميان غلام شاهه ڪڇ تي ڪاهه ڪئي. ٧٠ هزار لشڪر وٺي روانو ٿيو. ان وقت ڪڇ جو راجا مهاراجا گوڙجي ٻيو (١٧٦١-١٧٧٩ع) هو، جنهن کان ميان سڱ گهريو، جو نه ملڻ ڪري ڪاهي ويو. راجا، رستي وارو ملڪ اجڙ ڪرائي ڇڏيو، جنهنڪري لشڪر کي پاڻي، گاهه ۽ رسد جي تڪليف ٿي. جهارا وٽ لڙائي لڳي، جنهن ۾ ڪڇي لشڪر جو مهندار ڇيوڻ سيٺ مارجي ويو، ۽ ميان جهارا تي قبضو ڪيو. پوءِ راپر جي قلعي تي ڪاهي ويو، پر اٽي شڪست کاڌائين. پوءِ سانڌاڻ تي حملو ڪيائين، جنهن ۾ سندس مهندار درياخان مارجي ويو. ميان ڀُڄ ڏي روانو ٿيو. مهاراجا، پونجي سيٺ کي سمجهائي ميان وٽ موڪليو، جو اڳي حيدرآباد مان ٿي ويو هو.

ميان جا ڪيترا سپاهي مارجي ويا. راپر ۽ سانڌاڻ وٽ هار ٿي، سندس مهندار درياخان مارجي ويو، تنهنڪري ڪجهه گهٻرايو، ۽ وري پونجي سيٺ اچي ڳالهين ۾ ٿڌو ڪيو. ميان سڱ جي گهر ڪئي، مگر مهاراجا جي مرضي نه هئڻ ڪري، پونجي سيٺ حال ٽاري ڇڏيو، ۽ انجام ڪيائين ته مهاراجا کي سمجهائي، سڱ وٺي ڏيندس، ۽ پنهنجو پٽ ڏيوجي، ميان

(١) "قديم سنڌ"، مرزا قليچ بيگ صفحو ٣٦٧.

Marfat.com

کي اول ۾ ڏيئي واپس روانو ڪيائين.

ميان جو نهڙين کان سڱ گهرڻ: ڏکڻ سنڌ ۽ ٿر جي ونگي واري ڀاڱي تي، ميان جو صوبو ديوان ٽيڪراءَ حڪومت ڪندو هو، جو ڪلوئي ڳوٺ کان مڏ پنڌ تي اتر طرف رهندو هو، جتي سندس ماڙيءَ ۽ ڳوٺ جا پراڻا کنڊر ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ان وقت اتي چار سؤ کن گهر نهڙين، چارڻن ۽ مالڏيو سوڍن جا هئا. ميان، ديوان ٽيڪراءَ کي چيو ته نهڙين مان سڱ جو بندوبست ڪر. ديوان نهڙين جي پٽيل کي گهرائي، مائٽيءَ لاءِ چيو: نهڙيا ڌارئي کي سڱ ڪونه ڏين- ۽ هينئن يڪدم انڪار ڪرڻ مناسب نه هو جنهنڪري پٽيل چيو ته ڪجهه مهلت ڏيو، ته پنهنجي برادريءَ وارن کان پڇي پوءِ جواب ڏيان. ديوان چيو ته تون وري اچين يا نه اچين، تنهنڪري ضامن ڏي. پٽيل لاچار کيس وڻڌير نالي چارڻ ضامن ڏيئي موٽي آيو، ۽ برادريءَ وارن کي گڏ ڪري حقيقت کان واقف ڪيائين. سڀني هڪ صلاح ٿي چيو، ته مري ويندا سون پر سڱ ڪونه ڏيندا سون، ۽ پٽيل کي چيائون ته توهان ديوان وٽ وري نه وڃو. پر هڪ ڳالهه جو ويچار هون، ته وڻڌير چارڻ جو ضامن پيو آهي، ان کي ماري ڇڏيندا، تنهنڪري ان جي جان ضرور بچائڻ گهرجي.

اتي ڀري ڪچهريءَ ۾ ڪنهن اٿي چيو ته آهي ڪو اهڙو مڙس، جو ڪنهن اٽڪل سان چارڻ کي ڇڏائي اچي! انهيءَ تي رائچند نالي هڪ نهڙيو اٿيو. هن چيو ته اهو ڪم آءٌ ڪندس، پر ان لاءِ مون کي انعام ڪهڙو ڏيندا؟ تڏهن سڀني چيو ته جيڪڏهين چارڻ کي ڇڏائي آئين، ته اسين سڀ توکي پنهنجو سردار ڪري ليکينداسون: ڪو وهانءَ وڌاڻ ٿيو، ته پهريائين ٿالهي پرڇي توکي ۽ تنهنجي اولاد کي ڏينداسون، ۽ پوءِ ٻين کي، گهوڙي جو پاهورو (توبرو) به

Marfat.com

اول تنهنجو ڀريندا سون. رائچند اها ڳالهه قبول ڪري وڃڻ لاءِ تيار ٿيو، ۽ مڙسي ڪري ڪنهن اٽڪل سان وڻڌير چارڻ کي ڇڏائي آيو. سڀئي نهڙيا ڏاڍا خوش ٿيا، ۽ رائچند تان گهورون گهورڻ لڳا. ڏيپلي پاسي اڄ تائين اهو دستور آهي، ته نهڙين ۾ ڪو وهانءُ ٿيندو آهي، ۽ ان ۾ رائچند جي اولاد مان ڪو ڄاڃي ٿي ايندو آهي، ته هن کي ججهي عزت ڏيئي، اول ماني کارائيندا آهن، ۽ پاهورو به اول هن جي گهوڙي لاءِ ڀريندا آهن.

چارڻ جي اچڻ کان پوءِ نهڙين صلاح ڪئي ته ديوان ٽيڪراءِ کي پنهنجي نوڪريءَ جو ايترو ته خيال ٿئي ٿو، جو جو ميان غلام شاهه جي راضپي هٿ ڪرڻ لاءِ، اسان جون نياڻيون به هن سان پرڻائڻ چاهي ٿو. اهڙو عملدار هوندو، ته اهڙا اجوڳ ڪم اڃا به گهڻا ڪندو، تنهنڪري اهڙو عملدار مٺو ڀلو آهي - جيتوڻيڪ اهو سمجهيائون ٿي ته ديوان ٽيڪراءِ سان اڳرائي ڪئي سون ته ميان غلام شاهه جي وير ۾ پونداسون، ۽ تڪليف ڏسڻي پوندي، بلڪ جڻ ٻچي ناس ٿيڻو پوندو- اهي آڳا پيڇا ويچاري، اول پنهنجا ٻار ٻچا ڪڇ ڀڄ ڏي روانا ڪيائون، پوءِ هٿيار کڻي وڃي ديوان ٽيڪراءِ تي ڪڙڪيا، هن کي به سپاهه ساڻ هو، پر هي گهڻا ڄڻا هئا، ۽ اوچتو وڃي مٿن پيا، ۽ غيرت جي جوش جي ڪري سر جو سانگو لاهي اهڙي زبردست جلهه ڪيائون، جو ديوان کي سندس ماڻهن سوڌو ماري وڌائون- ۽ ماڙي به ڊاهي پٽ ڪيائون، انهيءَ هنڌ کي هاڻي عام طرح "ڦٽل پٽ" چون ٿا. ڪي "ارڻيءَ جو دڙو" به چون.

ميان غلام شاهه کي جڏهين اها خبر ملي، ته سندس صوبي جي سيسي هينئن لاهي ويا، تڏهين پنهنجو وڏو ڪٽڪ موڪليائين، جنهن نهڙين ۽ مالڏيو سوڍن تي اچي ڪٽڪا وڌا،

Marfat.com

ڦرلٽ ڪري سڄي شهر کي ڦوڪي باهه ڏنائون. اهڙيءَ طرح هي شهر ١٧٧٠ع ۾ ڦٽو. پوءِ ڪيترا نهڙيا ۽ سوڍا ڪڇ ڏي ڀڄي ويا. ميان جو لشڪر پٺيان پين. ڪڇ جي راءِ نهڙين جو طرف ورتو. هن پنهنجو لشڪر ڪڇ جي رڻ ڏي موڪلي، ميان جي ماڻهن کي اڳتي وڌڻ کان روڪيو. ان وقت لکپت جو صوبو ميان فتح خان، ڪڇ جي لاءِ جو عيوضي هو، تنهن ڀيمجي جاڙيجي جي مدد سان، ميان جي ماڻهن کي شڪست ڏني. ميان جو لشڪر موٽي حيدرآباد پهتو.

ميان غلام شاهه جي ڪڇ تي ٻي ڪاهه، ١٧٧٠ع:

ميان غلام شاهه ڪڇ جي راءِ کان سڱ اڳيئي گهريو هو، جو هن ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو، جنهنڪري اڳيئي ڪاوڙ هئس، ۽ وري جو لشڪر سان هيءُ حال ٿيو، ۽ پونجو سيٺ وزيراعظم ڪڇ، جنهن ميان کي سڱ وٺي ڏيڻ جي انجام تي موٽايو هو، سو راءِ کي سڱ لاءِ چوندو آيو. مهاراجا گوڙجيءَ نيٺ ڪاوڙجي هن کي قيد ڪيو، ۽ پوءِ زهر ڏيئي مارائي ڇڏيو. انهن سڀني ڳالهين جي ڪري ميان کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي، ۽ ٥٠ هزار فوج سان سنه ١٧٧٠ع ۾ ٻيو دفعو ڪڇ تي ڪاهه ڪيائين. هن ڀيري ميان کي ٿر جي کوسن به مدد ڪئي. هن لکپت ۽ سنڌڙي بندر هٿ ڪيا، ۽ سنڌو نديءَ جي ڪوري جي نار، جا ڪڇ جي ٻني ۽ گرڙا واري ڀاڱي کي آباد ڪندي هئي، ان کي روڪڻ لاءِ هڪ بند ٻڌايو، جنهنڪري ڪڇ کي وڏو نقصان ٿيو، ۽ ڪڇ کي هر سال ساريال پوک جي ڍل مان ٨ لک ڪوريون پيدائش ٿيندي هئي، سا بند ٿي، ۽ چانورن جي پيدائش بند ٿي ويئي. ٿوري چڪريءَ بعد صلح ٿيو، جنهن موجب راءِ کيس ڪاڪرجي جاڙيجي جي ڪنيا سان شادي ڪرائي

Marfat.com

(١)• ميان موني سنڌ ڏي آيو. ميان غلام شاهہ سنہ ١٧٧٢ع ۾ مري ويو، ۽ سندس پٽ ميان سرفراز خان گاديءَ تي ويٺو.

۴- ميان سرفراز خان

هن جي ڏينهن ۾ پاڻجي سيٺ جو خون، ١٧٧٢ع ۾ ٿيو، جا ڳالهہ هن ريت آهي:

ڪلهوڙن جي وقت ۾، عمرڪوٽ ۾ ڪيرڙن جو زور هو• پاڻجي ڪيرڙ، ان وقت زبردست هلنديءَ وارو هو. جيتوٽيڪ سوديا ۾ ان وقت شهر ۾ رهندا هئا، پر پاڻجي پنهنجو مٽ پاڻ هو• مهيشورين (ڪيرڙن) ۾ ۽ پارٽيون هيون: هڪ پارٽي پاڻجي سيٺ جي، جنهن ۾ جاگير وارن راڻن جا وڏا هئا، ۽ بي پارٽيءَ ۾ انند سڪ ۽ سندس عزيز هئا. پاڻجيءَ جي واقفيت سنڌ جي ڪلهوڙي حاڪم ۽ ان جي ياران عمرڪوٽ ۾ رهندڙ صوبي سان هئي• پٽنچات جي ميڙ ۾، ڀهرائين پاڻجي سيٺ جي ڪٽ ڪهي ويندي هئي ۽ ٻوءِ پاڻجي سيٺ ويندو هو• اهڙيءَ هلنديءَ ڪري پٽنچاتي ڪن ۾، هو پنهنجيءَ مرضي موجب هلندو هو، ٻيا ماڻهو ڪانئس ڊجندا هئا• ڪن ماڻهن انهن اوهہ زوراورين کان ڪنگ ٿي ٽڪر انند سنگ کي دانهن ڏني• ٽڪر کيس سمجهايو، پر هن تي ڪو اثر ٿہ ڪونہ ٿيو، انلو کيس ٻہ سخت جواب ڏنائين• انند سنگ کي مٽيان لڳي ۽ ويڙ وڻڻ جو وجهہ گهوڙن لڳو.

هڪ ڏينهن انند سڳ کي خبر ملي تہ سنڌ جو ڪلهوڙو حاڪم، ميان غلام شاهہ مري ويو آهي• اهو وجهہ وڻي- جيسين اها خبر پاڻجي سيٺ کي پوي، ۽ هو نئين بادشاهہ کي نذرانو

---

(١) "ڪچ جو گجراتي اتهاس"، صفحو ١١٠- پر مرزا قليچ بيگ صاحب "قديم سنڌ"، صفحو ٣٦٧ ۾ لکي ٿو تہ "ميان غلام شاهہ، ڪچ جي راءَ جي سوٽ ويسوجيءَ جي ڪنيا سان شادي ڪئي."

Marfat.com

ڏيئي پنهنجو ڪري، تنهن کان اڳ- ڀاڻجيءَ کي سندس ڀاڊي گارڊ برهمڻ جي غير حاضريءَ ۾، جگسال جي ڀرسان سوناري جي ڪوٽڙيءَ ۾ چونپڙ راند ڪندي، کيس ترار هڻي ماري وڌو، ۽ ساڳئي وقت هلايائين ته اڃا به ٻين چئن پنجن جو خون ڪندس. سڄي شهر ۾ هراس ٿي ويو. هر ڪنهن مخالف پارٽيءَ جي ماڻهوءَ سمجهيو ته متان آءٌ به انهن مان هجان، تنهنڪري انند سنگ جي خوشامد ڪري، مرڻ کان بچڻ لاءِ، هرڪو ڪجهه رقم انند سنگ کي ڏيندو ويو. انهيءَ اٽڪل سان جلدئي هن چار پنج هزار روپيا گڏ ڪيا، جي کئي سڌو حيدرآباد وڃي، نئين حاڪم کي نذرانو ڏيئي پنهنجو ڪري آيو، ۽ ڀاڻجيءَ جو خون کيس ڦٻي ويو.

ڀاڻجيءَ کي هڪ پٽ 'ڪپورو' نالي هو، جو وڃي مسلمان ٿيو. ان جو پوٽو 'ڍولو' نالي ٿيو، جو پنهنجو ڌار ڳوٺڙو ٻڌي وڃي رهڻ لڳو- جنهن کي "ڍولي جي ويري" ڪري سڏين ٿا- جتي سندس پويان "ڪپورا مسلمان بجير" رهن ٿا.

ميان سرفراز کي جيل وڃڻو پيو، ان کان پوءِ جيڪي ڪلهوڙا حاڪم ٿيا، تن جي ڏينهن ۾ ڪا خاص ڳالهه ڪانه ٿي. نيٺ مير بجر خان جي مدد سان، ميان عبدالنبي خان ڪهلوڙو سنڌ جو حاڪم ٿيو.

٥- ميان عبدالنبي ڪلهوڙو

ميان سرفراز خان وٽ مير بهرام خان ۽ راڄو ليکي وزير هئا. مير چڱو مڙس هو، جنهنڪري راڄو ليکي، ميان جا مير جي برخلاف ڪن ڀرڻ لڳو. مير جان جو خوف سمجهي پنهنجي پٽ مير بجار خان کي حج تي روانو ڪيو. ان جي وڃڻ بعد ميان، مير کي سنه ١٧٧٥ع ۾ مارائي ڇڏيو.

Marfat.com

جنهنکري ٽالپرن ۾ جوش جاڳيو، جن ميان کي قيد ڪري، ميان محمد ابا خان کي گاديءَ تي وهاريو، جنهن کي وري جوڻيجن گاديءَ تان لاهي، ميان غلام نبيءَ کي گاديءَ تي وهاريو. ميان غلام نبيءَ کي ڊپ هو تہ متان مير بجر خان مونٽي اچي مون کان تخت کسي، تنهنکري هن کيس عربستان ۾ ٽي ماڻائڻ جي سٽ سٽي. مير بجر خان کي اها خبر پنجي ويئي، سو سنہ ۱۷۷۷ع ۾ حج تان مونٽي اچڻ شرط، ۴ هزار بلوچن جو لشکر ونسي، عمرڪوٽ جو قلعو فتح ڪري ويهي رهيو.

ميان غلام نبي، تاجي ليکي ماڻ ڪري وڃي چڪري کاڏي، پر هارايائين. تڏهين الهہ بخش جهنجهڻ دغا ڪري مير کان وڃي معافي ورتي. مير آن تي ويساهہ ڪري جڏهين قلعي کان ٻاهر آيو، تڏهين تاجي ليکي ٻن هزار ماڻهن سان ڪوٽ هٿ ڪيو (۱). مير بجر خان ڇهہ هزار بلوچ گڏ ڪري، ڪلهوڙن تي وري ڪاهي آيو. ميان جي طرف تاجو ليکي، الهہ بخش جهنجهڻ، پتافي، کهاوڙ، جتوئي، ڪوسا ۽ پٺاڻ، ڪل ٽيهہ هزار لشکر هو. عمرڪوٽ مان نڪري شهداد پور تعلقي جي لانياري گبوٽ وٽ آيا، جتي ٻنهي جي جنگ لڳي. جنگ ۾ ڪلهوڙن هارايو ۽ مير بجر خان کٽيو. ميان قران شريف ميڙ وٽي مير کان معافي وڻڻ لاءِ سنيريو، تہ تاجي ليکي ڏراو سان ماري وڌس.

ڪي چون ٿا تہ اها ڳالهہ بلوچن جي هلايل هئي: نہ تہ درحقيقت ميان کي، مير بجر خان جي هڪڙي فراش يارو نالي تراو هٿي ماريو هو (۲). مير بجر خان پاڻ گاديءَ تي

---

(۱) "سنڌ جو شاعر نامو"، صفحو ۱۶.
(۲) "تاريخ سنڌ"، مرزا قليچ بيگ، سنہ ۱۹۰۳ع، صفحو ۱۱۱

Marfat.com

ڪونہ ويٺو، پر ميان غلام نبيءَ جي ڀاءُ ميان عبدالنبيءَ کي گاديءَ تي وهاريو.

مير بجر خان کپري تعلقي جي دنگ وٽ، هاڻوڪي خيرپور رياست جي حد ۾، ڳوٺ پيرائو ۾ قلعو ٺهرايو، جا ڳالهہ جوڌپور جي راجا بجيہ سنگ کي ڏکي لڳي، جنهنڪري مير جي برخلاف خيال ڪرڻ لڳو.

مير بجر خان جو موت، ١٧٨٠ع: ميان عبدالنبي، مير بجر خان جي وڌندڙ طاقت مان خوف سمجهيو، جنهنڪري مير کي مارائڻ لاءِ، جوڌپور جي راجا بجيہ سنگ سان صلاح ڪري مدد گهريائين. ان موجب، ٥ نومبر ١٧٧٩ع=١٨٣٦ سنبت=١١٩٣هہ جي ٻہ راٺوڙ سردار هرناٿ سنگ ۽ محڪم سنگ، راجا جي طرفان مير وٽ خداآباد ۾ وڪيل ٿي آيا — جن ڪجهہ وقت کان پوءِ هندي ٻوليءَ ۾ ڪي ڪاغذ مير وٽ پيش ڪيا تہ اهي ميان عبدالنبيءَ تنهنجي برخلاف راجا کي لکيا آهن، ۽ ٻيون بہ ڪي ڳالهيون راجا چيون آهن، جي توهان کي اڪيلو ٻڌائڻيون آهن. اهڙيءَ طرح هي مير جي ويجهو وڃي ڳالهيون ڪرڻ لڳا، ۽ وجهہ وٺي کيس هڪ ڄڻي ڪمڪ ۾ ڀالو هنيو ۽ ٻئي ترار جو وار ڪيو. ڦٽيل مير ترار سان هڪڙي کي ماري وڌو ۽ ٻيو ڀڄي ويو، ۽ انهن جي ٻن نوڪرن کي، مير جي نوڪرن ماري وڌو، پوءِ مير پاڻ مري ويو. انهيءَ تان اڄ تائين سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي تہ ”ڪن جي ڳالهين مير بجر خان مارايو.“

مير جي مرڻ بعد، سندس پٽ مير عبدالله خان لشڪر وٺي ميان تي ڪاهي آيو. ٻہ مهنا خداآباد کي گهيرو ڪري ويٺو. آخر ميان هڪڙي رات جو باغ جي دريءَ مان، وجهہ وٺي، ڪٽنب سوڌو ڀڄي ويو. سندس شهزادا ۽ بيگمون، مهني ڦڳڻ سنبت ١٨٣٦ برابر سنہ ١٧٨٠ع ۾ پوڪرڻ جي رستي

Marfat.com

جوڌپور ڀهتاء وات تي سندس پائٽيو شاهه محمد خان، پنهنجي والده ۽ ڪٽنب سميت، پوکرڻ جي جاگيردار ٺاڪر سوائي سنگ چانڀاوت وٽ ترسي ڀيو، جتي هو وڪرمي سنبت ۱۸۴۲ برابر ۱۷۸۵ع ۾ مري ويو. چون ٿا ته چئن پنجن لکن جي جواهرات پوکرن جي ٺاڪر کي، ۽ اڏکل پنجن ڪروڙن جواهرات جوڌپور جي مهاراجا بجيه سنگ کي ڪلهوڙن کان ملي. مانگهه، مڙ ۱۰ ڏسمبر، سنبت ۱۸۳۷=۱۷۸۱ع ۾ جوڌپور جي لشڪر، راجا جي پٽ ۽ نائيءَ جي مهنداريءَ هيٺ، ڪپري تعلقي جي چودنگي ڳوٺ وٽ، ميان عبدالنبيءَ جي مدد لاءِ اچي ميرن سان لڙائي ڪئي (۱). ميان صادق علي ۽ مير عبدالله خان سندن سامهون ٿيا. جوڌپور جي واڌوڙن جي هار ٿي ۽ ميرن ڪٽيو ميان عبدالنبي وري قلات جي خان وٽ مدد لاءِ ويو. مير عبدالله خان، گاديءَ تي ميان صادق عليءَ کي وهاريو.

ميان عبدالنبي، قلات جي خان وٽان، عزت خان جي مهنداريءَ هيٺ بروهين جو لشڪر وٺي آيو، پر شڪست کاڌائين. پوءِ وري قندهار ڏي تيمور شاهه وٽ ويو.

مدد خان جي ڪاهه، ۱۷۸۱ع: تيمور شاهه کان مدد خان پٺاڻ جي سپه سالاري هيٺ، ٽيهه هزار لشڪر وٺي آيو. ۽ انجام ڪيو هٿائين ته سندس ۾ لشڪر جي کاڌ خوراڪ جو خرچ آڻي پريندس. ۽ روڪڙا پئسا بادشاهه ڏي ڏن طور موڪليندس. ٽالپرن پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته مدد خان سان سامهون ٿجي. مير فتح خان انهيءَ ڳالهه ۾ مير عبدالله خان سان شامل نه ٿيو، ۽ وڃي عمرڪوٽ ۾ ويٺو. ساڻس گڏ سندس اسير، باگو خان پٽ مرزا فقير به عمرڪوٽ آيو، جو لشڪر جو مهندار به هو (مرزي فقير کي بهادريءَ سبب "سلطان جنگ"

---

(۱) "ڪچ جو گجراتي اتهاس"، صفحي ۱۱۵ ۾ لکيل آهي ته "ميان، مدد لاءِ ڪچ جي راءِ وٽ به ويو هو."

Marfat.com

جو لقب مليل هو. ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ جيڪي سندن 'امير' هوندا هئا، سي سندن مريد هڻڻ ڪري 'فقير' سڏبا هئا؛ چاڪاڻ جو ڪلهوڙا پيري مريدي ۾ ڪندا هئا: انهيءَ ڪري باگي خان امير کي باگو فقير ڪوٺيو هو).

ميرعبدالله خان ۽ پيا تالپور، دين گڙهه (۱). (مائيلي پرسان) قلعي ۾ گڏ ٿيا. مدد خان کي جڏهين اها خبر پيئي ته تالپر به پارٽيون ٿي ويا آهن، تڏهين اول عمرڪوٽ تي ڪاهه ڪيائين. ميرفتح خان سان لغارين جو لشڪر هو جنهن جڳي چوٽ ڪاڏي، پر پڄي نه سگهيا. ميرفتح خان ۽ باگو خان قيد ٿيا. وجهه وٽي، نبي بخش خان نالي هڪ پرگڙي پروچ، ميرفتح خان جي زنجير پنهنجي پيرن ۾ وجهي، هن جي هنڌ تي سمهي رهيو؛ ۽ ميرپڄي نڪتو، جو وڃي دين گڙهه ۾ پين ميرن سان ملييو. ميرباگوخان پڳو، ۽ پڪڙجي پيو. ميان عبدالنبيءَ، مدد خان کي چيو ته ڪيس مارائي ڇڏيو، پر اها گهالهه مدد خان قبول نه ڪئي.

مدد خان، عبدالنبيءَ کان سيڏي سامان جي گهُر ڪئي، مگر دن چيو ته سون وٽ ڪجهه ڪونه آهي: باقي هي ملڪ پيو آهي. ڦريو ۽ ڪائو، ۽ تيمورشاهه کي ڪيل انجام واري رقم به وصول ڪريو، تنهنڪري هن پنهنجي لشڪر کي عام ڦر ڪرڻ جو حڪم ڏنو. پوءِ ته پٺاڻن سنڌ جي ڏاکڻي ڇيڙي بدين تائين، نهايت بيدردي ۽ ڪٺورتا سان، ملڪ ۾ اهڙي ڦرلٽ ڪئي جو ڏٺي پٺاهه ڏٺي: ناڻي، سون، چانديءَ ۽ سيڏي سامان جا انبار آڻي گڏ ڪيائون: ڪيترن شهرن کي جلائي پسم ڪيائون! انهيءَ ڪري اڄ تائين سنڌ ۾ "مدد"

---

(۱) ڏسو "سنڌ جي رنگين تاريخ". خان بهادر محمد صديق ميمڻ ۽ قاضي عبدالغني؛ صفحو ٥٦- ۽ "سنڌ جو شاهنامو"، صفحي ۳۵ ۽ "ديره جات" لکيل آهي.

Marfat.com

لفظ عام طور 'آفت' يا 'مصيبت' جي معنيٰ سان ڪم اچي ٿو. جهڙيءَ طرح چون ته "توتي ڪهڙو 'مدد' پيو" يعني توتي ڪهڙي مصيبت پيئي!

هرداس ڀڳت جي اڳڪٿي، ١٧٨١ع: مدد خان جي ڪاهه وقت هرداس نالي هڪ ڀڳت، ذات جو پشڪرڻو برهمڻ، ڇاڇري ۾ رهندو هو، تمام درويش هو. هن هڪ رات خواب ۾ ڏٺو ته ترت ئي ڇاڇري تي ڪا مصيبت اچڻي آهي. صبح جو اٿي ماڻهن سان هن اها ڳالهه ڪئي، ۽ ڇاڇري ڇڏڻ جي صلاح ڏني. پر ماڻهن سندس ڳالهه نه مڃي، تڏهين لاچار ڀڳت پاڻ ڇاڇرو ڇڏي روانو ٿيو. ساڻس گڏ، مُکي ملجي منسکاڻي راڻي (مهيشوري) به ڪٽنب سميت روانو ٿيو. هنن جي نڪرڻ بعد جلدئي، ڇاڇري ۾ مدد خان اچي عام ڦرلٽ ۽ ڪوس ڪرايو. هرداس ڀڳت ۽ مُکي ملجي اچي مٺيءَ ۾ رهيا، جتي سندن پويان اڄ تائين رهندا اچن. هن وقت هرداس ڀڳت جي چوٿين پيڙهي - ڀڳت رامچند، ۽ مکي ملجيءَ جي ٽين پيڙهيءَ وارا مٺيءَ ۾ رهن ٿا.

هرداس ڀڳت جي سماڌي (جنهن کي هرداس ڀڳت جو اوٽو چوندا آهن)، مٺي شهر جي اوڀر طرف اسلام ڪوٽ ڏي ويندڙ رستي تي، هڪ ننڍي دڙي جي مٿان آهي. جتي 'ڏيهرو' ٺهيل آهي ۽ سال بسال بڊي جي چنڊ تي ٻه ڏينهن ميلو لڳندو آهي، جتي ڪيترن ڳوٺن کان ياتري ايندا آهن.

مدد خان جي ڇاڇري ۾ ڦُرلٽ، ١٧٨١ع: سنه ١٧٨١ع برابر سنبت ١٨٣٨ وڪرمي ۾، ٻاکاسر (جوڌپور اسٽيٽ) ۾ ٻن راجپوت ڀائرن جو پاڻ ۾ گاديءَ تان تڪرار ٿيو (ڪي چون ٿا ته گهرو ڳالهين تان). ننڍو ڀاءُ، وڏي کي لوڌي، پاڻ مالڪ بنجي وبهي رهيو. ان وقت پٺاڻن جي ڦرلٽ جون خبرون چوڌاري ملڪ ۾ ڦهلجي ويئون هيون، سو وڏو

Marfat.com

ڀاءُ ننڍي ڀاءُ کان وير وٺڻ لاءِ مدد خان پٺاڻ وٽ مدد لاءِ آيو. مدد خان کيس اهڙو انجام ڪيو، ۽ لشڪر کي ٻاکاسر ڪُوچ ڪرڻ جو حڪم ڏنو. وچ ۾ ٿر جي ڀٽن جي مسافريءَ، لشڪر ۽ مدد خان کي ٿڪائي وڌو، ويتر پاڻيءَ ۽ سيڌي جي تڪليف کين ڪڪ ڪري وڌو، سو گهڙيءَ گهڙيءَ پئي هن راجپوت جوان کان پڇيائين ته 'ٻاکاسرا اڃا ڪيترو پري آهي؟'

هڪ ڏينهن سج اڀرئي مهل ڇاڇري وٽ اچي ,پهتا، لشڪر ۽ مدد خان به ڪڪ ٿي پيا هئا. راجپوت جوان سمجهيو ته وڌيڪ تڪليف هي برداست ڪري نه سگهندا ۽ متان مون کي ماري وجهن، سو مدد خان جي پڇڻ تي ڊپ وچان کڻي چيائين ته اهائي ٻاکاسر آهي. بس، پوءِ مدد خان جي حڪم جي دير هئي- لشڪر کي ڦرلٽ جو حڪم مليو! ان وقت ڇاڇري ۾ برهمڻ، مهيشوري، کٽي، سوڍا راجپوت، مينگهواڙ ۽ ٻيون قومون رهنديون هيون. ٺڪرن (راجپوتن) ۾ شراڌ هو، سو سڀئي ٺڪر هڪ هنڌ ڪوٽڙيءَ (ٺڪر پنهنجي اوطاق کي ڪوٺڙي يا اوتارو چوندا آهن) ۾ اچي ڪٺا ٿيا هئا. ڪوٽڙيءَ جي اڳيان شاهي پپر جو وڻ هو، ڪيترا ان جي هيٺان ڇانوَ ۾ به ويٺا هئا (هي وڻ اڄ تائين بيٺل آهن). اوچتي آفت آيل ڏسي سڀ گهبرائجي ويا، پر تنهن هوندي به مڙس ٿي منهن ڏنائون، ۽ ڪيترا راجپوت مورهيائيءَ سان وڙهندي مارجي ويا- انهن جي ياگيريءَ ۾ هڪ ٿلهو مهيشورين جي پاڙي ۾ ٺهرايل آهي، جنهن کي "جهونجهارن (بهادرن) جو اوٽو" چوندا آهن. آخر ٻي هٿيار ۽ مٺ ڀر ماڻهو، هيڏي ساري لشڪر سان ڪٿي ٿا پڄي سگهن- پٺاڻن ماڻهن جو عام ڪوس ڪيو: جيڪو ٿي ننڍو وڏو، ٻار ٻڍو، ۽ زال مڙس گڏيو، تنهن کي ويا ٿي ترار جو بک ڪندا. گهڙي پل ۾ لاشن جو ڍير ٿي ويو- اهو هنڌ ساڳيو آهي،

Marfat.com

جتي هن وقت ڇاڇري ۾ سرڳواسي ٺڪر اکجي رتن سنگ سوڍي، اڳوڻي ايم- ايل- اي، جي ماڙي آهي.

ان وقت ڇاڇري ۾ جايون ڪچيون ۽ ڪکايون هيون، جن کي پٺاڻن وٺي باهه ڏني. کن پل ۾ سڄو شهر سڙي ڀسم ٿي ويو- انهيءَ تان ٿر ۾ اڄ تائين عام چوڻي آهي ته "اهڙي جٺ ڪندو سانءِ، جهڙو مدد خان ڪئي ڇاڇري سان."- انهيءَ وچ ۾ ٻاکاسر وارو جوان کسڪي جان بچائي ڀڄي ويو، ۾ مدد خان به ٿر جي ڀٽن ۾ ڪڪ ٿي پيو هو، سو پوئتي موٽيو.

مدد خان جو موٽڻ، ١٧٨١ع: مدد خان ٿر مان واپس موٽيو. هن جي عام ڦرلٽ مير سهي نه سگهيا، سو لشڪر گڏ ڪري وڙهڻ لاءِ تيار ٿيا. مدد خان کي سندس صلاحڪارن جنگ ڪرڻ کان روڪيو ۽ صلح جي ڪوشش ڪئي. بهاول خان دائود پوٽو اچي وچ ۾ پيو. ميان عبدالنبيءَ کي به گهرايائون، جنهن قران شريف تي قسم نامو لکي ڏنو ته آئيندي ٽالپرن سان وفادار ٿي رهندس. ءَ تنهنڪري کيس وري گاديءَ تي وهاريائون ۽ مدد خان قنڌهار ڏي روانو ٿيو.

عمرڪوٽ جو جوڌپور جي راجا کي ملڻ، ١٧٨٢ع: سنه ١٧٨٢ع ۾ ميان عبدالنبي ڪلهوڙي، مير عبدالله خان پٽ مير بجر خان، مير فتح خان، پٽ مير صوبدار خان، ۽ مرزي خان کي دغا سان مارائي ڇڏيو. ميان عبدالنبيءَ جي هر هر قران شريف تي ڪوڙا قسم کڻڻ، ۽ ميرن کي مارائڻ ڪري، سڄي قوم ۾ ماتم ۽ ان سان گڏ جوش جاڳيو، جن مير فتح علي خان کي پڳ ٻڌائي. پوءِ ميرفتح علي خان، مير سهراب خان، مير باگو خان، مير الهيار خان ۽ مير ٺارو خان، لشڪر گڏ ڪري جنگ لاءِ تيار ٿيا. هاڻي ميان کي اچي ڊپ ورايو، تنهنڪري ڇا ڪيائين جو عمرڪوٽ جو قلعو ۽ پرڳڻو، سنبت ١٨٣٩ وڪرمي=١٧٨٢ع ۾ جوڌپور جي مهاراجا بجيه سنگ کي

Marfat.com

ڏيڻي (۱)، کانئس مدد جي گهر ڪيائين. مهاراجا ڪلوسنگ جي مهنداريءَ هيٺ لشکر موڪليو- جنهن کي ميان ونان پورو خرچ نه ميلو. جنهنڪري هو موڻي ويو.

مهاراجا کي عمرڪوٽ ملڻ کري، سندس طرفان صوبا مقرر ٿي ايندا هئا، پهريون صوبو بڻي چند اوسواڙ آيو- اهڙيءَ طرح سنہ ۱۸۱۳ع تائين عمرڪوٽ ٿي جوڌپور جي مهاراجا جو قبضو رهيو.

هالاڏيءَ جي جنگ، ۱۷۸۲ع: ميان عبدالنبيءَ پيو چاڙهو نه ڏسي، پنهنجي ۱۲ هزار فوج گڏ ڪري، ڏڳاڻي خان جتوئيءَ جي سپه سالاري هيٺ روانو ڪئي، ۽ پاڻ خداآباد ۾ رهيو- ميرن وٽ فوج ۾ اسماعيل خان ڪٽيار، پيرو خان ڪوکر، طاهر، فقيرو، عرضي ۽ سلطان، وڏا بهادر هئا. ڪلهوڙن جي فوج ۾ ڏڳاڻو خان جتوئي، محراب جتوئي، آدو، پيرو ۽ فيروز ڪلهوري، نانيرا پهلوان هئا. نيٺ جنگ لڳي. ڏڳاڻي خان شڪست کاڌي ۽ پڇي ويو، ۽ ميرن جي ٽي. ڏڳاڻي وڃي سمورو احوال ميان عبدالنبيءَ کي ٻڌايو. ميان اها خبر ٻڌي سڙي ويو، ۽ محمد حسن کهاوڙ کي ستون ميڙون ڪري شامل ڪيائين، جو کهاوڙن جو سردار هو. پوءِ ميان پنهنجي سر ٽيهه هزار فوج وڏي روانو ٿيو- هن ۾ محمد حسن کهاوڙ، بافر خان کهاوڙ، سلطان خان کهاوڙ، بلاول ليکي، غلام حسن جهنجهڻ، عزت خان نومڙيو، تاجو سامٽيو، روحل خان کوسو، مراد ڪلهوري، ۽ ڏڳاڻو جتوئي، نالي وارا جنگي جوان هئا.

ميرفتح علي خان اڳيئي هالاڻي وٽ خيما کوري ويٺو هو. ميرصاحبن جي فوج ۾، گهٽائي اچي ٻڌي داخل ٿيا: جيئن ته لغاري، مري، جمالي، نظاماڻي، ڪٽيار، ڪلوئي، ۽ ڪوکر

(۱) "سنڌ جو شاهنامو"، صفحو ۲۸-

Marfat.com

وغيرہ، ۽ منجهن مير مهراب خان، مير باگو خان، مير الهيار خان مير ٺارو خان، نواب ولي محمد خان لغاري، قيصر خان نظاماڻي، زنگي خان مري، خيرو خان جمالي، اسماعيل خان ڪٽياڻ، پيرو خان ڪوڪر، فقيرو، طاهر ۽ عرضي نامور مرڪردا هئا.

هالاڻي جي ميدان تي سنہ ۱۷۸۲ع ۾ خونخوار جنگ لڳي. محمد حسن ڪهاوڙ ۽ پيا ناليرا جنگي جوان مارجي ويا، لشڪر ڪيترو منو ۽ پيو جڙوپڙ ٿي ويو. ڪلهوڙن جي هار ٿي، ۽ سڀ جودپور ڏي پهچي ويو. سيرن اها لڙائي ڪٽي ۽ سنڌ جا حاڪم ٿياء مير فتح علي خان اتان ٿي نوشهري فيروز ۾ آيو، جتي سرڪردن ۽ سپاهين کي انعام ڏنائين. جيڪي ڪومون ڪلهوڙن سان شامل ٿي سيرن سان وڙهيون هيون، تن جا اڳوان به اچي مير صاحب جي پيش ڀيا، جن کي به مير صاحب عزت ۽ مان ڏيئي روانو ڪيو. ۽ سڄي سنڌ جي حڪومت پنهنجي هٿ آندي.

Marfat.com

باب ڏهون

ٽالپرن جي حڪومت

ميرفتح علي خان (١٧٨٢ــ١٨٠٢ع)

ڪلهوڙن کان سنڌ فتح ڪري، ميرِ فتح علي خان، سنه ١٧٨٢ع ۾ سنڌ جي گاديءَ تي ويٺو هن، حڪومت ۾ پنهنجا ٻي پائر، ميرِ ڪرم علي خان، ميرِ غلام علي خان ۽ ميرِ مراد علي خان به شامل ڪيا: جنهن کي "ٻهرين چوياري" چون ٿاه. ان وقت عمرڪوٽ تي جوڌپور جي مهاراجا جو قبضو هو.

سنه ١٧٨٢ع ۾، ميرِ سهراب خان جو پٽ ميرِ غلام محمد خان ٣٠٠ ماڻهن سان ٽر ڏي شڪار لاءِ روانو ٿيو. واٽوڙن اڳرائي ڪري ٻن هزار ماڻهن سان مٺس حملو ڪيو. انهيءَ لڙائيءَ ۾ ميرِ صاحب ۽ سندس گهڻا ماڻهو مارجي ويا. انهيءَ تي ميرِ سهراب خان هاڻ، ۽ ميرِ فتح علي خان جي مدد ساڻ، عمرڪوٽ تي ڪاهي آيو، ۽ سندس لشڪر عمرڪوٽ شهر ۽ برڪٽي ۾ ڦرلٽ ڪئي. ڪجهه عرصي بعد، جوڌپور جي مهاراجا ۽ سنڌ جي ٽالپرن (ميرِ فتح علي خان) جي وچ ۾ هيٺيون عهدنامو ٿيو.

١ــ ميرن جي ڪنهن به دشمن کي جوڌپور جو مهاراجا پناه نه ڏيندو، ۽ مهاراجا جي دشمن کي ميرِ پناه نه ڏيندا.

٢ــ جڏهين جڏهين ميرن کي مهاراجا جي لشڪر جي

Marfat.com

ضرورت ٿيندي، تڏهين مهاراجا کين اهڙي مدد ڏيندو ـ مگر ان لشکر جو خرچ جوڌپور کان رواني ٿيڻ جي تاريخ کان وٺي ميرپرينداڻ اهڙيءَ طرح جڏهين مهاراجا کي ميرن جي لشکر جي مدد گهربل ٿيندي، تڏهين ميرڪيس گهربل مدد ڏيندا، ۽ لشکر جو خرچ حيدرآباد کان رواني ٿيڻ جي تاريخ کان مهاراجا پريندو.

۳ـ اسين انجام ٿا ڪريون ته اسان جو عمرڪوٽ ۽ ان سان لاڳو گهوٽن تي جو حق آهي، تنهن تان دست بردار ٿيون ٿا، ۽ مهاراجا انجام ٿو ڪري ته سنڌ جي راج تي ڪاهه نه ڪندو. ميان عبدالنبي ڪلهوڙي سان مهاراجا اهو سلوڪ ڪندو، جيڪو سندس وڪيل آنند مل ۽ خانداس جو پاڻ ۾ فيصل ٿيل آهي.

۴ـ جڏهين جڏهين ميرن کي ماروار ۾ وهڻ جي ضرورت ٿيندي، تڏهين مهاراجا کين سندن مرضيءَ موجب پسند ڪيل هنڌ تي وهڻ ڏيندو.

۵ـ ڏڻيءَ جي مهرباني سان جوڌپور ۽ حيدرآباد، سڄي دل سان دوست ٿيا آهن، ۽ آئيندي به اهڙيءَ طرح سان رهندا، انهيءَ ۾ هڪ وار جو به تفاوت نه ٿيندو.

اهو عهدنامون سنہ ۱۸۱۳ع تائين قائم رهيو.

باقي ٽر ۾ سوديا وري به خود مختيار ٿي رهڻ لڳا، ۽ جيڪو ڏن ڪلهوڙن کي ڏيندا هئا، سو ميرن کي ڏيڻ بند ڪيائون. ميرفتح علي خان ڏڻو ته سختيءَ کان سواءِ سنوت ڏيڻ وارا ڪونہ آهن، تنهنڪري هن پهريائين سوڊن تي حشمت جمائڻ، ۽ ساڳئي وقت پنهنجي بچاءَ لاءِ ٽر ۾ جدا جدا هنڌن تي قلعا ٺهرائڻ شروع ڪيا: پهريائين مٺيءَ وارو قلعو ۱۷۸۹ع ۾ ٺهيو. ان بعد وري ٽورا سال پوءِ ۱۷۹۵ع ۾ اسلامڪوٽ وارو قلعو ٺهيو، پوءِ چيلهار جو قلعو، ۽ سال ۱۸۰۰ع ۾ سينگاري

Marfat.com

ڪڏي جا قلعا ٺهياء اهڙيءَ طرح ٽر ۾ جدا جدا هنڌن تي قلعا ٺهرائي، سوڍن کي چيائين تہ هاڻي اسان جي حڪومت آهي، ۽ ڪائڻ ڏيون وصول ڪرڻ لڳو. اڳتي، پارڪر ڏي اچا ڪونہ وڏيا هٿ، اوڏاهن سوڍا خود مختيار هٿا، مٿي ۽ ان جي پسگردائيءَ وارن سوڍن آڻ مڃي، پنهنجيءَ پيدائش جون بہ پٽيون دل ۾ ڏيندا هٿا، ۽ ٽي پٽيون ٻاڻ ڪٽندا هٿا. مير اڃا ڏيپلي ڏي بہ ڪونہ وڏيا هٿا، تنهنڪري فقط سامروٽي ۽ پارڪر وارا خودمختيار هٿا. هيءَ مير سنہ ۱۸۰۲ع ۾ وفات ڪري ويو. ان بعد مير غلام علي خان پگدار ٿيو، جنهن جي ڏينهن ۾ ڪا خاص گهالهہ ڪانہ ٿي. ان کان پوءِ مير ڪرم علي خان، سنہ ۱۸۱۲ع ۾ گاديءَ تي ويٺو.

مير ڪرم علي خان (۱۸۱۲-۱۸۲۸ع) جو عمرڪوٽ تي قبضو.

هي هڪ چگو ۽ نيڪ حاڪم هو. هن پنهنجي حڪومت وڌائي ۽ الي چگيءَ طرح صلح سانت رکيو. هن پنهنجي وقت ۾ عمرڪوٽ هٿ ڪيو.

مير ڪرم علي خان، جوڌپور جي مهاراجا مان ٽيل عهدنامي موجب، ۱۸۱۳ع تائين سانت رهيو. انهيءَ سال ماروار ۾ ڏڪار پيو ۽ راج ۾ گوڙ ٿيو. جوڌپور طرفان عمرڪوٽ ڏانهن موڪليل صوبي دار کي، ماروار (جوڌپور) مان وقت سر پٽسن جي مدد ڪانہ ملي، باروت بہ کپي ويو هو، تنهنڪري لشڪر بہ گهٽجي ويو هو ـ اها خبر ميرن کي پڃي ويئي.

مير سهراب خان جو پاءُ مير غلام محمد خان اڳي عمرڪوٽ ۾ قتل ٿيو هو، تنهنڪري هن کي انهيءَ وقت ڪان وٺي پاءُ جي ويڙ وٺڻ ۽ عمرڪوٽ هٿ ڪرڻ جي چٽي هٿي، جنهنڪري

Marfat.com

مير ڪرم علي خان کي درخواست ڪيائين، جا هن قبول ڪئي. راجپوتن جي ڪمزوريءَ جو به پتو هوس. تنهنڪري مير ڪرم علي خان وڏو لشڪر نواب ولي محمد خان ۽ طاهر خدمتگار جي هٿ هيٺ، عمرڪوٽ تي چاڙهي موڪليو. هوڏانهن مير سهراب خان به پنهنجو لشڪر سيد گولي شاه جي سرڪردگيءَ هيٺ چاڙهي موڪليو. جوڌپور جي راجا، مير خان روهيلي کي روهيلن ۽ راجپوتن جو لشڪر ڏيئي عمرڪوٽ ڏي ٿي موڪليو، پر مير ڪرم علي خان هڪ لنبو پارسي نظم ۾ خط لکي ميرخان ڏي موڪليو - جنهن ۾ شرمايائينس ته، 'تون مسلمان ٿي ڪري، راجا جي طرفان، اسان مسلمانن سان ڪيئن ٿو جنگ ڪرين.'

انهيءَ خط مير خان تي ايترو اثر ڪيو، جو عمرڪوٽ تي ڪاهڻ کان راجا کي جواب ڏنائين، ۽ مسلمانن سان وڙهڻ بدران، سپه سالاريءَ تان دستبردار ٿيڻ لاءِ تيار ٿيو. تنهنڪري راجا ٻين راجپوت سپه سالارن جي هٿ هيٺ لشڪر موڪليو، جي اڳ ۾ ٿي اچي عمرڪوٽ جي قلعي ۾ ويهي رهيا. ميرن جي لشڪر اچي قلعي کي گهيرو ڪيو. نواب ۽ طاهر، قلعي کي سرنگهه هڻائي ان ۾ باروت ساڙايو، جنهنڪري قلعي جي ڀت ڪري پيئي. پوءِ ته ميرن جو لشڪر اندر ڪاهي پيو. راجپوتن جي لشڪر مان ڪيترا ماريا، ڪي گرفتار ٿيا ۽ ڪي ڀڄي ويا. عمرڪوٽ جو قلعو ميرن فتح ڪيو، جو پوءِ سندن هٿ ۾ رهندو آيو (١). اهو واقعو سنه ١٨١٣ع ۾ ٿيو.

سنه ١٨١٤ع ۾ مير ڪرم علي خان نئين ڪوٽ ۾ قلعو ٺهرايو، جو سالم حالت ۾ اڃا تائين بيٺو آهي. ميرڪرم علي خان سڀني قلعن ۾ مضبوط انتظام رکي، ڏيپلي، سامروٽي ۽ پارڪر

(١) "سنڌ جو شاهنامو"، صفحو ٩٠.

Marfat.com

جي سوڊن کي به تابعي ڪري ڏل وصول ڪئي، جا پوءِ هو سال به سال ڏيندا رهيا.

ميرن جي انگريزن جي برخلاف ڪ۾ جي راءِ سان عهد نامي جي ڪوشش:

ميرن پنهنجو ايلچي ڪ۾ جي راءِ پارمل ٻئي (سنبت ۱۸۷۰ ـ ۱۸۷۵ = ۱۸۱۴ـ۱۸۱۹ع) وٽ موڪليو، انگريزن جي برخلاف عهدنامو ڪرڻ ٿي چاهيو. اها خبر ڪئپٽن ميڪمرڊو کي پئجي ويئي، جنهن ڪ۾ درٻار سان دوستي ڪندڙ لاءِ منظوري گهري، ۽ ڪ۾ راج کي هر سال جيڪي به لک روپيا ڏيڻا پوندا هئا، سي معاف ڪيا، ۽ نقصان جي ويهه لک روپين مان، ۸،۱۳،۸۲۶ روپيا موڪلڻ جي تاريخ، ۱۸ـ جون ۱۸۲۶ع جي ڏينهن منظوري ڳهري، جا ڪيس ملي، ۽ هن اها حقيقت مهاراجا کي ٻڌائي ـ سرڪار ۽ درٻار جي وچ ۾ پڪي دوستي ٿي.

سنڌ جي ميرن سان دوستي نه رکڻ لاءِ مهاراجا کي، ڪيپٽن "ميڪمرڊو" ۽ "ڪيسابا" سمجهايو، تنهنڪري ڪ۾ راج جو انگريزن جي برخلاف ميرن سان عهدنامو نه ٿيو. ميرن کي انهيءَ ڳالهه تي خار لڳا ۽ ڪ۾ ملڪ تي ڪاهه ڪرڻ جا وجهه ڳولڻ لڳا.

ميرن جي ڪ۾ تي ڪاهه جي رٽ، ۱۸۱۶ع:

اوچتو ڏرڪي ڏيڻ ڪري ڪ۾ جي قلعن کي نقصان پهتو هو، تنهنڪري ميرن ڪ۾ تي چڙهائي ڪرڻ جو اهو موقعو سڏو سمجهيو. ڪ۾ ۾ پنهنجي ايلچيءَ معرفت "ريزيڊنسي ڪائونسل" کي چوايائون ته راءِ پارمل کي ضرورت وقت مدد ڏينداسون، ۽ ان جي عيوض لکپت جي قلعي ڏيڻ جو اڳ ڏنل اقرار پورو نه ڪيو، ته ڪ۾ ۽ سنڌ جو ٽيل مهدنامو رد ڪيو ويندو،

Marfat.com

"ريزيڊنسي ڪائونسل" ان ڳالهه تي ڪو ڌيان ڪونه ڏنو ۽ انائو سنڌ جا ڏاڙيل ڪڇ ۽ ڏاڙا هٿندا هٿا، تن جي روڪ لاءِ ميرن کي لکيائون. تڏهين ڏاڙن بند ڪرائڻ لاءِ ميرن هڪ بلوچي لشکر موڪليو: اندروني مطلب ڪڇ تي ڪاهڻ جو به هون، پر ڪڇ ۽ ڪمپني سرڪار جي لڙائيءَ جي تيارين جو ٻڌي، اهو خيال لاهي ڇڏيائون، لشکر پارکر ۽ اڇي سرداون کان وڏا ڏنڊ وڻي سوڻي سنڌ ويو. پر ڏاڙا ۽ ڦرلٽ ته ٻاڻ وڌي ويئي، تنهنڪري وري ريزيڊنسي ڪائونسل ٻيو پيرو تاڪيد ٻٽر موڪليو. ان ڪري، ميرن وري ڏاڙا ۽ ڦرلٽ بند ڪرائڻ لاءِ لشکر موڪليو، جو ويرا واهه جي ڏاڙيلن کي نابود ڪري، ننگر پارکر وارن کان هزار رپيا ڏنڊ وڻي سوڻي سنڌ ويو ــ پر ڦرمار ته به بند نه ٿي. سنڌ جي لشکر جي وڃڻ بعد هڪ مهنو پوءِ ڊسمبر ۱۸۱۶ع ۾ ۲۵۰ ڪوماڻ ڪڇ جي پاڳي "ٻني" مان ۴۰۰ ڊور ڪاهي ويا. اهي مونائي آڻڻ لاءِ ٻني جا ڪيترا نوجوان پٺيان پيا، ۽ رڻ جي ڪنڊيءَ تي اڇي دوبدو ٿيا. سخت ويڙهه ٿي، جنهن ۾ ٻنهي ڌرين جا ڪيترا ماڻهو مٿا ــ آخر هو ڊور مونائي وڻي ويا (۱).

جوڌپور جي راجا جي عمرڪوٽ تي ڪاهه،

۱۸۱۷ع: سنه ۱۸۱۵ع ۾، جڏهين انگريز سرڪار ۽ جوڌپور جي مهاراجا جي وچ ۾ عهدنامي لاءِ لکپڙهه هلندڙ هئي، تڏهين جوڌپور جي مهاراجا، انگريز سرڪار کان پڇيو ته "اسان جي نوڪرن جي بيپرواهي، کان عمرڪوٽ جو قلعو، سنه ۱۸۱۳ع ۾ تالپرن جي هٿ اڇي ويو آهي، انهيءَ ڪري، جيڪڏهين اسين عمرڪوٽ تي ڪاهه ڪريون ته انگريز سرڪار کي ڪو اعتراض ته ڪونهي؟"

---

(۱) "ڪڇ جو ڪجراتي اتهاس"، صفحو ۱۴۷-۱۴۸.

Marfat.com

ان جو لکيل جواب، انگريز سرڪار پنهنجي پوليٽيڪل ايجنٽ جي معرفت ڏنو تہ ”جيڪڏهين صلح سان عمرڪوٽ تي قبضو نہ ڪري سگهو، تہ پوءِ لشڪر سان چڙهائي ڪريو، اسان کي ڪو اعتراض ڪونهي.“

آهو جواب ملڻ تي، اپريل ۱۸۱۷ع ۾، جوڌپور مان هڪ فوج ڪيجڙلا جي پاڻي ٺاڪر جي مهنداريءَ ۾ لوڊا ريڊمل اوسواڙ ۽ اپيمل مان گڏ، عمرڪوٽ ڏي موڪلي وئي. اها فوج جڏهين ماروارَ رياست جي ”شو“ پرڳڻي جي ڳوٺ ”ڦلسوند“ وٽ پهتي، تڏهين منجهس بيماري اچي پيئي، جنهنڪري گهڻا ماڻهو مري ويا ۽ ساڳئي وقت جوڌپور مان هڪ خبر پهتي، تہ جوڌپور جي مهاراجا مانسنگ، پنهنجن سردارن جي بغاوت سبب، پنهنجي مرضيءَ سان، راج- گادي تان هٽ ڪنبو آهي. انهن ٻنهي ڪاوڙن ڪري، فوج اتان ئي موڻي جوڌپور ويئي (۱). ان بعد جوڌپور ۾ گهرو تڪرار هئڻ ۽ مالي حالت ٺيڪ نہ هئڻ سبب، عمرڪوٽ کي وري چڙهائي ڪرڻ ۾ ڪانہ آئي.

پارڪر جا ڏاڙيل، ۱۸۱۸ع : سنبت ۱۸۷۲ع (۱۸۱۵) ۾ ”واگڙ“ ۾ بي بندوبستي ٿي پيئي، تڏهين ڪيترا گراسيا، ملڪ جڏي رڻ جي ڪناري وڃي واهہ ۽ پارڪر پهچي آيا. ڪلهوڙن جي ظلم ڪان پهچي آيل ۴-۵ سو ڪوسا، جي هٿي اچي رهيا هئا، سي به ساڻن شامل ٿيا، ۽ پارڪر جي سوديا راجپوت ”پونجي“ کي مرداو بنائي، گجرات، ڪاٺياواڙ ۽ ڪچ ۾ زبردست ڏاڙا هنياڻون. ڪمپني سرڪار ڪچ جي راءِ ”ڏيسرجي ٻئي“ کي وقت به وقت چوندي رهي تہ انهن گرامين کي گهرائي جاگيرون ڏئي، پر راءِ اها صلاح پسند نہ ڪئي،

(۱) ”امرڪوٽ اتهاس“، صفحو ۷۰-۷۱.

تنهنڪري اهي خوفناڪ ڌاڙيل ٿي پيا هئا، جن ملڪ ۾ رڻ ٻاري ڏنو. آخر هنن ڌاڙيلن کي دوست بنائي هميشه لاءِ ڌاڙا بند ڪرڻ لاءِ ڪمپني سرڪار 'واڄ ڪاروباري منڊل' سان صلاح ڪئي ته ڪوبه انهن ڌاڙيلن کي پناهه نه ڏئي. ان شرط تي انهن کي پيءُ ڏاڏي جون جاگيرون ١٥- اپريل ١٨١٩ع جي موٽائي ڏنيون ويون، ته انهن مان ڪوبه چور يا ڌاڙيلن کي رهڻ نه ڏيندو. ڌاڙيلا جهلي ڏيڻ، ۽ ڦريل مال جي قيمت ڀري ڏيڻ، هروڀرو ڪو ڏاڍائي ڪري ته راءِ کي خبر ڏيڻ، لڙائيءَ وقت وفاداري ڏيکارڻ، ڪڇ واڄ کي سڏ ڏيڻ، جاگيرن جو مقرر لوازمو راءِ کي ڏيڻ- اهو لکيت ۾ لکائي ورتو. تنهن هوندي به مئي ١٨١٩ع ۾، ٨٠٠ ڄڻن گهوڙن ۽ آڻن تي سوار ٿي، واڳڙ ۾ "ڀچائو" شهر تي حملو ڪيو. قلعي جي توبن هنن کي هٽائي ڇڏيو، ته به ٢٠٠ ڍور ڪاهي ويا، ۽ "وونڌ" مان چالهيه هزار روپين جو مال ۽ ٥٠٠ ڍور ڪاهي ويا.

ڪڇ جي راءِ سنڌ جي ميرن کي بار بار لکيو، ته به ڦرمار بند نه ٿي. جنهنڪري ١٨٢٠ع جي شروعات ۾ ڪڇ واڄ طرفان هڪ وڏو لشڪر تيار ٿيو، ۽ هڪ سنڌي ٿاڻي تي ڌاڙيلن جي ٽولي سمجهي حملو ڪيو. تنهنڪري ميرن ڪاوڙجي هڪ الهندي کان لکپت طرف ۽ اتر کان ڪاوڙا طرف، ۽ هڪ اوڀر مان پارڪر طرف لشڪر موڪليا- تنهن مان هڪ ته ڪڇ جي ڳوٺ تي ڪاهي ڦرمار به ڪئي- انهيءَ ڳالهه جي خبر پوڻ شرط ڪڇ جي راءِ، وڏو لشڪر موڪلي ان کي ترت بند ڪيو.

٢٨- اپريل ١٨٢٠ع جي ڪئپٽن ميڪمرڊو مري ويو. ان جي جاءِ تي انچارج جي. جي. ولسن آيو، تنهن ٻه مهنا ريزيڊنٽ ٿي ڪم ڪيو. پوءِ هينري پاٽ.ر آيو، تڏهين ٨-

نومبر ١٨٢٠ع جي سنڌ جي ميرن، پنهنجي بمبئي کاتي جي ايلچيءَ معرفت، ڪمپني سرڪار سان صلح جو عهدنامو ڪيو- جنهن ۾ کوسن ۽ ٻين ڌاڙيلن کي قابو ڪرڻ جو قول ڪيو- مگر ڌاڙن بند ڪرائڻ جي بهاني سان ڪمپني سرڪار، پوني سان ٤٠٠ گهوڙي سوارن جو دستو گهرائي، ڪڇ جي لودراڻي سرحد تي ضابطو رکيو.

سنبت ١٨٧٩=١٨٢٢ع ۾ برسات ڪونه پيئي، تنهنڪري ڪڇ ۾ سخت ڏڪار پيو. هزارين ماڻهو ۽ ڍور مري ويا، ۽ ڪيترا ڳوٺڙا ڀڙڀانگ ٿي ويا. اٽڪل پنجين پتيءَ جيترا ماڻهو ملڪ ڇڏي ويا. وري ٻن سالن بعد ٻي مصيبت آئي: ڪمپني سرڪار جو اينجٽ ميرن وٽ حيدرآباد ۾ رهندو هو. هن کان ڪوبه احوال نه اچڻ ڪري، هن جي جاچ ڪندي، سرڪار کي خبر ملي ته سنڌ جا مير، ڪڇ تي چڙهائي ڪرائڻ لاءِ، ڌاڙيلن کي ڀڙڪائي ۽ مدد ڪري رهيا آهن. پارڪر جي ڌاڙيلن کي پڪڙڻ لاءِ واڳڙ ۾ هڪ ننڍو لشڪر جو دفعو رهندو هو. ان جو وڏو حصو ڀُڄ ويل هو، تنهنڪري هاڻي ڦرمار ڪرڻ جو موقعو سمجهي، ٣ هزار ڌاڙيلن جي ٽولي پارڪر مان نڪتي، ۽ ڪڇ جيتڻ جي ارادي سان، ڀڄ کان ١٨ ڪوهه پري، هٻاءِ جبل (جو ڪڇ لاءِ قدرتي بچاءَ جو قلعو آهي) وٽ پهتا. هتي مياڻا، ڪولهي ۽ ٻيا ڪڇ جا ڏڪار جا ماريل ماڻهو ۽ مکيه سنڌي هئا. انهن جو سردار ڪڇ جو مشهور ڌاڙيل تارلوڻائي هو، تنهن سان ملي، ٨٠٠ ماڻهن کي انجار لُٽڻ لاءِ موڪليائون. ان جي بچاءُ لاءِ ڀڄ کان لشڪر آيو. دوبدو لڙائي لڳي - نيٺ ڌاڙيلن جا سردار مارجي ويا، ۽ ٻيا ڀڄي ويا (١).

---

(١) "ڪڇ جو گجراتي اتهاس"، صفحو ١٤٥- ١٤٨- ١٤٩- ١٥٠

مير ڪرم علي خان ١٨٢٨ع ۾ فوت ٿيو ـ ۽ سندس ننڍو ڀاءُ مير مراد علي خان رئيس ۽ پڳدار ٿيو.

مير مراد علي خان (١٨٢٨ـ١٨٣٣ع)

ملڪ ۾ بي بندوبستيءَ جو وجهه وٺي، پارڪر جا سوڍا، ميرن کي ڍل ڏيڻ کان نٽائڻ لڳا. تنهنڪري ميرن ١٨٣٠ع ۾ ڏيپلي ۽ پارڪر طرف ڍلن اڳاڙڻ لاءِ پنهنجا عملدار موڪليا. اهي جڏهين اتي پهتا، تڏهين سڀني سوڍن ٻڌي ڪري ڍل کان جواب ڏنو ۽ ننگرپارڪر، ويراواهه، آڌيگام ۽ ٻين ڳوٺن جا سوڍا اچي ڳوٺ ٻهراڻي ۾ گڏ ٿيا، جتي ميرن جا عملدار منزل انداز هئا. عملدارن ڀانيو ته دڙڪو داٻ ڏيئي، سوڍن کي سمجهائبو، مگر سوڍن مٿن حملو ڪيو ۽ کين اتي قتل ڪري ڇڏيائون. سنڌ جي ميرن جي هيئن سوڍن بي عزتي ڪئي، ۽ سندن عملدار کي ماري وڌائون. اها خبر ٻڌي ميرن يڪدم پنهنجو لشڪر حيدرآباد مان چاڙهي موڪليو. جنهن اچڻ سان سوڍن تي ڪٽڪا وڌا ۽ ڪيترا سوڍا ماريائون: مشهور "پونجو" سوڍو به وڙهندي مارجي ويو. ٻه راڻا ۽ ٻيا ٿورا ماڻهو قيد ڪري وٺي ويا. ننگرپارڪر جو گادي نشين راڻو صغير هو، تنهنڪري اتي جي ڪاروبار هلائيندڙ سوڍي کي گرفتار ڪري سنڌ ڏي وٺي ويا، ۽ مکيه راڻن کان ڏنڊ وٺي هنن کي ڇڏي ڏنائون.

ڪئپٽن ريڪس جي لکڻ موجب: پارڪر جي راڻي کي ڏهه هزار ڪوريون يعني ٤ـ٨ـ٢٦٣٨ رپيا، ۽ ويراواهه جي راڻي کي ١٢ هزار ڪوريون يعني ٧ـ٣ـ٣١٦٦ رپيا، ڏنڊ وڌائون ـ ويراواهه جي راڻي جو ڀاءُ، حيدرآباد جي جيل ۾ مري ويو. ڳوٺ ٻهرائو جتي ميرن جو عملدار مارجي ويو هو. اتي جي راڻي کي ڏهه هزار رپيا ڏنڊ وڌائون، ڦيٿا پور

جي ٺڪر تي ٧٠٠ رپيا ڏنڊ وڌائون، آڌيگام جو سوڍو کيمجي، جو پڻ خون ڪرڻ ۾ شامل هو، تنهن کي ١٥٠٠ ڪوريون ڏنڊ وڌائون - اهي سڀيئي سوڍا، ٽي مهنا قيد ۾ هئا ۽ ڏنڊ ڏيڻ کان پوءِ ڇٽا. انهيءَ معاملي کان پوءِ ميرن کي زمين جي پيدائش جي پنجين پتي ڍل طور ملندي هئي. ٿر ۾ سوڍن "نُول" يعني ڪٽم ڊيوٽي به اڳاڙڻ شروع ڪئي هئي، ان جو اڌ ميرن کي ڏيندا هئا (١).

انگريزن جي پارڪر تي ڪاهه، ١٨٣٢ع:

کوسا، ڪلهوڙن جي وقت ۾ پارڪر ۾ اچي رهيا، ۽ ڪيترا اڳتي مارواڙ تائين به ويا هئا. هنن جو ڌنڌو هوندو هو مال چارڻ، پر ڪڏهين ڪڏهين ڦرمار ڪري ڌاڙا به هڻندا هئا، هاڻي سوڍا به انهن سان شامل ٿيا - پر ايترو ڪيائون جو ٿر جي ماڻهن کي ڪونه ستايائون، باقي ڪڇ ڀڄ ۽ گجرات طرف رڻ ٻاري ڏنائون. انگريزن يڪدم ميرن کي لکيو ته ٿر جي ڌاڙيلن تي ضابطو رکو: پر اهي ميرن جي هٿ اچڻ جا نه هئا. تنهنڪري انگريزن، ڌاڙيلن کي پڪڙڻ ۽ راڻن کي ڌٻائڻ لاءِ، ١- نومبر ١٨٣٢ع تي ننگر پارڪر ۾ لشڪر چاڙهي موڪليو. ان وقت ننگر پارڪر جي گاديءَ تي سوڍو "جڳوجي" هو. جنهن لاءِ چوڻ ۾ ٿي آيو ته هو ڌاڙيلن سان ملتي هو. انگريزن جي اچڻ جو ٻڌي راڻو "جڳوجي" ڀڄي ويو (٢).

مسٽر ائٽڪن جي لکڻ موجب، پارڪر جو راڻو رتن‌سنگ هو، جنهن کي ١٨٣٢ع ۾ ڀوڏيسر جي "جڳوجي" سوڍي ماريو، پر هن جي گاديءَ تي مير صاحبن جي حڪم موجب "جڳوجي" نه، پر "ڪرن جي" سوڍو وهاريو ويو. جو ريڪس

(١) "سوڍن جي صاحبي"، صفحو ٣٢-٣٣؛ ۽ ڪئپٽن ريڪس جو "حالات ٿر ۽ پارڪر"، صفحو ١٢-١٣-١٤.

(٢) "سوڍن جي صاحبي"، صفحو ٣٤.

صاحب جي خيال موجب مقتول راڻي جو سؤٽ هو: پر ڪرنل ايونس جي خيال موجب، هي هڪڙي راڻپور جي غريب مزور جو پٽ هو. جنهن کي راڻي جي بيوه، گود جو پٽ ڪيو هو، جڏهين هو اڃا فقط ٽن سالن جو هو (١).

ويراواهه جو راڻو، ۽ ڳوٺ ٻهراڻي جو ٺڪر، انگريزن جي پيش پيا. ميرن جي حڪومت هئي، تنهنڪري انگريزن ٻي ڪا دستاندازي ملڪي ڳالهين ۾ ڪانه ڪئي. باقي راڻي جڳوجي جي ڀڄي وڃڻ ڪري، ڪئپٽن، رابرٽس ايترو ڪيو، جو راڻي جي هڪ ويجهي عزيز "ڪرن جي" کي پارڪر جو راڻو مقرر ڪري، هن کي پارت ڪيائين ته ڌاڙيلن تي چڱي نظر رکج، جيئن وري هو ڦرمار نه ڪن.

راڻو جڳوجي، جو انگريزي لشڪر جي اچڻ جو ٻڌي ڀڄي ويو هو، سو نيٺ ميرن جي هٿ آيو، جن گرفتار ڪري انگريزن وٽ موڪليس. انگريزن هن کي ڪجهه وقت ڪڇ ۾ قيد رکيو، پر پوءِ ڇڏي ڏنائوس، ۽ ڀوڏيسر جي شهر جو راڻو مقرر ڪيائونس، جتي جي ڍل جو حصو ملندو هوس. هن راڻي آگسٽ ١٨٥٢ع ۾ وفات ڪئي. مير مراد علي خان سنه ١٨٣٣ع ۾ مري ويو.

سنه ١٨٣٣غ کان ١٨٤٣ع تائين، ڏهن سالن ۾، ڪا اهڙي خاص ڳالهه ڪانه ٿي. انهيءَ عرصي ۾ ميرن جو ظابطو ٿر تي رهيو، ۽ ڍلن اڳاڙڻ لاءِ ميرن جا عملدار ايندا هئا، ۽ سندن پاران ڪاردار، ٿر ۾ جتي سندن قلعا هئا، اتي رهندا هئا.

ٿر ۾ ميرن جا قلعا

ٿر ۾ ميرن جي حڪومت ٿي، پر سوڍن کين سنوت

(١) "هسٽري آف ائلينيشن"، مسٽر ائٽڪن؛ واليوم پهريون.

نٽي ڏني، جنهنڪري مير فتح علي خان، سوڊن تي عمل جمائڻ لاءِ، قلعا ٺهرائڻ شروع ڪيا: پهريائين مٿيءَ وارو قلعو ۱۷۸۵ع ۾ ٺهيو، جو هاڻي ڊهي ويو آهي، ۽ انهيءَ هنڌ هاڻي مسافرخانو ۽ اسپتال جي جاءِ آهي. ٻوءِ شهر جي الهندي طرف، پٽ جي چونيءَ تي هڪ ننڍو قلعو سنہ ۱۷۸۹ع (۱) ۾ مورچي طور ٺاهيو ويو، جو سنہ ۱۸۴۴ع ۾ ڊرتي ڊپڻ سبب ڊهي ويو- منجهس گوبريو نالي هڪ مالهي، جو ميرن جو پاڻي پيرندو هو، ۽ پيا ڪيترا ماڻهو پڻ ڊٻجي مري ويا- انهن قلعن ٺهڻ بعد ميرن شهر جو نالو "فتح گڑهه" رکيو، مگر پوءِ ساڳيو "مٿي" سڏجڻ ۾ آيو.

۱۷۹۵ع ۾ اسلام گڑهه جو قلعو ٺهيو، جنهن تان ڳوٺ کي به نالو پيو، ۽ هاڻي اسلامڪوٽ سڏجي ٿو- انهيءَ قلعي جون پٽيون ۳۰ فوٽ اوچيون، ۽ ۷۰ چورس وال پڪيڙ هئي. چٽي ڪنڊن تي برج، ۽ اپرندي پاسي دروازو هو، جنهن تي برج ٺهيل هو (۲)- اهو قلعو هاڻي ڊهي ويو آهي. هن وقت انهيءَ ڊنل قلعي تي اسڪول ٺهيل آهي. سال ۱۸۰۰ع ۾ چيلهار، سينگاري ۽ ڪڏي جا قلعا ٺهيا، جي هاڻي سڀ ڊهي ويا آهن. چيلهار کي اڳي "علي گڑهه" چوندا هئا، ۽ هتي نائب ڪاردار رهندو هو. چيلهار ۽ ڪڏي جي قلعن اندر پاڻي پيڻ لاءِ کوهه هئا، جي اڄ تائين سلامت آهن. انهن سڀني قلعن جي بناوت. ساڳئي نموني جي هئي: سڀني پڪين سرن جا ۽ ٻاهريون پاسو چڻ ۽ ڪاري سان لٽل هون: هر هڪ قلعي جي اڏاوت تي انڪل اٺ لک ڪن روپيا خرچ ٿيل چيو وڃي ٿو.

---

(۱) ڪئپٽن ريڪس، "حالات ٽر ۽ پارڪر"، صفحي ۱۱۲ ۾ سال "۱۷۹۱ع" لکي ٿو.

(۲) "گزيٽيئر آف دي ڪنٽريز، انجينسٽ نو انڊيا آن نارٿ ويسٽ انڪلوڊين سنڌ"، مسٽر ايڊورڊ ٽارنٽن، ۱۸۴۵ع.

ننڍن ڪوٽ جو قلعو ووي مير ڪرم علي خان سال ۱۸۱۴ع ۾ ٺهرايو، هن جي ديگهه ۶۴۰ فوٽ، ۽ ويڪر ۶۰۰ فوٽ هئي. اهو سيني قلعن کان وڏو آهي. پٿيون اڇا ٻيٽيون آهن. انهن قلعن ۾ ساڳئي قسم جي مير ڪم آندل آهي، جا هاٿوڪي چالو ڪشتي وار سر (۱۲x۶x۳ انچ) کان ديگهه ويڪر ۽ ٿولهه ۾ گهٽ آهي.

انهن قلعن ۾ ميرن جا عملدار ڪجهه سپاهين سان رهندا هئا، ۽ٿن باروت وغيره به رهندو هو. چيلهار واري قلعي ۾ ٽوبون به رهنديون هيون، جن مان ڪيتريون اڄ ڏينهن تائين (۱۹۵۳)، چيلهار جي گوٺ ۾، قلعي جي پرسان کوهن تي پيون آهن. ۽ ٻيا گول لوهه جا گولا ـ اندران پورا، هڪ پاسي ٽنگ ڪيل، تور اٽڪل ۳۰ سير ڪن ـ به قلعي مان لڌا ويا آهن، جي اڇا گوٺ ۾ آهن، ڪيترا جوان هن وقت ڪسرت لاءِ استعمال ڪندا آهن.

اهي قلعا هاڻي ڏهڻ ويا آهن، ۽ انهن جون سرون شهر جي ماٺهن ڪٽي وڃي پنهنجيون جايون جوڙايون آهن، ۽ پوءِ ڪٽڻ تان انگريز سرڪار بندش وڌي، جنهنڪري هاڻي ڪوبه ماٺهو سرڪار جي منظوري کان سواءِ ڪٽي نٿو سگهي.

ميرن جو ريونيو سرشتو

ٽر ۾. ڪيتريون صديون، سوڍا، مڪاني حاڪم يا زمين جا مالڪ هئا. خانه بدوش پيل ۽ ڪي مسلمان به ملڪ ۾ رهندا هئا. واپاري طبقي جا ماٺهو به، زماني جي حالتن مطابق پيا ايندا هئا. بعد ۾ نهڙيا، وهما ۽ ڪوسا به سنڌ مان لڏي اچي ويٺا. ڪيترن سالن تائين، مڪاني سردارن ۽ قبيلن جا چڱا مڙس، گهٽو ڪري خود مختار رهندا هئا. وقت گذرندو ويو، تيئن تالپر گهراڻي جو پايو سنڌ ۾ پختو ٿيندو ويو. نيٺ حڪومت قائم ڪري ورتائون ۽ سوچاري فوج پنهنجي سڪي

قائم ڪرڻ لاءِ، ٿر ۾ موڪليائون. پنهنجي طاقت محڪم ڪرڻ لاءِ هنن ٿر ۾ مختلف جاين تي قلعا ٺهرايا، ۽ پوءِ ريونيو آفيسر يعني ڪاردار مقرر ڪيا، جي ڍل اڳاڙيندڙ هئا. ٽالپرن پنهنجي طاقت قائم ڪرڻ کان پوءِ مڪاني سردارن کي زير ڪري، کين ٿورو حصو ڍل جو ڏيئي، باقي پنهنجو قبضو ڪيائون.

سنڌ جا مير زمين جي پيدائش جو ٻه ڀاڱي پنج حصو وٺندا هئا، ۽ مڪاني سردارن کي چار آنا ٻنيءَ پويان ڏيندا هئا. پر پارڪر ۾ ائين ڪونه هو: اتي جي کوسن ۽ ويراواهه جي ٺڪرن وٽ ٻٽئي جو رواج ڪونه هو، تاهم ميرن جي لشڪر اچڻ سبب هو کين پنهنجو حاڪم تسليم ڪندا هئا، ۽ ڪڏهين ڪڏهين ڀر وارين حڪومتن، ۽ نئيڙ تائين ڦرمار ڪرڻ جون جهونيون ڪارگذاريون چالو رکندا هئا.

ٿر جي سوڍن مان، جي ٽالپر حڪومت سان وفادار رهيا، تن جي چارج ۾ نئون ڪوٽ، مٺي ۽ اسلام ڪوٽ جا قلعا رهندا هئا. هرهڪ قلعي ۾ هڪ قلعيدار ۽ ١٢ سپاهي رهندا هئا (١).

سنه ٣١-١٨٣٢ع ۾ ڏيپلي جي ٺڪرن کي ساليانو پينشن مقرر ٿي ملي. ڏيپلي ۽ ٻلهاري جا ماڻهو پيدائش جو ٽيون حصو ڏيندا هئا.

ٻاڪاسر جو چوهاڻ ٺڪر، ساليانو هڪ ڀلو آٺ ڍل جي عيوض ڏيندو هو. ٻنيءَ جي پيدائش جي ڪٿ ڪري پوءِ ڍل ورتي ويندي هئي، جا ڪٿ ميرن جو ريونيو آفيسر (ڪاردار)، اڪيلو يا مڪاني ماڻهن جي صلاح سان ڪري ڍل

---

(١) ڪئپٽن ريڪس جو "ميمائرس آف دي ٿر اينڊ پارڪر ڊسٽرڪٽ" صفحو ١٢-١٣-٣٤.

وصول ڪندو هو.

واهما قبيلو جيڪا زمين آباد ڪندو هو، ان مان هن کي ڍل جو حصو ملندو هو، جو ساليانو ١٧٥ رپيه هو، راهمن جي ارباب کي جيڪو ڪسٽم ڊيوٽي ۽ ڍل مان حصو ملندو هو، سو ساليانو ٥٠٠ رپيا هو، ۽ ڏيپلي تعلقي جي ٺڪرن کي ساليانو لوازمو ۽ اناج جو حصو، ٥١٥ رپين جو ملندو هو.

مياڻيءَ جي جنگ (١٨٤٣ع)

انگريزن کي، پهريائين، ميان غلام شاهه ڪلهوڙي ٺٽي ۽ شاهه بندر ۾ واپار جي ڪوٺين وجهڻ جي موڪل ڏني. ميان سرفراز خان وري اهي ڪوٺيون کڻائي ڇڏيون. وري ٽالپرن جي عهد حڪومت ۾، مير فتح علي خان اهڙي اجازت ڏني، ۽ هو سنڌ ۾ رهڻ لڳا. انگريزن، ميرن سان ١٨٣٢ع ۽ ١٨٣٨ع ۾ عهدناما ڪري سهوليتون ورتيون، ۽ هاڻي سندن لالچ به وڌندي رهي. ساڳئي وقت ميرن جي پاڻ ۾ ٻڌي به ڪانه هئي: حيدرآباد ۾، مير نصير خان ۽ مير صوبدار خان پاڻ ۾ ڦٽل هئا، خيرپور ۾، مير مراد علي خان گاديءَ جي لالچ تي پنهنجي ڀاءُ مير رستم خان جي برخلاف انگريزن جو پاسو ورتو. ميرپورخاص جو مير ٺارو خان وفات ڪري ويو هو، سندس پٽن جو حيدرآباد وارن ميرن سان ميل ڪونه هو- انگريزن کي اها سڀ خبر هئي. هنن جو ريزيڊنٽ ميجر آئوٽرام حيدرآباد ۾ ميرن وٽ رهندو هو، ۽ تازو سرچارلس نيپيئر کي ريڊيڊنٽ ڪري موڪليائون. هن اهو موقعو غنيمت سمجهي، ميجر آئوٽرام جي معرفت، سنه ١٨٤٢ع ۾، نئين عهدنامي تي ميرن کي صحيح ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو. ميرن لاچار ١٢- فيبروري ١٨٤٣ع جي صحيح وڌي. جنهنڪري، بلوچن ڪاوڙجي ميجر آئوٽرام جي ڇاوڻيءَ تي ١٥- فيبروري ١٨٤٣ع جي ڪاهه ڪئي.

ميجر آئونرام پاڻ بچائي پڄي سر چارلس نيپئر سان ڳڏيو، جو حيدرآباد اچي وهيو هو. هن کي ته اهو ٻڌائو ڪيندو هو. جنرل نيپئر حيدرآباد ڏي ڪاهي آيو. ميرن جو لشڪر مياڻيءَ وٽ ۱۷ــ فيبروري ۱۸۴۳ع جي انگريزن جي لشڪر جي سامهون ٿيو، جنگ لڳي، جنهن ۾ ميرن هار کاڌي. ۸ ــ فيبروري ۱۸۴۳ع جي ميرن، جنرل وٽ وڃي پيش پيا. ۲۱ــ فيبروري ۱۸۴۳ع جي جنرل نيپئر حيدرآباد جي قلعي تي يونين جئڪ جهنڊو چاڙهيو. ميرن نصير خان، ميرشهداد خان ميرحسن علي خان، ميرصوبدارخان ۽ ميرمحمد خان کي گرفتار ڪيو ويو.

هن لڙائيءَ جو ٻڌي، ميرپورخاص وارو ميرشيرمحمد خان، "شير سنڌ" پيش نه پيو، ۽ ۱۲ هزار فوج وٺي لڙائيءَ لاءِ نڪتو. دٻي جي ڳوٺ وٽ، مارچ ۱۸۴۳ع جنگ لڳي. ميرشيرمحمد خان هارائي پنجاب طرف مدد هٿ ڪرڻ لاءِ ويو، ۽ مندس ڀاءُ ميرشاهمحمد خان گرفتار ٿيو.

ميرشيرمحمد خان پنجاب مان قندهار ويو، مگر ڪٿان به مدد نه ملڻ ڪري، موٽي اچي پنجاب جي ليفٽيننٽ گورنر وٽ پيش ٿيو. انگريزن سندس ميرن کي پهريائين بمبئي، پوءِ ڪلڪتي روانو ڪيو، جتي ميرنصير خان، سنڌ جو آخرين تاجدار، هزاري باغ ۾، ۱۲۶۱ هجري مطابق ۱۸۴۵ع جي وفات ڪري ويو. ميرصوبدار خان، ميرمحمد خان، ۽ ميرشهداد خان به هڪ ٻئي پٺيان رحلت ڪري ويا، سندن لاش سنڌ ۾ آڻي دفن ڪيا ويا. ٻين ميرن کي ۱۲ سالن بعد سنڌ ڏي اچڻ جي اجازت ملي، جن مان ڪن کي جاگيرون ۽ پينشنون ملجون. ميرشيرمحمد خان به موٽي آيو، جتي ڪيس پينشن ملندي هئي. سنه ۱۸۶۷ع ۾ عمرڪوٽ ۾ مسٽر مانسفيلڊ ڪمشنر سنڌ، دربار ڪئي ــ جتي ڪيس "ستاره هند" جو تمغو ۽ "سر" جو خطاب ملجو. هي سر صاحب ۱۲۹۴هـ=

١٨٧٧ع ۾ پنهنجي وطن ميرپوخاص ۾ گذاري ويو.

١٢ـ مارچ ١٨٤٣ع جي، لارڊ ايلنبرو وائسراء هند جي شاهي اعلان سان، سنڌ انگريزي حڪومت سان ملائي وڌي، جنهنڪري ٽر وارو پاڳو به انگريزن جي هٿ آيو.

باب يارهون

انگريزن جي حڪومت

سنہ ۱۸۴۳ع ۾ انگريزن سنڌ جي حڪومت، ٽالپرن کي ميداڻيءَ جي لڙائيءَ ۾ شڪست ڏيئي، هٿ ڪئي. ان وقت ملڪ ۾ وڳوڙ پٽجي ويو. خاص ڪري ٺر ۽ پارڪر ۾ سوديا سولائيءَ سان آڻ مڃڻ وارا ڪين هئا. گورنمنٽ پنهنجي قبضي ڪرڻ لاءِ پنهنجا عملدار مقرر ڪيا. ۽ پوءِ سنہ ۱۸۴۴ع ۾ پارڪر ۽ ڪنڌي، يعني پلهياري، ڏيپلو، مٺي، اسلامڪوٽ، سينگارو، ڦيٽاپور، ويراواهه، آڏيگام، مام ڇيرو، پهراڻو، ڇوڙيو ۽ ساڪرويرو وغيره ڳوٺ ڪڇ جي اسسٽنٽ پوليٽيڪل ايجنٽ جي چارج ۾ ڏنائون، باقي ملڪ گڏڙو، ڄاڄرو، ڇيلهار ۽ ٻيو ٺر جو پاڳو، عمرڪوٽ سوڍو، حيدرآباد ضلعي مان لڳائي ڇڏيائون. ان وقت عمرڪوٽ تعلقي ۾ ڄاڄرو، ڇيلهار، ڏاهلي، ڪينجسر، گڏڙو، جهڏو، ڊينگاڻ، نٿون ڪوٽ، جيمس آباد، هريجي، شادي پلي، جهڙپي، غلام نبي شاهه، درٻيلو ۽ ڪنڊياري وغيره ڳوٺ پڻ هئا، اها حد ميرپورخاص جي ڊپٽي ڪليڪٽر کي ڏنائون.

پارڪر ۽ ٺر وارو پاڳو، جو ڪڇ مان لڳايل هو، سو ۱۸۴۳ع کان ۱۸۵۴ع (۱) تائين، اسسٽنٽ پوليٽيڪل ايجنٽ

---

(۱) "سنڌ گزيٽيئر"، مسٽر انٽڪن بحواله "هسٽري آف انڊينيشن"، جلد ٻيون.

جي هٿ هيٺ هو. پهريون ايجنٽ ڪٽڻن اسٽنلي نيپئر ريڪس هو، جنهن جو هيڈڪوارٽر پنج (ڪچ اسٽيٽ) ۾ هو. برساتي موسم ۾ ڪڏهين ڪڏهين مٽيءَ ۾ به رهندو هو، جتي خاص بنگلو ٺهيل هوندو هو، جو هاڻي ڏهي ويو آهي. هينئر ان هنڌ هڪ مهيشوري اتر چند ڪيتارام جي جاءِ آهي. اهو بنگلو هاڻوڪي ڏيارام جي ڏوڻ شالا جي اڀر طرف هو. سنہ ١٨٥٨ع ۾ ٽر وارو پاڳو حيدرآباد ضلعي سان گڏيو ويو.

سنہ ١٨٦٠ع ڪان ١٨٧٣ع تائين ليفٽيننٽ ڪرنل تروٽ ٽر ۾ امن امان قائم ڪرڻ لاءِ پوليٽيڪل سپرنٽيڈنٽ ٿي رهيو ۽ هن پاڳي کي "ايسٽرن سنڌ فرنٽيئر" جو نالو ڏنو ويو. ٽر ۽ پارڪر وارو ٽڪرو به، ١٨٥٨ع ۾ حيدرآباد ضلعي سان لڳائڻ بعد، تروٽ صاحب جي ٿي هٿ هيٺ آيو. هن جو هيڈڪوارٽر عمرڪوٽ ۾ هو. تروٽ صاحب ١٨٧٣ع تائين رهيو. ان بعد ليفٽيننٽ ڪرنل آر. آءِ ڪرافورڊ آيو، جو ١٢ سال ضلعي جو سربراهه رهيو. ان جي وڃڻ بعد مسٽر وانسن آيو، جو هڪ سال رهيو. ان کان پوءِ ڊاڪٽر هالن آيو، جنهن مٽي، ڪاچري، ڏيپلي ۽ ننگر پارڪر ۾ بزاريون ٺهرايون، جي هاڻي ڏهي ويون آهن. پر انهن جاين جا اڄ تائين نشان آهن: مٽيءَ ۾ ڊسٽرڪٽ بنگلي، مرداڻي پرائمري اسڪول ۽ هاءِ اسڪول جي وچ ۾، انهيءَ بازار جي ڏکڻ جاين جا نشان بيٺا آهن. ننگر پارڪر ۾ ڏکڻ جايون به آهن، انهيءَ کي "پالن بازار" چوندا هئا. هن جي وقت ۾ عمرڪوٽ ۾ مهاراڻي وڪٽوريا جي جُبليءَ وقت، سنہ ١٨٨٧ع ۾، شاهي دربار ٿي.

سنہ ١٨٨٢ع ۾ هي ضلعو انتظامي لحاظ کان حيدرآباد ضلعي کان ڌار ڪيو ويو، ۽ مٽس ڊپٽي ڪمشنر مقرر ٿيو. ان وقت منجهس هيٺيان ست تعلقا هئا: عمرڪوٽ، ناوو، سانگهڙ، مٽي، ڪاچرو، ڏيپلو ۽ ننگرپارڪر. انهن ۾ به تعلقا شامل ڪيا ويا،

پٹورو ۽ سنجهورو. ديڻي ڪمشنر جو هيڊڪوارٽر ساڳيو عمرڪوٽ
۾ هو.

سنہ ۱۹۰۴ع ۾ جيمس آباد نئون تعلقو ٺاهي شامل ڪيو
ويو. سنہ ۱۹۰۶ع تائين ضلعي جو هيڊڪوارٽر عمرڪوٽ هو،
ان بعد ميرپور خاص آندو ويو. ۱۹۰۷ع ۾ ميرپورخاص ۾
نئون حضور خزانو کوليو ويو، جو ڪم اڳي حيدرآباد جو
حضور ڊپٽي ڪليڪٽر ڪندو هو.

۱ـ نومبر ۱۹۱۲ع جي جمڙائو جي ڪالونائيزيشن آفيسر
جو عهدو ڪڍي، اها جاءِ بند ڪري، ٽرپارڪر ۽ حيدرآباد
ضلعن مان نئون ضلعو نواب شاهہ ٺاهيو ويو. انهيءَ ڦيرگهير ۾
حيدرآباد ضلعي مان ڏهڙي تعلقو ٽرانسفر ڪري ٽر ضلعي کي
ڏنو ويو، ۽ ٽر ضلعي جو سنجهورو تعلقو نواب شاهہ ضلعي کي
ڏنو ويو، ۽ ضلعي جي وڏي حاڪم جو عهدو ڊپٽي ڪمشنر
مان ڦيرائي ڪليڪٽر ڪيو ويو، ان وقت کان وٺي هن
ضلعي ۾ ٽي سب ڊويزنون ۽ ياروهن تعلقا آهن.

اپريل ۱۹۴۶ع ڪان، سانگهڙ ۽ ڪپرو تعلقا جني، ٻيا
کي نواب شاهہ ضلعي جا تعلقا ڪڍي، نئون سانگهڙ ضلعو ڪيو
ويو، مگر ڪجهہ وقت بعد اهو ضلعو بند ڪري، تعلقا واپس
ضلعن کي ڏنا ويا سيپٽمبر ۱۹۵۳ع ۾ وري سانگهڙ ۽ ڪپرو
تعلقا جدا ڪري نئين ضلعي سانگهڙ سان ملايا ويا آهن.

ٽر جو ڊپٽي ڪليڪٽر، ٻوڙي ٻيا سي، عملدار ميرپورخاص
۾ رهن ٿا، باقي تعلقن جا مختياڪار اتي ئي ٻنهنجي تعلقي
هيڊ ڪوارٽرن ۾ رهن ٿا.

انگريزن سنڌ ۱۸۴۳ع ۾ ميرن کان فتح ڪئي. ۱۸۴۳ع
کان ۱۸۴۷ع تائين سر چارلس نيپيئر سنڌ جو گورنر هو. ان
بعد سنڌ بمبئي ڪاٽي سان لڳائي ويئي، ۽ ڪمشنر صاحب جي

هٿ هيٺ رهي. پهريون ڪمشنر مسٽر پرنگل هو، جو بمبئي جي گورنر جو زبردست هو. اهو عهدو هلندو آيو. سنہ ١٩٣٥ع جي، گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ موجب وري سنڌ بمبئي کان ڇني ڏار علائقو ڪيو ويو ۽ اپريل ١٩٣٦ع کان گورنر صاحب مقرر ٿي آيو. پهريون گورنر سر لانسيلاٽ گرهام هو. اهو عهدو هاڻي هليو اچي. گرهام صاحب کان پوءِ سر هيوبرٽ سرفرنسز مڊي، پوءِ شيخ غلام حسين هدايت‌الله (پهريون سنڌي مسلمان بئريسٽر). سنہ ١٩٤٧ع ۾ پاڪستان ٿيو. پوءِ جسٽس دين محمد صاحب آيو، پوءِ مسٽر امين‌الدين، پوءِ جسٽس ڪانسٽنٽائين (سنڌ چيف ڪورٽ جو چيف جج) ڪجهہ وقت رهيو، ان بعد مسٽر حبيب ابراهيم رحمت‌الله صاحب آگسٽ ١٩٥٣ع ۾ گورنر مقرر ٿيو ۽ ان بعد نواب افتخار حسين ممدوٽ گورنر ٿيو. ١٤ـ آڪٽوبر ١٩٥٥ع تي سنڌ، پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان صوبن ۽ ملائي مغربي پاڪستان صوبو بنايو ويو.

مهاراجا جوڌپور جي عمرڪوٽ هٿ ڪرڻ لاءِ ڪوشش

انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ بعد، جوڌپور جي مهاراجا تخت سنگ، انگريزن سان ٿيل عهدنامن: ١٨١٨ع، ۽ ٢٤ سيپٽمبر ١٨٣٩ع موجب، عمرڪوٽ جو قلعو ۽ پر وارو ملڪ ڪانڙ، طلب ڪيو، تڏهين سرڪار ڪين جواب ڏنو تہ عمرڪوٽ جو قلعو اسان جي گهٽي ڪم ايندو، ۽ انهيءَ قلعي مان اوهان کي ڪنهن خاص فائدي ٿيڻ جهڙي ڳالهہ ڪانهي. ازان سواءِ، اوهان انهيءَ ضلعي ۾ امن امان قائم رکي نہ سگهندؤ، انهيءَ ڪري قلعو ۽ ضلعو اسان جي ئي قبضي ۾ رهندا. توهان کي انهيءَ ڪري جيڪو نقصان پوندو، سو پري ڏيڻ لاءِ تيار آهيون. سرڪار جي اهڙيءَ وکائيءَ واري نيتيءَ تي مهاراجا

بلڪل حيران ٿيو، پر لاچار ماٺ ڪرڻي پيس. هليل لکپڙه مان ڪن ٽڪرن جو ترجمو هيٺ ڏجي ٿو:

لارڊ ايلنبرو پنهنجي ليٽر نمبر ٤٤٤، تاريخ ١٧ـ اپريل ١٨٤٣ع، ۾ آگري مان سرچارلس نيپيئر کي هن ريت لکيو ته "اسان کي عمرڪوٽ بابت خبر پيئي آهي ته پنهنجن فوجن ٤ـ اپريل ١٨٤٣ع جي والاريو آهي، ۽ جوڌپور جو راجا خواهشمند آهي ته هن کي عمرڪوٽ جو قبضو ملي، جو ٤٠ سال اڳ هن جو هو. مون کي ڪو اعتراض ڪونهي ته ڪو عمرڪوٽ هن کي نه ملي، بشرطيڪ ٻن ڳالهين بابت هو تسلي ڏيئي سگهي:

١ـ هو ملڪ تي مڪمل قبضو رکي سگهندو، ۽ امن امان قائم ڪري سگهندو.

٢ـ هو آفيم جي لڪچوري روانگيءَ کي روڪي سگهندو." (١)

جوڌپور جي پوليٽيڪل ايجنٽ آءِ. لڊلو صاحب پنهنجي ليٽر نمبر ٣٢٧، تاريخ ٩ سيپٽمبر ١٨٤٣ع، ۾ سنڌ سرڪار جي سيڪريٽري ڪئپٽن اي. آءِ برائون کي هن ريت لکيو ته "اسان کي اجازت ڏيو ته قلعي کان سواءِ باقي ملڪ، مهاراجا جون فوجون والارين، جو هن کي خاطري ڏنل آهي، ته توهان جو اصلوڪو ملڪ توهان کي موٽائي ڏبو." (٢)

سرچارلس نيپيئر صاحب ليٽر نمبر ١٠٠، تاريخ ١٩ـ سيپٽمبر ١٨٤٣ع، ۾ آءِ ٿامسن سيڪريٽري گورنمينٽ آف انڊيا کي لکيو ته هو عمرڪوٽ جي راڻي، ڇاڇري ۽ چيلهار جي

---

(١) "سليڪشنس فرام دي پري ميوٽني رڪارڊس آف دي ڪمشنران سنڌ"، جلد VIII، ٿرپارڪر ڊسٽرڪٽ، ص ٣٠٩

(٢) "سليڪشنس فرام دي پري ميوٽني رڪارڊس آف دي ڪمشنر اِن سنڌ"، ۽ جلد VIII، ٿرپارڪر ڊسٽرڪٽ، ص ٣١١.

سوڍن، ۽ ٻين ٺڪرن جي درخواست جو نقل موڪلي ٿو جنهن ۽ هو ڄاڻائين ٿا ته اسان جوڌپور دربار جي زيردست نه رهنداسون. هن درخواست ۾ مير صاحبن جي حڪومت جي ظلم جو ذڪر ۽ انگريزن کان انصاف جي گهر وارا فقرا، ظاهر آهي ته نئين حڪومت جي خوشنوديءَ خاطر درج ڪيل آهن.

(درخواست جو نقل)

"جناب معلي القاب نواب گورنر صاحب سنڌ

قديم زماني کان وٺي عمرڪوٽ، ان سان لاڳو علائقو، ۽ ٿر، اسان جي ابن ڏاڏن جي حوالي هئا: ڪلهوڙن اسان کان اهو ملڪ ٦٠ سال اڳ ورتو، ۽ جوڌپور جي راجا کي ڏيئي ڇڏيو، جنهن وٽ ٣٠ سال قبضي ۾ رهيو، ۽ حيدرآباد جي ميرن ان تي قبضو ڪيو، ۽ اسان کي اسان جي زمين پنڌ رهن سالن تائين ڍل ڏيڻ کان سواءِ قبضي ۾ هئي. پوءِ مير صاحبن ڍل جي گهر ڪئي ۽ اسان ۾ طاقت نه هئي جو وڙهي سگهون، سو اسان ڍل ڏيڻ قبول ڪئي. هنن ساڳيءَ ريت ٻي رعيت وانگر ڍل جي گهر ڪئي، پر سندن ڪاردارن اسان کي وڌيڪ ڦريو ۽ اسان کي ڪٽائي ڇڏيائون - اسين هاڻي عرض ٿا ڪريون ته اسان جي وڏن جي زمين اسان کي واپس ملي.

"ٻروچن ٿر جي کوهن تي زوري قبضو ڪيو، جن کي کوٽائڻ لاءِ اسان پنهنجو ڌن خرچ ڪيو هو، پر اسان کي طاقت نه هئي، جنهنڪري خاموش رهياسون، پر هاڻي اوهان کي استدعا ٿا ڪريون ته اسان سان انصاف ڪريو. رند ۽ کوسا اسان کي ڦريندا اچن ٿا: اسان جي مکيه ملڪيت آٺ آهن، جي انهن ڪئين دفعا اسان کان چورايا ۽ ڦريا آهن. هنن تازو گذريل ٿوري وقت ۾ اسان جو هڪ آٺ ۽ هڪ گهوڙو چورايو

آهي. اسان جي خواهش آهي ته اسين برٽش گورنمينٽ جي زير سايه رهون، ۽ نه جوڌپور حڪومت جي. جنهن وقت جوڌپور جو راجا عمرڪوٽ جو والي هو، ان وقت فقط قلعو سندس حوالي هو، باقي چوڌاري زمين جا مالڪ اسين هئاسون، ۽ اسان کي اميد آهي ته اها اسان ضرور حاصل ڪنداسون(١).
تاريخ ١٦ سيپٽمبر ١٨٤٣ع

صحيح راڻو مهراج (عمرڪوٽ)، صحيح مولجي ۽ شامسنگ سوڍو (ڇاڇرو)، صحيح اکيراج ۽ مانسنگ سوڍو (چيلهار)."

آخر ۾ گورنمينٽ آف انڊيا جي انڊر سيڪريٽري مسٽر ڊبليو. ايڊورڊس، پنهنجي ليٽر نمبر ٧٠٥ تاريخ ١٤- مارچ ١٨٤٥ع ۾، ڪئپٽن اي. آءِ. برائون سيڪريٽري سنڌ گورنمينٽ کي لکيو، جنهن ۾ عمرڪوٽ جو آخرين فيصلو هن ريت ڪيل آهي ته

"اوهان جي هليل لکپڙهه مان معلوم ٿئي ٿو ته عمرڪوٽ جو قلعو جوڌپور جي راجا جو حق نه آهي" (٢).

راڻو رتن سنگ

انگريزن جي حڪومت جي شروعات ۾ ملڪ ۾ وڳوڙ هو. سوڍا سولائيءَ سان آڻ مڃڻ وارا ڪين هئا. ان وقت ٿرپارڪر جو حاڪم تروٽ صاحب هو. هن صاحب نهايت سياڻپ ۽ نياءُ سان ملڪ ۾ امن امان قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. کيس خبر ملي ته ٿر ۾ سوڍا بنا ليسن هٿيار رکن ٿا، ڪراڙن

---

(١) "سليڪشنس فرام دي پريميوٽني رڪارڊس آف دي ڪمشنر اِن سنڌ"، جلد VIII، ڊسٽرڪٽ ٿرپارڪر، صفحو ٣١٣.

(٢) "سليڪشنس فرام دي پريميوٽني رڪارڊس آف دي ڪمشنر اِن سنڌ"، جلد VIII، ڊسٽرڪٽ ٿرپارڪر، صفحو ٣٣٨.

۽ ٻين قومن تي سندن ڪي ٻنڌياڻ ٻڌل آهن، جي هو وصول ڪن ٿا. تنهنڪري هن سوڍن کي ٻنڌياڻ اڳاڙڻ ۽ بنا ليسن هٿيار رکڻ کان منع ڪئي، ۽ حڪم ڏنائين ته آئيندي پرواني کان سواءِ هٿيار نه رکو. اها ڳالهه ڪن سوڍن کي ڪانه وڻي، تن حڪم جي انحرافي ڪئي. ان وقت عمرڪوٽ جي گاديءَ تي راڻو مهراج هو. هو نهايت صلح پسند ماڻهو هو، ۽ دل ۾ به سمجهي رهيو هو ته انگريزن سان پڄي ڪونه سگهنداسون، تنهنڪري خاموش رهڻ ۾ بهتري آهي.

راڻي مهراج جو سؤٽ، راڻو رتن سنگ پٽ راڻو انند سنگ دل جو دلير ۽ حشمت وارو جوان هو. انگريزن جي صاحبي ۾ راڻن جي عزت ۽ آزاديءَ جو خاتمو ٿيل ڏسي خار کائڻ لڳو، ۽ ماٺ ڪري ويهڻ پنهنجو مرڪ نه ڄاتائين. هو يڪدم ڪراڙن وٽ ويو ۽ هنن کي چيائين ته هاڻي برابر انگريزن جي صاحبي سنڌ ۾ آهي، مگر ٿر ۾ اسان راڻن جو راڄ قائم سمجهڻ کپي، تنهنڪري پنهنجا ٻڌل ٻڌياڻ دستور موجب ڏيندا اچو، نه ته توهان کي چڱائي نه رسندي. ڪراڙن انگريزن جي حڪومت ۾ پاڻ کي سلامت سمجهي، ڀانيو ته هاڻي راڻن جو ڪهڙو زور هلي سگهندو، تنهنڪري هنن ٻنڌياڻ ڏيڻ کان انڪار ڪيو. انهيءَ تي راڻي رتن سنگ کي نهايت ڪاوڙ لڳي. راڻن سان ڀيل ۽ ٻيا ڪيترا ماڻهو پوءِ به ٻڌل هوندا هئا، تن جي مدد سان راڻو رتن سنگ ڪراڙن تي ڪاهي ويو، ۽ سندن عورتون ۽ ڇوڪرا زبردستي چيلهار (١) ۽ ڇوڙ مان کڻائي ويو. ڪراڙن کي چيائين ته هي مون کي پنهنجن ٻچن سمان آهن، مگر جيستائين اسان جا ٻڌل ٻنڌياڻ نه ڏيندا، تيستائين موٽائي ڪونه ڏيندس. ڪراڙن آخر پئسا

---

(١) انهن جا نالا "ملهيو" ۽ "هانسي" هئا.

ڏيئي پنهنجون زالون ۽ ٻار ڇڏايا، مگر تروٽ صاحب کي دانهن ڏنائون ته اسان سان هي ظلم ٿيو آهي.

تروٽ صاحب سرڪاري عملدار راڻي رتن سنگ جي پٺيان ڇڏيا، مگر هو ڪنهن اهڙي هنڌ وڃي لڪو، جتي ڪنهن کي به سندس پتو ڪونه پيو. مکيه سوڍا جيتوڻيڪ ظاهري طرح هن سان شامل ڪين هئا، ته به انهن کي سرڪار طرفان "ساڙهي جي ربت" بند ٿيڻ ڪري رنج هو. راڻي رتن سنگ جي چورتي پوءِ ساري ٿر ۾ سنه ١٨٤٦ع ۾ زبردست گوڙ متو، پر تروٽ صاحب دوراندیشيءَ کان ڪم ورتو. ماڻهن کان سموري حقيقت وٺي، هنن کي اهنجن ايذائن لاهڻ جا انجام ڏيئي ماٺ ڪرايائين. پر ايترو سمجهيائين ٿي ته جيستائين راڻي رتن سنگ کي راضي نه ڪبو، تيستائين ٿر ۾ هڪ نه ٻيو وڳوڙ هليو ايندو.

تروٽ صاحب پوءِ راڻي جي ڳولا لاءِ ڏاڍا حيلا هلايا، پر، پتو ڪونه پيس آخرڪار راڻي جي هڪ گهري. سنگتي، جو هڪ بنگلاڻي مسلمان هو، تنهن تي زور آندائين. هن مڙس، تروٽ صاحب کي چيو ته راڻو رتن سنگ حاضر ڪري ڏيندس، پر شرط آهي ته سندس وار جو به نالو نه وٺندا. تروٽ صاحب اهڙو انجام ڏنو. تنهن تي هو جوان ويو ۽ راڻي کي تروٽ صاحب وٽ وٺي آيو.

تروٽ صاحب عمرڪوٽ واري قلعي ۾ راڻي کي گهرايو ۽ کيس چيائين ته فساد فتني مان ڪجهه ٿيڻو نه آهي. باقي اوهان کي جي اسان جي حڪومت ۾ ڪو اهنج ايذاءُ هجي ته اهو بلاشڪ ٻڌايو، آءٌ گهڻي خوشيءَ سان هر طرح ڪوشش وٺي ان جو اپاءُ ڪندس.

راڻي رتن سنگ چيس ته 'اڪبر بادشاه جي ڏينهن کان ٿر ۾ ڍل جو نالو به ڪونهي، پوءِ اڄ جو اوهين ڍلون ٿا

گهرو مي اسين ڪيڻ ڏيندا سون. اسان جون جيڪي زمينون هيون، مي اج اوهين پنهنجي ملڪيت ڪري ويٺا آهيو ؛ اسان ڪي وڳو ٿورا نمبر ڏنا اٿو، تنهنڪري هاڻي به ڏل نه ورتي وڃي ؛ اسان جون زمينون اسان کي موٽي ملن. پيو ته ڪراڙن ۾ جڏهين ڪو وهانءَ ٽيندو هو، تڏهين اسان کي سادا ڇهه روپيا "ساڙهيءَ جو پنڌياڻ" ملندو هو، هينئر توهان بند ڪرايو آهي، اهو اسان کي وري ملڻ گهرجي. ٽيون ته اڳي ڪنهن ڪراڙ وٽ وڃي منزل ڪندا هئاسون ته هو سمورو بندوبست ڪندو هو، جنهنڪري ڪاٻي، گاهه، پاڻي، داڻي ۽ ماني ٽڪيءَ جو اسان کي سهنج هوندو هو. چوٿون ته ڪراڙن کي قرض اڳاڙي ڏيندا هئاسون ته هو وصولي پٽيان سَو تي هڪ روپيه اسان کي ڏيندا هئا، يا لوڻي، ڪمر يا ٻي سوغات اسان کي ڏيندا هئا، اڄ اوهين پنهنجيون ڪورٽون ۽ عدالت خانا کولي ويٺا آهيو ته پوءِ اسان کي ڪير پڇندو؟ تنهنڪري هاڻي به اهي لوازما اسان کي ملندا رهن، ۽ انهن تي بندش نه پوي. اسان جو گادي نشين واڏو مهراج ٽڏو ٺڪر آهي، سو پلي صبر ۾ رهي، سڀ حالتون سهي وڃي، مگر سون کان اهي سٽيون ڪين ٽيندیون، آڳ انگريزن جو غلام ٿي ڪين رهندس، ۽ وڃي ڪنهن ڏيهي رياست ۾ گذاريندس."

تروٽ صاحب ڏٺو ته مڙس ۾ اڃا ڄڃهو جوش آهي، تنهنڪري کيس دلداري ڏيئي چيائين ته سون کان جيڪي پڇي سگهندو سو اوهان راڻن لاءِ ڪندس.

تروٽ صاحب پوءِ پنهنجي انجام پاڙڻ لاءِ گورنمينٽ مان ستٽين باري ۾ لکپڙهه ڪئي. ان وقت سنڌ ڏار پرڳڻو هو ؛ ان جو گورنر سرچارلس نيپئر صاحب هو، ان جي بحالي ۾ حيدرآباد جي ڪليڪٽر صاحب جي حڪم مان تاريخ ۱۴ـ مئي سنه ۱۸۴۷ع جي واڌي کي فرسٽ ڪلاس پوليٽيڪل

جاگير ڏني ويئي، جا عمرڪوٽ کان ۵ ميل اتر طرف ڳوٺ ڪاروڙي کان ۲ ميل پنڌ تي آهي، جنهن جي ايراضي ۲۰-۵۸۳۹ ايڪڙ آهي ؛ جنهن جي ڏل پٽ معاف آهي، مگر آباد ايراضي جو حقابو (پاڻي جو عيوضو) ؛ لوڪلفند ڏيڻا پوندا آهن. هن وقت آتي موجوده راڻو چندر سنگ پٽ ارجن سنگ وهندو آهي ؛ ڳوٺ "راڻو جاگير" سڏجي ٿو.

مهيشورين کان وهاڻ وقت ملندڙ "ماڙهي جي پنڌ ڀاڻ" جي عيوض ساليانو ۷۰۰ روپيا خراج شاديءَ جو پٽ منظور ڪرائي ڏنائين، جو هميشه ملندو هو، جي هو پاڻ ۽ حصا ڪري ورهائي ڪٽندا هئا.

۷۰۰ روپيا ماڙهيءَ جي عيوض، ؛ زمين ۽ ڏلن جي عيوض ڏل معاف وڏي جاگير عنايت ڪرڻ کان پوءِ، تروٽ صاحب پانيو ته راڻو رتن سنگ هاڻي خوش ٿيو هوندو، سو ڪيس گهرائي چيائين ته هاڻي ته اوهين خوش آهيو؟ راڻي رتن سنگ وراڻي ڏني ته سرڪار جي مهرباني لاءِ آءٌ سرڪار ۽ اوهان جو ٿورائتو آهيان، مگر هڪ گالهه به چوندس، جي سرڪار جي مرضي هجي ته چوان. تروٽ صاحب ڪيس چيو ته بلاشڪ چئو.

راڻو چوڻ لڳو ته اوهان جي حڪومت هوندي به اڄا اسان جو واسطو آهي، تنهنڪري اهڙي ڪا گالهه ڪريو جنهن مان ڪاڙ ۽ ٻيا ماڻهو سمجهن ته انگريز سرڪار جي صاحبي هوندي به اسان راڻن جو حڪومت ۾ ڪجهه واسطو آهي. تروٽ صاحب اها به گالهه منظور ڪئي ؛ ڙي ۽ جيڪو نول (سونگي) يا ڪسٽم ڊيوٽي اڳرندي هئي ان جو حصو ۷-۱۳-۹۸ روپيا به ڏياريائين، اهو سونگ جيتوڻيڪ ٿورو هو ته به راڻن انهيءَ رقم ملڻ ۾ پنهنجو شان ئي سمجهيو. اهي ۷۰۰ روپيا ماڙهيءَ جا ؛ ۷-۱۳-۹۸ روپيا ڪسٽم ڊيوٽي جي عيوض، بعني

جملي ۷۰-۱۳-۷۹۸ روپيا مقرر ڪري ڏنا ويا، جي اهي پاڻ ۾ ووهاست ڪري ڪڍندا هئا (۱).

مطلب تہ ترڻ صاحب ملڪ ۾ امن امان قائم ڪرڻ ۽ راڻي جي دل وڻڻ لاءِ هر ممڪن آپاءُ ورتا ۽ ترت ئي ناري ڊويزن جي ڳل جو مقاطعو سنہ ۱۸۵۰ع کان ۱۸۵۴ع ڪائين، ۵ سالن لاءِ راڻي رتن سنگ کي ڏنو. راڻو ۽ سندس عزيز انهيءَ مقاطعي جا پئسا قسطون ڪري سرڪار کي پهچائيندا هئا، ۽ پاڻ زميندارن کان مقرر حصو سندن پيدائش جو تخميني روءِ حساب ڪري ڳل طور وڍندا هئا. انهيءَ مقاطعي ملڻ ڪري راڻن انهن پئي جاتو تہ ڏر ۾ وري بہ اڳئين وانگر امان جو واڄ آهي، ۽ هينئر وري بہ سڀئي رعيتي ماڻهو راڻي کي عزت ڏيڻ لڳا ۽ راڻو رتن سنگ بہ خوش رهيو.

رتن سنگ کي ڦاسي: عمرڪوٽ تعلقي ۾ شهر کان ۳ ڪوهہ پري ڪيجڙي جو ڳوٺ آهي. انهيءَ ڳوٺ ۾ سيد رهن ٿا. انهن ڏينهن ۾ هاڪارو سيد محمد علي شاهہ هوندو هو. راڻي جو ۵ سالو مقاطعو سنہ ۱۸۵۴ع ۾ پورو ٿيو، تہ سيد محمد شاهہ سرڪار کي درخواست ڪئي تہ ڏر ۾ ڏاڻن اڳاڙڻ جو مقاطعو مون کي ملي ۽ آڳ ان جي عيوض ۱۷ هزار روپيا ڏيندس. تروٽ صاحب راڻي رتن سنگ کي گهرائي چيو تہ اسان کي مغرهن هزارن جي آڇ آئي آهي، جيڪڏهين ايترا پئسا اوهين ڏيو تہ اول حق اوهان راڻن جو آهي، نہ تہ سرڪار کي نقصان ڪونہ وجهبو ۽ مقاطعو سيد کي ڏبو. راڻي کي اهو مقاطعو اصل ڇهن هزارن ۾ مليل هو، تنهن ۱۷ هزارن ۾ ڪٽڻ قبول نہ ڪيو ۽ مقاطعو سيد محمد علي شاهہ کي مليو. سيد محمد علي شاهہ جو چڙهت ڪري مقاطعو ڪنيو هو، تنهنڪري راڻي کي ڏاڍا خار لڳا ۽

---

(۱) "امرڪوٽ اتهاس"، صفحو ۹۰

ٻنهي جي وچ ۾ ناسازي ٿي پيئي، جنهن ۾ ٻيا به سبب چوڻ ۾ اچن ٿا. جيئن ته انهيءَ وقت عمرڪوٽ ۾ نارائڻ داش بوهرو پشڪرڻو برهمڻ زبردست هلنديءَ وارو هو، جنهن جي رتن سنگ سان ڪيتري وقت کان ناسازي هلندي پئي آئي. هن جي سيد محمد علي شاهه سان دوستي هئي، جنهن شاهه کي پئسي جي مدد ڪرڻ جو انجام ڏيئي، مقاطعي کڻڻ لاءِ تيار ڪيو. هن جو مقصد هو ته جيئن رتن سنگ جي بچيل عزت به خاڪ ۾ ملايان وغيره. انهيءَ وچ ۾ هڪ ڏينهن عمرڪوٽ ۾ سيد محمد علي شاهه ڪنهن ڪم ڪار لاءِ آيو ۽ راڻي رتن سنگ سان ڳالهيون ڪندي پاڻ ۾ تيکا مٺا ٿيا. سيد، راڻي جي ڪا پرواهه نه ڪئي، جنهنڪري راڻو نهايت ڪاوڙيو. انهيءَ مهل ته کڻي ماٺ ڪيائين، پر کانئس ويـر وٺڻ جو موقعو ڳولڻ لڳو.

ٿر جي ٻنين ۾ لابارا شروع ٿي ويا هئا. سيد محمد علي شاهه هڪڙي مڪان مان ٻئي مڪان ۾ وڃي پيدائش جا تخمينا ٻڌي ڍل وصول ڪري رهيو هو. ساڻس گڏ سندس ڪي نوڪر چاڪر هئا. هو جڏهين عمرڪوٽ هيڊ ڪوارٽر ڇڏي پري ٿيا، تڏهين راڻي رتن سنگ وير وٺڻ جو چڱو موقعو ڏسي، پنهنجن ماڻين کي پنهنجي ارادي مان واقف ڪري ساڻ هلڻ لاءِ چيو. انگريزن ملڪ تي مڪمل قبضو ڪري ورتو هو. چوڌاري صلح سانت هو، ڦريون ۽ ڌاڙا بند ٿي ويا هئا. ڪنهن کي مجال هئي جو رتن سنگ سان گڏ وڃي سيد محمد علي شاهه جي خون ۾ شريڪ ٿي پاڻ کي ڦاسي تي لٽڪائي، ۽ پنهنجن پوين لاءِ به مصيبت پيدا ڪري! انهيءَ ڪري فقط هڪ ڀڳو نالي سنگرامي، رتن سنگ سان گڏ روانو ٿيو. منجهند جي مهل هئي. سيد محمد علي شاهه ڳوٺ "مونڌا" ۽ "واوڙي" جي وچ ۾ هڪ ٻنيءَ ۾ تخمينا ٻڌي رهيو هو. رتن سنگ سندس تيز رفتار

گهوڙي ـ جا ڍاٽ پرڳڻي ۾ مشهور هئي ـ کي ڊوڙائي، سيد محمد علي شاهه کي ويجهو اچي پهتو ۽ سيد محمد علي شاهه کي بندوق هڻي خون ڪري جوڌپور طرف ڀڄي وڃڻ جو رخ ڪيائين. جلدئي اها خبر عمرڪوٽ پهتي. تروٽ صاحب چوڌاري پوليس رواني ڪئي ۽ ڏيهي رياستن جي حاڪمن کي به خط لکيائين ته هنن پارن سان رتن سنگ نالي هڪ سوڍو خون ڪري ڀڄي ويو آهي، سو جيڪڏهين اوهان جي حد ۾ اچي ته هن کي گرفتار ڪري اسان ڏي موڪلجو.

رتن سنگ راجپوتانا ڏي رخ رکندو ڀڄندو پئي ويو. عمرڪوٽ کان اٽڪل هڪ سو ڪوهن جي مفاصلي تي ٿڪ سبب گهوڙيءَ تان لهي کيس وڻ سان ٻڌي پاڻ ڇانوَ ۾ ليٽي پيو. ٿوريءَ مهل کان پوءِ سندس گهوڙيءَ هڻڪار ڪئي ۽ دڙا هڻڻ لڳي، راڻو جاڳيو، اٿي هيڏانهن هوڏانهن نهاريائين پر ڪجهه به ڏسڻ ۾ ڪونه آيس. تڏهين گهوڙيءَ جي پٺي ٽپري وري به سمهي پيو. حقيقتاً راڻي کي پڪڙڻ لاءِ پوليس جو اٽالو پريان پئي آيو، اهو ڏسي گهوڙي هن کي جاڳايو ٿي. بس، ترت ئي پوليس اچي مٿان پيئي، جنهن کيس ننڊ ۾ ئي گرفتار ڪري ورتو. راڻي کي گرفتار ڪري تروٽ صاحب وٽ وٺي آيا ۽ اهو ڪيس سرڪار جي پيش ڪيو ويو. اتان حڪم اچڻ تي کيس عمرڪوٽ جي قلعي ۾ سنبت ١٩٢٣=١٨٦٦ع جي ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو.

چون ٿا ته راڻي کي ڦاسي چاڙهڻ کان ٿورو اڳ سرڪاري تار پهتي، ته اهڙي بهادر کي ڦاسي نه ڏني وڃي. مگر افسوس، جو اها تار ڳوٺ جي ڪن هلنديءَ وارن برهمڻن جي بندوبست سان ايترو وقت روڪي ويئي جيتري، ۾ راڻي کي ڦاسيءَ تي لٽڪايو ويو.

”مالهي کتري مهاجن سگهڙي سڙيل جات،
مڻ ڌاري نان مارايو اونئان نان ڦيرا لعنت لاک.“

پوءِ جڏهين اها تار تروٽ صاحب کي پهچائي ويئي، تڏهين ڏاڍو افسوس ٿيس. راڻي رتن سنگ جي بهادريءَ بابت اڄ تائين مارواڙ ۽ ڍاٽ ۾ ڪيترا گيت ۽ دوها چوندا آهن.

”ڪي ڪي نرڪنپين جيوتڙا ڪرين جتن،
سوڍا مين سر سور رنگ سوڍا رتن.“

وفادار گهوڙي. راڻي رتن سنگ جي گهوڙي، جي ڳالهه اڳوڻي ڌرسي ٽئين ڪتاب ۾ پڻ آهي. راڻي کي گرفتار ڪرڻ کان پوءِ سندس گهوڙي به ضبط ڪري نيلام ڪئي هئائون، جا هڪ سوناري خريد ڪئي. سوناري انهيءَ گهوڙيءَ جي گهڻي ئي خدمت ڪئي، ۽ جهجهو گاهه داڻو کائڻ لاءِ ڏيندو هوس. پر راڻي رتن سنگ جي منهن ڏسڻ ڌاران گهوڙي سڀ کاڌو پيتو حرام ڪري سمجهيو. ۽ چون ٿا ته اها گهوڙي آخر سوناري جي گهران ڇنائي اتي ڀڳي، ۽ عمرڪوٽ جي قلعي جو دروازو بند هئڻ ڪري، مٿي چڙهڻ جي ڪوشش ڪندي ڦٽڪي ڦٽڪي مري ويئي. اڃا تائين قلعي جي مکيه دروازي جي ٻاهران ڀت تي نشان ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جي چون ٿا ته انهيءَ گهوڙيءَ جي سنبن جا آهن.

رتن سنگ جا پويان راڻي رتن سنگ کي ٽي پٽ، موهڙ سنگ، رڻجيت سنگ ۽ جيوراج هئا، جن مان موهڙ سنگ ۽ رڻجيت سنگ بنا اولاد مري ويا. باقي جيوراج کي ٻه پٽ ڀيرجي ۽ سونجي ٿيا. جن مان ڀيرجي حيات آهي ۽ سونجي کي هڪ پٽ سوائي سنگ آهي، جو تمام بردبار ۽ دور انديش آهي. اهي عمرڪوٽ کان ۴ ميل پري پنهنجي زمين ۽ ڳوٺ ديهه سونپور ۾ رهن ٿا. سندس ڀرسان ساڳئي ديهه ۾ ٻيا سندس سؤٽ به ڌار ڌار پنهنجن ڳوٺن ۾ رهن ٿا.

ننگر پارڪر ۾ بغاوت (۱۸۵۹ع)

انگريزن جو ملڪ ۾ مڪمل ضابطو ٿيڻ ڪري ويو، ۽ اڄا. پارڪر جا سوڌا زور هٿ، جن انگريزن جي صاحبيءَ هوندي به پاڻ کي اتي جو حاڪم پڻي سمجهيو، ۽ هيٺئن گالهين جي ڪري هنن جي دل ۾ بغاوت جوش ڪاڌو:

۱ــ سنڌ جي فتح وقت ميرن جي ستندَ موجب راڻو "ڪرڻجي" راڻپور ۽ سوراڇند جي ڳوٺن، ۽ اڌ شهر جي ڏيوڙي، ۽ ٽرانس ڏيوڙي پارڪر جو حقدار هو. ويراواهه جي سوڊي کي اهو ڳوٺ معافيءَ ۾ مليو هو ۽ اڌ شهري محصول به ملندو هئس، ۽ پنهنجي علاقي جي آباد زمين جي ڏل جو ڇوٽون حصو ۽ سوڪڙي ڏنڊ جي سڄي پيدائش ملندي هئس.

سرچارلس نيپئر صاحب ۱۵ــ آڪٽوبر ۱۸۴۴ع ۾ ۱ــ مئي ۱۸۴۷ع جي پنهي جاگيردارن جون سندون ۷ سالن تائين قائم ٿهرايون، ۽ ملندڙ ڊنڊ جو اڌ ڪڍي ڇڏيائين، اڪامالديو، جو پارڪر جي راڻي جو پرڌان ۽ نائب هو، تنهن کي پٽ سوڪوئي جو ڳوٺ ۱۵ــ آڪٽوبر ۱۸۴۴ع جي ستندَ موجب ڏنو ويو. اهي شهري محصول ۱۸۴۸ع ۾ ۽ ڏنگڙي محصول ۱۸۵۲ع ۾ ختم ڪيا ويا ۽ انهن جي عيوض ڪين ۲۱۸۵ روپيا ۽ ۱۸۰۵ روپيا پين عزيزن کي بطور عيوضي جي ڏنا ويا. پوءِ ٿنهي جاگيردارن، راڻو پارڪر، ان جو پرڌان، ويراواهه جو ٽڪر، ۽ باقي ٽڪرن جا حق سنه ۱۸۵۹ع ۾ ضبط ڪيا ويا.

۲ــ انتظامي جوڙجڪ ۾ ڪي سڌارا آندا ويا هٿ، جي هن کان گهٽو اڳ منظور ڪيا ويا هئا. ڪئپٽن ريڪس جي عملي ۾ ننگر پارڪر جا ڪاردار برهمڻ هٿ، جي ٽڪرن سان دوستاني ۾ ٻڌل هئا ۽ پوليس انهن جي زيردست هئي. ٻڌي جي وقت ۾ ٽڪرن کي ڪن خاص حقن جي اڳاڙ کان منع نه ڪئي ويئي هئي، ۽ هنن ڇڙائيي ٽئڪس به وصول پئي

ڪيو. ليڪن ١٨٥٩ع ۾ سمورو سرشتو بدلايو ويو. ٽر ۽ پارڪر ٻئي ڀاڱا ١٨٥٦ع ۾ سنڌ جي ڪمشنر صاحب جي حوالي ڪيا ويا. اهو ڀاڱو تروٽ صاحب پوليٽيڪل سپرنٽينڊنٽ جي حوالي هو. ڪاردار کي حيدرآباد مان موڪليو ويو، ريونيو سروي چالو ڪئي ويئي، چراگاهه ٽئڪس بابت انڪوائري وهاري ويئي، ۽ آفيم تي لائيسنس وڌو ويو، جنهن ڪري ٺڪرن کي غير قانوني طور آفيم آڻي وڪرو ڪرڻ سان جيڪو نفعو ٿيندو سو بند ٿيو.

٣- راڻي "ڪرڻ جي" جي هڪ خاص نوڪر تي هڪ کوهه کي نقصان پهچائڻ جي الزام هيٺ ڪاردار ڏنڊ وڌو، پڻ راڻي جو ڪاسبي جي پٽيل سان زمين جي دنگ بابت تڪرار ٿي پيو، جنهن جو فيصلو "تروٽ" صاحب راڻي جي برخلاف ڪيو ۽ راڻي کي حڪم ڪيو ويو ته دنگ جا پٿر هڻاءِ جي راڻي نه هڻايا. تروٽ صاحب زوري اهو خرچ بلوي کان فقط ٢٠ ڏينهن اڳ وصول ڪيو هو.

١٤- ٽيليگراف ڊپارٽمينٽ جا ڪي نوجوان ڪن ڪولهڻين سان چڱي نموني پيش نه آيا ۽ مزورن سان پورو حساب ڪتاب نه ڪيائون.

٥- سنه ١٨٥٩ع ۾ منشي ڏيئومل ننگر پارڪر جو مختيارڪار هو، جنهن جي ننگر پارڪر جي راڻي سان ناسازي ٿي پيئي.

انهن سببن جي ڪري راڻو "ڪرڻجي" ۽ سندس ڀاءُ ڀوپٽ سنگ وبراواهه جو راڻو لاڌو سنگ، ٻهراڻي جو ٺڪر، ۽ ٻين گڏجي ١٥- اپريل ١٨٥٩ع جي انگريزن خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو. ٻن هزارن کان مٿي ڪولهي ۽ ٻيا ماڻهو راڻي جي ڪئمپ ۾ اچي ڪٺا ٿيا، هنن پوليس ٿاڻي تي حملو ڪيو، ڪاردار جي ڪچهري کي باهه ڏنائون، خزانو

لٽيو ويو، تار ڪپي رستا ڀڃي ڇڏيائون ۽ ٻو بہ ڪيترو نقصان ڪيائون.

منشي ڏيئومل اها خبر حيدرآباد موڪلي، جا ١٩- اپريل ١٨٥٩ع جي پهتي. ڪرنل ايونس جو ان اسٽيشن جو ڪمانڊنگ آفيسر هو، تنهن هڪدم ٿرڊ بلوچي ريجمينٽ جي هڪ ونگ ننگرپارڪر ڏانهن رواني ڪئي. ڪجهہ توبخانو ڪراچي مان بہ روانو ٿيو. ٢٤ اپريل ١٨٥٩ع ڪرنل ايونس کي آرڊر مليو تہ تون خود وڃي سڀني فوجن (جي ڊيسا، احمدآباد، حيدرآباد ۽ ڪڇ کان ٿي آيون) جي ڪمانڊ وٺ. تنهنڪري هي روانو ٿيو ۽ ٣٠- اپريل جي، پنهنجي اڳ موڪليل بلوچي لشڪر کي ننگرپارڪر کان ٦٢ ميل پري اسلامڪوٽ وٽ گڏيو، جتي هن کي ٿر ۽ پارڪر جو ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ ماجسٽريٽ بہ گڏيو ۽ ڪيترا مددگار سوڍا ۽ مڪاني ماڻهو عمرڪوٽ جي راڻي جي هٿ هيٺ گڏ ٿيا.

ڊيسا "فوج" جا ميجر "ڪُئلي" جي هٿ هيٺ هئي، سا پهريائين ننگرپارڪر پهتي. ان تي ١- مئي ١٨٥٩ع جي حملو ٿيو، جنهن کي منهن ڏنو، ٻئي ڏينهن بہ حملو ٿيو. ڊيسا جي لشڪر جي توبن جا ٺڪاءُ ڪرنل ايونس ٥٠ ميل پري چٽيءَ طرح پئي ٻڌا. ميجر ڪُئلي ڏي پيغام موڪليندي هن ان طرف ڪوچ ڪيو. ٢- مئي ١٨٥٩ع جي ويرا واهہ پهتو، جو سڄو شهر خالي ٿيو پيو هو، فقط هڪ سامي شهر ۾ رهيل هو. ٻئي ڏينهن واٽ تي ڀوڏيسر جا ٺڪر سمٿجي ۽ هبجي (جي وڏي نُک منجهان هئا) پنهنجن ماڻهن سان ڪرنل ايونس کي مليا ۽ کيس ٻڌايائون تہ ماڻهن وير وٺڻ جي خيال سان سمورن کوهن ۾ زهر وجهرائي ڇڏيو آهي- جا ڳالهہ تحقيقات بعد سچي ثابت ٿي- ٣ مئي تي سخت مقابلو ٿيو ۽ ڪارونجهر ٽڪريءَ تي راڻي چندڻ جو جوڙايل قلعو "چندڻ گڍ" انگريزي

فوج ٿوبن سان اڏائي ڇڏيو. انهيءَ تي حملي آور وڃي جبلن ۾ لڪا ۽ ڪي مارواڙ طرف پڇي ويا. انگريزي لشڪر شهر تي قبضو ڪيو. راڊو ڪرٽجي لاڏو سنگ ۽ پيا گرفتار ٿيا ۽ گوڙ بند ٿيو.

ڪرنل ايونس پين باغين کي ڊپائڻ لاءِ روانو ٿيو. ۱۸ مئي جي پوڏيسر جي ٽڪرن کي ساڻ ڪري، ۲۲ ميل پري ڪبجراڙلو ڏانهن باغين جي ڪئمپ تي حملو ڪيو. ڪي مڙس ڪي قيد ٿيا ۽ ڪي پڇي ويا. پهرين جون ۱۸۵۹ع تائين سڄي مارواڙ ۾ ويندي ويڪام جي جبل تائين، انهن جي ڳولا ٿي، پر ڪاميابي ڪانه ٿي. ڪرنل ايونس، ايجنٽ گورنر جنرل واڇوتانا سان صلاح ڪري واپس ننگر پارڪر اچي رهيو هو. انهيءَ وچ ۾ لاڏو سنگ جو پٽ اڏيسنگ باهر ويل هو. هو جڏهن اتان پي موٽيو ۽ "راڻي واڙي" ڳوٺ ۾ پهتو ته ڳوٺ ۾ شادي هڻڻ ڪري دهل پئي وڳو. سندس گهوڙو جو دهل جي آواز تي ناچ ڪندو هو، سو بيهي نچڻ لڳو. اتي هڪڙو ڪولهي، جو ننگر پارڪر کان آيو پئي، تنهن کيس مٺو ڏنو ته "تون پيو اتي گهوڙو نچائين ۽ تنهنجو ٻيءَ جيل ۾ پيو آهي!" اهو ٻڌي اڏيسنگ هڪدم ننگر پارڪر آيو ۽ پنهنجا ماڻهو گڏ ڪري جيل جو دروازو ڀڃائي سيني کي آزاد ڪيائين. پوءِ پنهنجي سر بندوق کڻي تروٽ صاحب جي تنبوءَ ڏي ڪاهي ويو. هي اڃا تنبوءَ کان ٿورو پري هو ته جوش جهلي نه سگهيو ۽ يڪدم بندوق جو فائر ڪيائين. تروٽ صاحب اڪيلو تنبوءَ ۾ بي اونو ستو پيو هو. فوج روانگي ٿي چڪي هئي، فقط ڪي ٿورا سپاهي هٿا سي به ان وقت اتي موجود ڪونه هئا. تنهنڪري تروٽ صاحب ٻي ڪا واهه نه ڏسي جان بچائڻ لاءِ اتان اڀي پڳو ۽ هڪ لاڏو نالي ميگهواڙ جي گهر ۾، جو جي جوڙن (ڪلن) جي ديڙ هيٺان وڃي لڪو:

”آيو اڌيسنگ اوچتو ڀورو ڀڄايو،
ڪر ڀوري راڪنپيا موچي بچايو.“

راڻن جڏهين تروٽ صاحب کي ڳولا ڪرڻ سان به نه لڌو، تڏهين هنن سمجهيو ته مارجي ويو. انهيءَ ڪري هيڪاري جوش وڌيو: ڪچهريءَ تي حملو ڪري ڪن سپاهين کي ماريائون ۽ ڪيترا ڦٽيا. پارڪر جا ڪيترا سوڍا اچي شامل ٿيا ۽ بهادريءَ سان وڙهيا. انهن ۾ مکيه لاڌوسنگ ويرا واهه جو راڻو، ڪرڻجي ننگرپارڪر جو راڻو، رامجي، ورڻ، اڌيسنگ، ڪلجي، پونجو، مهاسنگ ۽ روپلو ڪولهي مشهور جوڌا هئا ـ هن بابت ڊاٽ (ٿر) ۾ اڄ تائين دوها چوندا آهن. جيئن ته:

”چندڻ گڏ چاوو ٿيو جوڌي مچائي جنگ،
لڙيا ساٿ سوڍي ڪرڻجي ري، آونئان رجپوتان نان رنگ.“
”رنگ ڪلا رنگ مهاسينگا رنگ پونجل رنگ سگهلي راڻ،
رنگ ڪارونجهر را ڪونگرا رنگ سوڍا راڻ.“

ڪرنل ايونس جي فوج به ويجهي هئي، جنهن کي هڪ سوار وڃي ”ڏينسي“ جي جبل وٽ اها خبر پهچائي ته فساد شروع ٿيو آهي. فوج هڪدم اچي ١٩ـ جون ١٨٥٩ع جي گهيرو ڪيو. راڻو، سندس وزير ۽ ٻيا، شهر ڇڏي ڀڄي ويا. راڻي وڃي ڪارونجهر ٽڪريءَ ۾ پناهه ورتي، جتي راڻي جو گهرومتر مهاوجي سيٺ ـ ذات جو لهاڻو، ويٺل ڪاسبو ـ، هنس پوري ٻائو، ۽ وفاداو نوڪر روپلو ڪولهي، کاڌي پيتي جو سامان ۽ ٻي هرڪا خبر چار پهچائيندا هئا. تروٽ کي انهيءَ ڳالهه جي ٽيٽ پئجي ويئي، جنهن پهريائين روپلي ڪولهيءَ کي جاگير ۽ پينشن جون لالچون ڏنيون، ته راڻي جو ڏس ڏي ۽ پڪڙائي، پر هن قبول نه ڪيو. تڏهين کيس مارڪٽ ڪري ڏاڍا عذاب ڏنائين ـ چون ٿا ته هٿ جي ترين ۾ تيل

وجهي، آڱرين تي ڪپهه جون وٽون ٿاهي، باهه ڏنائين- روپلي اهي تڪليفون برداشت ڪيون، پر پنهنجي مالڪ کي پنهنجن هٿن سان ٻوهي ۾ ڏيڻ قبول نه ڪيو.

آخر تروٽ صاحب مهاوجي سيٺ ۽ هنس پوري ٻائي کي گهرائي لب لالچ تي ريجايو، جن راڻي سان دغا ڪري کيس گرفتار ڪرايو. سگهوئي پوءِ وزير به گرفتار ٿيو ۽ ٻيا مددگار ٺڪر به گرفتار ٿيا. انهن تابعداري قبول ڪئي ۽ کين آزاد ڪري جاگيرون ڏنيون ويئون. ڀوڏيسر جا ٺڪر، جي هن حملي وقت مددگار هئا ڪرنل ايونس ٢٣ آگسٽ ١٨٥٩ع جي هنن جي خدمت جو اعتراف ڪيو، ۽ هن سفارش ڪئي ته ڀوڏيسر جو ڳوٺ، جنهن جي ساليانی پيدائش ٣٠٠ رپيا آهي، سو هنن کي ۽ سندس اولاد کي هميشه لاءِ ڏنو وڃي. نيٺ ڇهه هزار ايڪڙ جاگير ملي. باغي ٺڪرن، ننگرپارڪر جي راڻو، ويرا واهه جو اڌيسنگ پٽ لاڌو سنگ، جن آڻ نٿي مڃي، تن جون اڳ مليل جاگيرون ضبط ڪيون ويئون. ڦيٿاپور جي ٺڪر جي زال ڦولٻائي، بغاوت وقت پنهنجي بچاءُ ۾ رهي ۽ پوليس کي پنهنجي ڳوٺ ۾ پناهه وٺڻ جي آڇ ڪئي هئي، ۽ تمام گهڻو رسد جو سامان لشڪر ۾ پهچايو هو، جنهنڪري هن کي حياتيءَ تائين معافي جاگير ٢ هزار ايڪڙ انعام طور ملي هئي.

ننگرپارڪر جي راڻي، ويرا واهه جي ٺڪر لاڌو سنگ، ۽ سندس پٽ اڌيسنگ آڻ نه مڃي. اڌيسنگ کي تروٽ صاحب گهڻوئي سمجهايو ۽ لالچايو ته تون آڻ مڃ ته توکي سنڌ ۾ فرسٽ ڪلاس جاگير به ڏيان ۽ هڪ ٻنگلو به ٺهرائي ڏيان ۽ مگر هن چيو ته مون کي ويرا واهه واري مائٽاڻي زمين ڏني وڃي، جا ڳالهه تروٽ صاحب قبول نه ڪئي، ۽ هن کي ٣ سال عمرڪوٽ ۾ نظربند رکيو. آزاد ٿيڻ کان پوءِ هڪ سال

بعد وفات ڪيائين. اڌيسنگ جي وفات بعد سندس پٽ سامت سنگ
ڪي، سنہ ۱۸۸۷ع ۾ مهاراڻي وڪٽوريا جي گولڊن جبليءَ وقت،
گورنمينٽ ڇهہ هزار ايڪڙ سيڪنڊ ڪلاس جاگير ڏني ؛ ۽
ننگرپاوڪر جي واڻي جي وارثن کي ڏي هزار ايڪڙ ٽرڊ ڪلاس
جاگير ملي.

مهاوجي جون خذستون ڪرنل ايونس پنهنجي ليٽر نمبر
۲۳۳ تاريخ ۲۰ـ آگسٽ ۱۸۵۹ع ۾ ڪمشنر صاحب سنڌ ڏانهن
هن ويت لکيو تہ "مهاوجي تمام عزت وارو لهاڻو ۽ پڄ جو
واپاري آهي. اتي هن کي ڪرنل ٽريولن چگي طرح سڃاڻي.
امان کي ۽ اسان جي لشکر کي پاوڪر ۾ پهچڻ کان ڏوءِ
تمام ڪارائتي مدد ڏني اٿس، خبرن ڏيڻ ۾ ٽوڙي وسد پهچائڻ
۾ هي دوانديش آهي. هن جي صلاحن کان سواءِ انهيءَ وقت
ڪرنل ليفيٽننٽ ٽروٽ به اسان جون ڪل گهرون ڏوريون
ڪري نہ سگهي ها."

مسٽر فريئر صاحب ڪمشنر سنڌ انگريزن سان وفادار
ماڻهن يعني بلوي ۾ مدد ڪندڙن کي انعام لاءِ بمبئي سرڪار
کي سخت سفارش ڪئي. جنهن تي بمبئي گورنمينٽ ليٽر نمبر
۱۵۶۰ تاريخ ۷ـ اپريل ۱۸۶۰ع ۽ ليٽر نمبر ۲۰۳۹ـ تاريخ
۱۲ مئي ۱۸۶۰ع ۾ لکيو تہ هيٺين ويت جاگيرون ۽ انعام
ڏجن ٿا:

۱ـ قولبائي زال سورتسنگ ڳوٺ ڪيماپور. انڪل ۷
هزار بيگا زمين حياتي تائين معافي، جنهن جي پيدائش انڪل
۴۰۰ روپيا.

۲ـ راڻو عمرڪوٽ، ڪاوڙا جو ڳوٺ. ۶ هزار بيگا
زمين، حياتيءَ تائين معافي ۽ ۱۲۰ روپين جي ڪرار انعام.
۳ـ مهاوجي لهاڻو، ڪاسبي جو ڳوٺ. ۸ هزار بيگا

زمين حياتيءَ تائين معافي (۱).

مهاوجي جي مرڻ بعد "چاوهر" يعني چئن هارين جي آباد ڪرڻ جيتري زمين سندس بن زالن کي حياتيءَ تائين معافي هئي. انهن جي مرڻ بعد اولاد نہ هئڻ ڪري اها معافي رد ٿي.

هنس پوري پائي کي جبل جي سموري پيدائش حياتيءَ تائين معافي ملي. مرڻ بعد سندس اولاد کونہ هو. هن لڙائيءَ ۾ ڏات جي ڪيترن سوڍن سرڪار کي مدد ڪئي، جن کي به جاگيرون، معافيون ۽ پروانا مليا.

لاڏو مينگهواڙ جنهن تروٽ صاحب کي پناهہ ڏني هئي، تنهن کي به معافي ۾ زمين ٽڪر مليو، جو هينئر سندس پوٽي واگهلي مينگهواڙ جي نالي آهي، جو اڃا حيات آهي.

راڻي ۽ وزير ٻنهي تي راجدوهي جو مقدمو هليو، جو سال ۱۸۶۰ع ۾ هلي پورو ٿيو. راڻي کي ۱۴ سال ڪارو پاڻي ۽ سندس پرڌان (وزير) کي ۱۰ سال قيد مليو. راڻي جي ٻوئين مان وقت راڻو اچل سنگ پٽ وڏوڙ ٻاوڪر جو راڻو آهي.

روپلي ڪولهي جو وطن مان وفاداري ڪري سندس نالو اڃا پيو ڳائجي. اهو سندس لاءِ "امر انعام" آهي.

سوڍن کي جاگيرون ۽ انعام

عمرڪوٽ پامي سوڍن کي جاگير ملي تہ سوڍا البت خوش ٿيا ۽ ملڪ ۾ امن ٿيو، پر ٻاوڪر جي پامي سوڍا سانت ڪري نٿي ويٺا. ور وو ڪري انهيءَ ڏکيءَ ۾ فساد ٻڌي کيائون. سنہ ۱۸۵۹ع جي فساد وقت ٿر جي ڪيترن

---

(۱) "هسٽري آف ائلينيشن سنڌ گزيٽيئر" مسٽر انڪن، والپور ايريون، صفحو ۲۸۷ کان ۲۹۴.

سوڍن انگريزن کي مدد ڪئي ۽ ان فساد کان پوءِ سرڪار ساڳيءَ پاليسيءَ ۽ ڏاهپ کان ڪم ورتو، جنهن کان شروع ۾ سڀني پرانتن ۾ پئي ورتو، يعني فسادي قومن کي هميشه لاءِ دوست بڻائي ملڪ ۾ شانتي آڻڻ. انهيءَ نيتي پٽاندر سرڪار ٿر جي سڀني سوڍن کي امن ۾ رکڻ لاءِ کين جاگيرون، معافيون ۽ انعام وغيره ڏيئي خوش ڪيو. جئن ته:

۱- **ڀوڏيسر جاگير:** هي فرسٽ ڪلاس جاگير ايراضي ۶ هزار ايڪڙ ڪرنل ايونس جي خاص زوردار سفارش تي ملي هئي.

۲- **ويراواهه جاگير:** هي سيڪنڊ ڪلاس جاگير ايراضي ۶ هزار ايڪڙ سامت سنگ کي ۱۸۸۷ع ۾ ملي هئي، ۽ ۱۸۰۵ رپيا حق حقوق وڃڻ ڪري عيوضو به مليو. سندس پٽ امرسنگ بنا اولاد هو، جنهن ڪري سرڪار ٺهراءُ ڪيو ته اها جاگير امرسنگ جي زال ڀٽياڻي جي حياتي تائين هن وٽ رهي. هن کي پٽ ڪونه هو، هڪ نياڻي هئي. ڀٽياڻي ڪاروڀا کي گود جو پٽ ڪيو، جو خانپور (ٿراد) جو ويٺل هو، هن کي عام مختيار به ڪيو. هو آفيمي هو تنهنڪري لائق ثابت نه ٿيو ۽ موٽي خانپور ويو، تنهنڪري ان ڀٽياڻي اڀيه سنگ پٽ ڪيسر سنگ (جو ديئوڌر جي ٺاڪر جو نوڪر هو) کي گود جو پٽ ڪيو ۽ ڪاروڀا جو مختيار نامو رد ڪرايو. جلدئي ڀٽياڻي مري ويئي، جنهنڪري جاگير سرڪار پنهنجي حوالي ڪئي، پر گوديلي پٽ اڀيه سنگ سرڪار کي عرض ڪيو ته اها جاگير جي زمين مون کي قبولي طور ملي ۽ آباد زمين جي ڍل ڀري ڏيندس. انهيءَ تي موروثي هارين اعتراض ورتو ته جنهن صورت ۾ جاگير سرڪار پنهنجي حوالي ڪري ٿي، ته موروثي هاريپي وارا نمبر اسان کي ملن. سرڪار ائين ڪيو ۽ موروثي هارين کي پنهنجا نمبر مليا ۽ ٻي جاگير اڀيه سنگ

کي قبولي ٿي ملي جا اڄ تائين (١٩٥٢ع) پوئين جي هٿ ۾ آهي.

٣- راڻپور جاگير: ننگر پارڪر جو راڻو ڪرڻجي پڪڙجي پيو ۽ کيس ١٤ سال ڪاري پاڻي جي سزا ملي، تڏهين راڻي جي زال پنهنجي ننڍي پٽ همير سنگ سميت ڪڇ ڏي ڀڄي ويئي. ڪافي وقت اتي رهڻ بعد ڪڇ جي راءِ هند گورنمينٽ سان لکپڙهه ڪئي ته حڪومت گورنمينٽ پنهنجي هٿ ڪئي آهي، جنهنڪري هاڻي هن جي وارثن جي آجيوڪا لاءِ سرڪار مهرباني ڪري بندوبست ڪري، جنهنڪري انگريز سرڪار راڻپور جاگير جونڪرو ٣هزار ايڪڙ ايراضي، ٿرڊ ڪلاس ۽ ٢١٥٨ رپيا روڪڙا ڏنا، انهيءَ ڪري راڻي همير سنگ جي ماءُ پٽ سميت موٽي آئي. همير سنگ ٻه زالون پرڻيو هو. پهرئين زال مان (ٻي شادي ڪرڻ بعد) کيس پٽ ڄائو، جنهن جو نالو رنڇوڙ سنگ هو. همير سنگ جو پوئين زال تي وڌيڪ پيار هو، تنهنڪري هن جي وس ٿي ويو ۽ هن جي چئي لڳي، اڳئين زال ۽ سندس پٽ کي ڪونه ڀائيندو هو. پوئين زال هميشه هن جي برخلاف راڻي جا ڪن ڀريندي هئي، ڇوته هن سمجهيو ٿي ته اهو ڪنور گاديءَ جو حقدار ٿيندو.

راڻي همير سنگ جو نوڪر نالي شينگورو شيدي جو تمام فرمانبردار هو، تنهن راڻي همير سنگ کي چيو ته جيڪڏهين رڻڇوڙ سنگ جي وار کي به هٿ لائيندين ته پنهنجو به خير نه سمجهج. هو هميشه رڻڇوڙ سنگ جي نگهباني ڪندو هو. جيستائين راڻو همير سنگ فوت ٿيو، تيستائين سنڀال ڪندو آيو. همير سنگ جي مرڻ بعد اها جاگير رڻڇوڙ سنگ جي هٿ ۾ رهي. رڻڇوڙ سنگ پهرئين شادي "واڳڙ" جي واگهيلن مان ڪئي، ٻي شادي "ٻاکاسر" جي چوهاڻن مان ڪئي. چوهاڻ زال جي چئي تي لڳي، واگهيلي زال کي گهر مان ڪڍي

ڇڏيائين، جا ڪجهه وقت پنهنجن مائٽن وٽ ٻيلي شهر ۾، ۽ ڪجهه وقت ننگر پارڪر ۾ پئنچات جي خرچ تي گذر ڪندي رهي، ۽ آخر تنگدستيءَ جي حالت ۾ مري ويئي. چوهاڻ زال مان اولاد ڪونه ٿيو ۽ اها به مري ويئي. آخر جيسلمير رياست مان ٽئين زال ڀٽياڻي پرڻيو، اها تمام سمجهو آهي. هن مان ٻه پٽ اٿس، جن پنهنجي جاگير کي به ٺاهيو آهي، ۽ وڏو اچل سنگ موجوده "پارڪر جو راڻو" سڏجي ٿو.

٤- ڦيٿارو جاگير. اها ٻه هزار ايڪڙ جاگير، ڦولٻائيءَ کي ملي هئي، اهي ويراواهه جي سوڍن جا ويجها عزيز آهن. ڪيسرسنگ جي مرڻ بعد اها جاگير سندس ڀاءُ جي حوالي ٿي، جو بنا اولاد مري ويو. ان بعد وري ڪيسرسنگ جي چاچي جي زال "سريه ڪنور" جي حوالي ٿي. سريه ڪنور پنهنجي گود ۾ هڪ ڇوڪرو ورتو، جنهن جو نالو به ڪيسرسنگ هو، جو اڳي ويراواهه ۾ رهندو هو. ڪجهه وقت بعد سريه ڪنور ۽ سندس گوديلي پٽ ڪيسرسنگ جي وچ ۾ اڻبڻت ٿي، جنهنڪري سريه ڪنور هڪ ٻانهي سميت حيدرآباد ويئي، اتي ڪن ماڻهن جي ڦندي ۾ ڦاسي ٻانهيءَ کي وڪڻي ڇڏيائين. جنهنڪري ڪيسر سنگ ان ڇوڪريءَ (ٻانهي) جي ماءُ پيءُ کان سريه ڪنور تي فرياد داخل ڪرايو، جنهنڪري سريه ڪنور گرفتار ٿي. اهو ڪيس ڇاڇري جي مختيار ڪار صاحب جي ڪورٽ ۾ آيو. سريه ڪنور جو ضامن ساگرو مل ڀيمراج ڀوجڪ برهمڻ پيو ۽ سريه ڪنور کي پنهنجي سنڀال هيٺ رکيائين، جتي هو ڪافي وقت رهي. آخر ڪيس سيشن ڪورٽ حيدرآباد ۾ ڪمٽ ٿيو. نيٺ ڪيس ڪورٽ مان نڪتو ۽ سريه ڪنور آزاد ٿي موٽي وطن ويئي. پوءِ اهو جاگير وارو ٽڪرو رد ٿي قبولي طور ڪيسر سنگ کي مليو.

ان کان سواءِ پارڪر ۾ ڌينگاڻو، ڪاسبو، آڌيگام

ڪارڙيو، مودرو، وغيره ڳوٺن جي سوڍن کي به ڪي ٿورا نمبر معافي آهن، جن جي ڍل معاف آهي.

ڏاهلي، گڍڙو، ڀاڻل ٻو ۽ پارنو جي بجي راءُ سوڍن، ڇاڇرو، هنجتل، سلهه، راڻهار، مالي جو پار، ڀويڻو ۽ اڙٻلهيار جي ڀوڄ راج سوڍن، ڪرشن جي ويري، روهڙ، ميڻائو جي ڪيلهڻ سوڍن (عمرڪوٽ جي راڻن کي گاديءَ تي وهارڻ وقت پهرين تلڪ ڪيلهڻ سوڍو ڏيندو آهي، اڄ تائين اهو رواج هليو اچي)، ۽ چيلهار ڀوريلو، ميهاري، کوڙٻيون، تڙحمير، ارنرو، ڪانٽيو، پير جو تڙ، پاٻو ويرو جي ساڏور سوڍن کي ننگر پارڪر واري فساد ۾ ۽ ٻي سرڪاري مدد ڪرڻ جي عيوض معافيون مليون هيون.

اکجي رتن سنگ سوڍو ڇاڇرو اڳوڻي ايم- ايل- اي کي ارجڻ سنگ سوڍي گود ۾ ورتو هو. کيس ٢٥ ٻنيون معافي آهن. هينئر سندس پٽ لالجي ۽ ميگهراج حيات آهن.

چيلهار جي جهوجهار سنگ سوڍي کي به ڪي ٻنيون معافي مليون هيون، جي هينئر سندس پوٽي آنٻجي چهنسنگ جي حوالي آهن.

مٺيءَ جي خانجي سوڍي کي ٣٧ ٻنيون معافي ۽ ١٥ رپيا پينشن ملي هئي، جا ١٩١٦ع ۾ بند ٿي ۽ معافي هينئر سندس پوٽي نيت سنگ جي حوالي آهي.

سامروٽي ۾ بهادر سنگ کي ۽ وبڙهار ۾ ڪونڀي کي معافيون مليون هيون ۽ ٥ رپيا پينشن به ملي.

اکيراج جي تڙ تعلقي مٺيءَ ۾ جالم سنگ کي ٢١٠ رپيا ڍل جي معافي ملي، جا محبت سنگ جي ڏينهن ۾ رد ٿي هئي، پر وري اپيل ۾ کيس منظور ٿي ملي.

ونگي ۾ اربابن کي جاگير ۽ ساليانو ٥٠٠ رپيا پينشن ملي.

ڪئپٽن ريڪس صاحب لکي ٿو ته "مٺيءَ جي سوڍي

کي ۱۵ روپيا ماهوار ۽ ۲۴ سپاهي هرهڪ جو پگهار ۵ روپيا ماهوار ڪري، مٽيءَ ۽ ننڍين ڪوٽ جي قلعن جي سنڀال ڏني ويئي، ۽ چار ٻنيون به معافي مليون. اسلام ڪوٽ جو سوديو ۱۲ سپاهين سان ساڳئي پگهار تي اسلام ڪوٽ جي قلعي جي سنڀال لاءِ مقرر ٿيو هن ۽ سندس پائرن کي ۱۶ ٻنيون معافي ڏنيون ويئون. اسلام ڪوٽ واري پاگي ۾ پيا به قبيلا وسائي پوٽا، چانڊيا ۽ ميا رهندا هئا، جن مان وسائي پوٽن کي ۱۱ ۽ مين کي ۱۹ تليون مليون.

"پاکاسر" سنڌ فتح ڪرڻ بعد جوڌپور سرڪار جي حوالي ڪيو ويو. ڦيٽاپور ۽ ويراواهه جي ٽڪرن کي فقط ۵ ننڍڙا ڳوٺ، پارڪر جي واٽي کي ۲۱ ننڍا ڳوٺ ۽ شهر جي ديل جو اڌ ملندو هو. سنه ۱۸۴۸ع کان شهر جي ديل ختم ڪئي ويئي ۽ ۵۴۶۳ بيگا زمين بطور عيوض جي، پارڪر، ويراواهه، ڦيٽاپور ۽ پاکاسر جي ٽڪرن کي ڏنا ويا. ۽ ۳۴۵ روپيا پيا به گهٽ ڪيا ويا، جو پاکاسر جوڌپور جي حوالي ٿيو. ويراواهه ۽ ڦيٽاپور کي ڪوبه دنگئي حقوق حاصل ڪونه هو. ويراواهه جو زميندار لوڻ کاڻ مان به حصو وٺندو هو. بعد ۾ هن کي ڳوٺ جي ديل جو چوٿون حصو ۽ ڦيٽاپور جي ٽڪر کي ٻنيون معافي طور آڇيون ويئون، جي هنن نه ورتيون. هن وقت (۱۹۵۹ع) هن کي ڪسٽم ڊيوٽي کان سواءِ ٻيو سيپ ڪجهه ملي ٿو.

"پارڪر جي واٽي اسان جي اڳيان ميرن جي سنڌ پيش ڪئي، جنهن ۾ هن کي به ڳوٺ ڏنا ويا، جا سنڌ سنڌ جي بهرئين گورنر سرچارلس نيپئر صاحب بحال ڪئي، ۽ موڪڙئي جو ڳوٺ واٽي جي مئنيجر (پرڌان) آڪامالديو کي ڏنو ويو، جو ان کي ميرن جي طرفان ٻڌ مليل هو. پوڊيسر جو ڳوٺ جگوجي سوديي (جو واٽي جو چاچو ٿئي) کي ڏنو ويو. ويراواهه

واري پاڳي ۾ ڪن ڪوسن جي عادت هوندي هئي، جو سواءِ ڪنهن ڍل ڏيڻ جي آبادي ڪندا هئا، جا اجازت هنن کي اسان جي حڪومت ۾ پڻ ڏني ويئي آهي، توڙي هنن کي ڪا اهڙي سند وغيره ڪانه آهي. هن وقت هو، جيڪي ٻنيون آباد ڪندا آهن، سي ڪل ۱۵۰ آهن، جن جي ڍل ڪونه ڏيندا آهن، ۽ باقي زمين جي ٻيا ڪوسا آباد ڪندا آهن، تن جي ڍل ورڻي ويندي آهي. "سون اڳتي لاءِ مفت ٻنين ڏيڻ جي اسڪيم بند ڪئي آهي ۽ هنن کي جيڪا شهرن جي ٽئڪس ملندي هئي، سا بند ڪري ۱۶ ٻڌيلن کي ۱۸۰۵ روپيا سالياڻو ڏنو ويو آهي" (۱).

سوڍن کان سواءِ ڪيترن ٻنگهواڙن کي به سرڪار کي مدد ڏيڻ جي عيوض معافيون مليل آهن. ڳوٺ چيلهار تعلقي ڇاڇري ۾ سُرتو پٽ اٽندو ٻنگهواڙ (ليکڪ جو ڏاڏو) کي هڪ زمين ٽڪر معافي، ۽ ميرن جي وقت جو سندن قلعي ۾ ڪوٽايل ڪوهه انعام مليا هئا، جي اڄ ڪائين پوئين جي هٿ ۾ آهن. مٽيءَ ۾ بالي ٻنگهواڙ کي معافي ملي هئي، جا اڄ سندس اولاد جي هٿ ۾ آهي.

عمرڪوٽ ۾ راڻي وڪٽوريا جي جبلي (۱۸۸۷ع)

راڻي وڪٽوريا کي تخت تي ويٺي ۵۰ سال پورا ٿيا هئا، ان جي خوشيءَ ۾ هندستان ۾ ۲۶ فيبروري ۱۸۸۷ع جو ڏينهن مقرر ڪيو ويو. ان وقت هندستان جي هر هڪ پاڳي ۾ جبلي ملهائي ويئي. ٽرپارڪر ضلعي ۾ هيٺين موجب جبلي ملهائي ويئي:

هن ڏينهن ملهائڻ لاءِ ضلعي جي ننڍن ننڍن ڳوٺن ۾

---

(۱) ڪئپٽن ريڪس جو ڪتاب "حالات ٽر ۽ پارڪر"، صفحو ۳۲-۴۰ تائين.

۾ به تياريون ٿيون. عمرڪوٽ ۾ عاليشان بندوبست ٿيو. خرچ لاءِ پئسا اڳاڙيا ويا، جي ۳۳۰۰۰ رُپيا ٿيا. عمرڪوٽ جي قلعي ۾ ڪلهوڙن جي ڏينهن جون جهونيون توبون صاف ڪرائي، جبليءَ وقت ڇوڙيون ويئون، ۽ قلعي ۾ صبح جو درٻار لڳي. اڍائي سؤ قيدين کي مدي کان اڳ معافي ملي. پوءِ ميونسپل ۽ ٻين پاران مبارڪ جون ائڊرسون ڏنيون ويئون، اسڪول جي ڇوڪرن ۾ انعام ورهايا ويا ۽ هيڊ ماستر جي ٺاهيل ڪوتا گجراتيءَ ۾ پڙهي ويئي. نبي سر جي هيڊ ماستر ڌارسي ۽ ڪشنچند ڀوڄڪ برهمڻ جون ٺاهيل ڪوتائون به پڙهيون ويئون، اسڪول جي شاگردن مهاراڻي جي جئه جا نعرا هنيا ۽ درٻار ختم ٿي.

سنجهند جو سڀني ڌڻيءَ کي پرارٿنا ڪئي ته شل مهاراڻي گهڻو وقت زندهه رهي. پوءِ مسٽر پالن ڊپٽي ڪمشنر پنهنجي منڊم سميت اسڪول ۾ آيو، جتي وديارٿين ڀلي ڀت آجيان ڪئي. اسڪول کي چوڌاري جهنڊين وغيره سان سينگاريو ويو هو. پوءِ صاحب بهادر قلعي طرف ويو.

۳۰ بجي شهر کان اتر طرف سينگاريل ميدان تي درٻار ٿي. جتي ضلعي جي سڀني مختيارڪارن، جاگيردارن، مکين، زميندارن، ميمبرن ۽ ڪن هيڊ ماسترن کي نينڊ ڏيئي گهرايو ويو هو. مٺيءَ جو مکي ملجي منسکاڻي، ملجي راڌا ڪرشناڻي، سيٺ مولچند پرمانندائي، سيٺ ڪانجي راموئاڻي، مکي تلوڪچند هنسراج، ۽ مکي ڪپول هروئاڻي کي هن موقعي تي جلسي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ سرڪاري طرح ڪوٺ ڏيئي گهرايو ويو هو. ننگر پارڪر جو ٺڪر آنبوجي ۽ ماستر چترمل، گڍڙي، جو ٺڪر راوت سنگ، چيلهار جو ٺڪر جهوجهارسنگ، ڏاهلي جو ٺڪر نگجي، ۽ لوڪلبورڊ جا مشير حاضر هئا. روهڙيءَ جو پير صاحب پاڳارو، هاٿي، گهوڙن ۽ چار هزار ماڻهن ۽

ٻئي بندوبست سميت شامل ٿيو هو. دربار ۾ ڏهه هزار ماڻهو هئا. ڊپٽي ڪمشنر صاحب سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ اثرائتي تقرير ڪئي، پوءِ پير صاحب به ڇوٽي تقرير ڪئي، ان بعد قاضي فيض محمد ڊپٽي ڪليڪٽر به ننڍي تقرير ڪئي، جنهن بعد لائق ماڻهن کي لونگيون انعام ڏنيون ويئون، ۽ ڪبترن کي سندون مليون. پوءِ ڪشتي راند ۽ ڪيتريون بازيون ٿيون. شام جو حيدرآباد مان آيل ڀڳتين ڀڄن ڳايا، پوءِ راڳ ۽ ناچ شروع ٿيو.

رات جو آتش بازي شروع ٿي، شهر سڄوئي روشني سان جهڳ مڳ ڪري رهيو هو. جتي ڪٿي خوشيءَ جي لهر هئي. ساري بندوبست ۾ ٺڪر راڻجي ڀڀوت سنگ، سيٺ ڪانجي ڏيارام، مکي ڀاڳچند آبريومل، سيٺ جوڳيداس، سيٺ سروپچند، مهاراج مينگهراج، مهاراج چترڀڄ، راجوجي، ۽ انچلوجي چڱي مدد ڪئي.

ٻئي ڏينهن ١٧ فيبروري ١٨٨٧ع تي ميدان ۾ رانديون شروع ٿيون. گهوڙن، اٺن، گڏهن، ڍڳن، ٻڪرن، ڪُڪڙن، ٻلن ۽ تترن جون شرطون ٿيون ۽ انعام مليا. ڊوڙندي گهوڙي تان ڀالي ۾ ٽنگيل منڊي کڻڻ ۽ ڊوڙندي گهوڙي تي ليمي کي ڪپي ٻه اڌ ڪرڻ، ۽ ٻيون ڪيتريون حرفتون ٿيون.

ڊاڪٽر پالن ڊپٽي ڪمشنر جي وقت ۾ اهو هڪ اتهاسڪ ڏينهن هو. دربار وقت چار ڪوتائون چيون ويئون هيون: ١- مسٽر اميد علي هيڊماستر عمرڪوٽ جي ٺاهيل، ٢- مهراج ڪشنداس ڀوڄڪ جي ٺاهيل، ٣- مسٽر ڌارسي هيڊماستر نبي سر جي ٺاهيل، ٤- پارسي شعر، جو آخوند يارمحمد جو ٺاهيل هو (١).

---

(١) "سنڌ جو گجراتي اتهاس"، ليکڪ مسٽر اميد علي هيڊماستر عمرڪوٽ، سال ١٨٨٧ع، صفحو ٧٠- ٧١- ٧٢-

۱۸۹۹ع جو ڏڪار

سنبت ۱۹۵۶= سال ۱۸۹۹ع ۾ ٿر ۾ سخت ڏڪار ٻيو. ٿر جو ملڪ آهي برسات تي. انهيءَ سال ڪڻي تمام گهٽ ڪڻي اصل برسات ڪانه پيڻي. ٿر ۾ سدائين ٽئين چوٽين سال ڏڪار پوندو آهي. پر اهو ڏڪار اڄ تائين "چپنو ڏڪار" (۵۶=چپن) جي نالي سان مشهور آهي، جنهن جون ٿر جا ماڻهو گهالهيون ڪندا آهن. انهيءَ وقت ڪيترا ماڻهو ناري ڏي پڄي ويا. جيڪي وڃي نه سگهيا تن ڏاڍا ڪشٽ ڏنا. گاهه نه هٿ ڪري مال مري ويو، اناج جو هڪ داڻو به ملڻ مشڪل هو. وڏي گهالهه ته پئسي جي پيدائش ڪونه هئي. غريب ويچارا پئسو ڪٿان آڻين، جو اناج خريد ڪن. آن جي داڻي لاءِ ماڻهو پئسي ميڪيا.

ان وقت وڏا ٿا گهالهيون ڪن ته ماڻهو، ڪرڙن جي ٿڙ ۽ ٽارين جا چرڏا لاهي ڪڻي سنها ڪري، ٽورو اناج گڏي پيهي مانيون پچائي کائيندا هٿا. ڏاڏو ڏڪيو سمو هو. سرڪار ان وقت ڪاويون وغيره ڪجهه ماڻهن کي ڏنيون ۽ ٿر ۾ مزوري لاءِ تلاءَ (ترايون) کوٽائڻ ۽ مرمت ڪرائڻ شروع ڪيون، جنهن ۾ ٽوڙن پٿسن کي ماڻهو مزوري ڪري پيٽ پالينداهٿا. ڪيترا ماڻهو جهنگلي وڻ ڪندي جا پن (جنهن کي ٿري 'سنک' چوندا آهن، جي جانور کائيندا آهن) لاهي ڪڻي ٽورو اناج گڏي مانيون پچائي کائيندا هٿا. اهو سال اهڙو مشهور آهي جو ڪنهن کان پڇبو ته 'عمر ڪيتري اٽيئي، يا ڪڏهين جائو آهين، يا فلاڻو واقعو ڪڏهين ٿيو' ته جواب ڏيندا ته: 'چپني ۾، يا چپني کان هيترا سال اڳ يا پوءِ' پوءِ انهيءَ تان حساب ڪري صحيح عرصو معلوم ڪري سگهبو آهي.

١٩١٨ع جي انفلوئنزا

پهرين مهاڀاري لڙائي ١٩١٤ع ۾ شروع ٿي ۽ سنه ١٩١٨ع ۾ ختم ٿي. انهيءَ سال ٿر ۾ سخت انفلوئنزا بيماري پيئي. ٿر ملڪ ۾ اسپتالون تعلقي هيڊڪوارٽرن کان سواءِ ٻين هنڌن ڪونه آهن، نڪو ملڪ ۾ خانگي حڪيم، ويديا ڊاڪٽر هئا. ماڻهو اٻوجهه، سادا ۽ ڀرمي، جي ڊاڪٽر يا حڪيم جي دوا کان ڇرڪن. ٻيو ته منجهن نڪو ايتري پئسي جي بچت جو بيماري جي حالت ۾ دوا وغيره تي خرچ ڪن. انهيءَ سال انهيءَ بيماريءَ ملڪ ۾ ايڏو هراس وڌو، جو ماڻهو گهرن کان ٻاهر نه نڪرندا هئا، مُردن کڻڻ لاءِ به تڪليف هئي. روز صبح جو سڀ ڪنهن ڳوٺ ۾ لاشا ڏسبا هئا. وڏن ڳوٺن ۾ ته روزانو ٥، ٧ بعضي ١٠، ١٥ يا وڌيڪ ماڻهو به مرندا هئا. ماڻهن ۾ ڏاڍو ڏهڪاءُ هو. ڪيترائي ماڻهو انهيءَ موذي مرض جو شڪار ٿيا. انهيءَ کي ٿر ۾ ”لوُس“ جي بيماري چوندا آهن، ۽ اهو سال ”لوس وارو سال“ جي نالي سان مشهور آهي.

اسلام ڪوٽ ۾ ڌاڙو (١٩٢٢ع)

انگريزن جي ڏينهن ۾ جيتوڻيڪ ملڪ ۾ انتظام هو ته به ڪڏهين ڪڏهين ڌاڙا به لڳندا هئا، جن مان مشهور ڌاڙو اسلام ڪوٽ ۾ سنه ١٩٢٢ع ۾ لڳو. ڌاڙيلن جو اڳوان هڪ بهادر کوسو مير خان نالي هو. هو ساجهر صبح جو سويل اڃا سج اڀريو مس هو، ته ٥٢ ساٿين سان اچي نعرو هئي شهر ۾ ڪاهي پيو. پوليس ٿاڻي مان ساجن نالي سوار کي هٿ ڪري ٻڌائون ۽ مريد خان مٺيوال کوسو هنن کان کسڪي ويو. ٻه ڌاڙيلا ٿاڻي مان پوليس وارن جا گهوڙا ڇوڙي انهن تي چڙهي مريد خان جي پٺيان پيا، پر هو اڳيئي بندوق سان هڪ دڙي

تي پهچي ويو هو، ڏاڙيلا اڃا درّي کان هيٺ هئا تہ مريد خان هڪ وڻ جي اوٽ ۾ لڪي بندوق جا فائر کيا، جنهنکري ٻئي گهوڙا مري ويا ۽ ڏاڙيل پوئتي موٽيا. علي خان جمعدار ۽ رکيو خان به پڇي ويا.

ڏاڙيلن اچڻ سان بندوقن جا فائر کيا، جنهنکري ماڻهو سڀ لڪي ويا. بازار جي چؤسول ۾ وڏي ڪٽ تي مير خان ويٺل هو ۽ پين قُر شروع ڪئي. ڪيترو ئي مال روکڙ، زر، سون، چاندي، زيور، ريشمي ۽ اطلس جا تاڪيا ۽ ٻيو قيمتي ڪپڙو اڇي ڏيڪ ڪياٿون. گهوڙن کي ٻوتن ۽ روپن زيورن ۽ ريشمي ڪپڙن سان سينگاريائون، مير خان جو گهوڙو خاص سون سان سينگاريو ويو. چون ٿا تہ انهن جي بندوقن جو شات ادائي ميل هو. ڇڻ ڇنجن ڪلاڪن جي قُر بعد روانا ٿي ويا. انهن ۾ ڪوسا، سياڻا ۾ ٻيا هئا، جن مان کي جوڌپور رياست ۾ پکڙيا، پر مير خان ڪيترا ڏينهن ٻوءِ مقابلو ڪندي ماريجي ويو. مريد خان سوار کي سرڪار هيڊ ڪنسٽبل ڪيو ۽ ڪيس انعام ۽ آفرين نامو ڏنو.

۱۹۲۷ع جي برسات

ٿر واريءَ سو ملڪ آهي، جتي گهڻي برسات پوڻ ڪري پوڏ جو ڪو خطرو نہ آهي، جو تہ واري پاڻيءَ ڇهيو وڃي. ٿر ۾ سدائين برسات پوري پئي ۽ گهٽ پوندي آهي، پر سنہ ۱۹۲۷ع ۾ ڏهہ ڏينهن يڪو جهڙ چالو هو ۽ برسات به زور پيئي هئي، جنهنکري ماڻهن جون جايون، جي ٿر ۾ ٽين ئي ڪچيون ۽ ڪڪايون جهوپڙيون، سي گهٽو ڪري سڀ ڏهي پئيون ۽ ڏهرن ۾ گهٽو پاڻي ٻيهڻ ڪري آبادي به پوري نہ ٿي. ٿر جي شهرن ۾ ڪي ڪچيون جايون به ڏهي ويون.

ڏ ه. ڏينهن ماڻهن لاءِ ماني پچائڻ به مصيبت هئي. انهيءَ وقت ناري ۾ ٻوڙ ٻوڙان ٿي هئي. ڪيترا ڳوٺ پاڻي ۾ لڙهي ويا. مُهراڻي ۾ ٿر جي ڀرسان لاڳينو ڪيترا ناري جا ماڻهو ٻوڏ ڪري ٿر جي ڀٽن تي اچي ويٺا هئا، جتي ڪيترا ڏينهن رهيا پيا هئا. ٿر ۾ جان جو ايترو نقصان ڪونه ٿيو، پر جهڙ ۽ ان سان گڏ هوا (لُري) جي ڪري سيءُ هو، جنهنڪري مال ڪافي انداز ۾ مري ويو. جهنگ ۾ ڪيترا هرڻ مئل ڏٺا ويا، نه ته رواجي طرح هرڻ ڪڏهين به برسات جي ڪري نه مرندا آهن. سنه ١٩٢٩ع ۾ به زبردست برسات پيئي هئي، جنهن ۾ به ڪيترو نقصان ٿيو هو.

١٩٣٩ع جو ڏڪار

ٿر ۾ ڏڪار ڪا نئين ڳالهه نه آهي، پر ڪڏهين ڪڏهين برسات اصل نه پوندي آهي، جنهنڪري ملڪ ۾ تمام سخت حالت ٿيندي آهي. سنه ١٩٣٩ع = سنبت ١٩٩٦ع ۾ برسات نه پوڻ ڪري آبادي ڪانه ٿي. گاهه اصل ڪونه هو. ٿر جو گهڻو تڻو مال مري ويو. ٿر ۾ اونهاري جا ٣ مهنا مئي، جون ۽ جولاءِ مال لاءِ سخت تڪليف جا ڏينهن آهن، ڇوته ان وقت ۾ مال کي هٿراڌو چارو ۽ گاهه ڏيڻو پوندو آهي. ماڻهن وبچارن برسات جي آسري تي ٻهريان ٽي مهنا ته مال کي سنڀاليو، پر پوءِ ڏکيون حالتون اچي پيدا ٿيون. ويچارن مالدارن گهر ۾ جيڪي هو سو ته کارايو، پوءِ وري ڳهه ڳٽا ۽ زيور گروي رکي ۽ ڪن وڪڻي مال کي کارايو، پر ٻارهن مهنا ڇا کارائين. نيٺ ٽپڙ ٽاڙي کارائڻ کان پوءِ به مال مري ويو.

مالدارن کان سواءِ ٻين کي تڪليف ڪانه هئي، ڇوته سرڪار تقاويون ڏنيون، تراين جي کوٽائي ۽ مرمت جو ڪم شروع ٿيو، ۽ ڪانگريس پاران سستي اناج جا دڪان ٿر جي

وڏن شهرن ۾ سهوليت وارن هنڌن تي جاري ٿيل جتي ۵ روپيه مڙ جي حساب سان اناج عام جام ملندو هو. ازان سواءِ ڪانگريس پاران بيوهه زالن ۽ پيرمردن ۽ يتيم پارن کي مفت اناج جي مدد به ملندي هئي. ڪي قدر ناري سان سهوليت وارن هنڌن تي ڪانگريس پاران گاهه جو به بندوبست ڪيل هو، پر ان جو فائدو ڪن پروارن ٿورن مالداڻن کي مليو. انهيءَ سال ٿر جو چوپايو مال گهڻي پاڻي مري ويو ۽ مالدار ويچارا سڄا ٿي پيا.

١٩٤١ع جا مکڙ

ٿر ۾ پنجين ستين سالين مکڙ ايندا آهن. ملڪ آهي واريءَ سو، تنهنڪري مکڙن کي آنن لاهڻ جي سهوليت آهي. هرهڪ مادي ۱۰۸ آنا لاهيندي آهي. اڳي ته گورنمينٽ جو انهيءَ پاسي ڏوجهه ڪونه هو، پر ١٩٤١ع ۾ گورنمينٽ مکڙن جا بچا (جن کي ٽڪا يا ڪهه چئبو آهي) ماراڻ شروع ڪيا. انهي ڪم تي لوڪسٽ ڪاتي وارا، ريونيو ڪاتي ۽ تعليم ڪاتي جي مدد سان ٽڪا ماراڻ لڳا. تعلقي ۾ سڄو انتظام حد جو مختيارڪار، ڪليڪٽر جي هدايتن پٽاندر ڪندوهو.

تعليم ڪاتي کان ماسترن جي مدد ورتي ويئي. اسڪول بند ڪري ماسترن کي لوڪسٽ ڊيوٽيءَ تي ڳوٺن ۾ مقرر ڪيو ويو. سڀ ڪنهن کي مقرر حد اندر مزورن کان ڪم ڪرائڻو هو. زميندارن کي لوڪسٽ ۾ مدد ڏيڻ لاءِ سرڪاري هدايتون هيون. ماستر ۱۵ کان ۲۵ تائين مزورن جون ٽوليون ٺاهي، جهنگ ۾ وڃي جتي ٽڪا هوندا هئا، اتي چربون ڪٽائي يا وٽن ۽ پوڻن ۾ ساڙائي مکڙن جا بچا ناس ڪرائيندا هئا. هرهڪ ٽوليءَ جي اڳواڻ کي جمعدار چئبو هو، جنهن کي ۱۲ آنا روز ۽ مزورن مان هرهڪ کي ۱۰ آنا روز، پار کي

۵ آنا روز ۽ عورت کي ۸ آنا روز ملندو هو. زالون انهيءَ ڪم
تي ٿوريون هيون.
ماسترن کي سندس پگهار کان سواءِ پٽو پاڙو ملندو
هو. ناري ۽ ميرپورخاص ڊويزن جا کي آبدار، آبپاشي ۽
ريونيو جا منشي به انهيءَ ڪم ۾ لڳايا ويا هئا. سڀ کان لاءِ
پٽيلن ۽ ماسترن کي ڪليڪٽر آفرين‌ناما ڏنا هئا. مزورن کي
هفتي هفتي مزوري آڻيڻي ملندي هئي.
سنہ ۱۹۴۲ع ۽ ۱۹۴۴ع ۾ به مڪڙن جي وينڪ ڏي
هئي، تڏهين به مٿين نموني لوڪسٽ جو ڪم هليو هو، ۽
ماسترن جي مدد سان ڪڪا ناس ڪرايا ويا هئا.

باب پارهون

حڪومت پاڪستان (۱۹۴۷ع)

۱۹۴۷ع جي آزادي

سنه ۱۹۳۹ع ۾ پي مهاياري لڙائي لڳي، سنه ۱۹۴۵ع ۾ پوري ٿي ۽ اتحادين کٽيو. ان وقت دنيا جي سياست ۾ زبردست انقلاب آيو. هندستان ۾ به سالن کان آزاديءَ جي هلچل هلندڙ هئي، ان جي اثر ڪري ملڪ جو وايسو منڊل ڪجهه سجاڳ هو. هندستاني فوجن ۾ ڪي قدر آزادگيءَ لاءِ حب ۽ تڙپ پيدا ٿي، بمبئي ۾ ڪن هندن ديسي فوجن بغاوت ڪئي. انگريزن جو ويساهه فوجن مان گهٽجي ويو. ملڪي حالتون اهڙيون اچي بڻيون، جو انگريزن لاءِ وڌيڪ وقت هندستان تي ضابطو رکڻ ڏکيو ٿي پيو. انگلنڊ جي نين چونڊن ۾ چرچل پارٽيءَ هارايو ۽ مزدور پارٽيءَ کٽيو. مزدور اڳواڻ ڪليمنٽ ائٽليءَ وزارت ٺاهي ۽ پاڻ وزير اعظم ٿيو. مزدور، هندستان جي آزادگيءَ جي فائدي ۾ هٿ.

ڪانگريس ۽ مسلم ليگ، "پاڪستان" جي سوال تي پاڻ ۾ ٺاهه ڪيو ۽ پنهي گڏجي آزادگيءَ جي گهر ڪئي، جنهنڪري پارليامينٽ هندستان کي آزادگي ڏيڻ جو بل پاس ڪيو. ۽ سنڌ ائٽلي ۱۹۴۷ع ۾ اعلان ڪيو ته جون ۱۹۴۸ع ۾ هندستان کي آزادگي ڏينداسون.

مهاتما گانڌي ۽ ٻيا اڳواڻ، جن کي انگريزن جي انجامن تي ويساهه ڪونه هو، تن گهر ڪئي ته جيڪڏهين سچ پچ انگريز هندستان کي آزادگي ڏيڻ جا خواهشمند آهن، ته جون ١٩٤٨ع تائين ترسڻ ڇو کپي، ڇو نه هينئر آزادگي ڏني وڃي! انهيءَ ڪري انگريزن ١٥- آگسٽ ١٩٤٧ع جي هندستان کي آزادگي ڏيئي، "هندستان" ۽ "پاڪستان" ٻه ڌار حڪومتون ڪيون. هندستان جو گورنر جنرل ساڳيو لارڊ مائونٽ بيٽن ٿيو، ۽ پاڪستان جو گورنر جنرل قائد اعظم محمد علي جناح ٿيو- جنهن ١٤- آگسٽ ١٩٤٧ع جي ڪراچيءَ ۾ لارڊ مائونٽ بئٽن کان چارج ورتي، جو چارج ڏيڻ لاءِ هوائي جهاز رستي دهلي کان آيل هو- هاڻي سال بسال ١٤ آگسٽ تي آزاديءَ جو ڏينهن، "پاڪستان ڊي" ساري ملڪ ۾ ملهايو ويندو آهي.

اسان جو ٿر ضلعو هينئر پاڪستان جو ڀاڱو آهي، ۽ حڪومت اڳئين وانگر ٿرپارڪر ضلعي جي ڪليڪٽر جي هٿ هيٺ آهي، جو ميرپور خاص ۾ رهي ٿو. ان جي هٿ هيٺ ٿر، ناراوئلي ۽ ميرپور خاص ڊويزنن ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر مقرر ٿيل آهن، جن جي هٿ هيٺ تعلقن ۾ مختيارڪار آهن. مٺي، ڇاڇرو، ڏيپلو ۽ ننگرپارڪر تعلقا ٿر ڊويزن ۾، عمرڪوٽ تعلقو ناري ڊويزن ۾ آهي، جتي مختيارڪار مقرر آهن.

١٩٤٧ع جي اڏ پلاڻ

ملڪ جي ورهاڱي ٿيڻ ڪري ٻنهي ملڪن جي ڪن ڀاڱن ۾ جاتيوار فساد ٿيا، جنهنڪري ڀارت مان مسلمان ۽ پاڪستان مان هندو لڏڻ لڳا. اسان جي سنڌ ۾ ڪو اهڙو فساد ڪونه ٿيو، يا خراب وايو منڊل ڪونه هو، ته به هندو وڏي تعداد ۾ لڏڻ لڳا، ۽ ڀارت مان ڪيترا مسلمان مهاجر سنڌ ۾ اچڻ لڳا. پاڪستان گورنمينٽ ۽ سنڌ گورنمينٽ انهن

کي وسايو. ١٧ ڊسمبر ١٩٤٧ع جي حيدرآباد ۾ ڪن جوشيلن ماڻهن ڪجهه گوڙ ڪيو، مگر سرڪار ترت ئي انهن تي ضابطو آندو- ڀارت جي اخبارن انهيءَ معمولي واقعي کي وڏن سرن سان لکي، تيليءَ مان ٿنڀ بڻايو (انهيءَ وقت آءٌ حيدرآباد ٽريننگ ڪاليج فارمين ۾ سيڪنڊ ڪلاس ۾ پڙهندو هوس ۽ روبرو حالتون ڏٺم)، ۽ جذباتي هندو ليڊرن سنڌي هندن ۾ هراس ڦهلايو ۽ پاڻ به لڏي ويا، جنهنڪري سنڌ ۾ لڏ پلاڻ زور ورتو.

وري ٦- جنوري ١٩٤٨ع تي ڪراچيءَ ۾ ڪن شرارت ڪئي، جا به سرڪار يڪدم بند ڪرائي. اسان جي ٿر تي مٿين ڳالهين جو اثر ڪونه ٿيو ۽ لڏ پلاڻ بلڪل گهٽ يا نالي ماتر ٿي: فقط ڪي ٿورا برهمڻ ۽ مهيشوري مٺي، چيلهار ۽ ڇاڇري وغيره ڳوٺن مان، ايڪڙ ٻيڪڙ لڏي ويا. پاڪ گورنمينٽ، اڇوتن جي عيوضيءَ جو گيندرناٿ منڊل کي سينٽرل سرڪار ۾ وزير مقرر ڪيو، ۽ پڻ اعلان ڪيو ته "اڇوت پاڪستان جا باشندا آهن: حڪومت سندن جان ۽ مال جي حفاظت ڪندي." سرڪار پنهنجي آرڊر جي اکر به اکر پيروي ڪئي ۽ اڇوتن کي ڪابه تڪليف ڪانه پهتي. پهرئين پاڪستان بجيٽ ۾ ٥ لک رپيا اڇوتن جي سڌاري، واڌاري ۽ تعليم لاءِ رکيا وبا. ڪيترن اڇوتن کي اسڪالرشپون، نوڪريون ۽ ٻيون سهوليتون مليون، جنهنڪري منجهن لڏ پلاڻ اصل ڪونه ٿي- اڇوت پاڪستان حڪومت ۾ امن جي زندگي گذاري رهيا آهن. ٿر ۾ ٺڪر (راجپوت)، لهاڻا ۽ اڇوت وبڻا آهن. هندو ۽ مسلمان اڳئين وانگر امن ۽ اتحاد سان رهن ٿا. ڪنهن به اقليت کي ڪابه تڪليف ڪانهي. حڪومت پاران مڪمل بندوبست ۽ انتظام آهي.

١٩٤٨ع ڏجو ڪار

پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ ڪري اسان جو ٿر پاڪستان جو ڀاڱو ٿيو. سنه ١٩٤٨ع ۾ برسات نه پوڻ ڪري اناج ڪونه ٿيو. اڳي ڏڪار وقت ٿر جا ماڻهو ناري لڏي وبندا هئا، ۽ ٻيا ناري مان چانور ۽ ڪڻڪ آڻي کائيندا هئا. ملڪ جدا ٿيڻ ڪري ڪيترا پاڪستان جا غدار، چانور، ڪڻڪ ۽ ٻيو اناج لڪچوريءَ ٿر جي سرحد مان هندستان ڏي نفعي جي لالچ تي موڪلڻ لڳا، جو هندستان ۾ اناج جو سخت قحط هو ۽ اگهه تمام چوٽ چڙيل هئا. جيتوڻيڪ سرحد تي زبردست پهرو هو، ته به اناج لڪچوريءَ وڃي رهيو هو، جو وارياسي سرحد به اهڙي آهي جنهن تي مڪمل ضابطو رکڻ ڏکيو آهي.

انهيءَ سمگلنگ کي ٻنجي ڏيڻ لاءِ سنڌ سرڪار ناري ڍوري کان ڏکڻ اوڀر، يعني ٿر جا چارئي تعلقا ۽ ڪجهه عمرڪوٽ تعلقي جو اوڀر ڀاڱو، سرحدي ايراضي ٺهرائي، چانور ۽ ڪڻڪ تي بندش وڌي، جنهنڪري عام غريب ماڻهن کي اناج جي ڏاڍي تڪليف ٿي. ڪن ٿورن غدارن، چئن پئسن ڪمائڻ جي لالچ جي وس ٿي، سڄي ملڪ جي غريبن تي آفت آندي! ٿر ۾ ناري مان اناج اچڻ بند ٿي ويو، ملڪ ۾ اڳيئي ڪونه هو. ڪوبه ماڻهو گهر ۾ چانور يا ڪڻڪ رکي نٿي سگهيو. ڍوري ناري جي مکيه لنگهن ۽ رستن تي ملٽري ۽ پوليس جو زبردست پهرو هو. ڪي ماڻهو لڪچوريءَ اناج ٿر ۾ آڻي وڪڻندا هئا. ٿر جي شهرن ۾ ٣٠-٣٢ رپئين مڻ اناج به مشڪلات سان ملندو هو، سو به لڪچوريءَ آندل. ڪڻڪ، چانورن ۽ ٻاجهريءَ جو نالو به ڪونه هو. شاهوڪار ۽ هلنديءَ وارا ته پيا پورت ڪندا هئا، پر غريب مصيبت جي منهن ۾ هئا. ٿر ۾ ڌنڌو ڪونهي: ايترا پئسا ڪٿان آڻين جو اناج خريد ڪن، لاچار

وڃارا غريب پُرت، مُرڻ (هڪ قسم جو جهنگلي گاهه)، ڍانوون جو ڇُنو، ڪنڊين جا ٻڻ، وغيره ڪائي وقت ڪاڍيندا هٿا!

مون کي ياد آهي جو جڏهين برسات پيئي، تڏهين بج لاءِ ڀاجهري تڪليف سان ٿي ملي، ۽ ڪيترن ماڻهن کي ته اصل ڪونه ملي، جنهنڪري گوار پوکيائون. ڪيترا ماڻهو ويلن جا ويلا ننگهڻ ڪاڍيندا هٿا، ڪي هلندي‌ءَ واوا سرڪار کان خاص پرمٽون وٺي ناري مان اناج آڻيندا هٿا۔ ٻڌوسون ته ننگرپارڪر تعلقي ۾ 'بڪ' وگهي ڪي موت بسر ٿيا هٿا. شادي غميءَ جي موقعن تي ڏاڍي تڪليف هٿي۔ سرڪار شهرن ۾ سهولت وارن هنڌن تي اناج جا ڊيپو کوليا هٿا. جتان راشن ڪاوڙن تي، پاتين جي تعداد آهر، اناج ملندو هو، سو بسر هلندي‌ءَ وارن کي۔ غريبن لاءِ ساڳي ئي تڪليف هٿي.

ديپن جا مالڪ، ڪيترا اناج "بلئڪ" ۾ وڪرو ڪري، وڏا نفعا ڪائيندا هٿا، جنهنڪري اهي هڪدم شاهوڪار ٿي پيا. تيٺ، جون ۱۹۴۹ع ۾ سرڪار اناج جي بندش جو حڪم رد ڪري، سرحدي ايراضيءَ، جوڊپور رياست جي حد ڪان فقط ڪي ٽروا ميل مقرر ڪئي، ۽ انهيءَ سال ٽر جو فصل بہ ڇڪو ٿيو، جنهنڪري ملڪ انهيءَ تڪليف کان آجو ٿيو ۽ ماڻهن سک سان جو ساهه ڪنيو.

۱۹۵۲ع جا ڪم

سال ۱۹۵۲ع ۾ ٽر ۾ ڪم ونڊ ڪئي. سرڪار شروعات کان ئي اپاهك ورتاه پرائمري اسڪول بند ڪري ماسترن کي مقرر ڪيو ويو. جيئن ڪا نڪتا، تيئن ماسترن مزورن جي مدد ۾ ان چٽريون ڪٽائي، ڪا مرائڻ شروع ڪيا. انڪل ڇهن هفتن ۾ سڀ ڪٿي ناس ڪرائي ويٺي۔ پين پاسن کان

کي ٿورا اڏامندڙ مکڙ آيا، جن کيي قدر تر جي فصل کي نقصان رسايو.

جاگيرداري ختم

انگريز سرڪار کيترن ساٿين کي مدد جي عيوض جاگيرون ڏنيون هيون، جن جي دل معاف هئي. ڪجهه وقت کان پوءِ ڪجهه ماڻهن جاگيرداري ختم ڪري سرڪار جي پيدائش وڌائجي: رڳو سنڌ ۾ انهيءَ ڪري سرڪار کي ساليانو ۲۵ لک روپيا وڌيڪ اپت ٿيندي، جا پوءِ ملڪ جي واڌاري جي ونڊ تي خرچ ڪجي. آخر پاڪستان گورنمينٽ آڪٽوبر ۱۹۵۲ع ۾ جاگيرن ختم ڪرڻ جو بل بحال ڪري گورنر جنرل کي عمل ڪرڻ لاءِ موڪليو، جهنڪري تر جون ڏيڪاريل جاگيرون به ختم ٿيون.

۵۳-۱۹۵۲ع جو ڏڪار

سنه ۱۹۵۱ع ۾ تر جي تمام ٿوري پاڳي ۾ برسات پيئي، جنهنڪري فصل گهٽ ٿيو. سنڌ مان برمٽ کان سواءِ اناج آڻڻ تي سرڪار بندش وڌي، جنهنڪري اناج جي سخت ڏڪلیف ٿي. وري سال ۱۹۴۲ع ۾ به تر جي ڪن پاڳن ۾ برسات گهٽ يا ڪونه پيئي. ڪجهه قدر ڪڻڪ ۽ مکڙن فصل کي نقصان رسايو. سنڌ ۾ به اناج جي قلت هڻڻ ڪري اڳهه چوٽ چڙهي ويا: ڪراچي ۾ ڄاڻوون جو مڻ ۴۰۰ روپيا، حيدرآباد ۾ ڪڻڪ جو مڻ ۲۵ روپيا ۽ تر ڪي وڃهو ڪنري اسٽيشن تي ڪڻڪ ۲۴-۲۵ روپين وڪامڻ لڳو.

تر ۾ فصل گهٽ ۽ ڏنڊو نه هڻڻ ڪري پنسي جي پيدائش نه ٿيڻ ڪري اناج جي سخت ڏڪلیف ٿي. ماڻهن

ڀُرٽ، مُرٽ ۽ ٻئي ڏٽ تي ڪي قدر گذر ڪيو. سرڪار سهوليت وارن هنڌن تي اناج جا ڊيپو کولايا، جنهنڪري ماڻهن کي اتان سستي اگهه سان اناج ملندو هو. سرڪار ٿر کي ڏڪار ايراضي ٺهرايو ۽ ڪافي انداز ۾ اناج موجود ڪيو، جنهنڪري ماڻهن کي تڪليف گهٽ ٿي.

باب تيرهون

ٿرپارڪر جا مکيہ ڳوٺ ۽ آدمشماري

(الف) مکيہ ڳوٺ

عمرڪوٽ : هي شهر ٢٢ـ٢٥ اتر ڊگهائي ڦاڪ ۽ ٤٧ـ٦٩ اوڀر ويڪرائي ڦاڪ ۾، ٿرجي ڀٽن ۽ ميداني علائقي جي دنگ تي آهي. ڇوڙ ۽ ڍورو نارو ويجهيون اسٽيشنون، هر هڪ ١٢ ۽ ١٤ ميل پري آهن. ميرپور خاص سان لاريءَ ۽ موٽر رستي ڳنڍيل آهي، جو ٣٦ ميل پري آهي. هي اڳي راجپوتن جي گاديءَ جو هنڌ هو، ۽ سڄي ڍاٽ (ٿر) جو ٽيلات ليکبو هو. هتي سنہ ١٥٤٢ع ۾ هاڪارو مغل شهنشاهہ اڪبر اعظم ڄائو هو. ١٧٤٦ع ۾ ميان نور محمد ڪلهوڙي قلعو ٺهرايو، جو اڃا تائين بيٺو آهي. هي اڳي ضلعي جو هيڊ ڪوارٽر هو، سنہ ١٩٠٦ع کان پوءِ ميرپور خاص ۾ هيڊ ڪوارٽر ڪيو ويو. هتي واپار چڱو هلي ٿو. ١٩٤٧ع جي لڏ پلاڻ بعد ڪيترا هندستان مان مهاجر اچي وسيا آهن. هتي ميونسپالٽي آهي. هن جي چوڌاري باغن ۾ انب، ليما، صوف، توت، ڊاک، ڏاڙهون، ڪيلا، ۽ واڙين ۾ هر ڪنهن قسم جي ڀاڄي، پالڪ، سوئا، موري، واڱڻ، ڀينڊيون، توريون، ٽماٽا، ڪاريلا وغيره جام ٿين ٿا. سنہ ١٨٧٤ع ۾ ايسٽرن ناري جي ٻوڏن سبب هتان جا گهڻا رهاڪو مٺي، ڇاڇرو، ڪانٽيو، پارنو، چيلهار، ٻگل، ويراڙو ۽

ڌارناسر وغيره ڳوٺن ۾ وڃي رهيا. سنه ١٨٩٩ع جي مشهور ڏڪار ۾ ڪيترا ماڻهو مارواڙ ۽ گجرات کان لڏي هتي اچي رهيا. هتي مرداڻو ۽ زنانو پرائمري اسڪول، هاءِ اسڪول، مختيارڪار جي آفيس، ميونسپل، سرڪٽ هائوس، ٿاڻو، مسافرخانو، اسپتال، انجنيري ۽ براج بنگلا آهن- هاڻي شهر جو اڳيون اوج ڪونه آهي.

مٺي: هي ٢٤-٤٤ اتر ڊگهائي ڦاڪ ۽ ٦٩-٥١ اوڀر ويڪرائي ڦاڪ ۾ سڄي ٿر ۾ وڏو شهر آهي. هتي ڪراڙ، برهمڻ، مينگهواڙ، لهاڻا، گرڙا، مالهي، کٽي، سونارا، مسلمان بيجر، پڇارا، ڪاسائي، حجم ۽ ٻيون ذاتيون رهن ٿيون. هي "مٺي" نالي بجيرياڻيءَ جو ٻڌايل آهي. هتي واپار جام هلي ٿو. ماڻهو تعليم يافتا آهن- برهمڻ اڪثر بي علم آهن، جين جو مکيه ڌنڌو آٺ پلاڻڻ ۽ پوک آهي. هتي ميرن جا ٻه قلعا هئا، جي هاڻي ڊهي ويا آهن. هڪ قلعو اتي هو، جتي هينئر اسپتال آهي، ۽ ٻيو شهر کان الهندي وڏي دڙي تي هو، جنهن کي "گڍي" چوندا آهن. ميرن هن شهر جو نالو "فتح ڳڙهه" رکيو هو. هتي گورنمينٽ انڊسٽريل ڊپارٽمينٽ طرفان ١٩٤٤ع ۾ وول ڪارخانو کوليو ويو، مگر هن ڪا ترقي ڪانه ڪئي. اٽگريڪلچرل کاتي به هڪ ريسرچ فارم کوليو ۽ ان ۾ کوهه کڻايو، مگر ڪاميابي نه ٿي، آخر فارم بند ڪرڻو پيو. هتي اڳي ميونسپالٽي هئي، جا ١- جنوري ١٩٠٥ع ۾ بند ڪئي ويئي، هاڻي نوٽيفائيڊ ايريا آهي. هتي مرداڻو ۽ زنانو پرائمري سڪول، هاءِ اسڪول، مختيارڪار جي آفيس، اسپتال، ٿاڻو، مسافرخانو، ديرو، ڍڪ ۽ ڊسٽرڪٽ بنگلو آهن. ويجهي ريلوي اسٽيشن نئون ڪوٽ ٣٣ ميل آهي، روزانو لاري سروس چالو آهي.

ڇاڇرو : هي ٦-٢٥ اتر ڊگهائي ڦاڪ ۽ ١٨-٧٠ اوڀر ويڪرائي ڦاڪ ۾ تعلقي جو هيڊ ڪوارٽر آهي. هتي مهيشوري، برهمڻ، کٽي، مينگهواڙ، گرڙا مسلمان بجير وغيره رهن ٿا. هتي سنه ١٧٨١ع ۾ مدد خان پٺاڻ ڦرلٽ ڪئي هئي. هتي چڱو واپار هلي ٿو. منجهس زنانو ۽ مردانو پرائمري اسڪول، اي-وي اسڪول، پاٺشالا، ٿاڻو، ڊسٽرڪٽ بنگلو، مختيارڪار جي آفيس، تار آفيس، اسپتال، مسافرخانو، ديرو، ڍڪ وغيره آهن. هتي ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ پوليس ۽ ايڪسائيز انسپيڪٽر رهن ٿا. ويجهي اسٽيشن ڪنري ٤٨ ميل آهي، جتان روزانو لاري اچي ٿي.

گڍڙو : هي ڇاڇري تعلقي ۾ پاڪستان ۽ جوڌپور اسٽيٽ جي حد تي آهي. اڳي گڍڙو روڊ، ريلوي اسٽيشن ويجهي هئڻ ڪري واپار ۾ مشهور شهر هو، پارڪر جو خاص واپاري پتڻ هو، مگر هاڻي گهڻا هندو لڏي ويا آهن. سرحدي ڳوٺ هئڻ ڪري هتي پاڪستان رينجرس رهي ٿي. هن جو تلاءُ مشهور آهي. هتي کوهه ٦٠ پرهه (٣٠٠ فوٽ) اونها آهن. هتي پرائمري مرداڻو اسڪول، مسافرخانو، ديرو، ڍڪ ۽ ٿاڻو آهن. اڳي تار آفيس ۽ ٽپال آفيس هئي، مگر هاڻي ڪانهي. هتي اڳي غاليچا، بلئڪيٽ ۽ گلم ٺاهڻ جو ڪارخانو هو، جو هاڻي ڪونهي. هي شهر ٺڪرن جو ٻڌايل آهي. مينگهواڙن جي جهجهي بستي آهي.

چيلهار : هي ڇاڇري تعلقي ۾ چيلي نالي چارڻ جو ٻڌايل آهي. هتي مهيشوري، برهمڻ، مينگهواڙ، مالهي ۽ مسلمان بجير ۽ حجام رهن ٿا. هتي ميرن جو ٺهرايل قلعو ڊٺل حالت ۾ آهي، جنهن ۾ کوهه آهي. ميرن جي ڏينهن جون توبون هتي آهن. مير هن قلعي کي "علي گڙهه" چوندا هئا. اڳي

سڄي ٽر جي ٽپال سنڌ کان پهريائين هتي ايندي هئي. واپار چگو هلي ٿو. هتي پرائمري مردانو ۽ زنانو اسکول ۽ هاءِ کلاس، مسافرخانو، ديرو، ٽاٽو ۽ ڊاک آهن. پرسان ترايون گهٽيون آهن، 'راٹاسر' تلاءُ مشهور آهي. کوهن جو پاڻي وٽندڙ ۽ هاضم آهي. ماڻهو گهڻي قدر تعليم يافتا آهن. واپار چگو هلي ٿو. ويجهي ريلوي اسٽيشن ٽنڈو ڪوٽ ۳۲ ميل پري آهي.

ڊيپلو: هي ۲۸-۲۴ اڀر ويڪرائي ڦاڪ ۽ ۶۷-۶۹ اوپر ويڪرائي ڦاڪ ۾ تعلقي جو هيڊ ڪوارٽر، ۽ "ڊيپني" سينگهواڙ جو ٻڌايل آهي، جنهن جي قبر تعلقي آفيس جي ايوان ۾ آهي. اڳي موجوده تعلقي آفيس واري هنڌ ڪچو قلعو هو، جو هاڻي ڍهي ويو آهي. هتي اٽڪل سادا ٽي هزار آدم وهي ٿو، جن مان گهڻا ميمڻ آهن، ڪجهه ٽووا ڪلر، سينگهواڙ، گرڙا، ڪٽي، لهاڻا، بجير ۽ لنگها به آهن. ميمڻ تعليم يافتا واپاري ۽ شاهوڪار آهن. ڪيترائي وڏين نوڪرين ۾ آهن. ميمڻ فئشن بل، مدارڪ خيالن جا شائق، ۽ مهمان نواز آهن. اهي شريعت جا پائبند آهن. ميمڻن جي مسجد شريف به ماڙ آهي. عورتن ۾ برقعي جو رواج آهي. هن وقت گوٺ ۾ هڪ عربي مدرسو، هاءِ اسکول، زنانو ۽ مردانو پرائمري اسکول آهن. هتي ٻئي واپار کان گيهه جو واپار جام هلي ٿو. هتي مختيارڪار جي آفيس، پوليس ٽاٽو، اسپتال، ڊاڪ، تار آفيس، ۽ مسافرخانو آهن. ميمڻ لاڙ کان، ۽ ڪي گهر چينهار کان آيل آهن.

اسلام ڪوٽ: هي مٹي تعلقي ۾ ٻيو نمبر شهر آهي. هتي اڳي مير فتح علي خان قلعو جوڙايو هو، جو پوءِ ڍهي ويو. هن وقت انهيءَ هنڌ پرائمري مردانو اسکول آهي. شهر جون ڪيتريون جايون انهيءَ قلعي جي سرن مان جڙيل آهن. اهي

سرون ننڍيون ۽ سنهيون آهن، پر مضبوط آهن. هتي لهاڻن جو واڄ وڌو آهي. سارسوت برهمڻ، مينگهواڙ، گرڙا ۽ ٺڪر به رهن ٿا. لهاڻا ٻڌي باگي ۽ لاڙ کان ميرن جي ڏينهن ۾ آيا آهن. اهي ذهين واپاري آهن. ونڊ ڏن جهجهو آهي. چون ٿا ته سڄي ٽر جي سون جو اڏ اسلام ڪوٽ جي لهاڻن وٽ آهي. هتي گيهه ۽ پرت سان چمڙين جو واپار هلي ٿو. هتي پرائمري مردانو ۽ زنانو اسڪول ۽ هاءِ اسڪول پوليس ٽاڪو، تار ۽ ٽپال آفيس، جانورن جي اسپتال، ڊاڪ ڏيرو ۽ مسافرخانو آهن. مٺي کان ننگرپارڪر ڏي ويندڙ لاري هتان لنگهي ٿي.

ننگرپارڪر: هي ٽر جي پارڪر واري پاڳي ۾ ۲۱-۲۴ اتر ڊگهائي ڦاڪ ۽ ۴-۷۰ اوپر ويڪرائي ڦاڪ ۾، سوڊن جو وسايل، ڪارونجهر جبل جي دامن ۾ آهي. هتي اڳي ۱۸۶۲ع ۾ ميونسپل ڪلي هئي، جا پوءِ ۱۸۷۶ع ۾ بند ٿي ويئي. ڪارونجهر جي اتاهين چوٽي چگي آهي. هتي وڻڪار گهٽي آهي، خاص ڪري نمن جا وڻ جهجها آهن. جبل ۾ ڪيترا هندن جا تيرٿ آستان ۽ ڏرسي ڪان آهن. اڳي موڪين جي پوچ جو ڪم ٿيندو هو، مگر هاڻي چمڙي جي ڏين جو واپار هلي ٿو. هتي جيني اوسواڙ به رهن ٿا. ميمڻ، مينگهواڙ، گرڙا، لهاڻا ۽ ڪولهي رهن ٿا. جبل ۾ عمارتي پٿر ملي ٿو، جنهن مان جايون ٺهن ٿيون. هتي جاين تي مٽان ٺڪر جا پچايل نرا ڏيندا آهن. جبل ۾ ماکي سٺي ٿئي ٿي. ڪارونجهر ۾ ايتري پيدائش ٿئي ٿي، جو پارڪر ۾ چوندا آهن ته "روزانو سوا سير سون پيدا ٿئي ٿو." هتي هيرڙ جا وڻ گهڻا آهن، جن جي ڀڄن مان تيل ڪڍيندا آهن. هتي واربامي ڪان وڏي نانگ، بلائون ۽ وڇون ٿيندا آهن، جن جو ڪاڙ هڪ ڪ

جبل آهي، ۽ ٻيو جيني ماڻهو ڪنهن به ساهواري کي ڪو
مارين ، هتي هاءِ اسڪول ، پرائمري مردانو اسڪول، ٿاڻو
مختيارڪار جي آفيس، ديرو، مسافرخانو، ٽپال ۽ تار آفيس
۽ اسپتال آهن، لئنڊ ڪسٽمس آفيسر ۽ سندس عملو رهي ٿو
اتي لکڻ ڀارتيءَ جو مشهور مندر آهي.

ڀوڏيسر : هي ننگرپارڪر کان ٤ ميل اتر الهندي
آهي. هتي هڪ وڏو تلاءُ ٢٠٠-٤٠٠ فوٽ آهي، جنهن جي
ڪناري تي قديم قبرستان آهي، ۽ اڳيان عاليشان مسجد آهي،
جا بهمني خاندان جي سلطان محمود شاه بيگڙي بن مظفر شاه
گجرات جي حاڪم سنه ١٥٠٥ع ۾ ٺهرائي هئي، جا ٣٠ چورس
فوٽ آهي. هن جي مرمت سال بسال گورنمينٽ ڪرائيندي
آهي. هن شهر جو پايو ڀوڏو پٽ جيسو سوڍي ١٣٧٥ع ۾
وڌو. هتي جين درم وارن جو عاليشان مندر آهي.

ويراواهه : هي ننگرپارڪر تعلقي ۾ ٣١-٢٤ اتر
ڊگهائي ڦاڪ ۽ ٠-٧٠ اوڀر ويڪرائي ڦاڪ ۾، جهونو ڳوٺ،
اصل ويري نالي هڪ رٻاريءَ جو ٻڌايل آهي. هن جي اڀرندي
پاسي پاري ننگر جو ڦٽل شهر آهي. هتي اڳي جيني اوسواڙ
رهندا هئا، جن جا مندر ۽ ديوتائن جا پتلا اتي آهن. ريکو ديو
جو بت ڏسڻ جهڙو آهي، جو سنگ مرمر جو ٺهيل آهي. هن
جي ڏکڻ ۾ سانگاهه نالي ڍنڍ آهي، جتي جا وسڪاري ۾ ٽمٽار
ٿيو پوي. برساتي موسم ۾ فصل ڀلو ٿئي ٿو. هتي هڪ سنگ مرمر
جو اڪريل پٿر لڌو هو، جو ان وقت جي ٿرپارڪر جي
ڊپٽي ڪمشنر (١٨٩٢ع) مسٽر گائيلس ڪراچي ميوزيم ۾ موڪليو.

پاري ننگر : هي عيسوي پهرين صديءَ ۾ هاڪارو
شهر، سمنڊ جي ڪناري تي بندرگاهه هو. هتي ڏوتڙ وٽ
جهاز بيهندا هئا، جتي لوهه جي ٽڪرن جا نشان اڄ به ڏسجن

ٽا . هني اڳي چاليهه هزار آدم وهندو هوء جي سپ جيني ها. هن جا ٣-٤ ميلن ۾ ڪنڊو آهن، جتي ان زماني جا يادگار اڃ ٿائين لپن ٽا . سڏونت - ساونگا جي مشهور عشقيه قصي ۾ پاري ننگر جو ذڪر اڃي ٿو ، جنهن مان خبر پوي ٿي ته اڳي هتي ناريل ٿيندا هئا، جا سمنڊ جي نزديڪيءَ جي نشاني آهن .

(ب) آدمشماري

ٽرپاوڪر ضلعي جي اجملي پڪيڙ ١٣٦٩٢ چورس ميل آهي، ۽ آدمشماري هيٺين موجب آهي :

١٨٧٢ع	۾	٢٣٠٠٣٨	ماڻهو
١٨٨١ع	۾	٢٥٧٥٦٥	"
١٨٩١ع	۾	٣٥٨١٨١	"
١٩٠١ع	۾	٣٦٣٨٩٤	"
١٩١١ع	۾	٤٣٣٣٩٨	"
١٩٣١ع	۾	٤٦٨٠٤٠	"
١٩٥١ع	۾	٤٣٤١١١	"

جمڙائو واهه جي ڪوٽائيءَ ڪري ڪيترا مزور وغيره، ۽ زمين آباد ٽيڻ ڪري ڪيترا آبادگار ۽ ٻيا ماڻهو، پنجاب ۽ سنڌ جي ٻين پاڳن مان لڏيٽ هتي اڃي وهيا ۽ جنهنڪري آدمشماري ۾ واڌ ٿي.

٥٤ سيڪڙو مسلمان ۽ ٤٦ سيڪڙو هندو .

١٩٤٧ع جي لڏ پلاڻ ۾ گهڻا مسلمان هندستان مان لڏي آيا.

١٩٥١ع کان اڳ آدم شماريءَ جا انگ اکر

تعلقو	پکيڙ چورس ميل	ڳوٺ	شهر	آدم شماري ١٩٠١ع	آدم چورس ميل ۾	١٨٩١ء ١٩٠١ ۾ واڌ	پڙهيل	آدم شماري ١٨٩١ع	آدم شماري ١٩١١ع	آدم شماري ١٩٤١ع	ڍل ٠٢-١٩٠٢ع
عمرڪوٽ	١٤٥٩	١٠٠	١	٥١٤٧٢	٣٣	١١	٣٨٥	٤٦٢٦٤	٥١٨٥٩	٦٧٥٠٠	٢٢٦٩٠٧ رپيا
ڇاڇرو	٢٧٩٦	٤١	٠	٤٠٩٢٥	١٥	١٧	٢١٤	٤٩٥٠٢	٥٣٥٠١	٧٤٧٠٠	٣٨٦٧٥ "
مٺي	١٥٦٢	٤٤	١	٢٦١٥٤	١٧	٢٩	٥١٧	٣٢٤٤٥	٤١٤٧٢	٤٥٧٠٩	٢٧٤٣٢ "
ڏيپلو	١٥٠٣	٤٢	٠	١٦٨٨٦	١١	٢٩	٩٢	٢٥٩٦٩	٣٠٩٦٩	٢٥٢٤٢	٦٢٥٦١ "
نئگرپارڪر	١٦١٨	٣١	٠	٢٥٣٥٥	١٦	٣٨	٣٨٨	٢١١٧٨	٢٧٥٤٨	٢٢٥٠٠	٢٢٠٢١ "

سڄي ضلعي ۾ ٣ شهر، جن مان ٿر ۾ ٻه شهر آهن. سراسري ميل ۾ ٢٧ ماڻهو رهن ٿا. سنه ١٩٠١ع ۾ مسلمان ٢١١٣٠٩ يعني ٥٨ سيڪڙو، ۽ هندو ١٥١٧٢٦ يعني ٤٢ سيڪڙو، مسلمانن مان بلوچ گهڻا آهن، جملي ٦٠٤٢١ بلوچ آهن. سنڌي سما ٥٢٣٦١ آهن. لهاڻا ٣٢٤٦١، راجپوت ١٦٤٧٥، مينگهواڙ ٣١٢٢٢، ڪولهي ١٣٥٠٢، ۽ ڀيل ٢١٠٤٨ آهن.

عمرڪوٽ تعلقي ۾ ١٠١٠ چورس ميل ٿر ۽ باقي نارو آهي. مٿئين حساب موجب پنجن تعلقن جي پکيڙ ٨٩٣٨ چورس ميل آهي. مگر ڪپري تعلقي جو به ڪجهه ڀاڱو ٿر آهي، جنهنڪري ڊيزرٽ جي سموري پکيڙ ١٠٥٤٢ چورس ميل آهي.

آدم شماري سنه ١٩٥١ع (ٿرپارڪر ڊسٽرڪٽ)

تعلقا	مرد	عورتون	ڪل جوڙ	پڙهيل	مهاجر
ميونسپل ميرپور خاص	٢٢٦٩٢	١٨٠٥٨	٤٠٧٥٠	١٠٥١٤	٢٧٦١٤
تعلقو ميرپور خاص	٣٣٢٤٣	٢٧٣٩٢	٦٠٦٣٥	٤٤١٢	١٦٢٤٢
" جيمس آباد	٢٤٧٣٣	٢١٠٧٣	٤٥٨٠٦	٣٥٣٣	٩٢٨٤
" ڊگهڙي	٣٦٣٨١	٣٠٥٠٢	٦٦٨٨٣	٥٩٥٩	١٣٥٦٢
ميونسپل عمرڪوٽ	٢٨١٧	٢٣٢٦	٥١٤٣	١٠٧٦	٦٨٠
تعلقو عمرڪوٽ	٤٤٦٨٦	٣٥٦١٧	٨٠٣٠٣	٧٣٥٥	١١٤٩٥
" سانگهڙ	٢٧٨٧٧	٢١٤٩٥	٤٩٣٧٢	٣٢٦١	٥٤١١
" ڪپرو	٤٢٩٥٨	٣٣٦٩٢	٧٦٦٥٠	٤٧٦٢	٦٨١٠
" سامارو	٣٢٣٢٤	٢٦٣٣٣	٥٨٦٥٧	٣٤١٢	٦٢٣٧
" ڇاڇرو	٤٧٦٢٩	٣٩٩٨١	٨٧٦٠٩	٤١٥٠	٣٤٠
" مٺي	٣٤٢١٧	٢٩٨١٣	٦٤٠٣٠	٤٢٦٧	٣٨٨
" ڏيپلو	١٩٩٧٩	١٦٩٧٠	٣٦٩٤٧	٢٦١٣	٧٥٣
" ننگرپارڪر	٣٢٩١٧	٢٨٤٠٩	٦١٣٢٦	٢٠٣٣	٢١٥

نوٽ: ١٩٥١ واري آدم شماريءَ بعد سانگهڙ ۽ ڪپرو تعلقه، سانگهڙ ضلعي سان ملايا ويا آهن.

مان هجرت ڪري آيا. لڏ پلاڻ ۽ ڪيترا مسلم هندستان ١٩٤٧ع جي

باب چوڏهون

ٿر ۾ رهندڙ قومون

ٿر ۾ اڳي جين ڏرم وارا آباد هئا، پوءِ پرمار ۽ سومرا هندو راجپوت آيا، جن جو ٿر تي راج به هو. ان بعد سوڍا راڻنپور کان آيا. وڃڻين سمي ۽ کوسا، چانڊيا ۽ بلوچ به اچي رهيا. ڪي اڇوت قومون، پيل ۽ ڪولهي، آڳاٽي وقت کان رهندڙ هيون، ان بعد ماروارڙ کان ماڻهو اچڻ لڳا. موجوده بستيءَ وارا برهمڻ، مهيشوريءَ، سينگهوارڙ ۽ ٻيون ڪاسبي قومون وغيره سڀ ماروارڙ کان آيل آهن. لهاڻا ۽ ڪي مسلمان قبيلا سنڌ کان آيل آهن. ريتين رواجن، اوڍ - ويس ۽ ٻوليءَ مان ڏي سنڌن اڇڻ پڌرو آهي. پاڪستان ٿيڻ بعد لڏپلاڻ جو اثر ٿر تي بلڪل ٿورو ٿيو آهي. ڪي برهمڻ ۽ مهيشورين جا گهر لڏي ويا آهن. ٿر جي شهرن ۾ برهمڻ، مهيشوري، مسلمان، ڪاسبي ۽ سينگهوارڙ گهڻا رهن ٿا، جو ته هڪڙا پئسي وارا، جن جو ڏنڊو واپار ۽ ڏيتيءَ تي آهي، جهڙوڪ مهيشوري، ٻيا ڪاسبي ۽ جهڙوڪ مسلمان حجام، ڏوبي، هندو ڪٽي وغيره ۽ سينگهوارڙ اهي شهرن ۾ جهجها آهن. راجپوت ۽ مسلمان، جيڪي مالدار آهن ۽ جن جو گذران کيتيءَ تي آهي، سي پهراڙين ۾ رهن. پيل ۽ سينگهوارڙ به سڄي ٿر ۾ پکڙيل آهن. ڪولهي گهڻا پارڪر ۾ رهن ٿا.

مسلمان

مسلمانن جا مکيه به فرقا "سُنّي" ۽ "شيعه" آهن. تر ۽ سني وهن ٿا، جي هيٺين قومن ۾ ورهايل آهن:

سيد: حضرت محمد صلعم جن جي نياڻي بيبي فاطمة الزهرا ۽ حضرت علي ڪرم الله وجه جن جي اولاد کي 'سادات' سڏيندا آهن. "سيد" لفظ جي معني آهي "سردار"۔ هر هڪ مسلمان کي سيدن لاءِ عزت آهي، ۽ هو کين پنهنجو مرشد سمجهندا آهن.

شيخ: عربن ۾ 'شيخ' ڪنهن بزرگ، اولياءَ، نيڪ مرد يا پرئي مڙس کي چوندا آهن۔ هند ۽ سنڌ ۾ هندن ۽ ٻين مذهبن واون کي مسلمان ٿيڻ تي اهو آبرو وارو لقب ڏيندا آهن.

پٺاڻ: پٺاڻ، بني اسرائيل جي اولاد مان آهن ۽ اسرائيل جي بادشاهه 'شاول' جي نسل مان آهن. اهي افغانستان جا رهاڪو آهن. سنڌ ۾ گهڻا وهن ٿا، جتان کي عمرڪوٽ ۾ اچي رهيا آهن، پراڻا ڪوٽ، فراسيون، هنگ ۽ ڪشمش جو واپار ڪندا آهن.

بلوچ: اهي اصل 'حلب' شهر جا ويڙل هٿا. الڪان بغداد ۽ان لنگهي ڪرمان ۾ آيا، پوءِ مڪران ۾ اچي رهيا. هي پاڙ، کي "امير حمزي" جو اولاد سڏائين ٿا. هنن جو ڏاڏو 'هرين' هو، جو ڪيچ مڪران ۾ رهندو هو. هن کي ٻي پٽ هٿا: جلال خان، مير عالي ۽ نوس. جلال خان کي چار پٽ رند، 'لاشار' 'هوت' ۽ 'ڪورائي'، ۽ هڪ ڏيءَ 'جتو' هئي، انهن مان بلوچن جون جدا جدا قومون ٿيون. رندن جون ڪي مکيه شاخون هي آهن: رند، دومبڪي، جڪراڻي، لغاري، ڪوسا، جمالي، بوزدار ۽ چاڪراڻي وغيره. لاشار جي اولاد جون

گھٹيون شاخون آھن، جيئن ڪ: ڪوواڻي، پوتاڻي، ۽ ڪلواڻي وغيرہ. ھوت جو اولاد چانڊيا آھن، جي ھوت جي ٻن پٽن 'حاجي' ۽ 'حسين' جو اولاد آھن، ۽ ھر ھڪ جون ھي شاخون آھن: غنباڻي، گھراساڻي، بھراڻي، قنبراڻي، ۽ سندواڻي وغيرہ. ڪورائي جو اولاد ڪورائي بلوچ سڏبا آھن، جن جون بہ شاخون آھن، جيئن ڪ: ڪورائي، پتافي، بداڻي ۽ دستي. جتو جو اولاد آھن جتوئي. اھا پنھنجي سؤٽ مراد خان سان پرٽي، جو نوس بن ھرين جو پٽ ھو. انھن جون شاخون ھي آھن: جتوئي، بُلا، نرٽ، شر، ڪوش، ڪروش، زنگيچا وغيرہ. مير عالي ولد ھرين جا بہ پٽ ھٿا۔ ھڪڑو زيندي خان، ٻيو مراد خان. زيندي خان کي بہ پٽ ھٿا۔ ھڪڑو سندو ٻيو حاجي. انھن جي اولاد کي بُلدي يا بليدي يا برّدي چوندا آھن. انھن جون بہ گھٹيون شاخون آھن، جيئن ڪ: سندراڻي، حاجيجا، بنگلاڻي ۽ بجاواڻي وغيرہ. مراد خان کي اولاد ڪونہ ھو، جنھنڪري ھو پنھنجي سؤٽ جتو سان پرٽيو، جنھن جو اولاد جتوئي آھن.

رند: ھي بلو رند جو اولاد آھن. ھنن جو ڏاڏو مير چاڪر خان، پھريائين بلوچستان ۾ پوءِ پنجاب ۾ اچي رھيو، ۽ سنگھري ۾ فوت ٿي ويو. سڀيہ شاخون جلالاڻي، چاڪراڻي، ميروزائي، شاھيجا، ارزي ۽ بوزدار آھن. ھي ڪنڌي ۽ مھراڻي ۾ گھٹا وھن ٿا.

ڪوسا: ھي بلوچن جي قوم آھي. انھن جون گھٹيون شاخون آھن. جماڻي، چٽاڻي، درياڻي، مھرياڻي، جاگيراڻي، شاداڻي ۽ مٺيوال وغيرہ. ھي ننگرپارڪر تعلقي ۾ سامي ويري ۽ ٻين ھنڌن تي رھندا آھن. ويڑھاڪ آھن. اڳي ڏاڙا ھٿندا ھٿا. انگريزن جي حڪومت وقت پوليس ڪائي ۾ گھٹا پرڪي ٿيا ۽ نوڪرين ۾ لڳا.

چانڊيا: اهي بلوچ آهن. اهي هوت خان بن جلال خان بن هرين جو اولاد آهن. هوت کي ٻه پٽ حاجي ۽ حسين هئا. انهن جون شاخون هي آهن- حاجي جو اولاد: غئباني، گهراماڻي، مرزائي، سمالاڻي ۽ چولياڻي. حسين جو اولاد: مناڻي، مصرياڻي، بهراڻي، تنبراڻي، منداڻي ۽ سندراڻي وغيره. انهن جو سردار نواب غئبي خان چانڊيو آهي، جنهن کي لاڙڪاڻي ضلعي ۾ غئبي ديري ۾ وڏي جاگير آهي. هي ڪنٺي ۽ مهراڻي ۾ گهڻا رهن ٿا، ننگرپارڪر تعلقي ۾ به رهن ٿا.

بروهي: هي اصل بلوچستان جا آهن. هي جنڊيءَ تي کٽون ۽ ٻيو ڪاٺ جو سامان ٺاهيندا آهن. ٻولي پنهنجي ڳالهائيندا آهن، جنهن کي بروهڪي چئبو آهي.

پتافي: هي ڪورائي بلوچن جي شاخ آهي. ٿر ۾ ٿورا آهن.

جمالي: هي رندن جي شاخ آهي. هن جون شاخون، شيرخاناڻي، رمداڻي، لهراڻي ۽ ڇلگري آهن. رمداڻي، مهراڻي پاسي رهن ٿا.

گرگيز ۽ لنڊ: هي ڊومڪي بلوچن جي شاخ آهن، ننگرپارڪر تعلقي ۾ رهن ٿا.

ڪورائي: بلوچن جي شاخ آهي، مهراڻي پاسي رهندا آهن.

لاشاري: هنن جون ست شاخون آهن، چوڪي، گوراڻي، دلاورزائي، ڀوتاڻي، هادياڻي، ڪلواڻي ۽ گلڻ زائي.

مري: هي بلوچن جي شاخ آهي، جي رندن مان آهن. انهن جون شاخون آهن: لوهاراڻي، ڪنگراڻي، اباڻي، بجاراڻي ۽ مهنداڻي وغيره.

مگسي: هي بلوچن جي شاخ آهي.

جتوئي: مائي جتو جو اولاد آهن.

خواجا: اصل هندو لهاڻا هئا. پنڌرهين صديءَ ۾ مسلمان ٿيا. اسماعيلي شيعه فرقي جا آهن. هاڻوڪو مرشد سر آغا خان اٿن. عمرڪوٽ ۾ رهن ٿا. چمڙي، کلن، جو واپار ڪندا آهن.

سرائي: ڪي بلوچ قومون سرائڪي ٻولي ڳالهائينديون آهن، جن کي سرائي چوندا آهن. ٿر ۾ سرائي لفظ رئيس جي معنيٰ ۾ ڪم ايندو آهي.

چاچڙ: اصل هندو هئا، پوءِ مسلمان ٿيا.

سومرا: اصل پرمار هندو راجپوتن مان آهن، پوءِ مسلمان ٿيا. کائڙ ۽ ٻين پلهن رهن ٿا.

کوکر: اصل پنجاب جا آهن. پوءِ سنڌ ۾ آيا، جتان ٿر ۾ اچي رهيا.

مهر: اصل هندو هئا، پوءِ مسلمان ٿيا.

ميمڻ: اصل هندو لهاڻا هئا. پنڌرهين صديءَ ۾ سيد يوسف الدين قادري بغداد مان ٺٽي ۾ آيو، جنهن جا هو مريد ٿيا. سنڌ مان ڪڇ، بمبئي ۽ ٿر ڏي ويا. هيءَ واپاري ۽ شاهوڪار قوم آهي. ڏيپلي، ننگرپارڪر ۽ ٻين هنڌن رهندا آهن. گيهه جو واپار ۽ دڪانداري مکيه ڌنڌو اٿن. ڏيپلائي ميمڻ ڪيترا پڙهيل ۽ وڏين نوڪرين ۾ آهن. شاهوڪار، تعليم يافته، ترقي پسند ۽ واپاري قوم آهي.

نوُن: ٿر ۾ ڪي ٿورا گهر، رانجهي خان جي ترڙ ۽ سينگاري ۾ آهن. تعليم يافتا ۽ هلنديءَ وارا آهن.

سما: سمن بابت مختلف رايا آهن: ڪي چون ٿا ته سما هندو راجپوت هئا. ڪي چون ٿا ته سما "سام" جو اولاد آهن. ڪن جي لکڻ موجب سام، حضرت محمد صلعم جن جي چاچي "عمر بن هاشم" جو پٽ هو. ڪي چون ٿا ته سام، حضرت "نوح" نبيءَ جو پٽ هو، جنهن کي چار پٽ 'بڌ'، 'سنگها'، 'همهر'، ۽ 'ڀاڳرت' هئا. بڌ کي سورهن پٽ هئا، جن جا نالا باده، سوره، سهته ۽ ٻيا هئا، جن کي گهڻو اولاد هو، جن مان سمن جون جدا جدا شاخون نڪتيون، جي انهن جي نالن پٺيان سڏجن ٿيون، جيئن ته: پڙهيار، ڪوريجا، ناهيا، چارڙا، ڀٽي، اوڍر، لاکير، لاکا، اڌا، اڌيچا، مهر، ساند، مناهيا، سميجا، لنجا، ڏاهر، ڪورائي، واڌڻ، ڪاڪي پوٽا، هنگورجا، هاليپوٽا، هالا، ساهڙ، نهڙا، جکرا، ڪاهيا، پلي، سوڍر، اوڍا، ابڙا، ابڙيچا، رڪن ۽ راهما وغيره.

نهڙي: هي ونگي ۽ ڪاهڙ ۾ گهڻا، ۽ سڄي ٿر ۾ پکڙيل آهن. هنن کي ارباب به چوندا آهن. سندن پڳدار جلال الدين ارباب آهي، جو کيتلاري تعلقي ڏيپلي ۾ رهي ٿو. هي ڌارين کي سڱ ڪونه ڏيندا آهن.

راهما: هي سمن مان آهن. سڄي ٿر ۾ خاص ڪري کائڙ ۽ ڏيپلي تعلقي ۾ گهڻا رهن ٿا. هنن جو سردار محمد يونس پٽ حاجي ميرخان آسايو، ڳوٺ سينگارو تعلقي ڏيپلي ۾ رهي ٿو. اهي به ارباب سڏبا آهن.

انڙ: اصل نصرپور ڀرسان لاکاوت ۾ رهندا هئا. خان زمان جي ڪاهه وقت ٿر ڏي ڀڄي آيا، جن مان ڪي موٽي ويا ۽ ڪي هتي رهيا. انهن جو اولاد اڄ تائين ٿر ۾ رهي ٿو.

ماڇي: اڪثر ڀيلن ۽ شڪارين مان جي مسلمان ٿيندا

آهن، سي ٿر ۾ ماڇي سڏجن ٿا.

حجام: هي حجامت جو ڌنڌو ڪندا آهن. گهڻو ڪري شهرن ۾ رهن ٿا، جتي کين ڌنڌي جي سهوليت آهي. ڪي ٻهراڙنن ۾ به رهن ٿا.

ڪاسائي: هي عمرڪوٽ، مٺي ۽ ٻين هنڌن رهن ٿا. هنن جو ڌنڌو گوشت وڪڻڻ جو آهي.

ڪنڀار: هي مٽيءَ مان ٿانو پچائي وڪڻندا آهن. سڄي ٿر ۾ پکڙيل آهن.

ڪٽي هي ڪپڙي تي ڇُر ۽ رنگ ڏيڻ جو ڪم ڪندا آهن.

ٻاليشاهي: مٺي ۾ رهن ٿا. ٻهاري پائڻ ۽ ڪاڪوس ميڙڻ جو ڪم ڪن ٿا.

مڱڻهار: هي فقير آهن. سارنگين تي ڳائيندا آهن. سڀني قومن ۾ وهانءَ ـ وڌاڻي دهل وڄائيندا آهن، جتان کين مقرر لاڳ ۽ گهور وغيره ملندي آهي.

ڌوٻي: شهرن ۾ رهن ٿا، ڪپڙن ڌئڻ جو ڪم ڪندا آهن.

خاصخيلي: هنن کي ٿر ۾ بجير به چوندا آهن. هي وڏن ماڻهن وٽ نوڪر ٿي وهندا هئا. هاڻي آزاد طرح ٿر ۾ رهن ٿا.

شيدي: هي به وڏن ماڻهن وٽ نوڪر ٿي رهندا هئا. وفادار آهن، هاڻي ٿر ۾ آزاد رهن ٿا.

لنگها: هي دهل وڄائيندا آهن. فقير آهن. وهان وڌاڻي واڄن ۾ ٻڌل ملندو اٿن (١)

انهن کان سواءِ ٻيون به ڪيتريون مسلمان ذاتيون سڄي ٿر ۾ پکڙيل آهن، جيئن منگريا، لنجا، جوڻيجا، آويسر، درس،

(١ مرزا قليچ بيگ جي ڪتاب "قديم سنڌ" تان مدد ورتل.

هاليپوٽا، سميجا، چانگ، راڄڙ، دل، پڇارا، ٻهيپار، موسا، وسائي پوٽا، موسي پوٽا، ڇڇر، ڏيٽا، ديدا، ٽيٻا، اوٺا، جهنجهي. سائوند، بيسر، جيسر، ڀٽي، گيهيلڙا، ڪيريا، وڪيا، کوڙ، چنا، سنگراسي، ڪرن، ٻُٽا، مڪواڻا، ٻاراچ، ولها، سهتا، جهاڳورا، مياڻا، پاڙها، گجو، چاچڙ، مهر، کوکر وغيره.

سنگراسي: ڏوهٽ، ڪيلهڻ، نٻا، مڏا ۽ ڪوٽڙيا وغيره مسلمان ذاتيون، تازو راجپوتن مان مسلمان ٿيل آهن. هاڻي پنهنجا راڄ ٺاهي ويٺا آهن.

هند

ٿر ۾ هندو جهجهي انداز ۾ آهن. اهي اصل مارواڙ کان آيل آهن. ڪي ذاتيون لاڙ ۽ سنڌ جي ٻين ڀاڱن کان آيل آهن. ٿر ۾ رهڻ وارن هندن جون مکيه ذاتيون هيٺ ڄاڻائجن ٿيون.

برهمڻ: هنن جا ڌار ڌار فرقا آهن، جن مان ٿر ۾ هي آهن:

شرمالي برهمڻ: هنن جو اصل وطن شريمال ننگر آهي، جنهن تان اهو نالو پيو. اصل گجرات کان مارواڙ مان ٿي ٿر ۾ آيا. هنن جون ٢٤ نُکون آهن، جن مان ٿر ۾ اوجها، ترويدي، دوي ۽ پروهت آهن. هي پارڪر، چيلهار، ڇاڇرو، مٺي، گڏڙو ۽ ڇوڙ ۾ رهن ٿا. هي سوڍا راجپوتن جا گُر برهمڻ آهن.

پشڪرڻا برهمڻ: هنن کي پوڪرڻا به چوندا آهن. هنن جو اصل وطن پشڪر آهي. هنن جون ٢٤ نکون آهن، جن مان ٿر ۾ هنريت آهن: آچارج، جوشي، وباس، ڪٻٽا، ميڙاهو، مانڌو، ٺڪر، مپارا، واسو، وياسڙا ۽ جهوٽا وغيره. سڄي ٿر جي وڏن ڳوٺن ۾ رهن ٿا. مکيه ڌنڌو کيتي ۽ اٺ پلاڻڻ جو آهي.

ڌامٽ برهمڻ: هي پليوال برهمڻن مان آهن. مٺي ۽ گڍڙي ۾ رهن ٿا. اصل مارواڙ کان آيل آهن.

سارسوت برهمڻ: هي لهاڻن جا گُرو آهن. اصل سنڌ کان آيا. ٨٤ نکون اٿن. مٺي، اسلام ڪوٽ ڏيپلي ۽ نبي سر ۾ رهن ٿا. گوشت کائيندا آهن.

ڀوڄڪ: اهي جيسلمير کان عمرڪوٽ، ۽ پوءِ ٿر جي ٻين ڳوٺن ڏي آيل آهن. انهن کي شاڪر ديپيي برهمڻ به چوندا آهن. مندرن جا پوڄاري آهن. سندن وڏن 'مهاڀو' ۽ 'ساهڀو' کي راڻو مهراج ٻيو، عمرڪوٽ جي مندر جي پوڄا لاءِ وٺي آيو هو، جتان پوءِ ٿر ڏي پکڙيا.

راج گر: هنن کي اوڏيج برهمڻ به چوندا آهن. اهي آڳاٽو آيل آهن. ٺڪرن جا گُر برهمڻ آهن. ٿر جي ٻهراڙين ۾ رهندا آهن.

مهيشوري: هنن کي "ڪراڙ" به چوندا آهن. اصل مارواڙي آهن، اتان آيا. شاهوڪار آهن. واپار ۽ ڏيتي ليتي ڪندا آهن. ٨٣ نکون اٿن، جيئن ته گهريا، مانڊڻ، ڊيڳل، راٺي، ڪڙوئا، لوئيا، لڌڙ، ملهڙ، مساڻيا، بٺر ۽ مالپاڻي وغيره. ٿر جي وڏن شهرن ۾، ۽ ٿورا ٻهراڙين ۾، رهن ٿا. هرهڪ ٻهراڙيءَ ۾ سندن دڪان آهن.

اوسواڙ: هنن جي پيدائش راجپوتن مان ٿيل آهي. جيسلمير جي ڀاٽي راجا تنوجي جي پنجن پٽن مان هڪ آلن هو، جنهن کي چار پٽ ڏيوسي، تريپال، ڀواني ۽ روڪيچا ٿيا. روڪيچا جا پويان "واسيا" ڳوٺ ۾ اچي رهيا، جنهنڪري اوسواڙ سڏجڻ لڳا، اهي پارڪر ۾ گهڻا هئا، ۽ جين ڌرمي آهن.

لهاڻا: هي سري رامچندر جي پٽ "لُو" جو اولاد آهن. پهريائين لاهور ۾ رهيا، اتان سنڌ مان ٿي، ٿر ۾ آيا، ڪي لاڙ کان به آيا. واپار ڪندا آهن. شاهوڪار آهن. گوشت واپرائيندا آهن.

مٺي، اسلام ڪوٽ ۽ پارڪر ۾ رهن ٿا. ڪي درياءَ جي پوڄا ڪندا آهن. انهن کي واڻيا به چوندا آهن.

جين: هي پارڪر ۾ رهن ٿا، ڪنهن به ساهواري کي ڪونه مارين، واپار ڪندا آهن. اصل ڪڇ ۽ مارواڙ کان آيا. وات تي پٽي ٻڌي ڇڏين، ته متان ڪو جيت نه وڃي. رات جو بتي ڪونه بارين، جو متان پتنگ نه ٻري مرن.

راجپوت: هنن کي ٺڪر به چوندا آهن. مکيه چار ذاتيون آهن، جن مان پرمار گهڻا آهن. ٻيا راٺوڙ، چوهاڻ، ۽ سولنڪي به آهن، جن جون وري ڪيتريون ئي ساکون آهن. شهرن ۾ ڪونه رهن؛ ٻهراڙين ۾ گهڻا آهن- گهڻو وقت ٿر تي راجپوتن (سوڍن) جي حڪومت رهي هئي. مال ۽ کيتيءَ جو ڌنڌو ڪن ٿا.

سوٽهڙ: جيسلمير جي راجا تنوجي جي پٽ مڪر کي هڪ پٽ ماهپا هو، جنهن جا ٻه پٽ مهلا ۽ ڌيڪائو ٿيا. ڌيڪائو جي پٽن سوٽهڙ جو ڌنڌو اختيار ڪيو، جنهنڪري انهيءَ ذات تي اهو نالو پيو ۽ اهي مڪر سوٽهڙ سڏجن ٿا. هي سڄي ٿر ۾ پکڙيل آهن. ڪاٺ مان پاکڙا، هنا، کٽون، در، دريون، هر ٺاهڻ ۽ ٻيو ڪاٺ جو ڪم ڪندا آهن.

رٻاري: آلن جي پٽ ڏيوسي جو اولاد رٻاري سڏجن ٿا. اهي رڍون چاريندا آهن. پارڪر ۾ رهن ٿا. سندن زالون چالاڪ آهن، ڏيتي ليتيءَ جو ڪم اهي ڪن، مرد فقط مال چارين.

چارڻ: اهي راجا شرڻ راءِ جو اولاد آهن. ڪوتا ۾ هوشيار آهن. راجپوت، چارڻن جي عزت ڪندا آهن، ڄاڪاڻ جو انهن جي سراپ جو ڀَو آهي. انهن جون ١٢ نکون آهن. اصل مارواڙ کان آيا. ٿر ۾ کاٺڙ جي ٻهراڙين ۾ رهن ٿا. ديويءَ جي پوڄا ڪندا آهن.

جاٽ: هي کتري ونس مان آهن. انهن جون نُکون ڪلوريا، موندا ۽ شوراجاٽ آهن. ڇاڇري جي اوڀر وارن ڳوٺن ۾ رهن ٿا. کيتيءَ جو ڌنڌو ڪندا آهن.

مالهي: هي راجپوت هئا. پاڻ کي سيني راجپوت سڏائيندا آهن. اهي کيتي واڙي جو ڌنڌو ڪندا آهن. هوشيار ۽ محنتي ڪسان آهن. هنن جون نُکون راجپوتن جهڙيون آهن، جهڙوڪ، چوهاڻ، تنور، پڙهيار، ڀاٽي، سولنڪي، راٺوڙ، گهلوت، گوڙ، ڪڇواها، ڏيول، پرمار، گهڙوال، مڪوانا (جهالا) وغيره. ٿر جي وڏن ڳوٺن ۾ رهن ٿا. کوهن مان پاڻي ڪڍي پيارڻ جو ڌنڌو ڪن ٿا. هي مارواڙ کان آيل آهن، گوشت کائيندا آهن.

سونارا: هي سوني مهاجن سڏبا آهن. سون ۽ چانديءَ جا زيور ٺاهڻ سندن مکيه ڌنڌو آهي. ٿر جي وڏن شهرن ۾ رهن ٿا. شاهوڪار آهن. گوشت کائيندا آهن. اصل مارواڙي آهن.

کٽي: هي شهرن ۾ رهن ٿا، ڪپڙن رڱڻ جو ڪم ڪندا آهن. ويشنو نه آهن.

درزي: هي عمرڪوٽ ۾ رهن ٿا، اصل مارواڙي آهن. ڪپڙن سبڻ جو ڌنڌو ڪندا آهن. ويشنو نه آهن.

سامي: هنن کي ٻاوا به چوندا آهن. شهرن ۾ رهن ٿا. اصل مارواڙ کان آيل آهن. هنن ۾ ڌار ڌار فرقا آهن: گري، پري، ناٿ ۽ ڀارٿي وغيره. مڙهيون ٺاهيندا آهن. ڦيري ڦيري اٽو وٺندا آهن. مرڻ بعد مُردي کي لوڻ ڏيئي سڌو وهاري مٿان ڍڪ ڏيئي پوريندا آهن.

ڀاٽ: هي هندن جون پيڙهيون پاڻ وٽ لکي رکندا آهن، انهن جي ساکن، نکن ۽ شجرن جو ليک رکندا آهن، جنهن لاءِ کين ساليانو مقرر لاڳ ملندو آهي. اهي مارواڙي آهن.

نائي: هي مارواڙي آهن. سنوارت (حجامت) جو ڌنڌو ڪندا آهن. شهرن ۾ رهن ٿا، ڪي ڀهراڙين ۾ به آهن.

ورتيا: هنن کي ڇنڇريا چوندا آهن. اصل مارواڙي آهن. شهرن ۾ رهن ٿا. پوڄا پاٺ ڪرائيندا آهن.

ڪرياگُر: هي مارواڙي آهن. شهرن ۾ رهن ٿا، مُٺي پڄاڻا هندن جي ڪريا ڪرم ڪندا آهن.

لوهار: لوهه جو ڪم ڪندا آهن. هڪ هنڌ نه رهندا آهن، خانه بدوش آهن، گاڏا وٺي گهمندا وتندا آهن. اصل مارواڙي آهن. اونهاري جو ناري ڏي ويندا آهن، وسڪاري ۽ سياري جو ٿر ۾ رهندا آهن.

ڪنڀار: اصل مارواڙي آهن. مٽيءَ مان ٿانءُ ٺاهي پڄائي وڪڻندا آهن.

بجير: هي ٺڪرن وٽ نوڪر ٿي رهندا آهن، انهن جو گهرو ڪم ڪندا آهن. سندن زالون به انهن جي گهر جو ڪم ڪنديون آهن. اهي ٺڪرن جا گولا سڏبا آهن. ٺڪر پنهنجين ڌين کي پرڻجڻ وقت بجيراڻيون گوليون ڪري ڏاج ۾ ڏيندا آهن.

نوٽ ـ هندن مان برهمڻن ۽ مهيشورين کان سواءِ، ٻيا سڀ گوشت کائيندا آهن. مٽيون سڀ ذاتيون مُردا جلائينديون آهن.

اڇوت

اڇوت حقيقت ڪري هندو نه آهن، هو هن ملڪ جا اصلوڪا رهاڪو آهن، جن جون ڪو وقت اڳ آزاد حڪومتون هيون. هندن جي اچڻ بعد اهي ناس ڪيون ويئون ۽ کين غلام ڪيو ويو. کانئن سڀ حق کسيا ويا ۽ حياتيءَ جي هر

شعبي ۾ کين ذليل ڪيو ويو: ايتري قدر جو هٿ لائڻ ته پري رهيو، پر اڇوت جو پاڇو پوڻ به پاپ سمجهيو ويو؛ ۽ اهو هڪ مذهبي عقيدو ٿي ويو. اڇوتن جو اڳيون اتهاس، ساهتيه ۽ تاريخ ناس ڪئي ويئي. هندن ۾ تاريخ جو شوق گهٽ هو، جنهنڪري هو نڪو پنهنجي ۽ نڪو اڳئين اڇوتن جي تاريخ رکي سگهيا، فقط ڌرمي ڪتابن ۾ اڇوتن لاءِ حقارت ڀري ويئي. خود سنڌ جي تاريخ به عربن اچي لکي. ويجهڙائيءَ ۾ گڏيل هندستان جي وقت ۾، ڪيترين سياسي ڳالهين ۾، ذاتي مفاد لاءِ، ڪن هندن اهو راڳ شروع ڪيو ته اڇوت به هندو آهن؛ اهڙيءَ طرح هندن سان گڏ شمار ڪري، ڌارين کان ملندڙ حق به هڙپ ڪيا ويا. وري به شڪر آهي جو پاڪستان ٿيڻ بعد، پاڪ گورنمينٽ جو رخ اڇوتن لاءِ انسانيت وارو پئي رهيو آهي؛ ۽ هو اڇوتن جي اُلتي لاءِ ڪوشان آهن. پهريون ئيءَ دفعو ١٩٥١ع جي آدمشماريءَ ۾، اڇوتن کي هندن کان الڳ شمار ڪيو ويو آهي؛ جو اڇوتن جي ترقيءَ جو بنيادي ڏاڪو آهي. ٿر ۾ هن وقت هيٺيون اڇوت ذاتيون رهن ٿيون.

مينگهواڙ: هي اصل مارواڙ (راجپوتانا) کان آيل آهن. منجهن ڪل ٢٧٠ ساکون آهن، جن مان چار ساکون نج اصلوڪن رهاڪن جون آهن؛ انهن مان ڪابه ٿر ۾ ڪانهي، باقي ٢٦٦ ساکون پوءِ راجپوتن مان ٺهيون آهن، جن مان ڪيتريون ٿر ۾ آهن؛ اهي مڃي ٿر جي شهرن توڙي ٻهراڙين ۾ پکڙيل آهن. جُتين جوڙڻ ۽ چمڙي جو ڌنڌو ڪندا آهن؛ کيتي ۽ مال چارڻ به روزگار جا وسيلا آهن. هي سانتيڪي قوم آهي. انهن جون ڪيتريون نکون راجپوتن واريون آهن، جيئن ته راٺوڙ، چوهاڻ، ڀٽي، سولنڪي ۽ پرمار وغيره. بي علم ۽ ڀرمن ۾ ورتل آهن، جنن ڀوتن کي گهڻو مڃيندا آهن؛ ڪجهه وقت کان پوءِ تعليم ۾ ڪجهه

ترقي ڪئي اٿن. سندن رهائش جو نمونو سماجڪ، ۽ پنگتي حالتون ٻين اڇوتن کان بهتر آهن. سندن مرشد پير پٿورو آهي، جو غوث الحق مخدوم بهاوالدين ذڪريا ملتانيءَ جو وڏو خليفو هو. مُڙدا پوريندا آهن. ٿر ۾ سندن تعداد گهڻو آهي.

ڀيل: هي مارواڙ کان سڀني کان آڳاٽو آيل آهن. "روني" نالي هڪ انگريز ليکڪ پنهنجي ڪتاب "وائلڊ ٽرائيبس آف انڊيا" ۾ ڀيلن جو وطن مارواڙ ڏيکاريو آهي، جتان ٻين پاسن ڏي پکڙيا. انهن جون ڪيتريون ساکون آهن، جيئن ته ميواڙ ۾ ١٦، پرتاب گڙه ۾ ٣٧، ڏونگرپور ۾ ٣٦، ٻانسواڙا ۾ ٣٢، جيسلمير ۾ ١٨، ۽ جوڌپور ۾ ٥٨ شاخن جو پتو مليو آهي. انهن ۾ ڪيتريون راجپوتن واريون ساکون به آهن، جيئن چوهاڻ، پرمار، راٺوڙ، ڀاٽي گوهل، سولنڪي ۽ مڪوانا وغيره. هي جهنگلي جاتي آهي. اڳي اڌيپور، ڏونگرپور ۽ ٻانسواڙا ۾ راجا کي 'راڄ تيلڪ'، ڀيل پنهنجي آڱوٺي جي رت سان ڏيندا هئا. اهي راجپوتن جا جنگي سپاهي ٿي رهيا آهن. ٿر جي ٻهراڙين ۾ رهن ٿا. اصل چوري ڪندڙ هئا، هاڻي کيتي ۽ مزوري ڪندا آهن. ڏاس مان کرڙيون، ٻوريون ۽ جيرويون ٺاهيندا آهن. اونهاري جو سنڌ ڏي ويندا آهن، جتي لاٻارو ۽ مزوري ڪندا آهن، موٽڻ وقت ڪانهن آڻيندا آهن، جنهن مان ڇڄ، کاريون ۽ ٽٻڪا ٺاهيندا آهن. ڪي کلن جو واپار به ڪندا آهن. مردا پوريندا آهن. بي علم ۽ ڀرمن ۾ ورتل آهن. پاٻو کي ديوتا ڪري پوڄندا آهن - پاٻو هڪ بهادر راجپوت ٿي گذريو آهي.

ڪولهي: اصل گجرات جا آهن. اهي ڪڇ، واڳڙ ۽ گجرات کان ٿر ۾ آيا، پارڪر ۾ گهڻا رهن ٿا. سندن ڪيتريون ساکون آهن، جي راجپوتن مان ملندڙ آهن، انهن مان هڪ ساک ٺاڪرڙا ڪولهي آهي، جا پاڻ کي ٻين کان اتم سمجهندي

آهي. اڳي چوري ڪندڙ هئا، مگر هاڻي وسڪاري جو کيتي ڪندا آهن، پوءِ ناري طرف ويندا آهن، جتي کيتي، لابارو، ۽ مزوري ڪندا آهن. ڪيترا ته سنڌ ۾ رهي پيا آهن ۽ کيتي ڪندا آهن. مردار کائيندا آهن، مُردا پوريندا آهن. ٿر ۾ کيتيءَ کان سواءِ جهنگ مان کنئور ۽ گگر چونڊڻ، ٻائوريءَ جي پاڙ مان ولوڙڻ لاءِ جهيرڻا ٺاهڻ جو ڌنڌو به ڪندا آهن. ڪاتر سان سهي ۽ لوڪڙ جي شڪار ڪرڻ جا تکا ۽ چالاڪ آهن.

جٽيا: مارواڙ کان سنڌ ۾ آيل آهن. عمرڪوٽ ۾ رهن ٿا. رامڏيو ۽ شيو جا پوڄاري آهن. کلڻ رڱڻ ۽ چمڙي مان بوٽ، جتيون، سليپر، چمپل ۽ نتون ٺاهڻ جو ڌنڌو ڪندا آهن. مُردار ڪونه کائيندا آهن.

اوڏ: قديم دراوڙ نسل مان آهن. گڏهن تي مٽي کڻڻ ۽ ڀتين جوڙڻ جو ڪم ڪندا آهن. اصل مارواڙي آهن. سندن پير رامڏيو آهي. نکون راجپوتن جهڙيون آهن، جيئن ته راٺوڙ، پرمار، چوهاڻ ۽ ڀٽي وغيره.

دٻگر: هي عمرڪوٽ ۾ رهن ٿا. چمڙي مان دٻا، دٻيون ۽ تيل وجهڻ لاءِ ڪُوڙيا وغيره ٺاهيندا آهن.

ڪلال: هي مارواڙ کان ٿر ۾ آيا. عمرڪوٽ ۾ رهن ٿا. کلن ۽ ڇوڙن جو واپار گڏهن تي ڪندا آهن. سندن ٻولي مارواڙي آهي. هي تازو آيل آهن.

ڀنگي: اصل مارواڙي آهن. شهرن ۾ رهن ٿا، جتي نوڪري ڪندا آهن. شهر جي صفائي ڪرڻ، ڪاڪوس ۽ گند ڪچرو ميڙڻ، اها سندن ڊيوٽي آهي.

گرڙا: هي اڇوت قومن جا گرو آهن: اڇوتن جي شاديءَ وقت سؤڻ ساٺ ۽ غميءَ وقت ڪريا ڪرم ڪرائيندا آهن. ڪپڙا سبڻ مکيه ڌنڌو آهي. مينگهواڙن کان سواءِ ٻئي

ڪنهن اڇوت جي ماني ڪونه کائين. سڄي ٿر ۾ پکڙيل آهن. مردار ڪونه کائين. مُردا پوريندا آهن.

انهن کان سواءِ گواريا، سانسي، ڪوُچڙا ۽ جوڳي ڪڏهين ڪڏهين ٿر ۾ ايندا آهن. انهن جو مکيه ڌنڌو پينڻ آهي. اهي ٿر ۾ رهن ڪونه ٿا، خانه بدوش قومون آهن. اصل مارواڙي آهن.

متفرقه

کدڙا: هي فقير سڏبا آهن. هنن جو فرقو جدا آهي: اهي هندو به آهن، مسلمان به آهن. سڀيئي گڏجي رهندا آهن. اهي زنانو ويس ڪري ڏاڙهي مڇون ڪوڙائي ڳائيندا وڄائيندا آهن. پُٽ ڄمڻ تي گهور وٺندا آهن، ۽ شادي وغيره موقعن تي گڏجي اچي ڳائيندا ۽ تاڙيون وڄائيندا آهن، ۽ خيرات وٺندا آهن. منجهن هڪڙو وڏو هوندو آهي، ٻيا هن جي حڪم ۾ رهندا آهن. جتي ڪو کدڙو ٻار ٻڌندا آهن، ته اتي وڃي اهو وٺي اچي پاڻ سان ملائيندا آهن. جتي رهندا آهن، تنهن کي "مڙهي" چوندا آهن. ٻاهر وڃڻ وقت گهڻوڪري ڪنڀارن ۾ ٽڪندا آهن، جنهنڪري ٿر ۾ چوندا آهن ته ـ "کدڙي جا اوتارا ڪنڀارن جي گهر". ٿر ۾ رهن ٿا.

اڇوتن سان ظلم

ٿر ۾ مسلمان ۽ هندو لڳ ڀڳ هڪ جيترا رهن ٿا. هندن ۾ وڏو تعداد اڇوتن (مينگهواڙ، ڀيل ۽ ڪولهي) جو آهي. اڇوت سڄي ٿر ۾ وڏن شهرن خواهه ننڍن ڳوٺن ۽ ٻهراڙين ۾، هندن خواهه مسلمانن سان گڏ وينا آهن. ٿر ۾ ڪوبه اهڙو ڳوٺ نه هوندو، جتي اڇوتن جا ڪي نه ڪي

گهر نه هجن. هو غريب ۽ ڪاسبي آهن. بي علمي ۽ پٺڪتي ڪرسمن جي ڪري مالي حالت خراب هڻڻ سبب، هو پين قومن جا غلام ٿي ٻڌي وهيا آهن.

انگريزن جي حڪومت کان اڳ اوچ هندن، خاص ڪري واڇوتن (ٺڪرن) جا پين قومن وانگر اڇوتن تي به تمام نيچ پڻڏن مقرر ٿيل هئا. انگريزن پنهنجي راج ۾ ٺڪرن کي انهن پڻڏنن وٺڻ کان منع ڪئي ۽ اهي پڻڏن قاعدي موجب ڏوهه ٺهرايا. پيون قومون، علميت ۽ سڃاڻپي هڻڻ ڪري انهن کان آجيون ٿي ويڻون ۽ پر اڇوت جڪڙيا رهيا.

۱۹۴۷ع ۾ پاڪستان ٿيڻ بعد سنڌ مان هندو لڏي ويا، مگر ٿر ۾ هندو مسلم اتحاد هڻڻ سبب هندن ۾ لڏ پلاڻ نالي ماتر ٿي. وڏن شهرن مان ايڪڙ ٻيڪڙ برهمڻ ۽ مهيشوري (ڪيراڙ) لڏي ويا آهن، سي به بلڪل ٿوراڻ. واڇوت ۽ اڇوت اصل ڪو هڪ گهڙ به ڪونه ويو آهي. پاڪستان گورنمينٽ پاڻ انگريزن کان به وڌيڪ ڏيان اڇوتن جي سڌاري ۽ واڌاري ڏي ڏيڻ لڳي آهي. قاعدي موجب، ڪنهن به ماڻهو تي، ڪنهن به ڏاڍي جو، ظلم يا پڻڏن برداشت ڪري نٿو سگهجي، پر اصلوڪي رواج موجب هن وقت به ٿر ۾ ٺڪرن جا هيٺيان پڻڏيان اڇوتن تي آهن:

۱ــ اڇوت پنهنجي شاديءَ وقت هڪ رپيو سندن حد جي وڏي ٺڪر کي ڏيندا آهن، جنهن کي "ڪنڍو" چوندا آهن. رقم جيتوڻيڪ ٿوري آهي، پر ان ۾ به هڪ رمز وڪيل آهي: ٺڪر سمجهن ٿا تہ انهن اڇوتن تي اسان جي مالڪيءَ جو حق آهي، جو هو ڇڏڻ نٿا چاهين.

۲ــ اڇوتن کي ڪن ڪن ڳوٺن ۾ شاديءَ وقت دهل وڄائڻ، ڪُڪٽ (موڙ) پڌڻ، گهوڙي تي چڙهي تورڻ تي اچڻ، ڇڇ لاءِ آڻن ۾ گهنگهرو پڌڻ يا جهُل وجهڻ، وغيره

جي منع آهي.

٣- ڪن ڪن هنڌن تي، اڇوتن کي ريشمي يا ڪو ٻيو اچو سٺو ڪپڙو ڪرڻ نه ڏيندا آهن. ڪجهه وقت اڳ، ڳوٺ گوڌيار تعلقي مٺي ۾ اڇوتن جي شاديءَ وقت، گهوٽ کي هرڪ جي ڪپڙي جو انگوڇو هو، جو ٺڪرن زوريءَ سندس بدن تي پاتل ڦاڙي ڇڏيو هو. اڇوت زالن کي سون جي دُهري ٻڌڻ، پيرن ۾ چاندي جون ڪڙيون، پازيب، ساٽيون يا نُورا پائڻ، ڇيٽ جو پڙو (گهاگهرو) ڪرڻ ۽ ريشمي چني اوڍڻ جي منع آهي.

٤- ڪن ڪن هنڌن تي ٺڪر "جالنگ" وٺندا آهن، يعني هرهڪ اڇوت کان ٻنيءَ مان سَنگن جي ڀڙي. اِهو رواج هاڻي گهڻو گهٽجي ويو آهي، پر صفا بند نه ٿيو آهي، يا ڪٿي ڪجهه بدليو آهي، يعني اڳي زوريءَ وٺندا هئا، پر هاڻي اٽڪل سان وٺن ٿا.

٥- ٺڪرن وٽ ڪو مزمان اچي يا شادي غمي ٿئي، ته اڇوت بنا پئسي بيگر ۾ وهندا آهن: ڪک، ڪانو ۽ ڪاٺيون آڻي ڏيڻ، ۽ ٻيو به گهرو نيچ ڪم ڪرڻ - جنهن لاءِ انهن کي فقط بچيل اوبر وارو کاڌو ملندو آهي،

اوچ سڏائيندڙ هندو، اڇوتن کي هٿ لائڻ به پاپ سمجهندا آهن: اڇوتن سان گڏ، ساڳئي هنڌ تي نه وهندا آهن، پنهنجي روبرو، کٽولي يا ڪرسيءَ تي وهڻ نه ڏيندا آهن، گڏجڻ وقت ڪنهن به اڇوت سان هٿ نه ملائيندا آهن. اڇوت پري کان ئي کيس نئڙي ادب ساڻ نمسڪار ڪندا آهن. اڇوتن سان گڏ ساڳئي وهٽ تي نه چڙهندا آهن، مندر ۾ اچڻ نه ڏيندا آهن، پنهنجي جاءِ ۾ رڌڻي، ڪوٺي يا اڳڻ ۾ اچڻ نه ڏيندا آهن. ڪتا ۽ ٻلا آتي ڀل ويٺا هجن، پر اڇوت ويجهو نه اچي. اتفاق سان، ڪنهن اڇوت جو هٿ يا ڪپڙي

جو پلاند لڳي ويو تہ گهر وڃي سنان ڪندا. يا پاڻيءَ جو چنڊ و هٿندا. تعليم يافتہ ۽ نون خيالن جا نوجوان ايتري چوت جات ڪوتہ ڪندا آهن، پر پوڙها ۽ اڳيئين زماني جا پليل، ۽ خاص ڪري زالون ڏاڍي چوت جات ڪنديون آهن.

مسلمانن جو ورتاءُ اڇوتن سان مٺو آهي، هو هٿ لائڻ، گڏ وهڻ، يا ساڳئي وهٽ تي چڙهڻ ۽ ڪوبہ عار ڪونہ ڪن، گڏجڻ وقت اڇوتن سان هٿ ۽ هٿ ملائيندا آهن، گهرن ۾ اچڻ کان بہ منع ڪونہ ڪن.

هندو نائي، اڇوتن جي سنوارت ڪونہ ڪن، هندو ڌوبي اڇوتن جا ڪپڙا ڪونہ ڏوئين، مسلمان حجم حجامت بہ ڪن، ۽ مسلمان ڌوبي ڪپڙا بہ ڏوئين. هندو جيتوڻيڪ اڇوتين سياسي چالاڪين جي ڪري اڇوتن کي هندو ليکين ٿا، پر ساڻن ورتاءُ جانورن جهڙو ڪن ٿا. اڇوت هندو ڪونہ آهن، هو هڪ جدا فرقو آهن. پاڪستان سرڪار سنہ ۱۹۵۱ع جي آدمشماري ۾ اڇوتن کي جدا شمار ڪيو آهي: ڪين سياسي حق بہ جدا ملڻ گهرجن، جنهن ۾ ئي اڇوتن جو فائدو آهي.

باب پنڌ رهون

ٿرپارڪر جي معاشي حالت

ٿر جو ملڪ واريا سو، ڪٿي سنئين زمين، ته ڪٿي دڙا ۽ ڀٽون، جن تي چڙهڻ سان پير پوئتي وڃن. سياري جو واري جلد ٺريو پوي، جنهنڪري سردي جام، ته اونهاري جو وري سج جي تپت ڪري آب هوا گرم. ويتر جو انهيءَ موسم ۾ ڏکڻ الهندي جي هوا زور سان لڳي، جنهن سان گڏ وري واريءَ جو طوفان اهڙو اٿي، جو گهر کان ٻاهر نڪرڻ ئي مشڪل. ڪڏهين ڪڏهين وري اهڙي ڪوسي هوا (لوءَ) لڳي جو بدن ئي ساڙيو ڇڏي.

ٿر جي آباديءَ ۽ سرسبزيءَ جو مدار برسات تي، سو اونهاري جو جهنگ ۾ سواءِ وڏن وڻن جي گاهه ۽ ننڍا ٻوٽا سڀ سُڪل. مينهن به ڪڏهين گهڻو وسي ڪڏهين ٿورو، ته ڪڏهين اصل ڪونه پوي ملڪ ۾ نڪا ندي نڪا نئن، نڪو ڦاٽ نڪو واهه. ڀٽن تي، ڪونڀٽ جام ۽ ٻيا وڻ ٻائوري، موراڙي، کٻڙيون، ۽ ڏهرن ۾ وري ڪنڊي ۽ ٻير جام. ڊاڳن ۾ وري ڦوڳ ۽ ٻوهه اڪيچار، ڪٿي آڪ ۽ ٿوهر به ٿين. جي وسڪارو ڀلو، ته پوءِ ڀٽن تي ۽ ڏهرن ۾ گاهه جام، زمين تي ڄڻ ته سائو غاليچو وڇايو پيو آهي. انهيءَ وقت ٿر، ڪشمير جون سڪون پيو لاهي. ٿر ۾ به اهي نظارا موجود

آهن، جي ماڻهو تڪليفون وٺي، خرچ ڪري، دور دراز پنڌ جهاڳي، وڃي پسندا آهن. ڪٿي ڪٿي ڀٽون چڙهڻ لاءِ سوکيون، جتان رستا به آهن؛ مال ۽ ماڻهو سولائيءَ سان چڙهيو وڃن. ڪٿي ڪٿي اهڙيون اهکيون ۽ اڀ ڪپريون، جو چڙهڻ ئي محال. ڪٿي وري ٻُڪرون اهڙيون ڪڙن واريون، منجهن ڏرڙ ۽ ڏار پيل، جتي مال جو بهچڻ ئي مشڪل. گهاٽا ٻيلا يا جهاڙي هتي ڪانهي. نڪو ڪو زيان ڪار جهنگلي جانور آهن.

پاڻيءَ جي ملڪ ۾ اٿاٺ: وسڪاري جو ٽوڀن ۽ تراين ۾ ٿورو وقت پاڻي هجي، سيارو اونهارو صفا سوڪ. ڀٽن جي ڀر ۾ ۽ ڪٿي ڏهرن ۾ ننڍا ننڍا ڳوٺڙا آهن، ته ڪٿي دڙن تي به گهرڙا. هيٺانهين تي پاڻيءَ لاءِ کوهه کوٽيل آهن؛ ڪٿي اونها، ڪٿي تانگها. ڪن ڳوٺن جا ماڻهو وري پاڻي ٻين ڳوٺن مان ڪوهه ٻن تان آڻين. ٻهراڙين ۾ پاڻيءَ جي سخت تڪليف: شهرن وانگر پيهائي تي پاڻي ملڻ جو بندوبست ڪونهي، سڀڪو پنهنجو سنتو ۽ تيڻ ڪري، پنهنجي مال جي پاڻيءَ جو بندوبست پاڻ ڪري؛ نه ته ڪنهن سان سٺو ڪري. مٺو پاڻي ورلي - ڪٿي ٻاڙو، ڪٿي کارو؛ جو پيءُ ته دست هليا وڃن؛ ۽ اونهاري جو ته پکي پيا مرن. وسڪاري جو سڀني جون اکيون اڀ ۾: ڪٿان ڪارو ڪڪر ڏسندا ته بهار پيا ٿيندا.

زمين آهي وارياسي، پر ڪٿي ڪٿي ڏهرن ۾ ڪجهه سخت، جتي باراني پوک ڀلي ٿئي. ماڻهو هنر ڪونه ڄاڻن: جنهنڪري ٿر جو ڪچو مال ٻاهر وڃي. علم ۾ ٿر پوئتي پيل آهي؛ هاڻي البت سڌارو ٿيندو وڃي ٿو. مکيه ڌنڌو، پوک ۽ مال چارڻ. وسڪاري جو گاهه گڏ ڪري ڪالر ۽ دن ٺاهي رکن، جو اونهاري جو ڏڪار جي وقت مال لاءِ ڪم

اچي، ملڪ ۾ پيدائش گهٽ، تہ آدم بہ گهٽ. شهري ماڻهو علم پڑهن، واپار ڪن، ۽ سنجهاڻن ڪي نوڪرين ۾ لڳل آهن، باقي بهرازين ۾ ماڻهو وسڪاري ڪان پوءِ، جن وٽ مال نہ آهي، سي گهڻي ياڳي واندو وقت ڪاٽين.

ٿر واريامو ملڪ آهي، ۽ پارڪر جابلو. ڏکڻ اولهہ ۾ وڏيون پٽون آهن، جي ٿورو ٿورو گهٽبيون وڃن، تان جو اتر اوپر ۾ ڪائڙ ۽ بوٽ ۾ ننڍيون وڃي ٿين. واري تپي بہ جلد تہ ٿري بہ جلد، تنهنڪري اونهاري ۾ گرمي ٿئي، ۽ ڏکڻ اولهہ جي سخت هوا لڳڻ ڪري، ان سان گڏ واري بہ اڏامندي آهي- جنهن سان ماڻهن جو منهن، اکيون ۽ بدن ۽ ڪپڑا پرجي پوندا آهن. ۽ ان هوا ۾ تپت جهجهي هوندي آهي، جنهن ڪي "لُ" چئبو آهي، جنهن جي رفتار ڪلاڪ ۾ ۴۰ ميلن ڪائين آهي.

سياري ۾ سردي گهٽي، ۽ هوا ٺڏي ٿيندي آهي. خاص ڪري ڊسمبر ۽ جنوري ۾ سخت سيءَ پون: انهن وچين چالهين ڏينهن ڪي "چالهيو" چون. چاليهو لٿو تہ سيءَ گهٽجڻ لڳندا. ٿر ڪي ويجهو ڪو سمنڊ ڪونہ آهي. ملڪ ۾ نڪا نـدي نڪا ٽڻن، نڪو ڍنڍ وغيرہ، جو آب هوا ۾ ڪا خاص تبديلي آڻي، تنهن هوندي بہ مهراڻي جي آبهوا، پاڻي ۽ مائي ملڪ سنڊ سان لاڳيتو هڻڻ ڪري، البت بين پاڻن کان وٽندڙ آهي.

برسات

ٿر ۾ برسات ۱۵ جون ۽ ان کان پوءِ شروع ٿيندي آهي. انڪل ۳ مهنا ۱۵ سيپٽمبر تائين برسات جا ليکبا آهن، ڪڏهين اڳ ۾ بہ برسات پوي. ٿر واريامو ۽ پارڪر جابلو، سڄي ملڪ ۾ ڪابہ ڍنڍ يـا واهہ ڪونہ آهي. جنهنڪري،

آبادي۽ جو مدار برسات تي آهي. "ونو ڪ ٿر، نه ته بر." برسات پوڻ وقت ٿر سر سبز، سائو ۽ آباد ٿيندو آهي، گاهه پاڻي جام. ناري مان به کيترو مال چاري لاءِ ٿر ۾ ايندو آهي. ڪنهن سال گهٽ برسات پوندي آهي، ته ملک ۾ ڏڪار پوندو آهي. پسوءِ مال ته مريو وڃي، پر ماڻهن کي به اناج کونه ملي، ۽ تڪليف هيٺ اچيو وڃن.

ٿر، کير مکڻ ۽ نج گيهه کان مشهور آهي، — تنهن جي به آپت گهٽ ٿئي. مال ۽ ماڻهن جو مدار برسات تي آهي. برسات به ڪڏهين پوي ته ڪڏهين پوي ئي کونه. سو به سڄي ٿر ۾ نه — ڪنهن ٽڪر ۾ مينهن گهٽو پوي، ڪٿي گهٽ، ته ڪٿي اصل کونه پوي. اڪثر پارڪر ۾ گهٽي برسات پوندي آهي. سراسري برسات، آبادي لاءِ مندائتي، ۹—۱۰ انچ ڪافي آهي. گهٽي برسات به نقصانڪار جو ڪاروڙ آهي. شروعات ۾ گهٽي برسات ۽ جهڙ ٿئي، ته چوپايو مال مريو وڃي؛ بيٽل فصل تي پوي، ته آبادي ناس ٿيو وڃي؛ ۽ جي بلڪل گهٽ پوي ته فصل کونه ٿئي ۽ ڪو مال لاءِ گاهه ٿئي.

برسات گهٽو ڪري آتر ڪان ايندي آهي. ڪڏهين ڪڏهين اولهه ڪان به اچي، جنهن کي "لاڙي مينهن" چون؛ چوته الهندي .پاسي ڪان لاڙ جو علائقو آهي. ۱۸۹۹ع جي ڏڪار وقت تمام گهٽ برسات پيئي هئي. ان سال زبردست ڏڪار پيو هو— جنهن جون اڄ ٽائين ماڻهو ڳالهيون ڪندا آهن. ان وقت امرڪوٽ ۾ ۶ سينٽ برسات پيئي هئي. سنه ۱۹۰۳ع ۾ امرڪوٽ ۾ ۹٫۲۵ انچ ۽ ۱۳٫۱۷ انچن جي وچير برسات پيئي هئي. ۱۹۱۳ع ۾ ۳۶—۲۶ انچ برسات پيئي هئي. سال ۱۹۲۷ع ۽ ۱۹۲۹ع ۾ زبردست برسات پيئي هئي، جنهن ۾ ڪيترو چوپايو مال مري ويو هو ۽ جايون ڏهي پٽيون هيون.

پوک

ٿر ۾ پوک جو مدار برسات تي آهي. ڏيپلي تعلقي جي ڏکڻ - اونهه ۾ سکربئريج واهه جي شاخ، نئون ڪوٽ برانچ تي ٿورو ٽڪر آباد ٿئي ٿو. جتي ڪپهه ۽ ڪڻڪ ٿئي ٿي. مکيه ٻه فصل ٿين:

١- خريف يا ڪتي- هي فصل، جون جولاءِ ۾ پوکجي ۽ آڪٽومبر - نومبر ۾ لهي. هن ۾ جوئر، ٻاجهري، تر، مڱ، گوار، ڪورڙا، وليون، هنداڻا، گدريون ۽ چڀڙ ٿين. اهو فصل سڄي ٿر ۽ پارڪر ۾ ٿئي.

٢- ربيع يا چيٽ - آڪٽونمبر - نومبر ۾ پوکجي ۽ مارچ اپريل ۾ لهي. هن ۾ ڪڻڪ، جوَ ۽ ڄانڀو پوکجي. اهو فصل ننگرپارڪر تعلقي، ڏيپلي تعلقي جي ڪجهه ٽڪرن، ۽ ڪڏهين سامروٽي جي ڪن ڀلين ٻنين ۾ ٿئي؛ سڄي ٿر ۾ عام ڪونه ٿئي. وٽ ۾ به ڪڻڪ سُٺي ٿئي.

٣- آڌائون - فيبروري ۾ پوکين، جون ۾ لهي. هن ۾ وليون پوکبيون آهن. اهو فصل گهڻو ڪونه ٿئي، ڪٿي ڪٿي ٿوري انداز ۾ ٿئي. ڪن ڀلين ٻنين کي کيڙ ڏيئي ڍڪي ڇڏيندا آهن، پوءِ جوئر پوکيندا آهن، جا بنا برسات جي ٿيندي آهي. وٽ ۽ سامروٽي ۾ بصر پوکيندا آهن، جو سٺو ٿيندو آهي. مٺي، اسلام ڪوٽ، چيلهار، ڇاڇرو، ڏيپلو ۽ ننگرپارڪر جي ڪن ڳوٺن ۾ کوهن جي پاڻيءَ تي پالڪ، سوئا، ميٿري، موري، واڱڻ ۽ ڀينڊيون پوکيندا آهن.

ننگرپارڪر تعلقي جي ڪاسبي ڳوٺ ۾، سيٺ پونجي جو هڪ باغ آهي، جنهن ۾ انب، ليما، وغيره ٿيندا آهن، پر ٿوري انداز ۾ - ٻيو ٿر ۾ ڪٿي به باغ ڪونه آهي.

عمرڪوٽ جي ڀرسان، ناري ۾، واهن جي پاڻيءَ تي

هرهڪ قسم جو فصل ۽ جانور ٿيندا آهن. عمرڪوٽ ۾ باغ جام آهن، جتي انب، ليما، ڪيلا، ڏاڙهون، ڪجي، زيتون، توت، بير، چمون، داک ۽ صوف ٿين؛ ۽ هر ڪنهن قسم جون ياڇيون جهڙوڪ ٽماٽا، واڱڻ، گوبيون، پالڪ، سوئا، ميٿي، ڏاڙا وغيره جام ٿين.

ٿر جا کوهه

ٿر ۾ ندي، نئڻ، واهه يا ڦات ڪونه آهي. تلائن ۾ به فقط برساتي موسم ۾ مينهن جو پاڻي ڪجهه وقت هوندو آهي؛ سو به ڪن خاص تلائن ۾. ماڻهو پنهنجي، توڙي مال جي پيئڻ لاءِ کوهه جو پاڻي ڪتب آڻين. کوهه به ڪٿي تانگهها ته ڪٿي اونها، ڪٿي پاڻي کارو ڪٿي باڙو، ڪٿي ڪسازو ڪٿي مٺو، هاڪمي دار ته ڪٿي وري اهڙو جو پيئڻ سان دست ٿيو پون. ڪن هنڌن، ساڳئي کوهه ۾ ٻن نمونن جو پاڻي ٿئي. انهن ۾ ٻتان واڱي ۾ برساتي پاڻي اچي، ۽ هيٺان پاتال سان وري کارو پاڻي اچي. کارو پاڻي گهڻي هٿ سببان تر وٺي، ۽ مٺو پاڻي هلڪي هٿ سبب مٿي ٻهي. جنهنڪري، ٻتان ۸-۱۰ ڪوس پاڻي ڪڍبو ته مٺو نڪرندو، ۽ ٻوءِ وري کارو نڪرندو آهي. ڏيپلي ۽ مٿي تعلقن ۾، جتي ٿر ۽ رڻ ڍنگ ڪيو آهي، ان پاڳي کي "وٽ" چوندا آهن. اڪي پاڻي تمام تانگهو آهي. ڏيپلي تعلقي ۾ 'گوڏان گڙي' ۽ 'ڪٻتاني' ڳوٺن ۾ ته ايڏا کوهه آهن، جو ڪٻتو به پاڻي پي سگهي، جنهنڪري ڳوٺ ٻي تالو. پيو ڪٻتاني، -۽ وهٽ گوڏا کوڙي پي سگهي، جنهنڪري ڳوٺ ٻي تالو پيو گوڏان گڙي.

ڏيپلي ۾ ٽن پُرهن تي پاڻي آهي. پُرهه ۾ سراسري پنج فوٽ ليکيا آهن. ساسروٽي سڄي ۾ پنجن پُرهن اندر پاڻي

آهي، پارڪر ۾ ١٠ ۽ ١٥ پُرهن اندر، ڪنٺي ۾ ١٨ کان ٣٥ پُرهن اندر، ڍاٽ ۾ ٤٠ پُرهن اندر. پر ڪن هنڌ کوهه ٦٠ پُرهه به اونها آهن، جهڙوڪ چيلهار جي ڀرسان ڳوٺ کوڙٻي ۾ ٦٠ پرهه کوهه آهي. مهراڻي ۾ پاڻي تانگهو آهي، يعني ٣ کان ١٠ پُرهن اندر، ونگي ۾ به ١٠-١٢ پُرهن اندر پاڻي نڪري ٿو. کائڙ ۾ کوهه ڪونه آهن، پر اتي ويرا يا ويَريون آهن، جن کي "پار" چئبو آهي. اتي ڳوٺن جي نالن پٺيان "پار" لفظ هوندو آهي، ۽ جيڪو ماڻهو اهو "پار" کڻندو يا کڻائيندو آهي، ان جي نالي پٺيان سڏبو آهي، جيئن ته جيسي جو پار، کيمي جو پار، ۽ قبولي جو پار، وغيره. اهي پار ٨ کان ١٥ پُرهن اندر اونها ٿين، ۽ انهن جو پاڻي مٺو ٿئي، جهڙوڪر برسات جو پَلَر پاڻي، پر کوهه اتي تمام اونها ٿين. گڍڙي ۾ کوهه ٦٠ پرهه اونها آهن. وڏن ڳوٺن ۾ پاڻي هيٺئين موجب اونهو آهي: ڏيپلو - ٽي پُرهه، مٺو پاڻي، مٺي ۽ اسلام ڪوٽ - ٢٠ پرهه، ڪي کوهه مٺا ۽ ڪي ٿورا ڪسارا، چيلهار - ٣٥ پرهه، وڻندڙ ۽ هاضم پاڻي، ڪانٽيو - ٢٠ پرهه، ڪي تمام کارا ۽ ڪي وڻندڙ پاڻي، ڇاڇرو - ٢٠ پرهه، پيئاڪ پاڻي ملوڪ، کينسر - ويريون ١٥ پرهه، مٺو پاڻي، ننگرپارڪر ۽ ويراواهه - ١٤ پرهه، پاڻي ذائقي وارو پر تندرستيءَ لاءِ خراب، گڍڙو - ٦٠ پرهه، وڻندڙ پاڻي.

ٿر جي کوهن جي تانگهائيءَ جي اڀياس مان، هن نتيجي تي پهچي سگهجي ٿو ته ڏکڻ پاسي "وٽ" ۾ پاڻي تمام تانگهو آهي. پوءِ جيئن اتر - اڀرندي ٿو وڃجي، تيئن پاڻي اونهو ٿيندو وڃي، تان جو گڍڙي ۾ ٦٠ پرهه اونهو آهي - جاگرافي دانن جو اهو رايو درست آهي، ته ٿر اصل سمنڊ هيٺ هو، پوءِ پاڻي آهستي آهستي ڏکڻ طرف هٽندو ويو. ان مان سمجهجي ٿو ته ٿر جي اتر واري زمين مٿاهين آهي، ۽ ڏکڻ

واري هيٺاهين، جڏ تہ زمين جي هڪڙي قسم جي ڏاکڻ آهي، جنهن جو مٿيون پاسو اتر ۽ هيٺيون پاسو ڏکڻ ڏي آهي. اتر ڏي وڃڻ سان جڏ تہ ڏاکڻ تي مٿي پيو چڙهجي، ۽ ڏکڻ ڏي وڃڻ سان جڏ تہ هيٺ پيو لهجي. ڪوهہ مان پاڻي ڪيڏ لاءِ وڳيل چمڙي جو ڪوس، ۽ مينهن، آٽ يا ڏڳيءَ جي بنا وڳيل چمڙي جي ورت ڪم آڻبي آهي. آٽ، ڏڳا ۽ گڏهہ پاڻي ڇڪي ٻاهر ڪيڏ لاءِ ڪم آڻبا آهن.

جانور

تر ۽ ٻيلا يا گهاڻو جهنگ ڪوٺہ آهي، جنهنڪري اتي گهڻا جهنگلي يا خوفناڪ جانور ڪوٺہ ٿين. گهرو جانور هيٺيان آهن، جن جي وڌيڪ بيان ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي.

گهرو جانور: آٽ گهوڙو، مينهن، ڳٻون، وڍ، ٻڪري، گڏهہ، ڪتا ۽ ٻلا. مينهن ۽ گهوڙا تر ۽ گهٽ آهن. آٽ کي "سُکيءَ جو ٻيڙو" چوندا آهن. مينهون، ڳٻون، وڍون ۽ ٻڪريون ڪير ڏيندڙ آهن.

جهنگلي جانور: هرڻ، سهو، گدڙ، لوڪڙ يا لومڙ، جهنگلي ٻلو، سهو ۽ چاهو وغيرہ۔ هرڻ ۽ سهي جو شڪار ڪبو آهي. سهڙ تر ۽ عام نہ آهي.

جيت

جيتن جا ڪيترائي قسم آهن، جيئن تہ

زمين تي سرندڙ زهري جيت: واسينگ، ڪارو ناڳ (ڏڻ سان)، ڪونياريو ناڳ، گورهيرو ناڳ، گٻڙو، ٽنگ، لنڊي، ڪپر، هڻ ڪڻ، ٻيڻ ۽ ٻوگهي وغيرہ، اوڙ، ڪواڙ ۽ گهوڙيل بہ ٿين. انهن سيني کي پير ڪوٺہ ٿين.

پيرن وارا زهري جيت: وڇون ۽ سؤپيري وغيرہ.

آڏامندڙ زهري جيت: ڏينيو، ماکيءَ جي مک ۽ مچر.

انهن کي کنڀ ٿيندا آهن، جن جي وسيلي آڏامندا آهن.
عام جيت ٻن قسمن جا آهن، اهي زهري نه آهن.

١- پيرن وارا: چندڻ ڳوهه، عام ڳوهه، نوريئڙو، نور، سانڊو، ڪاڪينڊو (سائو، ڳاڙهو ۽ اڇو)، ڪُئو، ڪرڙي، چيچي، ڪوريئڙو، گيلڙ، ڏيڏر، ماڪوڙي، آڏوهي، تڏيون، ٽنڊڻ، منگهڻ، گينگا، اڪمڪڙ، ڪاترا ۽ ٻيا به ڪئين نمونن جا جيت ٿين ٿا.

٢- آڏامندڙ جيت: عام مکيون، ڀنڀوريون، کڙکٻيتا، ڀمرا، گهرتيڙي ۽ ٻيا به ڪيترن قسمن جا جيت ٿيندا آهن.

وڻ

ٿر ۾ هيٺيان وڻ ٿيندا آهن:

ڪنڊي، ڪونڀٽ، ٻير (سنڌي ۽ ولائتي)، کٻڙ، (کارا ۽ مٺا)، ڄاريون، جهنگلي ۽ آمڻ ٻير، نم، سرنگهو، روهيڙو، ليار، ڪرڙ ۽ لئي وغيره، جي وڏا وڻ ٿين. ٻيا ننڍا وڻ هنن قسمن جا ٿيندا آهن: اڪ، ٿوهر، گهانگهيٽي (جنهن کي ڳاڳي چون)، ارٽي، گگراڻ، ٻائوري، ٻوهه، موراڙي، ڪانڪهه، ڦوڳ، چموٽي، هيرڻ، ڌاتور، آنسوندرو، لورو ۽ ٻيا به ڪيترن قسمن جا ننڍا وڻ ٿيندا آهن.

گاهه ۽ ٻوٽا

ڀُرٽ، مُرٽ، سيڻ، گهامو، ڳنڍير، ڪوُري، ڊامڻ، ڊڀ، لمپ، مُڍيري، مليرميندي، ڪريوکڙ، سانٽوڙو، آبت ڪنڊي، پٽ ڪنڊي، ڏوڌيلي، ويڪر، ڀنگري، مريڙو، ٻگرو، لُلُر، ڪاني، سونيلي، جهيل، پاتيلي، ڪرنگهه، سانئو، انکرو، ايريال (جنهن کي پٽ ڪُٺارچون)، کيرکپ، سڻ، ٻائي جا ٻاٽيئا، لاڻيون، لنب، وينجهل، جوڳيڙو، ويسوني، کيرول مانڌاڻي، مکئي، ڌاڃوڙ، موگر، هرڻ چپڙي، جهرڪلي کيٽ، چيهو، کومان،

ٻرو، کٻمول، ڳُرسڻ، ۽ ٻيا انيڪ نمونن جا ٻوٽا اڀرندا آهن.

وليون

هنداڻا، گدريون، متيرا، چڀڙ، گدرا، ميها، ڪريلا، گولاڙا، ٽوهه وغيره، اهي ميوي دار آهن.

جهنگلي وليون: انکرو، ڪان ڪوڏي، ڪتيال، منڍيري، ڪورڙ، ٻکڙو يا ٽڪنڊي، پيسوڙيال، اڦڙ، گهوڙاول، هزارداني، ٻڳڙاول، نورول، نانگرول، گڻ ويل، پٽ تريا، سينهال وغيره.

پکي

گهرُو پکي: مور، ڪڪڙ ۽ تتر. اهي ماڻهو پاليندا آهن. پاريهر ۽ جهرڪيون جهنگ ۾ ڪونه رهن، اهي گهرن ۾ رهن، مگر ماڻهو پاليندا ڪونه آهن.

جهنگلي پکي: ڳجهه، سرڻ، باز، شڪرو، هورهيو، ٻاٻهيو، تاڙو، ليلي، هڙيو، بلبل، تتر، پيئر، ٻوڙي، ٽيٽيهر، ڍولر، مالهاري، ڪانءُ، ڪاري چڙي، ڳاڙهو ڳيرو، اڇو ڳيرو، گهگهه (چٻرو)، ڀيرٻ، چُٻ، ڪاتئيرو، ڪٻر، ڊوڏو، چمڙو، هُدهُد، سوٽاريو، ڪارڪڻڇي، تلور، گؤئڙ ۽ سگري وغيره. سگري پکي، پنهنجو آکيرو ڊڀن مان اهڙيءَ طرح ڪاريگريءَ سان ڳُتي ٺاهيندو آهي، جو عاليشان گهر وانگر معلوم ٿيندو آهي: وڻ جي ٽاريءَ ۾ ٿورو قابو ڪري ڇڏيندو آهي، باقي پينگهي وانگر پيو لٽڪندو آهي.

گذران جا وسيلا

ٿر ۾ ڪوبه وڏو ڪارخانو ڪونه آهي. شهري ماڻهو پار ڪن، ڪي نوڪريون. غريبن جو گذر آهي مزوري، مٽيءَ مان جايون ٺاهڻ، ڪاٺيون ۽ گاهه جهنگ مان آڻي شهرن ۾ وڪڻڻ. ڪي ڀاڳيا آٺن تي چاڙهيڪي ۽ بار برداريءَ جو ڀاڙو کڻن. ٻهراڙين جا ماڻهو وسڪاري ۾ پوک جو ڪم ڪن، سياري اوتهاري مال چارين. سال ۾ ٻه دفعا رڍون ڪترين،

۽ هڪ دفعو ٻڪريون، آٺ جي ملس به ڪترين. آن ۽ ڏاس چڱي اگهه وڪڻن. اڇيءَ آن کان ڪاري آن وڏي اگهه وڪامي، جنهن مان جهجهو آپراسو ٿئي. ٻڪر ۽ گهيٽا سوداگرن کي وڪڻن، جنهن لاءِ گنبول ۽ راڄڙ واپاري سدائين پيا گهمن، جي ميرپورخاص، حيدرآباد ۽ ڪراچي ڏي ڪاهي وڃن. بعضي ٿريا پاڻ به مال سودي، وڏن شهرن ۾ وڪڻيو اچن. اڳي ٿر جا ڪيترا هندو مسلمان، ڍڳا ڪاهي گجرات ويندا هئا، جتي اوڌر تي ٻيٽي ٽيٽو اگهه ڏيئي ايندا هئا، پوءِ سال به سال نئون مال ڪاهي ويندا هئا، ۽ اڳيان رهيل پئسا به اڳاڙي ايندا هئا. مکڻ ۽ کير وڪڻڻ کي عيب سمجهن، شهرن ۾ البت رواج آهي. ٿر جو گهه مشهور آهي، جو چڱي انداز ۾ ٻاهر وڃي. ڳئون جو چمڙو، رڍن ۽ ٻڪرين جون کلون ۽ هڏا ٻاهر وڃن.

شهري ڪيراڙ وياج تي ڏوڪڙ اڌارا ڏين- هڪ دفعي ڪنهن وٽانئن چار پئسا اڌارا ورتا، ته ڄڻ اڙيو، ٻيٽا چوٽا ڪريو، غريب جو رت ست چوسيو وٺن. مسلمان وياج ڪونه وٺن، جو سندن مذهب موجب حرام آهي. مسلمان ڇيلن، آٺن ۽ ڍڳن جو واپار ڪن. مينگهواڙ چمڙو رڱي ان مان جتيون، پخالون، سانداريون ۽ نتون ٺاهين. سانداريون ٻڪريءَ ۽ هرڻ جي کل مان جڙن، ۽ نتون رڍ جي کل مان. هرڻ جون کلون مصالحي سان رڱين، جن تي وار بيٺل هوندا آهن، جنهنڪري نرم ٿينديون آهن، جن کي 'مرگهه ڇال' سڏين. ان مان نتون، نماز پڙهڻ لاءِ مُصلا ۽ کٽن تي وڇائڻ لاءِ چادرون ٺاهين. آنَ مان کٽا، ڪمريون ۽ لويون جوڙين. ٿري ڪمريون مشهور آهن، جي ٻاهر وڏي قيمت تي وڪامن.

ڀيل ٻڪرين جي ڏاس مان ٻوريون ۽ ٻورا، کرڙيون ۽ خرزينون تيار ڪن ۽ کلن ۽ هڏن جو واپار ڪن. سوٽهڙ،

آٺن لاءِ پاکڙا ۽ گهوڙن لاءِ هنا ٺاهين، جن تي لوهه ۽ پتل جو عمدو ڪم ڪن. ٿري پاکڙا ۽ هنا سٺا ٿين. سنڌ جا زميندار شوق پئي ٺهرائين. کٽون ۽ ٻيو ڪاٺ جو ڪم ڪن. روهيڙي جون کٽون وڌيڪ سٺيون ٿين. ٿري عورتون گهرو ڪم، پاڻي ڀرڻ، رڌڻ پچائڻ، ڪپڙو لٽو سبڻ، ۽ ڀرت جو ڪم ڪن، ۽ مردن جون به مددگار آهن، مال کي پاڻي پيارڻ ۽ کيتيءَ جي ڪم ۾ مدد ڪن. شهري ٿري عورتون، گهرڻ ۾ ڀرت جو ڪم (ريشم ۽ سُٽ سان) ڪن. ان مان مفلر ۽ سئيٽر ٺاهين. آر تي وهاڻن جون ڇهون ۽ هنڌ جون چادرون ٺاهين. آٺن ۽ گهوڙن لاءِ جهُلون ٺاهين. ٻهراڙيءَ جون عورتون ائٽ تي آن ڪتين، جنهن مان کٽا ۽ ڪمريون ٺهن. برهمڻ اڪثر آٺ پلاڻين، واپارين جو مال شهرن مان سنڌ ڏي کنيو وڃن ۽ اتان وري واپاري سامان آڻين.

ٿر ۾ سڀني کي آباديءَ لاءِ گهڻو ڪري پنهنجي زمين آهي. جي ڪنهن وٽ نه هوندي، ته ٻئي کان ٻني پتي تي يا اڌاري وٺي آباد ڪندو آهي. ٿر ۾ پيدائش جا ذريعا گهٽ آهن، تنهنڪري ماڻهن جون گهرجون به گهٽ، سادگيءَ ۽ صرفي سان وقت گذر ڪن. ٿر ۾ ڏڪار اڪثر پوندا آهن، ان وقت غريب ماڻهو سڀ ٻارين ٻچين، يا ڪي ڇڙها، ناري ڏي نڪري وڃن، جتي وڃي مزوري يا لابارو ڪري پيٽ پالين. ڀيل گهڻو ڪري سدائين، ڏڪار هجي توڙي سُڪار، هولي ڪري. ناري ڏي نڪري وڃن، وري مينهن جي موسم ۾ ڇنڊ پوڻ تي موٽي ماڳ اچن، ۽ اچي ٻني ڪن.

کاڌو

ٿري ماڻهن جو کاڌو آهي سادو. ٻاجهريءَ تي سڀني جي جياپي جو مدار آهي. شهرن ۾ شاهوڪار، واپاري ۽ ڪامورا

پارٽيءَ وارا، ۽ ٻهراڙيءَ ۾ ڪي پڄنديءَ وارا، ڪٺڪ ۽ چانور به ڪم آڻين، جي ناري ۽ سنڌ مان اچن. باقي غريب طبقو ٻئي ويلا ٻاجهريءَ جون مانيون؛ اڃا به آن جي اڻاٺ جي سمي، هڪ ويلو رٻ به ڪن ته ڪي ٻئي ويلا به. بعضي اهڙي وقت ٻه ٽي ڏينهن لنگهي به وڃن، ته به منهن ۾ سرها سنوار؛ ڇو ته تڪليفن جا هميشه هيراڪ آهن. ڏڪار جو ڊپ سدائين بيٺو ئي آهي، جنهنڪري سُڪار ۾ آن گڏ ڪري رکن، ۽ پڻ ڪفايت سان واپرائين. سڀڪو ٻاجهريءَ جي ماني، لسيءَ جي لپ سان کائي، آسودو ويٺو آهي: سڀني وٽ پنهنجي لسي ڪٿان آئي! ٻئي گهر مان وٺي ايندا، انهيءَ کي عيب ڪونه سمجهن. "جهڻ" ۾ ڪا اهڙي حڪمت آهي، جو بک گهٽ لڳائي؛ گهر جي ڪري ماڻهو شام تائين آسودو. شام جو کير پيئڻ جو رواج اصل ڪونهي: ڀاڳين وٽ کير جا مٽ ڀريا پيا هوندا ته به کائين ڪونه. صبح جو ٻار ۽ ٻاڻ ڌونرو سو البت کائين، پر کير کي ويجهو ڪونه وڃن. ٻن چئن ڏينهن جو مکڻ گڏ ڪري، پگهاري، 'وسناڻ' ٺاهي کائين، ۽ گيهه جدا ڪن. شهرن ۾ ڪاسائي آهن، پر ٻهراڙين ۾ اصل ڪونهن. اتي اڪثر ڪڏهين ڪڏهين ڇيلو پائين، جنهن کي 'ماهودي' چون. برهمڻ ۽ ڪراڙن کان سواءِ ٻيا سڀ هندو ۽ مسلمان گوشت کائين. ڪڏهين ڪڏهين بندوق سان هرڻ جو شڪار ڪن، جي ٿر ۾ عام ٿين ٿا. هرڻ جي گوشت جو گندلو پچائين، جو تمام لذيذ ٿيندو آهي. ڇاڪن: هڪ مٽيءَ جو چار فوٽ کن گول ڪوٺو ٺهرائي، زمين ۾ کڏ کوٽي پورين، منهن آگهاڙو رکن. پوءِ ڪونڀٽ جون ڪاٺيون ساڙي، انهن جا سُڄر ٽانڊا وٺي ان جي تري ۾ رکن، جن مٿان ديگڙو پاڻيءَ سان ڀري رکن. پوءِ گوشت جا وڏا ٽڪر ڪري، چهڪ ڏيئي، لوڻ مرچ ۽ ڌاڻا وغيره مصالحن سان ڀري ڪاٺين جي

سيخن ۾ وجهي، سيخ جي نوڪ ديگڙي ۾ وجهن، باقي مٿيان ڇيهه، ڪوٺي ۾ چوڌاري پکيڙي ڇڏين، مٿان ڍڪي ڇڏين. ٻارهن ڪلاڪن بعد ڪڍن ته گوشت پچيو پوي. سندن هاضمو اهڙو سٺو آهي جو جپڪي کائين سو هضم.

برساتي موسم ۾، هاري ماڻهو، ڳوٺڙا ڇڏي هرڪو پنهنجي ٻنيءَ تي وانڊ ڪري وڃي وهي. دڙن تي چونرا ٺاهين؛ ۽ سمهڻ لاءِ، چار ڪاٺيءَ جون ٿوڻيون کوڙي، جن تي سنهيون ڪاٺيون رکي، مٿان گاهه وجهن، ته ڪُئرو ٿيو پوي؛ انهن کي چون پيهو يا ڏينچي. ٻنيءَ مان ميها، چڀڙ، گوار جون ڦريون ۽ ڇانهن جي ڀاڄي پٽي آڻي تيار ڪن، ۽ ماني سان کائين، مٿان لسيءَ جو وٽو چاڙهي ڇڏين. رات جو جهنگ ۾ ڏسبو ته دڙي دڙي تي ڏياٽي پيئي ڏسبي، جيئن آسمان ۾ ٽڙيل تارا. وسڪاري ۾ سائي ڀاڄي اکين ڏسن. سياري اونهاري ٻهراڙيءَ وارا سائيءَ ڀاڄيءَ لاءِ سڪن: سچ پچ ته کين سڌئي ڪونه ٿئي. وسڪاري جو، ميها ۽ چڀڙ ٻوٽي ۽ گوار جون ڪچڙيون ڦريون پٽي سڪائين، جا سياري اونهاري رڌي ڀاڄي ڪن. تازا چڀڙ آلا آڀا ڪپي، سنهو لوڻ ڏيئي سڪائين، جن کي 'ڪَچريون' چون. شاهوڪار ۽ پڄنديءَ وارا، اهي سڪل ڪچريون گيهه ۾ تري، چانورن سان کائين. ڪيتريون ڪچريون سال بسال ٿر کان ٻاهر وڪري لاءِ وينديون آهن.

ٻنيءَ ۾ گدريون ۽ هنداڻا جام پوکين - برساتيون پون ته چڀڙيون ۽ هنداڻا جام ٿين، جي ننڍا وڏا کائي پيٽ ڀرين. منجهند جو ماني به ڪونه وڻين، يا ٿوري کائين. ٻنيءَ ۾ گدرا ۽ هنداڻا جام ٿين، ته گدرن جون ڦارون ڪري سڪائين، جنهن کي چون 'لاچريون' يا 'ڪاچريون'، جي سياري اونهاري کائين. هنداڻن جون ڪُريون (ٻج) ڪڍي سڪائي رکن، جي سياري جو لوڻي، دانگيءَ ۾ باهه تي سيڪ ڏيئي ڀُڃي

کائين، ۽ بعضي ڪٽي مٿئين سخت کل (ڪڏا) ڪڍي، اندريون اڇو ڳڀ پاڻيءَ ۾ وجهي نپوڙي اهو پاڻي ٻاجهريءَ يا چانورن ۾ وجهي ڀت رڌين، ۽ ڪڏا وري اٽي سان گڏي ماني پچائي کائين، ۽ ڇانهن جي پاڻيءَ کي باهه تي ڪاڙهي گهاٽو ڪري ڳڙ ٺاهين.

عورتون صبح جو سوير آسر جو اٿن - پهريائين گهر ۽ ويڙهي جو ڪچرو ٻهاري گڏ ڪري ٻاهر اڇلائين. جنڊ تي اٽو پيهن، پوءِ ولوڻو ولوڙين، ته ايتري ۾ سج به اڀري، ته ماني ٽڪر پچائي ٻارن کي ڏين. مالدار، جي ساجهر مال ۾ وڃن، سي گهڻو ڪري راتوڪي پڪل ماني، جا بچائي رکيل هوندي، سا لسيءَ سان کائي روانا ٿي ويندا، وري ١١-١٢ بجي، مال موٽائي آڻڻ وقت، تازي ماني مکڻ ۽ جهڻ سان کائين. جهڻ تمام ٿڌي آهي، جنهنڪري سڄو ڏينهن اڃ جي خشڪي گهٽ ڪندي آهي. تازي ويائل ڳئون يا ٻڪريءَ جو "پيس" ڏُهي، ان ۾ بعضي ٿورو مٺاڻ (کنڊ يا ڳڙ) وجهي باهه تي رکن ته ڄميو پوي، جنهن کي "ٺيڪلو" چون. اهو شوق سان کائين، ۽ ٽُڪر ٽُڪڙ ڪري ويجهن گهرن ۾ ورهائي ڏين. ٻئي ڏينهن وري کير ڏُهي باهه تي رکن ته اهڙو سخت ڪونه ڄمي، پر ڪجهه ڳوڙها ڪجهه نرم ٿيو پوي، جنهن کي "ٻَڙهي" چون: غريب ويچارا پيس ۽ ٻڙهيءَ تي ويلا به ڪاٽيو وڃن.

ٿري ماڻهن جو "ڏٽ" تي گهڻو گذران. وسڪاري جو جهنگ ۾ 'ڀرٽ' هڪ قسم جو گاهه ٿيندو آهي، جنهن جي مٿان سنها سنها ڪنڊا ٿيندا آهن. اهو گاهه گوڏي جيڏو ٿيندو آهي ۽ جهنگ ۾ تمام گهاٽو اڀرندو آهي. پچڻ وقت جهنگ مان پيادو هلڻ ئي مشڪل آهي، جو ڀرٽ ڪپڙن کي چنبڙي پوندا آهن. ٿري عورتون ۽ مرد، کاريون کئي ڪاهي

پون جهنگ ۾. ٻير يا موراڙ جي ٽاري وڍي، هڪ پاسي جهلڻ لاءِ ڪاٺيءَ ۾ ٻڌن ـ ان کي چون جانفري. جانفريءَ سان ڀرٽ ٻُهاري کاريءَ ۾ وجهن. اهڙيءَ طرح کاريءَ ۾ ڀرجڻ بعد هڪ هنڌ گڏ ڪري رکندا ويندا. گهڻو گڏ ڪري سڪائي ڪٽي، وائوري، داڻا جدا ڪري وٺن. ڀرٽ سڻيو ڏٺ آهي. سندس اٽو پچائڻ وقت اڀوڳو، جنهنڪري ماني ڇوري ٿئي، پر کائڻ ۾ هروڀرو خراب ڪانهي. 'مُرٽ' به هڪ قسم جو گاهه آهي، پر ان ۾ ڪنڊا ڪونه ٿين. ان جو ٻج به ڀرٽ وانگر گڏ ڪري صفا ڪن. اهو ڏٺ، ڀرٽ کان گهٽ آهي. غريب ماڻهو ٻاجهريءَ سان گڏ کائين ته اَن جي اُڀيل اچيو وڃي. وسڪاري جو ٻاجهريءَ جا اڌ پڪا سنگ پٽي، ڪي ڪچا ۽ ڪي سيڪي، هٽ سان مهٽي داڻا صفا ڪري کائين، جن کي 'آڀُو' چون.

برسات پوڻ وقت شروع ۾ مرٽن، کٻڙين ۽ موراڙين ۾ 'پپُون' ۽ 'ڪونڊير' جام ٿين. ڪونڊير اڇا، گول، پٽاڻي جهڙا، زمين اندر ٿين. مٿان تند نڪري، جنهن ۾ ڄار جهڙا پن ٿين. پپون کائڻ ۾ لذيذ آهن. صبح جي وقت کٽيون ۽ شام جي وقت مٺڙيون هونديون آهن. پپن جي ڀاڄي وڻندڙ ٿيندي آهي. ڀٽن جي پاسن تي گهانگهيٽي جا ننڍا ننڍا وڻ ٿين، جن ۾ 'گانگهيٽا' (ڳاڱا) ٿين. برسات پوڻ بعد ٽئين چوٿين ڏينهن 'ڪنڀيون' جام نڪرن، جن جي ڀاڄي ڪندا آهن. برساتي مند ختم ٿئي، ته سياري جي شروع ۾ جهنگلي ٻير جام ٿين. ٿري زالون، نينگريون ۽ ننڍا ٻار جهنگ ۾ وڃي لٺين سان ٻيرين کي سٽي ٻير ڇاڻي چونڊي اچن. ڪن ڪن ٻيرين جا ٻير تمام مٺا ٿيندا آهن. بهار جي موسم ۾، جڏهين واهوندا ورن، ته ڪرڙن ۾ 'پسي' ٿئي، جا آڻي ڀاڄي ڪن ۽ ڪچا 'ڏؤنرا' آڻي رڌي کائين ۽ آچار ٺاهين، جو مهنو

۾ پيا کائيندا آهن. ڏؤنرن کي پچڻ بعد 'پڪا' چون، جي رنگ جا ڳاڙها ۽ کائڻ ۾ مٺا ٿيندا آهن. ڦوڳن ۾ ڦلي ٿئي، جنهن کي 'ڦوڳيسي' چون، اها آڻي ڀاڄيءَ ۾ وجهن ته کٽاڻ واري مزيدار ڀاڄي ٿيو پوي، ۽ ٻاجهريءَ جي اٽي سان گڏي ماني پچائي کائين.

آڙهر جو ڪنڊين ۾ 'سگريون' ٿين. ماڻهو ڪچڙيون سگريون آڻي ڀاڄي ڪن ۽ ٻاڦي، ڇانو ۾ سڪائي رکن، جي پوءِ ڀاڄيءَ لاءِ ڪم اچن. پچڻ بعد اٺن ۽ ڍڳين کي ڏين ۽ ماڻهو به کائين. پچڻ بعد ان کي 'کوکا' چون، جي کائڻ ۾ لذيذ ٿيندا آهن. کٻڙين ۽ ڄارين ۾ 'پيروُن' جام ٿين، جي ٻن نمونن جا، ڳاڙها ۽ پيلا ٿين. ڳاڙهن کي 'واتڪيا' ۽ پيلن کي 'سيڙڪيا' چون- يڪ ساهيءَ گهڻا پيرون کائڻ سان وات پچي پوندو آهي، جنهنڪري ٿري ڇا ڪن، جو پيرون وات ۾ وجهي، ڦيهي، ٻجن ۽ مٿين کان سميت ڳڙڪائي ڇڏين، ائين ڪرڻ سان وات تڪڙو نه پچندو آهي.

ٿري ڏٿ نه وڳو پاڻ کائين، پر منجهانئس چڱو اپراسو به ڪن. ڏونرا، پڪا، پيرون، پُسي، پپون، ٻير ۽ چڀڙ چونڊي زالون وڃي وڪڻن، ته سگريون وري مرد آڻي وڪڻي پنهنجو ۽ ٻچن جو پيٽ پارين. مطلب ته جهنگ ۾ قدرتي باغ لڳو پيو آهي، جتي ڪنهن کي به ڪا جهل پل ڪانهي.

رهائش جو نمونو

ٿر ۾ عمرڪوٽ، مٺي، ڇاڇرو، ننگرپارڪر، ڏيپلو اسلامڪوٽ، چيلهار، گڏڙو ۽ ڪانٽيو وڏا شهر ۽ ڳوٺ آهن، جتي ڪي ماڻهو شاهوڪار آهن ۽ ڪيترا پڙهيل ۽ واپاري رهن ٿا. اتي ڪيتريون جايون پڪ سريون آهن، ڪي قدر

فرنيچر به رکن. ماڻهو سکيا ۽ سڌريل، پوشاڪ ۽ رهڻي ڪهڻي سٺي. باقي ٻهراڙيون گهڻيون، جتي غريب طبقو جهجهو آهي. منجهانئن ڪن وٽ چار ڏوڪڙ آهن ته به پوشاڪ کاڌو پيتو ۽ رهائش، سڀني جي هڪ جهڙي. ڪچين سرن جون ڀتيون، جن تي ڪکن جا ڇنا - گول ڪچي ڀت ٺاهي، مٿان مرٽون وجهي، مخروطي نموني کين نوڙين سان قابو ڪن، جنهن کي 'چَونرو' چون. چار ٿوڻيون کوڙي مٿان ڪکن سان ڍڪين، جنهن کي 'مَنَهه' چون.

ٻهراڙين ۾ ڪوٺيون (کڏ) گهڻا ڪونه ٺاهين. البت ننڍڙا ڪچين سرن سان ڪوٺين جي نموني کڏ ٺاهين، نه ته گهڻو ڪري سڀ چونرا ٺاهين؛ جن کي مٿان مرٽن سان ڍڪين، جنهنڪري گرمي، سردي ۽ برسات جو بچاءُ چڱو ٿئين. کيتيءَ کان سواءِ ٻئي ڌنڌي نه هئڻ ڪري مال ڌارين. وسڪاري جو جتي گاهه جهجهو، اتي مال ڪاهي وڃي وانڍون ٺاهي وهن؛ نه ته سڀڪو پنهنجي ڳوٺ ۾ رهي. آسر جو مال پهرائين، يارهين بجي آڻي ڏُهن، وري پهرائين. وسڪاري جو شام تي مال وٿاڻ وري؛ سياري اونهاري ساري رات جهنگ ۾ رهي. وسڪاري کان سواءِ گانئين ۽ مينهن ۾ ماڻهو ڪونه وڃي؛ پاڻيهي چري موٽي اچن. مينهون ٿر ۾ بلڪل ٿوريون آهن؛ ڇوته ٿر گرم آهي، ۽ ان کان سواءِ گاهه ۽ پاڻيءَ جي ايتري سهوليت ڪانهي. مال پيارڻ لاءِ سڀڪو کوهه تي پنهنجو 'آواڙو' ٺاهي، جتي پاڻي گڏ ڪري مال کي پيارين. مالدار ماڻهو، ماني کائي باقي پلاند سان ٻڌي، مال سان روانا ٿين. ٻڪرين ۾ اڪثر سدائين ماڻهو رهي. اهي صبح جو جهنگ ۾ وڃن، سڄو ڏينهن مال ورڪائي شام جو موٽي اچن. سياري جو واڙي ۾ وجهن، اونهاري جو ٻاهر کلئي ميدان تي رهن؛ ڄاڪاڻ جو زيان ڪار جهنگلي جانور ڪونه آهن. جهنگ ۾ پاڻيءَ جي تڪليف

ڪري، پاڻ سان چم جي سانداري پاڻيءَ سان ڀري کئن، جتي آڄ لڳي اتي ٻُڪ سان پاڻي پي، وري سانداريءَ جو منهن ٻڌي ڇڏين. سندن گهر ڪچا، چوڌاري ڍنگهرن جو لوڙهو، جو ٻير جي ڪنڊن جو هوندو آهي - دروازي تي بعضي ڪونڀٽ جي کڙاهه ڏيئي ڇڏين.

اوٺهاري جو آسمان ۾ تتر کرڙي، آب ۽ ڪڪر پيا نهاريندا، ته ڪڏهن ٿو مينهن وسي! ڪارو ڪڪر يا مينهن جو اوڪان ڏسندا ته خوش پيا ٿيندا: چار ڇنڊون پيئون ته پوءِ بهار پيا ٿيندا. مينهن وسندو، ته خوشيءَ مان هڪ ٻئي کي واڌايون (مبارڪون) پيا ڏيندا! برسات کان اڳ، مينهن وسڻ لاءِ، تراين تي يا پيرن فقيرن تي خيراتون ڪندا آهن. ڪيتري به برسات پوي ته ڪڪ ڪونه ٿين - چوندا آهن ته "مينهن ۽ مهمان ڪيترو وقت".

زمين آهي وارياسي، جو پاڻي چُهي وڃي، جنهنڪري ٻوڏ جو خطرو اصل ڪونهي. البت ڳوٺن ۾ جي ڪچيءَ مٽيءَ جون جايون آهن، سي ڊهيو پون. ڪڏهين ڪڏهين ٧-٨ ڏينهن ساندهه، يا وڌيڪ ڏينهن جهڙ به ٿئي. انهيءَ سان گڏ، جي وري واءُ ۽ سيءُ هجي، ته پوءِ ڪڪ ٿيو پون، ڇو ته انهيءَ لُريءَ ۾ مال مريو وڃي.

دولت

ٿر ۾ نڪو آهي ڪو ڪارخانو، ۽ نڪو آهن آمدنيءَ جا ٻيا ڪي وسيع وسيلا. شهري ماڻهو وڻج واپار ڪن، ڪي ڪي زميندار ۽ جاگيردار به آهن، پر آباديءَ جو دارومدار آهي برسات تي، سا به ڪڏهين پوي ته ڪڏهين ڪونه پوي. برسات پوري پوي ته ٻنين ۾ ٻاجهري، گوار، مڱ ۽ تر جام

ٽين ۽ چگو اپرامو ٽڻي، پر اهو ورلي. هنر کان پري، پر علم ڏي لاڙو البت وڌندو وڃي. مالدار بہ آن، ڏاس ۽ گيهہ مان چگو ڪڍن. پهراڙيءَ ۾، جنهن وٽ آن جي گنڊي پريل هجي، ۽ ڪجهہ چوپايو مال هجي، ڪاوپت چگي هجي، واپاري وڙو وغيرہ گهر ڪائين ڪري، ۽ پنهنجيءَ مڇيءَ مانيءَ وارو هجي، تہ ان کي چون 'پاگيو'.

ٽري ماڻهو ڪفائتي آهن، سندن گهرجون گهٽ، پئسو خرچ ٿي دل ڪانہ ٽيندي اٿن. جيڏن شهري ماڻهو، ٽوري بہ شئي ڪپندي، تہ يڪدم دڪان تان يا ٻئي هنڌان، پئسي سان وٺي ايندا، پر ٽري ائين ڪونہ ڪن ــ سواءِ لاچاريءَ جي گنڊيان پئسو ڪونہ ڪڍن. ٽوري گهٽي ۾ پاسي مان اڌاري وٺي پورت ڪيو ڇڏين. ڪيترا مالدار، جي جيتوڻيڪ پهراڙين ۾ رهن ٿا، تہ بہ شاهوڪار آهن، پر پوشاڪ ۽ رهائش مان ماڻهو ائين ڪونہ سمجهندو تہ ڪو هن وٽ چار ٽڪا هوندا. شهرن ۾ واڻيا (ڪيراڙ) شاهوڪار آهن. ٽر جي سيني پهراڙين ۾ واڻئي جو هٿ هوندو. اهي واپار ڪن، وياج تي پئسو پنجڙ ڏين، ۽ زيور گروي رکي اڌار ڏين، پر وياج تمام گهرو وٺن. ڏيتي ليتيءَ ۾ کي اصل ڪپتيا ــ هڪ دفعي جي ڪنهن وٽانئس رقم ورتي، تہ نہ رڳو اهو وٺندڙ، پر سندس پٽ پوٽا بہ نہ چٽندا. مال بسال وياجن تي وياج وڌائيندا ويندا! اهڙا مثال بہ آهن، جو ڪنهن پنج روپيا ورتا هوندا، تہ ان جي عيوض پنج سؤ تائين پريا هوندا! رقمون پيٽيون ٽيٽيون ڪندي ويرم ئي ڪونہ ڪن. انهن کي خبر آهي تہ اسان جون اهي وڏايل رقمون بہ ويندیون ڪونہ. ٽر ۾ وهنڌ وڌاڻي تي ۽ سڙڻ بعد اوسر ڪرڻ تي اجائي خرچ ڪرڻ جو رواج آهي. اوسر تي هزار، پنج يا وڌيڪ بہ خرچ ٿئي. سو،

جڏهين ڪنهن جي گهر وهاڻ يا اوسر ٿيندو، تڏهين ويڙهڻ واڻڻي وٽ. اهو وڇهه ڏسي، پهريائين، اڳئين جهونپي رهيل قرض جي گهر ڪندو، جو لاچار هن کي ڏيڻو پوندو. اڻ پڙهيلن وٽ نڪو حساب نڪو ڪتاب. واڻڻي جي مرضي، جيئن وٺيس تيئن وٺي. پوءِ گهر ۽ جيڪي به هوندو. بني بارو، آن، پوري، ڪمر، ڪٽو، آن، چمڙو، وغيره سو واڻڻي جي حوالي، ۽ اگهه به تمام گهٽ! آن بعد وري نئون قرض شروع ٿيندو، جنهن تي پوءِ هلندا وياج تي وياج ـ ڪيترا ماڻهو واڻين وٽ هاري ٿي پيا ڪمائين.

ٽر ۽ وهاڻ ۽ اوسر جي اجائي خرچ ڪرڻ ڪري، ماڻهو قرض ۾ مبتلا آهن: پلا، اوسر تي خرچ اڇي هزار ٻه، ۽ غريب ماڻهوءَ جي ساليانو پيدائش ايتري نه آهي، جو ٻه ويلا ٻچا ٻاجهري جو ڏوڏو کائي ڏڪڻ جهالت جي ڪري سيني کي لاچار اهو اجايو خرچ ڪرڻو پوي. پوءِ ڪيئن قرض جو پورائو ڪن؟ سدائين سندن حياتي غلاميءَ ۾ گذري! واڻيا کوبه ڏيکيو ڪم پاڻ کونه ڪن. آڏيءَ مانجهيءَ، ڪتيءَ ڏڏيءَ، ويچارا غريب هندو ۽ مسلمان، پنهنجو پگهر وهائي، پورهيو ڪن، پر ايترو نصيب ڪونه ٿئين جو پيٽ پارين! سيڪو غريب غربو اويل لاءِ اونو رکي، اجائي ڪوڏي به ڪونه وڃائي، ڪه به اجاين خرچن جي ڪري، هو سدائين واڻين جا محتاج ۽ غلام!

شاهوڪار واڻيا (ڪراڙ) به رهڻيءَ ڪهڻيءَ ۽ پوشاڪ ۾ سادا، ڏسڻ ۾ ڪونه سمجهندو ته ڪو هن وٽ ڪا مالي هوندي، ڏسڻ ۾ مزورن کان به گهٽ. وٽن ناڻو جهجهو، پر آڇاڻ بيڙا. سندن عورتون سون سان سينگاريل، زيورن سان جهنجهيل، ۽ ڪپڙي لٽي ٿهيل، پر پاڻ جهڙا ڪولهي! ڏن

گڏ ڪرڻ جا هوشيار، پر هٿ کان ٻاهر ٿکو ڪونہ لهن. دل جا ڪمزور ـ چوندا آهن تہ "چار چور، چوراسي واٽيا، هڪڙي هڪڙي ايڪويهہ ڪاٽيا"۔ (يعني چوراسي واٽين کي چار چور ڦري آيا، هر هڪ چور ايڪيهن واٽين کي ڦريو!)

اڳي جڏهين چانديءَ جا روپيا ملڪ ۾ جام هٿا، تڏهين روپيا سون ۽ چانديءَ جا زيور زمين ۾ پوري ڇڏيندا هٿا. ٻاهر وڪڻ جو رواج ڪونهي. تڏهين تہ چوندا آهن تہ "چانديءَ جو روپيو ٿر ۾ ويو تہ ٻٽو ٿيندو زمين جي حوالي." هاڻي وري سون ۽ چاندي وٽي پورين ۽ پنهنجين بندبن ۾ لڪي ڇڏين، جو پوين کي ڪم اچي. پاڪستان ٿيڻ بعد هزارين روپيا سون ۽ چانديءَ جا زيور پارت ڏي ڪٽي ويا. اڄا بہ هٿي جيڪي ٿر ۾ ويٺا آهن، تن مان بہ گهٽا پنهنجي ملڪيت پارت ۾ رکي آيا آهن.

ٿري آهن غريب، ۽ پر پيءُ ڏاڏي جو قرض پري ڏيڻ پنهنجو ٻهريون فرض سمجهن ـ هوند ۾ جيڪو نہ ڏئي سو ڪپتيو: اهڙا ماڻهو، جي ڪنيو اصل نہ ڏين، لاچار واٽيا ڇا ڪن، جو انهن جي گهر اچي چار چگا وهاري، بنديءَ مان سندن حساب وارو پنو ڪاڍي هن جي گهر اچلائي ويندا، ۽ وري قرض نہ گهرندا ـ جنهن جي گهر اهڙيءَ طرح پنو ڪاڍاٽو سو برادريءَ ۾ ڪوٽ وارن ۾ گهٽ عزت جو لائق سمجهبو ـ اهو نہ رڳو سندس، پر پوئين لاءِ بہ داغ آهي.

آمدني ۽ روانگي

ٿر ۾ واپار لاءِ ڪنري (تعلقو عمرڪوٽ) ۽ نئون ڪوٽ (تعلقو مٺي) مکيہ اسٽيشنون آهن، جتان سڄي ٿر جو مال ٻاهر وڃي ٿو، ۽ ٻاهران ٿر ۾ اچي ٿو. اندروني واپار سڀ آڻن

رستي هلي ٿو.

آمدني: ريشمي، اوني، سوٽي ۽ سٿيءَ جو ڪپڙو، ڳڙ، کنڊ، تيل (ڪڙو، مٺو ۽ گاسليٽ)، ڀڳڙا، مرچ (ڳاڙها ۽ ڪارا)، ڦوٽا، دالچيني، ڌاڻا ۽ ٻيو مصالحو، ڪڻڪ، چانور، ڪپهه، مڃارڪو سامان، واڻ، تڏا، پن، تماڪ، سُٽ، ڌاڳا، ريشم، پشم، پسارڪو سامان، ميٽ، ڪتاب، پنا، سليٽون ۽ ٻيو اسٽيشنريءَ جو سامان، گرڊر، ٽيئر، جائسٽ، پڙڇ، ٻيو لوهه ۽ رڪ جو سامان، ڪڙا، ڪنڊا، پتل، ٽامي، ڪنجهي ۽ ڪوپر جا باسن، ۽ ٻيو سامان ۽ دوائون وغيره.

روانگي: گيهه، آن، ڏاس، چمڙو، کلون، هڏا، ٻاجهري، گوار، تر، مڱ، چونئرا، ڪورڙ، کٿا، ٻورا، ڪمريون، لويون، ٻوريون، جيرويون، کڙيا، اُٺ، ڍڳا، ڇيلا، ڪونر، گگر، اوني سُٽ، ڏاس جو سُٽ، هنا، ٻاکڙا، پيتلي حقا، پيتلي ناريون حقي جون، ڀرت جو ڪپڙو، چُنيون ڀريل، هيرڻ جو تيل، چم جون نتون، وغيره.

ڪارخانا، ڪاريگريون ۽ هنر

ٿر ۾ ڪوبه وڏو ڪارخانو ڪونهي، فقط ننڍي پيماني تي مٺي، ڄاڄري، اسلام ڪوٽ، ڏيپلي ۽ ننگرپارڪر ۾ آڏاڻا آهن، جتي مود، نوار، چاندنيون، انگوڇا، ٽوال، ديسي هلڪا کيس، ڪمريون، فراسيون، کٿا، لويون، جهاجهم، ٿلهيون ڌوتيون ۽ شالون ٺهن ٿيون.

ڪاٺ مان ٻاکڙا ۽ هنا (جن تي پتل ۽ لوهه جو ڪم ٿيل)، هيرار، چيلهار، مٺي، ڄاڄري، مالڻهور ۽ گوڌيار ۾ ٺهندا آهن. اهو ڪم سوٽهڙ ڪندا آهن.

سٺيون ڪمريون، ڪمريا، کٿا ۽ ڪوٽن لاءِ چوڦيرو

گرم ڪپڙو، دائي جو تڙ، تڳوسر، آمرپو، ڏاتر ڏني جو تڙ، جوڙڻو، لوٽهار ۽ پاڏا سنڌا ۾ ٺهندڙون آهن. اهو ڪم مينگهواڙ ڪندا آهن.

چمڙي جا بوٽ، سليپر ۽ چپل، مني، اسلامڪوٽ، چيلهار، چاچري، ڏيپلي ۽ عمرڪوٽ ۾ ٺهن ٿا. ديسي جتيون، پخالون، ماندارين، نتون، مرگهه چال هرڻ جون ڪلون ۽ ان مان نتون ۽ نماز لاءِ مصلا، سڄي ڏر ۾ مينگهواڙ ٺاهيندا آهن.

چاچري، مني ۽ ڏيپلي ۾ ڪني ڪپڙي تي رڳاوت جو ڪم ڪندا آهن.

آن مان ڪمريون، ڪٽا ۽ لويون عام طرح سڄي ڏر ۾ مينگهواڙ، ۽ ڏاس مان بورا، پوريون، ڪرڙبون ۽ ڪڙيا، سڄي ڏر ۾ پيل ٺاهيندا آهن.

وڏن ڳوٺن، جهڙوڪ مني، چاچري، عمرڪوٽ، اسلامڪوٽ، ننگرپارڪر، ڏيپلي ۽ گيڙي ۾، زالون هٿ تي اوني سئيڙ، مفلر، گلابند، ٽوپيون ۽ آر تي سوٽي. گنجيون، هنڌن جون چادرون ۽ وهاٽي جون ڇوڻ ٺاهيندڙون آهن. ڪپڙي تي پرت جو هنر سڄي ڏر ۾ آهي. شهرن ۾ درزڪو هنر چالو آهي.

سڄي ڏر ۾ مني ۾ جا ٽانوَ ڪنير ٺاهيندا آهن.

سونهڙ، لوهه ۽ پتل جو سامان، روهيڙي جون ڪٽون ۽ پيو ڪاٺ جو سامان ٺاهيندا آهن. لوهار ڏر ۾ مستقل وهاڪو ڪونه آهن، اهي گهومندو آهن، ڪڏهين ڪڏهين، خاص ڪري برساتي موسم ۾ ايندا آهن.

وڏن ڳوٺن مني، چيلهار، چاچري، اسلام ڪوٽ، ڏيپلي ۽ عمرڪوٽ وغيره ۾، ڀن جون پيڙيون جام ٺهندڙون آهن، جي ٻاهر وڪري لاءِ ويندڙون آهن.

نوٽ ـ سرڪار پاران، مٺيءَ ۾ ”وول ڪارخانو“ ١٤ ڊسمبر ١٩٤٠ع جي کليو هو. پوءِ سندس برانچون سنه ١٩٤٣ع ۾ ڇاڇرو، ۽ ١٩٤٤ع ۾ اسلامڪوٽ ۾ کليون، جتي ويونگ ماستر ۽ ڪلارڪ ڪم ڪن ٿا، مگر هن ڪارخاني ڪا ترقي ڪانه ڪئي.

زمين ۽ پيدائش

ٿر جي زمين جدا جدا قسمن جي آهي. ڪٿي کاري، ڪٿي مٽي، ڪٿي پٿرن ۽ رائي واري، ڪٿي مٿو ٻڌل، ته ڪٿي گسڙ ۽ ڪنئري، تنهنڪري پوک جي قسم ۽ پيدائش تي پڻ اثر ٿئي ٿو.

پارڪر: زمين پٿرائين، سنئين، مٺي، ريج جهليندڙ، ڪٿي ڪٿي نئيون ٻڌي تليون ٺاهيل آهن، جن ۾ جوار ۽ ڪڻڪ ٿئي. عام طرح ٻاجهري، گوار، تر، مڱ، چونرا ۽ هيرڻ ٿين.

وٽ: زمين تلين واري، ڀلي ۽ مٺي. پاڻي تانگهو: ڪن ڪن تلين ۾ کيڙڻ سان سيمُو ٿي هيٺيون پاڻي مٿي اچي ٿو، جنهنڪري ڪڻڪ، جوئر ۽ ٻاجهريءَ جو فصل سٺو ٿئي.

ونگو، مهراڻو ۽ سامروٽي: زمين مٺي، ڀلي ۽ تلين واري. هتي ٻاجهري، جوئر، گوار، تر، مڱ ۽ چونرا ٿين. سامروٽي ۾ بصر ٿئي، وڏا وڻ گهڻا آهن. مهراڻي ۾ کٻڙ ۽ ڪنڊي جو وڻ گهڻو ٿئي.

ڪنٺو: ڀٽون ڇڊيون ۽ ڏهر گهڻا ۽ ڊگها، جتي زمين سنئين ۽ ڪجهه ڏاڍيري، ڀلي، ريج جهليندڙ، قدري وارياسي ۽ ڀوري، ڪٿي ڪٿي سخت ۽ مٽيءَ واري، جنهنڪري فصل ڀلو ٿئي. ٻاجهري، گوار، تر، مڱ، چونرا، هنداڻا ۽

گدريون سٹيون ٿين. ڪونيٽ ۽ پيا وڻ جهجها آهن.

ڌات: زمين واريامي، ڪنڊري، هوا ۾ آڏامندڙ، ڪٿي ڪٿي رائي واري، ڪي ڪي ٽليون اڪثري پليون، ٨ ـ ١٠ سال ساندهه آباد ڪرڻ ڪري بيڪار ٿيندڙ، ٤ـ٥ سال ساهي ڏيڻ بعد فصل چگو ٿئي. باجهري، گوار، ڪر، مگ ۽ چونرا ٿين، ٿوري انداز ۾ جوئر به ٿئي.

ڪاڪڙ: زمين واريامي، هوا ۾ آڏامندڙ، وڏيون پٽون ڪهٽ، پر ننڍا ننڍا درڙا مگرا جهجها وڏا وڻ ڪهٽ، زمين بي زوري، جنهنڪري فصل گهٽ ٿئي. باجهري ۽ گوار وغيره ٿين.

اچوٽر: هن کي "ڊيئا" به چوندا آهن. ڪپري تعلقي جو ڪجهه پاڳو ۽ اڳٽي خيرپور رياست جو ٽڪرو هن پاڳي ۾ آهن. زمين واريامي ۽ بي زوري، فصل جي ڏانو جي نه آهي، جنهنڪري آبادي گهٽ ٿئي.

سڄي تر ۾ گدريون، ٿورا گدرا، هنداٽا، چيڙ، سيها (ديسي ۽ اڇا سندي) جام ٿين.

ڪاڻيون - معدنيات

ڪارونجهر ٽڪريءَ مان سخت پٿر نڪري ٿو، جو اڏاوت جي ڪم آڻي ٿو، پر گهڙي نٿو سگهجي. واريامو پٿر پارڪر ۾ ليي ٿو، جو چيري سگهجي ٿو، ۽ گهڙي، اڏاوت ڪري سگهجي ٿي.

مٹي ۽ ڏيپلي تعلقن ۾ ڪٿي ڪٿي ڪچا پٿر ۽ چن جا پٿر لين ٿا. ساڪو تعلقي ڇاڇري ۾ سخت پٿر لين ٿا، جي عمارتي ڪم آڻن ٿا. هن پٿر مان عمارتن لاءِ ڪامون، ڪوهن جون ڪوٽيون ۽ ڪوهن جي منهن تي ڏيڻ لاءِ چوڪٽ (چونڪ) ٺهن ٿا. ڇاڇري جي پرسان ڳوٺ سوڪرو ۾ ڪچو پٿر ليي

ٿو، جو جاين ٽاهڻ ۽ کوهن پٽڻ لاءِ ڪم اچي ٿو.

وٽ ۽ پارڪر ۽ وڻ سان لاڳيتو پاڻ ۽ لوڻ جا سَن آهن، جن ۽ قدرتي لوڻ ليپي ٿو. ڊيپلي کان ۲ ميل ڏکڻ ڏي "سارڻ" لوڻ کاڻ مشهور آهي، جتي آبکاري عملو سنيال لاءِ وهي ٿو. هن سان جهجهو لوڻ نڪري ٿو، جو سرڪاري طرح وڪرو ٿي، آڻن تي ٻاهر وڃي ٿو. ڪن سالن جا انگ اکر هي آهن:

سنہ ۱۹۰۰ع ۽ ۱۴۵۰۰ ڪ۔ ۽ ۰۳ ۔ ۱۹۰۴ع ۽ ۱۶۱۹۴ من ۽ ۰۷ ۔ ۱۹۰۸ع ۽ ۲۷۲۸۸ من ۽ ۱۰ ۔ ۱۹۱۱ع ۽ ۲۴۰۳۷ من ۽ ۱۳۔۱۹۱۴ع ۽ ۲۳۰۵۳ من ۽ ۱۵۔ ۱۹۱۲ع ۽ ۳۰۵۴۳ من، وغيره.

سوڪڙي تعلقي ننگرپارڪر ۽ لوڻ جي کاڻ آهي، جتي ونگا ونگي لوڻ ليپي ٿو. پيا به ڪيترا سن آهن، جتان لوڻ ليپي ٿو، مگر ڪٿان تي سرڪاري طرح بندش آهي. مکيہ سن هي آهن:

تعلقي ڊيپلي ۽ ــ سارڻ سن، چکونڊاسن، رڻو ۽ ڊگهڙو سن، گوڏانگڙي سن، پپوپل جو سن، گڏهه ڪرنگهو سن، هٿراڻي جو سن، هٿڻي سن، ڪنڙ سن، الياري سن، چيهالو سن، ڪنڊوليو سن، لاڏي سن، ڇڇي جو سن، وغيره.

تعلقي مٺي ۽ ــــ واگهاريل سن، سوجاڙي سن، پوتاڙو سن، گرياڇو سن، ۽ ڏاڏوڙ سن، وغيره.

تعلقي ننگرپارڪر ۽ ــــ ڪيرلو سن، اونياورو سن، سوڪڙي سن، جهاڙي سن، ۽ رڙياورو سن وغيره.

مٺي، چيلهار ۽ ڇاڇري ۽ ڇن جهڙي اڇي مٺي ليپي ٿي، جا جاين کي ڇن جي عيوض ڏبندا آهن.

ريلوي رستا

ٿر سب ڊويزن ۾ پٽڻ هڪ سبب ڪوبہ ريلوي رستو ڪونهي. فقط عمرڪوٽ تعلقي مان ريلوي لنگهي ٿي، جا ميرپورخاص کان اوپر طرف جوڌپور ڏي وڃي ٿي. ۱۸ آگسٽ ۱۸۹۲ع ۾، حيدرآباد کان شادي پلي تائين، وڏي پٽي ۶ـ۴ فوٽ واري ريلوي، انگريز سرڪار جاري ڪئي. ۲۲ ڊسمبر ۱۹۰۰ع ۾ شادي پلي کان پاڙميڙ تائين، ننڍي پٽي ٽي فوٽ ساڌا ٽي انچ واري ريلوي جاري ٿي، ۲۰ آڪٽونمبر ۱۹۰۱ع ۾ حيدرآباد کان شادي پليءَ واري ريلوي بدلائي ننڍي پٽي واري ڪئي ويئي، ۽ سڃيءَ تي نالو رکيو ويو "جوڌپوربيڪانير ريلوي". ۱ـ نومبر ۱۹۲۴ع کان جوڌپور ۽ بيڪانير ريلوايون جدا ڪيون ويئون، جنهنڪري هن تي نالو "جوڌپور ريلوي" رکيو ويو. اها ريلوي مهاراجا جوڌپور جي هئي، جا ۱۹۴۷ع ۾ پاڪستان ٿيڻ بعد پاڪستان گورنمينٽ، مهاراجا جوڌپور کان خريد ڪئي ۽ هاڻي "نارٿ ويسٽرن ريلوي" سڏجي ٿي.

سنہ ۱۹۰۹ع ۾ "سنڌ لائيٽ ريلويز ڪمپني"، ميرپورخاص کان جهڏي تائين ريلوي جاري ڪئي، جنهن کي وڏائي سنہ ۱۹۳۴ع ۾ نبي سر روڊ کان اڳڙي اسٽيشن وٽ، مٽين ريلوي سان ملائي وئي. هن تي هيٺيون اسٽيشنون آهن.

جمڙائو، جهلوري، جيمس آباد، ڪاچلیو، ڊگهڙي، ننڍو جان محمد، جهڏوگدام، روشن آباد، ٽئون ڪوٽ، فضل پنيرو، ٽالهي، نبي سر روڊ، ڪنري، ڪينجهيجي، ساماروروڊ، محمد رحيم ڪالرو، صالح پنيرو ۽ پٽورو.

جوڌپور جي سرحد، سونا باءِ اسٽيشن تائين آهي. انهي ريلوي تي عمرڪوٽ تعلقي ۾ هي اسٽيشنون آهن: ديورو نارو هاسي سر، چوڙ ٽئون، پرچي جي ويري، جالو چونرو، وصل باغ

ڪوڪرو پار، ۽ مونا باءِ. اڳتي ۳ ميل رستو ٽڪل آهي، اتان وري پارت جي ويلوي شروع ٿئي ٿي.

چوڙ بعد ٽر وارو پاڳو آهي. چوڙ اسٽيشن عمرڪوٽ ڪان ۱۴ ميل آهي، جتي آڻن، موٽر ۽ لاريءَ وستي آمدرفت چالو آهي. اڳي ٽر جو گهٽو واپار عمرڪوٽ وستي چوڙ اسٽيشن تان هلندو هو. مٿي ۽ ڏيپلي تعلقن جو جهڏي اسٽيشن تان. ٻر هاڻي جهڏي ڪان اڳتي شاخ پٺوري واري نڪرڻ ڪري، ڏيپلي ۽ مٿي تعلقن لاءِ صدر اسٽيشن نئوڪوٽ آهي، جو مٿيءَ ڪان ۳۳ ميل پري ۽ ڏيپلي ڪان ۳۴ ميل پري آهي. چاچري ۽ ننگرپارڪر تعلقن لاءِ صدر اسٽيشن ڪنري آهي، جا چاچري ڪان ۴۸ ميل ۽ چيلهار ڪان ۳۰ ميل پري آهي.

لاري ۽ موٽر رستا

ٽر ۽ پٽن ۽ واريءَ سبب رستن جي مٿيءَ حالت نه هڻڻ ڪري موٽر ۽ لاري سروس جو اڳي ڪنهن کي بس خيال ڪونه هو ۽ نڪا ڪا اهڙي ڪنهن ڪوشش ڪئي، مگر پوءِ ڪن صاحبن اها ڪوشش ڪئي. سنه ۱۹۴۹ع ۾، سنڌ سرڪار جا منسٽر صاحب، جوڊپور سرحد مان لاڳيتو باردر جي جاچ لاءِ، جيپ رستي آيا هئا. مير احمد خان صاحب ٽالپر ايم. ايل. اي ۽ سندس پاءُ مير حاجي محمد بخش خان صاحب ٽالپر جيپ رستي ٽر جو گشت ڪيو. پوءِ ڊپٽي سپرنٽيڊنٽ صاحب پوليس ٽر، بہ جيپ رستي ٽر جو گشت ڪيو. اپريل ۱۹۵۱ع ڪان ڪنري، چيلهه، ڪانئي ڪان چاچري ٽائين، ۽ ڪجهه وقت پوءِ ٽئين ڪوٽ ڪان مٿي ۽ اڳتي اسلام ڪوٽ ۽ ننگرپارڪر ٽائين لاري سروس چالو آهي، جا روزانو اچي وڃي ٿي. هاڻي ڪو سرڪاري آفيسر ۽ ڪيترا زميندار جيپن رستي ٽر جو گشت ڪيا ڪن، ۽ جيپون ۽ لاريون عام جام سڄي ٽر ۾ هلن پيٿون.

منهن ڏيکارين. 'منهن ڏسڻي' ڏيڻ لاءِ گهوٽ کي کو انجام ضرور ڪرڻو پوي. ٻوءِ سڀ عورتون گهوٽ ـ ڪنوار کي گهر ۾ ڇڏي، پاڻ هليون ويندیون.

هڪ مڙس ڇڻ عورتن تائين پرڻجي سگهي ٿو. زال مرڻ بعد، يا جيئري، مڙس ٻي شادي ڪري سگهي ٿو؛ ۽ زال به مڙس جي مرڻ بعد، ٻي شادي ڪري سگهي ٿي. مڙس پنهنجي زال کي، يا زال پنهنجي مڙس کان، طلاق ڏئي وڃي سگهن ٿا؛ ان بعد ٻئي وس وارا آهن، ته ٻي شادي ڪن: طلاق وٺڻ کان سواءِ، نڪاح ٿي نڪاح ڪري نڙو سگهجي. وڏو ٻاڻ مري وڃي ته ان جي زال سان ننڍو ٻاڻ پرڻجي سگهي ٿو.

هندن سان برهمڻ، مهيشوري، لهاڙا ۽ مالهي وغيره "بدو" ڪندا آهن. ڪنهن وٽ بدو نه هجي، ته "پئسن" ٿي سگ ڏيڻ وٺڻ جو رواج آهي؛ جو، مهيشورين ۽ لهاڙن ۾ پنج ست هزار يا وڌيڪ، برهمڻن ۽ مالهين ۾ گهٽ، يعني هزار ٻن اندر ڪن: ڪن حالتن ۾، جي گهوٽ وڏو آهي ته هن کي به سگ به ڏيڻا پون، تڏهين ڪيس هڪ سگ مس ملي!

هندو، شاديءَ جي ڏينهن ڇٽي ڪرڻ لاءِ "لگن" ڏسن، جر برهمڻ ٻڌو ڏسي، راسين ۽ گرهن جا حساب ڪري، ڏينهن مقرر ڪري ڏيندو آهي. هندن ۾ ننڍپڻ جون شاديون تمام گهٽيون ٿيندیون آهن: جوڙي ڪجوڙي جو خيال ڪونه ڪن. ٻگڻي ٽيڻ وقت گهوٽيتا رهاڻ ڪن، جڏي نساويل، پتاشا ۽ ڪارڪون ورهائين ۽ آفيم پياوين ـ هاڻي گهڻي پاگي آفيم جو رواج بند ٿي ويو آهي، ۽ ان جي بدوان چانهه جو رواج ٿي ويو آهي. شاديءَ وقت به چگوئي خرچ ڪن. ڪنوار کي ڏاج به جهجهو ڏين. گهوٽيتا ڇڇ وٺي ڪنواريتي گهر وڃن، جتي اڳڻ ۾ "چونري" روپين: مڙيءَ جا دلا ننڍ وڏائيءَ موجب ڪنير کان ٺهرائي، ڪٽ جي پاون وانگر ڇڻ ڪندن ٿي هڪ

ٻئي مٿان رکي، پاسن کان ٽي ٽي ڪاٺيون ڪنڊيءَ جون آليون کوڙي، پاڻ ۾ ٻڌي ڇڏيندا آهن. وچ ۾ باهه جو مچ ٻاري، پنڊت ان ۾ گيهه ۽ ٻيون 'هَون' جون شيون وجهي، 'يد منتر' اچاريندو آهي، ۽ گهوٽ ڪنوار جو هٿيالو ٻڌي، چار ڦيرا انهيءَ مچ جي چوڌاري چونئريءَ ۾ ڦيرائيندا آهن — پهريون ڦيرو زال اڳ ۾ هوندي آهي ۽ مڙس پوئتان، ۽ پويان ٽي ڦيرا مڙس اڳ ۾ ۽ زال پويان. چئن ڦيرن کائڻ بعد ڪنوار، گهوٽ جي ٿي چڪي.

برهمڻ اٺ ڦيرا کارائين — چار ڦيرا رات جا، ۽ چار ڏينهن جا. ۽ ٻيا ساٺ سوڻ سڀڪو پنهنجي رواج موجب ڪندو آهي. زالون اُن وقت گيت ڳائينديون رهنديون آهن. ٺڪرن ۾ وري نياڻي ڄائي ته مائٽ مُٺا، ڇو ته بيٺل گَهر پنهنجي نياڻي هميشه وڏن جاگيردارن ۽ راجائن کي ڏيڻ پسند ڪندا آهن. اهي وري قبولين ڇو ٿا؟ جيستائين ڪاچگي چوکي رقم نه ملي! انهيءَ ڪري اڳي ٺڪرن ۾ نياڻيءَ کي مارڻ جو رواج هو، هاڻي ڪونهي. باقي وچولا ۽ غريب — سي به گهڻو ڪري پنهنجون نياڻيون، ڪڇ، واڳڙ، جوڌپور ۽ جيسلمير رياستن ڏي ڏيندا هئا، ڇو ته هي پنهنجي ذات، نک يا کانپ ۾ ڪونه ڏين. ٿر ۾ جيڪي ٺڪر آهن، تن ۾ ايتريون گهڻيون نکون ڪونه آهن. ٿوريون شاديون ٿر اندر به پئي ٿيون. هاڻي پاڪستان ٿيڻ بعد، ٺڪرن کي لاچار ٿر ۾ ئي سڱن جي ڏي وٺ ڪرڻي پوي ٿي. اهي به چونري چاڙهيندا آهن. ڄڃ پرڻجي رواني ٿي ويندي، ته ٿوري پنڌ تان گهوٽ موٽي پنهنجي ساهري گهر ايندو. ان وقت ساهرا کيس پنهنجيءَ هوند آهر اٺ، گهوڙو يا ڪو زيور ڏيندا آهن: انهيءَ کي "جهانپو جهورڻ جي رسم" چوندا آهن.

اڇوت قومن — جهڙوڪ مينگهواڙ، ڀيل ۽ ڪولهي وغيره

باب سورهون

ٿر جا رواج رسمون

ٿر ۾ مکيہ قومون مسلمان، اڇوت ۽ هندو رهن. هرهڪ قوم جون ڪيتريون ئي ذاتيون آهن، جن جي پوشاڪ، رهائش، ۽ ربتن رسمن ۾ ٿورو گهڻو تفاوت آهي. پوشاڪ ۽ ٻوليءَ بابت، جدا احوال ٻئي هنڌ لکيو ويو آهي. هتي ڪن خاص رسمن جو مختصر ذڪر ڪجي ٿو.

شادي

مسلمان، پنهنجائيءَ جو گهڻو خيال ڪن. پنهنجي ڪڙم ۾ اڀرو سڀرو هوندو، تہ نياڻي ڌارين کي ڏيڻ پسند ڪونہ ڪن. ڪُ-جوڙي جو خيال ڪونہ ڪن: مڙس وڏو زال ننڍي، يا زال وڏي مڙس ننڍو، اهو خيا ڪونہ ڪن. پنهنجو سڃو بہ ڌارئين سائي کان سڀر سمجهن. چاچي جي ڌيءَ سان شادي ڪرڻ ۾ شان سمجهن: جيڪڏهين، ڪنهن سوٽ سان شادي نہ ڪئي، تہ مهڻو ڏيندا آهن تہ ’ٿوروئي ڏاڏي پوٽي پرڻيو آهين!‘ لاچار ڪن حالتن ۾ نياڻي ٻاهر ڏيندا آهن. نياڻيون آهن آڪرڙيون؛ وڌندي ويرم ڪونہ ڪن- وڏور ڪنيا گهر ۾ هئڻ بار سمجهن: جيسڻن ان جو آڪلاءُ نہ ڪن، تيسين آرام ڪونہ اچين. نياڻي شينهن ڪلهي چڙهي، تہ ڳڻتي لٿي. پنهنجي حال سارو سدائين ڏيج پوت جي سعيي ۾ رهندا ”بدي“ جو رواج آهي: ”ڏي تہ ڏيان“- ڪن بُٺائتن گهرن کي بنا

بَدي سڱ مليو وڃي. پنهنجائيءَ ۾ بنا بَدي بہ سڱ ڏين. سڱ وڏن جي مرضيءَ موجب ٿين. 'شاديءَ جو ڏينهن' ڪنواريتن جي مرضيءَ موجب چٽو ڪن. هوند سارو ڪپڙو لٽو ۽ ڏاج وغيره ڏيڻ شانائتو سمجهن. "نياڻيون ڪو گهري ڪونہ وٺنديون: ڀائرن جي ڀيڻ آهي، گهر ۾ حق سڀني جو هڪ جيترو: نياڻي آهي 'پرائو باغ'، نيٺ وڃي ٻين جو ويڙهو وسائيندي، مائٽن وٽ ڪيترو ويهندي".

گهوٽيتا تڪڙ ڪونہ ڪن، مگر سعيي ۾ سدائين رهن: ڪنهن مهل بہ اوچتو سڏ ٿئين. شاديءَ جي ڏينهن مقرر ٿيڻ بعد، ٻئي ڌريون، شاديءَ تي پنهنجي ڪڙم، ڳوٺ، عزيز ۽ سنگت ساٿ کي ڪوٺ ڏين. ڀَت ڪن. آيل مزمان وري شاديءَ جي نينڊ ڏين. گهوٽيتن گهر دهل وڄن، راڳ روپ ٿين. راڄ جو مڱڻهار پاڻيهي اچيو نڪري، جنهن کي راڄ جو ٻڌل بسورو ۽ گهور جام ملي. ڪڏهين ڪڏهين تہ مڙس هڪ ٻئي جي شدت ۾ هڙون ڦرايو اٿن، ۽ مڱڻهار جو بخت وري. عورتن جي گيتن جون للڪارون پون. بنا دعوت ڪو ڪونہ اچي. اتفاق سان ڪو واٽهڙو آيو تہ فڪر ڪونهي. فقير ۽ مڱڻهار تہ ري ڪوٺيا بہ اچي گڏ ٿين. هڪ رات اڳ "مهارات" ڪن، جا ساري رات جاڳين، ڪچهري ڪن، گهوٽ ڪنوار کي ميندي لائين. صبح جو، وهنجاري شاديءَ جو وڳو ڍڪائين. گهوٽ سان گڏ "اڻوهار" رکن، جو هرڪنهن ڳالهہ ۾ گهوٽ جي رهنمائي ڪندو رهندو آهي. گهوٽ جي مٿي تي چهري مٿان 'موڙ' ٻڌن، جو ريشمي ڌاڳن ۾ اڇن چڳين جو ٺهيل هوندو آهي، ڇيڙن ۾ ريشمي ٽنئور هوندا آهن. پوءِ گهوٽ ڪنوار جو مُلا نڪاح پڙهائي، مٿاميڙ ڪرائي، هڪ ٻئي جي قبوليت وٺندو: جيستائين ٻنهي ڌرين کان قبوليت نہ ملي، تيستائين شادي بحال نہ ليکبي. پوءِ ٻيا ساٺ سوڻ ڪن ۽ ڪنوار جو

۾ بَدي جو رواج ڪونهي. مٽي مائٽيءَ ۾ شادي ڪونه ڪن. اهي غريب قومون آهن، تنهنڪري شاديءَ تي خرچ ۽ ڏاج وغيره پنهنجي غريباڻي حال سارو ڪن. مينگهواڙ، هڪ دفعو ڪيل مڱڻو، ڪنهن به حالت ۾ ڪونه ٽوڙين. ساڳئي ڳوٺ ۾ شادي ڪونه ڪن. ٻيون رسمون گهڻو ڪري ساڳيون هندن جهڙيون آهن.

برهمڻن، مهيشورين ۽ ٺڪرن ۾ زال جي مرڻ جي حالت ۾ مڙس ٻي شادي ڪري سگهي ٿو، پر مڙس جي مرڻ جي حالت ۾ زال ٻي شادي ڪري نٿي سگهي؛ پوءِ کڻي ڪيڏي به ننڍي هجي! اها ڳالهه تمام اڻ سهائيندڙ آهي، جنهن جا آخر بڇڙا نتيجا نڪرن ٿا. مڙس جئري تي ٻي شادي ڪري نٿو سگهي: فقط ٺڪر ٻه، ٽي يا وڌيڪ زالون پرڻجي سگهن ٿا. لهاڻن ۾ "ڏيروٽيءَ" جو رواج آهي، يعني وڏو ڀاءَ مري وڃي ته ان جي زال ننڍو ڀاءُ وهاري سگهي ٿو.

مينگهواڙن ۾ زال جي مرڻ بعد، مڙس، يا مڙس جي مرڻ بعد زال، ٻي شادي ڪري سگهي ٿي. مڙس ٻه شاديون ڪن: لاچاري حالتن، جهڙوڪ اولاد نه هئڻ جي حالت ۾ ائين ڪري سگهجي ٿو. ڏيروٽيءَ جو رواج ڪونهي.

ڀيلن ۽ ڪولهين ۾ بَدو به آهي، ۽ بعضي بنا بَدي جي به سڱ ڏيندا وٺندا آهن. مرد زال کي ڇڏي، يا زال مرد کي ڇڏي، ٻي شادي ڪري سگهن ٿا. ڏيروٽيءَ جو رواج آهي. هڪڙي جي زال ٻيو کڻي وڃي، ته نيات وارا پاڻ ۾ فيصلو ڪري وير ڀرائي ڏيندا، يعني انهن کان سڱ ورائي ڏيندا، يا ان جي عيوض ڪجهه مقرر رقم - جا قوم جا پئنچ مقرر ڪندا - يا ڀرائي ڏيندا.

غمي

مرڻي تي مسلمان اڪثر ڪارا ڪپڙا ڪن. هندن مان برهمڻ ۽ مهيشورين مان ويجها عزيز، ڏاڙهي ۽ ڇون وٺائين، باقي پيا هندو ڪونہ وٺائين. سڀئي ٻارهن ڏينهن متي تي ڪو ٻڪو ڪونہ ٻڌن، پر ننڍڙو ڪپڙي جو ٽڪر ٻڌن. گهر جون ۽ اوڙي پاڙي جون زالون گڏجي ٻڪو ڪن. مسلمان، لاشي کي وهنجاري اڇي ڪپڙي جو ڪفن ڏيئي، اسلامي رسمن موجب پورين: قبر کوڙي ان جي پاسي ۾ پور ڪندا آهن- جنهن کي "ڳڇهہ" چوندا آهن- ان ۾ لاشو وڪي چگيءَ طرح بند ڪري، باقي قبر واريءَ سان اهڙيءَ طرح لٽي ڇڏين، جيئن لاشو سلامت پيو هجي، ۽ ان تي واري نہ پوي. اهي لاشو پنهنجي ڪي مقام ۾ پوربندا آهن. اتفاقاً، ڪنهن ٻئي هنڌ موت ٿي پيو تہ بہ لاشو ڪٿي ايندا، نہ تہ ڪنهن مقرر مدي تائين امانت طور پوري ايندا. پوءِ مدي تي يا اڳ ۾ ڪٿي اڇي پنهنجي مقام ۾ پوربندا آهن. انهيءَ وچ ۾ لاشو خراب نہ ٿيندو آهي. چوندا آهن تہ "اسان ڏرتي بہ نہ وڪي". ڪي پڪين مرن سان قبر تيار ڪرائيندا آهن، اهو هوند تي مداو رکي ٿو.

برهمڻ، مهيشوري، ٽڪر ۽ مالهي وغيرہ مڙدو ساڙيندا آهن. اهي مقام کي "مسان" سڏين. ننڍي ٻار کي پورين ۽ وڏي کي ساڙين. ساڙڻ بعد مڙيل هڏا ۽ وڪ. ميڙي، گنگانديءَ ۾ وڃڻ لاءِ ڪٿي ويندا هئا، يا ٽپال رستي موڪليندا هئا- قبر تي ڪوبہ نشان ڪونہ ڪن، جو تہ گهٽو ڪري مڙدا ساڳئي هنڌ بہ پيا ساڙيندا آهن. ٽڪر ماٹهو، پٽر جو ڇپون گهرائي، ان تي ماٹهوءَ جي شڪل آڪرائي، مسان ۾ ساڙڻ واري هنڌ نشان طور کوڙي ڇڏيندا آهن، جنهن کي "لوهرٽي"

چون. ٺڪرن جي مقام ۾ اڪثر لوهرٽيون ڏسبيون آهن. اڇوت قومون مردو پورينديون آهن؛ ڪي مسلمانن وانگر پڪين سرن سان قبرون ٺاهيندا آهن.

مسلمان 'ختمو' ڪندا آهن، جنهن تي برادريءَ ۽ عزازت وارا ايندا آهن، جن کي پهرُو ٻائي، پُلاهه رڌي کارائيندا آهن. ملڪ جي رواج ڪري، ڪي سَرنديءَ وارا وڏي پيماني تي اوسر به ڪندا آهن، جنهن تي ٻه چار هزار رپيا خرچ اچي ويندو آهي؛ پر ائنن تمام ٿورو ڪندا آهن.

اوسر يا مارڪا

مرڻ کان پوءِ اوسر ڪرڻ جو رواج هندن ۾ عام آهي. ڪي مسلمان به انهيءَ رواج کان ڇٽل نه آهن. هرهڪ اوسر تي ڪيتروئي خرچ ٿيندو آهي؛ جنهڪري لاچار گهرو ٽپڙ، ٻنيون ٻارا، مال ۽ زيور وڪڻي به پورائو ڪن؛ نه ته نيات ۾ مِهڻا سَهڻا پون. گهر ۾ وڏن جي موت ڪري جڏهين روڄ راڙو ۽ پٽڪو هوندو آهي، تڏهين کائُو پٽ، فوتيءَ جي وارثن کي انيڪ ڏٽا ڏيئي، جائداد گروي رکائي، ٽپڙ وڪڻائي به اوسر ڪرائين: انهيءَ رواج ڪيترن جا جهڳا جهڻ ڪيا آهن.

هن سجاڳيءَ جي سمي ۾ به ڪيترا پڙهيل، سمجهو ۽ سڌريل خيالن جا ماڻهو، جيتوڻيڪ سمجهن به ٿا ته اهو ڪڌو رواج جيترو جلد بند ٿئي اوترو چڱو، پر مهل تي اهي پاڻ به انهيءَ وهڪري ۾ گهلجيو وڃن: منجهن دلي همت نه آهي، جو ارادي تي مضبوط رهي سگهن. هاڻي البت سڌريل جاتين ۾ ڪن سمجهو ماڻهن جي اثر ڪري، ڪجهه رواج گهٽ ٿيو آهي؛ پر صفا بند نه ٿيو آهي.

فوتيءَ جا ٽپڙ وڪڻي اوسر ڪري کارائجي ته مُئل مائٽ سُرڳ ۾ وڃي، ۽ جيئرو اولاد هميشه لاءِ قرض ۾ ٻڏي

نرگ پوگيندو رهي! اهو ڪٿي جو انصاف؟ افسوس جو پرمن ۽ ڪوڙي لوڪ ـ لڄا جي وس ٿي، ماڻهو ڪيئن نه پنهنجو اولاد جو ۽ قوم جو خانو خراب ڪري رهيا آهن! هن وقت ٻين قومن اوسر جو رواج گهٽ ڪيو آهي، پر مينگهوارڻ ۾ اڃا اهو رواڄ هلندو اچي، جنهنڪري اها قوم سدائين قرضن ۾ ٻڏل، پيٽ قوت لاءِ لاچار ۽ اجهي لاءِ حيران آهي ـ الائجي ڪڏهين سمت ايندي!

پردو

ٿر جي هندن ۾ پردي جو رواج ڪونهي، عورتون فقط ڏاڙهي ماڻهوءَ کان چٽي يا اوڍڻ جي پٽلوڙ سان منهن ڏيکيندڙون آهن، جنهن کي 'گهونگهٽ' چئبو آهي. عورتون پردي کان سواءِ گهرو ڪم ڪار، گهر کان ٻاهر توڙي اندر، ڪنديون آهن. ٺڪرن مان ڪي بيٽل گهر ۽ زميندار پردو ڪندا آهن. انهن جون عورتون گهر کان ٻاهر ڪونه نڪرن. سندن گهرن ۾ توڙي ٻاهر جو زنانو ڪم، سندن بجيراٽيون يا گوليون ڪن، ۽ ٻيو ڪم انهن جا مڙس بجير يا گولا ڪن، جي وڏن گهرن ۾ آهن. ڪيترن کي شاديءَ وقت گوليون ڏاج ۾ ملنديون آهن، ۽ پاڻ ٻه ڏيئرن کي شاديءَ وقت گوليون ڏاج ۾ ڏيندا آهن. باقي ٻيون سيڻي قومون پنهنجو ڪم پاڻ ڪن. مسلمانن ۾ ٻه غريب طبقي ۾ پردو ڪونه آهي، پر زميندار، شاهوڪار، بيٽل، سيد يا ٻيا هلنديءَ وارا ماڻهو پردو ڪن. انهن جون عورتون ٻاهر ڪونه نڪرن. ڪم سان لاچار ڪٿي ٻاهر وڃڻو پوي تہ پردي ۾ وڃن. ڏيپلي جي سيڻن ۾ ڪجهہ وقت کان پردو شروع ٿيو آهي، جو سيڻ شاهوڪار، واپاري، پڙهيل ۽ ڪهٽي پاڳي نوڪرين ۾ آهن. هنن ۾ برقعي جو رواج آهي. ٻاهر نڪرڻ وقت عورتون برقعو ڪن.

پيرم

ٿر ۾ قدرتي سهوليتون گهٽ، جنهنڪري ماڻهن ۾ علم، هنر، نئين ترقي، نوان رواج ۽ نئون سڌارو به گهٽ. ملڪ ۾ جهالت گهڻي، جنهنڪري اڳين رسمن ۽ رواجن جا هيراڪ: ڪنهن جي مجال آهي جو ابي ڏاڏي جي ريتين کان رتيءَ ماتر به قدم هٽائي سگهي! مائٽاڻي پر هلي ايندي. انهن جهونين جهالت جي گاڏهين کي اڪيون پوري پيا ڇڪيندا. پڙهيل ۽ سمجهو ماڻهن کي به ڪن حالتن ۾ لاچار ائين ڪرڻو پوي، نه ته نيات جو ٽيڪو ٽوٽو لڳي! ڪجهه علم جو سوجهرو ٿيڻ لڳو آهي، پر اڃا منزل گهڻو پري پيئي ڏسجي. منجهن پرم ۽ سنسا تمام گهڻا؛ انهن ۾ ووي اهڙو صدق، يقين ۽ ويساهه، جو لوهه تي ليڪو. انهن جي برخلاف ڪنهن به پڙهيل، سياڻي، سمجهو يا عاقل جي گاڏهه ۽تي اعتبار ڪونه ڪن. بيمار لاءِ ڪنهن حڪيم يا ڊاڪٽر جي دوا کان وڌيڪ 'پوپي' ۾ اعتبار ڪن. ٿر ۾ پوپا جام آهن. بيمار جا عزيز، پوپي کي وڻي اڇي ڏوٽائيندا. پوءِ هو ڏوٽڻ واريءَ حالت ۾ ٻڌائيندو ته 'هن کي فلاڻي لڳت جو حساب آهي: هڪ چيلو، ڪجهه ڪارو ڪپڙو ۽ روٽ وغيره تيار ڪريو'، جي هڪدم تيار ٿي ويندا. پوءِ گهر ڪان٠ ٻاهر يا اتي ئي چيلو ڪُهي وڏي، ماڻهن کي برغلائڻ لاءِ، ڪجهه گوشت پوپو چڻ طرفن ڏي اڇلائيندو، باقي سڀ ڀاڻ ۽ سندس چاڙتا کائي ڇڏيندا. پوءِ جي قدرتاً بيمار کي فائدو ٿيو ته ماڻهن ۾ 'واهه واهه'، نه ٿيو ته چوندا ته بس، ويچاري پوپي ڏاڍا وس ڪيا، جن٠ زبردست .هوءِ چا ڪري؟ ـ انهيءَ حالت ۾ به ماڻهن جو صدق ڪو گهٽبو ڪونه آهي.

ڳوٺن جي پرسان ڏسو ته سيڪو هنڌ ٻي يا وڌيڪ

"ٿان" ضرور هوندا. جهنگ ۾ ڏسبو ته ڪٿي ڪٿي اهڙا هنڌ ڏسبا، جن مان ڪنهن هنڌ قبر هوندي، ڪٿي وڏو ڪنڊو هوندو، ڪٿي وڏي ڄار هوندي، ان جي ڀرسان پنج ست ڪونرا پيا هوندا، ۽ وڻ ۾ اڳڙيون ٻڌيون پيئون هونديون: ڪو واٽهڙو اتان اچي لانگهائو ٿيو ته جُتي لاهي وڏي صدق سان ڪنڌ نمائي، پوءِ اڳتي هلندو. جيتوڻيڪ ڪنهن کي به خبر ڪانهي ته انهن قبرن ۾ يا وڻن وٽ ڇا آهي، ته به ڪونه ڪو مقرر نالو پير، فقير يا ساميءَ جو ضرور رکيل هوندو، جنهن نالي سان سڀڪو پيو سڏيندو. انهن جا ڪيترا ڀوپا ۽ پائوريا ٿيندا آهن، جي اٻوجهن کي ڀنڀلائي پيا ڦُريندا آهن. ڪٿي ڪٿي ننڍي پيماني تي ميلا به لڳندا آهن، جتي "جاٽون" چڙهنديون آهن، گهيٽا ۽ ٻڪر ڪُسبا آهن. ٿر ۾ اگهائيءَ سگهائيءَ يا ٿوري به تڪليف وقت، ڪنهن نه ڪنهن پير، فقير يا ساميءَ جي باس باسڻ جو رواج آهي. پوءِ اتي وڃي ڪجهه نه ڪجهه ورهائيندا، ٻارن جي جهنڊ لهرائيندا، يا وارن جي چڳ وڍي رکندا، ۽ ڳاڙهي اڳڙي ٻڌندا، . روڪڙ به نذرانو رکندا، جا ڀوپا کڻندا ۽ قبر جي خاڪ کڻي، ڪجهه پاڻ کائيندا ۽ ڪجهه آڻي گهر ۾ رکندا، جا اويل سويل ڪو بيمار ٿيو ته انهيءَ کي پياريندا. ڪيترا ته ڊگهيون مسافريون ڪري، سوين تڪليفون سهي، پنهنجا ڪم هاج ڇڏي، ڀاڙا خرچ ڪري يا پيرين پيادا، اڪيلا، بعضي ٻارين ٻچين به، جاٽ ڪرڻ ضرور وڃن. پوءِ اچي قبرن يا اهڙن هنڌن تي واس ڌوپ ڪري، "پَڙ" (ڪپڙي جو ٽڪر) چاڙهين.

ٿري ويچارا ويساهه وسوڙل، بي علميءَ ۽ جهالت جي ڪري ٺوڳين ۽ ٽوٽڪاين جي ڦندي ۾ ترت ڦاسيو وڃن. مردن کان عورتن تي انهن ڳالهين جو اثر وڌيڪ ٿيندو آهي. ڪيتريون عورتون به ٽوٽڪن ۽ ٽوٽن ڦيٽن جو ڪم ڪنديون

آهن، جن کي 'ڀوپيون' چوندا آهن. ٻيا به ڪئين ڀرم آهن، جن تي جيتوڻيڪ گهڻا مسلمان ۽ ٻيا ٻڙهيل ۽ سمجهو ماڻهو اعتبار ڪونه ڪن، پر گهڻي ڀاڱي بي علم ۽ جاهل ماڻهن جو انهن تي ويساهه ۽ يقين آهي.

ٿر ۾ هڪڙو 'مالهاري' پکي ٿيندو آهي: ڪنهن ڪم لاءِ گهر کان نڪرڻ وقت، جي اهو پکي ساڄي پاسي سائي وڻ تي ويٺل هوندو، ته چوندا ته ڪم يڪدم ٿيندو؛ جي سڪل وڻ يا پٽ تي ويٺل هوندو، ته سمجهندا ته ٿوريءَ تڪليف سان ٿيندو؛ پر جي ساڳيو پکي ڏائي پاسي ويٺل هوندو ته موٽي ايندا ۽ ڪم تي نه ويندا: ڇاڪاڻ جو چوندا ته ڪم نه ٿيندو! نڪرڻ وقت ڏائي پاسي کان گڏهه جي هيينگ سُٺو سوڻ سمجهن! موٽي اچڻ وقت جي ساڄي پاسي مالهاري يا ڏائو گڏهه ٿيو، ته چوندا ته بدسوڻ آهي ۽ جتي وڃون ٿا اتي پير ٽڪاءُ ڪونهي؛ پر جي ڏائي پاسي مالهاري ۽ ساڄي پاسي گڏهه جي هينگ ٿي، ته سُٺو سوڻ سمجهندا: هاري ماڻهو ٻنيءَ تي سنڀري نڪرندو. جي ڪا سهاڳڻ زال، ڀريل پاڻيءَ جي دلن سان سامهون آئي، ته چوندا ته سٺو سوڻ آهي، نه ته نه. رنڙ زال جو سامهون اچڻ بدسوڻ سمجهن. ڏائو تتر سٺو سوڻ، ۽ ساڄي پاسي تتر خراب سوڻ سمجهن.

زالون ننڍڙي ٻار کي نراڙ تي ڪارو داغ ڪنديون آهن، ته نظر نه لڳي. ٻار کي اُلٽي ٿي، ته چونديون ته "نظر لڳي اٿس!". جنهن لاءِ جهاڙ وجهائين يا ڌاڳو وٽائي ٻڌن. ٻار جي رات جو اوچتو رڙ ڪري اٿيو، ته چونديون ته "ڊنو آهي!". ان لاءِ اَسُر ۽ نماشام جو ڇا ڪنديون جو مٽيءَ جي طباخ ۾ ٻرندڙ ٽانڊا رکي، ان جي مٿان مٽيءَ جي لوٽي اونڌي رکنديون، جيئن ٽانڊا سڀ لوٽيءَ ۾ پون. پوءِ لوٽيءَ جي مٿان "زنانو جُتيءَ جو پادو" اُبتو رکي، مٿان لوهه جي

آنلاڻي رکي، آن تي ٻار جو هٿ رکائي، مٿان پاڻيءَ جو لوٽو هاريندي‌ون؛ ته پاڻي سڀ اونڌيءَ لوٽيءَ ۾ بڙ بڙ ڪري چڙهي ويندو: تڏهين چونديون ته ”ٻار برابر ڊنو آهي، جو اونڌي لوٽيءَ ۾ پاڻي چڙهي ويو!“. نه ته حقيقت ڪري، باهه جي سيڪ ڪري لوٽيءَ جي هوا ختم ٿيڻ سبب خال ٿيو پوي، اهو خال ڀرڻ لاءِ ٻاهرينءَ هوا جي داٻ ڪري، پاڻي مٿي چڙهيو وڃي. ٻيا به ڪيترائي ڀرم آهن، جن جو بيان ڪرڻ جائي طوالت آهي.

ڪيترن ڳوٺن ۾ ماڻهو ايتري قدر وسوڙل آهن، جو مڌريل دنيا جي ماڻهن کي اعتبار ئي ڪونه ايندو ته ڪو ايتري دور سچ هوندو! ان لاءِ هڪ مثال ڏجي ٿو: ڇاڇري تعلقي ۾ چيلهار کان ٦ ميل ڏکڻ طرف ”هريار“ جو ڳوٺ آهي، جتي ڪر، مسلمان ڪنڀر ۽ مينگهواڙ رهن ٿا. انهيءَ ڳوٺ جي رسان، چيلهار کان مٺي ڏي ويندڙ رستي تي، ”مالهڻ“ جو ڏ ٺهيل آهي، جتي ميلو به لڳندو آهي. هريار ۾ مالهڻ جو پو رهندو آهي. ڳوٺ وارن تي مالهڻ جو ايترو اثر آهي، و سڄي ڳوٺ ۾ ڪوبه ماڻهو ڪچي مٽيءَ جي سر وجهي، جي ڀت جاءِ لاءِ ڪونه ٺاهي: گهاٽيون ڪاٺيون کوڙي، ٺان راڳو ڏيئي، ان تي چونرا ٺاهين. ڪوبه کڏ (ڪوٺي) جي ڳوٺ ۾ نه آهي. ڪوبه ماڻهو پنهنجيءَ جاءِ کي دروازو ڪونه چاڙهي، سڀني جون جايون بنا دروازن جي آهن، جن ي ڍڪڻ لاءِ ڍنگهر ڏين، يا ائين ئي پئيون هجن. ٻين ڪيترن ڳوٺن ۾ اهڙيون حالتون آهن، جو ماڻهو انهن ڳالهين پائبند آهن. آنهن کي يقين آهي ته اسان جيڪڏهين ائين ڪنداسون ته ضرور تڪليف ڏسنداسون، تنهنڪري لاچار ن ڪن. هاڻي ته اهو رواج ٿي ويو آهي: ڇو ته وڏا جو ن ڪندا آيا آهن، سو ننڍا به ضرور انهن جي پَر پارين.

نشو واپرائڻ

ٿر جي ٺڪرن ۾ خاص ڪري، برهمڻن ۽ مهيشورين ۾ عام طرح شاديءَ غميءَ يا ڏڻ وار تي، آفيم جو رواج گهڻو هوندو هو. ڪيترا ٺڪر ۽ ٻيا آفيم جا علتي (ٻنڌاڻي) هئا. وهانءُ مهل آفيم جي رهاڻ ضرور ڪن. ٻه چار گڏجن، ته آفيم جو ورتائڻ ضروري سمجهن. آفيم کائيندڙ ۽ کارائيندڙ عزت جي نگاهه سان ڏٺا ويندا آهن. جنهن وٽ سدائين رهاڻ هجي سو وڏي عزت وارو سمجهيو وڃي. هاڻي علم جي سجاڳيءَ، نئين لهر، آبڪاري کاتي جي پڪڙ پڇاڙ، آفيم جي قيمت وڌڻ ۽ سرڪاري بندش جي ڪري رواج گهٽ ٿيو آهي، پر صفا بند نه ٿيو آهي. ڪيترا، آفيم جي بدران پست جي ڏوڏي پاڻيءَ ۾ پُسائي پيئندا آهن، يا ڪي چانهه پيئندا آهن. اڳي جوڌپور ۽ ڪڇ کان آفيم ايندو هو ۽ وڪرو ٿيندو هو (جنهن کي ڪوٽي جوءعمل چوندا آهن). جيتوڻيڪ ان تي سرڪاري طرح بندش هئي، ته به لڪچوريءَ آفيم پيو ايندو هو. هاڻي بند آهي: ڪن سڌريل ماڻهن جي ڪوشش سان، ڪن پئنچاتن، آفيم جي واهپي تي بندش وڌي آهي. هن خراب علت جو واهپو جيترو جلد بند ٿئي اوترو چڱو.

پنڄن ستن سالن کان "چانهه" جو رواج ٿر ۾ بلڪل وڌي ويو آهي. اڳي اهو رواج فقط ڪامورا پارٽي يا شوقين طبقي ۾ هو، پر هاڻي ته ٻهراڙين ۾ به ڪاهي پيو آهي. کنڊ جي نافت سبب، گهڻا ماڻهو چانهه ۾ ڳُڙ ڪم آڻين. ڪي ته کير کان سواءِ چانهه ڪن، جنهن کي "سليماني چانهه" چون.

شراب، گانجي ۽ چرش جو رواج اصل ڪونه آهي. البت تمام ٿورو، شهرن ۾ خاص ڪري، شاهوڪار يا ڪامورا، اونهاري جو ٿاڌل ۾ ٿوري ڀنگ وجهن؛ نه ته عام رواج اصل ڪونهي

شراب فقط بيماريءَ جهڙي حالت ۾ دوا طور استعمال ڪن.

پهراڙين ۾ ۽ خاص ڪري اڇوتن ۾، حقي چڪڻ جو رواج گهٽو آهي. حقي کي مجلس يا وهاڻ جو سر موڙ سمجهن. هن ۾ سنڈي تماڪ يا گڑ سان گڏ ڪنيل زردو ڪم آڻين، جنهن کي "گڙڙاکو تماڪ" چون. غريب ماڻهو "سُلڦي" پيئن، جا منيءَ ۾ ڪاڪ جي ٽيندي آهي، هن ۾ تماڪ جي ڪفايت آهي. شهرن ۾ پٽن جي پيڙيءَ جو رواج گهٽو آهي، پهراڙين ۾ گهٽ آهي. وڏن گهوٽن ۾ ڪيترن جو روزگار پٽن جون پيڙيون بڏڻ ۽ وڪرو ڪرڻ ئي آهي. سگريٽ جو رواج ڪونهي. البت شهرن ۾ ڪنهن موقعي مجلس ئي، يا ڏهيل شوقين ڪڏهن ڪڏهن سُونا هڻن، باقي پيا نه. ٿري، غريب هوندي به ٿڻي تي گهٽو خرچ ڪن. خاص ڪري غريب طبقو انهيءَ مرض ۾ وڌيڪ مبتلا آهي.

ناس اڪثر عورتون ڪن، ڪي مرد به ناس ڪندا آهن ڪي عورتون پيڙي ۽ حقو به چڪيندیون آهن. ڪراڙ ۽ برهمڻ وهاڻ ۾ سوپاريون گهٽيون کائين. ڪن شهرن ۾ سوپاريءَ جو واهپو گهٽو آهي. ڏيپلو شهر خاص مشهور آهي، جتي جا مرد ٽوڙي عورتون سوپاريون گهٽيون کائين.

بيمارين ۽ انهن جا علاج

دنيا ۾ جو آيو آهي سو ويندو، جو ٽڪر ٿهيو آهي سو پڇندو، جو جائو آهي سو مرندو. چوندا آهن ته "مرڻ ناهي وهڻو، پرٽو ناهي گاو". انهيءَ واهر رباني ۽ جو سيڪنهن کي بند ڪرڻو آهي. "سيڪو لڏيندو لوءِ، ڪو اڳو ڪو پوءِ". پر دنيا جو چشڪو اهڙو آهي، جو ڪوبه منجهانئس موڪلائڻ نه چاهيندو ۽ سيڪو ياڻي ته جيڪي چار گهڙيون وديڪ رهڻ سو چڱو. "يڪ تندرستي هزار نعمت": "دل درست ته

تن دوست." سرير سَگهو، تہ کائڻ پيئڻ، گهمڻ ڦرڻ، اوڍڻ پهرڻ، رهاڻ رس، ميڙي ملاکڙي ۽ سنگت ساٿ مان اچي مزو، پر جي جيءَ جڏو تہ مزو مزي جي ماڳ، اٽلو ماڻهو بدن مان ئي بيزار، جُسي مان ئي آزرتو: ڪنهن جو ڳالهاءُ ڪونہ وڻندو، سدائين پيو ڪينجهندو! جڏهين تندرستي اهڙي املهہ وٿ آهي، تڏهين ان جي حاصل ڪرڻ لاءِ بہ جتن ضروري آهن. قدرت جو ڪارخانو اهڙيءَ طرح هلي رهيو آهي، جو، جو جتي سو تتي خوش: امير محلاتن ۾، تہ غريب ڀُنگين ۾، هڪ جهڙي ننڊ ٿا ڪن. قدرت جون مهربانيون سڀني تي هڪ جهڙيون. هن وٽ شاهہ گدا سڀ سريکا: سڀني تي ساڳيو سج لهي اڀري، ساڳي گرمي ۽ سردي ڏئي، ساڳئي وقت وسي ۽ اوڪامي. هڪڙا محلاتن ۾ رهندي بہ سير مٽيءَ لاءِ سڪن، ٻيا جهوپڙين ۾ رهندي بہ ايترو ڪونہ اٿن، جو سانجهي - صبح ٻچڙا کائي پيٽ ڀرين!

غريبن ۾ وياءُ وڌيڪ: ڪٿي لک پيا لُٽجن، تہ ڪٿي ڪک لاءِ سڪن! ٿري ويچارا غريب، گرميءَ سرديءَ جي بچاءُ لاءِ نہ پورو آجهو نہ اوڇڻ: سياري جو ڏسبو تہ پوري رلي ڪونہ هوندي جو اوڍين! مائرون ڇا ڪنديون، جو سڀني کي پَٽ تي سمهاري، مٿان ڦاٽل رليون، ڳوٺين جا ٽُڪر، کرڙيون يا ٻورا وغيره، جيڪي گهر ۾ اڀرا سڀرا ٽپڙ هوندا، سي وجهي، وقت ڪاٽي ڇڏين! اونهاري جو وري اڱڻ ۾ بعضي اوڇڻ کان سواءِ وقت گذريو وڃي، يا گهڻي گرميءَ ۾ پاڻ واريءَ جي ٿڌيءَ ريت تي فرحتي ننڊ اچي. "هُوند تي آهي هُونگار": "ناهي گندي، ناهي سيءُ".

سياري جي صبح جو، شاهوڪار ۽ سندن ٻار اٿڻ سان چانهہ پيئن. اوني سُئيٽر پائين، گرم ٽوپلا ۽ مفلر ڪن ۽ گلا بند ڍڪين، جتي پير مان ٻاهر ڪونہ ڪڍن، پر غريبن جا

ٻار ڏسو ته مٿي ۽ پيرين اگهاڙا، هڪ ٿاٽل صدريءَ يا ليرون ليڙ ڪپڙي ٽڪر ۾ پيا ڪم ڪار ڪندا، سيءَ جي مجال آهي جو ويجهو اچي! شهري، سخت ڪم کان وانجها، بزاري چٽي جا هيراڪ، گهڙيءَ گهريءَ وات پيو هلندن. هلندي چلندي، اٿندي وهندي، پيا چَر چَر ڪندا. هاضمي تي حد کان وڌيڪ بوجو ۽ بار، جنهنڪري ڪنهن نه ڪنهن مرض ۾ مبتلا. پر ٿري غريبن کي اٺ ئي پهر سخت ڪم ڪرڻو پوي. کاڌي لاءِ ملي سادو، سو به مهل تي مس نصيب، گهُرج گهڻي، ملي ٿورو. سندن هاضمو سنڀريو ويٺو هوندو، ته ڪجهه اچي ته ڪريان قلم.

کليل آب هوا، نج کير، هٿرادو گيهه ۽ جنڊ جو پيٺل اٽو. مال سان مٿا ڪٽ يا ساندهه پورهيو سندن لاءِ وندرائيندڙ ورزش. گهڻن خفن کان پري، جنهنڪري سدائين کلمک. شهر جي سڙيل ميون جي ضرورت پوري ڪن تازي جهنگلي ڏٿ سان. پوءِ مرض ڇو ويجهو اچي؟ بدن سدائين سڀر ۽ سالم- بيماري به آهي، پر گهٽ، مرض به آهن، پر ٿورا. اتي عام طرح هي بيماريون ٿين: گرميءَ ۾ لوءَ لڳڻ، دل ڪچي ٿيڻ، سرديءَ جو غلبو يعني نمونيا، ٿڌ لڳڻ، ڇڪي پوڻ، ڪوئلي يا ڦر پوڻ ۽ وائي سور، وغيره.

ٿر ۾، تعلقي جي هيڊ ڪوارٽرن کان سواءِ، سرڪاري ڊاڪٽر ڪونه آهن، نڪو ڪو خانگي حڪيم يا ڊاڪٽر وغيره ڳرين فين وارا آهن. اتي ڳوٺاڻا حڪيم ۽ ڏاها ماڻهو آهن، جي بنا فيءَ جي ڏس ڏيندا آهن، يا علاج ڪندا آهن. پوءِ بيمار، صحتياب ٿيڻ بعد پنهنجي حال سارو، سندن سار لهي ڇڏيندو آهي، مگر اول ٻول وغيره ڪابه ڪونه ڪن. ڦڪين سُتين تي گهڻو خرچ ڪونه ٿئي، اهي به معمولي شيون هجن، جي گهڻو ڪري اتي ئي لڀيو پون.

لوءَ لڳي تہ ڇا ڪن جو ميٽ ڳاري ان سان ٿورو بصر مان پاڻي ڪڍي ملائي بدن کي مالش ڪري ڇڏين. صبح جو تازي پاڻيءَ سان وهنجن، تہ بيمار چڱو ڀلو ٿيو پوي.

دل ڪچي ٿيڻ لاءِ پاڻيءَ ۾ ٿورو لوڻ گڏي پيارين، تہ اَلٽيءَ ۾ پيٽ ٻاهر نڪريو اچي ۽ فائدو ٿيو پوي. مٿان جوهر جي ٽڪي ۽ وڏف جا داڻا وات ۾ وجهي ڇڏين.

سرديءَ جي ڪري نمونيا ٿئي تہ يڪدم، ڪجهہ گرم ڏينهن هجن تہ ريڍي کَل ۽ سياري جو ٻاڪري کَل يا هرڻ جي کَل بدن تي چاڙهين، جا بدن کي چنبڙيو پوي. پوءِ ٽن چئن ڪلاڪن بعد، از خود، بدن کي ڇڏبو جدا ٿيو پوي، تڏهين لاهي ڇڏين، ۽ مٿان يڪدم ڍڳي جي سڙيل ڇيٽي جي رَکَ، جا اڳواٽ تيار ڪري رکن، سا مهٽين — جيئن پگهر واري آلي بدن تي واءُ جي لهس نہ لڳي. پر جي بيماري انهيءَ درجي کان وڌي وڃي، ۽ سُور جون سُوٽون شروع ٿين، تہ ٺڪر جي لوٽي ۾ باهہ جي ڪِرِ، يعني گرم رَکَ وجهي، ڇاتيءَ ۾ سور واري هند تي سُهائيندو سيڪ ڪن، جيئن ڦڦڙن ۾ ڄميل رت پگهرجي. چانور دانگيءَ ۾ باهہ تي ساڙي، ڪونڊي ۾ ٿوري پاڻيءَ جي ڇنڊي سان گهوٽي، جڏهين ليس وارا يا چيڪٽا ٿين، تڏهين بدن تي پلستر وانگر لائين، مٿان وري ڇا ڪن جو واري پُسائي، دانگيءَ تي ڪوسي ڪري، ان مٿان ڪپهہ جا پها رکن. جي جڏهين ڪوسا ٿين، تڏهين پلستر جي مٿان چنبڙائي ڇڏين. ائين ڪرڻ سان فائدو ٿيو پوي. ڪڪڙ جو آنو هَڪيو ملي سگهي، تہ اهو گيهہ ۾ تري کارائين. ٻاجهريءَ جي ماني پچائي — هڪ پاسو ڪچو ڇڏين — ان تي سنهي هيڊ ٻُرڪي، اهو ڇاتيءَ تي ٻڌن. گهوڙي جي تَلَ جا ٽُڪر پُسائي، گرم ڪري ٻڌن. نمونيا کي ٿر ۾ "سيندوريو مرض" چوندا آهن.

ٿڌ لڳي يا ليس ٿئي، تہ مٿي تي گرم تيل جي تري هڻي، يعني مالش ڪري، مٿان اڪ جا پن ٻڌن، يا باجهريءَ جي ماني هڪ پاسو پکو هڪ پاسو ڪچو، سنهي هيڊ ٻڌي. ڪهڙي باو ڪٿ يا ٽاپڙجڻ ڪري اکثر ڇڪي ٻوندي آهي، يا پانهن جي ٻوئين ڦر ۾ سٿ يعني ڪوٺلي ٻوندي آهي: ڇڪيءَ جي حالت ۾ شيردان، دُن کان ڦريو ويندي آهي، ان لاءِ صبح جو نيراني، تيل ۽ پاڻيءَ سان پيٽ کي آدي، پٽر جو ٽڪر ڪپڙي ۾ ويڑهي، دُن تي رکي پٽيءَ سان بڌي ڇڏين، ۽ بيمار کي اٽاري سٽون بيهاري، ۵ تولا گيهه ۾ تولو ٻہ سنها ڪٽيل گاڙها مرچ وجهي پيارين. پر جي ڪوٺلي ٽٽي، تہ هٿ سان ست دفعا ڪوٽي ڇڏين، ۽ مٿان گرم وک مٿيءَ جي لوڻي ۾ وجهي، ان سان سيڪ ڪن.

وائي سور ٿئي، تہ ترن جي تيل جي مالش ڪري مٿان هيرڙ جا پن ٻڌن، يا زناني جٽيءَ ۾ ست چپٽيون واريءَ جون وجهي، سور واريءَ جاءِ تي ست دفعا آهستي آهستي هڻن.

ڊاڪٽري علاج ۾ ويساهہ نہ اٽن، نڪو اسپتال ۾ وڃن. طبيبن کان بہ وڌيڪ ويساهہ پوپن ۾ رکن. بيمار تي ٻوپسو ضرور ڏُوٽائين نہ تہ بيمار ڇڪو پلو نہ ٽيندو۔ اهو يقين اٽن. ان لاءِ جدا اڳتي لکبو.

ٿر ۾ ڪٿين ٻوٽيون ٿين ٽيون، جي بيمارين لاءِ فائدي واريون آهن، پر ماڻهن ۾ انهن کي ڪم آڻڻ جي سرت گهٽ آهي. کي کي، جيڪي سمجهن ٿا، سي انهن مان فائدو وٺن ٿا، نہ تہ ٻيا ڪوري جا ڪوڙا. مگر تڏهين بہ سيڪڻهن کي بيماريءَ جي سادن علاجن جي سڌ آهي.

نانگ ٻلا جو علاج

ٿر آهي واڙياسو علاقو، زمين ڪٺري، جنهنڪري ٻر

ڪڙڻ ۾ سهوليت، انهيءَ ڪري ڪاوا واسينگ نانگ ۽ پيون بلائون جام ٿيندڙيون آهن. جهڙو رنگ واريءَ جو ٿهڙو بلا جوءَ ڏسڻ ۾ ئي ڪونہ اچي. سياري جي موسم ۾ سيءَ هڻڻ ڪري، اهي زمين جي اندر وهن، اونهاري جو ٻاهر نڪرن. اڃا بہ موقعو ملين وسڪاري جو، جڏهين ساري زمين گاهہ سان پرجيو وجي، تڏهين انهيءَ ۾ پيون سُرن. اتفاقا ڪنهن جو پير ويجهو آيو، تہ ڏنگ هڻي ڪڍن. سياري ۾ ڪو چڙو ڪڪجي. اونهاري ۾ ماڻهو مال جي سانگي يا ڪمن ڪارن لاءِ اڪثر پنڌ ڪن رات جو. بعضي وسٽي ٿي ئي نانگ يا بلا ويڙل هجي، تہ ڏنگيو وجهي. وسڪاري جو گهٽا ڪڪجن، چاڪاڻ جو ان وقت ساري زمين گاهہ سان سٽجي ٻيئي هوندي آهي. ازان سواءِ رات جو بہ ٻنين ۾ پيل جي پڙ ڪان مال سان ضرور پهرڙو پوي، چاڪاڻ جو متان صبحُ جو ڪنهن جي رڙ نہ اچي. ان وقت بچاءُ لاءِ چا ڪن، جو ويڙ يا ٻکريءَ جي وگيل ڪل-مان جهاڙولا ٿهرائي، پيرن ڪان گوڏن تائين پائي، متان وسيءَ سان ڏڙي جڏين. ڪل ٿي نانگ يا بلا جي ڏنگ جو اثر ڪونہ ٿئي. بچاءِ جو اهوئي ٽيوڙ ڪن.

ڪي ايهرو گهٽا زهري ٿين، ڪي گهٽ. چوندا آهن تہ "ڪاريهر يا ماري يا ڪاري"، يعني يا تہ ماڻهو مريو وڃي، پر جي اتفاق سان بچي ويو، تہ وري جنهن عضوي ۾ ڏنگ لڳو هوندو، اهو عضوُ ڪريو پوي. ان لاءِ ترت علاج ۽ پيا علاج بہ ٻاڻ ڪندا آهن: يڪدم، ڪپڙي يا رسيءَ سان ڏنگيل جاءِ متان قابو ٻڌي، ڪپ سان ڇڪ ڏيئي، رت وهائين ۽ متان باهہ جي ٽاندي سان ساڙين، يا سيگي هڻي رت ڪڍن، يا وات ۾ لوڻ يا واري وجهي، ڦٽ ٻان زهر چوسي ڪڍن. ڪڪيل ڪي بصر ڪارائين، گيهہ پيارين، جيئن زهر جو اثر دلِ تي قبضو نہ ڪري، ان لاءِ ٽيهون بہ ڪرائين. ويجهيءَ ڇڪ

۾ ڪو جهاڙوُ سُجهندو هوندن، تہ يڪدم ماڻهو موڪلي ان کي گهرائي وٺندا، جو جهاڙون وجهندو. ڏنگ تي مڻ چاڙهين، جا زهر چوسي وٺندي آهي. مڻ کير سان ڌوئي ڏنگ تي چاڙهيندا، جا زهر چوسي ڀرجي پوندي، پوءِ لاهي، نپوڙي، زهر ڪڍي، کير سان ڌوئي، وري چاڙهيندا. اهڙيءَ طرح جيستائين زهر پيو نڪرندو، تيستائين پيا چاڙهيندا. وڏي ڳالهہ تہ جيڪڏهين جهاڙ ۽ مڻ وارو ملي ويو، تہ سمجهندا تہ بيمار کي هاڻي جوکو ڪونهي.

پيئڻ جو علاج: "پيئڻ" (بلا جو هڪ قسم) ڇهہ فوٽ کن ڊگهي ٿئي. منهن ۽ پڇ سنها، پر وچ تي ٿُلهيري. سندس پٺيءَ تي اٽڪل ڏيڍ انچ وڇوٽيءَ تي ڪارا پٽا، پيٽ اڇو ۽ لسو. عام بلا هلي ورن وڪڙن سان، تہ هيءَ هلي سنئين سڌي. سندس ليڪي مان ئي ٿري کيس سهي ڪري وٺندا آهن، ڇاڪاڻ جو هن جي پڇ جو ڇيڙو سنهو ٿيندو آهي، ۽ وري هلي جو سنئين سڌي، تنهنڪري پيٽ سان ٿيل ٿلهي ليڪي جي وچ ۾ وري سنهو ليڪو بہ ظاهر بيٺو هوندو آهي، جنهنڪري جهٽ پٽ سهي ڪري وٺبو آهي تہ هيءَ پئيڻ جو نشان آهي.

سندس تجليدار اکيون، سج جي روشنائي برداشت ڪري ڪونہ سگهن، تنهنڪري ڏينهن جو گهڻو ڪري ٻاهر ڪونہ نڪري، پر رات جو چوڌاري چڱا چڪر ڏئي، ۽ هلڻ جي وري اهڙي تڪڙي آهي، جو ڊوڙ پائي کيس پڄڻ ئي مشڪل. ماڻهوءَ کي چڪ ڪونہ پائي، پر ستل ماڻهوءَ جي وات ۾ زهر هاري وڃي، جنهنڪري ڪلاڪ کن جي اندر نڙيءَ ۾ ڳوڙهو ٿي پوي. سندس زهر ۾ اهڙو ڪو اثر آهي، جو جيڪڏهين سج جي يا بتيءَ جي روشنائي "پيتل" ماڻهوءَ ڏٺي، تہ هڪدم انڌو ٿي پوندو ۽ نڙيءَ واري ڳوڙهي وڌندي ويندي، تان جو ٻَوساٽجي، چئن پنجن ڪلاڪن اندر، انسان عدم راهي! نانگ يا بلا جو ڏنگيل بچي پوي، پر 'پيئڻ جو پيتل' ڪو

مشڪل بچي. سُتل ماڻهوءَ جي کونگهري جو آواز ڪيتري به پنڌ تان ٻڌندي، ته اڏامندي ايندي. پر هرو ڀرو ڪنهن تي ڪاهي ڪونه اچي، ۽ اهڙا اتفاق سال ۾ ڪي ورلي ٿيندا آهن، نه ته جيڪر ٿر ۾ ماڻهو بچيئي ڪونه.

پيئڻ سدائين ڏسڻ ۾ ڪانه اچي: سال ۾ فقط ٻه مهنا، بڊي ۽ اسوءَ ۾ ظاهر ٿئي، باقي ڏهه مهنا گم. جتي رهي، اتي چون ٿا ته ست گڏ رهن، تنهنڪري کيس "ست سهيليون" به چوندا آهن. سندس رهڻ جو مکيه هنڌ آهي واريءَ ۾ ڀر، پر بعضي کٻڙ ۽ ڪنڊيءَ جي وڻن جي وچ وارن پورن ۾ به گذاري، ۽ آنا به اتي لاهي. ماڻهو هن مصيبت جي بچاءَ لاءِ به عجيب اپاءُ ڪن! پهچ وارا شاهوڪار ۽ سرنديءَ وارا بتيون ٻاري ڇڏين، ۽ غريب وري بصر جو ڇوڏو (پن يا کل) وات ۾ وجهي، يا هنڌ تي وهاڻي هيٺان رکي سمهن- ۽ ڪي توڪل برخدا، ائين ئي ستا پيا هجن. ويچارن غريب ٿرين وٽ ڪٿان آيون بتيون ۽ بصر. پيئڻ ۾ هڪ خصوصيت آهي، جو ننڊ ۾ ستل ماڻهوءَ جي وات ۾ زهر هاري، وڃڻ وقت پڇ سان سجاڳ ڪري ڀڄي ويندي آهي.

ٿر ۾ عام بلائون جيتوڻيڪ وڻ تي چڙهي وڃن، پر کٽ تي ڪونه چڙهن، پر هيءَ نامراد ته کٽ تي به چڙهي اچي! ٿر ۾ عام طرح کيس "ڦوڪئي" ۽ "ڪاري گڏهه" چون- ماڻهن ۾ عقيدو آهي ته رات جي وقت جيڪڏهين آن جو نالو وٺبو ته ڪاهي ايندي، تنهنڪري رات جو نالو ڪونه وٺن، يا کيس ڪاري گڏهه چون. پر اهو اجايو وهم آهي.

پيتل ماڻهو، علاج ڪرڻ سان، مشڪلات سان، بچي به پوندا آهن. پيتل ماڻهوءَ لاءِ پهريون علاج آهي، کيس روشنيءَ کان پري رکڻ، ۽ سج اڀرڻ کان اڳي کيس زمين ۾ کوٽيل ننڍي کوهي ۾ وجهي، تري ۾ اونڌو ڪري، ڏندڻ سان نڙيءَ

ھ ڪتڪتائي ڪرڻ، جيئن زهر جو ڪوڙهو ڦيسي پوي. ڪوڙهو ڦاڻو ۽ زهر ٻاهر نڪتو تہ پوءِ جوڪو ڪونهي. ٻيو علاج آهي ڪوئڙ پکي (جو ٿر ۾ عام ٿيندو آهي) جو آنو، جي بروقت ملي وڃي ۽ ان جو پاڻي پياوجي، تہ هڪدم فائدو ڪندو، پر اها شي ملڻ مشڪل ـ هڪي تڪي حاضر ٿي نٿي سگهي. ان لاءِ ماڻهو چا ڪندا آهن، جو اونهاري ۾ جڏهين ڪوئڙ پکي آنا لاهي، تڏهين ڪولا ڪري آنو هٿ ڪري پيڇي، پاڻيءَ ۾ ڪپهہ پسائي، سڪائي، شيشي ۾ وجهي، وکي جڏيندا آهن: ٻوءِ جي اهڙو ڪو اتفاق ٿئي، تہ اها ڪپهہ پاڻيءَ ۾ پسائي مريض کي پياوين، تہ فائدو ٿيندو آهي.

پيتل ماڻهوءَ جون اکيون يڪدم ٻڌيءَ سان ٻڌي جڏيندا آهن ۽ ٻوءِ ڦيڪي ڪارائيندو وڃجي. جيستائين زهر جو اثر هوندو، تيستائين ڦڪي ڪساري يا خراب نہ لڳندي، جڏهين اثر گهٽبو، تڏهن ڪوڙي لڳندي. ان وقت ڪارائڻ بند ڪجي. اهڙيءَ طرح اڌ سير يا بعضي وڌيڪ ڦڪي ۾ ڪائي ويندا آهن، ۽ فائدو ٿيندو آهي. ماڻهو ويچارا ۾ ٻنهنجي وسان ڪونہ ٿا گهٽائين، ٻر هن مصيبت کان شال مالڪ بچائي.

بيا زهري جيت: ٿر ۾ "اروڙ" ڪانہ ٿئي ٻر اڳهہ ٿيندي آهي، جا تمام ٿلهي ٿيندي آهي. اهڙي ڳوري، جو هلي ۾ مشڪلات سان. هلڻ وقت پاسن سان اهڙو سُوسات ڪندي آهي، جو ڳچ ٻنڊ تان ٻڌي سگهبو آهي. ڪپر يا ۾ سُنهي يا ٻوگهي بلا ۾ ٿيندي آهي. چوندا آهن تہ هن کي ۾ سُنهن ٿيندا آهن. ٻر ٻيو سنهن سڌائين ڪليل نہ آهي، فقط سُهائين واڌين ۾ ڪليل وهندو آهي. ڪونياريو نانگ، رنگ جو ڳاڙهو، پوورو ۽ ڪنڊ تي وار ٿيندا آهن، جو اچانڪ ڏيئي ۾ ڇڪ پائيندو آهي. گورهيرو نانگ پوري رنگ جو ٿيندو آهي، تمام زهري آهن. هڻ ـ ڪڻ ڪمام ننڍي، ٿي انچ ڪن ٿيندي

آهي. هن جو ڏنگ اهڙو خوفناڪ ٿيندو آهي، جو ڪلاڪ ٻن اندر ماڻهو مريو وڃي. هڻ-کڻ جي معنيٰ ئي آهي 'ڏنگ لڳو ته ڄن لاشو کنيو'. هن جو اثرائتو علاج آهي ئي ڪونه. ٿر ۾ وڇون به جام ٿين، جي رنگ جا ڀورا ٿين. ڏنگ تي گاسليٽ مکين، انجڻي گهوٽي ڏين، جهاڙ وجهائين بصر جو پاڻي ڏين، ۽ ٻيا ڪيترا علاج ڪن. پارڪر ڏي جبل ۾ خوفناڪ زهري ڪارا وڇون ٿين، جن جو ڏنگ خوفنائتو آهي.

چوپائي مال جون بيماريون ۽ علاج

ٿري ماڻهن جو گهڻي ڀاڱي گذران چوپائي مال تي. چوپايو مال به ساهواري شي آهي. گرمي سرديءَ جو اثر ان تي به ٿئي، جنهنڪري بيماري به ٿئي. ٿر ۾ "وٽنري اسپتالون" فقط ٻن هنڌن، عمرڪوٽ ۽ اسلامڪوٽ ۾ آهن؛ پر ٿر جا مارو ماڻهو، جي پنهنجو علاج به اسپتال ۾ ڪونه ڪرائين، سي مال جو علاج به پاڻ ڪن. مال کي جونءَ پون، ته تماڪ کي پاڻيءَ ۾ گهوٽي بدن تي مالش ڪن، ته جونءَ مريو وڃن. جي ڪنهن جانور جي پيٽ ۾ ڦر مريو وڃي، ته ڳڙ ۽ جاڻ گڏي پيارين، ته مئل ڦر نڪريو اچي، نه ته هٿ ڌوئي، گيهه مکي، سنهو ڪپ هٿ ۾ جهلي، سار ۾ لنگهائي، ڦر کي ٽڪر ٽڪر ڪري، ٻاهر ڪڍن. پر جي ڦر جيئرو هجي ۽ ابتو هجي، ته سيري سُمهاڙو ڪري جيئرو ڪڍيو وٺن. ڦر نڪرڻ بعد ڄرَ ازخود نڪري ايندي آهي، پر جي نه نڪري، ته لسي ۽ کير گڏي ڪوسو ڪري پيارين يا نير جي اڳڙي پاڻيءَ ۾ پُسائي نپوڙي اهو پيارين، ته ڄرَ نڪريو اچي. ٻڪرين کي ليس يا زڪام ٿيندو آهي. جنهن ۾ ناسن مان گند پيو وهندو آهي. جنهنڪري ساهه به چڱيءَ

طرح کٿي نہ سگهنديون آهن ۽ سوساٽ پيئون ڪنديون آهن، جنهن کي "سرگيل" سڏين. ان لاءِ ڪارو تماڪ تيل سان گڏي نڪ ۾ وجهن. بعضي ننڍن ڦرن جو منهن پچي پوندو آهي، جنهن کي "منهن ساڙو" چوندا آهن. ان لاءِ ڄانڀي جو ڪڙو تيل مکين، ۽ جنهن اوها (اواڙي) ۾ مال پاڻي پيئي، ان ۾ آڪ جون آليون ٽاريون وڍي اڇلين. جي ڪو عضوو ڀڄي پوي تہ کُنڀين جو اٽو گيهہ ۾ گڏي پيارين.

ٻڪرين کي هڪ موذي مرض ٿيندو آهي، جنهن کي چون "ٿڦڙيو". هي نمونيا جو قسم آهي، جنهن ۾ ڦڦڙن ۾ رت ڄمي پوندو آهي، جنهنڪري پاسرين سان چنبڙي پوندا آهن. هي وچڙندڙ مرض آهي ۽ جنهن ڌڻ ۾ پيو تہ اهو ڌڻ ڇُٽو: ولرن جا ولر پهرن ۾ ختم ڪريو ڇڏي. ان لاءِ ڇا ڪن جو ٻڪريءَ جو ڪَن وڍي ڪُني ۾ وجهي واڙ جي منهن تي زمين ۾ پورين، وٿاڻ تي ڪنهن بہ عورت کي اچڻ ڪونہ ڏين، انهيءَ مرض واري مال جو کير ڪونہ ولوڙين، وغيره. ٻيو هڪ مرض ٿيندو آهي، جنهن ۾ ٻڪري ڪومانجي پوندي آهي، ۽ اوچتو دانهن ڪري ڪِري پوندي آهي، ۽ مري ويندي آهي. هن کي "ٻَرڪي" جو مرض چوندا آهن، يعني دانهن ڪري مرڻ. هن لاءِ واڙو مٽائين، مال وڪڻن، يا ڌاريو مال پنهنجي مال سان گڏين، وغيره - ٻيو ڪو علاج ڪونہ آهي.

ڍڳين جا کُر پچي پوندا آهن. ان حالت ۾ ڄانڀي جو تيل مکين. منهن ساڙو ٿئي تہ اجمو (جاڻ) ڳڙ ۽ تيل ۾ سيرو رڌي کاوائين. تيلي وڌي پوي يا پيتو وڌي پوي تہ ان لاءِ پاسي تي پاسرين مٿان لوهہ جي شيخ ٽپائي ڏنڀ ڏين.

آڪ کي چاتيءَ ۾ هڪ مرض ٿيندو آهي، جنهن کي "ڳوهه" جو مرض چوندا آهن. اهو ڪمام خوفائتو آهي: مهل تي علاج نه ٿيو ته جانور مريو وڃي. ان لاءِ لوهه جي شيخ سان چاتيءَ تي گول ڏنپ ڏين. مطلب ته مال کي ڪهڙائي مرض ٿين، جن جا سڀ معمولي علاج به پاڻ ڪن.

باب سترهون

ترجي تهذيب ۽ تمدن

ترجي سپيتا ۽ اڪاس، سنڌ جي سپيتا ۽ اتهاس جو جز ۽ جگر آهن. البته ترجي مخصوص ماحول سببان، ترجي ماڻهن جي پوشاڪ، رهڻي ڪهڻي، اخلاق، شغلن ۽ ادبي ذوق انداز فڪر ۽ خيال جي اظهار جو نرالو آهي. منجهن تعليم نسبتاً تمام گهٽ آهي: نمونو چاڪاڻ جو ڳوٺ پري پري آهن، آمدورفت جا وسيلا گهٽ آهن، جنهنڪري تعليم کي عام وائڙ ڪرڻ ۾ به تڪليفون آهن. هتي ترجي تهذيب ۽ تمدن جي ڪن خاص پهلوئن جو ٿورو بيان ڏجي ٿو.

ماڻهن جي پوشاڪ

ترجا ماڻهو ويچارا سادا: پوشاڪ سادي، ڪاڏو سادو- غريب ۽ شاهوڪار پوشاڪ مان پرکڻ مشڪل. جي ملڪ سائو ۽ سر سبز، تہ مالدارن جا منهن پيا پهڪندا، پر جي برسات گهٽ، تہ ماڻهو سوڳا ۽ ملول.

برهمڻ ۽ ڪراڙن کان سواءِ بيون سڀ هندو ذاتيون ٺڪر، سينگهواڙ، پيل، ڪولهي ۽ مسلمان ڏاڙهي ۽ وار ڪونہ وٺائين. ڏاڙهيءَ لاءِ ڏاڍي عزت اٿن- شل نہ ڪو انهيءَ لاءِ گٹو لفظ ڪم آڻي. مسلمان ڏاڙهيءَ کي ڪيس ڪن ۽ گهٽا ميندي لائين. ڪراڙ ۽ برهمڻ ڏاڙهي ۽ مٿي جا وار وٺائين، فقط مٿي تي وچ ۾ چوٽي رکائين، جنهن کي هو ڏومي نشان

ٿا سمجهن. سڀني قومن جون عورتون وار وڏا رکن، ۽ سڀڪو پنهنجي نموني تي مٿو ويڙهائي. مسلم عورتون ٻه چوٽيون ڪن، ته هندو عورتون هڪ چوٽي ڪن. وارن جي چڱي سنڀال ڪن، ۽ ديسي نموني، وارن وڌائڻ لاءِ هلڪيون دوائون به ڪم آڻين، جن تي خرچ اصل ڪوته ڪن.

ملڪ جي حالتن ۽ غربت سبب ڪپڙا سادا ۽ ٿُلها ڪن. اونهاري سياري پوشاڪ ۾ گهڻو تفاوت ڪوته ڪن. بيٺل گهرن جا مسلمان مرد، سٿڻ، قميص ۽ پٽڪو پائين، غريب گوڏ ۽ صدري ڪن. ڪراڙ ۽ برهمڻ، ڌوتي، انگرکو ۽ پٽڪو ڪن، هاڻي قميص جو رواج ٿيندو وڃي. ٻيون هندو قومون چادر يا کٿو لانگ سان ٻڌن، قميص، انگرکو يا صدري ۽ مٿي تي پٽڪو ڪن. ٺڪر سوٽي ڪپڙي جو ٽريٽو ڪن. مسلمان، ڪپڙي جو خاڪي ۽ ڪارو رنگ پسند ڪن، جو سٿڻن، پٽڪن ۽ گوڏين کي ڏين. ٻروچ وري نيري سٿڻ يا نيري گنديءَ جي گوڏ، پسند ڪن. ڪراڙ ۽ برهمڻ ڳاڙهو پٽڪو، ٺڪر، مينگهواڙ ۽ ٻيا اڇو پٽڪو پسند ڪن.

مسلمان عورتون گهاگهرو، ڪنجري ۽ چُتي ڪن. ٻروچن جون عورتون سٿڻ ۽ گهگهو ڍڪين. هندو عورتون گهاگهرو ۽ چُني ڪن. برهمڻ، راجپوت ۽ ڪراڙ عورتون جهٻا پائين. ٻيون هندو ۽ اڇوت عورتون ڪنجريون پائين.

مسلمان، مينگهواڙ ۽ ٻيا اڇوت، سنڌي جُتي پائين. ڪراڙ، برهمڻ ۽ ڪي ٺڪر ٻئي نموني جي وريل نوڪ سان جتي پائين، جنهن کي "موجو" چوندا آهن. پڙهيل طبقي جا بُوٽ ڪن. جتيون مينگهواڙ چمڙو رڱي ان مان ٺاهين، هاڻي بوٽ ۽ سليپر به ٺاهين ٿا. ڍڳي جي چمڙي جي جُتي، آٺ جي چمڙي جي جتيءَ کان وڌيڪ ڪنئري ۽ جهالائو ٿئي، جنهنڪري

مهانگي ملي. ٿر ۾ اونهاري جو پيرين اگهاڙو هلي نه سگهبو، چاڪاڻ جو ڪنڊ واري پير ساڙيو ڇڏي. ولائتي بوٽن جو رواج بلڪل گهٽ، ڇو ته اهي مهانگا ۽ آهن ؛ ديسي جتين جيترو هلن به ڪونه ٿا. هاڻي پڙهيل طبقي ۾ فئشن وڌندو وڃي، اهي ولائتي بوٽ ؛ چپل به پائين.

ڪراڙ ؛ برهمڻ پاڻ سادا ڪپڙا پائين، پر عورتن کي ريشمي ؛ آڇا ڪپڙا ڏيڪائين. شاهوڪار ڪراڙ به ڏسبو ته ڇٽ ڪولهي پيو لڳندو. وٽن ڏن جهجهو پر افعال بيڙا. وچولو ؛ غريب طبقو چادر ضرور پاڻ وٽ رکي، جا ان کي ڪيترا ڪم ڏئي: سيءَ ۾ اوڍي، ڪچهريءَ ۾ هيٺان رکي وهي، يا ڪانگ (ڪانپ) ڪڍي، وسڪاري جو لاباري وقت سنگ وڃهي، ؛ گاهه ٻڌڻ لاءِ ڪم اچي.

صفائي سٿائيءَ جو خيال ڪونهي. سنان اڪثر ڪڏهين ڪڏهين ڪن، بيماري گهٽ ٿئي. تندرستيءَ جا نيم سمجهه جي ڪري نه، پر بي سمجهي جي ڪري پاڻهي پيا پوروا ٿين، اهو سادگيءَ جي ڪري. بدن سگهارو ؛ مضبوط، تڪليفن سهڻ جا ڏاڍا ؛ انهن تي هريل، تتي ٺڏيءَ جو خيال ڪونه ڪن. گرميءَ سردي جو خيال ٿي ڪونه ڪن. پيدل پنڌ جا ڏاڍا. هارهن ڪلاڪن ۾ ۲۰ ميل يڪساهي به ڪيو وڃن. بيمار ؛ روگي ڪو وري ڏسبو. سادو ڪاڏو، سادي پوشاڪ؛ ڪليل هوا ؛ سڃو ڏينهن ڪم ۾ رڌل هٿ ڪري قدرتي ڪسرت. نج گيهه، نج ڪير، جنڊ جو پينڊل انو، ٽووين گهرجن ڪري گهٽتي گهٽ يا ماڳهين نه. عورتون به مردن جهڙيون نرويون ؛ ڪم ۾ مردن جون مددگار. لچاين ؛ حرفتن مان ڪونه ڇاڻن، وڏن جو ادب ڄڃهو. عورتون منهن اگهاڙي ڪونه هلن. هردي جو رواج ڪونهي ته به ڏارين اڳيان گهونگهٽ مان منهن ڏيکين.

هونئن عورتون مرد سادي پوشاڪ ڪن، پر شادي ۽ وڏن ڏينهن تي هوند سارو مڙيئي چڱا ڪپڙا ڍڪين. سهاڳڻ هندو عورتون وينڊو، ۽ مسلمان عورتون نٿ پائين. پيرن ۾ هندو عورتون چانديءَ جون گول ڪڙيون، لنگر ۽ ساٽيون پائين ته مسلمان عورتون ڪڙيون، چورس ۽ چپٽري منهن سان پازيب ۽ نورا پائين. شاهوڪار هندو ۽ مسلم عورتون دوهري پائين. مسلم عورتون ڪنن ۾ چانديءَ يا سون جون ڪڙڪون پائين ته هندو عورتون سون يا چاندي جا جهونڀر يا ڏرگهلا پائين. عاج يا ڪافوري رڀڙ جا چوڙا سڀيئي سهاڳڻيون پائين. ڪنواريون ڇوڪريون چولا پهرين، ۽ چوڙا فقط ڪراين ۾ پائين. رنڙ عورتون چوڙا ڪونه پائين، لسيون ڪنجريون ۽ سادا اوڍڻ ڪن، زيور پائڻ عيب سمجهن. ڪي مسلمان سنڌي ٻولي ڪن، گهڻا مسلمان ۽ هندو ساڳي ڍاٽڪي ٻولي ڳالهائين. هندو ۽ مسلمان پوشاڪ مان ئي سهي ڪري سگهبو آهي. ٿر جا واقف ماڻهو ته پوشاڪ مان برهمڻ، ڪراڙ، ٺڪر، مينگهواڙ، ڀيل ۽ ڪولهي وغيره سڃاڻي وٺندا آهن.

ٿر جو خيطو، جتي سياري جو سيءَ ساڙي، نه پورو لڳن تي لٽو، نه مٿي ۽ پيرن جو بچاءُ، اونهاري جو وري لوءَ بدن لوسائي. واهوندي سان گڏ واري اکيون ۽ سارو بدن لٽي ڇڏي. گرمي وري اهڙي جو بدن جو رنگ ئي ڪارو ٿيو وڃي. ڏکيو گذر، ڪمهلو کاڌو، رهائش لاءِ اڻ پورو اجهو، تنهن هوندي به ماڻهن ۾ نڀلائي ۽ نستائي، بيماري ۽ ضعيفي، سستي ۽ بي همٿي گهٽ. زالين مڙسين، ٻارين ٻچين، ننڍو وڏو، سڀڪو چُست ۽ جانٺو، ڪم جو بهادر. ڏينهن جو اُس ۾ سخت پورهيو ۽ مال سان مٿا ڪٽ. آڌيءَ جو اچن ۽ اسر جو وڃن. مال جي اُڊڪي وچان ننڊ نصيب پوري ڪانه، ته به تندرستي سالم ۽ بدن سڀر: انهيءَ جو سبب اهو آهي

جو کليل هوا، قدرتي ڪسرت، گهرجون گهٽ، ڳٺتي ٿوري، سدائين ڪم ۾ مشغول، جنهنڪري هاضمو سٺو، بک لڳڻ بعد کاڌو سو به سادو.

رات جو تندرستيءَ جي لحاظ کان نه، پر وندر لاءِ ديسي رانديون جهڙوڪ، ونجهوٽي، مين، ڪبڊي، ٻلاڙو، مَلهه ۽ ٻيون انيڪ قسمن جون رانديون ڪن. ننڍا ڇوڪرا ڏينهن جو به اٽي ڏڪر، نانگيل ڦوسيل، ڏڙو، آنٻليو ۽ کير کير وٽي وغيره رانديون ڪن، جنهنڪري قدرتي ورزش ۽ وندر ٻئي ڪارج سڌ ٿين. منجهائن بيمار ڪو ورلي ٿئي.

ٿر جي ماڻهن جو اخلاق

ايمانداري: ٿري ويچارا غريب ۽ ڪنگال هوندي به ايماندار ۽ سچار آهن. شاهوڪارن کان پاڻ غريبن ۾ اهو گڻ وڌيڪ آهي. وٽن ڪا به ملڪيت يا شي شڪل امانت رکي وڃو ته ڄڻ پنهنجي گهر پيئي آهي. وسڪاري جو ٻنيءَ تي وڃڻ وقت يا ڏڪار سڪار ويل، ناري طرف وڃڻ وقت پنهنجو ڳهه ڳٽو يا گهرو ٽپڙ ٽاڙي ويٺلن جي گهر رکي ويندا، جي هو ساهه سان سانڍيندا ۽ مالڪ کي موٽي اچڻ تي سلامت واپس ڪندا. ٿري انهيءَ ۾ پنهنجو شان سمجهن، چوندا آهن ته ”اماڻ ڌرتي به نه کائي“.

لچ لفنگ جو قدر ڪونه آهي. چوريءَ جي عادت گهٽ، ڪنهن جي شي لڀندا ته ڏيئي ڇڏيندا، يا ڪو پنهنجي شي وڃائيندو ته مڱڻهار فقير کان دهل تي پڙهو ڏياريندو. اهو پڙهو ٻڌي جنهن وٽ لڌل شيءَ هوندي، سو گهر ويٺي ڏيئي ويندو. ڪنهن جو مال وغيره وڃائجي ويو ته چوڌاري ويجهن ڳوٺن جي سکرن ۽ ڌڻودين کي مال جا پار پتا ۽ وڙول ڏيئي ايندو،

ڪٿان نہ ڪٿان ڏس ملي ويندو. ڪوڙي ساک يا قسم کڻڻ عيب سمجهن. ساک ڏيڻ ڪا سولي ڪانهي. هڪ دفعي جي ڪنهن ڪوڙ ڪيو يا ڪوڙي ساک کنئي تہ عمر پت ويس. وري اُنهيءَ تي نڪو ويساهہ ڪن ۽ نڪو ساک وٺن. تڪراري ڳالهين جو فيصلو ساک پت تي ڪن. ساک سان چيل ڳالهہ کي سورهن آنا سچ سمجهن. شهرن واريون پڪايون ۽ وڪيلن وارن آڏن اُبتن سوالن جوابن ۽ ڇلن ولن مان ڪونہ ڄاڻن. ”ڳالهہ ڪن سچي، جنهن ۾ کڙهو نڪو مٽي“.

پاڙي جو ننگ: ٿرين جو سادو گذر، سادا خيال. هميشہ گذران جي ڳڻتي ۽ مال جو اوسيڙو، انهيءَ ۾ ئي پورا. ايترو وقت ئي ڪونهي جو پرائي پچار ڪن. ”نہ ڪنهن جي هنئين ۾ نہ کنئين ۾“. پنهنجيءَ ۾ پورا، نہ ڏين نہ ڏکوئين. اوکي سوکي ٻئي کي مدد ڪبي تہ اڳلي کي بہ اکيون للاڙ ۾ آهن. ڪنهن جو ڪيل ٿورو ڪونہ وسارين. ڪم ڪار ۾ هڪ ٻئي کي سڏ تي سڏ ڏين، بلڪ اوکيءَ مهل وي ڪوٺيا بہ وڃي پنهنجي حال سارو مدد ڪندا. پنهنجي اڀري ڀاءُ کي بہ برادريءَ ۾ سڀني سريکو سمجهن. پاڙي ۾ ڪو بيمار ٿيندو تہ زالين مڙسين پڇڻ ويندا ۽ اڳلي کي رات ڪٽائڻ لاءِ آڌي ۽ آسُر تائين رهاڻ ڪيو ويٺا هوندا. هڪڙا پيا سمهندا، ٻيا ٻيا اٿندا، ائين ڪيو سج اُڀارين. بيمار ۽ گهر جي ڀاتين کي دلداريون ڏيندا، ۽ ان جو گهرو ڪم بہ پاڻ ڪندا.

اڀري پاڙيسريءَ کي آئي ويل مدد ڪن: اَن داڻو يا پئسو پنجڙ. ”جهڙو حال حبيبن تهڙو پيش پرين.“ ونڊي ورڇي کائين. پاڙي ۾ لڄ وارو ماڻهو بري اک ڪانہ رکي، ٻئي جي نياڻي پنهنجي سمان سمجهن. هڪ ٻئي جي گهر ٻارين ٻچين اويل سويل اچڻ ۾ ڪو اهم ڪونہ سمجهن. سڀڪو ڄايو ويايو آهي. ٻئي جي لڄ رکبي تہ پنهنجي ڌڻي لڄ رکندو. پاڙي جي

ڪچي ڦڪي ڳالهه ٻڌڻ ۽ پنهنجي ڳهڻتائي سمجهندا، جنهنڪري هلت ئي اهڙي هلن، جيئن ڪٽي ڪنڊ هيٺ ڪرٽو نه پوي. پاڙي جي ننگ پڻيان سر به سهسائين، اهڙا ڪئين مثال آهن.

انصاف: شهرن ۽ توڙي ڳوٺن ۽ جي ڪنهن جو ڪنهن ڏي ڀاءُ پاڻي هوندو، يا ڏاڏو اپري جو حق غصب ڪري ويو هوندو ۽ سنوت نه ڏيندو، ته شهرين وانگر سڌو ڪورٽ ۽ وڃڻ بدران فيصلو واڇوٽي طرح ڇڻن ڇگن وٽ ڪٽي ويندا، جتي نڪو چل نڪو ول، نڪو آڏي پڇا ۽ نڪو شاهدن جو هروپرو ضرور، نڪو وڪيلاٽيون حجتون، نڪو ڪوڊ ۽ قلمن جا ور وڪڙ ۽ نڪا انصاف ۽ اينگهه. مدعي ۽ مدعاعليه اڇي وهندا، جي ساڪائتي ڳالهه ڪندا. ايئن اهڙا بي ريائه جو پنهنجن تان به سئين سڌي ڳالهه ۽ ڪين ٽرن، سو ڳالهه ٻڌي سچ ڪوڙ سمجهي ويندا ۽ هڪدم فيصلو ڏيندا، جو اهڙو بي ريائيءَ سان هوندو جو پنهي ڌرين کي قبول ڪرٽو پوندو. اتي ڪنهن جو چوڻ چاءُ ڪونه هلي، جنهنڪري ڪنهن جي به پاسخاطري ڪانه ٿئي، جو ته واڇن ۽ هرڪو ماٺهو سيڪنهن کي ساريو پيو آهي. اهڙي هنڌ لڄ واورو ماٺهو ڪوڙ ڪونه ڳالهائيندو، پر جي چگن کي شڪ پيو ته فلاڻو ڪوڙ ٿو ڳالهائي ته ان کان ڪونه پڇندا، پر ان واڇ جي ڪنهن اعتبار جوڳي ماٺهو کي گهرائي، ان کان ملزم بابت ساڪائتي ڳالهه پڇندا. اهو چگو ماٺهو ڏوهيءَ کان پڇا ڪرڻ بعد خاطري سمجهندو ته ساک تي وبساهه ڏيندو، نه ته نه. ساک نه ڏيڻ معني ڪاڻ انهيءَ پاسي آهي. چگن جي فيصلي جي پوٽواري هڪدم ٽئي. مجرم يا مندس برادريءَ وارا يا واڇ وارا يڪدم عيوض پري ڏيندا يا معافي وٺندا. اهڙن وقتن ٽي اکٽر ڪن ننڍن ڏوهن ۽ معافي ڏيڻ شانائتو سمجهندا آهن ۽ اهو ٽورو سندن عمر پر رهندو آهي. معافي به پاڻ ڪونه ڏين، پر

فريادي ڏئي.

جيڪڏهين ڪنهن جي ڪا شيءَ چورائجي ويئي ته معتبرن جي معرفت موٽي ملي ويندي. اهڙين حالتن ۾ اوگهڙ هروڀرو ڪانه ڪن. ڇگن جي فيصلي ۾ پيل ڏنڊ جڏهين جوابدار قبول ڪندو آهي، ان بعد جڏ چوٽ به گهٽي ٿئي. هڪ ڀئي جو محابسو رکن. ڪن حالتن ۾ ته صفا گندي چنڊي به اٽڪن. جيڪڏهين ڪو اهڙو گناهه هوندو جنهن ۾ سرسيرو ڏنڊ پيل هوندو ۽ سندس لاءِ پورائو ڪرڻ محال هوندو ته راج يا نيات جو گهر گهر پني به پورائو ڪندو. اهڙن وقتن تي اهي به ڪيس خوشيءَ سان ڏيندا. بعضي پورائي ڪان پوءِ بچت به ڏيو پوي، پر اهڙي مدد سڄ پڄ گهر جائو ۽ اتفاقي ٽيل ڏوهن لاءِ ڪن، ۽ چاڻي ٻجهي ڪيل گناهه جي حالت ۾ ڪونه ڪن. وس پڄندي نيات ڪونه پٽن ڇو ته نيات پٽڻ ڪو سولو نه آهي، پر لاچار کي آچار ڪونهي. جيڪڏهين ڪنهن غريب يا بعضي سمجهو ۽ سياڻي ڪان به ڪو هٿاڪفير ٿي ٻيو ته چار چگا يا نياڻيون سيڙ وٽي معافي لاءِ ويندو. نياڻين جو سيڙ ڪونه موٽائين. تڏي آئي تنگ ڪونه ٿين. اهڙين حالتن ۾ لاچار انهن کي مان ڏيئي موٽائين. جي ڪي به ڏريون يا برادريون يا پائر ڪن گهرو سبن يا نيات وغيره جي ڳالهين ڪري پاڻ ۾ نه ٺهيل هوندا ته هڪ ٻئي وٽ شادي غمي ڪونه ويندا. اهڙين حالتن ۾ به راج جا چگا ماڻهو ويهي پنهنجون ڳالهيون پڌي، هڪ ٻئي ڏي جي ڪنهن جو حساب هوندو ته اهو ڏياري يا معاف ڪرائي پاڻ ۾ پرچائي چڏيندا. ۽ ان وقت اهي پاڻ ۾ پاڪر پائي ملندا ۽ اڪثر آفيم جو ذرو ذرو ڪٽي هڪ ٻئي کي وات ۾ وجهندا، اهو سرچڻ لاءِ سٺو سوڻ سمجهندا آهن. ان بعد وري هڪ ٻئي جي لاءِ دل ۾ ڪينو ڪونه رکن. پهرازين ۾ هندو مسلمان گڏ ويٺا آهن،

فيصلي وقت ۾ گڏجي فيصلو ڪن. هندو مسلم جو ويچو وٽن ڪونهي. سيڪنهن پهراڙيءَ ۾ دڪان ضرور هوندو، جي اڳي سڀ واڻين جا هٿ، پر هاڻي گهڻن هندن مسلمانن پنهنجا دڪان ڪوليا آهن. واپار گهٽو هلي اوڏو تي، پني لڳي ليکو لاهين. ڪنهن جي پائي ۾ ميري ڪونه ٿئي. ڪنهن ڏيڻ ۾ آنا ڪاني ڪئي ته چڱا مڙس ڪيس شرمائي حساب وٺرائي ڏيندا.

اتحاد: ٿر ۾ هندو مسلمان شهرن توڙي پهراڙين ۾ گڏ رهن. ڪٽي ڏسو ته گهٽو واڌ هندن جو ته ۾ چار گهر مسلمانن جا، ڪٽي وري گهٽو واڌ مسلمانن جو ته فقط ۾ چار گهر هندن جا. پر منجهن ساز سلوڪت، ايڪو ۽ الفت اهڙي ائٽن، جو شهري ۽ ڏاويا ڏسن ته ڏنڊ چپن سان لڳي وڃن. تفاق جو نانءُ ۾ ڪونهي. هندڪي ۽ مسلمانڪيءَ جي نبوءِ ۾ ڪانهي. هندو مسلم اتحاد جو مثال جي ڪنهن ڪي ڏسڻو هجي ته ٿر ۾ اچي ڏسي. اڄي نڪي اخبارون، نڪو ڪوڙو غليظ ۽ نفرت ڦهلائيندڙ پرچار، نڪي هاڃيڪار ۽ وڌاءُ وڌائيندڙ اڳوان، نڪي مهاڀائي، سنگهي، آريه سماجي يا خلافتي، نڪو ويڙهين جون جوش ڏيارينڊڙ خبرون، نڪو اخبار وارن جا وڌاءُ ڪندڙ هوڪا.

نفاق جو بچ ئي ڪي متعصب اخبارون آهن، جن جو ٿر جي وڏن شهرن ڪان سواءِ ڪٽي نالو ۾ ڪونهي. سيڪو پنهنجيءَ ۾ پورو، پائرن جيان رهن، گڏ اٺن وهن، شادي غمي پائرن جيان هڪ ٻئي جي گهر اچن وڃن، ڪائين پيئن، ۽ ڪم ڪار ۾ مدد ڪن. واڄ ۾ ڪم ڪار، ميڙ مجلس، رهاڻ رس، چڱي ڪي يا اپرو سپرو فيصلو ئي ڪرڻو هجي ته هندو مسلمان گڏجي ڪن. سينهي ڪي سڏي، گڏجي وهن. جي وقتي ڪنهن ڪي ڪوٽ نه ڏنائون ته سنگت جي سيار ڪان

ڪنڌ بہ ڪٽي ڪين سگهن، جنهن لاءِ نيٺ معافي وٺي جند ڇڏائين.

پهراڙين ۾ واڻيا هزارن رپين جي اوڌر مسلمانن کي اعتبار تي ڏين. شادي غمي هزارين رپيا ڪڍيو ڏين، جي وري ٻٽ محبت سان واپس ملن. جي اتفاقاً پاڻ قرضدار سري ويو تہ سندس اولاد پائي پائي جو حساب پوري ڏيندو. ڪنهن مسلمان وٽ مهمان آيو تہ هندو ۽ جي هندو وٽ آيو تہ مسلمان، ڪچهريءَ تي ضرور اچن ۽ گڏجي وهن. وهانءَ وڏاڻي هڪ ٻئي جي گهر ٻارين ٻچين اچن وڃن. پنهنجي توڙي پرائي نياڻيءَ جو قدر هڪ جهڙو ڪن. اوکي سوکي ائين ڪونہ ڏسن تہ هي هندو آهي يا مسلمان، پر پاڙي ۽ راڄ جو خيال رکن. هڪ ٻئي کي هرڪا مدد ڪن. پاڙي جو ننگ ويو تہ ڇڻ سندن عزت ويئي. اهو عيب سمجهن. اهڙيءَ حالت ۾ هو ڇڻن ڇگن ۾ ڪنڌ ڪٽي نہ سگهن. چاڪي بي چاڪي هڪ ٻئي وٽ اچن وڃن. سندن همدردي ۽ قرب ڏسي حيرت وٺيو وڃي. دشمن بہ سندن گهر لنگهي آيو تہ هٿن جي ڇانو ڪندا. ان مهل اڳيون ڳالهيون ڪونہ ويچارين. هندو مسلمان پاڻ ۾ پيار ۽ محبت مان رهيا ويٺا آهن. ڪيترا جهونا پريا مڙس تعصب متعلق ٻاهريون ڳالهيون ٻڌي عجب ۾ پوندا آهن، بعضي تہ اعتبار ئي ڪونہ ڪندا آهن.

أدب ۽ حيا: تر ۾ جيتوڻيڪ علم گهٽ ڪونهي، تہ بہ ننڍي وڏائيءَ جو ادب ۽ حيا هڪ ٻئي لاءِ محبت ۽ حب، هندو مسلمانن جو پاڻ ۾ پيار ۽ قرب، نياڻين لاءِ آدو ۽ عزت جيڪا آهي، سا پڙهيل ۽ جيڪي پاڻ کي سڌريل سمجهن ٿا، تن کان مرس آهي. راڄ جي پرئي مڙس جو سڀ ننڍا وڏا، هندو مسلم، ادب ۽ حياءَ ڪن ۽ سندس ڇڻي کي عزت ڏين. جي ڪنهن کي چار اڇا آهن، پوءِ اهو هندو هجي يا مسلمان،

سڀئي ننڍا سندس حياءَ ڪندا. وڏن جي وٽي ننڍا کيڇل مستي ڪونہ ڪن، فضيلت سان ورتاءَ ڪندا. مٿاهين يا عزت واري جاءِ وڏن کي ڏيندا. راڄ يا نيات جي ڪمن ڪارين ۾ ننڍا، وچ ۾ دخل ڪونہ ڏيندا. واڳ جي پاڻ کيل فيصلي يا ڳالهہ جي هرڪو عزت ڪندو. گهرن ۾ يا ٻاهر ننڍا وڏن جي ويٺي ڪابہ اهڙي ووش ڪونہ وٺن، جا سندن گهٽتائيءَ جو باعث ٿنجي. عورتون وڏن جي ويٺي اوچي ڳالهہ ڪڙڪي سان ڪونہ ڳالهائين ۽ پرسان يا اڳيان لنگهڻو هوندو تہ جُتي پائي ڪونہ لنگهندیون. جيتوڻيڪ پردي جو رواج ڪونهي، تہ بہ منهن ڍڪي گونگهٽ سان هلنديون. ڪوهہ يا وڻاڻ، جتي عام طرح عورتون پاڻي پرڻ يا مال ڏهڻ لاءِ ايندیون آهن، يا گهرن جي پر ۾ گهٽين سان وهت ڪي چڙهي لنگهڻ يا مٿي اگهاڙو لنگهڻ عيب سمجهبو آهي. جيڪڏهين ڪو ٽرڙائي ڪري، مغروري يا بي حياييءَ وچان ائين ڪري، تہ بعضي اهڙين بدهلتن ڪان جهيڙي تائين نوبت پهچندي آهي.

مهمان نوازي: ٿر جا ماڻهو ويچارا غريب ۽ سادا، جيترو شهرن ڪان پري اوترو برايـن ڪان بچيل، سادو گذر، سادي رهڻي ڪهڻي، سادا خيال ۽ سادي سمجهہ: سادگي، غريبي، نئڙت، ادب، فضيلت انسانيت ۽ حياءَ جو بنياد آهي. هوڏانهن شاهوڪاري، اجابو ڏيڪ ۽ ادسبر، زبان درازي، تڪبر جو بج ڇڻي. انهين ڳالهين ڪان ٿر بچيل.

آئي جي آدر، بيمار جي ٽهل ۽ هيٺي سان همراهي ڪرڻ ٿرين جو شيوو آهي. پاڻ سيرن ۽ هوند وارن ڪان، اپرن ۽ غريبن ۾ ايمان وڌيڪ ڏسبو. جيئن غريبي وڌيڪ، تيئن ايمان جي سلامتي وڌيڪ. ائين اڪثر ٿر ۾ آهي. اسين جيتوڻيڪ ڪي ٿي پئون، پر جيڪڏهين قدرت جي ڪتاب ۾ اهو پڙهبو تہ غريبي گذو بہ هڪ عجيب نعمت آهي: جتي ڪو

ڦند نہ فريب، نڪو غرور نہ آڪڙ، نہ لچائي نہ لالچ، نہ ٺڳي نہ دولاب، نہ آپو نہ ايڻ، نہ غرور نہ تڪبر، پر اتي آهي نماڻائي ۽ نهٺائي، سادگي ۽ سچائي، پيار ۽ محبت. ٿريا چوندا آهن تہ ”تڪبر ڪنڌ ڀر“، يعني تڪبر ڪيرائيندڙ آهي، اها ڳالهہ سندن سورهن آنا سچ آهي. چوندا آهن تہ ”جتي باهہ ٻري اها جاءِ جلي“: ڏکين بکين کي ئي پانڌيئڙن جو خيال ۽ انهن جي تڪليفن جو احساس ٿئي ٿو. جي سدائين سکن ۾ پليا، وڌيا ۽ ويجهيا، تن کي ڪهڙي ڪل تہ غريبن جو گذر ڪيئن ٿو ٿئي. هو پنهنجيءَ ۾ پورا. شوق، شڪار ۽ عيش عشرت وچان وقت ئي ڪونہ ٿو بچين، جو ٻئي پاسي فقط خيال ئي ڪن.

مسافريءَ ۾ مهمان ٿجي تہ ڪنهن غريب وٽ. غريب جي گهر مهمان آيو تہ هو پاڻ کي ڀاڳ وارو سمجهندو. جهڙو هوندو گهر جو حال، ان آهو پوئتي ڪونہ پوندو. جي ٻوڙ پلاءُ نہ هوندو تہ پاڙي واري کان داڻن جي لَپ اڌاري وٺي اچي ماني پچائي کارائيندا، پر نڪ ۾ سَر ڪونہ وجهندا. هڪ شاعر چيو آهي تہ:

بي صحبتي ماني ۽ پلاهہ تي نہ مرجي،
محبت واري رٻ ڀلي، رات اتي رهجي.

جيڪي ڄار پهر رهيو، سو مان عزت سان رهندو. ٿر ۾ گهڻو ڪري سڀني ٻهراڙين ۾ هندو مسلمانن جا پنهنجا اوتارا آهن. ٻين وٽ بہ مهمانن لاءِ جدا جاءِ ٺهيل هوندي آهي. آڌيءَ مانجهيءَ، اويل سويل، ڪونہ ڪو هندو خواهہ مسلمان مزمان لنگهي آيو تہ سندس شان آهر سڀڪا خدمت ڪن. ٿري هندو، جن مان ڪي ٻئي جي هٿ جي ماني ڪونہ کائين، تن کي ڪچو سيڌو ۽ باسڻ برتڻ جو بندوبست ڪري ڏين تہ ڀل پاڻ پچائي کائي، يا ڳوٺ ۾ جي ڪو سندس نيات وارو هندو هوندو تہ اتان

ماني تيار ڪرائي ڏيندا. جي وٽس وهٽ هوندو ته گاهه، پاڻي، داڻو، بنا چئي پاڻيهي موجود ڪري ڏيندا. رات جو رهاڻ تي سڀيئي اچي وهندا. اوڀاريون لهواريون خبرون چارون ڏيندا ۽ وٺندا: سندس پاسي جو حال احوال اهڙيءَ طرح پڇندا، جو ڄڻ ته ويجهو عزيز آهي. سيارو هوندو ته وچ ۾ باهه جو مچ ٻاريندا، پوءِ چوڌاري مڙي وهندا. حقو ڀري وچ ۾ رکندا، جو سندن ڪچهريءَ جو مرڪ آهي، پوءِ واري تي ويندا ڇڪيندا. ڪچهريءَ جا ڪوڏيا، هوئن به پاڻ ۾ گڏجي وهن، پر جي مهمان آيو ته ڄڻ "گيهه ۾ ٽڪر ٻڏو". ڦانگ ڏيئي ويٺا ته مچ اڀاري آڻندا. اوجاڳي جا پڪا ۽ وهيڪ جا ڏاڍا. وڃڻ وقت به ٻه پير ڀري مهمان کان موڪلائي، وهٽ تي چاڙهي، واٽ يا گس جو ڏَسُ ڏيئي پوءِ موٽندا. سندن غريبي حال هوندي به ايمان بابت هڪ مثال ڏجي ٿو.

مٺي تعلقي جي ڳوٺ ڀوڄاسر ۾ جاني نالي ذات جو لنجو مسلمان رهندو هو. هو جيتوڻيڪ غريب هو ته به مهمان نوازي ڪري مشهور هو. اڄ تائين ٿر ۾ ڪنهن کي بخار اچي ۽ نه ڇڏي، ته چوندا آهن ته "آڌي رات هجي، مٿان برسات پيئي پوي، ڪو گهوڙي سوار جانيءَ وٽ مهمان اچي لهي، گهر ۾ داڻو نه هجي، اهڙيءَ حالت ۾ جي جانيءَ جي ايمان کي لوڏو نه اچي، ته بخار ڇڏي وڃي!" ـ انهيءَ سئوڻ ڪرڻ سان بخار به ڇڏي ويندو آهي!

مرد ماڻهو جي اتفاقاً گهر ۾ نه هوندو ته زال به مزمان جي آدر ڪرڻ ۾ پوئتي نه پوندي. اهڙيءَ حالت ۾ هوءَ پنهنجي مڙس جي عزت کي ٽڪو ڪونه لائيندي، ڇو ته متان ماڻهو چون ته فلاڻي جي گهران مزمان بکيو موٽي ويو.

تر جو شڪار

تر ۾ هرڻن، سهن، تلورن ۽ تترن جو شڪار ڪيو آهي. ڪيترائي سنڌ جا زميندار سال ۾ سال هزارين روپيا خرچ ڪري تر ۾ شڪار تي ايندا آهن. تر ۾ ۾ ڪيترن ماڻهن وٽ بندوق جا ليسن آهن. گهڻن وٽ جان جي بچاءَ جا ليسن آهن، ڪن وٽ شوٽنگ ليسن ۾ آهن، پر شڪار سيپائي پيا ڪن.

جيتوڻيڪ گورنمينٽ پاران شڪار تي مقرر وقتن کان سواءِ ۽ سادي هرڻ جي ماروڻ يا سهن، تترن وغيره جي شڪار تي بندشون آهن، مگر ان قاعدي جي پيروي ڪونہ ٿي ٿئي، جنهنڪري هرڻن جو تعداد تر ۾ صفا گهٽجي ويو آهي. سرڪار کي گهٽ ۾ گهٽ ۱۰ سالن لاءِ تر ۾ شڪار تي مڪمل بندش وجهڻ گهرجي، جيئن هرڻن، سهن، تلورن ۽ تترن جو بُڻ صفا نابود نہ ٿي وڃي.

هرڻ جو شڪار: هرڻن جي شڪار لاءِ جولاءِ ۽ آگسٽ جو مهنو سڻو آهي، ڇو جو انهيءَ وقت اڇا گاهہ ننڍو هوندو آهي ۽ هرڻ به چرڻ لاءِ ٻاهر نڪرندا آهن. ان وقت سرڪاري طرح بندش آهي. هرڻ جي شڪار لاءِ چستي ۽ چالاڪي ڪپي، ڇو تہ هرڻ جي نظر تيز آهي، جنهنڪري ماڻهوءَ کي پري کان ئي تاڙي وٺندو آهي، ۽ پڄي ويندو آهي. تنهنڪري شڪاري پنهنجي پوشاڪ هلڪي خاڪي رنگ جي ڪندا آهن، جيئن هرڻ يڪدم سمهي نہ ڪري. ٻڪ گهڻي ڪندا آهن: پٽ تي چڙهي، وڻ منهن ۾ ڏيئي، چوڌاري جاچ ڪبي آهي. هيٺ ڏهر يا تلي وغيره ۾ ڪو هرڻ هوندو آهي تہ پوءِ وٽن پٺيان لڪي نيٺ وڃي شڪاري ويجهو پوندو آهي. پوءِ نشان ڪري بندوق شوٽ ڪندو آهي. هرڻ

اهڙو ته سورهيه آهي، جو جيڪڏهين پورو ڌڪ نه لڳو ته ڪونه ڪرندو. سسي، ڪنڌ يا پيٽ ۾ گولي يا ڇيرا نه لڳا، ٿورا پاسيرا يا ٽنگ ڀڄڻ جي حالت ۾ ڀڄي ويندو. ڪن حالتن ۾ اوجهري ڦاٽڻ بعد به اوجهه ڪيرائيندو ڀڄندو ويندو آهي، ان لاءِ يا ته ڌڪ هڻبو آهي يا ڊوڙائي ٿڪائي جهلبو آهي. شڪاري پير کڻڻ جا هوشيار ٿيندا آهن. پيرو کڻي ڳولي لهندا آهن. تازي ’ڦَٽ‘ ڀڄي ويندو، پر ڪجهه وقت بعد ڦٽ ٺرڻ تي ويهي رهندو آهي. رائفل يا بندوق، جنهن جي مار پري آهي، ان سان ڪٿي به دوري پنڌ تي هرڻ کي نشان ڪري سگهجي ٿو، پر نڙي سان لڪ ڪري ويجهو وڃي نشان ڪبو آهي. ٿر ۾ رائيفل ڪونهي، نڙا آهن. انڪري توبچي هيٺيون طريقو اختيار ڪندا آهن:

پاڻ سان هڪ آٺ وٺي ويندا آهن جو اهڙي ڪم تي هريل هوندو آهي. آٺ ۾ ٿورو مهار ٽڪر وجهي، ان ۾ ڊگهي ڪاٺي ٻڌي، هڪ ڇڻو جهليندو ۽ پاڻ اڳئين ٽنگ جي اوٽ ۾ ۽ توبچي بندوق سميت پوئين ٽنگ جي اوٽ ۾ لڪي، آهستي آهستي آٺ کي ڪاٺي جي اشاري تي چوريندا ويندا. آٺ به چرندو ويجهو پيو ويندو. هرڻ سمجهندو ته فقط آٺ آهي جنهنڪري نڪي ڀڄندو، نڪي ٽاهه کائيندو. اهڙي طرحءَ جڏهين هرڻ کي ويجهو آٺ پهچندو، تڏهين شڪاري وجهه وٺي آتان ئي يا ڪنهن وڻ جي اوٽ وٺي نشان ڪندو. هن کن ”گرگ“ چوندا آهن. ڪي وري هيئن ڪندا آهن، جو پراڻو سڻ کڻي (جي جهنگ ۾ گهڻيئي پيا آهن) بندوق جي منهن ۾ اٽڪائي، پاڻ انهيءَ آڏو لڪي ريڙهيون پائيندو هرڻ کي ويجهو وڃي نشان ڪندو آهي. اهو نمونو تڪليف وارو آهي. ڪٿي ڪٿي هرڻن جا ولر ٿيندا آهن، اتي ته هڪ ڌڪ سان بعضي ٻه ٻه هرڻ به ڪري پوندا آهن.

سهي جو شڪار: ٿر ۾ سها ايترا ڳهٽا ڪونه آهن، تنهنڪري هن جو شڪار ورلي ٿيندو آهي. سهي جي شڪار لاءِ گهڻيءِ نمونا آهن. جيئن ته: (١) بندوق سان شڪار ڪيو آهي، (٢) شڪاري ڪتن جهنگ سان سهو وچي ڪيڏدا آهن ۽ پٺيان شڪاري ڪتا ڇڏيندا آهن، جي هن کي جهلي وٺندا آهن. سهي ۾ هڪ خاصيت آهي، جو ڏوڙ پائي گچ پنڊ بهي وري ڏسندو آهي ته شڪاري اچن ٿا يا نه؟ تيسين شڪاري به وڃيو پڃنس. (٣) اونهاري جو ڏهين ١١ بجي کان ٥ بجي تائين، واري سج جي تپت ڪري تمام گرم هوندي آهي ۽ سخت لُڪ لڳندي آهي، تڏهين شڪاري سهي کي ڏوڙائي ٽڪائي جهليندا آهن. ان وقت سهو به يا لاچار ٿي ڏوڙون سس پائي سگهندو آهي، جو ته پير سڙندا آهن ۽ سخت آس ۽ لُڪ جي ڪري ٽڪجي پوندو آهي. پيل ۽ ڪولهي، ڪُهاڙي، گهوپائي ۽ ڪاتر جي ڏڪ سان به شڪار ڪندا آهن. هن لاءِ استعمال جو ضرور آهي. ڪپڙ جي ڪجهه وريل ڪاڻي ويي ان کي چپڙي گهڙي ڪاتر، ٺاهيندا آهن. ان جو ڏڪ ڏاڍو زبردست ٿيندو آهي. سهي لاءِ پورو هڪ ڏڪ ئي ڪافي آهي.

ٽلور جو شڪار: هي پکي ٿر ۾ ڇڏو ٿيندو آهي. وڏي نر ڪڙ جيڏو آهي. پري کان بندوق سان شڪار ڪبو آهي. ويجهي وڃڻ سان يا ته اڏامي ويندو يا اهڙيءَ طرح ڪنهن ٻوٽي ۾ چپ هٽي وهندو، جو ڏسڻ ۾ ئي ڪونه ايندو. هن جو گوشت لذيذ ٿيندو آهي.

تتر جو شڪار: تتر ٿر ۾ جام آهن. بندوق سان شڪار ڪبو آهي، پر ڪارتوسن ۾ سنها چيرا پکين وارا هوندا آهن. ٿر ۾ ڪولهي ۽ پيل تترن جي شڪار جا شوقين آهن. اهي تتر پاڻ وٽ پاليندا آهن، جو پڇري ۾ وڃي رکندا آهن،

پوءِ هن کي اشاري (سينڊ) تي ٻولڻ سينکاريندا آهن. ٻولي سکڻ بعد مالڪ جي سينڊ ڪرڻ تي يڪدم ٻولي ڪندو آهي. تترن ڦاسائڻ لاءِ بانس جي ڪاٺيءَ جو دام ٺاهيندا آهن، وچ ۾ گهوڙي جي پڇ جي وارن سان سرڪڻيون رکندا آهن، جن ۾ ڳچي وجهڻ سان ٻکي ڦاسي پوي.

پاليل تتر جهنگ ۾ وٺي وڃي وڻن جي اوٽ ۾ پڃرو رکي، چوڌاري گهٽين ۾ دام رکي پاڻ ٿورو پري وڃي لڪي سينڊ ڪندا آهن ته پاليل تتر ٻولي ڪندو آهي، جنهن تي جهنگلي تتر اچي مڙندا آهن ۽ ان تتر وٽ اچڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. چوڌاري لنگهه بند هئڻ ڪري دام جي گهٽين مان لنگهندا آهن، جن ۾ سسي وجهڻ سان سرڪڻ ۾ ڦاسي پوندا آهن، جي شڪاري جهلي وٺندو آهي. اونهاري جو آس ۾ اڏائي ٿڪائي جهلي وٺندا آهن. ٻه ٽي اڏامون ڏيڻ سان ٿڪجي پوندو آهي.

لوڪڙ جو شڪار: لوڪڙ حرام جانور آهي، پر ڀيل ۽ ڪولهي شڪار ڪري کائيندا آهن. اهي ڪهاڙيءَ، گهوٻاٽي يا ڪاتر جي ڌڪ سان شڪار ڪندا آهن. لوڪڙ گوهيون ڏيندڙ آهي، تنهنڪڙي ڊوڙ پائي ڌڪ هئڻ لاءِ به اٽڪل کپي. سڀڪو کيس پڪڙي نه سگهندو. شڪاري ڪتن جي وسيلي به جهلبو آهي. ڪي شڪاري ڇا ڪندا آهن، جو لوڪڙ جي لنگهه تي هڪ قسم جي ڦاسي (جنهن کي ڪُڙي چوندا آهن) رکي ڇڏيندا آهن. جڏهين لوڪڙ اتان لنگهندو آهي، تڏهين سندس پير ان ۾ ڦاسي پوندو آهي.

ازانسواءِ ڀيل ۽ ڪولهي، ڳوهه ۽ سانڊو به شڪار ڪري کائيندا آهن، جي به حرام آهن.

نوٽ: ٿر ۾ هرڻ ۽ سها ڇڏا ٿيندا وڃن. گورنمينٽ جيڪڏهين ترت مڪمل بندش نه وڌي يا جاري ڪيل قاعدن

تي سختيءَ سان عمل نہ ڪيو تہ ڪو وقت ايندو، جو انهن جو بڻ ئي ٿر مان ناس ٿي ويندو.

مال جي سڃاڻپ لاءِ نشان

مال ڪڏهين ولي نہ وڃي يا چورائجي نہ وڃي، پر جي گم ٿئي يا ڪو ڪاهي وڃي تہ سولائيءَ سان سڃاڻپ ۾ اچي ۽ ڳولڻ ۾ سولائي ٿئي، ان لاءِ ڇا ڪن جو سڀني کي پنهنجا داغ (لوهہ جا نشان، جي باهہ ۾ تپائي مال تي هڻن) مقرر ٿيل آهن، جو سڀڪو تپائي پنهنجي مال تي هڻي ڇڏيندو آهي. پنجن ستن ڏينهن کان پوءِ مٿان سڙيل کل لهي ويندي آهي، ۽ داغ پڪو ٿي پوندو آهي، جو عمر ڀر قائم رهندو آهي. پوءِ انهيءَ داغ جي آڌر تي مال ڳولڻ ۾ سهوليت ٿيندي آهي، ۽ يڪدم ڪٿي نہ ڪٿي ڏس پتو ٿي پوندو آهي ۽ مال لڀي پوندو آهي. گهڻو ڪري سڀني قومن ۽ ذات وارن کي پنهنجو پنهنجو داغ * آهي ـ جيئن تہ

١ـ هميراڻو داغ: هن جا چار قسم آهن، جهڙوڪ (الف) ٽن ڦنگڙين وارو، (ب) چئن ڦنگڙين وارو، (ج) پنجن ڦنگڙين وارو، ۽ (د). ٻٽو هميراڻو. هي سوڍا راجپوتن جو داغ آهي، جو پنهنجي مال کي هڻندا آهن.

٢ـ ڪُنر: هي گول داغ آهي. هن جا ٻہ قسم آهن: هڪ ننڍو ڪنر ۽ ٻيو وڏو ڪينر. هي جهنجهئير جي ٺڪرن جو داغ آهي.

---

* ١ (الف) ؛ (ب) ؛ (ج) ؛ (د) .

٢. ؛ ٣. ؛ ٤. ؛ ٥. ؛ ٦. ؛ ٧. ؛ ٨. ؛ ٩. ؛

١٠. ؛ ١١. ؛ ١٢. ؛ ١٣. ؛ ١٤. ؛ ١٥. ؛ ١٦.

۳ـ آنيرڻ داغ: هي گيهلڙا ٽڪرن جو داغ آهي.
۴ـ ڪٽاري داغ: هي برهمڻن جو داغ آهي.
۵ـ منچي داغ: ڪٽ وانگر. هي ڪيلهن ٽڪرن جو داغ آهي.
۶ـ ترشول داغ: هي ورن ۽ جاڳا ٽڪرن جو داغ آهي.
۷ـ گيڏيو داغ: وريل لڪن وانگر. هي سيلوت ٽڪرن جو داغ آهي.
۸ـ ارل داغ: هي ڏوهٽ ٽڪرن جو داغ آهي.
۹ـ پرڙونيو داغ: بلا وانگر وڪڙن وارو. هيءُ ڪاوڙ يا ٽڪرن جو داغ آهي.
۱۰ـ پانچاري داغ: هي مالهين جو داغ آهي.
۱۱ـ وائڪو داغ: هي پاڻي واڇوتن جو داغ آهي.
۱۲ـ وندڪو داغ: آبتي اِي. هي وند بلوچن جو داغ آهي.
۱۳ـ ڪنو داغ: هي سيد، جوٽيجا ۽ نهڙي مسلمانن جو داغ آهي.
۱۴ـ ڪرو داغ: هي داغ ڪي مسلمان پنهنجي مال کي هٽندا آهن.
۱۵ـ ڪنو ڪڙي وارو داغ: هي درس مسلمانن جو داغ آهي.
۱۶ـ ڪٽنچي داغ: هي داغ به ڪيترا ڏيندا آهن.

ازان سواءِ پيا ڪيترن قسمن جا داغ آهن، جي هرڪو پنهنجي مال کي هٽندو آهي. مالداو ماڻهن کي مٽين سيني داغن جي چاڻ هوندي آهي، جنهنڪري هو پري کان ئي وولو يا چوريءَ جو مال کو ڪاهي ٻيو ويندو، تہ سڃاڻي وٺندا آهن. گهائي ۽ اوڻي مال کي داغ هٽن، پر ويڙن ۽ ڪرين کي داغ ڪونہ هٽن. انهن تي نشان ڪنن جي وسيلي ڪن. جيئن تہ ڪنن ۾ جهيرون وڇهن، ٽوريون ٽيسيون (چهنبون) ويڙين، ٻئي ڪن

پُڌا ڪن وغيره. انهيءَ مال تي وري مٽئين حساب ۽ رنگن آهر نالا رکن ـ جيئن ته بکريءَ جا ڪن ڏکها هوندا ته چون لپڙي، جي ڏکها ۽ ٿورا وريل ته گيڏيا ڪني، جي ننڍيا ڪن ته ٻُسي يا ٻُسڪي، جي ڪڙا ڪن ته هرڻي، وڏيل ڪن ته ٻُڪي وغيره. رنگن موجب چانئوري، ڪاري، اڇي، پٽوري وغيره نالا رکن. جنهن تي مال جا ڏُس پتا به ڏين ۽ وڃائڻ جي حالت ۾ گهولي به هڻ ڪن.

ٿر جا مالدار مال جو پيرو سڃاڻندا آهن. آٽ جو پير ڏسڻ سان ئي، آٽ جو رنگ، ڪٽي جو چاول آهي، وغيره به ٻڌائي سگهندا آهن. واريءَ ٿي مال جو پير ظاهر هوندو آهي. اونهاري جو هوا جي لڳڻ ڪري ڏهي ويندو آهي، تنهنڪري اونهاري جو مال گهولڻ لاءِ پٽن جي اوٽ يا اهڙن هنڌن تي، جتي هوا گهٽ هوندي آهي، اتي اوهاڙ ڏيڻ سان يڪدم پتو لڳائي سگهندا آهن ته مال هتان ويو آهي يا نه؟ سياري جو هوا گهٽ هڻڻ ڪري مهنو ڏيڏ به پير ڪوته وڃي، نشان ظاهر بيٺو هوندو آهي. برساتي موسم (وسڪاري) ۾ گاهه جي ڪري پير ظاهر ڪونه ڏسجي، پر مال جي لنگهه ڪري گاهه مان گس ٿهيو پوي، جنهن مان سهي ڪندا آهن ته مال ڪهڙي پاسي ويو آهي. رات جو مال آئي نه وڃي يا جهنگ ۾ هجي ته سهوليت سان هٿ اچڻ لاءِ گهنڊڻي ٻڌي ڇڏيندا آهن، جا پري ڪائين ٻيئي ٻڌڻ ۾ ايندي آهي.

ميلا

ٿر ۾ ڪوبه وڏو ميلو ڪونه ٿو لڳي. ننڍا ننڍا ميلا لڳندا آهن، جتي واپار هلي. ماٺهو پري پري کان اچي گڏ جن ۽ ڇهريون ڏين. ٿر جا هيٺيان ميلا مشهور آهن:

راضي شاه: هي ميلو مٺي تعلقي ۾ نئين ڪوٽ اسٽيشن جي ڀرسان ٨ ذوالحج يعني عيدالضحيٰ تي سال ۾ سال لڳندو آهي. هي سڀني کان وڏو ميلو آهي، جنهن تي هر ڪنهن قسم جو چڱو واپار هلي ٿو.

شيو جو ميلو: هي ميلو عمرڪوٽ ۽ ننگرپارڪر ۾ ڪارونجهر جبل جي ساوڌري تيرٿ تي شوراتريءَ ڏينهن لڳندو آهي.

ويڙهي جهپ: ڏيپلي تعلقي ۾ ويڙهي جهپ جي ڳوٺ وٽ سڀڪنهن سال تاريخ ٣ چيٽ پارو سنت يا پار برهم جو ميلو لڳندو آهي، جو ڏهه ڏينهن هلندو آهي.

رامگر جو ميلو: ڇاڇري کان ٣ ميل ڏکڻ ـ اڀرندي رڙليءَ ڳوٺ ڀرسان مانگهه جي چانڊوڪي ستم تي لڳندو آهي.

هرداس ڀڳت: مٺي شهر ۾ بڊي ۽ چيٽي چنڊن تي لڳندو آهي. هتي هرداس ڀڳت جو ڏيهرو ٺهيل آهي.

مالهڻ (١): ڳوٺ هريار تعلقي ڇاڇري جي ڀرسان، چيلهار کان ٦ ميل ڏکڻ طرف مٺي ڏي ويندڙ شاهي رستي تي مانگهه سهائي چوڏس تي ميلو لڳندو آهي.

چندو پير: ڳوٺ ڪانٽيه کان ٢ ميل ڏکڻ اڀرندي

---

(١) "مالهڻ" راجپوتن جي هڪ ذات آهي. ان ذات مان هڪ استري سان بوندي رياست جي هڪ راجا وهان ڪيو هو. پر پوءِ هڪ پاٽ هن کي ڄاڻايو ته اوهان ٻنهي جو گوتر ساڳيو آهي ۽ اها ذات اٺين صدي ۾ ڇوهاڻن جي هڪ ساک هئي. جنهن ونس جو بوندي رياست جو راجا هاڏا هو. تنهن راجا هن استري جو تياڳ ڪيو ۽ ان پاپ جي عيوض راجا پرائشچت ڪيو ۽ استري به ٻي شادي ڪانه ڪئي ۽ وڃي ستي ٿي، جنهن کي راجپوت اڄ تائين ديوي سمجهي پوڄين ٿا ـ "ناڊ راجستان" گجراتي ڀاڱو پهريون، صفحو ٦٥٧.

ڇاڇري ۽ عمرڪوٽ جي رستي تي بڊي جي چنڊ تي لڳندو آهي. هتي چندي پير جو "پاڙيئو" يعني چبوترو ٺهيل آهي.

سيد مصري شاهه: مٺي کان الهندي، نئين ڪوٽ رستي تي، گاڏي واري لڪ وٽ برساتي موسم ۾ لڳندو آهي.

جيتان جو ميلو: ڳوٺ ميهلاڻو تعلقي ڇاڇري ۾ بڊي جي چنڊ تي لڳندو آهي.

کنگهار پير: ڳوٺ جانهيري جي ڀرسان چيٽي چنڊ تي لڳندو آهي.

ڏيول ڏيوي: هي چارڻن جي ديوي آهي. ڳوٺ روهڙ تعلقي ڇاڇري ۾ دسهڙي تي ميلو لڳندو آهي.

رامڏيو پير: ڪاسبي تعلقي ننگرپارڪر ۾ بڊي جي ١١ تاريخ ميلو لڳندو آهي.

پير حسن علي شاه: هيراو ڏيٿا تعلقي ڇاڇري ۾ لڳي ٿو.

پير عالم شاه: گڏڙي کان ڏکڻ طرف ٩ ميل، عيساڻي ڳوٺ ۾ لڳندو آهي.

مڪان ڇهڙو تعلقي ڇاڇري ۾، گڏڙي کان ١٤ ميل ڏکڻ طرف ڊسمبر ڌاري سيد صلاح الدين ۽ دوس منجهت جو ميلو لڳندو آهي.

اسلام ڪوٽ ۾ چيٽن ڀڳت ۽ ڀڳت نيٽورام جا ميلا لڳندا آهن.

ٿر ۾ ٻيا به ڪيترا اهڙا هنڌ آهن، جي ڪنهن نه ڪنهن پير فقير، ڀڳت ۽ ٻين نالن سان مشهور آهن، جتي ڪن خاص ڏينهن تي، ڇيلا ۽ گهيٽا قربان ڪيا ويندا آهن. ڀت ڪندا آهن ۽ مٺايون وغيره ورهائيندا آهن.

ڪچهريون

ٿر ۾ نڪي آهن سئنيمائون، نڪي کيل تماشا، نڪو تعليمي نماءُ، نڪو ٻيون ڪي وندر لاءِ نمائشون ۽ وندرائيندڙ

پروگرام، نڪي ناٽڪ ۽ سرڪس، نڪو ريڊيو يا ٻيو. ڪو تفريح طبع جو پروگرام. سڌريل دنيا ته پنهنجي وندر لاءِ ڪئين وسيلا موجود ڪيا آهن، جن تي ڳاٽي ڀڳو خرچ به ڪن، تدهين به منجهانئن حاصل ڇا ٿو ٿئي، سو سڀڪو پاڻ اٽي کائيندڙ سمجهي ٿو. قدرت جو قاعدو آهي ته سڀڪنهن انسان لاءِ، پوءِ اهو غريب هجي يا غني، اڀرو هجي يا سڀرو، دنياوي ڌنڌن کان سواءِ دل خوش ڪرڻ لاءِ ڪانه ڪا وندر ورونهن ضرور هجي، نه ته انسان هن حياتيءَ مان ئي ڪڪ ٿيو پوي. سوين غمن جا غبار اچي ڪڙڪن، ماڻهو موڳو ۽ ملول هجي، پر جي ڪا دل وڻندڙ وندر گهڙي پل هوندي ته اوڏيءَ مهل اهي گوندر سڀ گم ٿي ويندا ۽ انساني دل خوشيءَ ۽ مسرت سبب بهار ٿيو وڃي ۽ ماڻهو وري تازو توانو ۽ نوبنو ٿيو وڃي. ويچارا ٿري، جن وٽ نڪو ايترو پئسو ۽ نڪو ٻيا ڪي وسيع وسيلا، جو مٿيون مشغوليون يا محفلون ميسر ڪري سگهن. انهن لاءِ وندر جو وسيلو آهي ٿري سگهڙن جي ڪچهري.

ماڻهو ويچارا علم کان بي بهره. لڳن تي پورو لٽو به ڪونه هوندن، ميرا ۽ گدلا، ڏسڻ سان ڪراهت پيئي ايندي، پر جڏهين ڪچهريءَ ۾ اچو ٿا ڪانڀ ڪڍي وهن ۽ منهن کولين، تڏهين اهي ٿا ڍارا ڍارين جو ڪيا بات! علم ادب جا قابل پروفيسر به اهو رنگ ڏسن ته دنگ رهجيو وڃن. خاص ڪري شاديءَ يا غميءَ وقت جڏهين گهڻا ماڻهو اچ ٿا گڏجن، يا مهمان اچڻ وقت مزيدار موج ٿيندي آهي. گهڻو وهڻ ڪري ڪڪ ٿيو پئجي يا ننڊ اچيو وڃي يا سڀني کي ساڳئي نموني وندرائي نه سگهبو، ان لاءِ ڪچهريءَ جي ڍنگ کي به ڦيرائين گهيرائين، جيئن سڀيئي وندريا ويٺا هجن. سڀڪو پنهنجي رنگ ڍنگ ۾ رتو پيو هوندو.

ٿر ۾ مڱڻهار، چارڻ ۽ گرڙا رهندا آهن. اهڙن موقعن

تي اڪثر اهي به اچيو نڪرن. پوءِ ته پَئُون ٻارهن: مگٺهار پنهنجا ساز سارنگيون ۽ سُرندا ڪڍي وڄائين ۽ راڳ ڳائين. ”ڪَڪري لِڪائڻ“ جو شغل به واهه جو موج ٿو لائي. ڇا ٿيندو آهي جو مگٺهار ڪا شئي ڪنهن دور ديس يا شهر ۾ ڪنهن مشهور مڪان ۾ لڪائيندو آهي، جا جاءِ سگهڙ ويهي ڳوليندا آهن. پوءِ مگٺهار انهي شهر يا ملڪ ڏي، جنهن رستي وڃي اتي پهچي سگهجي، اهو ڏَس پَتو ڏيڻ لاءِ سُرندي يا سارنگي تي اهڙا سُر ڪڍندو ويندو ۽ سالڪ يا ڳوليندڙ انهن سُرن جي سمجهڻ سان رستو سهي ڪندو مگٺهار کي ٻڌائيندو ويندو ته هاڻي فلاڻي هنڌ پهتا آهيون، هاڻي فلاڻو رستو ڏيئي وري فلاڻي هنڌ پهتا آهيون. انهيءَ طرح وڌندي وڌندي نيٺ انهيءَ هنڌ اچيو پهچن، جتي درحقيقت شئي لڪايل هوندي آهي. انهيءَ کي ”ڪڪري لڀڻ“ چوندا آهن. اهو سڀڪنهن جو ڪم نه آهي، پر ڪو ملوڪ مس ڳولي سگهندو.

مگٺهار فقير، دودي تي علاوالدين جي ڪاهه، هوٿل پدمڻي، راءِ لاکو، مومل-راڻو ۽ ٻيون ڪيتريون آکاڻيون کڻندا آهن. پوءِ آکاڻي چوندا ويندا ۽ ان سان گڏ وري ”ڳاهون“ ڏيندا ويندا، تان جو سج اڀريو وڃي. شاهه ميين عنايت ساوڻ فقير، راضي فقير ۽ ٻين ڪيترن شاعرن ۽ سگهڙن جا چيل بيت چاهه سان چوندا آهن.

بعضي، ٽوليون ٿي واري وٽي تي بيت بازي ڪندا آهن. ڪڏهين ته اهڙين حالتن ۾ شرطون به رکن. سسئي، هير-رانجهو، ليلان-چنيسر جا بيت به چون، پر ”ماوئيءَ“ سان مڙيوئي وڌيڪ دل اٿن. مٿيان بيت نڙ تي به چوندا آهن. گرڙا وري ڪهاڻيون ۽ دوها چوندا آهن. چارڻ فقير مارواڙي طرز تي دوها، ڇند ۽ ڪهاوتون چوڻ سان ڪمال ڪندا آهن. ڪيترا جوان وري اچيو ڳجهارتن ۾ پلٽن. هڪڙا چون، ٻيا ڀڃن-

گجهارت پيڙ ۾ به سالم سمجهه ٿي ڪپي. پهريائين اهو ڏسڻو آهي ته سر ڪهڙي مان آهي، جي سُر جي سڌ نه پئي ته پوءِ پتو نه پوندو. سُر ليڻ کان پوءِ وري بندن جو خيال ڪرڻو آهي ؛ اهي نالا گولبا، جن ۾ لڳل واز سمايل هجي. اهڙيءَ طرح ويندو نالا وڻندو ؛ ڏيندڙ خيال ڏيئي وبهي اهي ٻڌندو. جي پيڙندڙ ساڳيو نالو ورتو ته يڪدم چوندو ته بس، گجهارت پڄي. پوءِ ڏيندڙ سڄي ڪري ٻڌائيندو۔ اهڙيءَ طرح وارو وڻندا ويندا.

ڪي وري ڳاهون ؛ گوڙها به چوندا آهن، جي ٻيا سنگتي پيڙندا آهن. اهڙيءَ طرح ويچارا پاڻ وندرايو، ڪا گهڙي پل وڃيو آرام ڪن. وڏي آسر ووي مال وڙڪائڻ لاءِ اٺڻو پوي، اهڙيءَ طرح مارو پنهنجي ۾ ئي مست آهن.

بولي

ٽئر جي بوليءَ کي "ڏانڪي بولي" چئبو آهي، جا سنڌي، گجراتي، ماروڙي ۽ ڪڇي بولين جو ميلاپ آهي. منجهس ڪيترا نج سنسڪرت اکر آهن. ٽر جا هندو تورڙي مسلمان اها بولي ڳالهائيندا آهن، البت اهاڻا ۽ ڪيترا مسلمان سنڌي بولي ڳالهائيندا آهن، پر اها به نج سنڌي نه آهي. ڪيترا ٽري لفظ گاڏڙ آهن، جنهن کي گوبا "ڏانڪي سنڌي" چئجي ته به ٺهي. چوندا آهن ته "بارهين ڪوهين بولي بي". سڄي ٽر ۾ به ساڳئي قسم جي بولي نه ڳالهائبي آهي. پارکر جي بوليءَ جو لاڳاپو گجراتيءَ سان گهڻو آهي، وٽ ۽ ونگي جي بولي پنهنجي، ته ڪاڙ جي پنهنجي، ڪڇ جي جدا ته سامروڻي ۽ ڏاڻ جي علحدي.

سُهراڻي جي بولي وري مزيدار. هن جو لاڳاپو سنڌي

پولي سان سرسيرو. ڪيترا هڪڙي پاڻي جا لفظ ٻڌي پاڻي ۾ سمجهڻ مشڪل.

ٽري پولي سنڊي ماڻهو به ٿوري ڪوشش سان سمجهي سگهندا آهن. سامروني طرف "هـ" جو آچار اڻ لکو ڪن. ڪراڙ يا مهيشوري "ر" ۽ "ڙ" جا غلط اچار ڪن، جيئن ته 'ماڙي' بدران چون 'ماري'، 'هڪڙو' بدران چون 'هڪرو'، 'چوڪڙو' بدران چون 'چوڪرو'، وغيره. 'هاڻو' کي 'هوئي' چون. نون غنو يا نڪ جي اچارن وارا لفظ گهٽ ڪم آڻين: 'سنهنجو، تنهنجو' بدران 'مهجو تهجو' يا 'توهجو' وغيره چون. ٽر سان ڪ ۽ ماروارڙ دنگئي آهن، ۽ ٽر جا اڪثر هندو اصل انهن علائقن مان آيل آهن، اڄا تائين مٽيون مائٽيون اوڏانهن آهن، جنهنڪري لهه وچڙ اٿن: اهوئي سبب آهي جو قدوتي طرح پوليءَ تي به اثر آهي.

ٽر جا گيت

ٽر ۾ وهاڻ وڏاڻي تي گيت گائبا آهن. مسلمان توڙي هندو گيت ضرور گائين. گيتن کان سواءِ وهاڻ کهڙوا مسلمانن جا گيت پنهنجي نموني، برهمڻن ۽ مهيشورين جا جدا، ته سينگهواڙن ۽ ٻين قومن جا جدا. سينگهواڙن جا گيت وٽندڙ ٿيندا آهن. ٿئون ماڻهو پورا سمجهي نه سگهندو، چاڪاڻ جو عورتون گهڻو وقت لفظن جا اچار ڏڳها ڪنديون آهن. اهي گهو ڪري ماروارڙي نموني تي آهن ۽ پولي ڏانڪي ۽ گڏيل آهي.

وهاڻ وڏاڻي ۽ مجلس لاءِ جدا جدا نمونن جا گيت آهن، جن ۾ حالتن موافق خيال ڏيکاريل آهن. ڪنوار کي ساهري موڪلڻ وقت نائيءَ کي ترسڻ لاءِ جيڪا وينتي ڪبي آهي،

سا دل کي وٹندڙ آهي. ڪنوار کي ساهري رواني ٽين وقت پٽيان سندس سهيليون جيڪو "ڏورو" گيت گائينديون آهن، سو به هڪ اثرائنو، من موهيندڙ ۽ معني وارو گيت آهي، جنهن جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

دوياڻ وي ڪپ وين ماڻ پاڻين،
گهوري ڏوراڻي ري ڪپ را جهاڙ-ڏوروا
ڏورو ساڃي هير روا

۱ــ پيجين ماڻ سرتين منان اوڏڙين،
ماڻ مانهجي ڏيئل ٻائي وهبو ڙي ڏور-ڏورو

۲ــ ڪيهي جي رو جايل موريو،
ڪيهي جي وي جايل ديل ــ ڏورو
(۱) ..... جي رو جايل موريو،
(۲) ..... جي ري جايل ديل ــ ڏورو

۳ــ پڳ تان جهبوڪي پولري،
هينڙي جهبوڪي هار ــ ڏورو

۴ــ هجاران هٿان رو گهاگهرو،
گهوري، سوهن سڙئيو هار ــ ڏورو

۵ــ چڑهتي ٽوڙيو توسڙ هار ــ ڏورو
آترتي ٽوڙيو توسڙ هار ــ ڏورو

۶ــ بيري جي جهليو ڏيولو،
پايل پرويو توسر هار ــ ڏورو

۷ــ ڏورئي ديتي پاچلڙي ڦوري،
مانهجو ڏاڏاٽو رهي گيو ڏور ــ ڏورو

۸ــ اونڌين تان ڪيبين ڪيبٽين گهوري،
جهرمر برسين ميگهه ــ ڏورو.

---

(۱) گهوٽ جي ٻيءَ جو نالو وٺبو. (۲) ڪنوار جي ٻيءَ جو نالو وٺبو.

٩- ڀريا ماءُ ٽوڀا ٽوڀڙين گهوري،
ڀريو مانهنجي ڏاڏاڻي رو ڏيس - ڏورو
١٠- ڀينو ماءُ ڀينو جوئا جي رو موريهو،
ڀينو ٻائي رو نوسر هار - ڏورو
(اڃا ٻيا به ڪيترائي بند آهن)

ٿر جو شعر

ٿر ۾ ڪي ناميارا شاعر ڪونه ٿيا آهن. عام ماڻهو جهنگ جهر، ٻني ٻاري ۾ يا مالدار ماڻهو مال چاريندي جهنگ ۾ گهڻو ڪري شاهه صاحب جا بيت ۽ ڪافيون، مارئي بابت ڌار ڌار شاعرن جون چيل ڪافيون ۽ بيت چوندا آهن. ڪڏهين ڪڏهين مومل ۽ سسئي کي به ساريندا آهن. نڙ تي شاهه جا بيت، مارئي، سهڻي، سسئي، ليلان ۽ سانوڻ فقير جا بيت ڪچهرين ۾ چوندا آهن.

نج ٿر جو شعر به آهي، جو ٿري ماڻهو چاهه سان چوندا آهن. آهو ڪنهن جو ٺاهيل آهي، تنهن جي پوري خبر نه آهي. ڪن ڪن ٿري شاعرن به چڱو شعر چيو آهي، مگر اهو ڪٺو ڪير ڪري؟ نج ٿري شعر ڪٺو ڪجي ته جيڪر چڱو ڪتاب جڙي پوي. ٿري شعر ۾ ڪيتريون ئي خوبيون آهن: ڪيترا بيت روح کي راحت ڏيندڙ آهن، نموني طور هڪ شعر پيش ڪجي ٿو.

منهنجا مٺا جاني، اڃا ٿي جيئان ڙي،
ور ڏي تون وراڻي ڪري ڙي!
منهنجا جوان جاني! اڃا ٿي جيئان ڙي.
١- ڪارو تان پٽڪو، ڇورا! ڇوٽڪيو ڇڱو ڙي،
ڇڪي ري ڇيڙئي منان ڪو ماري ڙي - مٺا جاني ....

٢ـ تنهنجا اڇا تان ڏند جاني منهنجي هينئين جا بند ڙي،
بندان وي پڇُو ڙي منان ڪو ماري ڙي ـ جاني....
٣ـ تنهنجي لاکيڻي تان لوڏ آءٌ سَون ۾ سُڃاڻان،
اِئي لوڏ وي ڪوڏ منان ڪو ماري ڙي ـ مٺا جاني....
٤ـ مٺي کي ڏٺي اڄ ٻيو ڏينهن ٿيو ڙي،
مون لاءِ ڄڻ ورهيه جو وڇوڙو پيو ڙي ـ مٺا جاني....
٥ـ پري کان ويٺل آءٌ پرين ٿي ڏسان ڙي،،
گهوڙا آءٌ گهر ۾ ٿي جلان ڙي ـ مٺا جاني....
٦ـ اهو ڏينهن نڀاڳو شل موٽي مَ اچي،
ڇنيڇر ٿو وڇوڙا وجهي ڙي ـ مٺا جاني....
٧ـ ٻيون تان سرتيون اڄ سڀيئي سرهيون،
تاهجي 'هاسل' تان ويڳاڻي وتي ڙي ـ مٺا جاني....

ٿرپارڪر ۾ تعليم

ٿر وارو ٽڪرو ضلعي ٿرپارڪر جو ڀاڱو آهي. هي سنڌ جي ٻين ضلعن کان تعليم ۾ گهٽ آهي. ٿر وارو ٽڪرو وري ٿرپارڪر ضلعي جي ٻين ڀاڱن کان تعليم ۾ گهٽ آهي. پهريائين عمرڪوٽ، ڇاڇرو، مٺي، چيلهار، ڏيپلو، ننگرپارڪر، اسلامڪوٽ ۽ گڏڙي ۾ پرائمري اسڪول کليا، جتي شروعات ۾ گجراتي ٻوليءَ ۾ تعليم ڏيڻ ۾ ايندي هئي، پوءِ سنڌيءَ ۾، پر گجراتي به سيکاربي هئي، ان بعد صرف سنڌي. سنه ١٩٤٧ع کان پوءِ سنڌي ۽ اردو سيکارجي ٿي. مٿين شهرن ۾ ڇوڪرين جا اسڪول به کليا، جتي اول گجراتي پوءِ سنڌي، ۽ هاڻي وري سنڌي ۽ اردو تعليم ڏجي ٿي. نينگرين جي اسڪولن ۾ ماسترياڻيون آهن، جن جو ضابطو انسپيڪٽريس صاحبه گرلس اسڪولس ان سنڌ، جي هٿ هيٺ آهي. وچ ۾ ڪجهه وقت

اسڪول بورڊ جي حوالي هو، پر ووي ١٩٤٧ع ۾ ضابطو سرڪار اسڪول بورڊ کان کسي پنهنجي هٿ هيٺ ورڪيو آهي.

ضلعي جي مرداڻن اسڪولن لاءِ اڳي ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر هو. لوڪلبورڊ جي وقت ۾ ١٩٢٩ع کان اهو عهدو بدلائي، ائڊمنسٽريٽو آفيسر مقرر ڪيو ويو. هن وقت ووي ١٩٤٧ع کان پوءِ سرڪار جي ضابطي هيٺ اچڻ بعد ووي ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر آهي، جو ميرپورخاص ۾ رهي ٿو. هن جي هٿ هيٺ ڏار ڏاڙ بيٽن (حدن) لاءِ اسسٽنٽ ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر آهن، جن کي تعلقا ورهائجي ملهيل آهن. اهي سيني مرداڻن، زنانن ۽ ملا اسڪولن جو استحان ڪندا آهن. ملا اسڪولن لاءِ اڳي ڏار ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر هو ۽ جدا ڪاتو هو، هاڻي انهن جو ضابطو به ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر جي هٿ ۾ آهي.

پرائمري تعليم ست درجا ۽ اردو تعليم ٽن درجن تائين ڏيڻ ۾ اچي ٿي، في سيني عجي معاف آهي. ڪن شاگردن کي مرداڻن اسڪولن ۾ درجي موجب ١-٢-٣ روپيا اسڪالرشپ ملندي آهي. زنانن اسڪولن ۾ درجي وار اسڪالرشپ ۽ چوڪرين کي پرت جي ڪم لاءِ مفت ڪپڙو ۽ ٻيو پرت جو سامان ملندو آهي. ٽر زناني تعليم جي باري ۾ ضلعي جي بين پاڻ کان وڏيڪ واڌارو ڪيو آهي، چاڪاڻ جو اتي پردي جو رواج ڪونهي. ميرپورخاص، ساماري ۽ عمرڪوٽ تعلقي ۾ زوري ابتدائي تعليم آهي، جنهن لاءِ بيٽ عملدار کان سواءِ انڊينس آفيسر به مقرر ٿيل آهي، جو جيڪي ماٺهو چوڪرا نه موڪلين تن تي ڪيس داخل ڪندو آهي. ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر کي "ٽرڊ ڪلاس ماجسٽريٽ" جا پاور آهن، جو ڪيس هلائي سزائون (ڏنڊ يا جيل) ڏيندو آهي.

انگريزي تعليم جو ضابطو هن وقت لوڪلبورڊ جي هٿ

هيٺ آهي، جنهن جي پريزيڊنٽ کي سڀ اختياريون آهن. پهريائين مٺي ۾ اي - وي اسڪول ١٩١١ع ۾ کليو، جو پوءِ هاءِ اسڪول ٿيو. ڏيپلي ۽ عمرڪوٽ ۾ به هاءِ اسڪول آهن. ڇاڇري ۾ اي - وي اسڪول آهي، جتي پنجن درجن تائين تعليم ڏيڻ ۾ اچي ٿي. گڏڙي ۽ ننگرپارڪر ۾ انگلش ڪلاس ٽن درجن تائين هئا، جي پوءِ بند ٿي ويا. اسلامڪوٽ، چيلهار، رانجهو خان نون، اڏاڻي ۽ ڪانٽيي ۾ انگلش ڪلاس آهن.

اڳي ورنيڪيولر فائنل امتحان ڇوڪرن توڙي ڇوڪرين لاءِ عمرڪوٽ سينٽر ۾ ٿيندو هو، پر سال ١٩٣٨ع کان وٺي اهو امتحان مٺي ۾ ٿيڻ لڳو. وچ ۾ ٢-٣ سال مٺي بدران ڏيپلو سينٽر ٿيو، پر هاڻي وري امتحان مٺي ۾ ٿئي ٿو. سال ١٩٥١ع کان ضلعي لاءِ ٽي سينٽر ميرپورخاص، مٺي ۽ ڏيپلو مقرر ٿيا آهن. هن امتحان کي هاڻي "پرائمري اسڪول ليونگ سرٽيفڪيٽ امتحان" چئجي ٿو، جو نالو سيپٽمبر ١٩٣٩ع کان بدلايو ويو آهي. اڳي اهو امتحان سيپٽمبر مهني ۾ ٿيندو هو، پر اپريل ١٩٤٠ع کان وٺي اهو امتحان سيپٽمبر بدران اپريل ۾ ٿئي ٿو. ٿر جي شاگردن کي مٺي سينٽر ٿيڻ ڪري وڌيڪ سهوليت آهي. مٺي ۽ عمرڪوٽ ۾ سنسڪرت سکيا لاءِ پاٺشالائون آهن - مٺيءَ ۾ پاٺشالا ١٩٣٨ع ۾ کلي آهي.

شهر	مرداٹو اسکول کڈھين کليو	زنانو اسکول	انگلش کلاس	اي- وي اسکول	هاءِ اسکول	اسپتال	پوسٽ آفيس	تار آفيس
عمرکوٽ	۱۸۶۷ع	۱۸۹۷ع	———	———	۱۹۳۸ع	———	———	———
مٺي	۱۸۵۵ع	۱۸۹۱ع	۱۹۱۲ع	۱۹۱۲ع	———	۱۸۶۳ع	۱۸۵۷ع	۱۹۲۳ع
اسلامڪوٽ	۱۸۷۶ع	۱۹۰۳ع	———	———	———	۱۹۴۲ع	۱۸۸۵ع	۱۹۲۵ع
چاچرو	۱۸۷۰ع	———	———	۱۹۴۷ع	———	۱۸۹۱ع	———	———
چيلهار	۱۸۷۰ع	———	۱۹۵۲ع	———	———	.....	———	———
گيڙو	۱۸۷۰ع	———	۱۹۴۴ع	———	———	———	۱۹۰۴ع	۱۹۲۸ع
ڪانڪيو	۱۹۰۶ع	———	———	———	———	———	———	———
ننگرپارڪر	۸۷۰ع	———	———	———	———	۱۸۵۶ع	———	———
ويراواهه	———	———	———	———	———	———	———	———
ڈيپلو	۱۸۸۱ع	۱۹۳۲ع	۱۹۳۰ع	۱۹۳۷ع	۱۹۴۴ع	۱۹۱۶ع	۱۸۹۰ع	۱۹۲۴ع

تاريخ ڪوٽ ۽ ڪلچر سنڌ

مٺي ۽ زنانو انگلش ڪلاس ۱۹۴۲ع ۽ ڪليو ؛ ۱۹۴۵ع ۽ بند ٿيو. گيڙو انگلش ڪلاس ۱۹۴۷ع ۽ بند ٿي ويو. چيلهار ۾ ۱۹۴۴ع ۽ انگلش ڪلاس ڪليو ؛ ۱۹۴۷ع ۾ بند ٿيو، وري مٺي ۱۹۵۲ع ۽ ڪليو. عمرڪوٽ ؛ اسلامڪوٽ ۽ جانورن جون اسپتالون ۱۹۳۳ع ۾ ڪليون. عمرڪوٽ، مٺي ؛ چاچري ۽ سنسڪرت پائشالائون آهن. چاچري ۽ اي - وي اسڪول ؛ مٺي، ڈيپلي ؛ عمرڪوٽ ۽ هاءِ اسڪول آهن.

تاريخ ريگستان

تعلقا	تڪ	تپا	پوسٽ آفيس	ڊڪ	پوليس ٿاڻا	سينيٽري بورڊ	اسپتالون	مرداڻا اسڪول	زنانا اسڪول	انگلش اسڪول	مسافرخانا
عمرڪوٽ	٤	١٥	٧	٤	٥	٢	١		٤	١	٧
مٺي	٥	١٠	٢	٢	٥	٢	١		٢	١	٦
ڇاڇرو	٦	١٦	٣	٣	٦	٣	١		٣	١	٨
ڏيپلو	٣	٧	٢	٤	٥	١	١		١	١	٩
ننگرپارڪر											

ٿر ۾ تعلقن جي هيڊڪواٽر وارا ڍڪ سدائين ،کليل آهن، باقي ٻيا ڍڪ فقط چار مهنا کن برساتي موسم ۾ ١ـ آگسٽ کان ٣٠ـ نومبر تائين کليل هوندا آهن .

"تاريخ ريگستان" لاءِ مدد ورتل
ڪتابن جي فهرست
سنڌي ڪتاب

١ــ "قديد سنڌ" مصنف مرزا قليچ بيگ فريدون بيگ، سال ١٩٢٥ع.

٢ــ "سوين جي صاحبي يا راڻن جو راج" مصنف پيرومل مهرچند آڏواڻي، سال ١٩٢٤ع.

٣ــ "سنڌ جي هندن جي تاريخ" يا "گو پهريون" مصنف پيرومل مهرچند آڏواڻي، ١٩٤٦ع، ڇاپو پهريون.

٤ــ "پراچين سنڌو سيپتا" مصنف مهراج دوارڪا پرشاد شرما.

٥ــ "جواهر جيوني" يا "گو پيو" مترجم ڪيرٽ وسنت.

٦ــ "الوحيد" اسپيشل ايڊيشن، سنڌ آزاد نمبر ڇپيل ڪراچي، ١٥- جون ١٩٣٦ع.

٧ــ "سنڌ جي تاريخ" مصنف شمس العلماءَ خان بهادر مرزا قليچ بيگ فريدن بيگ سال ١٩٠٣ع.

٨ــ "امر ڪوٽ اتهاس" مصنف تيج سنگ سولنڪي، تپيدار، ڇاپو پهريون، ڇپيل حيدرآباد، سال ١٩٣٣ع.

۹ـ سنڌي بوليءَ جي تاريخ" مصنف پيرومل مهرچند آڏواڻي، چاپو پهريون، چيپل ڪراچي، سال ۱۹۴۱ع.

۱۰ـ" گلزار نثر" مصنف پيرومل مهرچند آڏواڻي.

۱۱ـ "سنڌ جي ادبي تاريخ" خان بهادر محمد صديق ميمڻ، چاپو پهريون، چيپل حيدرآباد، سال ۱۹۳۶ع.

۱۲ـ "سنڌ جي رنگين تاريخ" خان بهادر محمد صديق ميمڻ ۽ قاضي عبدالنبي، چاپو ٻيو، چيپل حيدرآباد، سال ۱۹۳۳ع.

۱۳ـ "تاريخ سنڌ" هاسومل ۽ روپچند.

۱۴ـ "انتخاب تاريخ طاهري" مترجم خان بهادر حاجي محمد صديق ميمڻ، سال ۱۹۲۸ع.

۱۵ـ "تاريخ سنڌ" ياڳو ٽيون مصنف عبدالغني، چيپل حيدرآباد، سال ۱۹۳۹ع.

۱۶ـ "وڏو قصو دودو ۽ چنيسر" مصنف حاجي حقير ابن منگڻ چيپل حيدرآباد، سال ۱۹۴۳ع.

۱۷ـ "تاريخ سنڌ" مصنف مولچند منگهومل واسواڻي، چاپو ٽيون، چيپل حيدرآباد، سال ۱۹۴۱ع.

۱۸ـ "عمر مارئي" مصنف روچيرام گنگارام سڌاڻي، چاپو پهريون، چيپل حيدرآباد، سال ۱۹۳۰ع.

۱۹ـ "پکي پر پدمڻي" (ناٽڪ) مصنف پروفيسر رام پنجواڻي.

۱۰ـ "روح رهاڻ" مصنف ڈاڪٽر هوڪچند گربخشاڻي.
۲۱ـ "بدنصيب ٽري" (ناٽڪ) مصنف محمد اسماعيل عرساڻي، چاپو پيو، چپيل حيدرآباد، سال ۱۹۴۷ع.

۲۲ـ "ابوالفضل ۽ ملافيضي" مصنف حڪيم مولوي فتح محمد سيوهاڻي، سال ۱۹۳۶ع.

۲۳ـ "همايون جو خواب عرف اڪبر جو جنم" مصنف چيتن ليکراج ماڙيوالا، چاپو پهريون، چپيل ڪراچي، سال ۱۹۴۲ع.

۲۴ـ "بيگلا رنا مو" مترجم خان بهادر حاجي محمد صديق ميمڻ، چاپو پهريون، چپيل حيدرآباد، سال ۱۹۴۷ع.

۲۵ـ "سنڌ جو شاهنامو" مترجم خان بهادر محمد صديق ميمڻ.
۲۲ـ "سنڌ جو پراچين اتهاس پاڻ ڪو ٽيون" مصنف سهراج دوارڪاپرشاد شرما، چپيل حيدرآباد.

۲۲ـ "تاريخ سنڌ" پاڻ ڪو چوٿون (ارغون ۽ ترخان) مصنف مسٽر محمد صديق گلا ب خان "مسافر"، سال ۱۹۴۱ع، چپائيل "سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي" حيدرآباد.

۲۸ـ "سير ريگستان" مصنف مسٽر محمد اسماعيل عرساڻي، چپيل حيدرآباد، سال ۱۹۵۱ع، چاپو پهريون.

اردو ڪتاب

١ـ "وقائع راجستان" ڀاڱو پهريون } مصنف حڪيم مولوي نجم الغني،
٢ـ "وقائع راجستان" ڀاڱو ٻيو } سال ١٩٢٧ع، ڇپيل
همدرد پريس لکنو.

٣ـ "تاريخ هندستان" ڀاڱو ٻيو } مصنف خان بهادر شمس العلماء
٤ـ "تاريخ هندستان" ڀاڱو پنجون } مولوي ذڪاءالله، ڇپيل
عليگڙه، سال ١٩١٨ع.

٥ـ "تاريخ فرشته" ڀاڱو پهريون } ڇپيل نول ڪشور پريس
٦ـ "تاريخ فرشته" ڀاڱو ٻيو } لکنو، سال ١٩٢٥ع.

٧ـ "تاريخ وسياسيات" ڀاڱو پهريون ليکڪ مولانا سيد سليمان
ندوي، اپريل ١٩٥١ع.

٨ـ "واقعات دارالحڪومت دهلي" مصنف بشيرالدين احمد دهلوي،
ڀاڱو پهريون سال ١٩١٩ع.

٩ـ "مغلن جي هند ۾ سلطت" مصنف مسٽر شرما.
ڀاڱو پهريون

گجراتي ڪتاب

١ـ "تاريخ گجراتي" مصنف مگن لال بخت چند، ڇپيل
احمدآباد، سال ١٨٧٠ع.

٢ـ "ڪڇ جو اتهاس" مصنف جيرامداس ڄيٺاڀائي ـ نيه ـ
گانڌي، انجار، ڇاپو پهريون،
ڇپيل احمدآباد، سال ١٩٢٦ع.

٣ـ "ٽاڊ راجستان" ڀاڱو پهريون } مترجم رتن سنهه ديپ سنه پرمار،
٤ـ "ٽاڊ راجستان" ڀاڱو ٻيو } ڇپيل "سستو ساهتيه پستڪاليه"
احمدآباد، سنبت ١٩٨٢،
سال ١٩٢٥ع.

٥ـ "ويرني واتو" ڀاڱو پهريون مصنف تاراچند پوپٽ لال ڇپيل
احمدآباد، سال ١٩٢٨ع.

٦ـ "سنڌ جي اتهاسڪ آکاڻين جو
ڪتاب" سال ١٩٣٢ع.

٧ـ "سنڌ جو اتهاس" مصنف اميد علي ڪريم بخش، هيڊ
ماستر عمرڪوٽ، ڇپيل
احمدآباد، سال ١٨٨٧ع

٨ـ "ڪڇ نو ڪيسري مصنف نارائڻ وشنجي، ڇپيل
اٿوا ـ دودو اني چنيسر بمبئي، سال ١٩٢٩ع.

٩ـ "ڪڇ نو ڪارتڪيه ـ مصنف وشنجي چتريڄ،
جاڙيجو وير کنگهار" سال ١٩٢٢ع.

١٠ـ "راس مالا"

١١ـ "ڪڇ جي. رس ڌار"

١٢ـ "اڪبر بادشاهه جو جيون چرتر" مترجم ڀيمجي هرجيون، ڇپيل
احمدآباد، سال ١٩١٦ع.

١٣ـ "مارواڙ اتهاس" مصنف جڳديش سنگهه گهلوت
جوڌپور.

١٤ـ "راڻڪ ديوي اني راءِ کنگهار" ڇپايل مهاديو رامچندر چاگيه
(ناٽڪ) وسٽ، ڇپيل احمدآباد،
سال ١٩٣٩ع.

۱۵ـ "تاريخ گجرات" مصنف شيخ غلام محمد، چپيل مصطفائي پريس، بمبئي.

عربي ۽ فارسي کتاب

۱ـ "تاريخ فيروز شاهي"
۲ـ "تاريخ معصومي"
۳ـ "چچ نامو" پاڳو ٻيو
۴ـ "تحفةالڪرام" پاڳو ٻهريون
۵ـ "تحفةالڪرام" پاڳو ٻيو
۶ـ "تحفةالڪرام" پاڳو ٽيون
۷ـ "منتخب التواريخ"
۸ـ "تاريخ عجائب الاسناد"
۹ـ "لب تاريخ سنڌ"
۱۰ـ "غياث اللغات"

هندي کتاب

۱ـ "راجپوتانا الهاس" پاڳو ٻهريون مصنف جڳديش سنگهه-جي- گهلوت، چاپو ٻهريون، چپايل "هندي ساهتيه مندر" جوڌپور، جولاءِ ۱۹۳۷ع.

۲ـ "نادِ راجستان" پاڳو ٻهريون
۳ـ "نادِ راجستان" پاڳو ٻيو
} چپيل وٺڪٽيشور پريس بمبئي، سال ۱۹۲۵ع.

۴ـ "اوجها سولنکيون کاپراچين اتهاس" مصنف پنڈت گوري شنکر هيراچند اوجها، سال ۱۹۰۷ع.

۵ـ "پشکرٹا سجن چرکر" يا گو پهريون مصنف پنڈت موتي لال شرما، چپيل کراچي، سال ۱۹۳۰ع،

۶ـ "اتهاسک گرنٹ مالا" پستک پهريون

۷ـ "پرٹوي واجہ راسا"

Bibliography of English Books

1- "Sind Gazetteer", B. volume, Tharparkar District; dy J. W. Smith, 1919.

2- "Great Trigonometrical Survey of India", 1863.

3- "Rajasthan" volumeI, by Colonel JamesTod.

4- "Journal of the Sind Historical Socicty", volume VIII, No:.2, Juie 1947.

5- "Imperial Gazetteer of India", volume IV.

6- "Antiguities of Sind", by Henry Cousens, Calcutta, 1925.

7- "Royal Asiatic Society Journal", 1905.

8- "Budhist Record of the Western World", volume II.

9- "History of Kathiawar", by William Vilber F. Bell.

10- "Indus Delta Country", by Major R. Haig, London, 1894.
11- "Bombay Presidency Gazetteer", volume VII, 1880.
12- "History of India", Vol: I, V, by Sir Elliot, 1867.
13- "Cutch", by T. Postans, 1839.
14- "Sind", by J. Abbot, 1924.
15- "Sind and its People", by Burton.
16- "Akbar Nama". Volume I and II, Translated by H. Bewaij I. C. S.
17- "Humayun Nama", by Gulbadan Begum, Translated by H. Bewaij I. C. S.
18- "Sind Historical Society Journal", Vol: IV, Part III,
19- "History of Sind", vol: II, by Mirza Kalich Beg, Karachi, 1900.
20- "Tod's Rajasthan", Vol: III, by William Croke.
21- "Report on Marwar Population", Vol: III, 1891.
22- "Sind Gazetteer", by Hughs.
23- "Memoir of the Thar and Parkar Districts of Sind", by Captain Stanley Napier Raikes Bombay, 1856.
24- "Mihran of Sind and its Tributeries", by Major Raverty, Calcutta, 1892.
25- "The Journal of Sind Historical Society", Vol: II, Part IV March 1937.
26- "Narrative of a Visit to the Court of Sind", by James Burnes, 1839.

27- "History of Alienation", Vol: I, by Aitkin.
28- "Gazetteer of the Countries Adjacent to India on North-west, Including Sind", 1844.
29- "Selections from the Premutiny Records of the Commissioner in Sind", Vol: VIII. District Tharparkar.
30- "Report of the Archaelogical Survey of India", 1903-1904.
31- "Ain-e-Akbari", Translated by Gladstone.

۱۰	ڪاڪ	۰۰-۰۱
۲۰	ڪاسنو (حصو ۱)	۰۰-۰۱
۳۰	ڪاسنو (حصو ۲)	۰۰-۰۲
۴۰	ڪاسنو (حصو ۱۰۱ ۽ ۲۰)	۰۱-۰۱
۵۰	ڪٻٽ	۰۰-۰۲
۶۰	ڪڻڪ جو ٻوٽو ۽ ڏاڻو	۰۰-۲۵
۷۰	ڪڻڪ	۰۰-۰۵
۸۰	ڪڻڪ ٻاڙ	۰۰-۰۱
۹۰	ڪڻڪ سيرڻي	۰۰-۰۵
۱۰۰	ڪپهه ڪاٻو (ڪاڪ ۲)	۰۰-۰۸
۱۱۰	ڪپهه ڪاٻو (ڪاڪ ۱)	۰۰-۰۴
۱۲۰	ڪپهه ڪاٻو سرسبز ڪوري	۰۰-۰۵
۱۳۰	ڪپهه ڪيڙو سرسبز (سرانڪي)	۰۰-۰۵
۱۴۰	ڪپهه ڪيڙو سرسبز (سڌي)	۰۰-۰۵
۱۵۰	ڪڪڙ ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۲
۱۶۰	ڪاڪ ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۱۷۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڏاڻو	۰۰-۰۴
۱۸۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۱۹۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۲۰۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۲۱۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۲۲۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۲۳۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۲۴۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۲۵۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۲۶۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۲۷۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۲۸۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۲۹۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۳۰۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۳۱۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۳۲۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۳۳۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۳۴۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۳۵۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۳۶۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۳۷۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۳۸۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۳۹۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۴۰۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۴۱۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۴۲۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۴۳۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۴۴۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۴۵۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۴۶۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۴۷۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۴۸۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۴۹۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۵۰۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۵۱۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۵۲۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۵۳۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۵۴۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۵۵۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۵۶۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۵۷۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۵۸۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۵۹۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۶۰۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۶۱۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۶۲۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۶۳۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۶۴۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۶۵۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۶۶۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۶۷۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۶۸۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۶۹۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۷۰۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۷۱۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۷۲۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۷۳۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۷۴۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۷۵۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۷۶۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۷۷۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۷۸۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۷۹۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۸۰۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۸۱۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۸۲۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۸۳۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۸۴۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۸۵۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۸۶۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۸۷۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۸۸۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۸۹۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۹۰۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۹۱۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۹۲۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۹۳۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۹۴۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۹۵۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۹۶۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۹۷۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۹۸۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۹۹۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴
۱۰۰۰	ڪاڪ جو ٻوٽو ۽ ڪڻڪ	۰۰-۰۴

ڪي ٻي ڪتاب

ڪتاب ڪيئن حاصل ڪجي